# پلي پار تان پيرو

## حج ۽ عمري جي سفر جو ساٿي

الطاف شيخ

المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

# فهرست


- سامي سفر هليا
- حج جو خيال ـ حج جي تياري
- سفر جي تياري ۽ سامان جي لسٽ
- جدي ايئرپورٽ تي
- احرام، حج عمرو ۽ ميقات
- مختلف شين جي ڄاڻ
- ڪعبو ـ الله جو گھر
- مڪي شريف بابت
- مڪي پهچي طواف ۽ سعي ڪرڻ
- مڪو شريف ۽ ڪعبة الله
- حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ ڪجھ ٻيا نبي
- حج ۽ عمري لاءِ ضروري ڳالهيون
- عمري جو طريقو
- حج جو طريقو
- مڪي ۾ رڌ پچاءُ ۽ ٻيون ڳالهيون
- دعائون
- عرب ۽ شاعري
- ڪا اونهي ڳالھ اسرار جي
- مڪي ۾ رهائش دوران
- چنڊ جو ٻہ اڌ ٿيڻ
- مڪي جي زيارتن جو احوال
- حج جا پنج ڏينهن
- زم زم جو پاڻي
- مديني روانو ٿيڻ

- مديني ۾ رهائش
- مسجد قبا ۽ مسجد نبوي
- مدينہ منوره جون ڪجهہ زيارتون
- هڪ گائيڊ سان مديني جي زيارت
- حضرت سلمان فارسي رضي الله عنہ
- ڪجهہ سعود خاندان بابت
- قرآن مجيد ۽ حديث شريف جون دعائون
- حج ـ حديثن جي روشنيءَ ۾
- نيوز پيپر ڪٽنگ
- رهجي ويل ڪجهہ ڳالهيون

# سامي سفر هليا...

آفيس ۾ چانهن جي وقت سپ جهازي وينا هئاسين. ڳالهه پئي هلي مسافر جهازن (passenger Ships)جي ته انهن تي مال بردار (Cargo) جهازن کان پگهار وڌيڪ آهي پر پئسينجر جهاز تي ڪم جو دٻاءُ تمام گهڻو رهي ٿو. وقت تي بندرگاهه ۾ پهچڻ ۽ وقت تي لنگر کڻڻ جو شيڊول قائم رکڻ لاءِ انجنيئر توڙي نيويگيٽر آفيسر کي خبردار رهڻو پوي ٿو. انجڻ جي معمولي ائبنارمل آواز تي به ان کي ڪولي جاچڻو پوي ٿو ۽ منجهس شڪي پرزو ناهڻو پوي ٿو يا بدلائڻو پوي ٿو. ان ڪري بندرگاهه ۾ به جيڪو وقت ملي ٿو اهو انجڻين جي سار سنڀال ۾ لڳيو وڃي، انهُ هوندي به هر وقت ذهني چڪتاڻ رهي ٿي ته متان جهاز سمنڊ تي خراب نه ٿي پوي.

ڪارگو جهاز تي جهازيءَ کي ايڏو خبردار نٿو رهڻو پوي. هلڪا ڦلڪا مشينري نقص هو درگذر ڪريو ڇڏي. جي جڏهن خرابي ٿيندي تڏهن ڏنو ويندو ۽ پوءِ سمنڊ تي ڪلاڪ بدران به ڪلاڪ لڳي ويا ته به مڙيئي خير آهي.

ڪجهه دير بعد پوءِ ڳالهه اچي نڪتي حاجين جي جهازن جي. اسان جي ننڍي کنڊ جا حاجي ڪي صديون پيرين پنڌ يا اُٺن گڏهن تي هند سنڌ لتاڙي مڪران جو ڪنارو ڏئي ايران لتاڙي ڪويت پهتا ٿي، جتان پوءِ عربستان جا وارياسا رڻ پٽ جهاڳي مڪي مديني پهتا ٿي. ڪي ايران جي هاڙوڪي بندرگاهه بندر عباس تائين پهچي پوءِ هرمز جو سوڙهو ساموندي ڳچي سمنڊ ٻيڙين رستي لتاڙي عمان، دبئي، ابو ڌابيءَ مان ٿي يا وري يمن کان ٿي عربستان پهتا ٿي. مڪي مديني تائين پهچڻ ۾ مهينا به لڳي ويا ٿي. رستي تي ڪيترا بيمارين، جانورن ۽ زهريلي جيتن جڻين جو شڪار ٿي ويا ٿي. منزل تي پهچڻ بعد ڪي وطن وريا ٿي ته ڪي واپسيءَ جي مسافريءَ جون مصيبتون سوچي پلي پٽ تي ئي رهي پيا ٿيا.

ويهين صديءَ جي ٻي چوٿي کان انگريزن جي سرپرستيءَ ۾ حاجين لاءِ باقاعدي جهاز هلڻ لڳا. جيڪي شروعاتي ته اهڙا تهڙا ئي هئا. ان بعد ويهين صديءَ جي ٽي ۽ چوٿين چوٿيءَ جي اڌ (1990ع) تائين حاجين جا جهاز جيڪي اسان ڏٺا يا جيڪي اسان هلايا اهي به ڪي خاص رومانٽڪ نه هئا. سڀ ۾ وڏو جهاز سفينهٔ حجاج هو، جيڪو ٻي وڏي جنگ ۾ جرمن فوج جا سپاهي ڍوئيندو هو. جرمنن جنگ هارائي. ٻين جهازن سان گڏ اهو جهاز به انگريزن کي مليو تن پاڪستان تي ٿڌو ٺورو ڪرڻ لاءِ ورهاڱي وقت پئن اسلامڪ شپنگ ڪمپنيءَ کي وڪڻي ڏنو، جيڪو جهاز 1980ع تائين ته اسان جو ڪلاس ميٽ ۽ دوست چيف انجنيئر آصف غيور هلائيندو رهيو.74-1973 ڌاري اهو جهاز وڏي مرمت (Dry Docking) لاءِ هانگ ڪانگ آيو هو، جتي منهنجو جهاز رنگامٽي ۽ روهڙي جي ڪئپٽن عالم شيخ جو جهاز چناب (يا شايد سرفراز رفيقي) پڻ سامان (Cargo) کڻڻ يا لاهڻ لاءِ آيو هو. اسان ٻئي گڏجي آصف غيور سان ملڻ سندس حاجين جي جهاز سفينهٔ حجاج تي وياسين. هو انهن ڏينهن ۾ ان جهاز جو سيڪنڊ انجنيئر هو (يعني جهاز جي چيف انجنيئر کانپوءِ ٻئي نمبر تي سينئر انجنيئر هو.) 1932ع جي ٺهيل هن جهاز ۾ سيڪنڊ انجنيئر جي رهائش جو ڪمرو ڏسي خوف ٿي لڳو. يعني جهاز هلائيندڙ ايڏي سينئر آفيسر جي رهائش اها هئي ته ٻين جي ڇا هوندي ۽ ويچارا حاجي جنهن ڊيڪ ڪلاس (جنهن کي عام طرح ديگ) سڏجي ٿو، اهو ڇا هوندو. لوهه جا وڏا پاندا جيڪي ٻين جهازن تي سامان رکڻ لاءِ (Holds)  هوندا آهن، اتي حاجين کي سارڊين مڇين وانگر سٽيو ويندو هو. سون هزارن جي حسابن سان حاجي چڙهندا هئا. غربت ڪري هنن کان ٽڪيٽ جا معمولي پئسا ورتا ويندا هئا. پوءِ ظاهر آهي ڪين ماني به قيدين جهڙي ڦڪي دال ۽ ڊڳڙ ملندا هئا. پر سچ ته ان کي ايمان جي سلامتي چئو يا پيرين پنڌ جي سفر کان وري به بهتر سفر سمجهي هو هميشه خوش گذاريندا هئا. بحراحمر (ڳاڙهي سمنڊ) جي اونهاري جي گرمي (جنهن ۾ اڄ جا ماڊرن ايئرڪنڊيشنڊ جهاز به Uneasy محسوس ڪن ٿا) هجي يا جهاز جي لوڏن ۾ سندن ابڙاڪ ۽ التيون ـ هو صلواتون ۽ درود پڙهندا ويندا هئا. ڪاڏي پيتي ۽ Sanitation جي اڻ صحتمند حالتن ۾ ڪيترا موت جو شڪار ٿي ويندا هئا ۽ هرڪو سر جو آهو ڪٽي مائٽن مٽن کان موڪلائي هن سفر تي نڪرندو هو. پويان ڇڏيل عزيزن دوستن کي سفر جي سهنج جي دعا گهرڻ لاءِ چئي روانا ٿيندا هئا.

اهو ئي حال حاجين جي ٻين جهازن، سفينئہ عرب ۽ شمس جهڙن جهازن جو هو. پر هڪ ڳالھ آهي تہ آدمشماري گهٽ هجڻ ڪري يا شايد سفر جي هنن ڏاکڙن ڪري حج تي ايترا حاجي نہ هوندا هئا، جيترا اڄڪلھ ڳڌ ٿين ٿا. سفر سو تمام ڏکيو سمجهيو ويندو هو پر هڪ دفعو پلي پٽ تي پهچڻ بعد سڀ سک ٿي ويندو هو. جلد موٽڻ جي بہ پابندي يا سختي نہ هوندي هئي. سعودي عرب جا بندرگاھ هاڻ يورپ وانگر ماڊرن ٿي ويا آهن. جهاز بندرگاھ جي ويجهو پهچڻ سان مڪاني پائليٽ بندرگاھ جي لانچ ۾ پهچيو وڃي ۽ جهاز کي يڪدم اندر بندرگاھ ۾ وٺيو اچي ۽ ڌڪي سان ٻڌڻ سان سامان لهڻ ۽ چڙهڻ جو ڪم شروع ٿيو وڃي نہ تہ ستر واري ڏهاڪي تائين نائجيريا، سوڊان ۽ ٻين ڪيترن ملڪن وانگر سعودي عرب جي بندرگاهن جو بہ اهو حال هوندو هو جو هر هڪ جهاز ٻہ ٻہ ٽي ٽي مهينا بندرگاھ کان ٻاهر ۽ پوءِ اندر ٻينو هوندو هو، جيسين سامان لهڻ ۽ چڙهڻ جو وارو اچي. نہ هئا بندرگاھ ماڊرن ۽ نہ سامان لاهڻ چاڙهڻ جون اُچت ڪم ڪندڙ ڪرينون ۽ نہ وري سامان ڍوئڻ جون ٽرڪون ۽ ٽرالر. سواءِ مون جهڙن چند جهازين جي (جن جو جهاز ڪڏهن جدي نہ ويو) هر جهازيءَ ڪيترا عمرا ۽ حج ڪيا. ڪارگو جهاز تي ڪم ڪندڙن تي حج ۽ عمرا ڪيا ٿي پر حاجين جي پئسينجر جهاز وارن بہ آخري ٽرپ ۾ حج ڪري ورتو ٿي. انهن ڏينهن جا اهي حاجين وارا مسافر جهاز ڪٽي آرامده نہ هئا پر تڏهن بہ جهازين حاجين جي ڊيڪ ڪلاس کي ڏسي پاڻ کي خوشنصيب سمجهيو ٿي ۽ جدي ۾ توڙي مڪي يا مديني ۾ نہ ايڏي مهانگائي هئي ۽ نہ ايڏو رهائش جو مسئلو هو.

هاڻي تہ پاڻيءَ جا اهي سڀ جهاز ڪپي، سڙي ويا آهن. انهن پراڻن جهازن مان جهاز هلائيندڙ عملي جي بہ جان ڇٽي چڪي آهي. حج تي ويندڙ حاجين کي بہ سعودي حڪومت ٽيھ چاليھ ڏينهن کان مٿي نٽي رهڻ ڏئي. هاڻي هوائي جهاز هلن ٿا. احرام پائي هتي قدم رکو تہ چند ڪلاڪن ۾ جدي پهچيو وڃجي. ڇا جا پيدل پنڌ ۽ سفر جا خطرا، ڇا جا سامونڊي لوڏا ۽ الٽيون جن ۾ هفتي ڏيڍ بعد جڏهن مسافر جدي جي بندرگاھ تي پهچندو هو تہ سڪي ڪنڊا ٿي ويندو هو. شايد سفر جي اڄوڪين سهوليتن ۽ هوائي جهازن جي عام هجڻ ڪري يا ءُ ۽ ملائيشيا، انڊونيشيا، بروناءي، لبيا، ٽيونيشيا، موراڪو جهڙن ڏورانهن ملڪن جي امير ٿيڻ ڪري انهن پري جي پنڌ وارن هنڌن تان بہ ايترا ماڻهو اچن ٿا جيترو ويجهڙائيءَ کان ۽ پوءِ ظاهر آهي سعودي حڪومت جي باوجود دلي ڪوشش جي آيل حجاج لاءِ اهي سهوليتون ۽ سهنج مهيا ٿي نٿا سگهن جيڪي هجڻ کپن ۽ اڄ جي حاجيءَ کي پلي پٽ تي پهچڻ بعد هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سفر ۾، رهائش ۾، مقرر وقت کان وڌيڪ رهڻ ۾ اها سهوليت ۽ آساني نٿي ملي. جيڪا اڳ ۾ هئي.

پنهنجي ساٿي انجنيئر گوهر رحمان جنهن سان منهنجو گڏريل ٽيهن سالن کان جهازي دنيا ۾ ساٿ رهيو آهي ۽ ڪيترائي دفعا ساڳي ساڳي جهاز تي Sail ڪيو اٿئون، تنهن کي ٻين دوستن جي اٿڻ بعد ٻڌايم تہ آئون هن سال حج تي وڃڻ جو ارادو رکان ٿو. بلڪ پهريون دفعو ويندس.

“ماشاءَالله. پر ڇا تنهنجو جهاز ڪڏهن بہ جدي نہ ويو؟” هن تعجب مان پڇيو.

“ڪڏهن بہ نہ ويو، بس عجيب اتفاق آهي. هر ڪو ٻڌي تعجب ٿو ڪائي”.

مون ٻڌايو مانس.

“بهرحال خوشيءَ جي ڳالھ آهي.” هن وراڻيو.

گوهر کي چيم تہ اسان غلطي ڪئي جو حج تي هن عمر ۾ وڃي رهيا آهيون، جڏهن سٺ جي ويجهو اچي پهتا آهيون. اها همت ۽ انرجي نہ رهي آهي، اٽ از اي ليٽ ايوننگ آف آور لائيف، حج جو فرض جوانيءَ ۾ پورو ڪرڻ کپي. يا وڌ ۾ وڌ چاليھ پنجيتاليھ سالن جي ڄمار اندر.

“ڇو ڀلا؟” گوهر پڇيو.

“ان ڪري جو جتي اڄڪلهه حج جو سفر آسان ٿي پيو آهي، اتي حج ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي . رهائش ۽ گهٽي حجاج ڪري”. مون گذريل سال جي سڄاڻن حاجين جي ٻڌل ڳالهين جي آڌار تي پنهنجي هڪ اڻ ڄاتي خوف جو اظهار ڪيو.

“نہ” گوهر مون کي دلجاءِ ڏيندي همت ڏياري، “مولا سيني جي سٺائي ڪندو. تون هر وقت قل، سورت فاتح ۽ درود شريف پڙهندو رهہ ۽ الله کان هر وقت اها دعا گهرڻ کپي تہ حج آسان ٿئي ۽ حج قبول پوي”.

گوهر جهاز جي اليڪٽرڪ سائيڊ جو انجنيئر آهي. منهنجي سامونڊي دنيا ۾ اچڻ کان اڳ هو اڳهين موجود هو. مون کان ٻہ سال کن وڏو آهي. ائبٽ آباد پاسي جو پناڻ ۽ جاننو جوان آهي. پنهنجي اليڪٽرڪ جي ڪم کان علاوه ڏکين مهلن تي هن منهنجي مڪينيڪل مسئلن ۾ پڻ مدد ڪئي ۽ مون سان ڪيترن ئي نون ۽ پراڻن جهاز تي زندگيءَ جا ڏکيا سامونڊي سفر سرانجام ڏنا. نيڪ ۽ پرهيزگار هجڻ ڪري هو اسان جي هر جهاز جي مسجد جو پيش امام پڻ هوندو هو. پنهنجن ٻارن (پٽ ۽ ڌيءَ) کي پهرين قرآن جو ياد حافظ بنايائين، ان بعد اسڪولن ۾ داخل ڪرايائين. قرآن کي صحيح طرح پڙهڻ ۽ سمجهڻ کي هو سڀ کان اهم سمجهي ٿو. اسان جهڙن جن ننڍي هوندي ڳوٺ جي خٽاب ۾ چڱي طرح قرآن نہ پڙهيو، انهن گوهر جهڙن کان سکيو. مون بہ وڏي عمر ۾ پهچي پوءِ گوهر کان تلفظ صحيح ڪرايو. زير، زبر، تنوين، مد، جزم، تشديد ڇا آهي، ڪٿي ڪٿي ترسجي ۽ اُچار کي ڪيئن صحيح رکجي، ان ۾ گوهر جهڙن دوستن وڏي مدد ڪئي، جنهن لاءِ انهن جو نہ فقط ٿورائتو آهيان پر ڪين دعا ٿو ڪريان ۽ هينئر بہ جوانيءَ جا ڏينهن سمنڊ تي بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي جهاز هلائڻ بعد اڄ جڏهن هڪ مسافر جي حيثيت ۾ هڪ آرامده ۽ ماڊرن هوائي جهاز ۾ حج تي وڃي رهيو آهيان تہ منهنجي ڪنهن اڄاتي خوف جي ڪيفيت محسوس ڪندي گوهر هڪ دفعو وري منهنجي همٿ افزائي ڪئي:

“هن سفر تي ڪنهن مسافر کي فڪر ئي نہ ڪرڻ کپي. توهان الله جا مهمان ٿي وڃي رهيا آهيو. اهو ئي توهان جي مشڪل آسان ڪندو ۽ سفر سولو ڪندو”.

اهو چئي گوهر سمنڊ تي خطري ۾ آيل اسان جي ڪمپنيءَ جي هڪ جهاز جي چيف انجنيئر کي فون ذريعي هدايتون ڏيڻ لڳو، جيئن هو انهن Directions جي روشنيءَ ۾ آيل مصيبتن مان نجات حاصل ڪري، پنهنجي جهاز کي ڪنهن ويجهي بندرگاهه تائين سلامتيءَ سان آڻي سگهجي.

# حج جو خيال ـ حج جي تياري

ڪو زمانو هو، بلڪ ويهارو سال ڪن اڳ 1980ع تائين جڏهن پاڪستان کان حاجين جو وڏو تعداد پاڻي جي جهاز ذريعي سعودي عرب ويندو هو ته هن کي اتي ٽي چار مهينا رهڻ جي اجازت هوندي هئي، جنهن سان هو ڪجهه عرصو مڪي شريف ۾ گذاريندو هو ته ڪجهه مديني پاڪ.

اڄڪلهه هوائي جهاز ۾ ويندڙ حاجي ٽيهن کان چاليهه ڏينهن ڪن سعودي عرب ۾ رهن ٿا، جن مان ڏهاڪو کن ڏينهن مديني ۾ باقي ڏينهن مڪي ۾ ترسن ٿا. پوءِ اهي مديني وارا ڏينهن ڪي حاجي حج کان پهرين مديني ۾ گذارين ٿا ته ڪي (جيڪي پوءِ وارن ڏينهن ۾ سعودي عرب پهچن ٿا) پهرين حج ڪن ٿا ۽ پوءِ مديني پاڪ مسجد نبوي ۽ حضور ﷺ جن جي روضي مبارڪ جي زيارت تي پهچن ٿا. هونئن حج لاءِ پنج ڏينهن ضروري آهن، جن ۾ سڄي دنيا کان آيل مسلمان احرام جي حالت ۾ مڪي کان منىٰ پهچن ٿا. رات منىٰ ۾ گذاري ٻئي ڏينهن عرفات جي ميدان ۾ پهچن ٿا. عرفات جي ميدان تي پهچڻ سڀ کان اهم ۽ ضروري آهي، جنهن بنا حج هرگز نه آهي. ٽي چار سال اڳ جڏهن منىٰ جي تنبن ۾ باهه لڳي ۽ ڪيترا سوين ماڻهو مري ويا ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا، جيڪي هلي به نه ٿي سگهيا، تن کي سعودي حڪومت ايمرجنسي ۾ ايئرڪنڊيشنڊ گاڏين ۽ اسٽريچرن تي ڪٽائي مغرب (سج لهڻ) کان اڳ عرفات جي ميدان تي پهچايو هو. جيئن جنهن مقصد (حج ڪرڻ) لاءِ هو هيڏيون قربانيون ڏيئي پهتا هئا. ان جو اهم رڪن (عرفات جي ميدان ۾ حاضري ڏيڻ) پورو ٿي وڃي.

سج لهڻ کانپوءِ عرفات جو ميدان ڇڏي مزدلفه روانو ٿيڻو پوي ٿو، جتي سيني حاجين کي رات کلئي آسمان هيٺان گذاري ٻئي ڏينهن فجر نماز پڙهي وري منىٰ ڏانهن روانو ٿيڻو پوي ٿو. اهو ڏينهن وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ جو آهي. پٿريون هڻڻ بعد رڍ، ٻڪري يا ڍڳي، اٺ (جن ۾ ست پتيون ٿين ٿيون) جي قرباني ڪرڻي پوي ٿي. قرباني بعد مڪي پهچي حلق يعني مٿي جا وار ڪوڙائڻا پون ٿا، جنهن بعد احرام لباس مان آجو ٿي وڃجي ٿو. وهنجي عام ڪپڙا پائي سگهجن ٿا ۽ پوءِ طواف (ڪعبي جي چوڌاري ست ڦيرا ڪرڻ) ۽ سعي (صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙ) ڪرڻي پوي ٿي ۽ پوءِ رات جو ٿي منىٰ موٽڻو پوي ٿو، جتي وڌيڪ به ڏينهن رهي روانو ٿنهي شيطانن کي پٿريون هڻڻيون پون ٿيون ۽ پوءِ آخري ڏينهن ـ يعني پنجين ڏينهن شام جو منىٰ مان موٽي مڪي اچي طواف وداع ـ الوداعي طواف ڪرڻو پوي ٿو.

سعودي عرب جا حج لاءِ آيل مڪاني ماڻهو گهڻو ڪري اهي پنج ڏينهن موڪل وٺي حج لاءِ اچن ٿا ۽ ڇهين ڏينهن آفيسرن ۽ ٻارن جا اسڪول کليو وڃن. اسان جا جهازي دوست به ائين حج ڪندا هئا. حج وارن ڏينهن ۾ جهاز جدي جي بندرگاهه ۾ ايندو هو ته موقعي مان فائدو وٺي جهاز جا اڌ آفيسر ۽ خلاصي پنج ڏينهن ڪن موڪل ڪندا هئا ۽ بس يا ٽئڪسي ذريعي مڪي هليا ويندا هئا ۽ باقي اڌ ماڻهو جهاز جي ڊيوٽي ڪندا هئا. حاجين جي جهازن وارا ته اڌ کان به وڌيڪ حج ڪري وٺندا هئا، جو حاجين جي جهازن تي چڙهڻ وارا مسافر خود حج ڪرڻ ۾ مشغول هوندا هئا. حج جا پنج ڏينهن پورا ٿيڻ بعد حاجين جي پهرين کيپ جدي موٽندي هئي ۽ کين کڻي جهاز ڪراچي روانو ٿيندو هو.

حاجين جا جهاز هر سال جدي اچڻ ڪري انهن جي هلائيندڙن کي ٻن سالن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو حج ضرور نصيب ٿي ويندو هو ۽ اهڙي طرح ڏهه ٻارهن سالن جي نوڪري ۾ هنن جا ڪيترائي حج ٿي ويندا هئا. مال بردار جهاز هلائيندڙن جي قسمت جي ڳالهه رهي ٿي. ڪي حج وارن ڏينهن ۾ اچيو نڪرن ۽ حج ڪريو وٺن ڪيترن کي فقط عمرو نصيب ٿئي ٿو. منهنجو جهاز سعودي عرب ۾ ضرور آيو پر هميشه ايراني نار جي بندرگاهه دمام ۾، جيڪو مڪي کان ايترو پري آهي، جيترو ڪراچي کان بمبئي، هڪ دفعو به ڳاڙهي سمنڊ (Red Sea) جي بندرگاهه جدي ۾ نه آيو. هڪ اڌ دفعو وري پنهنجن عرب دوستن سان ملڻ لاءِ هوائي جهاز رستي سعودي عرب اچڻ ٿيو پر حج ڪرڻ جي موڪل نه ملي سگهي. سعودي عرب ۾ رهندڙ ڌارئين توڙي مڪاني عرب کي کلي اجازت ناهي ته هن کي جڏهن وڻي حج لاءِ مڪي هليو وڃي. منهنجي خيال ۾ هنن کي پنجن سالن ۾ فقط هڪ دفعو حج جي

پرمٽ ملي ٿي، جيڪا چاهين تہ هو پاڻ استعمال ڪن يا سندن وٽ رهندڙ ڌارئين مهمان يا ملازم کي ڏين. بهرحال پنهنجي ڪتاب (اي روڊ ٽ مديني) ۾ لکي چڪو آهيان تہ هي سڀ قسمت ۽ داڻي پاڻيءَ جو چڪر آهي، جنهن کي قدرت طرفان سڏ  ٿئي ٿو، اهو هر صورت ۾ اچيو حاضر ٿئي. هڪ اهڙو وقت هو، سترجي ڏهاڪي وارا سال، جڏهن حج لاءِ ڪُٺا نڪرندا هئا. ڪيترا لڳاتار ٽي ٽي سال درخواست موڪليندا هئا پر سندن پُڪو نہ نڪرندو هو. منهنجو پهرين دفعي ۾ ئي نالو نڪري آيو پر ان وقت ڪو اهڙو انجنيئر ڪراچي ۾ نہ ملي سگهيو جو مون کان جهاز جي چارج وٺي، مون کي موڪل ڪرائي، جيئن آئون حاجين جي جهاز يا هوائي جهاز ۾ مسافر ٿي حج لاءِ هليو وڃان. 1990ع ۾ ملائيشيا مان موٽڻ بعد اسان جي پيٽارو جي دوست ENT (ڪن، نڪ ڳلي) جي سرجن ڊاڪٽر سرفراز شاهہ مون کان هڪ ڏينهن پڇيو: “الطاف حج ڪيو اٿئي”.

“نہ يار” وراڻيومانس.

“تہ پوءِ هن سال تيار ٿي وڃ. آئون توکي حج ڪرائي ايندس”، پر ان سال بہ حج منهنجي قسمت ۾ نہ هو. ڪجهہ ڏينهن بعد هن نيڪ ۽ من پسند انسان ۽ غريبن جي خدمت ڪندڙ هڪ قابل سرجن کي دهشتگردن سندن گهر اڳيان عباسي شهيد اسپتال ۾ قتل ڪري ڇڏيو، جتي هو ڏهاڪو سالن کان نوڪري ڪري چڪو هو. بنا ڪنهن ڏوهہ سبب جي هڪ اهڙي انسان کي ماريو ويو، جنهن، آئون نہ ٿو سمجهان تہ ڪنهن کي رنجايو هوندو. ان بعد سرفراز جهڙو دوست ۽ ٺڌي طبيعت وارو سفر جو ساٿي نہ رهيو هو ۽ حج جو پروگرام آئون ويس ‘پوءِ’ تي ٽاريندو.

گذريل سال هڪ ڏينهن خيرپور پاسي جي هڪ دوست ڊاڪٽر نظام الدين ڏانور وٽ PAF ويس، جتي هو ايئر ڪموڊور (برگيڊيئر) جي رئنڪ سان نوڪري ڪري ٿو. هو ڪيترن ڏينهن کان نظر نہ پئي آيو، سو معلوم ڪرڻ لاءِ ويو هوس. خبر پيئي تہ هو حج تي ويو هو ۽ هفتو کن اڳ ئي موٽيو هو. ايئر ڪموڊور نظام کي سعودي عرب جي تمام گهڻي ڄاڻ آهي جو هن فوج طرفان هڪ وڏو حصو سعودي عرب ۾ نوڪري ڪئي آهي.

“يار مون کي خبر هجي ها تہ آئون بہ توسان گڏ حج تي هلان ها”. مون ڊاڪٽر ڏانور کي چيو.

“ڇو توهان حج نہ ڪيو آهي؟” هن تعجب مان مون کان پڇيو.

“افسوس جو اجا تائين اهو فرض پورو ڪري نہ سگهيو آهيان”. جواب ڏنومانس.

“يو مسٽ گو، مون کي خبر هجي ها تہ توکي زوريءَ وٺي هلان ها”. ڪموڊوز ڊاڪٽر ڏانور چيو.

مون کي ڏاڍي شرمساري ٿي ۽ آئون ان وقت پڪو پهہ ڪري آيس تہ هاڻ رڳو اخبار ۾ حج جو اچي تہ فارم ڀريندس.

منهنجي خيال ۾ اڳ ۾ تہ ائين هوندو هو تہ هرڪو پنهنجو فارم ڀريندو هو يا وڏ ۾ وڏ گهر جي ڀاتين جو ـ پوءِ جنهن جو پُڪو نڪري، هزارن جي تعداد ۾ مسافر پاڻي جي جهاز ۾ چڙهنداهئا ۽ پوءِ جدي يا مڪي پهچي معلم (مڪاني سونهون) ڳولبو هو، جيڪو رهائش جو بندوبست ڪندو هو ۽ حج جا ارڪان پورا ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪندو هو. معلم گهڻو ڪري اهي عرب هوندا هئا، جيڪي اصل کان هند، سنڌ کان لڏي وڃي اتي رهيا پر هاڻ حاجين جو سفر آسان ڪرڻ لاءِ سعودي عرب  جي ۽ پاڪستان جي حج وزارت وچ ۾ پوي ٿي. معلم ۽ مڪتب هاڻ حڪومت طرفان چونڊجي ملن ٿا. مڪي ۾ رهائش لاءِ گهر، فليٽ يا هوٽلون پڻ اتان جي يا اسان جي سرڪار اڳواٽ بندوبست ڪري مهيا ڪري ٿي، جنهن لاءِ ڪراچي ۾ اڳواٽ پئسا ڪٽيا وڃن ٿا. گذريل سال تائين تہ مڪي کان مديني يا منيٰ وغيره وڃڻ لاءِ پنهنجي مرضي سان بس يا ٽئڪسي ڪبي هئي پر هاڻ انهن بسن جو بندوبست پڻ سرڪار معلم جي معرفت ڪري ٿي ۽ انهن جا ڀاڙا پيتا بہ اڳواٽ ڪٽيا وڃن ٿا، پوءِ چاهي توهان ان بس ۾ ويهو يا نہ ويهو.

هر بس ۾ پنجاهہ کن ماڻهو ويهن ٿا. منيٰ ۾ جيڪي تنبو لڳل آهن، انهن ۾ بہ پنجاهہ کن ماڻهو سمهي سگهن ٿا ۽ ڪنهن عمارت ۾ پنج، ڇهہ ڪمرا آهن تہ پنجاهہ کن ماڻهن جو گروپ رهي سگهي ٿو. ان ڪري پنجاهہ جي لڳ ڀڳ

اهو تعداد آهي، جيڪو نہ ننڍو آهي ۽ نہ وڏو. پنجاھ کان بہ ٿي ماڻھو مٿي يا گھٽ آهن تہ بہ سهولت سان سفر ٿيو وڃي. سو ڪيترن سالن کان سعودي عرب توڙي پاڪستان حڪومت جي اها خواهش رهي آهي تہ ماڻھو پنجاھ پنجاھ جي ٽولي ۾ ئي حج لاءِ درخواستون ڏين، يا وري ڏھ يا ويهن جي ٽولن ۾ جن کي پاڻ ۾ ملائي پنجاھ جو گروپ ٺاهڻ سولو ڪم آهي.

جن کان پنجاھ يا ڏھ ويهن جو گروپ نہ ٿو ٺهي تہ پوءِ اڪيلي سر درخواست ڏين ٿا. پوءِ اها بئنڪ، جنهن ۾ حج جو خرچ جمع ڪرڻو پوي ٿو. اها يا پاڪستان جي حج وزارت انهن ڌار ڌار آيل ماڻھن جا پاڻ ويهي ٽولا ٺاهي ٿي، پوءِ جيڪو جنهن ٽولي ۾ آيو.

اخبار ۾ جيئن ئي آيو تہ حج لاءِ فارم پريو ۽ جي خرچ جا پئسا جمع ڪرايو تہ مون ڪجھ ساٿي پنهنجي پروفيشن جي ڳولڻ شروع ڪيا. جيئن گھڻا نہ تہ چار پنج جڻا تہ سڃاڻا هجون، پوءِ ٻيا ڪٽي ڪهڙا بہ گروپ ۾ هجن. ٿي چار ڏينهن پنهنجي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ پراڻن جهازي ساٿين کي پڇندو رهيس پر جنهن کان پڇان تہ اهو ٻڌائي تہ هن حج ڪيو آهي، ان ڪري چپ ٿي ويس ۽ ٻين جهازي همراهن کان پڇڻ ڇڏي ڏنم. جيتوڻيڪ پوءِ آخر ۾ وڃي خبر پيئي تہ مون وانگر ٻيا بہ ڪيترائي مرچنٽ نيوي جا حج تي هلي رهيا هئا. جيڪي منهنجا سڃاڻا هئا ۽ انهن مان هرهڪ آٿو هو تہ ڪو ٻيو بہ ساٿي ملي وڃي تہ ساڳي گروپ ۾ ٿي هلجي ۽ هڪ ٻئي جي ٻهرين جي واقفيت هجڻ ڪري فائدو رهي. ٻيا تہ نهيو پر منهنجو ڳوٺائي ۽ پاڙي جو ڪئپٽن رشيد ابڙو بہ حج تي هليو پر هن کي خبر نہ هئي تہ آئون بہ هن سال حج تي وڃڻ جو ارادو رکان ٿو. ان کان علاوه ڪئپٽن ابرار، ڪئپٽن شميم ويندي اسان جو پراڻو جهازي ۽ واقفڪار چيف انجنيئر حاذق صالح پڻ هو پر ڪراچي ۾ هڪ ٻئي کي خبر نہ پئجي سگھي. هرهڪ پنهنجي منهن پروگرام پئي ٺاهيو ۽ پنهنجي منهن حج جي موڪل جو بندوبست پئي ڪيو، پوءِ جڏهن حج لاءِ PIA ۽ سعوديہ ايئر لائين جي هوائي جهازن جون اڏامون شروع ٿيون تہ هڪ ٻي جي خبر پيئي، بلڪہ ڪيترن دوستن جي تہ حج ڪري اچڻ بعد خبر پيئي يا تہ اتي مڪي، مديني، منيٰ، مزدلفہ ۾ اوچتي ملاقات تي خبر پيئي.

منيٰ ۾ غسلخانن اڳيان لڳل قطار ۾ منهنجون ڇهون ستون نمبر هو، جيسين هڪ هڪ ٿي فارغ ٿئي. سڀ احرامن (ٻن اڻسبين چادرن) ۾ لوٽو هٿ ۾ جهلي پنهنجي پنهنجي واري جي انتظار ۾ بيٺا هئاسين. اڳيان بيٺلن ۾ گھڻو ڪري پنجاب پاسي جي ٻهراڙي جا هاري ناري لڳا ٿي. ڏسندي ڏسندي منهنجي پويان بہ ڪافي ماڻھو گڏ ٿي ويا. منهنجي بلڪل پويان عرب شڪل جو همراھ هو. انگريزي ۾ پڇيومانس:

"Can you speak English?"

"جي هان" هن فرسٽ ڪلاس لهجي ۾ جواب ڏنو.

"ڪهڙي ملڪ جا آهيو؟" مون ڪانئس سوال ڪيو .

"مصر جو آهيان" هن جواب ڏئي شايد اهو سوچي تہ منهنجو ٻيو ڪهڙو سوال هوندو، اڳواٽ ٻڌايو، "آئون مصري فوج (Army) جو ليفٽيننٽ جنرل آهيان."

"سبحان الله" مون دل ئي دل ۾ رب پاڪ جي تعريف ڪئي، "ڇا تہ وقت ۽ پٽ آهي! نہ يونيفارم نہ تمغا! هيڏو وڏو آفيسر هڪ طرف ۽ اڳيان بيٺل پنجاب جي ڳوٺن جا غريب هاري ٻئي طرف سڀ هڪ ئي قسم جي ڪفن جهڙي ڪپڙن جي ڳوڏين ۾ بيٺا آهن ۽ هي ڇا! مصر جي ان آرمي آفيسر جي بلڪل پويان اسان جي جهازن جو پراڻو چيف انجنيئر حاذق صالح هٿ ۾ لوٽو جهليو بيٺو آهي! اسان کي هڪٻئي کي سڃاڻڻ ۾ دير لڳي، خاص ڪري مون کي جو اسان وارو يار ان وقت بيحد ڪمزور لڳي رهيو هو ۽ ڏاڙهي پڻ رکائي هئائين. جواني جي ڏينهن جون وڏيون مڇيون جنهن تي هن کي ناز هو اهي نہ برابر ٿي ويون هيون. جهاز هلائڻ وارن ڏينهن ۾ امر جليل جو افسانو پڙهي ڪيس چيڙائيندو هوس تہ سائين ايڏين وڏين مڇن تي طوطو ويهاريندائو ڇا؟ چوندو هو: "هي مڇون ناهن، مڇون ٻلن کي ٿينديون آهن. هي شهپر آهن. شهپر جوڌن کي ٿيندا آهن."

ستر واري ڏهاڪي ۾ جڏهن حاذق صالح پاٽي جا جهاز سيڪنڊ انجنيئر (۽ پوءِ چيف انجنيئر) جي صلاحيت سان هلايا، جن ڏٺو هوندو، اهي مچيندا هوندا تہ هو واقعي جوڌو هو. شينهن وانگر گجندو رهندو هو. جونيئر انجنيئر ۽ انجن روم جو ٻيو اسٽاف ڪانئس ڏڪندو هو. پنهنجي ڪئبن مان ڪنهن سان فون تي ڳالهائيندو هو تہ ٻڌڻ وارو سندس آواز بنا ٽيليفون پيس جي ٻڌي سگهندو هو. ايڏو ڪڙڪو هو سندس آواز ۾! اهڙا تهڙا مشيني پرزا جيڪي ٻيا چين بلاڪ (Chain Block) ذريعي مٿي ڪڍندا هئا، هي هٿن سان چڪي ٻاهر ڪيندو هو ۽ انجڻين ۾ فٽ ڪندو هو. ايڏي طاقت هئي هن جي هٿن ٻانهن ۾! ڪيترا دفعا بندرگاهہ ۾ اسان جا جهاز هڪ ئي جيٽي (ڊڪي) تي هڪٻئي سان لڳي (Along Side) تي بيٺا ۽ پوءِ اهڙن موقعن تي ماني هن جي جهاز تي يا اسان جي جهاز تي گڏجي کائيندا هئاسين. هن جي جهاز جا اسٽيورڊ تہ هميشہ ٽپ ٽاپ رهندا هئا پر جنهن ڏينهن هو منهنجي جهاز تي ماني لاءِ ايندو هو تہ اسان جي جهاز جا اسٽيورڊ (بٽرا، بٽلر) ڪجھ وڌيڪ ئي سجاڳ ۽ سمارٽ ٿي ويندا هئا. حاذق صالح لاءِ ڪمپني جا سڀ جهاز هن جا پنهنجا هئا ۽ هن ڪمپني جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي سست يا غير سمارٽ ڏسڻ نہ ٿي چاهيو. ڪيس پائيپ پيئڻ جو شوق هوندو هو. ڊيڪ تي هوا کائڻ لاءِ بيهندو هو تہ بہ پائيپ ساڄي هٿ ۾ ۽ تماڪ جو دٻو کاٻي هٿ ۾ وڏي شان سان جهلي بيهندو هو. اڄ پورن 52 سالن کانپوءِ منهن پيشاني ۽ پيريءَ ڪري بيحد نستو ۽ نبل لڳي رهيو هو ۽ سندس هٿ ۾ پائيپ ۽ ولائتي تماڪ جو دٻو هجڻ بدران پاٽي سان اڌ پريل پاڪستاني سادي قسم جي پلاسٽڪ جونيري رنگ جو لوٽو هو!

”اڙي سائين توهان!“ اسان هڪ ٻئي کي تعجب مان ڏسي ڪيڪاريو. منیٰ ۾ اسان ٻنهي جا تنبو ويجها هئا پر وضو لاءِ ڊگهن قطارن ۾ بيهڻ، نمازون پڙهڻ ۽ ميل ٻن جو اڌ ڪلاڪ جو پنڌ، گهٽي رش هجڻ ڪري ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ پورو ڪري شيطانن کي پٿريون هڻڻ ۾ ئي وقت گذري ويو ٿي. ٻئي ڏينهن شام جو منیٰ ۾ نهيل عارضي دڪانن (بقالائن) مان هڪ تان چولن جهڙي دال ۽ پيت ونې حاذق صالح جي تنبوءَ ۾ آيس. پاڻ پٽ تي چادر وڇايو ستو پيو هو. فلو ۽ بخار ڪان سندس جسم ٻري رهيو هو. ڪجھ گهڙيون اڳ پئناڊال جون بہ گوريون کاڌيون هئائين. مون ڪيس اٿاري ويهاريو. بہ چار گرانهن رکي پيٽ جا مون سان کاڌائين. ان بعد اسان جو منیٰ ۾ آخري ڏينهن هو. هو پنهنجي گروپ سان آئون پنهنجي گروپ سان بسين ۾ چڙهي مڪي شريف ڏي روانا ٿياسين. ڪجھ ماڻهن بي پناهہ ٽرئفڪ ۾ بس جي آهستي چرڻ کان مڪي پنڊ وڃڻ کي ترجيح ڏني. بهرحال اسان کي اتي ئي پهچي خبر پيئي تہ ڪراچي ۾ اڳواٽ خبر پوي ها تہ ٿي سگهي ٿو، اسان هڪ ئي گروپ ۾ اچون ها.

حج جو فارم پرڻ کان اڳ مون ڪنهن گروپ سان شامل ٿيڻ لاءِ ڳوٺ مان بہ معلوم ڪرايو. خبر پيئي تہ اسان جي ڳوٺ مان هن سال 89 ڪن ماڻهو حج لاءِ تيار ٿيا، جن پنهنجا بہ گروپ ناهي حج لاءِ فارم جمع بہ ڪرائي ڇڏيا آهن. اهو ٻڌي افسوس ٿيو، خاص ڪري اهو معلوم ڪري تہ ان ۾ ڪجھ منهنجا هم عمر، سڄاڻا ۽ مائٽ بہ هئا، جن سان سفر ڪرڻ ۾ ڪچهري جو سنو موقعو ملي ها ۽ مهيني سوا جي مدي ۾ ڳوٺ جون ڪيتريون ئي خبرون ٻڌجن ها، جن جي ڳوٺ کان پري رهڻ جي ڪري ڄاڻ نہ ٿي رهي.

پر منهنجي هڪ جهازي دوست پڇتاءُ ڪرڻ کان مون کي منع ڪندي نصيحت ڪئي تہ ڪڏهن بہ پاڙي يا ڳوٺ جي ماڻهو سان گڏ سفر نہ ڪجي، خاص ڪري وڏي عمر ۾.

”ڇو ڀلا؟“ مون پڇيومانس.

”سفر ڪٽي ڪيڏو بہ مختصر ۽ سهولت وارو هجي“. هن پنهنجي راءِ ۽ تجربو پيش ڪيو، ”پر سفر دوران ٿوري گهڻي ڪِٽ پٽ ضرور ٿئي ٿي. پوءِ جيڪڏهن سفر جو ساٿي ڳوٺ يا پاڙي جو آهي تہ پوءِ اهي بعد ۾ اختلاف قائم رهن ٿا ۽ جڳ جهان کي بہ خبر پئجيو وڃي“.

”سفر ۾ ڪا غلط فهمي ٿي يا ڪنهن ڳالهہ تي رسامو ٿيو تہ سفر تان موٽڻ تي پاڙي واري جي هجڻ ڪري ٻين پاڙي وارن کي خبر پئجيو وڃي تہ هي وڃڻ وقت تہ گڏ گڏ قرب وندبندا خوش ٿي ويا ۽ هاڻ هڪٻئي سان ڳالهائين نہ ٿا. پوءِ پاڙي وارا هرهڪ کان وضاحتون پڇندا ۽ رنل ڌريون پنهنجو پاڻ کي ڏوهاري نہ ثابت ڪرڻ لاءِ

هڪبئي تي الزام هڻنديون ۽ بڌڻ وارا پاڙيسري انهن ۾ مرچ مصالحا وجهي سڄي محلي ۾ ڪين خوار ڪندا رهندا ۽ ڏرين جي وچ ۾ ايڏو ويڇو وجهي ڇڏيندا، جو پوءِ هو پرچڻ چاهيندي به شرمندگي محسوس ڪندا".

"يا وري ائين به ٿئي ٿو ته هڪ ته هر سفر ۾ ڪجهه نه ڪجهه تڪليف ته رهي ٿي، ڇو جو سفر ۾ هرهڪ ماڻهو کي پنهنجي گهريلو روزمره جي Routine ڇڏڻي پوي ٿي. ان ڪري ماڻهو نفسياتي طور منجهيل ۽ پريشان رهي ٿو ۽ ٻي ڳالهه ته هر ڳالهه بابت هرهڪ جو پنهنجو خيال ۽ راءِ ٿئي ٿي ۽ پوءِ هرهڪ پنهنجي گهر جو وڏو هجڻ ڪري ڪيس پنهنجي گهر ۾ ته عزت ۽ واڪاڻ ملي ٿي، پر ڏارين ۾ اها راءِ يا خيال پيش ڪندي ضروري نه آهي ته ڪيس ان ڳالهه جي مڃتا ۽ قبوليت ملي. مثال طور: توهان سفر جي ساٿين جو خيال رکي، هنن کي پنهنجي خرچ مان ڪارايو پيياريو ٿا، پوءِ انهن مان ڪو توهان جي ان ڳالهه جي تعريف ڪرڻ بدران ڳوٺ اچي پاڙي وارن کي ٻڌائي ته "فلاڻو ته هٿ ڦاڙ هو، رڳو پئسو پئي ضايع ڪيائين. شايد حرام جو ڪو هوس" ۽ توهان کي اهو ٻڌي، ٿي سگهي ٿو ڏک ۽ ڪاوڙ اچي ۽ ورندي ۾ توهان به ڪجهه چئي ڏيو يا ٿي سگهي ٿو، توهان کي ڪي شيون نه وڻنديون هجن، ان ڪري توهان اهي نه کائيندا هجو پر ڪو ڳوٺ اچي ٻڌائي ته "فلاڻو ته ڪنجوس هو، بک پئي مئو ته به پنهنجي پيئڻ لاءِ به ڪوڪا ڪولا نه ٿي ورتائين. وغيره". هاڻ هن کي حقيقت جي ڪهڙي خبر ته توهان ڪوڪا ڪولا ان ڪري نه ٿي پيتي جو توهان ان کي صحت لاءِ خراب ٿي سمجهو... وغيره."

بهرحال مون هن جي ڳالهه سمجهي، ڇو جو آئون پاڻ ٻاهر ويندڙن کي اهو چوندو آهيان ته ولايت ۾ قانوني طرح يا غير قانوني طرح پڙهڻ يا نوڪري لاءِ وڃو ته پنهنجي ڳوٺ يا شهر جي ماڻهو سان گڏ ته نه رهجو پر پنهنجي ملڪ جي ماڻهو ڪان به پري رهجو، پهريان ڏينهن اڪيلائي محسوس ٿيندي پر پوءِ توهان لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو. ساڳيو حال سفر جو آهي. ورلي ڪو الله جو نيڪ بندو هوندو، جو سڄو سفر صبر سان ڪري موٽندو هوندو. نه ته حاجين جي جهاز تي به مسافر ويندي وقت هڪبئي تان قربان پيا ٿيندا آهن پر واپسي وقت وڙهڻ لاءِ ڪين انيڪ سبب هوندا آهن.

بهرحال ان جو بهترين علاج يا ڪٽي چئجي ته ان مرض مان ٿوري گهڻي نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اهو نسخو به آهي ته ڪنهن به سفر تي وڃجي ته پهرين ڪان ئي اهو ذهن ۾ رکجي ته ڪيترائي مسئلا ۽ تڪليفون درپيش اچي سگهن ٿيون. اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ان ڪري ضروري آهي، جيئن ڪا تڪليف اچي وڃي ته ان کي همٿ سان منهن ڏجي ۽ صبر ڪان ڪم ونجي. رڳو سنيون ڳالهيون Expect نه ڪجن. هونئن به چوڻي آهي ته:

Happy are those who do next expect anything

۽ حج جي سفر ۾ ته هر وقت ڏکيائين جو سوچجي جو هڪ ته حج ڪو گهمڻ ۽ تفريح ناهي پر عبادت آهي ۽ هڪ مقرر مدي ۾ مقرر ارڪان هڪ ئي وقت سيني کي گڏ پورا ڪرڻا پون ٿا، جنهن ۾ ڪافي مشقت ڪرڻي پوي ٿي ۽ ڪو به گهر جهڙي سک يا سهولت جي اميد رکي نه ٿو سگهي. ان ڪري ته حج لاءِ چون ٿا ته هر وقت الله تعالىٰ ڪان دعا گهرجي ته: "حج آسان ٿئي" ۽ واقعي اهي قدرت جا ڪمال آهن، جو هيڏا Masses ٿيهارو ڪن لک ماڻهن جا مڪي جهڙي شهر ۾ هڪ ئي وقت مسافر ٿي رهن ٿا. هڪ ئي وقت منىٰ مزدلفه ۽ عرفات ڏي پنج ڏينهن تائين اچ وڃ ڪن ٿا. اولمپڪ راندين ۾ لک ڪن ماڻهن جو به حڪومت جون واپون بتال ڪريو ڇڏي. آيل ماڻهن جا روز هنگاما ٿين ٿا ،ڪاڏا پيتا ڪٽيو وڃن پر حج تي لکين ماڻهو جن ۾ اڌ ڪان وڌيڪ پوڙها ۽ ڪمزور آهن. مڪاني زبان ڪان اڻ واقف آهن. ڏينهن ۾ پنج دفعا پيا حرم پاڪ ۾ اچن وڃن. ماڻهن جي تعداد جو اهو حال آهي جو نماز مهل مڪي جي هر گهٽي مان ماڻهن جو درياهه حرم پاڪ ڏي ويندو نظر اچي ٿو ۽ وري ساڳيو سيلاب پيهه پيهان ۾ موٽي ٿو. زالون، مرد، پوڙها، جوان آفريڪا جا قداور توڙي ملائيشيا جا بندري قد جا ڪمزور، ترڪي ۽ ايران جا پورا ،گورا توڙي ڪٽڪ رنگا پاڪستاني، هندستاني، مختلف لباس ۾ خاموشي سان هلندي نظر ايندا. نه هنگامو، نه گوڙ، نه لنبازي، نه گار گند. جيڪو اڄڪلهه دنيا جي ميلن، ملاکڙن، ڪارنيوال، ماردي گراس، مئچن ۽ سئنيمائن ۾ عام ٿي ويو آهي پرهتي مڪي مديني ۾ ٿيهن ڏينهن جي حج تي ٿيهه لک ماڻهن مان ٽن چئن ماڻهن کي ٽن چئن منٽن لاءِ به مارڪٽ ڪندي نه ڏٺو. اڄ، بک، اس، گرمي، جاءِ جي کوٽي ۽ رش هوندي به سيڪو

خاموش آهي ۽ اها ئي ڪرامت ۽ ڪرشمو آهي، جيڪو غير مسلم کي پريشان ۽ وائڙو ڪريو ڇڏي. هڪ قسم جو خوف ۽ دهشت ڏياريو ڇڏي ۽ هو اسلام جي طاقت کان مرعوب ٿيو وڃي.

حج تي آيل هر مسلمان ٻئي کي تڪليف ڏيڻ کان گريز ڪري ٿو. هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي ڏک نہ ٿو پهچائڻ چاهي، ڇو تہ هن کي خبر آهي تہ ٻندي کي ناراض ڪري رب کي سرچائي نہ ٿو سگهجي. ان معاملي ۾ سعودي حڪومت بہ مختلف زبانن ۾ ڇپيل پمفليٽن ذريعي حاجين کي آگاهہ ڪندي رهي ٿي تہ ڪنهن بہ انسان کي تڪليف نہ ڏيو. مثال طور: حجر اسود کي رش ڪري چمي نہ ٿا ڏئي سگهو تہ هٿ لائڻ ئي ڪافي آهي پر جي هٿ نہ ٿا لائي سگهو تہ پري کان ئي هٿ جي اشاري سان هن کي چُمي ڏيو پر ٻين ماڻهن کي ڌڪا ٺيلها ڏيئي پنهنجي لاءِ رستو پيدا ڪرڻ گناهہ جو ڪم آهي.

ان ئي قسم جي ڳالهہ اسان جي گروپ ليڊر احسان الاهي بہ ڪئي. ڪراچي ۾ ڪيس جرمن ڪمپني باش جي ايجنسي آهي. هو وڏي پئسي وارو آهي پر سندس شوق هر سال حج ڪرڻ ۽ حاجين جي مدد ڪرڻ آهي. جيئن هو سولائي سان ۽ صحيح طرح حج جا ارڪان پورا ڪري سگهن. جدي هلڻ کان اڳ توڙي مڪي مديني ۾ هن جي هر وقت اسان کي اها نصيحت هوندي هئي تہ توهان اهو نہ سوچيو تہ توهان کي ٻيو ڪو مدد ڪندو پر هر وقت اهو سوچيو تہ توهان کي ٻين جي خدمت ڪرڻي آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ وڏي عمر جي باوجود ان جو مثال پاڻ بہ سڄي سفر ۾ ڏيندو رهيو.

ڊفينس سوسائٽي جي فيس فور واري هڪ مسجد (شفقت مسجد) جتي منهنجو اڪثر وڃڻ ٿيو ٿي، جي هڪ ٻن جماعتن سان منهنجي سٺي سلام دعا ٿي وئي هئي. انهن مان هڪ پنجاب پاسي جو نيڪيدار اسرارالحق هو، جنهن جو ڪم جايون نهرائڻ آهي. هي مسجد بہ هن پنهنجي خرچ سان نهرائي هئي، پلاٽ سو وڙهي جڙي ڊفينس سوسائٽي وارن کان هٿ ضرور ڪيو هئائين. پاڻ اڇي ڪاري ڏاڙهي سان چاليهہ ورهين جو ويجهو ٿيندو. هڪ ٻيو قرآن جو ياد حافظ ـ حافظ سعيد احمد هو، جيڪو پڻ وڏي ڏاڙهي سان چاليهہ پنجيتالهہ جي وچ جو ٿيندو. جسم ۾ تمام گهٽو صحتمند ۽ پهلوان، مسجد ۾ ڪڏهن ڪڏهن بانگ ڏنائين ٿي ۽ نماز پڙهائين ٿي. آواز سندس بيحد مٺو آهي. جناح اسپتال جي در سامهون سندس ميڊيڪل اسٽور آهي. مون اسرار کي فون ڪري حج لاءِ پڇيو تہ آيا هن حج ڪيو آهي يا نہ ۽ هن سال سندس يا سندس ڪنهن ٻئي ڄاڻ سڃاڻ واري جو حج تي هلڻ جو ارادو آهي يا نہ.

”الطاف ڀائي واهہ جي ڳالهہ ڪئي اٿئي“. اسرار الحق کي ڄڻ ڪا وسري ويل شيءِ ياد اچي وئي. ”ان بابت تہ مون سوچيو ئي نہ هو. انشاءَ الله هن سال ئي حج ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ گڏجي هلنداسين“.

”پوءِ ڀلا ڪيئن هلجي. مون کي تہ اها بہ خبر ناهي تہ فارم ڀري ڪنهن کي ڏجي“ مون ڪيس اڳواٽ ڪن ڪٽايو تہ جيئن ڪيس خبر پوي تہ آئون انهن ڳالهين ۾ ٻنهہ اڻ ڄاڻ آهيان. متان هو منهنجي ساموندي سفرن جي ڳٽپ ڪري مون کي ڪو سياڻو سمجهي.

”يار خبر تہ مون کي بہ نہ اٿئي، پر پنهنجو حافظ سعيد احمد ان معاملي ۾ سياڻو آهي. هو ويجهڙائي ۾ حج ڪري آيو آهي ۽ وڏو همت وارو آهي. پاڻ کي صحيح طرح Guide ڪري سگهندو.“

حافظ سعيد ٻڌايو تہ ڪراچي ۾ ڪيترائي ادارا آهن، جيڪي حاجين جي مدد لاءِ گروپ ناهي ڪين حج تي وٺي هلن ٿا ۽ ٻي خوشخبري اها ٻڌائين تہ هو پڻ هن سال بہ حج ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. ”بہ سال ڪن اڳ آئون زال کي حج تي ويني ويو هوس ۽ هن سال پنهنجي پيڻ کي حج ڪرائڻ چاهيان ٿو“. هن ٻڌايو ۽ اهو پڻ ٻڌايائين تہ ان مسجد جو هڪ ٻيو جماعتي نسيم گلزار نالي پنهنجي زال سان گڏ حج ڪرڻ چاهي ٿو ۽ پاڻ سان ئي شامل ٿيندو. اسرار مون کي بي فڪر رهڻ لاءِ چيو: ”ٻن ڏينهن اندر جائزو وٺي توکي اطلاع ڪنداسين ۽ جيئن بہ هلڻ ٿيو تہ پوءِ ٽولو گڏ رهندو.“

۽ پوءِ بہ ڏينهن بہ نہ گذريا تہ اسرار فارم ڀرڻ لاءِ گهرايو. "پاڻ عالمگير ٽرسٽ وارن جي معرفت هلي رهيا آهيون. انهن سان اسان ڳالهايو آهي. هنن جا اٽڪل ٽيهہ کن گروپ هر سال حج تي وجن ٿا. هنن جا گروپ ليڊر ڪيترائي حج ڪري چڪا آهن ۽ نہ فقط مڪي مديني ۾ سٺي رهائش هٿ ڪرڻ ۾ هوشيار آهن پر مذهبي ڄاڻ بہ اٿن. تون فارم لاءِ هن سائيز جا هيترا هيترا بليڪ ائنڊ وائيٽ فوٽو اڄ ئي ڪيرائي ونجانءِ ۽ هيترا پئسا حافظ سعيد کي موڪلي ڏي. رهائش لاءِ هينئر ئي پئسا ڏيڻا آهن، سي بہ ڊالرن ۾. ان ڪري حافظ سعيد رهائش جي مسواڙ ڊالرن ۾ مٽائي رکي ۽ باقي پئسن جو بئنڪ مان ڊرافٽ نهرائي وٺ.

مون اسرار جي چوڻ موجب فوٽن ۽ پئسن جو بندوبست ڪيو. هن سفرنامي ۾ حج جو ارادو رکندڙ پڙهندڙن لاءِ هتي بن ٽن ڳالهين جي سمجهاڻي لکڻ ضروري ٿو سمجهان.

فوٽو ڪيرائڻ گناهہ آهي يا نہ پر حج جو فارم ڀرڻ لاءِ مردن توڙي عورتن کي فوٽن جو گهربل تعداد ڏيڻ ضروري آهي. جن مان هو پاسپورٽ، پئسن جي رسيد، شناختي ڪارڊ وغيره تي فوٽو لڳائين ٿا. هيترن ماڻهن جي سڃاڻپ، گم ٿيڻ کان بچڻ ۽ ڏوهن کي روڪڻ لاءِ فوٽو ضروري ڪيو ويو آهي. بهرحال فوٽو ڪيرائڻ کان اڳ فوٽن جو تعداد سائيز ۽ رنگ وغيره تہ آيا، فوٽو بليڪ اينڊ وائيٽ هجن يا رنگين. چڱي طرح معلوم ڪري پوءِ ڪيرائڻ کپن. اڄڪلهہ عورتن جي فوٽو لاءِ ضروري ڪيو ويو آهي تہ هن جو مٿو چڱي طرح ڍڪيل هجي، جيئن هڪ وار بہ نظر نہ اچي.

حج جا فارم ڀرڻ لاءِ اڄڪلهہ پاڪستان ۾ بہ اسڪيمون آهن. هڪ "ريگيولر" يعني حج تي وڃڻ وارو پاڪستاني پئسا پاڻ ڀري وڃي رهيو آهي ۽ ٻيو "اسپانسرشپ" اسڪيم آهي، جنهن ۾ حج تي ويندڙ ڪنهن دوست يا مائٽ کان ٻاهر پئسا (ڊالرن ۾) گهرائي حج جو خرچ ڏئي ٿو. اسپانسرشپ وارن کي حج تان روڪ نہ ٿي ٿئي ۽ جيڪو فارم ڀري ٿو، ان کي حج جي موڪل ملي ٿي. ريگيولر وارن جا ڪُٽا ڪڍيا وجن ٿا. مثال طور: پاڪستان جي حج وزارت يا سعودي حڪومت اهو فيصلو ڪيو ويو آهي تہ هن سال (2000ع) پاڪستان فقط هڪ لک ماڻهو حج لاءِ موڪلي. هاڻ جي درخواستون لک کان مٿي آهن تہ پوءِ پڪا (ڪٽا) ڪڍيا وجن ٿا ۽ جيڪي لک ۾ اچن، اهي ئي حج لاءِ وڃي سگهن ٿا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن سال (2000ع) لاءِ جنهن ۾ مون کي حج جي سعادت نصيب ٿي، پاڪستان جي چيف ايگزيڪيوٽو جنرل پرويز مشرف سڀني کي حج ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ هن سال پاڪستان مان هڪ لک ڏهہ هزار ماڻهن حج ڪيو.

گهڻو اڳ حج تي ويندڙن کان فقط پاڻي جي جهاز جي ٽڪيٽ جا پئسا ورتا ويندا هئا. جدي پهچي مختلف هنڌن (مڪي، مديني، منیٰ، مزدلفہ، عرفات) تي وڃڻ لاءِ هو پاڻ بسون ڪندا هئا. رهائش لا ءِگهر پڻ هو ،پاڻ ئي ڳوليندا هئا ۽ معلم بہ پنهنجي مرضي سان ڪندا هئا. خاص ڪري سنڌ جا ماڻهو محمد هاشم سنڌي جهڙو معلم ڪندا هئا، جيڪو اصل ۾ سنڌ کان لڏي سعودي عرب ۾ وڃي رهيو ۽ اتي ئي شادي ڪيائين. ڪيس سنڌي اچڻ ڪري اسان جي سنڌ جي رهاڪن لاءِ وڏي سهولت رهي ٿي . (محمد هاشم گذاري ويو آهي، سندس پٽ معلم جو ڪم ڪري ٿو پر ڪيس سنڌي نہ ٿي اچي) اهڙي طرح پنجاب جي ماڻهن اهڙو معلم ڪيو ٿي، جيڪو هنن جي زبان سمجهي سگهي. ڪيترائي پنجاب جا اتي رهن ٿا، جيڪي گهڻو اڳ، اڄ کان سٺ ستر سال اڳ سعودي عرب ۾ رهڻ ڪري، هنن وٽ سعودي عرب جو پاسپورٽ آهي ۽ عرب سڏجن ٿا. بهرحال هر حاجي پنهنجي مرضي سان معلم ڪيو ٿي. معلم معنیٰ اهو ماڻهو، جنهن کي علم هجي يعني (سونهون .(Guide معلوم نہ فقط حاجين جي رهائش ۽ کاڌ پيٽن جو بندوبست ڪري ٿو، پر حج جا ارڪان پورا ڪرائڻ ۾ پڻ مدد ڪري ٿو. اڄ بہ ڪيترائي ترڪ، انڊونيشي ۽ ٻيون قومون آهن، جن کي گهڻي عربي نہ ٿي اچي، پوءِ معلم يڪو جٿو وني طواف، سعي، منیٰ ۽ عرفات دوران هنن جي اڳيان اڳيان هلي ٿو ۽ زور زور سان دعائون پڙهي ٿو، جنهن پويان ٻيا پڙهندا هلن ٿا. مثال طور: طواف چوندو "ربنا" تہ سندس پويان هلندڙ پنجاهہ يا سئو کن ماڻهن جو جٿو زور سان چوندو "ربنا" پوءِ معلم چوندو "آتنا" تہ سڄو جٿو زور سان ورجائيندو "آتنا" اهڙي طرح اهي ماڻهو جن کي قرآن جون آيتون، دعائون وغيره ياد نہ آهن. اهي معلوم پنيان پڙهي ثواب حاصل ڪن ٿا پر ساڳي وقت ڪيترن ئي اهو چوندي ٻڌو ويو تہ ائين زور زور سان پڙهڻ سان ٻيا ڊسٽرب ٿين ٿا ۽ ساڳي وقت سڄي جٿي جي گڏ گڏ هلڻ ڪري ٻين کي

ڏکا ۽ ٿيلها لڳن ٿا. ڇو ته اڪيلو هلندڙ ماڻهو لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اڳيان پويان ٿيڻ ۾ ڪو فرق نه ٿو پوي. پر ٽولي جو هرهڪ ماڻهو پنهنجي ٽولي سان گڏ گڏ هلڻ چاهي ٿو، ڇو ته هو نه ٿو چاهي ته پنهنجي ٽولي کان وڇڙي وڃي، سو ان چڪر ۾ هو ٻين کي ڏکا ٿيلها ڏئي به اڳيان وڌڻ چاهي ٿو.

بهرحال هاڻ حج تي ويندڙن لاءِ حڪومت رهائش، بسين ۾ سفر ڪرڻ ۽ معلم حاصل ڪرڻ جو بندوبست پاڻ ۽ اڳواٽ ڪري ٿي. ڇو جو ڪيترن کي مڪي پهچي سولائي سان رهائش ملي وڃي ٿي پر گهڻن کي ڏکيائي ٿئي ٿي، خاص ڪري انهن کي جيڪي آخري ڏينهن ۾ مڪي پهچن ٿا، سو انهن ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي، حاجين جي سهولت لاءِ پاڪستان، هندستان، بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن جي حڪومتن، سعودي عرب سان گڏجي حاجين جي رهائش جو اڳواٽ بندوبست ڪيو آهي. جيئن حاجي کي جدي پهچي خبر پئجي وڃي ته هن کي ڪٿي رهڻو آهي ۽ مسافر بس ڪيس جدي مان ڪڍي مڪي يا مديني ۾سندس رهائشگاهه تي اچي ڇڏي ۽ هو يڪدم سامان رکي آجو ٿي طواف لاءِ هليو وڃي يا ڪجهه دير چاهي ته آرام ڪري وٺي.

مڪي جي گهٽين مان لنگهبو ته ڪيترين عمارتن جي ٻاهران ڪپڙن جي وڏن بئنرن تي لکيل نظر ايندو "پاڪستانيون کي لئي رهائشگاهه نمبر 9" يا ڏهه، يارهن يعني اهي عمارتون پاڪستان حڪومت يا سعودي عرب حڪومت پاڪستاني حاجين لاءِ اڳواٽ مسواڙ تي وٺي ڇڏيون آهن ته جيئن اهي پاڪستاني ان ۾ اچي رهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته سڀ عمارتون هڪ ئي پاڙي ۾ نه ٿيون ملن. پنجاهه ڪن جاين مان ڪي ويجهو آهن ته ڪي پري ملن ٿيون. ڪي نيون ۽ سٺيون آهن ته ڪي جهونيون ۽ ڍنل آهن. پوءِ اها نصيب جي ڳالهه آهي ته ڪنهن کي ڪهڙي ملي ٿي. هونئن حرم پاڪ جي ويجهو وارين عمارتن جي مسواڙ ڳري آهي ۽ پري واريون سستيون آهن، پر حڪومت هر حاجي جي هڪ سراسري مسواڙ ڪٽي ٿي. پوءِ جيڪي حرم پاڪ جي ويجهو وارين عمارتن ۾ رهن ٿا. اهي پنهنجو پاڻ کي وڏيڪ خوشنصيب سمجهن ٿا.

پاڪستانين جي رهائش وارين جاين سان گڏ هندستان ۽ بنگلاديش کان آيل ماڻهن جون جايون پڻ هر گهٽي ۾ نظر اچن ٿيون. جن جي ٻاهران انهن ملڪن جا جهنڊا پڻ لڳل ٿين ٿا، جيئن هرهڪ حاجي پري کان پنهنجي جاءِ سڃاڻي اتي پهچي وڃي، ٻين ملڪن جي ماڻهن جي رهائشگاهه پڻ ان ريت مقرر ٿيل آهن پر اتي پهچي وڃي، ٻين ملڪن جي ماڻهن جا رهائشگاهه پڻ ان ريت مقرر ٿيل آهن پر پاڪستان، هندستان، بنگلاديش ،ايران، ترڪي، انڊونيشيا، ملائيشيا جهڙن ملڪن جا وڌيڪ نمايان آهن، جو اتان اچن به لکن جي تعداد ۾ ٿا.

بهرحال هر حاجي جي رهائش جي مسواڙ جا پئسا اڳواٽ ڪٽجيو وڃن پر جيڪڏهن ڪو سرڪار طرفان رهائش جو بندوبست پسند نه ڪري ته پوءِ ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ اطلاع ڪري سگهجي ٿو ۽ آخري ڏينهن تي حاجي ڪئمپ ۾ هن کي اهي مسواڙ وارا پئسا موٽي ملن ٿا. بهرحال ان بابت هو فارم ڀرڻ وقت بئنڪ وارن کان معلوم ڪري سگهي ٿو، جو ڪيترين ڳالهين جا قاعدا قانون مسئلن مطابق هر سال ڦرندا گرندا رهن ٿا.

اسان اسپانسرشپ اسڪيم هيٺ عالمگير ٽرسٽ وارن جي مهيا ڪيل سهولت موجب وڃي رهيا هئاسين، جيڪي رهائش جو بندوبست پاڻ ڪن ٿا ۽ ڪوشش ڪري سڀ عمارتون هڪ ئي علائقي ۾ وٺن ٿا، جيئن هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ بس ۾ هلڻو پوي ته سڀ هڪ هنڌ موجود هجن ۽ گهڻو انتظار نه ڪرڻو پوي. ٻيو ته حرم پاڪ جي ويجهو واريون عمارتون مسواڙ تي ڪن ٿا، جيڪي ظاهر آهي، وڌيڪ مهانگيون آهن. مثال طور: سرڪاري طرح مڪي ۾ رهائش جي مسواڙ في ماڻهو 300 ڪن ڊالر آهي پر اسان کي 450 ڊالر ڏيڻا پيا، يعني 32 هزار ڪن رپيا پر اهو به آهي ته هنن يڪا فليٽ مسواڙ تي ڪيا، جن ۾ رهائش جي ڪمرن کان علاوهه ورانڊو، هر ڪمري کي بالڪني، ٻن ڪمرن لاءِ هڪ هڪ غسلخانو، وڏو رڌڻو، هر فليٽ ۾ ٽي ريفريجريٽر ۽ هڪ واشنگ مشين هئي، هر فليٽ ۾ چار ڪمرا هئا، جن مان هرهڪ ۾ ڇهن کان اٺ ماڻهو ستا ٿي. بهرحال رهائش لاءِ سعودي حڪومت طرفان هرهڪ لاءِ اڍائي فوٽ ٻاءِ ڇهه فوٽ جاءِ مقرر ٿيل آهي ته مڪي ۾ هر حاجي کي ايتري جاءِ گهٽ ۾ گهٽ ملڻ کپي. مديني ۾ ان کان گهٽي آهي ۽ منيٰ ۾ ان کان گهٽ (ٻه فوٽ ٻاءِ ساڍا پنج فوٽ) آهي.

وچين نماز کان ٿورو اڳ اسان عالمگير مسجد پهتاسين، جيڪا مسجد عالمگير روڊ تي بهادرآباد ۾ آهي. مسجد جي ٻي ۽ ٽي ماڙ جي ٺهڻ جو ڪم هلي رهيو هو. مسجد ٻاهران ڪيترين ئي ايمبولينس گاڏيون بيٺيون هيون، جن تي عالمگير ويلفيئر ٽرسٽ لکيل هو. آئون سمجهي ويس ته هي عالمگير نالي هڪ خدمت خلق جو ادارو آهي. جيئن ايڌي جو ادارو آهي يا ٻيا ڪيترا سماجي ادارا آهن. جي الله ڪارڻ غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪن ٿا. مسجد جي در وٽ ٻه چار همراهه سبيل ۽ ڪجي ڪپڙي جون ٿيلهيون ٺاهي رهيا هئا. انهن ٻڌايو ته هي ڪپڙا ڪن ماڻهن خيرات ڏنا آهن. جيڪي هو شام جو ڪراچي جي هڪ غريب علائقي اورنگي ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ ورهائيندا. مسجد جي ٻاهران ٺهيل دڪانن ۾ حج جو سامان، احرام، چيلهه جو پٽو، ٽوپيون، تسبيحون وڪامي رهيون هيون. هن ٽرسٽ جي هڪ ڪارڪن ٻڌايو ته عالمگير ويلفيئر ٽرسٽ انٽرنيشنل جا هي مقصد آهن.

- غريب ۽ حقدار مريضن جو علاج ڪرايو وڃي ٿو.
- يتيم ۽ مجبور ڇوڪرين جي شادي تي سامان جي مدد ڏني وڃي ٿي.
- رمضان جي مهيني ۾ اٽڪل چار هزار ماڻهن کي (خاص ڪري قيدين کي) افطار ڏني وڃي ٿي.
- غسل ميت ۽ ڪفن دفن جو مڪمل انتظام 24 ڪلاڪن ۾ ٿئي ٿو.
- حاجين لاءِ احرام ۽ وهيل چيئر جو بندوبست ڪيو وڃي ٿو. وغيره.

اسان جي حاجين واري پنجاهه جي گروپ ۾ هڪ پنجهٺ ستر سالن جو اڇي ڏاڙهي سان نور احمد چاندنا نالي حاجي هو. پاڻ هن کان اڳ به ڪجهه حج ڪيا اٿس ۽ عالمگير ٽرسٽ جي ڪارڪنن مان هڪ آهي. پاڻ خدا ڪارڻ بنا ڪنهن پگهار جي ڪيترن سالن کان ڪراچي جيل ۾ قيدين کي قرآن شريف پڙهائيندو رهي ٿو، ڪيس بوهرا پير ۾ رنگ روغن جو ڪاروبار آهي. سندس تعلق دهلي، پنجابي سوداگران جماعت سان آهي. اتفاق سان اسان جي گروپ ۾ ٽيهارو کن حاجي انهي جماعت سان تعلق رکندڙ هئا. هونئن هي عالمگير ٽرسٽ ڪنهن هڪ جماعت جو نه آهي، پر هن مسجد ۾ ايندڙ جماعتي ۽ ڪارڪن گهڻي ڀاڱي دهلي، پنجابي سوداگر آهن، جو انهن جي ڪميونٽي جو وڏو حصو هن مسجد عالمگير جي آسپاس واري علائقي ۾ رهي ٿو. ٻئي نمبر تي ڪراچي ميمڻ جون مختلف جماعتون آهن، جن جا گهر پڻ بهادر آباد ڪان هل پارڪ واري علائقي ۾ آهن.

دهلي، پنجابي سوداگران پاڪستان ٺهڻ تي دهلي ڪان لڏي آيا ۽ سندن واسطو واپار سان آهي. بقول اسان جي گروپ جي هڪ ٻئي حاجي نواب عبدالستار جي ته اسان جي ڪميونٽي جي ماڻهو کي دڪان نه هوندو ته به فٽ پاٿ تي بوڇڻ رکي شيون وڪڻندو پر نوڪري نه ڪندو. هاڻ مڙيئي ايڪڙ ٻيڪڙ نوڪرين تي آيا آهن، جن مان هڪ نوجوان ڊاڪٽر فضل ربي، دل جو سرجن ۽ اسسٽنٽ پروفيسر پڻ اسان جي گروپ ۾ هو، بلڪ مڪي ۾ مون واري ڪمري ۾ رهيو ٿي، پر هو به ٻين وانگر حليم طبيعت جو هو ۽ ڪنهن به ڪنڊ ڪان سرڪاري ڪامورو يا نٽ نانگر ۽ اجائي لئه ڏيکارڻ وارو ڊاڪٽر نه ٿي لڳو. ٽيهارو سال ڪن عمر ٿيندس، جنهن مان اٺ سال ڪن انگلينڊ ۾ رهي آيو هو. هر وقت پاڪيٽ سائيز قرآن هٿ ۾ هوندو هوس ۽ پاڻ ۽ سندس زال طواف ڪرڻ ۽ قرآن جا ختما پورا ڪرڻ ۾ هوندا هئا. حج ڪانپوءِ هڪ ڏينهن خريداري لاءِ ويو ۽ مون کي ان وقت خبر پئي ته ڪيس هڪ ٻار (ڇهن سال ڪن جو) پڻ آهي، جنهن کي ڪراچي ڇڏي آيو آهي، ان لاءِ رانديڪو ورتائين.

ساڳيو حال هن ڪميونٽي جي ٻين نوجوانن جو هو، جيڪي شادي ڪري حج تي آيا هئا يا حج تان وڃي شادي ڪرڻ جو هو. ذري گهٽ سيني کي ڏاڙهيون هيون ۽ سيئي قرآن جا حافظ نه هئا ته به قرآن جو وڏو حصو کين ياد هو. چوڌري ماهتاب نالي هڪ حاجي ٻڌايو ته: ”اسان جي ڪميونٽي جي ٻارن کي ننڍي هوندي ئي حج ڪرايو وڃي ٿو، جيئن هنن کي دين جي ڄاڻ پوي ۽ زندگي ۾ پنهنجي لاءِ بهتر رستي جو تعين ڪري سگهن.“

هڪ ٻئي حاجي فيروز احمد ٻڌايو ته سندن وڏا پنجاب جا هئا، پوءِ مغلن جي ڏينهن ۾ ڪنهن مغل شهنشاهه، دهلي ۾ کين دڪان کولڻ جي اجازت ڏني ۽اتي وڃي لڏي وينا ”اڄ به اسان جي ڪميونٽي جا ڪيترائي ماڻهو دهلي ۾ رهن ٿا پر هاڻ سڀ دهلي ۾ رهندڙ توڙي ڪراچي وارا پنجابي وساري وينا آهيون ۽ اڙدو ۾ ئي ڳالهايون ٿا “.

وچين نماز ڪانپوءِ مون ڏٺو تہ عالمگير مسجد جي ورانڊي ۾ چوڏاري رڪيل ڪاٺ جي ڊيسڪن پويان وڏي عمر جا وڏين ڏاڙهين سان اچي ويٺا. اسان (اسرار، گلزار ۽ حافظ سعيد) هڪ همراهہ جي اڳيان اچي ويناسين. حافظ سعيد اسان پاران سمورا فوٽو، رهائش لاءِ آمريڪن ڊالر، پاڪستاني رپين جو ڊرافٽ وغيره هن کي ڏنو، جنهن هر شيءِ چيڪ ڪرڻ بعد هرهڪ جو فارم پرڻ شروع ڪيو. فارم پرڻ ۾ بہ ڳالهيون مون کي سنيون لڳيون. هڪ تہ پاڪستان سرڪار، بلڪہ وزارت ج 'فارم' تمام مختصر ناهيو آهي. حج تي ويندڙ جو نالو، والد جو نالو، شناختي ڪارڊ نمبر، ائڊريس ۽ وارث جو نالو ۽ پتو (جيئن حج تي ڪو گذاري وڃي يا ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي پوي تہ ان کي اطلاع ڪيو وڃي) فارم ۾ ٻي ڪا لانئ نہ هئي تہ ڪٿي جائو آهي، ڪهڙي سن ۾ جائو آهي. مادري زبان ڪهڙي اٿس. نوڪري يا ڌنڌو ڇا اٿس. جيل ۾ ڪڏهن ويو آهي يا نہ. فلاڻي بيماري ڪڏهن ٿي اٿس يا نہ، وغيره وغيره. جن قسم جون اجايون سجايون ڳالهيون، اسان وٽ ڪيترن ڳالهين لاءِ فارم پرڻ تي لکيون وڃن ٿيون. (ويندي قد ڪيترو آهي، اکين جو رنگ ڇا آهي، وارن جو رنگ ڇا آهي؟ هاڻ هڪ پنجاهہ سٺ ورهين جي ڄمار واري حاجي جي مٿي تي ڪهڙا وار هوندا ۽ جي هوندا تہ انهن جو رنگ اڇو ئي هوندو).

ٻي سني ڳالهہ اها تہ فارم بہ عالمگير مسجد جي والنٽيئرن ئي ڀريا ٿي. اسان کان رڳو نالو، ائڊريس وغيره پڇندا ويا. جي پاڻ ڀرڻا هجن ها تہ شايد آئون ايترا ننڍا اکر لکي ننڍن خانن ۾ مڪمل ائڊريس وغيره نہ لکي سگهان ها. اسان جي پر واري همراهہ کان نٽي جو هڪ ڪراڙو مڙس پنهنجو ۽ پنهنجي زال جو فارم ڀرائي رهيو هو. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين تہ نٽي، گهاري ۽ گجي پاسي جا ڪيترائي سنڌي هتان اچي فارم ڀرائيندا آهن، جو هنن کي تجربو آهي ۽ هو ٻهراڙي وارن جي سني رهنمائي ڪن ٿا ۽ اهو بہ ضروري ناهي تہ ڪو توهان هنن (عالمگير ٽرسٽ وارن) سان گڏ حج تي وڃو. فارمن جو ڪم پورو ٿيڻ تي فارم پرڻ واري مولانا صاحب ٻڌايو تہ هو ڪراچي جو بزنس مئن آهي ۽ هتي پاڙي ۾ ئي رهي ٿو. حج جي ڏينهن ۾ عصر نماز کان عشاءِ تائين حج تي ويندڙن جا فارم ڀرڻ ۾ مدد ڪندو آهي  اهڙي طرح ٻيا بہ ڏهاڪو کن اهو ڪم ڪن ٿا، جن جو ان سلسلي ۾ پراڻو تجربو آهي. پاڻ اهو پڻ ٻڌائين ٿا تہ حاجين جا ٽولا ناهي حج تي وني هلڻ ۽ اتي رهنمائي ڪرڻ لاءِ عالمگير مسجد وارن جو هي الڳ شعبو آهي، جيڪو انصار الحجاج سڏجي ٿو ۽ ان شعبي طرفان، حج تي روانو ٿيڻ کان اڳ عالمگير مسجد ۾ ڇهہ کن ليڪچر ڏنا وڃن ٿا، جيئن حج تي ويندڙن کي حج بابت هر ڳالهہ جي ڄاڻ هجي.

اهي ليڪچر مون بہ اٽينڊ ڪيا، صبح جو ڏهين کان اڳين (ظهر) نماز تائين هلندا هئا، جن لاءِ اسان کي اهي مقرر ڏينهن اڳواٽ ٻڌايا ويا هئا. ليڪچر ڏيڻ وارن عالمن، مولوين وغيره ۾ هڪ مولانا مفتي عبدالرئوف سڪروي پڻ هو، جنهن جو ٻڌايل "حج جو طريقو: قدم بقدم" هتي پڙهندڙن لاءِ ڏيان ٿو، جيئن ڪين ڪجهہ آئيڊيا ٿي سگهي. بهرحال هن قسم جا ليڪچر منهنجي خيال ۾ تمام ضروري ۽ فائديمند ثابت ٿين ٿا ۽ انسان ڪيترين غلطين ڪرڻ کان بچيو وڃي. ملائيشيا ۾ هوندو هوس تہ اتي بہ حاجين کي حج تي وڃڻ کان اڳ هر شهر جي مسجد ۾، اتي جي حج ڪاتي طرفان، حج ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو ويندو هو. ان جو نتيجو اهو ئي آهي تہ ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جا حاجي صبر ۽ تحمل سان حج ڪن ٿا. ڪنهن ٻئي حاجي کي ڌڪا ٺيلها ڏئي تڪليف نہ ٿا پهچائين. آئون بہ حجر اسود کي چمڻ لاءِ ڳوٺ جي ماڻهن کان ٻڌندو هوس تہ رش ۾ هو ڪيئن ڌڪا ۽ نونئيون هڻي حجر اسود کي چمڻ ۾ ڪامياب ٿيا ٿي ۽ مون بہ سمجهيو ٿي تہ اهو اجر ڪٽڻ لاءِ مون کي بہ ائين ڪرڻو پوندو پر عالمگير مسجد جي ليڪچر ٻڌڻ بعد مون کي ڄاڻ ٿي تہ ڪنهن انسان کي تڪليف پهچائڻ غلط ۽ ڏوهہ جهڙو ڪم آهي ۽ ثواب بدران گناهہ ملي ٿو. ڪنهن بہ صورت ۾ ٻئي ڪنهن انسان کي ڌڪا ڏيئي نہ تڪليف رسائجي ۽ نہ دل رنجائجي.

هونئن دنيا جي ڪيترن حاجين کي پاڪستانين، ترڪن، ڪجهہ آفريڪي ملڪن جي ماڻهن ۽ خاص ڪري ايرانين سان شڪايت رهي ٿي تہ هو ڏاڍائي ٿا ڪن ۽ ٻين حاجين کي اڪثر تڪليف رسائين ٿا. هڪ ايراني جنهن کي انگريزي بہ آئي ٿي، معمول جي خلاف خاموشي ۽ صبر سان وينل ڏسي مون کي تعجب لڳو، پڇڻ تي هن روميءَ جو شعر ٻڌايو، جيڪو هتي پڙهندڙن لاءِ بي محل نہ ٿيندو.

دل بدست آر کہ حج اکبر است،
از هزارها ڪعبهائي يک دل بهتر است

كعبہ بناءِ خليل آذر اكبر است،
دل گذرگاھ رب جليل است

(دليون ڪٽ چو تہ دليون ڪٽڻ حج اڪبري آھي،
هزارن جي ڪعبن کان هڪ دل جو درجو وڌيڪ آھي،
چو تہ ڪعبو آذر جي پٽ خليل جو ٺهيل آھي،
۽ دل رب جليل جي جلوہ گاھ آھي.)

مطلب تہ جيتري قدر ٿي سگھي تہ حج تي وڃڻ کان اڳ گھٽي کان گھٽي واقفيت حاصل ڪجي، جيئن ڪنهن ڳالھ بابت غلط اعتقاد نہ رهي ۽ ڪنهن غلطي ڪرڻ جي اجائي گنجائش نہ رهي ۽ پنهنجو پاڻ کي اهڙو Disciplined رکيو وڃي، جو ٻئي کي تڪليف نہ رسي.

حج جو فارم ڀرڻ بعد ٻن ڏينهن کانپوءِ اسان کي ٻڌايو ويو تہ عالمگير مسجد جي شعبي انصار الحجاج طرفان اسان کي هن سال 2000ع جي ٻاويهين گروپ ۾ رکيو ويو آھي، جنهن جو گروپ ليڊر جناب احسان الاهي شيخ آھي ۽ حج جي تربيت ڏيڻ لاءِ فلاڻا فلاڻا ڏينهن مقرر ڪيا ويا آهن، جن تي عالمگير مسجد ۾ اچي عالم دين ۽ حج کان واقفڪارن کان ليڪچر ٻڌي سگھجن ٿا.

عالمگير مسجد طرفان ٽيهارو کن گروپ ٺهيا. هر دفعي ليڪچر بعد هر گروپ جا پاڻ ٽولو ناهي وينا ٿي ۽ گروپن جي ليڊرن ڪين وڌيڪ ڪم جون ڳالھيون ٻڌايون ٿي تہ اتي ڪيئن رهبو. ماني ٽڪي جو ڇا بندوبست ڪبو. ڪھڙو ڪھڙو سامان کڻي هلبو... وغيرہ وغيرہ. ساڳي وقت اسان پنهنجي گروپ جي ماڻهن جون شڪليون ڏسي ڏسي هڪٻئي کان ڪافي مانوس ٿي وياسين. حج تي رواني ٿيڻ کان اڳ اسان جي گروپ جي هڪ ٻن همراهن پنهنجي گھر ۾ دعوت بہ ڪئي. ان ڪري اجا بہ هڪٻئي سان وڌيڪ ڏيٺ ويٺ ٿي وئي.

# سفر جي تياري ۽ سامان جي لسٽ

پاڪستان ۾ حج جون درخواستون ۽ پئسا گهڻو اڳ ورتا وڃن ٿا. مثال طور: هن سال (2000ع ۽ 1420 هه) حج مارچ جي 15 ڌاري ٿيو ۽ حاجين جون حج لاءِ اڏامون 20 فيبروري کان شروع ٿيون هيون پر حج لاءِ فارم ۽ حج جي خرچ جا پئسا ڇهه مهينا اڳ (سيپٽمبر 1999ع) ۾ بئنڪن ۾ جمع ڪرايا ويا ۽ 30 سيپٽمبر آخري تاريخ هئي. پوءِ ڊسمبر ڌاري حڪومت پاڪستان جي وزارت مذهبي امور، اسلام آباد کان پهريون ڪارڊ مليو ته، "توهان کي مڪي ۽ مديني ۾ ذاتي رهائش اختيار ڪرڻ جي اجازت آهي ۽ ان رهائشگاهه جي ائڊريس پنهنجي بئنڪ معرفت وزارت کي ٻڌايو ۽ توهان جو درخواست نمبر هي آهي". اهو درخواست نمبر پاسپورٽ نمبر پڻ سمجهڻ کپي، حج تي روانو ٿيندڙ حاجين کي هڪ الڳ قسم جو پاسپورٽ ملي ٿو، جنهن ذريعي فقط حج ئي ڪري سگهجي ٿو .ان پاسپورٽ ذريعي نه ته ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي سگهجي ٿو ۽ نه سعودي عرب ۾ وڌيڪ رهي سگهجي ٿو. اهو پاسپورٽ حج لاءِ روانو ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ حاجي ڪئمپ مان فارين ايڪسچينج (ريال ۽ ٽريولرس چيڪ) وٺڻ وقت ملي ٿو ۽ جدي جي ايئر پورٽ تي پهچڻ سان اهو پاسپورٽ معلم حوالي ٿيو وڃي. واپس هٿ ۾ وري تڏهن ملي ٿو. جڏهن حج ڪري وطن ورڻ لاءِ جدي ايئر پورٽ تي پهچي ٿو. تيسين دوران حج پاڪستان حڪومت ۽ معلم طرفان مليل ڪارڊ پاڻ سان رکڻو پوي ٿو. بلڪه ٻنهي جو هار ناهي ڳچي ۾ پائڻو پوي ٿو. ان ۾ منىٰ جي مختلف معلومات لکيل ٿئي ٿي، جيئن چڪاس وقت يا حادثي جي صورت ۾ اها ڄاڻ پئجي سگهي ته همراهه ڪير آهي ۽ آيا قانوني طرح آيو آهي يا لڪي ڇپي. ان ڳالهه لاءِ هر وقت پوليس جون گاڏيون ڇاپا هڻنديون رهن ٿيون. ان ڪري حاجين کي هر وقت تاڪيد ڪئي وڃي ٿي ته پنهنجي سفر جا ڪاغذ هو سوگها رکن ۽ هر وقت پاڻ سان رکن. عورتن ۽ ٻارن جا پڻ انهن جي ئي حوالي ڪن، جيئن چڪاس مهل هو ڏيکاري سگهن.

هڪ پاڪستاني همراهه ٻڌايو ته هنن جي گروپ ليڊر کي پوليس مڪي مان جهلي ڪراچي واپس موڪلي ڇڏيو. ٿيو هيئن جو هو وهنجي ڪپڙا تبديل ڪري سنڌن رهائشگاهه جي سامهون، رستي جي ٻئي پاسي واري دڪان تان نان وٺڻ ويو ته اتي پوليس جي گاڏي اچي لنگهي ۽ ٻين سان گڏ هن کان به ڪاغذن جي گهر ڪيائون، جيڪي وهنجڻ مهل هن کان ميرن ڪپڙن ۾ رهجي ويا هئا. هن گهڻو ئي پوليس کي سمجهايو ته اهي ميرن ڪپڙن ۾ رهجي ويا آهن. سامهون گهر ۾ رهان ٿو. هينئر جو هينئر ڪٺي اچان ٿو پر سعودي حڪومت جي پوليس ڪٿي ٿي ٻڌي. ٻين غير قانوني آيل ماڻهن سان گڏ هن کي به پوليس وٺن ۾ ويهاري مڪي جيل وٺي ويا، اتي پهچي خبر پئي ته مڪو جيل ته سڄو فل آهي. ان بعد اهو فيصلو ٿيو ته فالتو ڏوهارين کي رياض موڪليو وڃي. رياض سعودي عرب جي گادي جو شهر آهي.

رياض ۾ ڪو اهو فيصلو ڪيو ويو ته اڳهين ٻيا ڏوهاري گهٽا آهن. هنن غير قانوني آيلن کي رکڻ اجايو آهي. ان ڪري ڪين سنڌن ملڪ جي سفارتخاني جي خرچ تي سنڌن ملڪ موڪليو وڃي. رياض پهچي حج لاءِ آيل هن گروپ ليڊر گهڻي ئي هاءِ گهوڙا ڪئي پر هتي ڪنهن کي آهي ٻڌڻ لاءِ وقت ۽ همدردي. سعودي حڪومت کي آخر همدردي به ڇو ٿئي، جڏهن سالن کان ڌارين ملڪن جي ماڻهن سنڌن ملڪ ۾ غير قانوني طرح اچي ڪين بازاري ڪري رکيو آهي ۽ پوءِ نه فقط نوڪريون ڳوليندا وتن ٿا پر غلط ڌنڌا ۽ ڪيترن ئي قسمن جا ڏوهه به ڪندا رهن ٿا. جهلجڻ تي سوين ڪوڙا بهانا ناهين ٿا. بهرحال هتي هن حج ڪرڻ لاءِ قانوني طرح آيل هن حاجي وٽ جيتوڻيڪ ڪاغذ پٽ سڀ هئا پر هو چا چوندا آهن ته سڪن سان گڏ آلا به، هونءَ به هو اها غلطي ڪري وينو هو جو ڪاغذ پٽ پاڻ سان نه رکيا هئائين. بهرحال هو ان ئي وقت ڪراچي کان اچي نڪتو. اثر رسوخ وارو ماڻهو هو. يڪدم اسلام آباد اچي وزارت ۾ گوڙ ڪيائين ته هي انڌير ٿيو آهي. پوءِ هن خاطر پاڪستان جي واسطيدار وزارت جا آفيسر سعودي حڪومت جي ڪارندن کي فئڪس ذريعي ٽي ڏينهن دانهون موڪليندا رهيا پر ڪو به جواب نه مليو. چوٿين پنجين ڏينهن فون ذريعي نيٺ سنڌن Contact ٿي ويو پر رياض (سعودي عرب) کان جواب

ملين تہ "وعليڪم سلام و رحمت الله. هاڻ ان ڪي بئي سال ئي حج تي موڪلجو ۽ چئجوس تہ جيڪڏهن قانوني طرح اچين ٿو تہ قانوني ڪاغذ پاڻ سان رڪندو ڪر".

هي ڳالهہ فقط ان ڪري لکي اٿم تہ حج تي ويندڙ اسان جا حاجي انهن ڪاغذن جي اهميت سمجهن ۽ جيڪي ڪاغذ پاڻ سان گڏ ڪٽي هلڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. اهي پاڻ سان هر وقت گڏ رکن، جيئن اوچتي چڪاس مهل پوليس کي ڏيکاري سگهن. دراصل سعودي حڪومت سان بہ مصيبت آهي. جڏهن کان هنن وٽ تيل نڪتو آهي ۽ ملڪ ۾ خوشحالي آئي آهي، ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو نوڪرين جي ڳولا ۾ غير قانوني طرح سعودي عرب ۾ گهڙي پيا آهن. سعودي حڪومت انهن جي جهل ۾ لڳي پئي آهي پر تڏهن بہ انهي بهاني، خاص ڪري حج ۽ عمري بهاني اچي لڪيو تا وڃن يا جيڪي قانوني طرح ويزا ذريعي سال يا ٻن لاءِ اچن ٿا، اهي مقرر مدو پورو ٿيڻ تي پنهنجي وطن موٽڻ بدران لڪيو وڃن، ڪيترا وري اهڙا آهن، جيڪي سعودي عرب جي مختلف شهرن ۾ نوڪريون ڪن ٿا ۽ پوءِ حج جي ڏينهن ۾ بنا اجازت لڪ چوري ۾ مڪي پهچيو وڃن. سعودي حڪومت نہ ٿي چاهي تہ سعودي عرب جي ٻين شهرن ۾ رهندڙ توڙي ڪٽي سندن پنهنجا عرب هجن، جنهن سال وٽين، ان سال حج تي هليا اچن. ائين جي آزاد ڇڏيو وڃي تہ هيڪاندي رش وڌي وڃي ۽ ٻاهرين ملڪن کان آيل حاجين خاص ڪري پوڙهن، ڪمزورن ۽ بيمارن لاءِ وڏيڪ مسئلو ٿي پوي. ان ڪري سعودي حڪومت پنهنجن ماڻهن کي بہ حج لاءِ پرمٽ ڏئي ٿي، جيڪا ڪين شايد پنجن سالن ۾ هڪ دفعو ملي ٿي. سو اهڙي صورت ۾ ضروري آهي تہ اهم ڪاغذ پاڻ سان رکجن.

حج تي سنڌ جي ڪيترن ڳوٺاڻن کي جڏهن ان ڳالهہ لاءِ ڌيان ڇڪايم تہ هنن اهو ئي جواب ڏنو "نہ سائين اسان کي ڪير جهليندو. اسان تہ حج لاءِ آيا آهيون. ڪاغذن لاءِ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن نہ پڇيو آهي".

بلڪل صحيح ڳالهہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ سڄي سفر ۾ ڪو ڪاغذن جو نہ پڇي پر هي چڪاس اوچتي ۽ ڪٿي ڪٿي (Random) ڪئي وڃي ٿي ۽ پوءِ شل نہ ڪو آئيءَ ۾ اچي وڃي. ٻي ڳالهہ تہ رش ۾ ڪو گم ٿي وڃي يا گرمي ڪري يا ٻي سبب ڪري بيهوش ٿي وڃي تہ ڪاغذن مان خبر پئجي سگهي ٿي تہ هن جو واسطو ڪهڙي ملڪ سان آهي ۽ حج دوران هن جو معلم ۽ مڪتب ڪهڙو آهي.

بهرحال ڪراچي ۾ حج جي درخواست سيپٽمبر ۾ ڏيڻ بعد جنوري جي آخري هفتي ڌاري، ٽپال رستي ڏنل ائڊريس تي وزارت مذهبي امور اسلا م آباد کان حج لاءِ وڃڻ جو پروگرام ملي ويو تہ فلاڻي ڏينهن ۽ وقت تي فلاڻي فلائيٽ ذريعي ڪراچي کان جدي وڃڻو آهي. ڪراچي ڇڏڻ کان بہ ڏينهن اڳ حاجي ڪئمپ مان هوائي جهاز جي ٽڪيٽ ۽ غير ملڪي ناڻو ـ گهڻو ڪري ٽريولرس چيڪ جي صورت ۾ ملي ٿو. اتي هر بئنڪ جي برانچ آهي ۽ جنهن بئنڪ ۾ توهان درخواست ۽ حج جو خرچ ڏنو هو، ان جي برانچ کان ملي وڃي ٿو.

ٽريولرس چيڪ تي بہ دفعا صحيحون ڪرڻ تي اهو مٽجي ملي ٿو. هڪ صحيح ڪراچيءَ ۾ حاجي ڪئمپ ۾ ئي ڪرائي وڃي ٿي ۽ ٻي صحيح مڪي يا مديني ۾ چيڪ ڪئش ڪرڻ مهل ڪرڻي پوي ٿي. صحيح ۾ ردوبدل تي مڪي يا مديني جي بئنڪ وارا اهو چيڪ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿو. ان ڪري ڪراچي ۾ چيڪن تي آرام سان اها صحيح ڪريو، جيڪا توهان ڪندا رهو ٿا ۽ جنهن جي توهان کي پرئڪٽس آهي. ٽريولرس چيڪ سان گڏ جيڪا رسيد ملي ٿي، ان تي بہ اها ئي صحيح ڪرڻي آهي جو مڪي يا مديني ۾ ڪجهہ بئنڪن وارا ۽ Money Changers (پئسا مَٽي ڏيڻ وارا دڪاندار) ان رسيد تي ٿيل صحيح جي بہ جانچ ڪن ٿا.

هوائي جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ حاجين کي ٽي چار ڪلاڪ اڳوات ايئر پورٽ تي گهرايو وڃي ٿو. سامان بہ ايئر پورٽ تي ئي ورتو وڃي ٿو. پر ماضي ۾ حاجين کي سامان حاجي ڪئمپ ۾ ئي ڏيڻو پوندو هو. بهرحال ان قسم جا قاعدا قانون هر سال بدلبا رهن ٿا ۽ ان بابت چڱي طرح ڄاڻ رکڻ ضروري آهي.

احرام، پلاسٽڪ جو ٿرماس، چيلهہ سان ٻڌڻ جو پٽو، وڏو پائوچ جنهن ۾ پاسپورٽ، بئگن جون چاٻيون ۽ ٻيو هلڪو سامان وجهجي، ڪتان بہ ملي سگهي ٿو، شهر مان صدر مان يا ٽاور وٽ ميمڻ مسجد ٻاهران عالمگير مسجد ٻاهران يا حاجي ڪئمپ مان وٺي سگهجي ٿو، حاجي ڪئمپ مان بنا خوشبو وارو صابڻ بہ ملي ٿو، جيڪو

هوائي جهاز ۾ ۽ بعد ۾ منىٰ عرفات وغيره ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو، ڇو جو احرام جي حالت ۾ خوشبو جي منع آهي. هڪ صابڻ ڪافي آهي ۽ ڪيترائي استعمال ڪري سگهن ٿا.

ڪيتريون بئنڪن يا هوائي ڪمپنيون پنهنجي اشتهار بازي لاءِ ٿرماس، پائوچ ۽ چٽيون ڏين ٿيون، ٽئي شيون اهم آهن. ٿرماس جو هجڻ بيحد ضروري آهي. سعودي عرب سنڌ کان به وڌيڪ جابلو ۽ وارياسو ملڪ آهي. سخت گرمي ٿئي ٿي ۽ ڏينهن لڳڻ ۽ Dehydration کان بچڻ لاءِ گهڻي کان گهڻو پاڻي پيئجي. ان لاءِ هڪ ڏيڍ لٽر جو پلاسٽڪ جو ٿرماس هجڻ ضروري آهي. ڪيترن هنڌن تي سعودي حڪومت ٿڌي پاڻي جا ڪولر هٽي ڇڏيا آهن پر ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ بيحد ٿڌو پاڻي ٿئي ٿو ۽ بهتر اهو ئي آهي ته توهان پنهنجي ٿرماس ۾ مڪس ڪري پوءِ پيئو. حرم پاڪ ۾ به زم زم جي ٿڌي پاڻي جا ڪولر پريا پيا آهن. انهن مان هڪ ٻن ۾ تازو پاڻي به آهي ۽ انهن ڪولرن جي ٻاهران غير مجرب لکيل رهي ٿو. اس ۾ طواف ڪرڻ بعد يا ٻاهران گرمي مان اچي ٿڌو پاڻي پيئڻ بدران تازو پيئڻ کپي.

سعودي عرب ۾ سج جي ڪرڻن کان پاڻ بچائجي جو اتي تمام گهڻي تپش ٿئي ٿي ۽ ڏينهن لڳڻ جا امڪان آهن. مٿي تي ٽوپي ۽ رومال رکجي. جيئن ڪنڌ به ڍڪيل رهي يا ڇٽي کڻجي. حج وارن پنجن ڏينهن ۾ منىٰ ۽ عرفات تي ته ڇٽي جي تمام گهڻي ضرورت پوي ٿي جو تمام گهڻي اس ۾ هلڻو پوي ٿو. اسان کي هن پيري پي آءِ اي وارن هڪ سنهڙي ڪپڙي جي ڇٽي ڏني، جيڪا ڏئي هنن پنهنجي ڪمپني جي اشتهاربازي ته ضرور ڪئي پر ان ڇٽي جي ٻاهران پي آءِ اي وڏن اکرن ۾ لکيل هو پر حاجين سان وڏو ظلم ڪيائون، خاص ڪري پوڙهن ۽ بيمار ماڻهن سان، ڇٽي جو ڪپڙو ايڏو ته سنهو ۽ شفاف هو جو هن مان اس آرپار آئي ٿي ۽ ويچار حاجي پگهر ۾ شل ٿي ٻين ملڪن جي ماڻهن کي حسرت ڀريل نگاهن سان ڏسي رهيا هئا، جن وٽ ڪاري رنگ جون ۽ ٿلهي ڪپڙي مان ٺهيل ڇٽيون هيون ۽ اهي هليا ٿي ته جڻ ڇانوَ ۾ پئي هليا. پوءِ مون ڏٺو ته اسان جي ملڪ جي ڪجهه ماڻهن پي آءِ اي جون اهي سنهيون ڇٽيون اڇلائي، اتان مهانگي اگهه تي ٻيون ورتائون پڪ اٿم ته ڪيترا ئي گرمي ۽ ڏينهن لڳڻ ڪري بيمار پڻ ٿي پيا هوندا، ان ڪري ڇٽي صحيح کڻجي .

احرام ٽوال جي ڪپڙي جا به ٽين ٽا ته لنگي جي چادرن جا به. اسان جي گروپ ليڊر اسان کي ڪراچي ۾ ئي اها سني صلاح ڏني ته هڪ ٽوال وارو خريد ڪريو ۽ هڪ لنگي جو. يعني اهي ٽيون به ٽوال جون چادرون ۽ به لنگي جون چادرون، پوءِ گوڏ طور لنگي جي چادر ٻڌو ۽ مٿين جسم لاءِ ٽوال جي چادر اوڍيو. ٻه احرام ضروري آهن، جيئن رستي تي يا خاص ڪري منىٰ، مزدلفه ۾ حج وارن ڏينهن ۾ هڪ خراب ٿي پوي ته ٻيو استعمال ڪري سگهجي.

چپل به ٻه کڻڻ ضروري آهن جو نمازن تي هيٺ مٿي ٿيو وڃن ۽ پوءِ هڪ ڇڄي پوڻ تي يا گم ٿي وڃڻ تي ٻيو استعمال ڪري سگهجي پر چپل (خاص ڪري اسپنج جا هوائي ٽائيپ جيڪي اڄڪلهه گهڻو استعمال ٿين ٿا)، جتي ڪٿي ملي سگهن ٿا. هڪڙو گم ٿيڻ تي ٻيو پر واري دڪان تان ٽن ريالن ۾ وٺي سگهجي ٿو. منهنجا ٻه ٽي چار ڪن گم ٿي ويا، جن کي دراصل گم ٿيڻ يا چوري ٿي وڃڻ نه ٿو چئي سگهجي. ڪيترا ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته حاجين مان ڪو حاجي سندن چپل چورائي ٿو وڃي. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته هر حاجي جيڪو لک رپيا کن خرچ ڪري ههڙي پلاري پٽ تي پهچي ٿو. پنهنجا گناهه بخشرائڻ يا توهان جو ڪارادر مان ورتل 20 رپين وارو چپل چورائڻ، جيڪر وڪڻي ته ڏهه رپيا به نه ملنس

دراصل ڳالهه اها آهي ته جتي هيڏو وڏو اجتماع ٿئي، هڪ ئي وقت پندرهن ويهه لک ماڻهن جا اچي گڏ ٿين، اتي چپل سنڀالڻ ڏکيو ڪم ٿيو پوي، پاڻ سان گڏ رکي نماز پڙهڻ به سنو نه ٿو لڳي ۽ ٻاهر رکي اچڻ سان ڪيترا دفعا وسريو وڃي ته ڪٿي رکيو ويو. خاص ڪري پوڙها ۽ ٻهراڙي جا جتي پاڻ به پلجيو پوي، اتي ڪائنن اهو وسريو وڃي ته هنن پنهنجو چپل ڪٿي رکيو. پوءِ حرم پا ڪ مان نڪرڻ مهل ڄاڻي واڻي يا ڀل ۾ پنهنجو سمجهي ٻئي جو کڻيو وڃن ۽ ان جو مالڪ جڏهن پنهنجو چپل نه ٿو ڏسي ته هو به ڪنهن ٻئي جو پايو نڪري. هونءَ حقيقت ۾

ائين هرگز نہ ڪجي. ڇو جو ائين ڪيترائي ماڻهو ڊسٽرب ٿيو وڃن. بهتر آهي تہ نئون خريد ڪجي ۽ ٻي مخلوق کي تڪليف نہ وجهجي.

چپل وڃڻ جوهڪ ٻيو بہ سبب آهي تہ حرم پاڪ ۾ ڪيترن هنڌن تي چپل رکڻ جي جهل آهي، پر اسان کي خبر نہ ٿي پوي، پوءِ صفائي ڪرڻ وارا ان هنڌ تي صفائي ڪر ڻ وقت اهي چپل ٻاهر ڦٽا ڪريو ڇڏين ۽ مالڪ سمجهي ٿو تہ شايد سندس چپل چوري ٿي ويو.

هڪ دفعي چپل رکڻ جي مون کي جاءِ نہ ملي. اندر گهڙڻ واري دروازي جي طاق پويان ٻين کي رکندو ڏسي مون بہ ڪٽي اتي رکيا. جيتوڻيڪ ان ئي وقت مون کي احساس ٿيو تہ اتي رکڻ صحيح ڳالهہ نہ هئي، جو اتي گيٽ تي بينل پوليس جي پيئڻ لاءِ پاڻي جو ڪولر رکيل هو. نماز پڙهي ڪجهہ دير ويهي ٻاهر نڪتس تہ چپل غائب هئا. در وٽ بينل پوليس واري کي اشاري سان سمجهايم تہ هتان منهنجا چپل ڪجي ويا آهن (يعني توهان جي هوندي سوندي چوري ٿي ويا آهن). مون سمجهيو هو مون سان همدردي ڪندو پر اڪين جا دوڏا ڪڍي هٿن جي اشاري سان جيڪو ڪجهہ عربي ۾ چيائين، ان جو مفهوم سمجهي ويس تہ هو چئي رهيو آهي تہ، “هي جاءِ چپل رکڻ جي آهي جو توهان چپل رکيا آهن. پاڻي جو سڄو ڪولر چپلن سان ڍڪجي ويو آهي”. آئون ڳالهہ سمجهي ويس ۽ سخت شرمندو ٿيس. منجهند جو وقت هو، اس ۾ پير ساڙيندو پر واري دڪان تان ٻيا چپل اچي ورتم، جيتوڻيڪ هو ڪجهہ چئي رهيو هو تہ هنن اهي چپل اتان ڪڻي ڪنهن ٻئي هنڌ ڦٽا ڪيا آهن، جتان وڃي ڪڻو.

بهرحال اهو بہ مون ڪٽي پوليس واري ڪان پڇيو. ٿي سگهي ٿو تہ ٻين همراهن مان ڪجهہ جن جا چپل اتان هٽايا ويا هئا. پنهنجو چپل نہ ملڻ تي ڪنهن ٻئي جو پائي روانا ٿي ويا هجن ۽ ٻيا ٽين جا ۽ ٿيان چوٽن جا... وغيره وغيره.

حرم پاڪ ۾ ڪم ڪندڙ هڪ پاڪستاني ٻڌايو تہ روزانو آڌي رات جو جڏهن حرم پاڪ جي صفائي ڪئي وڃي ٿي تہ ماڻهن جا وساريل، هيٺ مٿي ٿيل يا لاوارث چپلن جو گاڏو ڀرجي وڃي ٿو، جيڪو ٻئي ڪچري سان گڏ گند کڻڻ واري ٽرڪ کڻي وڃي ٿي.

هڪ بہ دفعو تہ مون کان چپل هن ريت گم ٿي ويو جو جلدي ۾ رکڻ واري جاءِ صحيح طرح ياد نہ ڪيم. واپسي تي هيڏانهن هوڏانهن بہ چار جايون ڏٺم پر چپل نہ مليو جو مون ڪنهن ٻئي هنڌ رکيو هو. سو آئون نہ ٿو سمجهان تہ ڪو هلي ملي چپلن جي چوري ڪري ٿو. پنهنجي ئي غلطي ڪري هيٺ مٿي ٿيو وڃي. يا ڪيترا پوڙها يا غريب ماڻهو سندن چپلن نہ ملڻ يا چپل رکڻ واري جاءِ نہ ملڻ تي ٻئي جو ئي پايو وڃن.

حج جي سفر تي پاڻ سان کهڙو سامان کڻي وڃجي، ان جي لسٽ توهان کي اهي دوست ۽ مائٽ ٻڌائي سگهن ٿا، جيڪي حج ڪري آيا آهن. توهان جو گروپ ليڊر ٻڌائي سگهي ٿو. حڪومت طرفان مليل هدايتن ۽ معلومات جي ڪتاب مان خبر پئجي سگهي ٿي وغيره. پر سڀ ۾ ضروري ڳالهہ اها آهي تہ سامان فقط اهو کڻجي، جنهن جي ضرورت هجي، ڇو جو اهي سامان توهان کي ڍوئڻو پوي ٿو ۽ خاص ڪري توهان ڪنهن پوڙهي مائٽ کي وٺي پيا وڃو تہ ان جي سامان جو بہ ڪجهہ حصو توهان کي کڻڻو پوي ٿو ۽ حج تي پهچي ڪمرن ۾ سامان رکڻ جو مسئلو آهي، جو رهائش، خاص ڪري مڪي ۾ تمام سوڙهي ملي ٿي، مسواڙ جي ڪن ڪن جاين ۾ سامان رکڻ لاءِ اسٽور روم يا پڇتي آهي، نہ تہ ڪيترن جو سامان سندن سيراندي يا پيراندي کان رکيل نظر آيو ۽ ان ڳالهہ تان بہ ڪيترن حاجين جون هڪٻئي سان رنجشون رهيون ٿي، جو اتي ئي سامان پيو آهي، جتي ڪين سمهڻو پوي ٿو.

فقط 35 ڏينهن جي سفر لاءِ ڪي ماڻهو ڇهہ وڳا (سٽيون قميصون) کڻي هلن ٿا، ڪي اٺ، اسان جي گروپ جي هڪ همراهہ ڏهہ وڳا آندا هئا، منهنجي خيال ۾ 4 وڳا بہ گهڻا آهن، جيڪڏهن توهان کي پنهنجا ڪپڙا ڌوئڻ جي عادت آهي تہ، مون بہ وڳا (سٽڻ قميصون) ڪنيا ۽ بہ پتلونون بشرٽون ڪنيون. هي پتلونون سفر لاءِ خاص نهرائي ڪنيون هيم، جيڪي پجامن وانگر ڪجهہ سنهي ڪپڙي جون ڍريون ڍاريون هيون. پنئين ۽ پاسن جي کيسن کان علاوه هڪ وڏو کيسو زپ سان گوڏن وٽ بہ نهرايو هيم، جنهن ۾ پاسپورٽ جي سائيز جا ڪاغذ پٽ، پئسا، ڄاري جي ٽوپي ۽ تسبيح رکيم ٿي. اتفاق سان اسان جي رهائشگاهہ تي واشنگ مشين هئي، جنهن ۾ (پر جي نہ

هجي ها تہ ڪنهن پلاسٽڪ جي باردي ۾ يا هٿ منهن ڌوئڻ جي گيندي ۾) ڪپڙا ڌوئي ڇڏيندو هوس. نہ ڪاٽن بدران ٽيٽران جي تند مليل ڪپڙا هئا، ان ڪري استري جي بہ ضرورت نہ هئي. رات جو پجامو پائي سمهندو هوس سو بہ اتان 5 ريالن ۾ ورتم. سڄي عرب دنيا جا ماڻهو رات جو سمهڻ مهل يا ڏينهن جو جبي (ثوب) هيٺيان اهو پجامو پائين. سڄو ڏينهن پتلونون پائي هلندو هوس. منهنجي گروپ جي هڪ ٻن حاجين شروع ۾ ڪلندي چيو:

"سائين هي ڇا آهي، توهان جي پٽي صاحب تہ شلوار قميص جو اهڙو فيشن وجهي ڇڏيو جو اسان مهاجرن بہ پتلونون ۽ پجاما ڇڏي ڪٽي شلوار قميص کي پنهنجو بڻايو آهي". وراڻيومان تہ "اڄ هو هتي هجي ها تہ هو بہ پتلونون پائي ها جو هي ڪاغذ پٽ ۽ سامان پتلون جي کيسن ۾ ٺي سلامت رهن ٿا. آخر هي اڌ کان وڌيڪ حاجي: ترڪ، ايراني، مراڪش، ملائيشيا، انڊونيشيا جا ۽ آفريڪا جا بيوقوف تہ نہ آهن جو پتلونون يا پتلونن نما پاجاما پايو پيا هلن".

حج تان واپسي تي پنهنجي ڪليگ ڪئپٽن وسطڙو کي (جيڪو ڪجهہ عرصو جدي ۾ نوڪري بہ ڪري چڪو آهي) جڏهن اها ڳالهہ ٻڌايم تہ کلي چيائين (عرب ملڪن ۾ پتلون پائي هلڻ ۽ انگريزي ڳالهائڻ سان ويندي پوليس جو شرطو بہ فضيلت سان ڳالهائي ٿو، جو پوءِ هو منجهيو پوي تہ هي ننڍي کنڊ جو ماڻهو آهي (جنهن کي رڳو دڙڪا ۽ چڙٻون ڏجن) يا ڪو ترڪ، ايراني آهي يا انگلينڊ يا آمريڪا جي قوميت رکندڙ پاڪستاني هندستاني (جنهن صورت ۾ هن سان آرام سان ڳالهائجي).

حرم پاڪ ۾ ڏاڪٽين تي وينل بمبئي جي هڪ بوريءَ سامهون ايندڙ عرب پوليس کي ڏسي مون کي چيو: "هاڻ ڏسجو هي پاڻ کي هتان اٿڻ لاءِ چڙٻون ڏيندو پر سامهون وينل ايرانين کي هرگز نہ چوندو جو عرب ايرانين کان ڊجن ٿا."

۽ پوءِ واقعي ائين ٿيو، بهرحال ڏاڪٽين تان اٿارڻ ۾ تہ هن صحيح ڪم تي ڪيو جو هرهڪ ڏاڪٽين تي ويهڻ شروع ڪندو تہ پنيان ايندڙن لاءِ لنگهڻ ۾ تڪليف ٿيندي. باقي اهو تي سگهي ٿو، عرب پوليس کي فارسي جا لفظ نہ ايندا هجن جو ايرانين کي دڙڪا ڏئي .هن کي فقط "چلو چلو" ۽ "انو انو" آيو ٿي.

اهڙي طرح گنجيون بہ بہ ڪافي آهن. جيڪي ميريون ٿيڻ تي يڪدم ڌوئي ٻي ڏينهن پائي سگهو ٿا. ٽوال فقط هڪڙو ڪافي آهي پر بئي جي توهان کي ضرورت بہ پوي تي تہ اتان وني سگهو ٿا.

اڄڪلهہ موسم ٿڌڪار واري آهي ۽ پنج ڇهہ سال 2005ع تائين سياري واري موسم رهندي. جنهن ۾ فجر ۽ عشاءِ نمازن تي سيءُ ٿئي ٿو، جنهن لاءِ توهان کي سئيٽر جي ضرورت پوندي يا بهتر تہ اهو آهي تہ مون وانگر هڪ ڪتي (يا لوئي، اجرڪ) کٽي وڃو، جنهن کي مٿان پائي سمهي بہ سگهو ٿا.

سامان کڻڻ لاءِ لوهہ، ڪاٺ، چمڙي کان ڪپڙي جي بئگ وڌيڪ هلڪي رهي ٿي ۽ هڪ ئي اهڙي سائيز جي بئگ کڻجي، جنهن ۾ سڀ سامان اچي وڃي ۽ ٻيو ڳچي جو ٿيلهو کڻجي، جيڪو هوائي جهاز ۾ پاڻ سان رکي سگهجي ٿو يا حج وارن پنجن ڏينهن تي منيٰ، مزدلفہ ۽ عرفات جي سفر تي کڻي سگهجي ٿو.

پنهنجي پسند جي ڇٽي Umbrella کٽي وڃڻ چاهيو ٿا تہ ڪاري رنگ جي اها ڇٽي وٺو، جيڪا بند ڪرڻ ۾ ننڍي بہ ٿي سگهي ۽ توهان جي هٿنڊ بئگ ۾ آساني سان اچي وڃي.

مون کي جيڪا سامان جي لسٽ ملي هئي، ان ۾ بوٽ جي پالش ۽ برش بہ لکيل هو. خبر ناهي بوٽ پائڻ جي ڪتي ضرورت پوي ٿي. ڪراچي مان احرام ٻڌي چپل ۾ نڪرجي ٿو تہ سڄو سفر چپل ۾ ئي گذريو وڃي. ها البتہ ڪراچي موٽڻ مهل ڪراچي ايئر پورٽ تي بوٽ شوٽ پائي لهي سگهو ٿا، سو بہ تڏهن جڏهن توهان پنهنجن مائٽن، دوستن، آفيس جي عملي کي پنهنجي آڏرياءَ لاءِ تڪليف ڏني آهي تہ گلن جا هار کڻي اچن. اهڙي صورت ۾ واقعي توهان کي نش مش ٿي بوٽن ۾ ايئر پورٽ کان ٻاهر نڪرڻو پوندو. نہ تہ ٻي صورت ۾ مون وانگر انهن ساڳين هوائي چپلن ۾ ٽئڪسي ۾ چُپڙي ڪري گهر پهچي سگهو ٿا. باقي سئي سڳو، ننڍڙي قئنچي، شيونگ جو سامان، ٽٿ برش ۽ پيسٽ، ضروري دوائون ۽ پلاسٽڪ جو هٿ جو پکو (وڃڻو) کڻي سگهو ٿا.

جنهن زماني ۾، يعني اڄ کان ٽي چار سال اڳ تائين جڏهن منیٰ جي تنبن ۾ ايئر ڪنڊيشن (ڪولر) نہ لڳل هئا تہ سخت گرمي ڪري هرهڪ لاءِ هٿ جو پکو ضروري هو، پر هينئر بہ ڪن ڪن هنڌن تي عرفات جي ميدان تي يا ڪڏهن ڪڏهن بس ۾ پکي جي ضرورت پئجيو وڃي. حج جي سفر تي پاڻ سان دوائون کڻي وڃڻ بيحد ضروري آهن، جو اهي سعودي عرب ۾ تمام مهانگيون آهن. مثال طور، ڪنگهہ جو شربت جيڪو پاڪستان ۾ ويهن پنجويهن رپئي ملي ٿو. سعودي عرب ۾ 51 ريالن کان گهٽ جو نہ ٿو ملي. يعني ٻہ اڍائي سئو رپيا ٿيا. اهڙي طرح سر بيڪس ٽي کان وٺي عام پئناڊال، پونسٽان جهڙيون دوائون پڻ تمام مهانگيون آهن. دوائن ۾ هڪ تہ اهي دوائون کڻي وڃجن، جن جا توهان عادي آهيو يا عام طرح واپرايو ٿا ، جيئن تہ بلڊ پريشر، مني پيشابن جهڙين بيمارين کي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ هر وقت استعمال ڪريو ٿا ۽ ٻيون دوائون احتياط طور، بخار، مٽي جي سور، ٿڌ، زڪام، ڪنگهہ، ڳلي جي خراش جهڙين بيمارين لاءِ اڳواٽ وٺي وڃو، ڇو جو وائرس فلو، ٿڌ، تپ ۽ ڪنگهہ جهڙيون بيماريون تہ سيني کي ٿيو پون. قبضي ۽ ڊائريا جي بہ ماڻهن کي شڪايت رهي ٿي. ٽيون دوائون طاقت لاءِ جيئن تہ سربيڪس ۽ وٽامن سي وغيره.

اسان جي گروپ ۾ ٻہ ڊاڪٽر هئا، هڪ دل جو سرجن ڊاڪٽر فضل ربي ۽ ٻيو جنرل فزيشن ڊاڪٽر شفيق احمد جيڪو تازو آمريڪا جي ڪنهن اسپتال ۾ ڇهہ سال ڪم ڪري آيو هو. ٻنهي وٽ دوائن جو وڏو اسٽاڪ هو ويندي اينٽي بائٽڪ بہ هين ۽ ڪڏهن ڪانئن تہ ڪڏهن فارميسي (دوائن جي دڪان) تان دوائون وٺندا هئاسين. اسان جي گروپ ۾ هڪ فارماسسٽ اسان وارو يار حافظ سعيد احمد بہ هو، جنهن وٽ بہ دوائن جو وڏو اسٽاڪ هو. هن غريب جيتوڻيڪ پنهنجي استعمال لاءِ دوائون آنديون هيون پر اسان بہ ڪانئس ڪڏهن مٿي جي سور جي تہ ڪڏهن ننڊ جي گوري وٺي ڦڪيندا رهياسين، بلڪ ٻنهي ڊاڪٽرن کان جلد حافظ سعيد دوا تجويز ڪندو هو، هو ٻئي ڊاڪٽر سوچيندا رهندا هئا ۽ ڏينهن بہ بنا اينٽي بائٽڪ دوا جي ڪيڏڻ چاهيندا هئا، جو هنن نہ ٿي چاهيو تہ مريض کي يڪدم ڳريون دوائون کائڻ لاءِ چئجي پر حافظ سعيد پري کان پنهنجي بستري تي ليٽي ليٽي پيو چوندو هو تہ "بابا اهو مبشر اس ۾ هلي ٿڌو پاڻي پي آيو آهي ۽ ان کي سخت قسم جي وائرس ٿي پئي آهي. ان کي هينئر ئي اينٽي بائٽڪ جو پنجن ڏينهن جو ڊوز شروع ڪرايو، جيئن منیٰ ڏي هلڻ لاءِ وقت کان اڳ تيار ٿي وڃي".

حافظ سعيد ـ جنهن جو جناح اسپتال جي در وٽ دوائن جو دڪان آهي کي هڪ ڏينهن ڪلندي چيم: "يار ڊاڪٽرن ۽ توهان فارماسسٽن (دوائون وڪڻندڙن) بہ هر ماڻهو کي نپوڙي رکيو آهي" ۽ پوءِ هڪ لطيفو ٻڌايومانس تہ هڪ مريض چيو تہ: "هر مهيني ڊاڪٽر کي ٻڪ پئسن جا ڏئي دوائون لکايان ٿو. آخر هن کي بہ تہ جيئرو رهڻو آهي. پوءِ پئسا ڏئي دوائن جي دڪاندار کان دوائون وٺان ٿو. آخر هن کي بہ تہ جيئرو رهڻو آهي ۽ پوءِ گهر پهچي اهي دوائون ڪچري جي دٻي ۾ اڇلايان ٿو. آخر مون کي بہ تہ جيئرو رهڻو آهي".

حج تي دوائون کڻي وڃڻ لاءِ ڪيترن منع ڪئي تہ جدي ۾ ڪسٽم وارا دوائن جي اجازت نہ ٿا ڏين ۽ جيڪي دوائون حج تي کڻي وڃڻ چاهيو، اهي حاجي ڪئمپ ۾ وينل ڊاڪٽر کان هيلٿ ڪارڊ تي لکائي پوءِ کڻي وڃو، پر مون ڏٺو تہ جدي ۾ عرب ڪسٽم وارن دوائن تي اعتراض نہ پئي ڪيو.

پر عربن جي موڊ بابت ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي. هڪ مثال منهنجي اکين اڳيان آهي. ڪجهہ سال اڳ آئون باءِ ايئر سعودي عرب جي اتراهين شهر دهران جي هوائي اڏي تي لٽس تہ هڪ پاڪستانيءَ کي روڪي ڇڏيائون. هن وٽ Surbex T وٽامن جي شيشي هئي، جنهن ۾ گهم چوسڻ لاءِ اڇي ننڍڙي ڳوٽري ۾ Absorber ٿئي ٿو. ڪسٽم واري کي سمجهہ ۾ نہ اچي تہ دوائن جي شيشي ۾ اها ڪهڙي شيءِ آهي. ان شايد ان کي چرس سمجهيو ۽ پوءِ ڪلاڪ ڏيڍ بعد سرڪاري ڪيمسٽ اچي ان کي چيڪ ڪري جڏهن رپورٽ ڏني تہ ان ۾ ڪا خاص شيءِ ناهي، تڏهن ان مسافر جي جان ڇٽي.

کائڻ پيئڻ جي شين، منائي، فروٽ وغيره کڻي وڃڻ تي پڻ روڪ ٽيل آهي. ان ڪري بهتر آهي تہ ان قسم جون شيون نہ کڻي وڃجن. هر مسافر کي ٽيهہ ڪلو وزن کڻڻ جي اجازت جيڪو ڇٽو خاصو وزن آهي. هونءَ عام انٽرنيشنل پئسينجر کي ڪنهن بہ ملڪ ويندي فقط ويهہ ڪلو بار کڻڻ جي اجازت هوندي آهي.

مديني ۾ گھڻو ڪري رهائش هوٽلن ۾ ٿئي ٿي. ڪجھ هوٽلون ته بلڪل فليٽن جھڙيون آهن. بهرحال مديني ۾ ڪٿون يا پلنگ ملن ٿا، انهن سان گڏ چادرون پڻ پر مڪي ۾ جتي ڪٿي رهائش پٽ تي ڪئي وئي آهي ۽ هر مسافر کي سمهڻ لاءِ اڍائي فوٽ ويڪرو ۽ ڇھ فوٽ ڪن ڊگھو اسٽيج جو گاديلو ۽ وهاڻو ملي ٿو. مٿان اوڍڻ لاءِ پنهنجي چادر استعمال ڪرڻي پوي ٿي. ايئر ڪنڊيشنر هلڻ ڪري رات جو ٺار ٿئي ٿو، ان ڪري بهتر آهي ڪا ٿلهي چادر پاڻ سان ڪڻي وڃجي، نه ته به احرام واريون چادرون استعمال ڪري سگھجن ٿيون.

بهتر اهو ئي آهي ته تالي واري بئگ استعمال ڪجي، ان کان علاوه ان بئگ کي ڪنهن نئلان جي رسي سان پڻ ٻڌي ڇڏجي، ڇو جو ڪڏهن ڪڏهن هوائي جهاز ۾ سامان چاڙهڻ ۽ لاهڻ وارا تمام بيدردي سان سامان کي اڇلين ٿا ۽ تالو ٽٽڻ تي سامان سنڀالڻ مسئلو ٿيو پوي. پاڻ سان پلاسٽڪ جي پليٽ، چانهه لاءِ مگ ۽ هڪ ننڍو ۽ هڪ وڏو چمچو رکڻ بهتر آهي. مصلو (جاءِ نماز) پاڻ سان هتان به ڪڻي وڃي سگھو ٿا ۽ اتي به توهان کي هر قسم جو مصلو ۽ ٽوپي ملي سگھندي. بار گھٽائڻ لاءِ جيترو ٿي سگھي سنهو مصلو ڪڻجي.

حاجي ڪئمپ ۾ گردن توڙ بخار جي سئي پڻ لڳائي وڃي ٿي، جيڪا مسافر جي حق ۾ بهتر آهي ته ضرور لڳرائي. هيلٿ ڪارڊ تي ان جو ٺپو هڻائي، ڇو ته جدي ايئر پورٽ تي پهچي ان بابت پڇيو وڃي ٿو. اها سئي ته سرڪاري طرح ضروري آهي پر بهتر اهو آهي ته فلو يا وائرس جي به سئي هڻائي. مڪي ۾ جڏهن سپني کي بخار ٿي پيو ته ڪيترن جي واتان اهو ٻڌو ته بهتر هو ته 200 رپيا خرچ ڪري ڪراچي مان فلو وائرس جي خلاف سئي لڳرائي اچجي ها.

مڪي ۽ مديني ۾ حاجين لاءِ سعودي حڪومت طرفان اسپتالون پڻ آهن. جتي هن کي مفت دوائون ملن ٿيون پر اتي به گھڻي ڏم ائنٽي بائٽڪ تي آهي پر اهو آهي ته دوائون بيحد اوچيون ڏين ٿا. مون به مڪي ۽ مديني جي اسپتالن مان ڪنگھ جو شربت ورتو، جيڪو سئٽزرليند جي ڪنهن ڪمپني جو ٺهيل هو پر ڪنگھ نه لٿي، ڪنگھ ان پاڪستاني دوا مان لٿي، جيڪا هڪ ڳوٺ جي حاجي ڏني. جنهن دوا جي شيشي ٻاهران جهرڪي ٺهيل آهي، جنهن جو ڪو ڳلو پيو نپوڙي. هن وقت ان دوا جو نالو ياد نه اٿم، پر مطلب اهو ته ڪيترين حالتن ۾ اسان لاءِ اسان جي ملڪ جون ٺهيل دوائون وڌيڪ ڪارآمد ثابت ٿيون آهن. شايد اهي اسان جي مزاج مطابق ٺاهيون وڃن ٿيون.

# جدي ايئر پورٽ تي

حج جي سفر کي مختلف ڏاڪن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. گهر کان حاجي ڪئمپ جنهن کي بيت الحجاج به سڏجي ٿو. سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجي گهرن کان ڪراچي جي حاجي ڪئمپ ۾ پهچن ٿا، جتي هو ٻه يا ٽي ڏينهن رهي حج بابت تربيت وٺن ٿا ته حج ڪيئن ڪجي. آخري ڏينهن تي حج جي سفر جا ڪاغذ پٽ، پاسپورٽ ۽ غير ملڪي ناڻو وٺن ٿا.

2. بيت الحجاج (حاجي ڪئمپ) ڪراچي کان ڪراچي جي ايئر پورٽ ڏي روانگي.

ڪيترا ئي حاجي خاص ڪري ڪراچي جا حاجي ڪئمپ وڃڻ بدران گهر کان سڌو ايئر پورٽ پهچن ٿا. حاجي ڪئمپ مان هو فقط ڪاغذ پٽ وغيره هڪ ڏينهن اڳ وٺيو ڇڏين.

3. جدي ايئر پورٽ تي پهچڻ ۽ بس ذريعي مڪي روانگي.

4. مڪي شريف کان مديني منور ڏي بس ذريعي روانگي ۽ هفتي ڏيڍ بعد وري مڪي واپس اچڻ.

5. مڪي شريف کان منىٰ، عرفات، مزدلفه ڏي بس ذريعي (يا ڪتي ڪتي پنڌ) روانگي ۽ پنجن ڏينهن بعد مڪي واپسي.

6. مڪي شريف کان وطن واپس موٽڻ لاءِ جدي ايئر پورٽ تي پهچڻ ۽ هوائي جهاز رستي ڪراچي موٽڻ.

اهي مسافر جيڪي حج جي ويجهن ڏينهن ۾ مڪي پهچن ٿا، اهي حج ڪرڻ بعد سفر جا، آخري ڏينهن مديني ۾ گذارين ٿا ۽ پوءِ مديني مان ئي وطن ورن ٿا، يعني مديني کان سڌو جدي ايئر پورٽ تي اچن ٿا.

جدو مڪي جي ويجهو هئڻ ڪري ۽ ڪراچي وانگر Commercial City (واپاري شهر) هجڻ ڪري ڪيترا حاجي خريداريءَ لاءِ پنهنجن مٽن مائٽن سان ملڻ لاءِ مڪي کان جدي بس يا ٽئڪسي ذريعي ايندا ويندا رهن ٿا. پر هاڻ سعودي عرب جي حڪومت ان تي به سختي ڪئي آهي ۽ هن سال ڪيترن حاجين کي جدي شهر ڏي ويندي يا جدي کان سندن مائٽن کي مڪي ايندي ڏنڊ هنيو آهي. ٿي سگهي ٿو ٻئي سال کان حاجين جي ان غير قانوني چرپر تي اجا به وڌيڪ سختي ٿئي.

حاجين کي اهو معلوم هئڻ کپي ته هو حج جي پاسپورٽ تي فقط مڪي ۽ مديني شهرن ۾ رهي سگهن ٿا. وڌ ۾ وڌ انهن شهرن جي اوس پاس جون مذهبي ۽ تواريخي شيون (زيارتون) ڏسي سگهن ٿا. جيئن ته غار حرا، غار ثور، مسجد عائشه، مسجد قبه وغيره وغيره. جدي فقط موٽڻ مهل وڃي سگهن ٿا، سو به سڌو ايئر پورٽ جي حج ٽرمينل تي. شهر ۾ گهمڻ جي اجازت نه آهي، جيڪڏهن ڪو جدي شهر ۾ وڃي به ٿو ته هو اهو غير قانوني ڪم ڪري ٿو.

اسان پي. آءِ اي جي هوائي جهاز ذريعي جدي پهتاسين، اسان جي ڪراچي کان فلائيٽ صبح جو ستين بجي هئي. چار ڪلاڪ گهٽ ۾ گهٽ اڳ پهچڻو هو. يعني گهران ٽي بجي ڏاري نڪرڻو پيو. ڪلاڪ ٻه تياري ڪرڻ، احرام ٻڌڻ، نفل پڙهڻ ۾ لڳي ٿو. يعني اها رات ڪير ستو هوندو. دراصل صبح جو 6 يا 7 جهڙو اڏام جو وقت رکڻ انٽرنيشنل مسافر لاءِ به مصيبت آهي. يعني جيڪو گهمڻ لاءِ ٻئي ملڪ وڃي ٿو. ان لاءِ به اهو ڏکيو ٽائيم آهي پر ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اهو ته سک آهي ته هو سنگاپور، ڪوالالمپور يا دبئي تهران جي هوائي اڏي تي پهچي سڌو هوٽل روانو ٿئي ٿو ۽ سمهيو رهي.

حاجين جي اڏامن جو پروگرام ناهڻ وارن کي گهٽ ۾ گهٽ اهو سوچڻ کپي ته حاجين کي فقط جدي ايئر پورٽ تائين پهچڻو نه آهي. هنن جو سفر ته اجا به اڳتي مڪي تائين آهي ۽ مڪي شريف به پهچي هنن کي لٽ ڪوڙي ٻارهن ڪلاڪ سمهڻو نه آهي پر طواف ۽ سعي لاءِ پنڌ ڪرڻو آهي. جماعت سان نمازون پڙهڻيون آهن ۽ پوءِ جنهن

اسٽائيل ۾ هنن کي رهڻو پوي ٿو. جنهن قسم جي هنن کي زندگي گذارڻي پوي ٿي. اها هڪ قسم جي Camp Life آهي.

سعودي عرب حڪومت، بنا ڪنهن شڪ جي حاجين جي سک لاءِ ڏاڍا اپاءَ ورتا آهن. ان لاءِ هرڪو تعريف ڪري ٿو پر اجا بہ ڪن ڪن هنڌن تي هنن جو نظام ۽ طريقو تمام ناقص ۽ اڄرچ ۾ وجهندڙ لڳي ٿو. انهن مان هڪ تہ جدي ايئر پورٽ تي حاجين جي Entry (داخل ٿيڻ) ۽ واپسي لاءِ Exit (ٻاهر نڪرڻ) آهي. عام طرح ڪنهن بہ ملڪ ۾ توهان وڃو ٿا تہ هيئن ٿئي ٿو: جهاز جي پهچڻ سان توهان هٿ جو سامان ڪٺي هوائي جهاز مان نڪري ايئرپورٽ ۾ گهڙو ٿا، جتي اميگريشن ڪاتي وارا توهان جو پاسپورٽ چيڪ ڪن ٿا. هوائي جهاز جي سائيز مطابق هڪ يا ٻہ آفيسر چڪاس لاءِ ويهن، جن اڳيان هر مسافر قطار ۾ ايندو ويندو آهي ۽ هو بنا ڪنهن انتظار ڪرائڻ جي هرهڪ جو پاسپورٽ، ويزا ۽ هيلٿ ڪارڊ ڏسندو ويندو آهي.

پئسينجر اميگريشن وارن کان پاسپورٽ تي Entry جو ٺپو هڻائي ٻئي هال ۾ پهچندو آهي تہ سامان اچڻ شروع ٿي ويندو آهي،جيڪو گول پٽي تي پيو ڦرندو آهي. هر ڪو پنهنجو سامان ٽراليءَ تي رکي ڪسٽم وارن کان چيڪ ڪرائي ٻاهر هليو ويندو آهي ۽ اڄو ٿي ويندو آهي. ڪنهن وٽ اعتراض جوڳو سامان هوندو آهي تہ هو ترسي ٽيڪس يا ڊيوٽي ڀريندو آهي. اهڙي طرح حاجين جي بہ Entry ٿي سگهي ٿي. پر جدي ايئرپورٽ تي حج لاءِ آيل مسافرن کي هوائي جهاز مان لهي هڪ هال ۾ اچي انتظار ڪرڻو پوي ٿو. جتي جيتوڻيڪ پلاسٽڪ جون ڪرسيون رکيون آهن پر ايتريون نہ آهن جو سڀ ويهي سگهن ۽ جيتوڻيڪ ايئرڪنڊيشنر هلندو رهي ٿو پر ماڻهن جي وڏي تعداد ڪري گهٽ (Suffocation) رهي ٿي. هرڪو ان انتظار ۾ رهي ٿو تہ اجهو ٿي جان ڇٽي ۽ ٻاهر ڪڍن، ان آسري تي هو هر وقت نماٽيون اکيون ڪٽي ڪلف لڳل وردين ۾ بي نياز ٿي هلندڙ سعودي اميگريشن پوليس ڏي نهاريندو رهي ٿو. آخر اڌ ڪلاڪ کن بعد پوليس ٿورا ٿورا ڪري ٻئي ڪمري ۾ ماڻهو موڪلي ٿي جتي پاسپورٽ چيڪ ڪيا وڃن ٿا ۽ هيلٿ ڪارڊ ڏٺا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ٿيڻ تہ هيئن کپي (جيئن ٻين ايئرپورٽن تي ٿئي ٿو) تہ هوائي جهاز مان جيڪو لهندو وڃي اهو پاسپورٽ ڏيکاري ٺپو هڻائيندو وڃي پر هتي تيسين پاسپورٽ جي چڪاس جو ڪم شروع نٿا ڪن جيسين سڄي جهاز جا مسافر اچي گڏ ٿين ۽ پوءِ بہ ڪافي دير ويهاري پوءِ پاسپورٽ جو ڪم شروع ڪن ٿا.

بهرحال پاسپورٽ ۽ ويزا وغيره جي چڪاس لاءِ ڌڪ ڌڪ ويھ ويھ ڪري ٻئي ڪمري ۾ گهرايا وڃن ٿا. جن جا هيلٿ ڪارڊ صحيح نہ آهن ۽ سيون لڳل نہ آهن انهن کي اتي لڳرائڻ لاءِ چيو وڃي ٿو ۽ پوءِ انهن کي ٽئي ڪمري ۾ موڪليو وڃي ٿو جتي هوائي جهاز مان لهندڙ سامان ايندو رهي ٿو يا اچي گڏ ٿي چڪو آهي. هاڻي ان ٽئي نمبر ڪمري ۾ جيڪو اڌ ڪان وڌيڪ تہ سامان سان ڀرجي چڪو آهي، آيل مسافرن کي پنهنجو پنهنجو سامان ڪٺي اڳتي وڌڻ جي اجازت نٿي ڏني وڃي پر انهن کي اتي وري انتظار ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ٿو، جتي ويهڻ لاءِ اجان بہ گهٽ ڪرسيون رکيل آهن. پوءِ ويچارا مجبور مسافر ڪڏهن هڪ ٽنگ تي تہ ڪڏهن ٻي ٽنگ تي بيٺا رهن ٿا. ڪيترا ويچارا پوڙها، ڪمزور ۽ بيمار پٽ تي ويهو رهن،جيسين ڌڪ ڌڪ ويھ ويھ ٿيندا سڄي هوائي جهاز جا مسافر ان ٽئي ڪمري ۾ گڏ ٿين، ڪو پنهنجي سامان ۾ هٿ وجهندو آهي يا اونڌي ٿيل بئگ کي سڌو ڪندو آهي تہ سامان لاهڻ وارا انچارج، پوليس، ويندي پورٽر (Coliee)جيڪي اسان جي تر وارن ملڪن (بنگلاديش، سائوٿ انڊيا ۽ سريلنڪا) جا آهن، اهي بہ ان مسافر کي دڙڪو ڏيندا آهن تہ صبر ڪر صبر، ٿورو پنيان ٿي بيھ ۽ پوءِ ڪجھ دير بعد نہ پويان بيهڻ جي جاءِ هوندي آهي نہ اڳيان وڌڻ جي ماڻهوءَ جي ساھ سان ساھ پيو ملندو آهي Suffocation.گُهٽ ايڏي وڏي ويندي آهي جو هلندڙ ايئرڪنڊيشنر ۾ بہ پگهر پيو ايندو آهي هڪ ٻن عورتن کي تہ ان حالت ۾ ابڙاڪ ۽ الٽيون ڪيندي ڏٺم.

سامان بہ جيئن جيئن ايندو آهي، تيئن تيئن پهرين جو آيل سامان دٻجي ويندو آهي ۽ هر هڪ پريشان هوندو آهي تہ چار سو کن مسافرن جي ڇھ سو کن ننگن مان پنهنجي بئگ ۽ ٿيلهو ڪيئن ڳولجي، هر هڪ جو ٽڪُ ۽ پريشاني وڌندي رهندي آهي. گهر کان ڪراچي ايئرپورٽ ۽ هوائي جهاز ۾ سڄو سفر جن الله جي ٻندن تازگي محسوس پئي ڪئي اهي بہ هاڻ ٿڪاوٽ محسوس ڪن ٿا. هوائي جهاز مان لهڻ تائين جيڪا بلند آواز ۾ تلبيھ

ٻڌڻ ۾ اچي رهي هئي ان ۾ نستائي اچي وڃي ٿي. رڪي رڪي لبيڪ اللهم لبيڪ... آئون حاضر آهيان يا الله آئون حاضر آهيان.... جو آواز ته اچي ٿو پر هر هڪ جون اکيون ۽ ڌيان پنهنجي سامان ڏي رهي ٿو. اتي پوليس وارو وڏي شان سان اشارو ڪري ٿو ته پنهنجو پنهنجو سامان کڻي ڪسٽم چيڪنگ لاءِ هلو. پوليس جي اشاري ڏيڻ سان هر هڪ مسافر سامان تي ڪري پوي ٿو. منهنجي بئگ، منهنجو ٿيلهو، فلاڻا منهنجي فلاڻي رنگ واري پيتي ڏنئي، عجيب حال رهي ٿو ۽ هي حال ڇا هن دفعي ٿي رهيو آهي؟ مون سوچيو. هرگز نه لڳي ٿو هي ڪم سالن کان ائين ٿي رهيو آهي جو ممتاز مفتي 1968ع ۾ ڪيل حج جي "لبيڪ" نالي سفرنامي ۾ پڻ ان ڳالهه جو نظارو چٽيو آهي جو سندس اکرن ۾ هن ريت آهي:

"هٿن ۾ ٿيلها، ٽوڪريون، پاٽيءَ جون بوتلون، ڪلهن تي رکيل ڪمبل لوئيون ۽ هر هر هيٺ سر ڪنڌڙ احرام جي مٿين چادر کي سنڀاليندا هو سڀ بئگن، سوٽ ڪيسن، ٽرنڪن ۽ هنڌ بستري ڏي وڌيا ۽ پوءِ هڪ گوڙ مچي ويو. "هيءَ بئگ منهنجي آهي." "منهنجي بئگ ڪيڏانهن وئي؟" "منهنجي ٽوڪري هتي پئي هئي؟" "منهنجو سامان نه آيو؟" "منهنجو سامان نظر نه پيو اچي" لڳاتار ٻن ڪلاڪن تائين نفسا نفسيءَ جو عالم رهيو. مسلسل ٻه ڪلاڪ سامان سامان، سامان، سامان جو آواز گونجندو رهيو. "سامان ڪيڏانهن ويو؟" "سامان سنڀال." "سامان چيڪ ڪر." "سامان گم نه ڪجانءِ" "سامان جهلجانءِ". "سامان ڏجانءِ." "منهنجو سامان." "هاءِ منهنجو سامان".

اهي چپ جيڪي هوائي جهاز ۾ چري رهيا هئا اهي هتي اچي هڪ هنڌ بيهي رهيا. تسبيحون جيڪي سفر دوران آڱرين ۾ سريون پئي اهي ڪراين تي واچن وانگر چڙهي ويون. چهرا جيڪي تقدس سان پريل اميدن سان منور هئا سامان جي چاهه ۾ فڪرمند ٿي وسامي ويا.

"ان وقت ائين ٿي لڳو ڄڻ اسان سيني هيڏو ڏگهو سفر فقط ان لاءِ اختيار ڪيو هو ته جدي ايئرپورٽ تي پهچي پنهنجو سامان حاصل ڪري سگهون. ان وقت سامان ڪانسواءِ ڪائنات ۾ڪجهه به نه هو. سامان اسان جي منزل هو سامان اسان جي مراد هو. سامان لاءِ اسان جون اکيون واجهائي رهيون هيون ڪنهن کي اهو ياد نه پئي آيو ته اسين مسافر آهيون ۽ حج جي غرض سان آيا آهيون. ڪنهن کي شعور نه پئي ٿيو ته هيءَ اها سرزمين آهي جتي ٻي سرو ساماني سامان بڻجيو وڃي. هو سڀ رڙيون ڪري رهيا هئا: "اي سامان آئون حاضر آهيان. تنهنجو ڪو شريڪ ناهي. اي سامان آئون حاضر آهيان".

بهرحال مس مس مسافرن کي سامان ملڻ شروع ٿيو ۽ جنهن جو هڪ يا ٻه ننگ هئا اهي جلد آزاد ٿيندا ويا جو هنن کي ٻين کان اڳ ملي پئي ويا جن جا وڌيڪ ننگ هئا، خاص ڪري انهن مردن جا جن سان گڏ عورتون هيون يا پوڙهو پيءُ، چاچو هو. انهن کي ٻين جون ٻه بئگون ڳولڻيون پيون ٿي. بلڪ ڳولهي انهن پوڙهن ۽ عورتن وٽ گڏ ڪندا ويا، پوءِ ڪسٽم واري وٽ پهتا ٿي. ڪسٽم واري ڪنهن جو چڱي طرح سامان کولي ڏٺو ٿي ته ڪنهن جو فقط متاچري انداز ۾، جن جو سڄو سامان ٻاهر ڪڍيو ويو ٿي انهن لاءِ ان ساڳي بئگ يا سوٽ ڪيس ۾سامان واپس وجهڻ مسئلو ٿي پيو ٿي. زمين ۾ ڪڏ ڪوٽي وري ساڳي مٽي واپس وجهڻ سان ڪجهه مٽي ضرور بچي پوندي آهي. بئگ مان نڪتل سامان به مٽيءَ وانگر آهي. گهر ۾ ته هڪ هڪ شيءَ چڱي طرح هڪ ٻئي سان ملائي بئگ ۾ رکي وڃي ٿي. هتي تڙ تڪڙ ۾ ڪٿي ٿي ائين سيٽ ٿي سگهي. ان ڪري هميشه چوندا آهن ته بئگ سامان کان ڪجهه وڏي هجڻ کپي. جيئن رستي تي پاڻ کولي ڪو سامان ڪڍڻ تي يا ڪسٽم چيڪنگ بعد سمورو سامان بئگ ۾ اچي وڃي. يا ٻي صورت ۾ هڪ يا ٻه ٿلهي پلاسٽڪ جا شاپر ڪڻجن، جيئن بئگ ۾ نه ويندڙ سامان انهن ٿيلهين ۾ ڪٺي سگهجي.

بئگن جي اٿل پٿل ڪري ڪن همراهن جون بئگون کلي پيون يا تالو ٽٽڻ ڪري سامان ٻاهر نڪري آيو. ويچارا سخت پريشان هئا. عجيب نفسا نفسيءَ جو عالم هو جنهن ۾ هر هڪ مجبور نظر آيو ٿي، هو ڇا ٻئي کي مدد ڪري. انهي ڪري شروع ۾ سامان جي لسٽ ۾ لکي آيو آهيان ته بئگ ۾ پلي ڪٽي تالو هجي پر نئلان جي رسيءَ سان ضرور ٻڌجي يا بئگ ۾ ڪجهه رسي ضرور رکجي، جيئن ههڙي ايمرجنسيءَ ۾ ڪم اچي سگهي.

ڪسٽم وارن کي سامان ڏيکاري، ڪائنٽ بئگ جي ٻاهران مارڪر سان منڊيٽڙو هٽائي ايئرپورٽ جي بلڊنگ کان ٻاهر نڪري رستي تي آياسين تہ ڪجھ همراھ پاڪستاني اسان جو سامان ڪٽائڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ آيا. هو وڏيون ٽراليون ڪٽي آيا هئا جن ۾ ٽيهارو ڪن بئگون، ٿيلها اچي ويا ٿي. اسانکي هاڻي جدي جي ان هوائي اڏي کان بس ذريعي مڪي شريف پهچڻو هو. مون سمجهيو هي سامان سوڌو اسان کي بسن تي چاڙهيندا ۽ اسان کي مڪي پهچي اهو سامان ملندو. پر اسان کي اشارو ڪري ٻڌايو ويو تہ توهان سامهون حاجي ڪئمپ ۾ ويهو سامان بہ اتي ٿو اچي.

جدي واري حاجي ڪئمپ وڏن تنبن جي ٺهيل آهي. جنهن ۾ مختلف ملڪن جا سيڪشن آهن. ويهڻ لاءِ ڪيترائي ڪوچ رکيل هئا. ٿوري ٿوري فاصلي تي مردن ۽ عورتن جا ڌار ڌار ڪيترائي غسلخانا نظر آيا ۽ وضوءَ لاءِ بہ ويهارو کن نلڪيون ۽ صندليون هيون، جن تي ويهي وضو ڪري سگهجي ٿوري ٿوري فاصلي تي ڪارڊ وارا ٽيليفون هئا. مختلف شين جا دڪان هئا، وڏي ڳالھ تہ ٿڌي ٿڌي هوا پئي لڳي. ان ٿڌي هوا ڪري يا ٿڪ ڪري، هر هڪ کي ننڊ پئي آئي. پر ان گهيرٽ مان هر هڪ پاڻ کي سجاڳ ڪري رکي رکي سامان جو ٿي پڇيو. آخر جواب اهو ئي مليو پئي تہ سامان اچي ويندو، تيسين هر هڪ گروپ جا ڌار ڌار ٿي ويهو جو هر بس هڪ گروپ جيترا ماڻهو (يعني پنجاھ) کن ڪٽي مڪي هلندي.

ماڻهو هڪ هڪ بہ بہ ٿيندا ايئرپورٽ کان ايندا ويا. صبح جو ستين بجي ڪراچيءَ کان هوائي جهاز اڏاڻو هو ۽ ٽن ڪلاڪن بعد جدي جي مقامي وقت مطابق انين بجي پهتو (يعني پاڪستان ۾ ان وقت ڏھ ٿيا هئا، جو پاڪستان سعودي عرب جو وقت جي وچ ۾ ٻن ڪلاڪن جو فرق آهي.) ماڻهن جو حاجي ڪئمپ ۾ گڏ ٿيندي ٿيندي منجهند جا ٻارهن ٿي ويا ۽ پوءِ خبر پئي تہ سيني ماڻهن جو سامان هڪ دفعو وري گڏوگڏ اچي رهيو آهي. هڪ دفعو وري ماڻهن ٽرالين مٿان الرون ڪيون ۽ پنهنجو پنهنجو سامان ڪٽي پنهنجي گروپ واري ڪنڊ ۾ پنهنجي اڳيان اچي رکيو. ان بعد سيني گڏجي جماعت سان ظهر نماز پڙهي. پي آءِ اي وارن هوائي جهاز مان لهڻ وقت هرهڪ کي کاڌي پيتي جي ٿيلهي ڏني هئي، جيڪا کولي کائڻ شروع ڪئيسين.

اسان جي گروپ جي بس ٻي بجي ڏاري آئي، جنهن جي ڇت تي بس جي ماڻهن سامان چاڙهيو.

بهرحال جدي جي ايئرپورٽ تي چار پنج ڪلاڪ گذارڻ جي ڪٿا فقط ان ڪري بيان ڪئي اٿم تہ جيئن هن سفر جي مسافرن کي معلوم رهي تہ هيئن بہ ٿئي ٿو ۽ هنن کي اها ڳالھ ذهن تي هجي ۽ان کي برداشت ڪرڻ لاءِ هو پاڻ ۾ اڳواٽ همت قائم رکن. بلڪ اهڙن موقعن تي جڏهن اسان سڀ سامان جي هڻ وٺ ۾ بيٺا هئاسين، ڪي ڪي مسافر ڪنڊ پاسو وٺي، پٽ کي ٽيڪ ڏئي آرام پئي ڪيائون يا ويٺي ويٺي ننڊ پئي ڪيائون. سڀ ۾ بهتر اهي رهيا جو هو هر وقت فريش نظر آيا ٿي.

ٿي سگهي ٿو اڳتي هلي سعودي حڪومت ان سلسلي ۾ ڪو نئون طريقو اختيار ڪري جنهن ۾ حاجين جو وقت بہ بچي پوي ۽ ساڳي وقت ڪين سامان ڳولڻ ۽ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ، هر هر ڊوئڻ کان نجات ملي وڃي، تيسين هر حج جي مسافر کي هيءَ تڪليف Expect ڪرڻ کپي ۽ صبر سان منهن ڏيڻ کپي. ساڳي حالت واپسيءَ تي بہ ٿئي ٿي ۽ چار پنج ڪلاڪ ضايع ٿيو وڃن. دراصل انهن ڳالهين ڪري حج لاءِ ايندي وقت ۽ حج ڪري ڪراچي واپس موٽڻ وقت، چڱا ڀلا ماڻهو بہ بيمار ٿيو پون.

جدي کان مڪي شريف واري سفر ۾ هي ڳالهيون ٿين ٿيون:

سيني کي پنهنجا پاسپورٽ، بس ۾ چڙهڻ کان اڳ ڊرائيور کي ڏيڻا پون ٿا، جيڪي مڪي پهچي اهي پاسپورٽ معلم حوالي ڪري ٿو. هن سفر جو ڀاڙو مسافرن کي ڏيڻو ناهي. اهو حڪومت پاڪستان ادا ڪري ٿي ۽ اهو ڀاڙو توهان کان اڳواٽ درخواست سان گڏ وصول ڪيو وڃي ٿو.

مڪي پهچي معلم توهان کي توهان جي رهائشگاھ تي وٺي هلي ٿو. جيڪو حڪومت پاڪستان طرفان توهان لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، (اسان جي گروپ رهائش جو پاڻهي بندوبست ڪيو هو ان هوندي بہ مڪي پهچي پهرين

معلم جي آفيس ۾ ڪيس اطلاع ڪيوسين. بلڪ بس وارو پهررين معلم جي آفيس ۾ وٺي آيو) معلم سيني جا پاسپورٽ پاڻ وٽ رکي، ان جي عيوض پاسپورٽ جو هڪ صفحو ڦاڙي توهان کي ڏيندو، جيڪو توهان جو شناخت نامون ۽ مڪي ۾ رهڻ جو اجازتنامو هوندو جيڪو توهان کي هر وقت پاڻ سان رکڻو پوندو. ان کان علاوه توهان جو معلم توهان کي معلم ڪارڊ بہ ڏيندو، جنهن ۾ معلم بابت معلومات ۽ توهان جي مڪي جي رهائش جي ائڊريس هوندي، ان ڪارڊ کي بہ توهان کي پاڻ سان رکڻو آهي.

مڪي ۾ پهچڻ بعد توهان کي پهريون ڪم اهو ڪرڻو آهي تہ عمرو ادا ڪجي جيئن توهان احرام جي حالت مان نڪري سگهو. هتي احرام بابت ڪجهہ لکڻ بي محل نہ ٿيندو .

# احرام، حج عمرو ۽ ميقات

## احرام

احرام جي معنىٰ آهي حرام ڪرڻ. حاجي جڏهن حج يا عمري جي نيت ڪري ٿو ۽ تلبيه پڙهي ٿو ته هن تي ڪجهه شيون حرام ٿيو وڃن، جيڪي هونءَ جيتوڻيڪ حلال آهن. مثال طور: خوشبوءِ لڳائڻ، متو ڍڪڻ، ننهه ڪترڻ، جانورن يا پکين جو شڪار ڪرڻ وغيره وغيره. ساڳي وقت احرام انهن سفيد اڻ سبيل چادرن کي به چئجي ٿو، جن کي حاجي احرام جي حالت ۾ استعمال ڪن ٿا. انهن مان هڪ چادر گوڏ طور استعمال ڪجي ٿي ته ٻي جسم جو مٿيون حصو ڍڪڻ لاءِ احرام جي حالت ۾ ڪوبه سبيل ڪپڙو سٽڻ قميص، پتلون پجامو، گنجي سئيٽر، جئڪيٽ ڪوٽ، ڪچو جوراب پائي نٿو سگهجي. پيرن جو مٿيون حصو، جيڪو ٽنگ سان ملي ٿو، اگهاڙو رکڻو آهي. ان ڪري پيرن ۾ پائڻ لاءِ هوائي قسم جو ٻن پٽن وارو اسپنج جو چپل مناسب شيءِ آهي.

احرام جي حالت ۾ عورتون سبيل ڪپڙا پائي سگهن ٿيون. انهن مٿان عبا يا وڏي چادر اوڍين ۽ رومال سان مٿي کي چڱي طرح ڍڪين، جيئن هڪ به وار نظر نه اچي. هنن کي پنهنجو منهن کليل رکڻ کپي. جيڪڏهن ڪٿي پڙدو ڪرڻو آهي ته ڪپڙو اهڙي طرح منهن اڳيان لڙڪائين يا رکن، جيئن منهن کي نه لڳي بهرحال ان بابت وڌيڪ تفصيل ته احرام جي حالت ۾ ڪهڙين شين کان پري رهجي. عورت جي ناپاڪ هجي ته هن کي ڇا ڪرڻ کپي. وغيره، "ڪتاب الحج" نالي ڪتابن مان معلوم ٿي سگهي ٿو. هن قسم جي دعائن ۽ طريقن جا ڪتاب نه فقط بازار ۾ عام ملن ٿا پر حج تي ويندڙن کي ڪيترائي ادارا ۽ ڪمپنيون، خير جو ڪم سمجهي ڏين ٿا. جدي ايئرپورٽ تي به سعودي حڪومت طرفان ملن ٿا. ان کان علاوه جنهن عالم، مولوي مفتي کان توهان جي دل چاهي پڇي سگهو ٿا.

احرام (يعني سفيد لنڊي، ٽوال يا ڪنهن بي ڪپڙي جون چادرون) ٻڌڻ ۽ عمري يا حج جي نيت ڪرڻ بعد ٿي دفعا تلبيه پڙهيو وڃي ٿو. ان کان پوءِ هر تبديليءَ وقت تلبيه پڙهڻ ضروري آهي. مثال طور: سمهندي، جاڳندي، اٿندي ويهندي، بلندي تي چڙهندي، ڪنهن سواري ۾ سوار ٿيندي، لهندي پڙهي وڃي ٿي.

لغت جي حساب سان تلبيه جي معنىٰ آهي، ڪنهن جي سڏ کي قبول ڪرڻ ۽ حاضر ٿين. الله تعالىٰ پنهنجي رحمت سان پنهنجن ٻانهن کي جو سڏرايو آهي ٻانهي جي طرف کان هيءَ تلبيه "لبيڪ اللهم لبيڪ..." ان ڏس جو جواب ۽ حاضريءَ جو اعلان آهي.

هر هڪ حاجيءَ لاءِ ضروري آهي ته هو تلبيه برزبان ياد رکي:

لَبيڪَ اَللهُم لَبيڪَ

لَبيڪَ لاشَريڪَ لَڪَ لَبَيڪَ

انَ الحَمدَ واَلنَعمَة لَڪَ وَالمُلڪَ

لاَ شَرِيڪَ لَڪَ

"آئون حاضر آهيان، يا الله آئون حاضر آهيان،

آئون حاضر آهيان، تنهنجو ڪو شريڪ ناهي، آئون حاضر آهيان.

بيشڪ سڀني تعريفون ۽ نعمتون تنهنجي لاءِ آهن ۽ ملڪ پڻ،

تنهنجو ڪو شريڪ ناهي."

### حج ۽ عمري ۾ فرق

حج ۾ عمرو زندگيءَ ۾ فقط هڪ دفعو فرض آهي، جيئن حديث صحيح ۾ رسول الله ﷺ جو ارشاد آهي: "حج هڪ دفعو فرض آهي. هڪ کان وڌيڪ دفعا ڪرڻ تي اهو نفل آهي."

عمر کي ننڍو حج بہ سڏجي ٿو. عمرو ڪڏهن بہ ڪري سگهجي ٿو، سواءِ حج جي پنجن ڏينهن جي. عمري جا هي فرائض آهن:

1. ميقات يا حل (حرم جي حدن کان ٻاهر واري جاءِ) کان احرام ٻڌڻ ۽ تلبيه پڙهڻ.

2. خانہ ڪعبہ جو طواف ڪرڻ.

3. صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي (ست ڦيرا) ڪرڻ.

ان بعد مٿي جا وار ڪوڙائڻ يا ننڍهم ڪرائڻ واجب آهي ۽ ان کانپوءِ توهان احرام وارين پابندين کان آزاد ٿيو وڃو ۽ احرام (ٻہ چادرون جن سان توهان جسم کي ڍڪيو آهي) لاهي عام ڪپڙا پائي سگهو ٿا.

حج 9 هجريءَ ۾ فرض ٿيو. ان ئي سال رسول الله ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن کي امير الحجاج ناهي ان سان گڏ سو کن اصحابين جو ٽولو حج جي قافلي لاءِ موڪليو. ياد رهي تہ ان کان اڳ بيت الله کي حضرت ابراهيم عليہ السلام جي ڏينهن کان وٺي ڪافرن توڙي وحدانيت ۾ يقين رکڻ وارن الله جو گهر سمجهيو ٿي. حضور صلعم جن جي ولادت واري سال ۾ جڏهن يمن کان اتي جو سردار ابرهہ ڪعبي تي حملي لاءِ وڏو لشڪر وٺي آيو هو، تڏهن بہ ڪعبي جي سنڀال ڪندڙ سردار عبدالمطلب ۽ ٻين سردارن الله کان دعا گهري تہ "تون ئي هن گهر جو مالڪ آهين، تون ئي پنهنجي گهر کي بچاءِ." جيتوڻيڪ ظاهري طرح تہ هنن بتن جي پوڄا ڪئي ٿي، جيڪي هنن ڪعبي ۾ رکيا هئا. انهن مان ڪجهہ لات، عزا جهڙن نالن وارا بت تہ وڏي ڏاڪ وارا سمجهيا ويا ٿي پر ان هوندي بہ مشڪل وقت تي هنن هڪ الله کان ئي مدد گهري ٿي. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ماڻهو هر سال عربستان جي ڪندڪڙچ کان مڪي ۾ حج لاءِ آيا ٿي ۽ ڪعبي جي چوڌاري طواف بہ ڪيائون ٿي پر اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هنن پنهنجن پنهنجن طريقن سان طواف ۽ حج ڪيو ٿي.

حج جو صحيح طريقو حضور ﷺ جن پاڻ ڏهين هجريءَ ۾ ٻڌايو. جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ لک کان مٿي اصحابي سڳورن جو ٽولو ساڻ وٺي حج تي نڪتا هئا. حضور صلعم جن جو اهو پهريون ۽ آخري حج هو. ان حج کي حجتہ الوداع بہ سڏجي ٿو.

حج اسلام جي پنجن بنيادي رڪنن مان هڪ اهم رڪن آهي. جنهن کي الله تعالیٰ پنهنجن ٻانهن تي سڄي عمر ۾ هڪ دفعو ادا ڪرڻ فرض قرار ڏنو آهي. پر ان لاءِ بہ ڪجهہ شرط آهن ۽ حج فقط ان لاءِ فرض آهي، جيڪو:

1. مسلمان هجي.

2. عاقل هجي. يعني هوش حواس صحيح هجنس. دماغي طرح ناچاق (Mentally retarded) يا ديوانو نہ هجي.

3. آزاد هجي. ڪنهن جو غلام يا قيد وغيره ۾ نہ هجي.

4. پئسي وارو هجي. يعني پنهنجي اهل عيال جي خرچ پکي ڪڍڻ کانپوءِ بہ هن وٽ ايترو پئسو هجي جو هو سولائيءَ سان حج جو خرچ ادا ڪري سگهي.

5. تندرست هجي ـ معذور نہ هجي.

ان کان علاوه اهو بہ ضروري آهي تہ مڪي شريف پهچڻ تائين امن وارو رستو هجي. جيڪڏهن رستي تي بدامني آهي، جان ۽ مال جي ضايع ٿيڻ جو وڏو خطرو آهي تہ پوءِ اهڙي حالت ۾ حج فرض نہ آهي.

عورت لاءِ جيئن تہ محرم بنا سفر ڪرڻ شرعي طرح حرام آهي ان ڪري هن تي حج ان وقت فرض ٿئي ٿو، جڏهن هن سان گڏ ڪو محرم حج ڪرڻ وارو هجي، پوءِ اهو محرم چاهي پنهنجي خرچ سان حج ڪري رهيو هجي

يا عورت ان جو خرچ برداشت ڪري. محرم مڙس يا وري اهو جنهن سان نڪاح هميشہ لاءِ حرام آهي . مثال طور: پيءُ، ڀاءُ، چاچو، مامو وغيره.

حج جا دراصل ٽي قسم آهن: افراد، قرآن ۽ تمتع.

- افراد حج ان طريقي کي سڏجي ٿو، جنهن ۾ فقط حج لاءِ احرام ٻڌو وڃي. حج لاءِ آيل هن احرام ۾ عمرو نٿا ڪن. هو فقط حج ئي ڪن ٿا.

- قرآن حج اهو طريقو آهي جنهن ۾ حج تي آيل ماڻهو عمري ۽ حج لاءِ هڪ ئي وقت احرام ٻڌن ٿا. هي حج خاص ڪري سعودي عرب ۾ رهندڙ يا اوسي پاسي جي ويجهن ملڪن جا رهاڪو ڪن ٿا. هي ماڻهو حج جا ڏينهن شروع ٿيڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ احرام جي حالت ۾ مڪي شريف پهچن ٿا. پهرين عمرو ڪن ٿا. جنهن ۾ هو عمري جي فرائض: طواف (خانہ ڪعبي جي چوڌاري ست چڪر) ڪن ٿا ۽ پوءِ سعي (صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ست ڦيرا) ڪن ٿا. ان بعد ٻين وانگر احرام مان نڪرڻ لاءِ وار نٿا ڪوڙائين. هو احرام ۾ ئي رهن ٿا ۽ حج جو انتظار ڪن ٿا. حج ڪرڻ بعد، يعني منىٰ، عرفات، مزدلفہ مان ٿي اچڻ بعد وار ڪوڙائي پوءِ احرام جي حالت مان نڪرن ٿا. مطلب اهو تہ عمرو ڪرڻ بعد جيسين حج نٿو ڪري، تيسين هو احرام ۾ ئي رهي ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪيترائي قرآن حج ڪرڻ وارا حاجي حج کان هفتو ٻہ يا مهينو کن اڳ ٻہ پهچيو وڃن ۽ هو ايترا ڏينهن احرام جي حالت ۾ ئي رهن. ان دوران احرام جو ڪپڙو (چادرون) ميرو ٿئي ٿو يا ناپاڪ ٿئي ٿو تہ ان کي بدلائي سگهي ٿو پر هن تي احرام واريون سڀ پابنديون حج ڪرڻ تائين لاڳو رهن ٿيون.

- تمتع حج

اسان پاڪستان جا يا هن پاسي جي ملڪن (انڊيا، سريلنڪا، بنگلاديش، ملائيشيا وغيره) جا تمتع حج ئي ڪريون ٿا. هن طريقي موجب ميقات کان يا ان کان اڳ (پنهنجي گهران يا ڪراچي ايئرپورٽ تان) احرام ٻڌي ٻہ رڪعتون نماز نفل پڙهي عمري جي نيت ڪري تلبيهہ پڙهڻ شروع ڪريون ٿا. مڪي پهچي عمرو ادا ڪري (يعني طواف ۽ سعي ڪري) وار ڪوڙايون ٿا. (وار ڪوڙائڻ کي حلق ۽ صفا نوڙهہ ڪرائڻ کي قصر سڏجي ٿو) ان بعد احرام جي حالت مان ٻاهر نڪري اچون ٿا ۽ روز مره جا ڪپڙا پائڻ لڳو ٿا. احرام جون سڀ پابنديون ختم ٿيو وڃن ۽ پوءِ جڏهن حج جا ڏينهن اچن ٿا (جنهن ۾ منيٰ، عرفات، مزدلفہ وغيره وڃڻو پوي ٿو) ان کان پهرين . يعني 8 ذوالحج فجر مهل کان احرام ٻڌون ٿا ۽ عمري بدران حج جي نيت ڪريون ٿا ۽ حج جا فرائض پورا ڪريون ٿا.

## حج جا فرائض

- احرام ٻڌڻ ۽ تلبيهہ پڙهن.

- وقوف عرفات . يعني عرفات جي ميدان تي ترسڻ، حج جو سڀ کان وڏو رڪن وقوف عرفات آهي. اتي بيمار يا معذور ماڻهوءَ جي موجودگي بہ لازمي آهي.

- طواف زيارت ڪرڻ.

## حج لاءِ واجب ڳالهيون

- سج لٿي مهل عرفات جي ميدان تان موٽي رات مزدلفہ ۾ کليل آسمان هيٺ گذارڻ. مزدلفہ ۾ سانجهي سومهڻي نماز گڏ پڙهڻ.

- سعي، صفا ۽ مروهہ جي وچ ۾ ست ڦيرا ڪرڻ.

- قرباني ڪرڻ.
- وار ڪوڙائڻ.
- آفاقي لاءِ طواف وداع ڪرڻ. يعني اسان آفاقي آهيون جو اسان ميقات وارين حدن کان ٻاهر رهون ٿا. (ميقات ڇا آهي ان جو احوال اڳتي ڏجي ٿو.)

## حج جو طريقو

احرام ٻڌي ٻه رڪعتون نفل ادا ڪرڻ کانپوءِ قبلي ڏي منهن ڪري حج جي نيت ڪري، ان کانپوءِ ٽي دفعه تلبيه (لبيڪ اللهم لبيڪ...) پڙهي. (مرد ڪي تلبيه وڏي آواز ۾ پڙهڻ کپي پر عورت کي خاموشيءَ سان) ان کانپوءِ هر تبديليءَ کانپوءِ تلبيه پڙهندو رهڻ کپي. سمهندي، جاڳندي، بس ۾ سوار ٿيندي، وغيره.

انين 8 ذوالحج تي سج ايرڻ کانپوءِ منىٰ پهچڻ کپي، جيئن ظهر نماز اتي پڙهي سگهجي. رات منىٰ ۾ گذاري ۽ اتي پنج نمازون پوريون ڪري، ٻئي ڏينهن 9 ذوالحج تي سج ايرڻ کانپوءِ عرفات ڏي روانو ٿجي (9 ذوالحج کان پهرين يا ان ڏينهن سج چڙهڻ کان اڳ عرفات روانو ٿيڻ سنت جي خلاف آهي.) 9 ذوالحج تي عرفات جي ميدان تي ترسڻ - چاهي ٿوري دير لاءِ ئي سهي، بيحد ضروري آهي، ڇو جو هي رڪن (وقوف عرفات) حج جو رڪن اعظم آهي. هتي مسجد نمره ۾ ظهر ۽ عصر جي نماز گڏ پڙهجي. خطبو ٻڌڻ سنت آهي. سج لهڻ بعد مزدلفه ۾ اچجي. (سج لهڻ کان اڳ عرفات جي ميدان مان نڪرڻ جائز ناهي).

مزدلفه ۾ مغرب ۽ عشاءَ جي نماز گڏ پڙهي ويندي آهي ۽ انهن نمازن کي جمعتہ الصلاتين سڏين ٿا. مزدلفه ۾ سڄي رات گذاري ٻئي ڏينهن يعني 10 ذوالحج تي صبح سوير (فجر نماز پڙهڻ بعد) منىٰ لاءِ نڪرجي. رستي تي وادي محسر (جتي ابرهه تي پکين حملو ڪيو هو) جلدي جلدي نڪري وڃڻ کپي. مزدلفه مان پاڻ سان 94 ڪن پٿريون کڻجن، جن مان ست پهريون ڏينهن وڏي شيطان (جمرة الاولىٰ) کي هڻجن. شيطان کي پٿريون هڻڻ کي رمي سڏجي ٿو. رميءَ بعد قرباني ڪئي وڃي.

قربانيءَ مان واندو ٿي ڪعبي ڏي منهن ڪري نوڙهه ڪرائجي يا وار ڪوڙائجن. عورتن کي کپي ته آڱر جيترا وار ڪترين. هاڻ احرام جي ڪري جيڪي شيون هن تي حرام هيون سي حلال ٿي ويون، سواءِ زال جي ويجهو وڃڻ جي. هاڻ حاجيءَ کي کپي ته هو مڪي واپس اچي طواف زيارت ڪري. 10 ذوالحج تي ئي طواف زيارت ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي نه ته ٻارهين ذوالحج سج لهڻ تائين ڪري سگهي ٿو. هي طواف فرض ۾ شامل آهي. طواف کانپوءِ سعي (صفا مروه جي وچ ۾ ست ڦيرا) ڪري. ان بعد وري منىٰ موٽي اچي رات گذاري ۽ ٻارهين ذوالحج تائين منىٰ ۾ رهڻو پوندو آهي. يارهين ۽ ٻارهين تاريخ ٽنهي شيطانن (جمرات) تي رمي ڪرڻي پوندي آهي - يعني هر هڪ شيطان کي ست پٿريون هڻڻيون پونديون آهن. ان بعد مڪي اچي رهڻو پوندو آهي. مڪي شريف کان پنهنجي وطن روانگي تي طواف وداع ڪرڻ واجب آهي.

مٿيون احوال حج جي طريقي جو مختصر طور آهي. ان بابت تفصيل ۽ دعائون حج بابت لکيل ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿيون، جيڪو هر وقت پاڻ سان رکڻ ضروري آهي.

### ميقات

مڪي جي چوڌاري ڪجهه جايون مقرر ڪيون ويون آهن، جن کي ميقات سڏجي ٿو. مختلف ملڪن کان حج يا عمري لاءِ مڪي ڏي ايندڙ ماڻهن کي هنن جاين تائين پهچي احرام ٻڌڻ کپي. هنن جاين کان اڳتي بنا احرام جي

مڪي ڏي وڃڻ تي منع ٿيل آهي. جيڪي ماڻهو مڪي جي انهن حدن اندر رهن ٿا اهي ميقاتي سڏجن ٿا. جيڪي ٻاهر رهن ٿا، اهي آفاقي سڏجن ٿا.

هي جايون (ميقات واريون) حضور صلعم جن مقرر ڪيون آهن. مديني منوره کان ايندي وقت احرام ٻڌڻ لاءِ جيڪا جاءِ (ميقات) مقرر ڪئي وئي آهي، اها ذوالحليفہ آهي، جيڪا مديني کان 6 ميل آهي. اهڙي طرح نجد کان ايندڙن لاءِ واٽ تي قرن المنازل نالي جاءِ آهي. مصر ۽ شام کان ايندڙن لاءِ جحفہ آهي. هيءَ رابغ شهر جي ويجهو هڪ ويران بستي آهي. اڄ جا نوان رستا ينبو بندرگاهہ کان جدي يا مديني ايندي وقت رابغ کان لنگهن ٿا جيڪو شهر تيل جي ڪارخانن کان تمام گهڻو امير ٿي ويو آهي. مصر ۽ شام وارن کي ٻاءِ روڊ يا پاڻيءَ جي جهاز رستي ايندي جدي کان وڌيڪ ينبو بندرگاهہ ويجهو ۽ سولو آهي. عراق پاسي کان ايندڙن لاءِ ذاتي عراق نالي ميقات آهي اڳئين زماني ۾ تہ اهي جايون ائين ئي رڻ پٽ ۽ ڳوٺڙا هئا پر هاڻوڪي دور ۾ انهن هنڌن تي عمارتون ٺاهيون ويون آهن جيئن حج يا عمري لاءِ ايندڙ اتي ويهي آرام ڪن. وهنجن ۽ وضو ڪن ۽ احرام اوڍين.

پاڪستان کان جي ڪو پيرين پيادو نڪري (اڳئين زماني ۾ تہ حج لاءِ ماڻهو ائين ئي پيرين پيادا يا اٺن تي نڪرندا هئا. تيرهن صديون ڪن اهو سلسلو هلندو رهيو. چوڏهين صدي هجري ۾ پاڻي جا جهاز ۽ پوءِ هوائي جهاز هلڻ شروع ٿيا) تہ هن لاءِ ميقات جي جاءِ يلملم آهي. هيءَ جاءِ مڪي جي ساڄي پاسي يمن طرف آهي. جدو مڪي جي ٻي طرف کاٻي پاسي آهي. پاڪستان هندستان يا ملائيشيا، انڊونيشيا پاسي کان هوائي جهاز (توڙي پاڻيءَ جي جهاز) ۾ ويندڙ مسافر پهرين يلم لم مٿان گذرن ٿا. ان بعد مڪو شريف ۽ پوءِ جدي جو هوائي اڏو اچي ٿو. ان ڪري هوائي جهاز رستي ويندڙ مسافرن کي ڪراچيءَ مان ئي احرام ٻڌي چڙهڻ کپي. يلم لم (ميقات) وادي جاءِ ويجهو اچڻ تي هوائي جهاز جو پائليٽ مسافرن کي اڳواٽ اطلاع ڪري ٿو پر هوائي جهاز ۾ احرام ٻڌڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي. وڌ ۾ وڌ نيت ڪري سگهجي ٿي. باقي پاڻيءَ جي جهاز وارا يلم لم جي ويجهو اچي احرام ٻڌن. سوڊان، ڪينيا، سائوٿ آفريڪا پاسي کان جدي ايندڙ حاجي جدي پهچي جدي ۾ يا پوءِ مڪي ويندي واٽ تي ايندڙ ميقات تي احرام ٻڌي سگهن ٿا، ڇو جو هنن جو هوائي جهاز جنهن طرف کان اچي ٿو، ان طرف پهرين مڪو معظم نٿو اچي پر پهرين جدي جو هوائي اڏو اچي ٿو.

ميقات هڪ قسم جي Starting point آهي، جنهن هنڌ کان اڳتي بنا احرام جي وڃڻو ناهي ۽ اهي Points مختلف ملڪن ۽ هنڌن کان حج يا عمري لاءِ مڪي ڏي ايندڙ مسافرن لاءِ رستي تي حضور ﷺ جن جي ڏينهن کان مقرر ٿيل آهن. جيڪي نوان رستا اڄ جي دور ۾ ٺاهيا ويا آهن، اتي هاڻ مقرر ڪيا ويا آهن. جيئن مصر ۽ اتر اولهہ پاسي کان ايندڙ مسلمان ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري واري شهر رابغ وٽ پهچي احرام ٻڌن ٿا ۽ احرام جي حالتن ۾ رهڻ شروع ڪن ٿا. ٻي ڳالهہ تہ اهي سموريون Points (ميقات) مڪي کان هڪ جيتري فاصلي تي نہ آهن. ميقات واريون ڪي جايون مڪي کي ويجهو آهن تہ ڪي تمام پري. خاص ڪري ذوالحليفہ مڪي کان سڀ ۾ گهڻو پري آهي. اها جاءِ مديني جي بلڪل پر ۾ (اٽڪل ڏهن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي) آهي. ذوالحليفہ (جيڪا مديني پاسي کان ايندڙ ميقات آهي) کي ابيار علي بہ سڏجي ٿو. حضور ﷺ جن جي ڏينهن ۾ ذوالحليفہ سڏبي هئي.

مديني حجرت ڪرڻ بعد مڪي جي ڪافرن حضور ﷺ جن کي حج يا عمرو ڪرڻ کان جهليو. نيٺ حضور ﷺ جن ذوالقعد 6 هجري ۾ پاڻ سان 1400 ڪن صحابي سڳورا وٺي عمري لاءِ روانا ٿيا ۽ هن جاءِ بئر علي (ذوالحليفہ) تي عمري جو احرام ٻڌو ۽ قربانيءَ لاءِ پاڻ سان ستر اٺ ڪنيا. هر هڪ پاڻ سان هڪ هڪ تلوار ڪنئي، جيڪا سيني زائرين حرم کي عرب جي رواج ۽ قاعدي موجب رکڻ جي اجازت هئي. هنن ٻيو ڪوبہ جنگي سامان نہ ڪنيو. اهڙي ريت هي قافلو لبيڪ لبيڪ جي صدا بلند ڪندو بيت الله ڏي روانو ٿيو.

ان وقت مڪي ۽ مديني جي ماڻهن جي وچ ۾ جيڪي تعلقات هئا، ان کان سڄي عرب دنيا واقف هئي. مڪي ۾ رهندڙ قريش مسلمانن جا سخت دشمن هئا ۽ اهڙي حالت ۾ مسلمانن جو مڪي ڏي اچڻ قريش جي ماڻهن لاءِ سخت پريشانيءَ جو سبب هو. هنن نٿي چاهيو تہ مسلمان اچن ۽ ساڳي وقت هنن کي عمري کان جهلڻ بہ صحيح نٿي لڳو جو ذوالقعد جو مهينو انهن مهينن مان آهي جيڪو صدين کان عربستان ۾ حج ۽ زيارت لاءِ احترام

وارو سمجهيو وڃي ٿو ان مهيني ۾ ڪنهن کي به حق نه هو ته هو ڪنهن به قافلي جي ماڻهوءَ جو نالو وٺي جيڪو احرام ٻڌي حج يا عمري لاءِ وڃي رهيو هجي. مڪي ۾ رهندڙ قريشي جي ماڻهن اٽڪل ڪري مسلمانن جو رستو روڪڻ لاءِ هڪ همراهه کي ٻه سو سوارن سا عسفان جي اڳيان ذي طوىٰ نالي هڪ جاءِ تي موڪليو ته حضور ﷺ جن جي ساٿين سان هٿ چراند ڪري جيئن هو ڪاوڙ ۾ اچي لڙائي ڪن ۽ پوءِ سڄي ملڪ ۾ مشهور ڪيو وڃي ته هي ماڻهو (مسلمان ) لڙائي ڪرڻ لاءِ آيا هئا.

مسلمانن کي قريش جي ماڻهن جي ان چالبازيءَ جو اطلاع ملي ويو ۽ هو رستو بدلائي هڪ نهايت ڏکئي رستي کان سخت تڪليفون سهي مڪي ڏي وڌڻ لڳا ۽ اچي حديبيه پهتا، جتان حرم پاڪ جي حد شروع ٿي ٿي. حديبيه واري جاءِ جدي کان مڪي ڏين ويندڙ رستي تي آهي. مڪي کان هن جو فاصلو اٽڪل تيرهن ميل آهي ۽ هاڻ اها جاءِ شميئي جي نالي سان سڏجي ٿي. هن هنڌ تي مسلمانن ۽ مڪي جي ماڻهن ۾ هڪ معاهدو ٿيو، جنهن کي اهم تاريخي حيثيت حاصل آهي ۽ حديبيه جو صلح نامون سڏجي ٿو. جيڪو ظاهري طرح لڳو ٿي مسلمانن جي خلاف آهي ۽ مسلمانن جي هار سمجهيو ويو ٿي پر حقيقت مسلمانن جي اها وڏي سوڀ (فتح) هئي. ان ئي موقعي تي قرآن شريف جي سورة الفتح نازل ٿي آهي. اها سورة مسلمانن جي مڪي کان مديني واپس وڃڻ وقت ضجنان وٽ لٿي هي هنڌ مڪي کان اٽڪل 25 ميلن جي پنڌ تي آهي.

۽ مٿي جنهن همراهه جو حضور ﷺ جن جو رستو روڪڻ ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ساٿين سان هٿ چراند ڪرڻ لاءِ ٻه سو سوارن سان گڏ پهچڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهو ٻيو ڪو عام ماڻهو نه پر خالد بن وليد هو، جيڪو ان وقت اڃا مسلمان نه ٿيو هو. اڳتي هلي هو تاريخ ۾ مشهور فاتح ثابت ٿيو ۽ مسلمانن لاءِ ڪيترين ئي جنگيون وڙهيون ۽ پنهنجو ۽ اسلام جو نالو روشن ڪيو .

# مختلف شين جي ڄاڻ

ڪجھ اهڙيون شيون آهن جن جي ڄاڻ / معلومات هر حاجيءَ لاءِ ضروري آهي ۽ انهن شين سان هن جو هر وقت واسطو پوي ٿو. حج جون ڳالهيون ٻڌڻ يا هن قسم جا سفر ناما پڙهڻ وارو ان وقت هيڪاندو گهڻو شوق رکي ٿو، جڏهن هن کي حج سان واسطو رکندڙ شين جي ڄاڻ آهي. انهن جي تاريخي يا مذهبي حيثيت کان آگاهه آهي. جيئن گذريل چئپٽر ۾ احرام ۽ ميقات بابت لکي چڪو آهيان. اهڙي طرح ٻيون به ڪيتريون ئي شيون آهن، بلڪ ڪيترا ته عربي جا لفظ آهن. جن سان حج دوران واسطو پوي ٿو. مثال طور: طواف، سعي، رمل، رمي، صفا مروه، ملتزم، مقام ابراهيم، منىٰ، مزدلفه، عرفات، حطيم، ميزاب رحمت وغيره وغيره. هتي ڪجھ شين جي معنىٰ، سمجهاڻي، تاريخي حيثيت وغيره لکڻ ضروري سمجهان ٿو، ڇو جو آءٌ پڻ حج تي روانو ٿيڻ کان اڳ جڏهن حج بابت ليڪچر ٻڌندو هوس يا ڪتاب پڙهندو هوس ته سمجھ ۾ نه ايندو هو ته رمي، رمل، سعي، ملتزم، استلام، اضطباع وغيره ڇا آهي ۽ پوءِ اهو ليڪچر يا ڳالھ چڱي طرح سمجھ ۾ نه ايندي هئي. انڪري جلد ئي اهي اهم لفظ معلوم ڪرڻا پيا.

## مسجد الحرام

مڪي شريف جي اها مسجد جنهن ۾ ڪعبو يعني بيت الله (الله جو گهر) آهي. هن مسجد لاءِ انگريزي اخبارن ۽ رسالن ۾ اڪثر Grand Mosque of Mecca لکيل هوندو آهي .

## ڪعبو يا بيت الله

الله تعالىٰ جو گهر جنهن جو حج ۽ طواف ڪيو وڃي ٿو. هن مقدس گهر کي خانه ڪعبه يا ڪعبة الله پڻ سڏجي ٿو. هن ڌرتيءَ تي سڀ کان پهريون هي گهر آهي. جيئن قرآن شريف ۾ الله تعالىٰ فرمايو آهي.

”بيشڪ سڀ کان پهريون گهر جو ماڻهن (جي عبادت) لاءِ تجويز ڪيو ويو، اهو آهي جيڪو مڪي ۾ آهي“.

هڪ روايت موجب هي گهر پهرين ملائڪن ناهيو. ان بعد حضرت آدم عليه السلام ملائڪن جي مدد سان هن جي تعمير ڪئي. ٽيون دفعو شيث عليه السلام جو نالو ڪعبي جي ناهيندڙن ۾ اچي ٿو.

طوفان نوح ڪري هيءَ عمارت غائب ٿي وئي. چوٿون دفعو حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام جي هٿن سان بيت الله جي تعمير ٿي.

پنجون دفعو جرهم قوم(جن ۾ حضرت اسماعيل عليه السلام جي شادي ٿي) نئين سنئين ڪري ناهيو.

ڇهين دفعي عمالق (جيڪو مصر ۽ شام جو حاڪم هو) ڪعبو شريف ٺهرايو. ستين دفعي اها سعادت مڪي جي قريش جي حصي ۾ آئي. ان وقت حضور ﷺ جن 24 سالن جا هئا. ان تعمير ۾ پاڻ به حصو ورتائون .

اٺون دفعو، بيت الله کي حضرت عبدالله بن زبير حضور ﷺ جن جي خواهش مطابق حضرت ابراهيم عليه السلام جي قائم ڪيل بنيادن تي ناهيو ۽ حطيم کي ڪعبي شريف سان ملائي ڇڏيو. ان وقت ڪعبي شريف جا ٻه دروازا رکيا ويا هئا. هڪ اندر داخل ٿيڻ جو ٻيو ٻاهر نڪرڻ جو.

نائين دفعي حجاج بن يوسف ڪعبي شريف کي قريش جي رکيل بنيادن تي تعمير ڪرايو ۽ ڏکڻ وارو دروازو بند ڪرائي ڇڏيو ۽ حطيم کي وري الڳ رکيو. اهڙي طرح ڪعبو شريف عهد نبوي صلعم واري تعمير تي اڄ تائين قائم آهي ۽ ان کانپوءِ ڪعبي شريف ۾ ڪا به ردوبدل نه آئي آهي. البت هن جي مرمت ۾ ترڪ حاڪم سلطان مراد شاندار حصو ورتو.

هاڻ موجوده دور ۾ ويهه پنجويهه سال اڳ شاهه سعود جي حڪومت ۾ ڪعبي جي مرمت ٿي. ان دفعي ڇت سڄي بدلائي وئي ۽ ڪعبي جو دروازو سون چانديءَ جو ٺهرايو ويو.

حجر اسود جي ساڄي پاسي بيت الله جو دروازو آهي، جيڪو زمين کان اٽڪل ست فوٽ مٿي آهي. ڪعبي ۾ اندر داخل ٿيڻ لاءِ ڏاڪڻ رکي ويجي ٿي.

## خانہ ڪعبي جو غسل

سال ۾ ٻہ دفعا بيت الله شريف کي اندران غسل ڏنو ويجي ٿو. هڪ دفعو حج جي موسم ۾ يعني ستين ذوالحج تي ۽ ٻيو دفعو محرم ۾ جڏهن سڀ حاجي پنهنجي وطن روانا ٿي وڃن ٿا. هي رواج حضور ﷺ جن جي زماني کان هلندو اچي. اڄ بہ بادشاهہ ۽ سلطنت جا خاص خاص ماڻهو اچي ڪعبي شريف کي آب زم زم، گلاب، مشڪ عنبر سان غسل ڏين ٿا.

## ڪعبي جو احرام

بيت الله شريف کي ستين ذوالحج واري ڏينهن تي غسل ڏيڻ ڪانپوءِ احرام ٻڌو ويجي ٿو. يعني بيت الله جي هيٺين حصي ۾ سفيد چادر ٻڌي ويجي ٿي. پوءِ ڏهين ذوالحج تي نئون غلاف چڙهايو ويجي ٿو ۽ پراڻو غلاف هونءَ تہ وڪرو ڪيو ويو ٿي، يعني ماڻهو تبرڪ طور تي ننڍا ننڍا ٽڪر خريد ڪري ويا ٿي ۽ فريم ڪري گهرن ۾ رکيو ٿي. اڄڪلهہ فروخت نٿو ڪيو وڃي. شاهي مهمانن کي تحفي طور پيش ڪيو وڃي.

هڪ عرصي تائين هي غلاف مصر جي حڪومت لکن جي خرچ تي تيار ڪرائي موڪليو ٿي پر هاڻي 1962ع کان وٺي سعودي حڪومت ان جو بندوبست پاڻ ڪري ٿي.

## حجرا سود

هي ڪاري رنگ جو پٿر آهي. روايت آهي تہ حضرت آدم عليہ السلام کي جڏهن جنت مان ڪڍيو ويو هو تہ هن اهو پٿر نشاني طور پاڻ سان آندو هو. پر ڪن جو چوڻ آهي تہ هي پٿر ڪعبي جي تعمير وقت حضرت جبرائيل عليہ السلام حضرت ابراهيم عليہ السلام کي آڻي ڏنو. جنت مان اچڻ وقت هي پٿر کير جهڙو اڇو هو پر آدم جي اولاد جي گناهن هن کي ڪارو ڪري ڇڏيو آهي. هي پٿر بيت الله جي اوڀر ڏکڻ واري ڪنڊ ۾ ڪتل آهي. هن جي چئني پاسن کان چانديءَ جو فريم چڙهيل آهي.

موقعو ملڻ تي حجر اسود کي چمڻ مسنون آهي. يعني سنت جو ڪم آهي. چمڻ ممڪن نہ هجي تہ هٿ سان ڇهي هٿ چمڻ کپن ۽ جي هٿن سان بہ نہ ڇهي سگهجي تہ پري کان چمڻ جو اشارو ڪجي تہ بہ مسنون آهي. حجر اسود کي ڇهڻ يا اشارو ڪرڻ وقت بسم الله الله اڪبر يا رڳو الله اڪبر چوڻ پڻ سنت ۾ شمار آهي.

حضرت عبدالله بن عمر رضہ جو چوڻ آهي تہ مون حضور ﷺ جن کي اهو فرمائيندي ٻڌو تہ حجر اسود ۽ رڪن يماني کي ڇهڻ سان گناهہ ميسارجيو وڃن. (اهو ابن خزيمہ روايت ڪيو آهي).

حضرت عبدالله بن عمر رضہ جن جو اهو پڻ چوڻ آهي تہ نبي اڪرم ﷺ بيت الله شريف جي طواف لاءِ ايندا هئا تہ حجر اسود جو استلام (Receive) ڪندا هئا ۽ ان وقت بسم الله الله اڪبر چوندا هئا.

حضرت عبدالله بن عباس رضہ جو چوڻ آهي تہ، حضور ﷺ عليہ وسلم جن حجر اسود بابت هيءَ ڳالهہ ارشاد فرمائي، "الله جو قسم! قيامت واري ڏينهن تي الله تعالىٰ حجر اسود کي اهڙي طرح اٿاريندو جڻ هن کي بہ

اکيون هجن جن سان هو ڏسندو ۽ هن کي زبان هوندي جنهن سان هو ڳالهائي سگهندو ۽ هر ان شخص جي حق ۾ شاهدي ڏيندو، جنهن ايمان سان ڳڌ هن کي چهيو هوندو." (اهو ترمذي روايت ڪيو).

پاڻ ڪريم ﷺ وسلم جن طواف وقت رڪن يماني واري ڪنڊ کان وٺي حجر اسود تائين هيءَ دعا گهرندا هئا.

"ربنا آتنا في الدنيا حسنتہ و في الآخرت حسنت وقنا عذاب النار"

(اي اسان جا پروردگار! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي عطا فرمائي ۽ آخرت ۾ بہ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ باهہ جي عذاب کان بچائجانءِ)

## رڪن يماني

بيت الله جي ڏکڻ اولهہ واري ڪنڊ جنهن جو رخ يمن ڏي آهي.

## رڪن عراقي

بيت الله جي اتر اوڀر واري ڪنڊ جيڪا عراق طرف آهي.

## رڪن شامي

بيت الله جي اولهہ اتر واري ڪنڊ جنهن جو رخ شام ڏي آهي.

## حطيم

ڪعبة الله جي ناري واري پٽ جي سامهون ننڍڙي گول پٽ آهي. ان جي اندرين حصي کي حطيم سڏجي ٿو. هي حصو خانہ ڪعبہ ۾ شامل آهي. نبي ڪريم ﷺ جن جي مبارڪ زماني ۾ ڪعبي جي تعمير وقت ڪنهن سبب ڪري هيءَ جاءِ خالي ڇڏي وئي هئي هن حصي ۾ نماز ادا ڪرڻ خانہ ڪعبہ جي اندر نماز پڙهڻ برابر آهي. طواف ڪرڻ وقت هن حصي کي ڪعبي سان شامل ڪرڻ واجب آهي. حطيم برڪتن واري جاءِ آهي. نفل نماز يا استغفار جو موقعو هن جاءِ تي ملي وڃي تہ ضرور ڪجي.

حضرت عائشہ رضہ سڪا ڪئي هئي تہ جڏهن مڪو شريف فتح ٿيندو تہ ڪعبي اندر بہ رڪعتون نماز ادا ڪنديس. جڏهن مڪو فتح ٿيو تہ ام المومنين رضہ ڪعبي ۾ نماز ادا ڪرڻ چاهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو تہ، تون حطيم ۾ ئي نماز ادا ڪر، ڇو جو حطيم ۾ نماز پڙهڻ ڪعبي جي اندر نماز پڙهڻ برابر آهي.

## ملتزم

خانہ ڪعبي جو اهو حصو جيڪو حجر اسود ۽ ڪعبي جي دروازي جي وچ ۾ آهي ان کي ملتزم سڏجي ٿو. ملتزم جي معنیٰ چنبڙڻ جي آهي. هتي ماڻهو ڪعبي جي پٽ جي ان حصي کي چهٽي رئندي رئندي رب پاڪ کان دعا گهرن ٿا. ان ڪري ان جو نالو ملتزم آهي ۽ هيءَ دعائن جي قبوليت جي جاءِ آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن هن جاءِ تي رئندي دعائون گهريون هيون. هيءُ بيحد متبرڪ جاءِ آهي ان ڪري هن هنڌ تي هر وقت ماڻهن جو هجوم رهي ٿو. توهان کي هر هڪ اهائي نصيحت ڪندو تہ ٻين کي تڪليف ڏيڻ بنا توهان کي ملتزم وارو هنڌ ڇهڻ جو

موقعو ملي تہ هن کي چھٽي رب پاڪ کان نهايت عاجزي سان ضرور دعا گھرو. توهان الله جي گھر جي در جي چانئٺ وٽ ئي بيٺا آهيو.

## استلام ڪرڻ

حج کان اڳ حج بابت اٿيندڙ ڪيل ليڪچرن ۾ توڙي حج دوران هي لفظ استلام ضرور ٻڌندائو. حجر اسود جي سامهون ٿي بيهڻ ۽ ان کي چمڻ يا هٿن سان ڇهي هٿن کي چهڻ يا لڪڻ سان ڇهڻ يا پري کان هٿن جي اشاري سان ڇهي هٿن کي چمڻ استلام ڪرڻ آهي. استلام ڪرڻ سنت آهي ۽ حضور ﷺ عليہ وسلم جن مٿين طريقن سان ڪري ڏيکاريو آهي.

طواف، حجر اسود جي سامهون کان بيهي استلام ڪري شروع ڪجي ۽ طواف جي ستن چڪرن (شوطن) مان هر چڪر (شوط) پورو ڪرڻ تي حجر اسود جي سامهون بيهي استلام ڪجي، حاجين جي سهوليت لاءِ حجر اسود جي سامهون فرش تي ٿلهي ڪاري رنگ جي پٽي ناهي وئي آهي، جيئن پري کان طواف ڪندڙ کي بہ خبر پئجي وڃي تہ هو هاڻ حجر اسود جي سامهون اچي ويو آهي ۽ ان پٽي تي ڪجھ سيڪنڊن لاءِ بيهي استلام ڪري وٺي. اتي ڪاري پٽي کان علاوه سائي رنگ جي ٽيوب لائيٽ بہ ٻرندي رهي ٿي، رش ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ يا گم ٿيڻ تي اڪثر اها سائي بتي نشاني طور رکي ويندي آهي تہ گم ٿيل ماڻهو اتي اچي ترسي ۽ پنهنجي ساٿين جو انتظار ڪري.

## ميزاب رحمت

ڪعبة الله جي ڇت تي نهيل نارو (نيسارو) جتان مينهن جو پاڻي هيٺ ڪري ٿو، ان هنڌ کي ميزاب رحمت سڏجي ٿو. هن ناري جي هيٺان قبوليت لاءِ دعائون گھريون وڃن ٿيون.

## مقام ابراهيم

ڪعبة الله جي دروازي کان ڪجھ وکن تي هڪ شيشي جو خانو رکيل آهي، جنهن ۾ چانديءَ جي فريم ۾ ڍڪيل هڪ پٿر آهي. هن پٿر تي حضرت ابراهيم عليہ السلام جي پير مبارڪن جا نشان نهيل آهي. پاڻ هن پٿر تي بيهي ڪعبي جي تعمير فرمائي هئي. روايت آهي تہ هن پٿر لفٽ طور ڪم ڪيو ٿي ۽ اهڙي طرح حضرت ابراهيم عليہ السلام کي ڪعبي جون پٽيون ناهڻ وقت هيٺان کان مٿي تائين پٿر رکڻ ۾ آساني رهي. هن جاءِ کي، جتي اهو پٿر رکيل آهي، مقام ابراهيم سڏجي ٿو.

هيءَ اها متبرڪ جاءِ آهي جتي دعائون قبول ٿين ٿيون. طواف پورو ڪرڻ بعد زائرين مقام ابراهيم وٽ (جيڪڏهن مڪروه وقت نہ آهي تہ) ٻہ رڪعتون نماز واجب الطواف ادا ڪن ٿا. (هونءَ مقام ابراهيم وٽ جاءِ نہ ملي تہ زوريءَ ڌڪا ٿيلها ڏئي ٻين کي هٽائي اتي نماز پڙهڻ بدران مسجد الحرام ۾ ڪٿي بہ نماز ادا ڪري سگھجي ٿي).

رب پاڪ قرآن مجيد ۾ مقام ابراهيم جو ٻن هنڌن تي ذڪر فرمايو آهي.

"۽ مقام ابراهيم کي نماز جي جاءِ ناهي ڇڏيو." (البقرت: 125)

" هن (خانہ ڪعبہ ۾) ظاهر ظهور نشانيون آهن. جن مان هڪ مقام ابراهيم آهي. (آل عمران: 97)

## مقام جبرائيل

**ڪعبي جي دروازي جي سامهون اٺ ڪن چورس فوٽ جاءِ آهي. جتي رسول الله ﷺ جن حضرت جبرائيل عليہ السلام سان گڏ نماز ادا فرمائي هئي.**

## باب السلام

عهد نبوي ۾ باب السلام اهو دروازو هو جنهن مان لنگهي ماڻهو حرم پاڪ ۾ آيا ٿي. اڄڪلهہ اهو دروازو نہ آهي پر ان جاءِ تي سنگ مرمر جا ٻہ ٿنيا ۽ انهن مٿان خوبصورت محراب ٺهيل آهي. اڄڪلهہ جيڪو دروازو هن محراب جي بلڪل سامهون آهي اهو باب السلام سڏجي ٿو. عمري جي طواف لاءِ هن دروازي مان حرم پاڪ ۾ داخل ٿيڻ افضل آهي.

## طواف

خانہ ڪعبہ جي چوڌاري ست ڦيرا ڪرڻ کي طواف سڏجي ٿو. هر ڦيري کي "شرط" سڏجي ٿو. حج توڙي عمري لاءِ طواف ڪرڻ ضروري آهي. ان کان علاوه بہ ڪو چاهي تہ ڪيترا بہ طواف ڪري سگهي ٿو. طواف حجر اسود کان شروع ٿئي ٿي، جتي نشاني خاطر زمين تي ڪاري ليڪ نڪتل آهي ۽ مٿان سائي بتي پڻ ٻري ٿي ۽ تختيءَ تي عربي، اڙدو ۽ انگريزي ۾ لکيل آهي تہ: "طواف هتان شروع ٿئي ٿو."

عمري لاءِ آيل زائرين مڪي پهچڻ سان طواف ڪن ٿا. اهو طواف احرام جي حالت ۾ احرام وارين چادرين ۾ ڪيو وڃي ٿو. حج تي آيلن لاءِ 10 ذوالحج کان 12 تائين طواف ڪرڻ کپي. حج لاءِ پڻ اهو طواف عمري وانگر فرض آهي. ان طواف کي طواف زيارت، طواف فرض، طواف حج ۽ طواف رڪن پڻ سڏجي ٿو.

ڏهين ذوالحج تي منىٰ ۾ وڏي شيطان کي ست پٿريون هڻڻ کان پوءِ قرباني ڪئي وڃي ٿي. جنهن بعد مٿي جا وار لهرائي احرام جو وڳو لاهي عام ڪپڙا پائي هر ڪو مڪي اچي هي طواف ڪري ٿو، ڪو ڏهين تاريخ هي طواف (طواف زيارت) نٿو ڪري سگهي تہ هو يارهين يا ٻارهين بہ ڪري سگهي ٿو. بهرحال اهي ٽئي ڏينهن بيحد گهڻي رش رهي ٿي جو انهن ٽن ڏينهن اندر حج لاءِ آيل سڀني حاجين کي طواف ڪرڻو پوي ٿو.

طواف اهڙي شيءَ آهي جيڪو جنهن وقت وٽي ۽ جيترا دفعا وٽي ڪري سگهجي ٿو، جنهن جو تمام گهڻو اجر آهي. آخر ۾ مڪي مان رخصت ٿيڻ وقت طواف وداع ڪرڻ ضروري آهي. هي طواف هر آفاقي تي واجب آهي. آفاقي اهو ماڻهو آهي جيڪو مڪي جي حدن کان ٻاهر رهي ٿو، جيئن اسين پاڪستاني آفاقي ٿياسين.

طواف جي ستن ڦيرن مان پهريان ٽي ڦيرا ٿورو تڪو تڪو هلڻ کپي، تڪڙين تڪڙين ۽ ننڍين وکن سان ڪنڌ لوڏي فوجين وانگر هلڻ کپي. ان عمل کي رمل سڏجي ٿو.

ياد رهي تہ ذوالقعد 7 هجري ۾ رسول اڪرم ﷺ عمري لاءِ مڪي شريف آيا تہ مشرڪين مڪہ مسلمانن کي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. انهن کي اهو شڪ هو تہ مديني منوره جي آبهوا مسمانن کي ڪمزور بنائي ڇڏيو هوندو بهرحال حضور ﷺ جن صحابن رضہ کي دوران طواف پهرين ٽن چڪرن ۾ تڪو تڪو ڊوڙڻ جو حڪم ڏنو جنهن کي رمل چئجي ٿو. مشرڪن جڏهن مسلمانن کي ائين چاق و چوبند ڏٺو تہ چوڻ لڳا، "هي ماڻهو جن جي باري ۾ اسين سمجهي رهياهئاسين تہ بخار ۽ بيمارين هنن کي ڳاري رکيو هوندو، هي تہ طاقتور ماڻهن کان بہ وڌيڪ طاقتور ۽ چست لڳي رهيا آهن." اهڙي طرح حضور ﷺ جن جي حڪمت عملي سان مشرڪن جي غلط فهمي دور ٿي وئي .

عمري واري طواف، حج بعد طواف زيارت ۽ مڪو شريف ڇڏڻ وقت طواف وداع ۾ رمل ڪرڻ کپي جو انهن طوافن بعد سعي پڻ ڪجي ٿي. (صفا ۽ مروه جبلن جي وچ ۾ ڦيرا ڪرڻ کي سعي سڏجي ٿو.) انهن طوافن کان

علاوه عام طواف ۾ رمل جي ضرورت ناهي. يعني هر اهو طواف جنهن بعد سعي نٿي ڪجي ان ۾ رمل جي ضرورت ناهي. ٻي ڳالهه ته جنهن طواف بعد سعي ڪرڻ ضروري آهي ان طواف ۾ جيڪڏهن احرام ۾ آهي ته مٿين چادر ساڄي ڪڇ هيٺان ڪڍي کاٻي ڪلهي تي رکڻ کپي. ان کي اضطباع سڏجي ٿو.

ڏنو وڃي ته حج ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ناهي. نماز پڙهڻ ۾ ئي اسين ڪيترين ڳالهين سکون ٿا، جيئن ته وضو ڪرڻ، نماز جي نيت ڪرڻ، نمازن جا مختلف قسم يعني فرض، سنت، نفل وغيره ۽ نماز ۾ مختلف Actions جيئن ته رڪوع، سجدو، سلام ورائڻ ۽ نماز لاءِ خاص ڪپڙن جو هجڻ وغيره وغيره. اهڙي طرح حج جي فرض ۾ ته ڪيترين ئي ڳالهيون اچن ٿيون، جن لاءِ بهتر آهي ته حج تي روانو ٿيڻ کان اڳ انهن جي تعليم ۽ تربيت وٺجي ۽ ان بابت حج جا ڪتاب چڱي طرح پڙهجن.

خانه ڪعبه جي چوڌاري ست ڦيرا ڪرڻ کي طواف سڏجي ٿو پر صحيح طرح طواف ڪرڻ لاءِ طواف جي نيت ڪرڻ، صحيح جڳهه کان شروع ڪرڻ، رمل ۽ اضطباع جهڙين شين جي ڄاڻ پڻ ضروري آهي. هونءَ ڪا شيءَ رهجي وڃي ٿي ته الله تعاليٰ غفور ۽ رحيم آهي، هو ضرور بخش ڪندو پر اسان لاءِ اهو ضروري آهي ته ٿوري تڪليف وٺي حج سان واسطو رکندڙ ڳالهين جي ڄاڻ ۽ تربيت وٺي پوءِ حج لاءِ روانو ٿجي ته وڌيڪ افضل آهي، جيئن هر ڳالهه صحيح ڪري وڌيڪ ثواب ماڻي سگهجي.

ڪعبة الله جي چوڌاري جتي طواف ڪجي ٿو ان جاءِ کي مطاف سڏجي ٿو. توهان اڪثر ماڻهن کان اهو ٻڌندائو ته اڄ مطاف ۾ نماز پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿي - معنيٰ ڪعبة الله جي بلڪل ويجهو جتي طواف لاءِ چڪر هڻجن ٿا اتي نماز پڙهڻ جي جاءِ ملي وئي.

حديث شريف ۾ روايت آهي ته، ملائڪن ۾ الله جي نظر ۾ سڀ کان گهٽي بلند مرتبي وارو اهو فرشتو آهي، جيڪو هن جي عرش موليٰ جو طواف ڪري ٿو ۽ زمين وارن ۾ سڀ کان بهتر اهو انسان آهي جيڪو خانه ڪعبه جو طواف ڪري ٿو.

طواف دوران مختلف دعائون گهري سگهجن ٿيون، جن جو تفصيلي احوال حج وارن ڪتابن ۾ ملي ٿو. هي ڪتاب هڪ عام قسم جو فقط سفرنامو آهي جنهن مان سفر بابت آئيڊيا لڳائي سگهجي ٿي.

**سعي**

صفا ۽ مروه ٽڪرين جي وچ ۾ ست ڦيرا لڳائن کي سعي سڏجي ٿو. صفا ۽ مروه دراصل ٻه ٽڪريون هيون، جيڪي هاڻي نه برابر وڃي رهيون آهن. انهن جي پرسان ئي اها جاءِ هئي جتي حضرت ابراهيم عليه السلام الله تعاليٰ جي حڪم جي پيروي ڪندي پنهنجي گهر واري حضرت هاجره ۽ ٿڃ تي ٻار حضرت اسماعيل عليه السلام کي ڇڏي ويو هو. پاڻيءَ جي ڳولها ۾ بيبي هاجره صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ست ڦيرا ڊوڙون پاتيون، انهن ٽڪرين جي وچ ۾ زمين جو ڪجهه حصو هيٺائين تي هجڻ ڪري اتي پهچڻ مهل بيبي حاجره جي نگاهه معصوم اسماعيل عليه السلام تي نٿي پيئي. ان ڪري ان هنڌ وٽان لنگهڻ مهل هوءَ تڪو تڪو ڊوڙي هئي. حضرت هاجره جي ان سعي (ڊوڙ) کي الله تعاليٰ بيحد پسند ۽ مقبول فرمائي معصوم اسماعيل عليه السلام جي ڪڙين هڻڻ واري جاءِ تان زمين اندران پاڻي جاري ڪيو. پاڻيءَ کي ائين وهندو ڏسي حضرت هاجره ان جي چوڌاري مٽي ۽ پٿر ڏئي ان وهندڙ پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ زم زم (ترسي وڃ ترسي وڃ) چيو. ان تان هن پاڻي جو نالو اڄ تائين زم زم آهي.هي پاڻي اڄ ڏينهن تائين نٿو کٽي ۽ هن جو کوهه ڪعبي پر ۾ ئي آهي. حرم پاڪ کي هن سعودي حڪومت جيئن ته تمام وڏو ڪيو آهي ان ڪري هي زم زم جو کوهه ۽ صفا مروه جون ٽڪريون حرم پاڪ اندر اچي ويون آهن.

حضرت هاجره جي ان ڊوڙ جي ياد ۾ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ مردن توڙي عورتن کي ست چڪر هڻڻا پون ٿا يعني صفا کان مروه تائين هڪ چڪر، مروه کان صفا تائين ٻيو چڪر، وري صفا کان مروه تائين ٽيون چڪر ٿيون. اهڙي طرح ستون چڪر مروه تي ختم ٿئي ٿو.

هاڻ صفا ۽ مروه ٽڪرين جي وچ ۾ سنگ مرمر جو ٻماڙ ورانڊو ٺهيل آهي، جيئن ڪجھ ماڻهو هيٺ ته ڪجھ مٿي سعي ڪري سگهن ۽ رش گھٽ رهي. جنهن هيناهين هنڌ تي حضرت هاجره کي حضرت اسماعيل عليه السلام نظر نٿي آيو ۽ هوءَ ان هنڌ تان تکو ڊوڙي هئي، ان هنڌ تي سائي رنگ جون بتيون لڳايون ويون آهن، جيئن مرد ماڻهو هر ڦيري ۾ اتان لنگهڻ وقت ڊوڙ پائي گذرن. اڳئين زماني ۾ اهو هنڌ هيناهين تي هو پر هاڻي ان کي باقي پٽ سان ليول ڪيو ويو آهي. ان هنڌ کي نمايان ڪرڻ لاءِ ٻنهي طرفن کان ٻه سائي رنگ جا ٿنيا پڻ لڳايا ويا آهن، جن مٿان سائي رنگ جون بتيون ٻرن ٿيون، انهن ٿنڀن کي ميلين اخضرين سڏجي ٿو. يعني ميلين اخضرين واري علائقي ۾ مردن کي هلڻ بدران ڊوڙڻو آهي.

صفا کان مروه وارو پٽ جنهن تي سعي ڪجي ٿي ان پٽ کي مسعي سڏجي ٿو. مسعي واري ڊگهي پٽي جيڪا اڌ ميل کن ٿيندي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. صفا کان مروه ويندڙ ساڄي پاسي کان هلن ٿا ۽ مروه کان صفا موٽندڙ ٻئي پاسي کان هلن ٿا. وچ وارو حصو مريض ۽ پوڙهن لاءِ آهي جيڪي Wheel Chair تي هلن ٿا. اهي ڪرسيون حرم پاڪ مان ٻه ملي سگهن ٿيون ته پنهنجيون ٻه آڻي سگهجن ٿيون.

# ڪعبو: الله جو گھر

هڪ ڳالھ هتي واضح طور لکڻ چاهيان ٿو، جيئن هڪ عام ماڻھوءَ کي اها غلط فهمي نہ رهي جيئن مون کي پڻ ڪنهن زماني تائين هئي تہ حضور ﷺ جن کي نبوت ملڻ کان اڳ مکي جي عربن ڪعبي کي الله جو گھر نٿي سمجھيو. مختلف روايتن ۽ قصن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ عربن جيتوڻيڪ ڪعبي ۾ بت رکي بت پرستي ڪئي ٿي پر هنن کي دل ۾ اهو احساس ضرور هو تہ هي الله جو گھر آهي ۽ مشڪل وقت تي هنن بتن کي ڇڏي الله کان ئي دعا گھري ٿي. جيئن يمن جو حبشي سردار ابرهہ 71ـ570ع ۾ 60 هزار فوج وٺي مکي ڏي روانو ٿيو تہ مکي جي ماڻھن الله اڳيان هٿ ٽنگيو، جنهن جو ذڪر تاريخ جي ڪتابن ۽ انهن ڏينهن جي شاعري ۾ پڻ آهي تہ هنن جي دعائن ۾ الله واحد کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو نالو نہ هو. هو بتن جي پوڄا ضرور ڪندا هئا پر هنن کي حجر اسود (ڪاري پٿر) جي مان ۽ شان جو بہ احساس هو جو مٿئين قصي کان ويهارو سال ڪن پوءِ جڏهن ڪعبي جي مرمت ڪرائي وئي تہ مکي جي سيني قبيلن جو ان تي اچي بحث هليو تہ اهو پاڪ پٿر ڪير کڻي مقرر جاءِ تي رکندو. (جنهن جو فيصلو حضور ﷺ جن ڪري سيني کي خوش ڪيو.) ۽ هي اهي ڏينهن هئا جڏهن حضور ﷺ جن اڃا اسلام جي پرچار شروع نہ ڪئي هئي.

ابرهہ جو ڪعبي تي حملي جو قصو جنهن جو ذڪر قرآن شريف جي سورة الفيل ۾ آيل آهي، پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هتي لکڻ ضروري سمجھان ٿو. هي واقعو ان سال ٿيو جنهن سال حضور صلعم جن جنم ورتو. ڪعبي ۾ جيتوڻيڪ بت رکيل هئا پر عرب دنيا جا ماڻھو هر سال ذوالقعد ۽ ذوالحج وارن مهينن ۾ ڪعبي جو طواف ۽ حج ڪرڻ مکي اچي پهچندا هئا. پوءِ اها ٻي ڳالھ آهي تہ هو هڪ الله جي عبادت ڪرڻ بدران ڪعبي ۾ رکيل بتن جي پوڄا ڪندا هئا ۽ ڪيترا تہ اگھاڙا ٿي طواف ڪندا هئا ۽ عجيب جاهل واريون رسمون اختيار ڪندا هئا. بهرحال هر سال انيڪ ماڻھو اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ هن ميلي ۾ مذهب کان وڌيڪ تجارت جو پهلو هو. جيئن اڄ بہ ڪو ميلو لڳرائي ٿو تہ زيارت کان وڌيڪ هن کي ڪمائيءَ جو خيال رهي ٿو. تي ڏينهن ڪن لڳل ميلي ۾ جيڪي عارضي طور دڪان کلن ٿا ۽ ٻيون جيڪي شرطون ۽ جانورن جون ويڙهيون لڳن ٿيون، ان مان وڏي ڪمائي ٿئي ٿي .

ان طرح مکي ۾ سڄي عرب جا ماڻھو جڏهن ٻن ٽن مهينن لاءِ اچي گڏ ٿيندا هئا تہ مکي وارن جي خوب ڪمائي ٿيندي هئي ۽ ان ڪمائيءَ مان سڄو سال عيش ڪندا هئا. مکي يا عرب دنيا ۾ انهن ڏينهن ۾ نہ ڪو ايگريڪلچر نہ انڊسٽري، ڪمائيءَ جو واحد ذريعو حج هو. عرب دنيا جي مختلف ماڻھن قبيلن جي نالي بت رکيل هئا، جن جي پوڄا پاٺ لاءِ هو پري پري کان ڪهي ايندا هئا. خوب ميلو لڳندو هو ۽ مکي وارن جي وڏي ڪمائي ٿيندي هئي ان ڪري تہ جڏهن حضور ﷺ جن اسلام ۾ هڪ الله جي ڳالھ ڪئي اهو پڻ تہ الله تعاليٰ جتي ڪٿي حاضر ناظر آهي تہ مکي جا ڪافر ڏڄي ويا تہ هاڻ هنن بتن کي پوڄڻ لاءِ ڪير ايندو.

بهرحال مکي جي تجارت ۽ خوشحاليءَ جو هي حال ڏسي يمن جي حبشي سردار ابرهہ يمن جي شهر صنعاءِ (Sanna)جيڪو اڄ بہ يمن جي گادي جو هنڌ آهي، هڪ ڪليسا ٺاهيو. انهن ڏينهن ۾ يمن حبش جي هٿ هيٺ هو. عيسائيت جو زور هو. حبش ۾ تہ ڪيترائي ڪليسا گھر هئا ابرهہ نہ فقط صنعا (يمن) ۾ ڪليسا گھر ٺاهيو پر هن جي اها نيت ۽ خواهش هئي تہ عرب دنيا جا ماڻھو هر سال مکي وڃڻ بدران هتي صنعا اچن. ان پويان فقط مذهبي جذبو هو پر معاشي ۽ سياسي غرض بہ هئا. بلڪ اهي ئي ان جا اصل محرڪ هئا.

ظاهري طرح ابرهہ جي ڪليسا کي باھ لڳي يا لڳائي وئي ۽ هن خانہ ڪعبي کي ڍاهڻ جو پڪو پھہ ڪيو. هو 60 هزار فوج ۽ تيرهن هاٿي ساڻ ڪٺي مکي ڏي روانو ٿيو. رستي تي يمن جي هڪ سردار (ذونفر) عربن جو هڪ لشڪر گڏ ڪري ابرهہ جو مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن شڪست کاڌي ۽ گرفتار ٿي ويو. پوءِ خشعم جي علائقي ۾ هڪ عرب سردار نفيل بن حبيب خشعمي پنهنجي قبيلي جي ماڻھن کي وٺي مقابلي لاءِ آيو پر هن بہ

هار کاڌي ۽ گرفتار ٿي ويو. سندس جان بچائڻ لاءِ اهو شرط رکيو ويو ته هو ابرهه جي فوج کي مکي تائين رستو ڏيکاريندو.

انهن ڏينهن ۾ مکي جو سڀ کان وڏو سردار حضور ﷺ جو ڏاڏو عبدالمطلب هو. مکي جي ويجهو پهچي ابرهه اوسي پاسي جي ماڻهن جو چوپايو مال پنهنجي قبضي ۾ ڪيو، جنهن ۾ عبدالمطلب جا به ٻه سو اٺ هئا. ان ڪانپوءِ هن پنهنجا ايلچي مکي موڪلي نياپو ڪيو ته آئون وڙهڻ لاءِ نه آيو آهيان پر هن گهر (ڪعبي) کي ڊاهڻ لاءِ آيو آهيان، جيڪڏهن توهان نه وڙهندائو ته توهان کي توهان جو مال موٽائي ڏيندس.

عبدالمطلب ايلچيءَ کي چيو ته ابرهه جي هيڏي لشڪر سان وڙهڻ جي اسان کي طاقت نه آهي. ڪعبو الله جو گهر آهي. هو چاهيندو ته پنهنجي گهر کي بچائي وٺندو. ايلچيءَ چيس ته مون سان گڏ ابرهه وٽ هل. هو ان تي راضي ٿي ويو ۽ ايلچيءَ سان گڏ ابرهه وٽ پهتو. عبدالمطلب شڪل صورت ۾ قدبت جو اهڙو ته ڇاهوڪو هو جو ابرهه به هن مان متاثر ٿي ويو ۽ تخت تان لهي اچي هن جي پرسان وينو ۽ پوءِ عبدالمطلب کان پڇيو: ”توهان ڇا چاهيو ٿا؟“

”منهنجا اٺ جهليا ويا آهن، اهي مون کي واپس ڪيا وڃن.“ عبدالمطلب چيو.

ان تي ابرهه چيو: ”آئون توهان کي ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو هوس. پر توهان جي ان ڳالهه توهان کي منهنجين نظرن ۾ ڪيرائي وڌو آهي. توهان پنهنجن اٺن جو مطالبو ڪري رهيا آهيو ۽ هي گهر (ڪعبو) جيڪو توهان جي دين جو آبائي قبلو آهي ان جي باري ۾ توهان ڪجهه به نٿا چئو؟“

عبدالمطلب وراڻيو: ”آئون ته فقط پنهنجن اٺن جو مالڪ آهيان ۽ انهن جي لاءِ ئي عرض ڪٽي آيو آهيان. اهڙي طرح هن گهر (ڪعبي) جو به هڪ مالڪ رب آهي. اهو پاڻ هن جي حفاظت ڪري وٺندو“.

ابرهه چيو: ”تنهنجو رب هن ڪعبي کي منهنجي هٿن مان نه بچائي سگهندو.“

عبدالمطلب وراڻيو: ”اهو توهان ڄاڻو ۽ هو ڄاڻي.“ اهو چئي اهو ابرهه وٽان اٿيو ۽ هن کي سندس ٻه سو اٺ موٽائي ڏنا ويا.

ڪجهه روايتن ۾ آهي ته عبدالمطلب سان گڏ قريش جا ڪجهه ٻيا سردار به هئا، جن ابرهه جي اڳيان اها رٿ پيش ڪئي ته جيڪڏهن هو بيت الله سان هٿ چراند نه ڪري ۽ واپس موٽي وڃي ته ان جي بدلي ۾ ڪيس سڄي تهاما (حجاز) جي پيداوار جو ٽيون حصو خراج طور ڏنو ويندو. پر ابرهه ان ڳالهه کي نه مڃيو. عبدالمطلب ابرهه جي لشڪرگاهه کان موٽي قريش وارن کي چيو ته پنهنجن ٻارن ٻچن کي وٺي جبلن تي هليا وڃو جيئن انهن جو قتل عام نه ٿئي. پوءِ هو ۽ قريش جا چند سردار حرم ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪعبي جي دروازي جو ڪنڊو جهلي هنن الله تعاليٰ کان دعائون گهريون ته هو پنهنجي گهر ۽ هن جي خادمن جي حفاظت فرمائي.

ان وقت ڪعبي ۾ 360 بت موجود هئا، مگر هنن ماڻهن ان نازڪ مهل تي انهن سڀني کي وساري ڇڏيو ۽ هنن فقط الله جي اڳيان ٻڪ ڪنيا. عبدالمطلب شاعر به هو. ان وقت جا چيل شعر ابن هشام سيرت ۾ نقل ڪيا آهن، جن مان پڻ ان جي شاهدي ملي ٿي.

لاهُمَ اِنَ العَبد يَمنع رَحله فَامنع حِلالَڪ

(يا الله! انسان پنهنجي گهر جي حفاظت ڪري ٿو، تون به پنهنجي گهر جي حفاظت فرماءِ).

بهرحال دعائون گهري عبدالمطلب ۽ هن جا ساٿي جبلن ڏي هليا ويا. (مکي ۾ چوڌاري جبل ئي جبل آهن.) ٻئي ڏينهن ابرهه مکي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اڳتي وڌيو پر سندس خاص هاٿي ”محمود“ جيڪو اڳيان اڳيان هو، ڏسندي ئي ڏسندي هڪ هنڌ ٻيهي رهيو. هن کي گهڻي ئي چٽ ۽ لٽ ڏيکاريائون پر هو اڳتي وڌڻ کان پڙ ڪڍي ٻيهي رهيو.اتر، ڏکڻ ۽ اوڀر ڏي موڙين تي هلي پر مکي ڏي هڪ وک به نه کٽي. ڪيترو ئي مارڻ ڪٽڻ تي به نه هلي. ايتري ۾ پکين جون قطارون نظر آيون، جن مان هر هڪ وٽ ٽي پٿريون هيون. هڪ چهنب ۾ ۽ ٻه چنبن ۾.

واقعي جي روايت آهي تہ هي پکي عجيب قسم جا هئا جيڪي هن کان پهرين ڪڏهن بہ ڏٺا نہ ويا. هو قد بت ۾ ڪبوتر کان ڪجهہ ننڍا هئا. سندن چهنبون پکين جهڙيون هيون ۽ پير ڪتن جي پيرن جهڙا. پکين جي هنن ولرن ابرهہ جي لشڪر تي پٿريون هڻڻ شروع ڪيون. لڳو ٿي تہ پٿرين جي جڻ بارش ٿي رهي هجي. جنهن ڪي بہ هيءَ پٿري لڳي ٿي تہ جسم مان پار ٿي وئي ٿي ۽ ان جو جسم ان ئي وقت ڳرڻ ۽ سڙڻ لڳو ٿي.

حضرت ابن عباس رضہ کان هڪ روايت آهي تہ، پٿريءَ جي لڳڻ سان ان ماڻهوءَ جي جسم مان گوشت ۽ رت پاڻيءَ وانگر وهڻ لڳو ٿي، ابرهہ جي لشڪر ۾ افراتفري مچي وئي. لشڪر جا ماڻهو يمن ڏي پڇڻ لڳا. نفيل بن حبيب خشعمي جنهن کي ابرهہ وارا سونهين (Guide) طور وٺي آيا هئا، تنهن کي ڳولي منٿون ڪيائونس تہ اسان کي هتان ڪڍي يمن ڏي ويندڙ رستو ٻڌاءِ. پر هن صاف صاف انڪار ڪندي هنن کي چيو تہ هاڻ پڇڻ جي جاءِ ڪٿان آئي، جڏهن تہ خدا توهان جي پٺيان آهي ۽ نياڳو (ابرهہ) هاڻ هار ۾ آهي سوڀ ۾ نہ.

هي واقعو مزدلفہ ۽ منىٰ جي وچ ۾ وادي محسب جي ويجهو محسر نالي جاءِ تي پيش آيو. صحيح مسلم ۽ ابو دائود کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جي حجتة الوداع جو قصو، جيڪو امام جعفر صادق پنهنجي والد امام محمد باقر کان ۽ انهن حضرت جابر بن عبدالله کان نقل ڪيو آهي، ان ۾ هو فرمائين ٿا تہ، حضور ﷺ جن جڏهن مزدلفہ کان منىٰ ڏي روانا ٿيا تہ محسر وٽ هلڻ جي رفتار وڌائي ڇڏي هئي. ان ڪري سنت اها آهي تہ هن هنڌ تان جلد نڪري وڃجي.

حج کان پہ ڏينهن اڳ آئون ٽئڪسي ڪري مڪي جي آسپاس جون زيارتون ڏسڻ ويس. مزدلفہ کان منىٰ ڏي هلڻ وقت وادي محسب مان ٽيڪسي ڊرائيور گاڏي تکي ڪري ڪڍي ويو ۽ هن بہ اهو ئي ذڪر ڪيو تہ هيءَ اها جاءِ آهي جتي اڄ تائين ڦٽڪار وسندي رهي ٿي.

امام مالڪ کان روايت آهي حضور ﷺ جن فرمايو تہ مزدلفہ سڄو ئي آرام لاءِ ترسڻ جو هنڌ آهي پر محسر جي واديءَ ۾ ترسڻ نہ کپي.

هن واقعي کانپوءِ ٽن چئن سالن اندر يمن ۾ حبش حڪومت جو راڄ ختم ٿي ويو. قصہ فيل جي هن واقعي کانپوءِ جتي ڪٿي يمني سردارن بغاوت جو جهنڊو کڻي بلند ڪيو ۽ 575ع ڌاري حبشي حڪومت مڪمل طور يمن ۾ ختم ٿي وئي.

جنهن سال هي واقعو ٿيو، يعني ابرهہ هاٿي تي چڙهي ڪعبي تي حملي ڪرڻ جي نيت سان وڏو لشڪر وٺي آيو هو. اهو سال عرب دنيا ۾ عام الفيل (هاٿين جو سال) سڏيو وڃي ٿو ۽ ان ئي سال حضور ﷺ جن جي ولادت مبارڪ ٿي. اصحاب الفيل جو واقعو محرم ۾ پيش آيو هو ۽ حضور ﷺ جن جي ولادت پورن 50 ڏينهن بعد ربيع الاول ۾ ٿي.

"عرب دنيا" جا عرب ان ڳالهہ سان سهمت هئا تہ ابرهہ جي ان حملي مهل ڪعبي جي حفاظت ڪنهن ديوي يا ديوتا نہ ڪئي پر الله تعاليٰ پاڻ ڪئي. الله ئي کان قريش جي سردارن مدد لاءِ دعائون گهريون هيون ۽ ڪجهہ سالن تائين قريش جا ماڻهو ان واقعي مان ايترو تہ متاثر رهيا جو هنن الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت نہ ڪئي.

### نوٽ

مٿي ذڪر ڪيل ملڪ حبش دراصل Abyssinia (ائبيسينيا) آهي. تن ڏينهن ۾ ائبيسينيا (حبش)، مصر(Egypt) ، شام (Syria)، يمن وغيره بلي بلي ملڪ هئا. سعودي عرب اجا وجود ۾ نہ آيو هو. بلڪ اهو تہ هاڻ منو صدي کن اڳ نقشي تي ظاهر ٿيو آهي نہ تہ اهو سڄو علائقو جنهن ۾ يمن بہ اچي وڃي ٿو، عربستان سڏبو هو. اڄ جي سعودي عرب وارو علائقو نجد ۽ حجاز سڏبو هو، مڪي ۽ مديني (يثرب) وارو حصو حجاز ۾ اچي ويو ٿي. حبش جيتوڻيڪ آفريڪا کنڊ ۾ آهي پر جيئن تہ پراڻي زماني ۾ جڏهن تہ اجا هوائي جهاز، بسون ڪارون ويندي سائيڪلون بہ ايجاد نہ ٿيون هيون، تن ڏينهن ۾ بيڙين رستي ساموندي سفر رڻ پٽ بيابانن ۾ هلندڙ اٺن کان بہ

وڏيڪ سولو هو ۽ حبش (Abyssinia) ساموندي رستي عربستان کي ويجهو ۽ جڻ تہ پاڙيسري ملڪ هو، بحر احمر جنهن کي اسين ڳاڙهو سمنڊ (Red Sea) سڏيون ٿا، ان جي هڪ پاسي يمن ۽ حجاز هو تہ ٻئي پاسي حبش (Abyssinia)۽ مصر. ڳاڙهو سمنڊ دنيا جي وڏن سمنڊن جي مقابلي ۾ هڪ ڪئنال ئي آهي، جنهن جي گهٽي کان گهٽي ويڪر (سعودي عرب جي بندرگاهہ جيزان وٽ) ڏيڍ سو کن ناٽيڪل ميل (زمين وارا 180 کن ميل) آهي. جدي وٽان سوڊان جي سرزمين ۽ مديني جي پرواري بندرگاهہ ينبو کان مصر جي سرزمين مٿين فاصلي جي بہ اڌ جيتري آهي جو انهن هنڌن تي ڳاڙهو سمنڊ تمام سوڙهو ٿيو وڃي. ڳاڙهو سمنڊ بہ خراب ٿئي ٿو. ان جو ويرون ۽ طوفان اڄ جي وڏن جهازن کي بہ منجهائين ٿا پر سال جو وڏو حصو سانت ۾ رهي ٿو ۽ ننڍيون ننڍيون ٻيڙيون بہ آسانيءَ سان ڳاڙهو سمنڊ پار ڪري يمن ۽ سعودي عرب واري پاسي کان حبش، سوڊان ۽ مصر اينديون وينديون رهن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو اڄ بہ هيڏي سختي هوندي حبش پاسي جا ماڻهو آسانيءَ سان غيرقانوني طرح سعودي عرب ۾ پهچيو وڃن. مڪي ۽ مديني جي رستن تي ڪيترا فقير (خاص ڪري عورتون) حبش پاسي جا آهن. مڪي جي گهٽين ۾ پٽ تي ويهي تسبيحون، منڊيون، ميندي، لونگ ۽ بوهي مگ (pea Nuts) وڪڻندڙ عورتن ۾ ڪيتريون ئي حبش جون آهن، غيرقانوني آيل ماڻهن جي پڪڙ ڌڪڙ ۾ سعودي عرب جا سپاهي لڳا رهن ٿا پر پوليس جي گاڏيءَ جو هارن ٻڌي هي سڀ پنهنجون گڏڙيون ۽ هٿ چڙي لڪي وڃن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن تہ پوليس کين جهلڻ ۾ ڪامياب بہ ٿيو وڃي. هڪ پوليس واري کان پڇيم تہ حڪومت هنن کي اڇڻ ئي چو ٿي ڏئي.

"بس لڪ چپ ۾ هليا اچن." هن ٻڌايو، "سعودي عرب حڪومت طرفان جيتوڻيڪ خاص خاص بندرگاهن تي ڪوسٽ گارڊ جو سخت پهرو آهي پر تنهن هوندي بہ ڪيترا ڪامياب ٿيو وڃن جو جيزان کان وٺي تبوڪ تائين اٽڪل ٻہ هزار ڪلوميٽر ڪنارو آهي ۽ ڪوبہ رات جي اونداهيءَ ۾ ڪنهن بہ هنڌان ڳاڙهو سمنڊ اڪري پهچي سگهي ٿو.

بهرحال اسلام کان اڳ وارن ڏينهن ۾ حبش (Abyssinia) وڏي ڳالهہ هو. عيسائيت جو اتي وڏو زور هو. ايتريقدر جو يمن بہ سندن هٿ ۾ ايئن هو جيئن انگريزن يا فرينچن جي هٿ ۾ ايشيا يا آفريڪا جا ملڪ هئا. پر پوءِ جيئن جيئن يمن جهڙيون ڪالونيون هنن جي هٿن مان نڪرنديون ويون ۽ يورپي قومون ساموندي طاقت ۽ بارود حاصل ڪرڻ ڪري آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن کي پنهنجيون ٻينڪون ناهينديون ويون، حبش (Abyssinia) بہ غريب ٿيندو ويو. ويتر غلامن جي واپار ۽ قدرتي ڏڪارن هن کي ترپٽ ٻٽائي ڇڏيو آهي. پنجين ڇهين صدي ۾ حبش جو رهاڪو (حبشي) جيڪو وڏي ڳالهہ سمجهيو ويندو هو ۽ قومن ۾ پير و مرشد مڃيو ويندو هو، اهو ڪوئلن ۽ چوڏن جيان غلامن جي بازارين ۾ وڪامڻ لڳو. سندن اندروني جهيڙن جنگين مان فائدو وٺي يورپي ملڪن کين وڌيڪ ڪمزور بنائڻ لاءِ حصن پتين ۾ ورهائي ڇڏيو. اڄ حبش جو نالو نقشي تان ڌهي ويو آهي. ان جي جاءِ تي ائٿوپيا (Ethiopia) ۽ اريٽريا (Eritrea) ٿي ويو آهي. ٻنهي ملڪن جا ماڻهو ڏڪار ۽ ڏکين سياسي حالتن ڪري پنهنجي ملڪ توڙي پناهہ ڏيندڙ ملڪن ۾ جيئڻ لاءِ جتن ڪري رهيا آهن.

# مڪي شريف بابت

مڪو شهر تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام جهڙن نبين ٺاهيو. انهن جي ڪري هي شهر "عرب دنيا" جو مقدس ترين مرڪزي شهر ٿيو. حضرت ابراهيم عليہ السلام ئي هيءَ دعا گهري تہ:

رَبِ اجعَل هذَا آمِنا (سوره البقرة ـ 126)

(اي منهنجا رب هن کي هڪ پرامن شهر بناءِ)

۽ انهيءَ دعا جي ئي برڪت هئي جو عرب دنيا ۾ پکڙيل بدامني جي وچ ۾ فقط هي ئي شهر اڍائي هزار سالن کان امن جو شهر هو.

هن شهر (مڪہ مڪرمہ) جي اها عزت آهي جو رب پاڪ سورة التين ۾ هن شهر جو قسم کڻي ڳالهہ ڪئي آهي:

وَهذَا البَلَدِ الأمِين ـ لَقَد خَلَقَنَا الانسَانَ فِي اَحسَنِ تَقويم ـ

(قسم آهي هن امن واري شهر (مڪي) جو. اسان انسان کي بهترين ساخت سان پيدا ڪيو آهي.)

حضرت ابن عباس رضہ جن فرمائين ٿا تہ، حضور ﷺ وسلم جن مڪي کي خطاب فرمائيندي چيو تہ: تون ڪيڏو نہ سٺو شهر آهين ۽ مون کي ڪيڏو نہ گهڻو پسند (محبوب) آهين. جيڪڏهن منهنجي قوم مون کي نہ ڪڍي ها تہ تو کانسواءِ ڪنهن ٻئي شهر ۾ نہ رهان ها.

ڪنهن هنڌ انگريزي پريس ۾ مڪي شريف لاءِ خوب لکيل هو:

"Mecca relates perfecting inner en vironment. Mecca was the unviling of the microcosm, Medina was the living macrocosm."

# مڪي پهچي طواف ۽ سعي ڪرڻ

جدي کان مڪو شريف ايترو پري آهي، جيترو ڪراچي کان نوري آباد يا هالا کان قاضي احمد اٽڪل پنجاهه ڪن ميل. سنن ڪشادن رستن ڪري هڪ اوچي قسم جي ڪار ڪلاڪ ڪن ۾ پهچائي سگهي ٿي ۽ اوترو ئي ٽائيم بس وٺي ٿي پر اسان کي ٿي چار ڪلاڪ لڳي ويا. رستي تي حاجين جي ڪاغذن جي چڪاس ۾ ڪافي دير لڳي ۽ وري مڪي پهچي معلم جي آفيس وٽ بس اچي بيهي رهي. اتي به ڪاغذن جي چڪاس ٿي. پاسپورٽ وغيره معلم جي حوالي ٿيو، اسان کي ان جو هڪ صفحو مليو، هر هڪ کي ٻانهن ۾ ٻڌڻ لاءِ هئڊي رنگ جي چمڙي جي پونچي (Arm band) ملي، جنهن تي اسان جي معلم جو نالو ۽ ائڊريس هئي. مختلف ملڪن کان آيل ماڻهن کي مختلف رنگن جون اهي Bands ڏنيون وڃن ٿيون. جيئن مصر ۽ ٻين عرب ملڪن کان آيل ماڻهن کي شايد سفيد رنگ جون هيون. آمريڪا ۽ يورپ کان آيل ماڻهن کي بلو رنگ جون وغيره. اسان واري رنگ جون اوير ڏکڻ ايشيا جي ملڪن (جهڙوڪ انڊيا، سريلنڪا، ملائيشيا، ٿائيليند، انڊونيشيا) وارن حاجين کي مليل هيون. اهي سڀ سڃاڻپ لاءِ آهن، خاص ڪري منيٰ ۽ عرفات لاءِ جتي ماڻهن جي گم ٿي وڃڻ جو گهڻو خطرو رهي ٿو ۽ انهن هنڌن تي مختلف علائقن جي مختلف ملڪن جا الڳ تنبو لڳل رهن ٿا، مڪي ۽ مديني ۾ ايترا ماڻهو گم نه ٿا ٿين. هڪ دفعو ماڻهو کي پنهنجي گهٽي ۽ گهر ياد ٿي وڃي ته پوءِ هن کي مڪي جي شهر ۾ ڪٿي به ڪٽي ڇڏ ته هو گهر ياتين تائين آساني سان پهچي سگهي ٿو. بس رڳو پهريون دفعو هو اهو ڏسي ياد ڪري ڇڏي ته هن جو گهر حرم پاڪ جي ڪهڙي دروازي وٽ آهي. پوءِ هو شهر ۾ ڪٿي به گم ٿئي ته ڪنهن به دروازي مان حرم پاڪ اندر هليو اچي ۽ پوءِ پاڻ واري دروازي مان (جتان هو روز اچي وڃي ٿو) ٻاهر نڪري گهر ڏي هليو وڃي، يا اُتي وينو هجي، هن جا مائٽ يا گروپ جا ماڻهو نماز جو وقت اچڻ تي هن کي ڏسي وٺندا.

هونئن پهرين ڏينهن پهريون دفعو گهر کان حرم پاڪ ڏي ويندي هر هڪ کي ڪپي ته مڙي مڙي پنهنجي گهر جي Locationڏسي ته اهو ڪهڙي هنڌ تي آهي. ڪهڙي هوٽل يا دڪان پرسان آهي ۽ حرم پاڪ پهچڻ تائين ڪيتريون گهٽيون لتاڙٽيون پون ٿيون يا رستا ٽپڻا پون ٿا ۽ انهن تي ڪهڙا اهم دڪان ۽ عمارتون يا هوٽلون آهن. گهر جي پري آهي ته انهن اهم دڪانن جا نالا پني تي لکي ڇڏجن، جيئن واپسي تي انهن دڪانن وٽان ٿيندو گهر تائين پهچجي. هڪ يا ٻه دفعا اچڻ وڃڻ ۾ ئي ياد ٿيو وڃي ۽ پوءِ پلي شهر ۾ ڪٿي به هليا وڃو، رستو نه ملڻ تي حرم پاڪ ۾ هليا اچو، جتان گهر پهچي سگهو ٿا. هونئن به مڪي شهر جو وچ حرم پاڪ آهي. بلڪ حرم پاڪ جي چوڌاري مڪي جو شهر ٻڌل آهي. اهو ئي حال مديني جو آهي، جتي پڻ توهان گم نه ٿا ٿي سگهو، بشرطيڪ پهرين ڏينهن پنهنجي گهر ۽ گهٽي جي Location مسجد نبوي جي ويجهو دروازي کان ڏسي ڇڏيو. حرم پاڪ ۽ مسجد نبوي جي چوڌاري ڪيترائي دروازا آهن. هرهڪ دروازي جو پنهنجو نالو ۽ نمبر آهي . مثال طور حرم پاڪ جي ڪجهه دروازن جا هي نالا آهن: باب الفهد (عربي ۾ دروازي کي باب سڏجي ٿو). باب الملڪ عبدالعزيز، باب اجياد، باب اسماعيل، باب هاشم، باب منيٰ، باب الفتح، باب ابن زبير، باب عمر فاروق، باب المهدي، باب المدينة. المنورة، باب العمرة وغيره وغيره. اهڙي طرح مسجد نبوي جي دروازي جا ڪجهه نالا هن ريت آهن. باب الملڪ عبدالعزيز، باب سعد بن زيد، باب الخليفه عثمان بن عفان، باب سعد ابن ابي وقاص، باب عمر بن خطاب، باب حمزه بن عبدالمطلب، باب السيده زينب، باب علي بن ابي طالب، باب الحسن بن بن علي، باب اسلام، باب ابوبڪر صدي، بابر الرحمة، باب النساءِ، باب البقيع، باب جبريل، باب عمر بن عبدالعزيز، باب السيده فاطمه، باب السيده خديجه وغيره وغيره.

بهرحال انهن سڃاڻپ جي ڪارڊن ۽ پٽين (Bands) جو وڏو فائدو منيٰ ۽ عرفات جهڙن هنڌن تي گهڻو آهي، جتي رڳو تنبو ئي تنبو آهن، سي به سئو سوا نه پر هزارن جي تعداد ۾. ظاهر آهي جتي ٽيهه لک ماڻهو هڪ هنڌ ۽ هڪ وقت اچي گڏ ٿين، اتي انهن جي رهائش لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک ڪن تنبو ته کپن ۽ پوءِ ڪيترائي ٻار ۽ پوڙها (ڪڏهن ڪڏهن ته پڙهيل ڳڙهيل به) پنهنجو تنبو وڃايو ڇڏين. تنبوءَ مان نڪري ڪو باٿ روم ڏي نڪتو يا پاڻي

پرڻ يا دڪان تان خريداري لاءِ نڪتو، پوءِ موٽڻ مهل ٿورو بہ بي خيالي ڪرڻ سان هو رستو وڃايو ويهي، پوءِ هڪ اس ۾ سخت گرمي، هرڪو سخت ٿڪل ۽ اڻ واقف، مدد ڪرڻ جو چاهيندي بہ ڪيترا مجبور آهن ۽ گم ٿيل ڪان بہ پريشاني ۾ پنهنجي مڪتب ۽ تنبوءَ جا نمبر وسريو وڃن. اهڙي حالت ۾ گِچيءَ ۾ ٻڌل ڪارڊ ۽ هٿ ۾ هي چمڙي جي پونچي (پٽي) ذريعي هن جي نام نڪاڻي جي خبر پئجيو وڃي. عام حاجي نہ تہ سعودي حڪومت طرفان ان ڪم لاءِ مقرر ڪيل مختلف ملڪن جا مختلف زبانون ڳالهائيندڙ ملازم ۽ مڪاني اسڪائوٽ ڇوڪرا گم ٿيل حاجي ڪي هن جي صحيح هنڌ تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

معلم جي آفيس . جتي اسان جي بس اچي بيني ۽ اسان کي نشاني خاطر ڪارڊ ۽ چمڙي جون پونچيون مليون (جن تي معلم جا اتا پتا ۽ فون اهڙي تہ مس سان لکيل هئا جو پاڻي لڳڻ تي بہ نہ ٿي ڊٺا) ۽ آڌرڀاءَ لاءِ ڪولڊ ڊرنڪ، ڪيڪ ۽ ڪتل ملي. مڪي شهر ۾ ئي هئي ۽ ٽرئفڪ جي گهٽي هجڻ ڪري اسان جي بس کي ڏاڍي ڏڪيائي سان جاءِ ملي ۽ ڪم لهڻ بعد ان ڪان بہ گهٽي ڏڪيائي سان بس کي ڪڍي اوڏانهن موڙيوويو، جنهن پاسي اسان جي رهائش هئي. اسان جي رهائش بلڪل حرم پاڪ جي باب الملڪ عبدالعزيز (دروازي) وٽ هوٽل شبرا وٽ هئي. بس جيئن اڳيان وڌندي وئي، تيئن تيئن ٽرئفڪ وڌندي. ڪارين ۽ بسن کان وڌيڪ ماڻهن جو سيلاب هو. آئون بس جي درين مان مڪي شريف جو چوڌاري ديدار ڪرڻ لڳس. عجيب شهر آهي هي مڪو! دنيا جا شهر سمنڊ جي ڪناري تي هوندا آهن، دنيا جا پراڻي کان پراڻا شهر دريائن جي ڪپرن تي هوندا آهن يا دنيا جا شهر اتي هوندا آهن، جتي بارش گهڻي هوندي آهي ۽ پوک بي انتها ٿيندي آهي پر دنيا جو هي واحد شهر آهي، جيڪو درياهن، سمنڊن، بارشن ۽ پوکن کان پري تپندڙ واري تي جيڪا ميلن تائين پکڙيل آهي. نوڙهن، ڪارن ۽ اڀائتن (Steep) پٿرن واري جبل جي وچ ۾ آهي. دنيا جو هي واحد قديمي شهر آهي، جيڪو درياهہ، سمنڊ ۽ بارش جي ڪري نہ پر الله جي گهر (ڪعبي) جي ڪري آباد ٿيو.

آئون مڪي شهر جي چوڌاري پکڙيل ڪارن جبلن کي ڏسڻ لڳس، جن مان ڪنهن ڪنهن کي ٽڪي سرنگون (Tunnels) ناهيون ويون آهن، جيئن وڏو چڪر ڪرڻ بدران لاريون، موٽرون ۽ ماڻهو انهن سرنگن ذريعي جبل اڪري ٻئي پاسي پهچي سگهن. آئون آمريڪي معيار جي پڪي رستي تان هلندڙ بس مان رستي جي ٻنهي ڪنارن تي دڪان ۽ دڪانن ۾ سٽيل سامان ۽ هجومن جا هجوم ماڻهن جا ڏسڻ لڳس .ڪٿي ملئي ماڻهن جا انبوهہ هئا ۽ ائين ٿي لڳو تہ اهو هنڌ ملائيشيا جي ڪنهن شهر جو حصو هجي، ڪٿي آفريڪا جا ڪارا شيدي هئا تہ ڪٿي عرب، شلوار قميص ۾ پاڪستاني ننڍڙين ڏاڙهين سان ايراني ۽ خاڪي سليٽي رنگ جي بشرٽ پتلون ۾ ترڪ تہ جتي ڪٿي نظر اچي رهيا هئا. ڪجهہ ڪجهہ ماڻهو احرام جي چادرن ۾ ڦري رهيا هئا. “ڪمال آهي ڪعبي جو طواف ڪري احرام کان آجا ٿيڻ بدران هتي دڪانن تي گهمي ڦري رهيا آهن”. مون دل ئي دل ۾ سوچيو پر پوءِ بعد ۾ مون کي خبر پيئي تہ اهي اسان وانگر حج تمتع ڪرڻ بدران حج قرآن ڪرڻ آيا آهن. حج تمتع وارا . جيئن اسين پاڪستاني، هندستاني، بنگلاديش، ملائيشيا، انڊونيشيا پاسي جا ماڻهو جيڪي مڪي شريف پهچي عمرو ڪري پوءِ احرام کولي عام ڪپڙا پائيندا آهيون ۽ وري جڏهن حج جا ڏينهن ايندا آهن تہ حج لاءِ احرام ٻڌي احرام جي حالت ۾ اچي ويندا آهيون پر هي ماڻهو خاص ڪري سعودي عرب جا ۽ پر وارن ملڪن جا عرب حج ۽ عمري لاءِ يڪو احرام ٻڌي مڪي شريف ۾ گهڙن، مڪي پهچي طواف وغيره يعني عمرو ڪن. ان بعد احرام مان آزاد ٿيڻ بدران احرام ۾ ئي رهن. تان جو حج جا ڏينهن اچيو وڃن. پوءِ حج ڪن ۽ حج ڪري پوءِ احرام کولين ۽ احرام جي مقرر ٿيل پاندين مان آزاد ٿين. انهي قسم جو حج قرآن سڏجي ٿو، سو اهي ماڻهو جيڪي شهر ۾ احرام ۾ گهمندا رهن ٿا، حج قرآن لاءِ آيل آهن.

آئون بس مان مڪي شريف جون گهٽيون ۽ انهن جي پاسن کان دڪان ۽ هوٽلون ۽ ماڻهن جا انبوهہ ڏسڻ لڳس. هر گهٽي ماڻهن سان ڀريل هئي. اڄا تہ مارچ جي ٻي تاريخ هئي. 15 مارچ تي حج هو ۽ ڏهين مارچ تائين دنيا جي مختلف ملڪن کان حاجين جون اڏامون اچڻيون هيون ۽ اهي اڏامون کي هڪ ڏينهن ۾ ڏهہ ٻارنهن نہ ٿي آيون. جدي ايئر پورٽ تي حاجي ڪئمپ ۾ بس جي انتظار ۾ ويني ويني جنهن وقت بہ مٿي نظر وئي ٿي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ملڪ جي هوائي جهاز کي سامهون واري مسجد جي مناري وٽان ٽيڪ آف ڪندي ڏٺو ٿي. لبنان ايئر لائين

جي نشان وارو هوائي جهاز، مصر ايئر لائين، انڊين ايئر لائين، ترڪ هوائي ڪمپني، پي آءِ اي، ملائيشين ايئر سسٽم جو هوائي جهاز، سنگاپور انٽرنيشنل ايئر لائين جو هوائي جهاز، نائيجيريا، سينيگال، مالي، سوڊان، موريطانيا، موراڪو، لبيا، ٽيونيشيا، ڪهڙي ملڪ جو نالو ڪٽي ڪهڙي ملڪ جو نالو ڪڍجي جنهن جو هوائي جهاز نظر نه ٿي آيو ۽ هر ٽن چئن منٽن بعد ڪو نه ڪو هوائي جهاز پنهنجي ملڪ جا مسافر لاهي مٿي اڏاڻو ٿي. معنيٰ ڪلاڪ ۾ ڏهه هوائي جهاز ڀڏا وجن ته به سڄي ڏينهن رات ۾ اڍائي سئو کن جهاز ٿيا، جيڪي ڌارين ملڪن کان ماڻهن کي حج لاءِ جدي پهچائي رهيا آهن ۽ هر هوائي جهاز ۾ ٽي سئو کن ماڻهو به سارجن ته سڄي ڏينهن ۾ منو لک ماڻهن جو جدي ۾ يعني مڪي ۾ پهتو. اجا اٺ ڏينهن کن ماڻهو ايندا، معنيٰ اجا 6 لک کن ٻيا به ايندا، اهي ته ٿيا هوائي جهاز رستي ايندڙ حاجي، يمن، شام، عمان، ڪويت، عراق پاسي کان ته باءِ روڊ، بسين ذريعي اچن ٿا، مصر ۽ آفريڪا جي ڪيترن ملڪن کان پاڻي جي جهاز ۾ به اچن ٿا ،يعني اجا ته حج لاءِ ڏهاڪو کن لک ماڻهن جو اچڻو آهي، پر مون کي ان وقت ئي پيهه پيهان لڳي رهي هئي، ايترا سارا دڪان، هوٽلون ۽ رستن تي هلندڙ ايترا ماڻهو ڪهڙي ملڪ ۾ هوندا، مون به دنيا جا ڪيئي ملڪ ڏٺا آهن، ايڏو وڏو مجموعو ڪٿي هوندو.

بس آهستي آهستي چُرڻ لڳي. خبر پيئي ته مغرب نماز جو وقت ٿيڻ ڪري حرم پاڪ جي چوڌاري ماڻهن جي رش وڌي ويئي آهي ۽ نماز پوري ٿيڻ تائين ٽريفڪ بند رهندي. اسان بس ۾ ئي وينا رهياسين ۽ تلبيه پڙهندا رهياسين. اڌ ڪلاڪ بعد بس کي اڳتي وڌڻ جي اجازت ملي. مغرب نماز پڙهي پوري ٿي چڪي هئي ۽ ماڻهو گهرن ڏي روانا ٿي رهيا هئا ۽ چا ماڻهن جا انبوهه هئا. چوڻ کي ته ڇهه ست لک ماڻهو چوڻ سولي ڳالهه آهي پر حقيقت ۾ ماڻهن جو اهو وڏو تعداد آهي. مون به پهريون دفعو ڏٺو، بس جي سيٽ مٿانهين هجڻ ڪري پري پري تائين ماڻهو ئي ماڻهو نظر اچي رهيا ها. اڇين ۽ رنگين ٽوپين ۽ رومالن ۾ ماڪوڙين وانگر ماڻهو هئا، جيڪي هڪ ٻئي سان لڳي هلي رهيا هئا. هو جيڪو چوندا آهن ته تِر ڇٽڻ جي جاءِ نه هئي. ان وارو حساب هو. ايڏي رش مون ڪٿي ڏٺي هوندي. مون پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو. ”عورتون ۽ مرد ائين خاموشي ۽ سڪون سان ڪهڙي اسٽيڊيم، سيمينار يا وينڊي روم وٽيڪان سٽي ۾ يا اولمپڪ رانڊين جي گرائونڊ مان موٽندي ڏٺا هوندا؟“ ۽ هتي حرم پاڪ ۾ ماڻهن جو اهو سيلاب ڏينهن ۾ هڪ دفعو نه پر پنج دفعا ٿئي ٿو ۽ روزانو ٿيندو رهي ٿو. ان ماڻهن جي ميڙ ۽ بنا جهيڙي جهٽي جي رستن تان لنگهڻ جي نظاري کي مون جهڙا ماڻهو وڏيڪ ساراهي سگهن ٿا، جن دنيا جي ملڪن ۾ هڪ لک کان به گهٽ آيل تماشبينن کي فٽ بال جهڙين رانڊين تان موٽندي هنگاما ڪندي ڏٺو هوندو ۽ يورپ ۽ آمريڪا جهڙن ”سڌريل“ ملڪن جي Well trained پوليس به انهن کي بنا مارڪٽ جي مانو ڪري نه سگهي هوندي. مڪي ۾ دنيا جي مختلف ملڪن، زبانن، رنگن ۽ شڪل شبيهه وارن ماڻهن جي ان سمنڊ کي ائين Discipline سان ۽ صبر ۾ رمندو ڏسڻ لاءِ اڄ ڪيترائي غير مسلم ويس ۽ نالو بدلائي هتي پهچن ٿا. اسلام دشمن قومون مسلمانن جي نه پئسي ۽ دولت مان مرعوب آهن، نه آرمي (فوج) ۽ امونيشن کان ڊڄن ٿيون .هنن کي خوف آهي ته فقط ان ڳالهه جو ته هڪ ٻانگو مسجد جي مناري تي بيهي ٻانگ ٿو ڏئي ته عورتون توڙي مرد، جوان توڙي پوڙهي، امير توڙي غريب، وڏي عهدي ۽ رتبي وارا توڙي اڻ پڙهيل هاري ۽ مزور اچيو هڪ هنڌ گڏ ٿين ۽ مٿو زمين تي ٽيڪين. آئون حرم پاڪ جي باب الملڪ عبدالعزيز جي منارن کي ڏسڻ لڳس، جيڪي اتان چٽا نظر اچي رهيا هئا، جتي اسان کي بس اچي لاٿو. اهي اٺ ماڙ عمارت هئي، جنهن جي گرائونڊ فلور تي دڪان هئا ۽ مٿي هر ماڙ تي ڇهه، ست فليٽ، هر فليٽ ۾ ٽي چار ڪمرا ۽ هڪ ڊرائننگ روم هو، ڪمرن جون بالڪنيون رستي واري پاسي کليون ٿي. اسان جي گروپ ليڊر ”عالمگير مسجد ڪراچي“ جي انصار الحجاج اداري جي ذريعي هن عمارت (جنهن جو نالو ”عمارت اشرف“ هو) ۾ ٻه فليٽ هڪ لک ويهه هزار سعودي ريالن تي مسواڙ تي ورتا هئا. مڪي ۾ ورتل هنن ٻن فليٽن مان هڪ ۾ عورتون رهيون، جن جو تعداد 24 هو ۽ ٻئي ۾ اسين 25 مرد رهياسين. عورتن جي حوالي رڌ پچاءَ جو ڪم هجڻ ڪري، هنن کي چئن وڏن ڪمرن وارو فليٽ هو ۽ اسان جي فليٽ ۾ ٽي ڪمرا هئا. ڊرائنگ روم ۾ ٻنهي فليٽن ۾ هو جتي مردن پنهنجي فليٽ ۾ عورتن پنهنجي ۾ گڏجي ماني کاڌي ٿي. هر فليٽ ۾ چئن چُلهن واري تمام وڏي ڪچن هئي، جنهن ۾ ٿانوَ پليٽون ۽ ڪجهه رڌ پچاءَ جو سامان اڳهين موجود هو. ڪجهه اسان جي گروپ ليڊر احسان الاهي شيخ ڪراچيءَ کان آٽڻ جو بندوبست ڪيو هو. هر فليٽ ۾ ٻه وڏا غسلخانا هئا، جن مان هڪ ۾ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ واشنگ مشين پڻ هئي .ان

ڪان علاوه هر فليٽ ۾ ٻه ريفريجريٽر ۽ هڪ ڊيپ فريزر رکيل هو. هر ماڻهو لاءِ اسپنج جو هڪ هڪ گاديلو اڍائي فوٽ ٻاءِ ڇهه فوٽ جو مليل هو، جيڪو هرهڪ ڪٽي ڪمري ۾ وڇايو. هر ڪمري ۾ اٺن ماڻهن جي سمهڻ جي جاءِ هئي، يعني اسپنج جا اهڙا اٺ گاديلا وڇائي سگهياسين ٿي، پر ٻن ٽن ماڻهن ڊرائنگ روم ۾ سمهڻ پسند ڪيو. ان ڪري هر ڪمري ۾ ست ماڻهو ٿي رهياسين. سامان رکڻ لاءِ ڌار اسٽور روم هو ۽ ڊرائنگ روم ۾ پڻ لوهه جا رئڪ رکيل هئا، جن تي هرهڪ پنهنجون پيٽيون ۽ ٿيلها رکيا

منهنجن پهرين جي واقفڪارن مان حافظ سعيد ۽ نسيم گلزار هڪڙي ڪمري ۾ هنڌ وڇايو. يعني پنهنجو گاديلو رکيو ۽ اسرار الحق ڊرائنگ روم ۾ سمهڻ جو ارادو ڏيکاريو، مون ٻه اتي گاديلو وڇائڻ چاهيو ٿي پر پوءِ يڪدم خيال آيو ته هتان لنگهه هجڻ ڪري هر وقت بتي ٻرندي رهندي، هر وقت ماڻهو لنگهندا رهندا ۽ ريفريجريٽر ٻه هتي هجڻ ڪري ڊسٽربنس رهندو، سو پنهنجو گاديلو کڻي ڪمرا ڏسڻ لڳس. هڪ ۾ ڇهه گاديلا وڇائجي چڪا هئا، اڃا ٻه ٻن ڄڻن جي جاءِ هئي، سو مون پنهنجو گاديلو اتي وڇايو. باقي ڇهه ڄڻا ٻه منهنجي ئي گروپ جا ٿيا. ڪراچي ۾ عالمگير مسجد ۾ ٿيل چئن، پنجن ملاقاتن ۾ سندن چهرن ڪان مانوس ٿي چڪو هوس پر اڃا گهڻي واقفيت نه ٿي هئي. ڪمري ۾ ايئر ڪنڊيشن هلي رهيو هو، جنهن ڪمري کي ٿڌو ٻه ڪيو پئي پر منجهانئس آواز جهاز جي انجڻ روم جهڙو اچي رهيو هو ۽ اهڙو ئي گوڙ گهمسان وارو ڇت ۾ لڳل پکو هو. مون پٽ تي وڇايل اڍائي فوٽن جي ويڪر وارن سوڙهن گاديلن ڏي نظر وڌي. چار هڪ قطار ۾ ۽ ٽي ٻي قطار ۾ اهڙي طرح وڇايل هئا، جو پاسن ۽ پيرانديءَ کان هڪ ٻئي سان مليا ٿي. اسڪول وارن ڏينهن ۾ اسڪائوٽنگ لاءِ ڪوئيٽا وڃبو هو ته ٽنبن ۾ ائين سمهبو هو پر انهن ڏينهن ۾ هنن ڏينهن جي وچ ۾ عمر جو وڏو گئپ اچي چڪو هو. هاڻ عادتون بگڙي چڪيون آهن. مون پنهنجين عادتن جو تجزيو ڪيو. سمهڻ کان اڳ ڪلاڪ ڏيڍ ڪو ڪتاب پڙهڻ مون لاءِ ضروري بنجي چڪو آهي. ان بعد ننڊ تيستين نه اچي، جيستين ڪمري جون بتيون بند ٿين پر ورانڊي ۽ اڱڻ جون بتيون ٻه بند ٿين. ڪيترا ماڻهو آهن، جيڪي سمهڻ تائين ڪچهري ڪندا رهندا. اڪيلائي ڪان ماڻهن جي محفل پسند اچين ۽ مون کي هڪ معمولي حد تائين ڳالهائڻ ٻولهائڻ بعد باقي وقت خاموشي ۽ ماٺ پسند اچي. هتي سامهون واري ۽ پاسن وارين ڀتين ۾ ٻرندڙ ٽيوب لائيٽون هيون، جيڪي خبر ناهي ڪنهن وقت بند ٿين، ايئر ڪنڊيشنر جو ٻي ڊولو آواز ۽ ٻي ڊولي هوا جي Distribution هئي، جنهن جي هوا جو رخ پاڻ ڏي ٿي ٿيو ته ڪن ۾ ڄڻ ڪنهن ڦوڪون ٿي ڏنيون ۽ پري ٿي رکيو ويو ته گرمي ٿي ٿي، مون کي پنهنجي حال تي رحم اچڻ لڳو. دل ئي دل ۾ رب پاڪ کان دعا گهرڻ لڳس ته: ”منهنجا مولا حج قبول ڪجانءِ ۽ حج آسان ڪجانءِ. منهنجي هن حال جي توکي سڀ پروڙ“. آئون ڪا دير ٽٻيءَ ۾ پئجي ويس ته الائي ڇا ٿيندو. اڄ حج بعد جڏهن هي لکي رهيو آهيان ته سوچيان پيو ته ڪيئن اُهي ڏينهن خواب ٿي ويا. ڪيئن بنا ٽيبل لئمپ ۽ ڪتاب پڙهڻ جي ننڊ اچي ويندي هئي. تقريبن سڄي رات بتيون پيون ٻرنديون هيون جو رات جو ٻه ڪي دير دير تائين طواف ڪري موٽندا هئا. ڪي آڌي رات جو پيا ويندا هئا، پر مون کي سمهڻ سان ننڊ وٺي ويندي هئي ، منهنجي هڪ پاسي وارو ڪراڙو ڪنگهندو رهندو هو ۽ ٻئي پاسي وارا ايڏا زور سان کونگهرا هڻندو هو جو ٻي قطار جو آخر وارو ٻه دانهون ڪندو هو پر مون کي ڪجهه محسوس نه ٿيندو هو.

۽ هاڻ اهو پڻ سوچي رهيو آهيان ته هيترن لکن ۾ ڪيئي هزار اهڙا هوندا، جن جون عادتون مون کان ٻه ڏکيون هونديون پر اهو عجيب ڪمال آهي جو هر حاجي جي واتان اهو ئي ٻڌڻ ۾ ايندو هو ته هيترين تڪليفن هوندي ٻه مون سان رب پاڪ جي مهرباني ٿي ۽ سڀ ڪم آسان ٿي ويو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته حج ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه آهي. حج دوران هر ماڻهو کي فوجي ڪئمپ واري زندگي گذارڻي پوي ٿي، سمنڊ تي ايندڙ طوفانن وارن ڏينهن وانگر اوجاڳا ڪرڻا پون ٿا . هڪ مقرر وقت Time frame ۾ سڀ ارڪان پورا ڪرڻا پون ٿا ۽ ڪن هنڌن تي اس ۽ گرمي ۾ ميلن جا ميل پنڌ ڪرڻو پوي ٿو. اهي سڀ ڳالهيون ڏسي غير مسلم دهلجيو وڃن. ڊڄيو وڃن ته هي ڪيئن ممڪن ٿئي ٿو، پر اهو مسلمان جو ايمان آهي، جنهن جي زور تي هن کي ڪنهن ٻه ڳالهه جي پرواهه نه ٿي ٿئي. جوان ته جوان پر پوڙها ۽ جڏا ٻه سڀ ارڪان خوش اسلوبي سان پورا ڪريو وڃيو پار پون. مون اسي سالن جي پوڙهن کي مزدلفه کان منيٰ تائين پيرين پنڌ هلندي ڏٺو. مون ڪيترن جڏن کي مونڙيون ۽ ٻانهڙا پائي ڪعبي جي چوڌاري طواف ڪندي ڏٺو، ڪيترا دفعا مون نائيجيريا جي ٽنگن ڪپيل شيدي کي پنهنجي پرسان نماز

پڙهندي ڏنو، چانوَ ۾ جاءِ نہ ملڻ ڪري اس ۾ ڦاٿل گتو (دفتري جو پنو) وڇائي، ان تي سجدو ڪندو هو. سندس گوڏا رستي ۾ گرم ڏامر تي سڙندا رهندا هئا. هڪ غريب داغستاني (روسي) جيڪو پاڙو ڪري حج تي پهتو هو، پر هن کي کائڻ لاءِ پئسو نہ هو. نماز بعد هٿ جا نهيل لکڻ وکٽي ڪمايل پئسن مان ماني وٺي کائيندو هو. هڪ جهور پوڙهي ايرانڻ پاڻ کان وڌيڪ پوڙهي ۽ معذور مڙس کي ويل چيئر Wheel chair تي وٺي نماز لاءِ ايندي هئي، هي ماڻهو نارمل زندگي ۾ تہ هلي چلي بہ نہ سگهن پر هتي هي ڪيئن هلي چلي رهيا آهن! سندن منهن تي هر وقت سرهاڻ ۽ شڪراني جا جذبا آهن، ڪنهن چيو هي اندر جي طاقت آهي. هي ايمان جو جذبو آهي، جيڪو ڪين همت ٿو ڏئي ۽ هنن لاءِ ڪا ڳالهہ مشڪل نہ ٿي رهي. هي اهو جذبو آهي ۽ ايمان آهي، جنهن لاءِ انگريزي ۾ هڪ چوڻي آهي تہ:

Faith can move a mountain.

سامان رکڻ بعد اسان جي گروپ ليڊر احسان الاهي شيخ اسان کي جلدي جلدي حرم پاڪ هلي طواف ۽ سعي ڪرڻ لاءِ چيو، جيئن احرام جي حالت ختم ٿي وڃي ۽ احرام لاهي عام ڪپڙا پائي سگهون.

"حرم پاڪ جيتوڻيڪ ويجهو آهي، ان هوندي بہ پنهنجي رهائشگاهہ کي چڱي طرح ڌيان ۾ رکي وڃو، جيئن واپسي تي هيڏانهن هوڏانهن گم نہ ٿي وڃو". گروپ ليڊر اسان کي سمجهايو. "مختلف ڪارڊ ۽ پانهن جون پٽيون هميشہ پاڻ سان رکو. هتان باب عبدالعزيز ويجهو آهي، جنهن مان گهڙڻ سان ڪعبو پاڪ يڪدم نظر اچي ٿو. ان ڪري اندر گهڙڻ مهل اکيون هيٺ ڪري حرم پاڪ ۾ گهڙجو ۽ پوءِ تورو اڳيان ٿي ڪعبي تي پهرين نظر وجهجو ۽ دعا گهرجو ۽ پوءِ طواف وغيره ۽ بيا ارڪان پورا ڪجو. جن بابت ڪراچي ۾ عالمگير مسجد ۾ توهان کي بار بار ليڪچر ڏنا پئي ويا ۽ جيڪي پهريون دفعو حج تي آيا آهن. اهي اڪيلو وڃڻ بدران ڪنهن سان گڏجي وڃن".

اسرار الحق ۽ آئون احسان الاهي گروپ ليڊر ۽ حافظ سعيد سان گڏ هلياسين، جيڪي حج ڪري چڪا هئا ۽ اسان کي هر قدم تي سمجهائي سگهيا ٿي. ڪعبي تي پهرين نظر پوڻ هڪ Powerful عمل جي گهڙي آهي، جنهن لاءِ ڪيترين ئي خوبصورت تشبيهون (Similes) ڏئي سگهجن ٿيون. هر انسان جو حج تي اچڻ فرض جي پورائي ڪرڻ آهي. هو الله ۾ پروسو ڪري ٿو. هن جو ايمان آهي تہ ڪعبو الله جو گهر آهي. هو پنهنجو فرض پورو ڪرڻ سان گڏ پنهنجا گناهہ بخشائڻ اچي ٿو. هو پنهنجي باقي زندگي ۽ بئي جهان جون خوشيون ۽ ضرورتون هڪ اهڙي داتا کان پنڻ اچي ٿو، جنهن وٽ ڪنهن شيءِ جي کوٽ ناهي. هي اهو هنڌ آهي، جتي هر بندو (ٻانهو) فقير بڻجي اچي ٿو. ڪعبي تي پهرين نظر پوڻ تي ڇا محسوس ٿئي ٿو. هر انسان جون پنهنجون ذاتي Feelings آهن، جيڪي بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن. اهي گهڙيون انسان جي زندگي جون قيمتي گهڙيون آهن، جنهن کان ڪو بہ انڪار ڪري نٿو سگهي. هي اهو الله جو گهر آهي، جنهن لاءِ اسين هر نماز ۾ چوندا رهون ٿا تہ منهن ڪعبي ڏي... ۽ اڄ نہ فقط اسان جو منهن ڪعبي ڏي آهي پر ڪعبو سامهون اکين اڳيان آهي. ڪيترا انسان، نبي پيغمبر، ولي اولياءِ، اصحابي امام، مولوي مفتي گذريل هزارين سالن کان هتي بيهي ويا. اڄ هڪ مون جهڙي گناهگار کي ههڙي هنڌ تي پهچڻ جي سعادت نصيب آهي. "مون سان پرين پورائيءَ ۾ پال ڪيا" وارو حساب هو.

هڪ بزرگ کان ڪنهن پڇيو تہ توهان ڪعبي ۾ داخل ٿيا؟

هن فرمايو تہ هي پير تہ ان جي قابل بہ نہ آهن جو منهنجي رب جي گهر جي چوڌاري ڦرن تہ پوءِ آئون انهن کي ان جي قابل ڪيئن ٿو سمجهان، جو انهن کي پاڪ گهر اندر داخل ڪريان. مون کي منهنجن پيرن جو حال معلوم آهي تہ اهي ڪٿي ڪٿي هليا آهن ۽ ڪهڙن ڪهڙن خراب ارادن سان هليا آهن.

اڄ اهي احساس مون کي ڪعبي پاڪ جي سامهون بيهي تي رهيا هئا.

## ڪعبہ ڪس مُنہ سي جائو گي غالب

شرم تم کو مگر نهين آتي.

ايران جي هڪ فارسي شاعر جو شعر آهي:

بز مين چو سجده کر دم زرمين ندا برآمد
ڪ مرا خراب ڪردي تو بسجده ربائي
بطواف ڪعبہ رفتم بحرم رهم نداوند
ڪ برون درچہ ڪردي ڪ درون خانہ آئي.

"چون تا تہ جڏهن زمين تي سجدو ڪيم تہ زمين مان هي آواز آيو تہ تو هن ڏيکاءَ جي سجدي سان مون کي چو خراب ڪري رکيو.

۽ جڏهن آئون ڪعبي ڏي ويس تہ مون کي اندر داخل ٿيڻ نہ ڏنو ويو ۽ هي آواز آيو تہ ٻاهر تو ڪهڙا چٽا ڪم ڪيا آهن جو اندر اچڻ جي توکي تانگهہ پيدا ٿي آهي"

پر بقول لطيف جي:

"آسرو مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو".

۽ "توٽي تڙئين تون، يا الڳ تو در توءِ نہ ڇڏيان". آئون ٻُک ڪٽي دعا گهران ٿو. سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڪٿان شروع ڪريان، ڪٿي ختم ڪريان. "چوڻ چارو ناهہ ڪو بديون بيشمار" واري ڳالهہ آهي. بس "عيبن پري آهيان، ستر ڪج ستار".

"هاڻ پاڻ کي طواف ڪرڻو پوندو". حافظ سعيد مون کي سجاڳ ڪندي چيو ۽ حجر اسود واري ڪنڊ جي سامهون وٺي آيو. جنهن جي سڌائي ۾ زمين تي ڪري رنگ جي پٿر جي پٽي لڳل آهي. اسان احرام جي مٿين چادر ساڄي ڪلهي تان لاهي ساڄي ڪڇ هيٺان ڦيرائي کاٻي ڪلهي مٿان ڦيرائي چڪا هئاسين ۽ هاڻ طواف جي نيت ڪئي. اسان کي عالمگير مسجد ۾ حج جي ليڪچرن دوران ٻڌايو ويو هو تہ ضروري ناهي تہ نيت عربي ۾ ڪجي. نماز جي نيت وانگر طواف، عمري، حج وغيره جي نيت بہ پنهنجي مادري زبان ۾ ڪري سگهجي ٿي.

"اي الله آئون تنهنجي رضا لاءِ عمري جو طواف ڪريان ٿو. تون هن کي منهن جي لاءِ آسان ڪجانءِ ۽ قبول ڪجانءِ.

ماڻهن جي تمام گهڻي رش هئي، اسان کي ڪافي پري کان جاءِ ملي. ان ڪري حجر اسود کي چهڻ بدران پري کان استلام ڪيوسين، يعني ٻئي هٿ پنهنجن ڪنن تائين آڻي پوءِ هٿن جون تريون حجر اسود ڏي ڪري "بسم الله، الله اڪبر" چئي هٿ چميا سين ۽ پوءِ طواف شروع ڪيوسين. طواف ۾ ڪعبي جي چوڌاري ست چڪر هڻڻا پون ٿا، جن مان پهريان ٽي جاڳنگ وانگر ننڍن ننڍن قدمن سان تکو تکو هلڻو پوي ٿو. باقي چئن چڪرن ۾ عام طرح هلڻو پوي ٿو. هر چڪر حجر اسود واري ڪنڊ تي پورو ٿئي ٿو ۽ چڪر پورو ٿيڻ تي هر دفعي استلام ڪجي. طواف دوران هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ بدران دعائون گهرڻ کپن، عربي ۾ ياد نہ هجن تہ پنهنجي زبان ۾، خاص ڪري رڪن يماني واري ڪنڊ کان وٺي حجر اسود واري ڪنڊ تائين سنت مطابق هرڪو ربنا آتنا... واري دعا گهري ٿو:

"اي اسان جا پروردگار!

اسان کي دنيا ۾ بہ ڀلائي عطا فرماءِ

۽ آخرت ۾ بہ.

۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ ..."

طواف دوران ماڻهو اڪثر ٽيون ڪلمو بار بار پڙهن ٿا. اسان جي رهنمائي لاءِ طواف ۽ عرفات جي ميدان ۾ پڙهڻ لاءِ دعائون "حج جي ڪتابن ۾ لکيل آهن، جيڪي پاڪستان جا ڪيترائي ادارا ۽ سعودي عرب حاجين جي سهوليت ۽ ثواب لاءِ ورهائيندا رهن ٿا. هر حاجي کي کپي ته اهي چڱي طرح پڙهي.

نفلي طواف ۾ حجر اسود ۽ رڪن يماني کي هٿ لائي سگهجي ٿو پر احرام جي حالت ۾ پري کان استلام ڪجي ٿو، جو انهن تي خوشبو لڳل رهي ٿي ۽ احرام جي حالت ۾ خوشبو عطر يا ويندي خوشبو وارو صابڻ به استعمال نه ٿو ڪري سگهجي.

طواف بعد اسان مقامِ ابراهيم جي پنيان بنا مٿو ڍڪڻ جي ٻه رڪعتون واجب طواف ادا ڪيون سين ۽ دعا گهري سين. ان بعد زم زم جو پاڻي پي پوءِ هڪ دفعو وري حجر اسود جو استلام ڪري پوءِ سعي لاءِ "صفا" ڏي وياسين.

عمري ۽ حج ڪرڻ جو هڪ خاص طريقو ٿئي ٿو. يعني Step by Step چا ڪرڻ کپي. اهو ڪنهن هنڌ تي الڳ باب ۾ ڏيڻ بي محل نه ٿيندو، جنهن مطابق اسان سڀ ڪجهه ڪري رهيا هئاسين. ان کان علاوه اهي سڀ ڳالهيون "حج جي ڪتاب" ۾ به ڏنل هونديون آهن يا ڪنهن مفتي عالم کان پڇي سگهجن ٿيون پر هر صورت ۾ حج يا عمري تي نڪرڻ کان اڳ حج ۽ عمري جي طريقي کان واقف ٿي نڪرجي ۽ پوءِ مڪي پهچڻ تي به ڪوشش ڪري، ڪنهن اهڙي سان گڏ گڏ طواف، سعي ويندي منىٰ ۾ شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ، نڪرجي، جنهن پهرين به هڪ به حج ڪيو هجي ۽ هو انهن طريقن کان واقف هجي ۽ توهان جي رهنمائي ڪري سگهي. ڪا به غلطي ڪرڻ تي يا ڪو ارڪان ڇڏڻ تي صدقو يا "دم" ڏيڻو پوي ٿو. ڪنهن جانور ٻڪري يا رڍ جي قرباني ڏيڻ کي "دم" سڏجي ٿو.

صفا ۽ مروه پهاڙين جي وچ ۾ ست ڦيرا ڪرڻ کي سعي سڏجي ٿو، عمرو ڪرڻ وارا طواف ڪرڻ ۽ زم زم جو پاڻي پيئڻ بعد سعي ڪندا آهن. نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي ته زم زم جو پاڻي جنهن نيت سان پيتو وڃي ٿو، اهو ئي فائدو ان مان ٿئي ٿو.

هڪ ٻي حديث ۾ آيو ته، جيڪڏهن تون زم زم جي پاڻي کي اڃ لاهڻ لاءِ پيئندين ته اهو ان جو ڪم ڏيندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن مرض کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پيئندين ته توکي صحت نصيب ٿيندي. هي حضرت جبرائيل عليه السلام جي خدمت آهي ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام جي سبيل آهي (اتحاف). حضرت جبرائيل عليه السلام جي خدمت جو مطلب اهو آهي ته ان جي ڪوشش سان هي چشمو زمين مان ڦٽو هو، جنهن جو قصو مشهور آهي.

حضرت عائشه رضه زم زم جو پاڻي پاڻ سان کڻي ويندي هئي ۽ اهو ٻڌائيندي هئي ته حضور ﷺ جن به کڻي هلندا هئا. هڪ حديث ۾ آهي ته حضور ﷺ جن زم زم جو پاڻي پاڻ سان کڻي هلندا هئا ۽ بيمارن مٿان ڇٽڪيندا هئا.

سعي (يعني صفا ۽ مروه پهاڙين جي وچ ۾ ست ڦيرا) حج ۽ عمري جو رڪن آهي. اهو ادا نه ڪرڻ سان حج ٿئي ٿو ۽ نه عمرو. سعي لاءِ باب صفا مان لنگهي صفا پهاڙي تي اچڻ کپي ۽ رستي تي قرآن مجيد جي آيت "ان الصفا والمروه من شعائر الله". (بيشڪ صفا ۽ مروه الله تعاليٰ جي نشانين مان آهن). پڙهڻ کپي. صفا پهاڙي تي ايترو چڙهڻ کپي جو بيت الله شريف نظر اچي ۽ قبلي ڏي منهن ڪري دعا گهرڻ کپي ۽ سعي جي نيت ڪرڻ کپي.

"اي الله آئون تنهنجي رضا خاطر صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي (ست ڦيرا لڳائڻ) جو ارادو ڪريان ٿو. تون ان کي مون لاءِ آسان فرماءِ ۽ قبول فرماءِ."

صفا کان مروه ۽ مروه کان صفا ڏي ويندي وقت سائي رنگ جي ٿنڀن (ميلين اخضرين) جي وچ ۾ ڊوڙڻ يا تکو تکو هلڻ کپي. مروه پهاڙي وٽ پهچي وري دعا گهرڻ کپي. ساون ٿنڀن جي وچ ۾ ڊوڙڻ جو حڪم فقط مردن لاءِ آهي ، عورتن لاءِ نه، پيري يا بيماري جي حالت ۾ ڊوڙڻ ضروري ناهي.

سعي جو ستون ڦيرو مروه وٽ پورو ٿئي ٿو، جتي سعي ختم ٿئي ٿي. ان بعد مٿي جا وار ڪترايا وڃن ٿا، جنهن کي حلق يا قصر سڏجي ٿو. مروه واري دروازي مان نڪرڻ سان ٻه ٽي پنجابي ٽون ۾ اردو ڳالهائيندڙ حجام نظر آيا، جن ٿوڙهه ڪرائڻ جا ڏهه ريال گهريا تي پر حافظ سعيد جي ڪجهه بحث بعد هو ٽي ريال وٺڻ لاءِ راضي ٿي ويا ۽ پنهنجي دڪان تي وٺي آيا ۽ مٿي تي بنا خوشبو وارو صابڻ هڻي اسان جي ٿوڙهه ڪئي. وار ڪوڙائڻ بعد عمرو پورو ٿيو وڃي ۽ احرام جون پابنديون ختم ٿيو وڃن. گهر پهچي خوشبو واري صابڻ سان وهنجي شلوار قميص پاتي سين ۽ سيني گڏجي ماني کاڌي. گروپ جي ليڊر ڪڪڙ جو ٻوڙ رڌيو هو. نان (خبزه) هيٺيان دڪان تان وٺي آيو، اسرار الحق چيو پهريون دفعو ماني احسان شيخ (گروپ ليڊر) ڪندو آهي. سياڻ ڪان ٻه ٻه زالون ٻوڙ رڌينديون ٻه ٻه مرد گوشت ۽ سيڌو وٺي انهن کي پهچائيندا. هرهڪ ماڻهو، راشن پاڻي جي سلسلي ۾ (ٻه ٻه سئو) ريال گروپ ليڊر وٽ جمع ڪرايا.

# مکو شريف ۽ ڪعبة الله

مڪو شريف (Mecca) ڳاڙهي سمنڊ (Red Sea) جي بندرگاهه جدي (Jeddah) کان 46 ميل (74 ڪلوميٽر) اوڀر ۾ آهي. ٿورن ڪلاڪن ميلن جو فرق رهي ٿو، جو ته Depend ٿو ڪري ته توهان ڪهڙي رستي ذريعي سفر ڪري رهيا آهيو، پراڻي رستي ذريعي يا نئين ايڪسپريس روڊ ذريعي.

مڪو شريف سمنڊ جي ڪناري کان ٽي سؤ فوٽ ڪن اتاهون "وادي ابراهيم" نالي ماٿري ۾ آهي. جنهن جي چوڌاري ڪارن وڏن ۽ ننڍڙن پٿرن جا جبل ۽ ٽڪر آهن يا وري رڻ پٽ بيابان. اهي جبلن جون قطارون "سيرت جبل" سڏجن ٿا، جن مان ڪجهه جبل تمام گهڻو مشهور آهن، جهڙوڪ جبل: اجياد جيڪو 1332 فوٽ (406 ميٽر) اتاهون آهي. اجياد نالي مڪي شهر ۾ ڪيترين ئي شيون آهن، جيئن ته اجياد روڊ، اجياد سرنگ (Tunnel) حرم پاڪ جي باب ملڪ عبدالعزيز نالي دروازي جي سامهون نهيل وڏي اسپتال جو نالو پڻ اجياد اسپتال آهي. بلڪ شارع اجياد ۽ شارع اجياد سد جي وچ وارو علائقو اجياد (Ajyad) سڏجي ٿو. (جيئن ڪراچي ۾ ناظم آباد، نارٿ ناظم، لياقت آباد، صدر، ڪلفٽن جا علائقا آهن، تيئن مڪي جا مختلف علائقا آهن، جهڙوڪ اجياد، القشاشية، القراره (Al Qararah)، الشاميہ، الشبيڪہ (Shubaikah' Al). اهي سمجهو ته حرم پاڪ جي چوڌاري ويجها وارا علائقا آهن. ان بعد الطندباوي، الهنداويا، الرصيفہ، الزهراه، المسفة، الفيصلية، العتيبية، المعابده ۽ العزيز وري انهن جي پر وارا يا ٿورو پريرا علائقا آهن.

اجياد جبل کان علاوه هڪ ٻيو جبل ابو قوبيز آهي، جنهن جي چوٽي 1220 فوٽ (يعني 372 ميٽر) اتاهين آهي. اهي جبل اوڀر پاسي آهن. اولهه پاسي جبل قوايقان مشهور جبل آهي، جنهن جي چوٽي 1401 فوٽ (427 ميٽر) اتاهين آهي.

اسلامي تاريخ جي مشهور جبل حرا جي چوٽي 2080 فوٽ (634 ميٽر) اتاهين آهي، هي جبل مڪي جي اتر اوڀر ۾ آهي. هن جبل ۾ حرا نالي غار آهي. جنهن ۾ حضورﷺ جن نبوت ملڻ کان اڳ اڪيلائي ۾ ويهي غور ۽ فڪر ڪندا هئا ۽ هتي ئي حضور ﷺ جن تي وحي لٿو ۽ ڪين قرآن شريف جي پهرين آيت: "اِقرا بِاسِمِ رَب..." پڙهائي وئي.

مڪي شريف جي ڏکڻ ۾ جبل ثور آهي، جيڪو 2490 فوٽ (759 ميٽر) اتاهون آهي. هن جبل ۾ به هڪ غار آهي، جنهن ۾ حضور ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان گڏ مديني هجرت ڪرڻ وقت ترسيا هئا. مڪي جا ڪافر ڪين ڳوليندا هن غار تائين پهتا پر غار جي منهن وٽ ڪوريئڙي جي جار ۽ ڪبوترن جو آکيرو ڏسي سندن اکين ۾ سرمو گهمي ويو ۽ هو ٻاهران ئي موٽي ويا. اهڙي طرح رب پاڪ حضور ﷺ جن جي حياتي بچائي ورتي.

---

مڪي جو شهر وڌندو وڃي ۽ وچن جبل ٽڪيندا. شهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ۽ ٽرئفڪ جئم گهٽائڻ لاءِ شهر جي چوڌاري ڪيترن ئي جبلن کي ٽڪي سرنگهون (Tunnels) ناهيا ويا آهن ۽ جبل جي چوڌاري وڌو ڦيرو ڪرڻ بدران بسيون، ڪارون ۽ ٽرڪون وغيره سرنگهن مان ٻاهر نڪريو وڃن. جبلن اندران کوٽيل سرنگهه کي عربي ۾ نفق (انفاق) سڏجي ٿو. ڪٿي ڪٿي ته گاڏين موٽرون (سيارات) لاءِ الڳ سرنگهون آهن ته پيادي هلڻ وارن (مشاة) لاءِ الڳ سرنگهون آهن. خاص ڪري انفاق السد سرنگهه جيڪا منيٰ مان شيطانن (جمرات) وٽان شروع ٿي ٿئي ته حرم پاڪ وٽ اچيو نڪري. گاڏين ڪارن لاءِ "انفاق السد - سيارات" سرنگهه منيٰ کان مڪي اجياد روڊ سان اچيو ملي. جيڪو اجياد اسپتال تائين پهچي ٿو ۽ پر ۾ حرم پاڪ جو دروازو باب ملڪ عبدالعزيز آهي ۽ پيادن جي هلڻ لاءِ سرنگهه "انفاق السد - مشاة" منيٰ کان شروع ٿئي ٿي ته حرم پاڪ وٽ مروه پهاڙي وٽان اچيو ٿي نڪري. منيٰ کان واپس مڪي ايندي ڪيترا حاجي هن سرنگهه رستي حرم پاڪ انهن کان جلد پهچيو وڃن، جيڪي بسين

۾ نڪرن ٿا ۽ ٽرئفڪ جئم ڪري انهن کي ٿي ٿي، چار چار ڪلاڪ لڳيو وڃن ۽ هوڏانهن پيادا منیٰ کان ڪلاڪ ۾ پهچيو وڃن.

بهرحال اتر اوڀر طرف وارو اهو لنگهه منیٰ مزدلفه، عرفات ۽ اڳتي طائف شهر ڏي وڃي ٿو. اتر اولهه وارو لنگهه مديني ڏي وڃي ٿو. اولهه واري لنگهه (Tunnel) ذريعي جدي وڃي سگهجي ٿو ۽ ڏکڻ طرف يمن جي شهر صنعا ڏي ويندڙ رستو آهي.

مکو شريف صدين کان تجارتي مرڪز رهيو آهي. حضور ﷺ جن جي ولادت (يعني 570) کان به گهڻو اڳ. هي اهو شهر آهي، جتي حضرت آدم عليه السلام جهڙا ڪيترا نبي ۽ الله جا پيا نيڪ ٻانها رهيا. "مکي" جو تاريخ ۾ذڪر سڀ کان اڳ پٽولمي (Ptolemy) ڪيو، جنهن شهر کي مکورابا Makoraba سڏيو آهي. پراڻي زماني ۾ يعني Bibilical Times۾ مکي شهر تي يمني قبيلن جي حڪومت هئي. هڪ قبيلي جو ڪمزور ٿيڻ تي ٻئي قبيلي واڳون سنڀاليون ٿي. قريش جي ڏينهن ۾ مکو سنگاپور وانگر هڪ City State ٿي پيو، يعني مکي کي هڪ شهر جي به حيثيت حاصل هئي ته هڪ ملڪ جي به. قريش جي ڏينهن ۾ مکي شهر جا ڪيترن ئي ملڪن سان تجارتي تعلقات رهيا. خاص ڪري سڄي عربستان سان (جنهن ۾ يمن به اچي ويو ٿي) اٿوپيا (حبش) سان ۽ يورپ جي ويجهڙائي وارن حصن سان، سڄي عربستان ۾ مکي جو ننڍڙو شهر اهم تجارتي مرڪز هو، جو اهو شهر ٻن اهم لنگهن جي جنڪشن وٽ هو. هڪ اتر ڏکڻ وارو رستو هو، جنهن شام ۾ يونچ سمنڊ (Mediterranean) کي يمن ۽ هندي سمنڊ سان ڳنڍيو ٿي. (ياد رهي ته انهن ڏينهن يورپ جا جهازران اجا سائوٿ آفريڪا وارو Cap of Good Hope ڪراس ڪري سمنڊ رستي انڊيا نه پهچي سگهيا هئا. هنن جو سڄو واپار وڙو خشڪي رستي هليو ٿي) ۽ ٻيو اوڀر اولهه وارو رستو هو، جيڪو عراق ۽ ايران کان آفريڪا ۽ يونچ سمنڊ تائين هليو ٿي. هنن ٻنهي رستن جا مسافر مکي شهر وٽان لنگهيا ٿي ۽ مکي جي جاگرافيائي پوزيشن ائين اهم ٿي پئي، جيئن ساموندي لنگهن تي سنگاپور جي آهي. سنگاپور وانگي مکي ۾ به نه پوک فصل هو، نه ڌاتو، ڪاٺيون پر مختلف ملڪن کان آيل مال جي وڪري مان ڪمائي ٿي ٿي. سو مکو تجارت، زيارت ۽ شعر و شاعري جي محفلن کان ان وقت جي دنيا ۾ تمام گهڻو ناليرو ٿي پيو.

عرب دنيا ۾ شعر و شاعري جي وڏي اهميت هئي، ڪنهن جا ڳڻ ڳائڻا هوندا هئا ته به شاعري کان ڪم ورتو ويندو هو. ڪنهن کي خوار خراب ڪرڻو هوندو هو ته به شاعري ذريعي. هڪ سال جي ٽيپ ڪنهن کي ايترو خوار نه ٿي ڪيو، جيترو ڪنهن جي خلاف لکيل شعر جي ٻن سٽن، شاعرن جو وڏو قدر هو. ماڻهن وڏي شوق سان شعر ٻڌا ٿي. انهن تي داد ڏنو ٿي ۽ بحث مباحثو ڪيو ٿي.

---

مکي ۾ هر سال ميلو مچڻ ڪري هن شهر جي پنهنجي اهميت رهي پئي، ڪعبي ۾ بت رکيل هئا، جن جي عرب مشرڪن پوڄا پاٺ ڪئي ٿي ۽ زيارت لاءِ پري پري کان کهي آيا ٿي. مکي ۾ ماڻهن جي گڏ ٿيڻ ۽ سني واپار هلڻ جو هڪ اهو به سبب هو، مکي شهر جي وڏي ڪمائي انهن آيل زيارتين (Tourists) مان هئي، عربن جي سڀني قبيلن اهي حج وارا ڏينهن جن ۾ مشرڪن پنهنجي نموني جو طواف ۽ پوڄا پاٺ ڪئي ٿي، جهيڙي جهٽي ۽ قافلن جي ڦر ڪرڻ کان گريز ڪئي ٿي. جيئن ماڻهو بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي مکي ڏي ايندا ويندا رهن.

---

570ع ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن مکي شريف ۾ ڄاوا. نبوت ملڻ بعد 622ع ۾ مکي کان هجرت ڪري مديني وڃڻو پيو، جتان پو ۽ 629ع ۾ مکو فتح ڪرڻ تي ڪعبي ۾ پهتا ته پاڻ ﷺ هڪ هڪ ڪري سڀ بت ڊاهي ڇڏيا. حضور ﷺ جن انسان ذات کي هڪ الله جي عبادت ڪرڻ جو سبق ڏنو، جيڪو سڀني جو پروردگار آهي.

---

930ع ۾ Carmathians (ڪرامتا) مڪي تي حملو ڪيو ۽ پاڻ سان حجر اسود پٿر کڻي ويا ۽ ٻاويھہ سالن تائين پاڻ وٽ رکيائون.

---

مڪي جو شهر سڄي تاريخ ۾ خودمختيار ٿي رهيو. جيتوڻيڪ شهر کي هلائيندڙ مختلف خليفن جي حڪومتن جي طاقت جي مڃتا ڪندا رهيا، جيئن تہ دمشق وارن جي ۽ ان بعد بغداد جي عباسي گهراڻي جي. 1269ع ۾ مڪو مصر جي مملوڪ سلطانن جي ڪنٽرول هيٺ پڻ رهيو.

---

1517ع ۾ مڪو ترڪن جي سلطنت عثمانيہ (Ottoman Empire) جي انتظام هيٺ رهيو. جن جي گادي جو هنڌ قسطنطنيہ (Constantinpole) يعني هاڻوڪو استنبول هو. ترڪن جي حڪومت بعد مڪي جو شهر تمام خوشحال ٿيو، واپار وڙي ۾، شهري سهولتن ۾، سفر لاءِ سوارين ۾ وغيره، ترڪن جي ڏينهن ۾ سعودي عرب ۾ ريل گاڏي بہ هلي هئي. مديني کان ينبو ۽ اڳتي ترڪيءَ تائين هلندي هئي. اڄ بہ ان وقت جا ڪجهہ ريل جا دٻا مديني کان ميقات يا مسجد قبا ڏي ويندي رستي تي نظر ايندا. سهولتن ڪري حج ۽ عمري لاءِ ايندڙن جو تعداد پڻ وڌڻ لڳو.

---

اوڻهين صدي جي شروعات ۾ پهريون جنگ بعد ترڪ ڍرا ٿي پيا ۽ مڪو وهابين جي انتظام ۾ آيو پر 1833ع ۾مڪي تي وري ترڪن جو قبضو ٿيو ۽ انتظام "محمد (Mehmet) علي" جي حوالي آيو، جنهن پنهنجي پٽ ابراهيم الشيخ الحرام کي اتي رکيو.

---

1916ع ۾ بادشاهہ (ملڪ) عبدالعزيز ابن سعود مڪي کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري هن شهر مڪي کي سعودي عرب ملڪ جو حصو بڻايو ۽ حجاز ۽ نجد جو يڪو نالو سعودي عرب رکيو.

---

مڪي شهر ۾ ڪو خاص مينهن نہ ٿو پوي. سڄي سال ۾ پنجن انچن کان بہ گهٽ بارش وسي ٿي سا بہ سياري ۾. سياري جي ٻن ٽن مهينن (نومبر، ڊسمبر، جنوري ،فيبروري ۽ مارچ) کان علاوه سڄو سال سخت گرمي رهي ٿي ۽ ٽيمپريچر 54 ڊگري سينٽي گريڊ (311 فارن هائيٽ تائين پهچيو وڃي.

---

پاڻي جي کوٽ ڪري کاڌو خوراڪ پر وارن علائقن (وادين) مان گهرايو وڃي ٿو، جهڙوڪ :وادي فاطمة، طائف، بلاد غامد ۽ بلاد ظاهران وغيره مان ۽ هاڻ تہ ڪيترين ئي شيون ٻاهرن ملڪن کان گهرايون وڃن ٿيون، جيڪي جدي هوائي اڏي ۽ بندرگاهہ ذريعي مڪي ۽ سعودي عرب جي ٻين شهرن ۾ پهچن ٿيون.

---

مڪي ۾ پاڻي جدي کان اچي ٿو، جتي سمنڊ جي کاري پاڻي کي ٺهڪائي، منو پاڻي ناهيو وڃي ٿو. زم زم جو پاڻي بہ جتي ڪٿي پهچايو وڃي ٿو. حج جي ڏينهن ۾ هر حاجي لاءِ روزانو هڪ لٽر زم زم جو پاڻي هن کي سندس رهائشگاهہ تي پهچايو وڃي ٿو. مڪي شهر جي ماڻهن جو پاڻي لاءِ گهڻو دارومدار پر وارين وادين تي آهي، جتي مينهن جو پاڻي گڏ ٿئي ٿو يا قدرتي چشما آهن. سڀ کان گهڻو مشهور "عين زبيده (زبيده جو چشمو) آهي. جيڪو انين صدي ۾ نهرايو ويو. زبيده اسلامي تاريخ جي مشهور خليفي هارون رشيد جي زال هئي. هن مڪي شهر کي پاڻي پهچائڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون. شهر جي ٻاهران هڪ جبل جي چوڌاري پراڻي پيٽ نظر

ايندي، جنهن بابت اسان جي ٽئڪسي ڊرائيور ٻڌايو ته پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ اها پڻ زبيده نهرائي هئي، جتان شاخن ذريعي پاڻي کي مڪي شهر ۾ پهچايو ويو ٿي. ان کان علاوه وادي نعمان جيڪا ويهه ميل پري آهي. ان کان پڻ مڪي ۾ پاڻي اچي ٿو. وادي شاميا جيڪا مڪي شهر کان 60 ميل پري آهي، اتي عين العزيزه نالي چشمو آهي، جتان پائيپن ذريعي مڪي شهر ۾ پاڻي پهچايو وڃي ٿو.

---

ٻي جنگ عظيم کانپوءِ سعودي عرب ۾ تيل نڪرڻ ڪري انڊسٽري ۽ اليڪٽرسٽي عام ٿي وئي آهي. گهر گهر ۾ بجلي ۽ پاڻي جا نلڪا نظر اچن ٿا. اليڪٽرسٽي پيدا ڪرڻ لاءِ مديني واري رستي تي تيل تي هلندڙ وڏا جنريٽر آهن.

مڪي شهر جي پنهنجي آدمشماري ڪا خاص ناهي. 1965ع ۾ لکن کان به گهٽ هئي ۽ اڄ به ڪا خاص ناهي. پنج لک کن ڪا مس ٿيندي، شهر ۾ ڇوڏاري نيون نيون عمارتون نهي رهيون آهن. نيون نيون آباديون ظاهر ٿي رهيون آهن. هن وقت خاص رهائشي علائقا هي آهن. منیٰ واري رستي تي العزيز ۽ فيصليه آهن ۽ جدي ۽ مديني واري رستي تي الظاهر، الظهرا ۽ شارع المنصور آهن. هنن نون علائقن مڪي شهر کي هڪ ماڊرن شهر جي حيثيت ڏئي ڇڏي آهي.

---

شروع وارن ڏينهن ۾ مڪي جي ماڻهن ڪعبي جي عظمت ۽ هيبت کان تمام پري جبلن جي غارن ۽ ڇُرن ۾ پنهنجا گهر ٺاهيا ٿي. قصیٰ بن ڪلاب جي زماني ۾ ڪعبي جي ٻر ۾ گهر ٺاهڻ جي موڪل ڏني وئي ۽ ماڻهن جا ڳاهٽ ٿي ويا. هڪ ٿوري جاءِ کانسواءِ ڪعبي جي چوڌاري ڪا جاءِ باقي نه بچي، ان جاءِ کي مطاف سڏيو ويو ٿي، جنهن تي ماڻهن ڪعبي جي چوڌاري طواف ڪيو ٿي، ماڻهن ان ڳالهه جو ضرور خيال رکيل ته پنهنجو پنهنجو گهر گول چڪري ۾ ٺاهيو ٿي، جيئن سندن گهر جي شڪل ڪعبي سان نه ملي ۽ گهرن جي اوچائي به ڪعبي جي ڀِتين کان گهٽ رکي ٿي. ان کان علاوه هر ٻن گهرن جي وچ ۾ گهٽي ڇڏي ٿي، جيئن مطاف تائين پهچي سگهجي.

اسلام کان اڳ خانہ ڪعبہ انهي حالت ۾ ئي رهيو، ان ڪري جو ان وقت تائين طواف کان وڌيڪ ٻي ڪا به شيءِ نٿي ٿي. نه سعي (صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڦيرا) نه جماعت سان نماز وغيره. طواف ڪرڻ وارا به سڀ پنهنجو پاڻ ۾ عرب هئا. ان ڪري چوڌاري ڀِتيون ڏيارڻ جي ضرورت نه پئي.

عهد نبوت ۽ پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي دور خلافت ۾ به ڪعبو ان ئي حالت ۾ برقرار رهيو. ٻئي خليفي حضرت عمر بن خطاب رضہ جي عهد خلافت ۾ جڏهن گهڻا ماڻهو مسلمان ٿيڻ لڳا ته ڪعبي واري جاءِ کي وڌائڻ جي ضرورت پئي. جيئن گهٽي کان گهڻا ماڻهو هڪ ئي وقت طواف ڪري سگهن. جماعت سان نماز پڙهي سگهن ۽ صفا ۽ مروه ڏي ويندي کين گهرن وٽان نه لنگهڻو پوي. حضرت عمر رضہ ڪعبي جي ٻر وارا گهر خريد ڪري حرم ۾ داخل ڪيا. ان کان علاوه چئني طرف ڀِتيون ڏياريون ۽ ڏيا ٻارڻ جو حڪم ڏنو. حضرت عمر رضہ پهريون ماڻهو هو، جنهن خانہ ڪعبي ۾ دروازو نهرايو. ان کانپوءِ ڪيترن خليفن، حاڪمن ۽ بادشاهن هن کي وڌايو ۽ سهڻو بڻايو.

---

حج جي موسم ۾ ذارين ملڪن کان حاجين جي اچڻ ڪري مڪي جي آدمشماري تمام گهڻو وڌيو وڃي. 1973ع ۾ حاجين جو تعداد يارهن لک ٿيو هو ته دنيا جي اخبارن ان ڳالهه جي وڏين سرخين سان خبر ڏني هئي. ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون هيون ته ايڏو وڏو تعداد ماڻهن جو ڪو ناچ گاني يا اولمپڪ راندين ڏسڻ يا پيٽ جي دعوت تي نه پر عبادت ۽ حج جو فرض پورو ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيو آهي. پنهنجا ڏوهه گناهه بخشرائڻ ۽ الله کان دل جون مرادون پنڻ لاءِ اچي نڪتو آهي ۽ اهو به هڪ ڏينهن لاءِ نه پر هفتن جا هفتا رهڻ لاءِ. نماز لاءِ به حرم پاڪ ۾

هڪ دفعي جي Gathering لاءِ نہ پر ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج دفعا ماڻهن جا ميڙ حرم پاڪ ڏي وڃن ۽ موٽن ٿا. هن سال (2000ع ـ 1420هہ ۾) يعني چوٿين صدي کان بعد حاجين جو تعداد وڌي ٽيهہ لک تي وڃي پهتو آهي. هي سڀ الله جا مهمان آهن. ظاهري طرح تہ سعودي حڪومت کي جس هجي، جيڪا هيڏن ماڻهن جو بندوبست ڪري ٿي پر هرڪو سمجهي ٿو تہ هيترن ماڻهن کي قدرت ئي منهن ڏئي ٿي. نمازن جي وقت تي حاجين جا سيلاب مڪي جي گهٽين ۾ يا عرفات جي ميدان تي ڏسڻ سان هڪ دهرئي (Althiest) کي بہ رب پاڪ جي عظمت ۽ موجودگي جو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو.

---

ڪعبي جي ڊيگهہ 40 فوٽ آهي ۽ ويڪر 33 فوٽ آهي. ڪعبي کي ڪا دري ناهي، فقط هڪ در آهي. ڪعبي جي اوڀر واري ڪنڊ تي زمين کان اٽڪل پنج فوٽ کن مٿي پاڪ پٿر حجر اسود پيت ۾ لڳل آهي. ڪعبي شريف جي مٿان ڪاري رنگ جر بروڪيڊ ڪپڙي جو غلاف چڙهيل رهي ٿو، جنهن کي ڪسود سڏجي ٿو. غلاف تي سوني ۽ چاندي جي ڌاڳن سان قرآن مجيد جون آيتون لکيل آهن.

---

ڪعبو سڄي دنيا جي مسلمانن جو قبلو آهي، جنهن ڏي منهن ڪري اسين نماز پڙهون ٿا. اسين پاڪستان ۾ الهندي (مغرب) ڏي منهن ڪري نماز پڙهون جو سامهون مغرب ڏي ڪجهہ هزار ڪلوميٽر جي سڌائي ۾ الله جو گهر ڪعبو آهي. اهڙي طرح يورپ ۽ روس جا ماڻهو ڏکڻ ڏي مهاڙ ڪري نماز پڙهن ٿا، جو اتان ڪعبو ڏکڻ ۾ آهي. سوڊان، لبيا، آلجيريا وينڊي ميڪسيڪو ۽ آمريڪا (USA) جا مسلمان اڀرندي طرف منهن ڪري نماز پڙهن ٿا جو اتان ڪعبة الله اڀرندي طرف آهي ۽ سائوٿ آفريڪا پاسي جي مسجدن جا منهن اتر طرف آهن، جو اتان قبلو اتر ڏي آهي.

سڄي دنيا جا مسلمان ڪعبي ڏي منهن ڪري نماز پڙهن ٿا، اها امت مسلمہ جي وحدت جي علامت آهي. ٿورو غور ڪجي ۽ دنيا جي نقشي تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ چوويهہ ئي ڪلاڪ دنيا جي ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ الله جي وڏائي جو اعلان ڪيو وڃي ٿو. الله اڪبر... الله وڏو آهي. ڌرتي جي گولي تان بانگ (اذان) جي روپ ۾ چوويهہ ئي ڪلاڪ گونج ٿيندي رهي ٿي. الله وڏو آهي، الله وڏو آهي، آئون شاهدي ٿو ڏيان تہ الله کانسواءِ ڪو بيو ناهي ، محمد الله جو رسول آهي، اچو نماز لاءِ، اچو فلاح لاءِ، دنيا جي گولي جي ڪنهن نہ ڪنهن حصي، ڪنڊ تي هر وقت مسلمان قبلي ڏي منهن ڪري الله کي سجدو ڪندا رهن ٿا. جپان ۾ هوندا هئاسين تہ صبح جو پوڻي ڇهين بجي ڌاري فجر جي بانگ ايندي هئي. ان وقت پنهنجي وطن پاڪستان جو عوام گهاٽي ننڊ ۾ هوندو هو، جو ان وقت پاڪستان ۾ رات جا پوڻا ٻہ ٿيندا هئا. پاڪستان ۾ ۽ جاپان جي وقت ۾ چئن ڪلاڪن جو فرق آهي.

اڌ ڪلاڪ کن بعد ڪوريا، انڊونيشيا ۽ چين جي ڪجهہ حصن ۾ (خاص ڪري دئرين وغيره ۾) فجر جي بانگ اچڻ شروع ٿئي ٿي. ان بعد فلپين، برونائي ۽ آسٽريليا ۾ بانگ شروع ٿيو وڃي ۽ اهڙي اڌ ڪلاڪ بعد ملائيشيا ۽ ڪمبوڊيا وغيره ۾ ۽ ان بعد ٿائيلنڊ ۽ روس جي ڪجهہ حصن ۾ ۽ پوءِ برما ۽ انڊونيشيا جي ٻيٽ سماترا ۾، ان بعد بنگلاديش ۾۽ جيئن جيئن سج اولهہ ڏي وڌڻ شروع ٿئي ٿو يا ٻين لفظن ۾ اسان جي ڌرتي اوڀر پاسي ڦرندي وڃي فجر ٿيندي وڃي ۽ ان بعد سج جا ڪرڻا ڌرتي تي پوڻ ڪري صبح ٿيندو وڃي. بنگلاديش جي مسجدن ۾ فجر جي بانگ اچڻ تي جيئن ئي نمازي گڏ ٿي نماز شروع ڪن ٿا تہ هندستان ۽ سريلنڪا وغيره ۾ فجر جو وقت ٿيو وڃي ۽ فجر جون بانگون شروع ٿيو وڃن. ان بعد پاڪستان، افغانستان، ازبڪستان ۾. ان بعد ترڪمانستان، ايران قزاقستان وغيره ۾. ائين اڳتي وڌندي وڌندي سڄو آفريڪا ۽ يورپ لتاڙي فجر جو وقت ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ اچي ٿو تہ ان وقت جپان ۾ اڳين (ظهر) نماز جون بانگون شروع ٿيو وڃن ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ جي هڪ پاسي آمريڪا ۽ ڪئناڊا ڏي فجر جون بانگون پيون هلن تہ ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ٻئي پاسي يعني آفريڪا، ايشيا، يورپ جي ملڪن ۾ ظهر نماز جون بانگون شروع ٿيو وڃن ۽ جپان پاسي وارن ملڪن ۾ تہ عصر نماز جي تياري ٿيو وڃي. مطلب تہ هن دنيا جي گولي تي هر وقت ڪٿي نہ ڪٿي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ الله جي توحيد

۽ وڏائي جو نعرو گونجندو رهي ٿو ۽ الله جا نيڪ ٻانها ڪعبي ڏي منهن ڪري سجدو ادا ڪندا رهن ٿا. ساڳي طرح حرم پاڪ ۾ چوويهه ئي ڪلاڪ ڪعبي جي چوڌاري طواف هلندو رهي ٿو. سواءِ فرض ۽ جنازي نماز جي، ڪجهه گهڙين جي، ان وقت هرڪو نماز لاءِ ويهي رهي ٿو.

---

شروع ۾ مسلمان (اسلام جي ابتدائي ڏينهن ۾) بيت المقدس ڏي رخ ڪري نماز ادا ڪندا هئا. 2 هجري کان الله جي حڪم موجب قبلي جو رخ ڪعبي ڏي ٿيڻ تي ڪعبي ڏي منهن ڪري نماز پڙهڻ شروع ڪيائون ۽ گذريل چوڏهن سئو سالن کان دنيا جا مسلمان ڪعبي ڏي منهن ڪري نماز پڙهندا اچن ۽ قيامت تائين ڪعبو اسان جو قبلو رهندو، انشاءَ الله. گذريل چوڏهن سئو سالن کان دنيا جا مسلمان ڪعبي جو حج ڪندا اچن. دنيا جون سموريون قومون هتي اچيو ٿيون گڏ ٿين. هڪ عظيم ۽ شاندار اجتماع ٿئي ٿو، جنهن جي اڳيان اولمپڪ جي راندين جو ميڙاڪو به ڪجهه ناهي. سڀ مسلمان هڪ ئي رنگ ۽ هڪ ئي نموني جي لباس، ٻن سفيد چادرن ۾ اچيو گڏ ٿين. هنن جا جذبا ۽ تمنائون به ساڳيون آهن. احساس به ساڳيا آهن. مقصد ۽ خيال به ساڳيا آهن ۽ سندن زبان تي ٻول به ساڳيا آهن. لبيڪ اللهم لبيڪ...

“آئون حاضر آهيان، يا الله آئون حاضر آهيان.

آئون حاضر آهيان، تنهنجو ڪو شريڪ ناهي، آئون حاضر آهيان.

بيشڪ سڀ تعريفون ۽ نعمتون تو لاءِ آهن.

۽ ملڪ به.

تنهن جو ڪو به شريڪ ناهي”.

---

ڪعبو دراصل لفظ ڪعب مان نڪتو آهي. جنهن جي معنىٰ آهي بلندي يا اوچائي. انگريزيءَ جو لفظ Cube به عربي جي لفظ ڪعب مان نڪتو آهي، جيئن ٻيا ڪيترائي انگريزي لفظ عربي لفظن مان جُڙيا آهن. الجبرا، ڪيمسٽري، ازمٿ وغيره. ڪعبي واري جاءِ يعني ان علائقي (مڪي) کي اهو القرىٰ به چون ٿا ته بڪ به.

بڪ جي اصليت ڏي اشارو ڪندي اصمعي ارشاد ڪيو آهي ته بڪ لفظ بڪ مان نڪتو آهي، جنهن جي معنىٰ آهي ڌڪو ڏيڻ، ٺيلهو ڏيڻ، چو ته طواف دوران ايترا ماڻهو ٿين ٿا جو هو پنهنجو پاڻ هلڻ بدران هڪٻئي کي ٺيلهيندا رهن ٿا. ان ڪري هن کي بڪ سڏين ٿا. مجاهد جو چوڻ آهي ته دراصل لفظ بڪ جي ب ميم (م) ۾ تبديل ٿي وئي ۽ هاڻ مڪ سڏجي ٿو.

ڪجهه سال اڳ جنگ اخبار ۾ هڪ مضمون دارين صديقي جو “بيت الله، دنيا جي عظيم ترين عمارت” عنوان هيٺ پڙهيو هوم. ان موجب جڏهن حضرت آدم عليہ السلام الله تعالىٰ جي حڪم سان زمين تي موڪليو ويو ته هر وقت روئندو رهيو ٿي ۽ الله تعالىٰ کان معافي گهرندو رهيو ٿي. هڪ ڏينهن حضرت جبرئيل عليہ السلام جن آيا ۽ فرمايائون ته اي آدم تون وفات کان اڳ حج ڪري وٺ. آدم موت جي خبر ٻڌي ڏاڍو رنو ۽ حج جو رادو ڪيو. ياد رهي ته جڏهن الله تعالىٰ حضرت آدم ۽ بي حوا کي زمين تي لاٿو ته روايتن موجب آدم عليہ السلام کي سرانديپ (هاڻوڪي سريلنڪا ٻيٽ) تي ۽ بي بي حوا کي خراسان ۾ الڳ الڳ لاٿو. آدم سرانديپ کان مڪي ڏي حج جي نيت سان روانو ٿيو. جڏهن هو مڪي جي ويجهو پهتو ته سيئي ملائڪ هن وٽ آيا ۽ چيو ته اي آدم اسان ٻن هزار سالن کان هن گهر جو طواف ڪري رهيا آهيون. ان وقت هن جو نالو بيت المعمور هو ۽ الله تعالىٰ جي طرفان اهو فقط فرشتن (ملائڪنﷺ لاءِ طواف گاهه هو. هي عمارت حضرت آدم عليہ السلام کان به پهرين جي هئي ۽ حضرت نوح عليہ السلام تائين زمين تي قائم رهي. حضرت نوح کي به ملائڪن چيو ته اي نوح تون بيت

المعمور جي زيارت ڪري وٺ، ڇو ته الله تعاليٰ ان کي آسمان تي کڻڻ چاهي ٿو ۽ نوح جي زيارت بعد الله تعاليٰ ان عمارت کي آسمان تي کڻائي ورتو ۽ اڄ به اها عمارت آسمان تي موجود آهي.

جڏهن الله تعاليٰ حضور ﷺ جن کي معراج لاءِ گهرايو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن سيني ملائڪن سان گڏ بيت المعمور ۾ ٻه رڪعتون نماز ادا ڪئي هئي ۽ اڄ جيڪا اسين خانه ڪعبه جي عمارت ڏسون ٿا، اها عمارت هن عمارت جي بلڪل هيٺان آهي، جيڪا آسمان تي آهي (بي بي حوا بابت روايت آهي ته هن جي حضرت آدم عليه السلام سان ملاقات حج بعد عرفات جي ميدان تي ٿي).

ان ڪانپوءِ حضرت ابراهيم عليه السلام جو دور آيو ته هن کي الله تعاليٰ طرفان ڪعبي (الله جو گهر) ٺاهڻ جو حڪم ٿيو، جيئن ماڻهو ان جي زيارت لاءِ اچن ۽ طواف ڪن. طوفان نوح بعد ڪعبي جا نشان ڊهي ويا هئا ۽ ان هنڌ جي نشاندهي لاءِ حضرت جبرئيل عليه السلام جن حضرت ابراهيم جن کي ٻڌايو ته توهان اٺ تي سوار ٿي هن کي هلڻ لاءِ ڇڏيو. الله جي حڪم سان ان اٺ تي هڪ ڪڪر جي ڇانو رهندي، جيڪا اٺ سان گڏ گڏ هلندي رهندي، جتي بيهي رهي ۽ اتي جيتري ٽڪر تي ڪڪر جي ڇانو رهي. ان سائيز جو گهر ٺاهجانءِ. پوءِ جڏهن اٺ ان جاءِ تي پهتو (هي اها جاءِ آهي جتي اڄڪلهه ڪعبي جي عمارت آهي). حضرت ابراهيم عليه السلام اٺ تان لهي هڪ ڪاني جي ٽڪر سان ان حصي تي ليڪون پاتيون، جنهن تي ڪڪر جي ڇانوَ ٿي هئي.

حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي پٽ اسماعيل سان گڏجي الله تعاليٰ جو گهر ٺاهيو، جنهن ۾ الله جي حڪم سان حضرت جبرئيل پڻ مدد ڪئي ۽ پنجن جبلن: ڪوهه لبنان، ڪوهه حرا، ڪوهه صفا، ڪوهه مروه ۽ ڪوهه ابو قيس تان ڪين پٿر آڻي ڏنا. ڪعبي شريف جي نهڻ بعد حضرت ابراهيم عليه السلام الله تعاليٰ کان مڪي شريف لاءِ دعا گهري ته اهو امن امان جو شهر رهي ۽ ان جي رهاڪن کي روزي ملي.

تعمير ڪعبه بعد حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي ملڪ شام ڏي روانو ٿي ويو ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام پنهنجي ماءُ سان گڏ اتي ئي مڪي ۾ ٽڪي پيو ۽ ڪعبي جي نگهباني ڪرڻ لڳو. حضرت اسماعيل ۽ هن جي والده بي بي حاجره جي وفات بعد انهن جي اولاد ڪعبي جي نگهباني جو فرض ادا ڪيو. پوءِ جڏهن حضرت اسماعيل جي اولاد جو سلسلو وڌيو ته اهي قبيلن ۾ ورهائبا ويا. انهن قبيلن مان هڪ قبيلو قبابعد هو. هڪ روايت آهي ته قبابعد قبيلي جا ماڻهو حج بيت الله ڪندا هئا ۽ ڪعبي کي نهايت عزت احترام جي نگاهه سان ڏسندا هئا. انهي قبيلي جو هڪ بادشاهه پهرين پهرين بيت الله تي غلاف چڙهايو، جيئن اهو پاڪ صاف رهي.

حضرت اسماعيل عليه السلام جي اولاد ڪانپوءِ ڪعبي جي نگهباني جو سهرو جرهم کي ہٿو ويو، جيڪو حضرت اسماعيل جو مامو هو، جرهم جي نگهباني ڪانپوءِ اهو فرض خزاع نالي قبيلي جي حوالي ٿيو ۽ ان بعد اها سعادت قريش قبيلي جي حصي ۾ آئي، پوءِ قصيٰ بن ڪلاب جو دور آيو، جيڪو قريش قبيلي جي هڪ اهم شخصيت هئي ۽ قصيٰ بن ڪلاب جي پنجين پشت مان پيغمبر آخر محمد مصطفيٰ ﷺ جن پيدا ٿيا. حضور ﷺ جن جي ولادت کان اٽڪل 130 سال اڳ قصيٰ بن ڪلاب جي حڪومت قائم ٿي هئي. هي پهريون ماڻهو هو، جنهن جي ڏينهن ۾ ڪعبي جي مرمت ٿي ۽ مٿان ڇت پئي. ان ڪانپوءِ ڪعبي جي تعمير حضور ﷺ جي ڏينهن ۾ ٿي، جڏهن پاڻ 35 سالن جا هئا، يعني اعلان نبوت کان پنج سال اڳ 605ع ۾ ٿي.

انهن ڏينهن ۾ ڪعبي جي عمارت فقط ماڻهو جي قد جيڏي اتاهين هئي. پٿين مٿان ڇت به نه هئي ۽ ان جو فرش ايڏو ته هيٺ هو جو مينهوڳي جي ڏينهن ۾ بارش جو پاڻي حرم پاڪ ۾ گڏ ٿي ويندو هو ۽ عمارت کي هر وقت نقصان رسيو ٿي. جنهن ڪري هر سال مرمت ڪرائڻي پئي ٿي. آخرڪار اهو فيصلو ٿيو ته ان عمارت کي ڪيرائي نئين سر مضبوط ڪري ٺاهي وڃي. مختلف قبيلن عمارت جا مختلف حصا پاڻ ۾ ورهائي ڪنيا، جيئن ڪو به هن عزت کان محروم نه رهي. هن متبرڪ ڪم ۾ خود حضور ﷺ جن حصو ورتو ۽ ٻين سان گڏ پٿر کڻندا رهيا. ڪعبي جي تعمير خلوص سان جاري رهي پر جڏهن حجر اسود کي لڳائڻ جي مهل آئي ته جهيڙو ٿي پيو، هر شخص چاهيو ٿي ته اهو يلارو ڪم هن کي ڪرڻ جو موقعو مليو.

هي جهيڙو چئن ڏينهن تائين جاري رهيو. آخر پنجين ڏينهن اهو فيصلو ڪيو ويو تہ سڀاڻي صبح جو سڀ کان پهرين جيڪو ماڻهو باب صفا واري پاسي کان حرم ۾ داخل ٿيندو، اهو ئي حجر اسود کي پٽ ۾ لڳائڻ جو حقدار قرار ڏنو ويندو. ان راءِ کي سڀني مڃيو ۽ پسند ڪيو. خدا جو ڪرڻ ائين ٿيو جو سڀ کان پهرين حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جن حرم پاڪ ۾داخل ٿيا. ڪيس ڏسي سڀني چيو "امين اچي ويو، اسان کي هن تي اعتماد آهي".

فيصلي مطابق حضور ﷺ جن کي ئي حجر اسود لڳائڻو هو پر حضور ﷺ جن اهو ڪم اڪيلي سر ڪرڻ بدران هڪ چادر گهرائي، اها زمين تي وڇائي، پوءِ ان جي وچ ۾ حجر اسود رکيو ۽ قبيلن جي سردارن کي فرمايو تہ هاڻ ان چادر کي جهلي هلن. جڏهن چادر ان جاءِ تي پهتي، جتي حجر اسود کي لڳائڻو هو تہ حضور ﷺ جن پنهنجن هٿن سان ان کي کڻي پٽ جي ان هنڌ تي رکيو، جتي هينئر موجود آهي. اهڙي طرح حضور ﷺ جن جي ڏاهپ سان مڪي جا مختلف قبيلي هڪ وڏي خطرناڪ جنگ کان بچي ويا.

---

رب پاڪ ڪعبي شريف لاءِ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو: "بيشڪ" سڀ کان پهرين جيڪو گهر ماڻهن جي (عبادت) لاءِ ناهيو ويو، اهو ئي آهي، جيڪو مڪي ۾ آهي، برڪتن وارو ۽ سڀني جهان کي هدايت ڪرڻ وارو".

الله تعالیٰ مسجد حرام جو ان نالي سان قرآن ۾ پندرهن دفعا ذڪر ڪيو آهي ۽ ان کان علاوه ٻين نالن سان بہ ياد ڪيو آهي. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ هن گهر کي ڪيترو تقدس ۽ جلال حاصل آهي ۽ ان کي ڪيڏي احترام ۽ عزت سان اسان کي محسوس ڪرڻ کپي.

---

حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ سندس فرزند حضرت اسماعيل عليہ السلام هن گهر جي تعمير ڪئي. ان بعد هن جي ڪيترن حصن جي ترميم ۽ تعمير ٿيندي رهي، جيئن شروع ۾ بيان ڪيو ويو آهي. حضرت عمر بن خطاب رضہ 17 هجري ۾ ڪعبي جي مرمت ڪرائي. ان بعد ٽئين خليفي حضرت عثمان بن عفان رضہ 26 هجري ۾ هجري ۾ مسجد حرام ۾ واڌارو آندو ۽ مسجد مٿان پهريون دفعو ڇت وجهرائي.

66 هجري ۾ حضرت عبدالله بن زبير رضہ مسجد ۾ واڌارو ڪيو ۽ ان کان اڳ 64 هجري ۾ خانہ ڪعبي جي نئين سنئين مرمت ڪرائي. حضرت عبدالله بن زبير جي ولادت هجرت کان ڏهہ مهينن بعد مدينہ منوره ۾ ٿي، هجرت ڪانپوءِ مسلمان مهاجرن ۾ سڀ کان پهرين هن جي ولادت ٿي، جنهن تي سڀ مسلمان ڏاڍو خوش ٿيا هئا. پاڻ تمام رحمدل، متقي ۽ شجاعت جو مالڪ هو. پاڻ حضور ﷺ جن جي خواهش مطابق حطيم واري حصي کي ڪعبي اندر داخل ڪيو ۽ دروازي کي هيٺيرو ڪري زمين جي ويجهو ڪيو ۽ ٻيو دروازو پٺئين پاسي واري پٽ ۾ قائم ڪيو، جيئن هر قسم ڪعبي اندر سولائي سان داخل ٿي سگهي ۽ ٻي در کان نڪري سگهي.

حضرت عبدالله بن زبير جي انتقال ڪانپوءِ عبدالملڪ بن مروان جي حڪومت واري زمين ۾ حجا بن يوسف 91 هجري ۾ ڪعبي کي وري ساڳي نموني ۾ رکيو، يعني حطيم پاسي واري پٽ کي ڍهرائي پهرين واري جاءِ تي ڪيو ۽ حڪيم وارو حصو ٻاهر ئي رکيو ۽ اندر واري حصي جو پراءُ ڪري ڪعبي جي اندر واري حصي جو سطح مٿيرو ڪري دروازي کي پهرين وانگر مٿي رکيو ۽ سامهون وارو ٻيو دروازو بند ڪرائي ڇڏيو. بعد ۾ جڏهن خليفي کي اصل حقيقت جي خبر پئي ۽ ڪين حضرت عائشہ رضہ واري حديث ٻڌائي وئي تہ هن کي پنهنجي ان فعل تي ڏاڍو افسوس ٿيو.

ان ڪانپوءِ خليفي هارون رشيد پنهنجي دور ۾ ڪعبي جي عمارت ۾ وري ٻيرقار آڻي حضرت عبدالله بن زبير واري حالت ۾ آڻڻ لاءِ ان وقت جي عالم دين حضرت امام مالڪ رح کان فتویٰ گهري. حضرت امام مالڪ رح اهو ارادو ترڪ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ فرمايو تہ: "بيت الله شريف کي بار بار تڪليف ڏيڻ سان هن جي عظمت ماڻهن جي دلين مان ويندي رهندي ۽ هي بادشاهن جي هٿن ۾ هڪ رانديڪو ٿي پوندو". ان بعد خليفي پنهنجو ارادو لاهي ڇڏيو ۽ ڪعبو شريف اڄ تائين ان حالت ۾ آهي، جنهن ۾ حضور ﷺ جن ڏينهن ۾ هو.

160 هجري ۾ عباسي خليفو مهدي جڏهن حج ڪرڻ آيو ته ڏٺائين ته نمازين لاءِ مسجد سوڙهي ٿي رهي هئي. هن اتر ۽ اوڀر کان ان جو واڌارو ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ان وقت خانه ڪعبه جي ڏکڻ طرف به گهٽ زمين هئي. ان ڪري 164 هه ۾ جڏهن هو ٻئي دفعي حج تي آيو ته ڏکڻ طرف به واڌارو ڪرايائين، جيئن ڪعبو مسجد جي وچ ۾ ٿي بيهي.

284 هجري ۾ عباسي خليفي معتضد بالله مسجد جي وري نئين سنئين مرمت ڪرائي هڪ دروازي جو واڌارو ڪيو، جيڪو "باب الزيارة" جي نالي سان سڃاتو ويو.

306 هجري ۾ عباسي خليفي مقتدر بالله "باب ابراهيم" دروازي جو واڌارو ڪيو.

604 هه ۾ مسجد ۾ باهه لڳڻ ڪري مسجد جو هڪ حصو ڊهي پيو. ان بعد ٻوڏ آئي، ان بعد مصر جي حاڪم سلطان فرد بن محمد برقوف مسجد جي ڊٺل حصي کي چڱي طرح ٺاهڻ جو حڪم ڏنو.

979 هجري ۾ سلطان سليم عثمانيءَ سڄي مسجد کي وري ٺهرائڻ جو حڪم ڏنو. ڇت کي گنبذ (جيڪو عثماني طرز عمارت جو نمونو آهي.) جي شڪل ۾ ۽ سڄي مسجد کي بهترين نموني سان ٺهرايو. سلطان سليم جي وفات بعد باقي ڪم هن جي پٽ سلطان مراد پورو ڪرايو، جيڪو 984 هجري تائين هلندو رهيو.

اڄ جي سعودي خاندان مان بادشاهه (ملڪ) عبدالعزيز آل سعود حرم پاڪ تي تمام گهڻو ڪم ڪرايو، جنهن جي نالي دروازو (باب) پڻ آهي. پاڻ 1375 هجري (1955ع) ڌاري مسجد تي ڪم ڪرايو، صفا ۽ مروه مان مسجد ڏي نڪرڻ لاءِ 16 دروازا ٺهرايا، ٻوڏ کان مسجد کي بچائڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو ڊرينيج ٺهرايو. صدر دروازي کان علاوه ٻيا به ڪيترائي دروازا ٺهرايا. جن جو تعداد 51 ٿئي ٿو. اهم دروازن مٿان 92 ميٽرن جا ڊگها مينار ٺهرايا ،جن مٿان چنڊ ٺهرايو. حاجين جي سهولت لاءِ ماڊرن قسم جي غسلخانن جو انتظام پاڻي جو بندوبست ۽ ٻين ڳالهين جو بندوبست نه فقط حرم پاڪ ۽ مڪي ۾ پر منىٰ، مزدلفه ۽ عرفات ۾ پڻ سعودي حڪومت جو هر بادشاهه ڪندو رهي ٿو.

# حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ ڪجھ ٻيا نبي

قرآن مجيد ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو نالو 69 دفعا آيو آهي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام حضرت نوح عليہ السلام جي اولاد مان آهي. (ابراهيم بن تارخ بن ناحور بن سروج بن رعو بن فالغ بن عابر بن شالخ بن ارفخشد بن سام بن نوح)

چون ٿا تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي والد جا بہ نالا هئا. هڪ آزر ٻيو تارخ. قرآن شريف ۾ آزر آيل آهي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام ڌرتي جي جنهن حصي تي جنم ورتو، اهو اڄ جو عراق آهي. انهن ڏينهن ۾ بابل سڏبو هو، جنهن تي نمرود نالي هڪ ظالم بادشاهہ جي حڪومت هئي.

نمرود بادشاهہ هڪ رات خواب ڏٺو تہ آسمان تي هڪ تاري جو اڀرڻ ڪري سج ۽ چنڊ جي روشني ختم ٿي وئي آهي. نمرود جي دربار جي جادوگرن ۽ پوپن ان خواب جو اهو تعبير ڪيو تہ ان سال هڪ نينگر ڄمندو، جيڪو وڏو ٿي نمرود جي بادشاهي ناس ڪندو.

اهو ٻڌي نمرود ان سال جيڪي بہ ڇوڪرا ڄمندا ويا، انهن کي مارائي ڇڏيو. الله تعاليٰ جي قدرت سان حضرت ابراهيم عليہ السلام ان ئي سال ڄائو پر زندهہ رهيو. وڏي جوان ٿيو. نمرود جو مقابلو ڪيائين ۽ هن جي تباهي جو ڪارڻ ٿيو.

نمرود پاڻ کي بہ توبہ نعوذ باالله خدا ٿي سمجهيو ۽ سندس رعيت کيس سجدو ڪيو ٿي. حضرت ابراهيم کيس نہ مڃيو ۽ هن نمرود کي توڙي عوام کي اهو ئي چيو تہ نمرود ۽ ٻتن جي پوڄا نہ ڪريو، الله هڪ آهي. جنهن اسان کي پيدا ڪيو آهي ۽ اسان جو موت توڙي حياتي هن جي وس ۾ آهي.

قرآن شريف ۾ سورة البقرة ۾ پکين جو احوال آهي تہ حضرت ابراهيم الله تعاليٰ کي عرض ڪيو تہ اي منهنجا پالڻهار مون کي ڏيکار تہ تون مري ويلن کي وري ڪيئن ٿو جيارين. پوءِ الله جي حڪم سان حضرت ابراهيم چئن پکين کي ڪُهي قيمو ڪري انهن کي سڏ ڪيو تہ هو جيئرا ٿي هن وٽ هليا آيا.

نمرود کي حضرت ابراهيم عليہ السلام جي ڳالهہ بلڪل نہ آئڙي تہ الله هڪ آهي، جيڪو سڀني جو خلقڻهار آهي ۽ سڀني کي هلائي ٿو. نمرود حضرت ابراهيم عليہ السلام کي سزا ڏيڻ لاءِ باهہ جو هڪ وڏو مچ ٻارائي حضرت ابراهيم کي ساڙڻ لاءِ ان ۾ اڇلايو، پر باهہ حضرت ابراهيم کي ساڙڻ بدران گلزار ٿي وئي.

نمرود جو موت بہ ٻين لاءِ عبرت جو مقام بڻيو. اهو بادشاهہ جنهن پاڻ کي ٻي پناهہ طاقت جو مالڪ سمجهيو ٿي، تنهن کي هڪ خصوصي منڊڙي مڇر جنهن نمرود کي رلائي رلائي ماريو. هو نمرود جي نڪ مان گهڙي سندس ميجالي کي چڪڻ لڳو، جنهن سان نمرود سخت تڪليف ۾ اچي ويو ۽ کيس فرحت فقط ان وقت آئي ٿي، جڏهن هن جي مٿي تي جوتن جو وسڪارو ڪيو ويو ٿي. نمرود چاليهہ ڏينهن اها سزا ڀوڳي ڀوڳي نيٺ موت جو شڪار ٿي ويو.

حضرت ابراهيم عليہ السلام پهريون انسان هو، جنهن ماڻهن کي تمام گهڻي صفائي ۽ سٿرائي سيکاري. طهر جي شروعات بہ هن جي ڏينهن کان ٿي. ان ڪري طهر کي سنت ابراهيمي پڻ سڏيون ٿا، جيڪا اڄ ڏينهن تائين هلندي اچي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام اٽڪل 175 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي ۽ فلسطين ملڪ ۾ حبرون يا الخليل شهر وٽ دفن ٿيل آهي.

حضرت لوط عليہ السلام حضرت ابراهيم عليہ السلام جو ڀائيٽو هو، يعني هاران جو پٽ هو. يتيم هجڻ ڪري هن ننڍپڻ حضرت ابراهيم عليہ السلام سان گذاريو. وڏو ٿي الله جي حڪم ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي

صلاح سان سدوم شهر ڏي لڏي ويو، جيئن اتي جي ماڻهن کي نصيحت ڪري سگهي، جنهن جا ماڻهو نهايت بداخلاق ۽ بڇڙا هئا. سدوم شهر بحرِ مردار (Dead Sea) وٽ آهي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام کي ٻہ گهر واريون هيون. بي بي ساران جيڪا سندس سئوٽ هئي ۽ ٻي بي بي هاجران، جيڪا ننڍي زال هئي ۽ مصر جي رهاڪو هئي.

حضرت ابراهيم عليہ السلام کي 86 ورهين جي ڄمار ۾ننڍي زال بي بي هاجران مان پٽ ڄائو ۽ نالو رکيائونس اسماعيل (عليہ السلام) حضرت اسماعيل عليہ السلام اڃا ٻن چئن ڏينهن جو مس ٿيو تہ الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليہ السلام تي هڪ آزمائش آندي. هن کي حڪم مليو تہ هو پنهنجي معصوم پٽ اسماعيل کي سندس والده بي بي هاجران سميت پاڻ کان پري رهائي ڇڏي. يعني ٻنهي کي فلسطين (جتي هو انهن ڏينهن ۾ رهيل هئا) مان وٺي ڪعبي شريف واري جاءِ تي ڇڏي اچي، جتي انهن ڏينهن ۾ ڪجھ بہ نہ هو.

حضرت ابراهيم پنهنجي رب جو حڪم مڃيو ۽ اٺ تي چڙهي مڪي پهتو ۽ ڪعبي واري جاءِ تي بي بي هاجران ۽ ننڍڙي اسماعيل کي ڇڏي واپس موٽيو. بي بي هاجران کي يقين هو تہ رب پاڪ سندس سار سنڀال ضرور لهندو.

ڪجھ وقت گذرڻ ڪانپوءِ آندل پاڻي ۽ کاڌي جون شيون ختم ٿي ويون ۽ پاڻي نہ ملڻ ڪري سندس ٿڃ بہ سڪي وئي. معصوم ٻار کي اڃ ستائڻ تي بي بي هاجران صفا ٽڪري ڏي وڃي وري مروه ٽڪري ڏي وئي ٿي. هو ٻار کي ڇڏي گهڻو پري بہ نہ ٿي وڃي سگهي، متان ڪو جانور معصوم ٻار کي نقصان پهچائي. هن پاڻي جي ڳولا ۾ صفا کان مروه ۽ مروه کان صفا ڏي ست ڦيرا ڪيا. بي بي هاجران جو معصوم ٻار جي لاءِ پاڻي جي ڳولا ۾ ائين ڊوڙڻ الله تعاليٰ کي ايڏو تہ پسند آيو جو حج ۽ عمري ڪرڻ وارن لاءِ اهو حڪم ڪيو ويو تہ هو صفا ۽ مروه جبلن جي وچ ۾ ست چڪر هڻن.

صفا ۽ مروه جي وچ ۾ هڪ هنڌ تي ڌرتي تمام هيناهين ليول تي هئي، جتي پهچڻ تي بي بي هاجران کي پنهنجو ٻار نظر نہ ٿي آيو .ان هينان ٽڪري تي هوءَ تکو تکو ڊوڙي آهي، اهو حصو هينئر ليول ڪرايو ويو آهي پر ان ٽڪري جي ڄاڻ لاءِ سائي رنگ جا ٿنڀا آهن، جن تي سائي رنگ جون بتيون ٻرن ٿيون ،انهن ساون رنگن جي ٿنڀن جي وچ ۾ جتي بي بي هاجران ڊوڙ پائي لنگهي هئي، مردن ان کي سعي دوران هر ڦيري ۾ تکو ڊوڙڻو آهي. باقي عورتن کي ساڳي رفتار رکڻي آهي.

بي بي هاجران جي ستين چڪر تي جنهن هنڌ تي ننڍڙو اسماعيل اڃ ۾ پاھ تي کڙيون هڻي رهيو هو. اتي پاڻي جو چشمو ڦٽي آيو. بي بي هاجران پاڻي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. هن هٿ آلا ڪري ننڍڙي اسماعيل جي چپن تي رکيا. ان کي پياري پوءِ ٻڪ ڀري پاڻ پيتائين. پاڻي آهستي آهستي وڌندو رهيو. بي بي هاجران پٿريلي مٽي سان پاڻي جي چوڌاري ٻنو ٻڌي ان کي وهڻ کان روڪي چوڻ لڳي زم زم معنيٰ بيھ بيھ. ان ڪري هن چشمي مان نڪتل پاڻي جو نالو پئجي ويو زم زم.

حضرت اسماعيل عليہ السلام جي قرباني وارو واقعو بہ مشهور آهي. اسان مسلمان ان قرباني جي ياد ۾ ذوالحج جي ڏهين تاريخ عيد ملهايون ٿا ۽ قرباني ڪريون ٿا.

حضرت اسماعيل عليہ السلام پنهنجي پيءُ حضرت ابراهيم عليہ السلام سان گهمڻ ڦرڻ جهڙو ٿيو. (اٽڪل ستن سالن جي عمر جو ٿيو) تہ حضرت ابراهيم کي خواب ذريعي الله تعاليٰ طرفان حڪم ٿيو تہ پنهنجي پٽ کي قربان ڪر. حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي پٽ سان ڳالھ ڪئي. تنهن وراڻيس: “تون الله جو نبي سڳورو آهين، توکي الله تعاليٰ جيڪو حڪم ڪيو آهي، اهو ضرور پورو ڪر. آئون انشاءَ الله سپ ڪجھ صبر سان سهندس”. (ان قصي جو احوال قرآن مجيد جي سورة صفت ۾ آهي).

مڪي کان منيٰ ٽي چار ڪلوميٽر پنڌ آهي. هي ٻئي پيءُ پٽ اوڏانهن پنڌ ڪندا ويا. واٽ تي ٽن جاين تي حضرت ابراهيم عليہ السلام کي شيطانن ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ تنهنجو اڪيلو پٽ آهي. ان کي قربان نہ ڪر پر

حضرت ابراهيم عليہ السلام هر دفعي شيطان کي پٿريون هڻي ڀڄائي ڪڍيو. انهن جاين تي اڄ بہ "جمرا" نهيل آهي. يعني پٿرن جا ٽنيا نشاني طور نهيل آهن، جتي هر سال ذوالحج جي ڏهين، يارهين ۽ ٻارهين تاريخ انهن ٽنين (جمرات) کي حاجي ست ست پٿريون هڻي ابراهيمي سنت پوري ڪن ٿا.

۽ پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام جو حڪم مڃي پٽ جي مٿان ڪاتي ڦيري تہ الله جي حڪم سان ڪاتيءَ هينيان گهيٽو اچي ويو. اهڙي طرح الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليہ السلام سان پال ڪيا. ڪيس پٽ بہ بچائي ڏنائين تہ قرباني بہ قبول ڪيائين.

ڪجھ عرصي ڪانپوءِ حضرت اسماعيل عليہ السلام ڪجھ وڏو ٿيو تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام الله جو حڪم سان زم زم جي کوھ پرسان ڪعبو ناهيو، جنهن جي ناهڻ ۾ حضرت اسماعيل عليہ السلام بہ سندس مدد ڪئي.

حضرت اسماعيل عليہ السلام کي ٻارهن پٽ ۽ هڪ نياڻي اولاد ٿيو، قرآن مجيد ۾ آهي تہ "ڪَنا يَامَرُ اَهلَہٗ بالصلواۃ والزڪواۃ) يعني اسماعيل عليہ السلام پنهنجي اهل و عيال کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڪندو هو. هو الله جو پيارو ٻانهو ۽ وڏو سچار هو.

حضرت اسماعيل عليہ السلام جو نالو قرآن مجيد جي اٺن سورتن ۾ ڪل ٻارهن دفعا آيو آهي.

بيت المقدس گهڻو پوءِ حضرت ابراهيم جي پوٽي ۽ حضرت اسحاق جي پٽ حضرت يعقوب جوڙايو. بيت المقدس مسلمانن، عيسائين توڙي يهودين لاءِ پلاري جاءِ آهي. ان جي پرسان ڏکڻ ۾ مسجد الاقصيٰ آهي. جتي اسان جو پيارو نبي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ معراج واري رات ڪعبة الله کان آيو. بيت المقدس ڪيترن نبين سڳورن جو مرڪز رهيو آهي. اهو اردن (Jordan) ملڪ جي پرسان فلسطين واري علائقي ۾ آهي، جيڪو اڄڪلھ اسرائيل جي قبضي ۾ آهي. بيت المقدس جي معنيٰ آهي مقدس گهر يعني پاڪ گهر.

حضرت يعقوب عليہ السلام (حضرت يوسف عليہ السلام جي والد ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي پوٽي) جا بہ نالا هئا: هڪ يعقوب جيڪو نالو قرآن شريف ۾ 16 دفعا آيو آهي ۽ ٻيو اسرائيل جيڪو نالو قرآن شريف ۾ بہ دفعا آيو آهي. اسرائيل عبراني ٻولي جو لفظ آهي. اسر معنيٰ ٻانهو يا عبد ۽ ايل معنيٰ الله. يعني الله جو ٻانهو يا عبدالله. ان نالي ڪري حضرت يعقوب عليہ السلام جي اولاد کي بني اسرائيل چون ٿا يعني اسرائيل (يعقوب) جو اولاد.

حضرت يعقوب عليہ السلام جو پٽ يوسف عليہ السلام پڻ نبي ٿيو. حضرت يوسف جو قصو قرآن شريف جي سورة يوسف ۾ آهي ۽ هن کي "احسن القصص" يعني سڀني قصن ۾ سهڻو قصو چيو ويو آهي.

حضرت يوسف عليہ السلام کي هي شرف بہ حاصل آهي تہ پاڻ، سندس والد يعقوب، ڏاڏو اسحاق ۽ پڙ ڏاڏو ابراهيم سڀئي نبي هئا. يعني سندن چار پيڙهيون نبوت سان نوازيل آهن.

حضرت يوسف عليہ السلام جي باقي زندگي مصر ۾ ئي گذري. پاڻ 120 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائون. ڪين بہ پٽ افرائيم ۽ منشا هئا ۽ هڪ ڌيءَ رحمت نالي اولاد هو. حضرت يوسف عليہ السلام مصر ۾ نيل ندي جي ڪناري تي دفن ٿيل آهي.

حضرت يوسف جي وفات کان ڪجھ سئو سال پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام پيدا ٿيو، جنهن بني اسرائيل کي آزادي ڏياري ۽ کين مصر مان وٺي وري اچي فلسطين آباد ڪيو.

حضرت موسيٰ عليہ السلام ڪانپوءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام پيدا ٿيو. يعني اڄ کان بہ هزار سال اڳ پيدا ٿيو. حضرت موسيٰ جي جمڻ جي ڪا صحيح تاريخ نہ ٿي ملي پر اندازو آهي تہ اڄ کان چار پنج هزار سال اڳ فرعونن جي ڏينهن ۾ جائو. جن جي اها تاريخ مصر جي احرامن مان معلوم ٿئي ٿي ۽ اهڙي طرح اندازي مطابق حضرت ابراهيم عليہ السلام اڄ کان اٽڪل پنج ڇھ هزار سال اڳ پيدا ٿيو. يعني مقام ابراهيم واري پٿر کي. ڪعبي

جي نئين سنئين نهڻ کي (يعني حضرت نوح عليہ السلام جي زماني جي ٻوڏ ۾ ڍهي وڃڻ بعد وري نهڻ ۾) زم زم جي پاڻي کي هلندو هلڻ ۾ اڄ اٽڪل ڇهہ هزار سالن کان مٿي اچي ٿيا آهن.

# حج ۽ عمري لاءِ ضروري ڳالهيون

حج جي لغوي معنيٰ ارادو ڪرڻ يا ڪنهن جاءِ تي پهه ڪري وڃڻ آهي پر شريعت جي اصطلاح ۾ مڪي شريف وجي بيت الله جو طواف، منيٰ ۾ رهڻ عرفات جي ميدان تي حاضري پرڻ، مزدلفه ۾ رات ٽڪڻ ۽ جبل صفا مروه جي وچ ۾ سعي (چڪر هڻڻ) آهي.

حج جا هي فرض آهن:

- نيت ڪرڻ، احرام ٻڌڻ ۽ تلبيه پڙهڻ.
- وقوف عرفات يعني عرفات جي ميدان تي ترسڻ.
- طواف زيارت ڪرڻ جيڪو 10 ذوالحج کان 12 ذوالحج اندر ڪري سگهجي ٿو پر 10 ذوالحج تي ڪرڻ وڌيڪ افضل سمجهيو وڃي ٿو.

۽ هينيون شيون واجب آهن:

- عرفات کان واپسيءَ تي رات جو مزدلفه ۾ ترسڻ ۽ اتي مغرب ۽ عشاءَ جون نمازون گڏ پڙهڻ.
- صفا مروه جي سعي ڪرڻ.
- شيطان کي پٿريون هڻڻ.
- قرباني ڪرڻ.
- وار ڪترائڻ يا ننوڙهه ڪرائڻ.
- مڪو شريف ڇڏڻ کان اڳ الوداعي طواف (طواف وداع) ڪرڻ.

- عمري لاءِ هي ضروري آهي:
- نيت ڪرڻ، احترام ٻڌڻ ۽ تلبيه پڙهڻ.
- طواف ڪرڻ ـ يعني خانہ ڪعبہ جي چوڌاري ست چڪر ڏيڻ.طواف ڪعبہ عمر جو خاص عمل آهي، جيڪو عمري جو فرض سڏجي ٿو.
- صفا مروه جي سعي ڪرڻ ـ عمري لاءِ هي ضروري عمل واجب آهي.
- حلق يا قصر ڪرڻ ـ وار ڪترائڻ يا ننوڙهه ڪرائڻ، هي عمل پڻ عمري لاءِ واجب آهي.

# عمري جو طريقو

(قدم بقدم - پڙهندا وڃو، ڪندا وڃو)

## احرام جي تياري

حجامت، غير ضروري وارن جي صفائي، ننهن ڪترڻ بعد احرام جي نيت سان غسل يا رڳو وضو ڪريو

## احرام ٻڌڻ

هڪ سفيد چادر سان گوڏ ٻڌو ۽ ٻي سفيد چادر سان مٿين جسم کي ڍڪيو (ٻنهي ڪلهن کي ڍڪيل رکو.)

هن وقت ڦٽي ڏيڻ، بدين تي هلڪو عطر هڻڻ سنت آهي.

(چو جو اجا احرام جون پابنديون شروع نہ ٿيون آهن).

(عورتون پنهنجن ڪپڙن ۾ ئي احرام جي نيت ڪنديون).

## نفل نماز

هاڻ مٿو ڍڪي ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪريو.

## نيت

مرد مٿو اگهاڙو ڪري (عورتون مٿو ڍڪي) نيت ڪن.

"اي الله آئون تنهنجي رضا جي لاءِ عمري جو ارادو ڪريان ٿو، تون منهنجي لاءِ آسان ڪجانءِ ۽ قبول ڪجانءِ."

## تلبيه

نيت ڪرڻ سان ئي مرد بلند آواز سان ۽ عورتون آهستي هي ٽي دفعا پڙهن

لبيڪ اللهم لبيڪ، لبيڪ لا شريڪ لڪ لبيڪ

ان الحمد، و نعمت. والملڪ، لا شريڪ لڪ.

## دعا

اللهم اني اسئلڪ رضاڪ والجنة، واعوذبڪ من عضبنڪ ونار.

(اي الله آئون توکان تنهنجي رضا ۽ جنت گهران ٿو ۽ تنهنجي ناراضگي ۽ دوزخ کان تنهنجي ئي پناه چاهيان ٿو).

ان کانپوءِ ٻيون بہ ڪي دعائون چاهيو تہ گهرو.

## احرام جون پابنديون

تلبيه پڙهندي ئي توهان تي احرام جون پابنديون شروع ٿيو وڃن. ڪپڙا نه پائڻ، مٿو نه ڍڪڻ، عطر نه هڻڻ، بوٽ نه پائڻ جهڙي پابندي جو تفصيل حج جي ڪتاب ۾ ڏسو ۽ ان تي عمل ڪريو.

## دوران سفر

گهڻي کان گهڻي تلبيه پڙهندا رهو

## مڪي شريف پهچڻ

ذوق شوق، عظمت و محبت ۽ عاجزي سان لبيڪ پڙهندا ۽ دعائون گهرندا مڪي جي شهر ۾ داخل ٿيو.

## حرم پاڪ جي حاضري

وضو ڪري حرم ۾ وڃو.

جڏهن مسجد حرام ۾ داخل ٿيو ته دل سان وڏي ادب مان پهرين سڄو پير رکو ۽ هي دعا گهرو

بسم الله واصلواة والسلام علي رسول الله

رب اغفرلي ذنوبي وفتح لي ابواب رحمتڪ

ان ڪانپوءِ اعتڪاف جي نيت ڪريو: "اي الله! آئون جيتري دير هن مسجد ۾ رهان، اوتري دير جي لاءِ اعتڪاف جي نيت ڪريان ٿو". ان بعد بنا ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ جي اڳتي وڌو.

خانه ڪعبي تي نظر پوڻ سان ٽي دفعا الله اڪبر ۽ ٽي دفعا لاالله الا الله پڙهي پوءِ دعا لاءِ هٿ کڻو ۽ درود شريف جي چڱي طرح دعا گهرو، ڇو جو دعا جي قبوليت جو هي خاص موقعو آهي.

## طواف جي تياري

باوضو هجڻ ضروري آهي، تلبيه پڙهڻ بند ڪريو.

مرد ماڻهو اضطباع ڪن (يعني ساڄو ڪلهو چادر مان ڪڍي ڇڏين).

هاڻ حجر اسود يا اُن جي سڌائي ۾ فرش تي نهيل ڪاري پٽي جي کابي پاسي  بيهي خانه ڪعبي ڏي منهن ڪري طواف جي نيت ڪن.

"اي الله! آئون تنهنجي رضا لاءِ عمري جي طواف جي نيت ڪريان ٿو، تون ان کي مون لاءِ آسان ڪر ۽ قبول فرماءِ".

نيت بعد ٿورو اڳيان رڙهي ڪاري پٽي تي اچو ۽ ٻئي هٿ ڪنن تائين آڻي هي چئو:

"بسم الله، الله اڪبر، و لله الحمد" ۽ هٿ ڇڏي ڏيو، پوءِ ان ئي هنڌ تي بيني بيني ٻيو دفعو بسم الله الله اڪبر، و لله الحمد چوندي حجر اسود جو استلام ڪريو يا استلام جو اشارو ڪري پنهنجا هٿ چُمو.

## طواف شروع

استلام ڪانپوءِ ساڄي پاسي مڙي طواف شروع ڪريو.

(هدايت: حجر اسود، رڪن يماني ۽ ملتزم تي خوشبوءِ لڳل ٿئي ٿي، ان ڪري احرام جي حالت ۾ انهن کي هٿ نہ لڳايو نہ تہ دم وغيره جو خطرو آهي). حجر اسود کي استلام يا اشاري وقت کان علاوه طواف دوران خانہ ڪعبہ ڏي منهن يا پٺ ڪرڻ جائز نہ آهي. ان جو خاص خيال رکو.

## رمل

طواف جي پهرين ٽن چڪرن ۾ ننڍين ننڍين قدمن سان ڪجهہ تکو تکو هلڻ کپي. باقي چار چڪر عام طرح هلجي، عورتن کي رمل ڪرڻو (تکو تکو هلڻ) ناهي.

## طواف ختم

ست چڪر پورا ٿيڻ تي حجر اسود جو اٺون دفعو استلام يا اشارو ڪري طواف ختم ڪجي ۽ هاڻ ٻنهي ڪلهن کي چادرن سان ڍڪي ڇڏجي.

## ملتزم

هاڻ ملتزم تي وڃڻ بہ افضل آهي پر جيئن تہ اڄڪلهہ اتي خوشبو لڳل رهي ٿي. ان ڪري احرام جي حالت ۾ اوڏانهن نہ وڃجي يا ڪجهہ پري کان بيهي دعائون گهرجن.

## مقام ابراهيم

هاڻ مقام ابراهيم جي پنيان مٿو ڍڪڻ بنا بہ دڪعتون واجب طواف ادا ڪريو ۽ دعا گهرو

## زم زم پيئڻ

زم زم جو پاڻي پيئو ۽ دعا گهرو.

“اڄ الله آئون تو کان فائدو ڏيڻ وارو علم، ڪشادو رزق ۽ هر بيماري کان شفا گهران ٿو”.

## نائون استلام

هاڻ سعي ڪرڻ لاءِ هڪ دفعو وري حجر اسود جو استلام يا اشارو ڪريو ۽ صفا ڏي روانا ٿيو. سعي باوضو سنت آهي.

## صفا کان سعي تائين جي شروعات

صفا تي پهچي سعي جي نيت ڪريو:

”اي الله! آئون تنهنجي رضا خاطر صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي (ست ڦيرا ڪرڻ) جو ارادو ڪيان ٿو. تون هن ڪي مون لاءِ آسان فرماءِ ۽ قبول فرماءِ.

پوءِ الله جي حمد و ثنا بيان ڪري هٿ کڻي ڪعبي ڏي منهن ڪري دعا گهرو.

مروه ڏي روانگي صفا تان لهي مروه ڏي هلو. ساون ٿنڀن / بتين جي وچ ۾ ڊوڙ پائي لنگهو (عورتون پنهنجي عام رفتار سان هلن) صفا ۽ مروه جي وچ ۾ گهڙڻ لاءِ هڪ مسنون دعا آهي:

رب اغفر وارحم انک انت الاعز الاکرام.

## مروه تي پهچي

مروه تي پهچي قبلي ڏي منهن ڪري وري دعا گهرو. اهو هڪڙو چڪر ٿيو. ٻيو صفا تي ٽيون مروه تي.

## سعي جو مڪمل ٿيڻ

اهڙي طرح ستون چڪر مروه تي پورو ٿيندو. ياد رهي ته هر چڪر ۾ مردن کي سائي رنگ جي ٿنڀن / بتين جي وچ ۾ ڊوڙڻو آهي پر عورتن کي نه.

## نفل شڪرانه

جيڪڏهن مڪروه وقت نه هجي ته شڪراني جا ٻه نفل حرم ۾ ادا ڪريو.

## حلق يا قصر

عمري جو آخري ڪم وار ڪوڙائڻ آهي. مردن کي نوڙهه ڪرائڻ کپي ۽ عورتن کي آڱر جي ڳِتري جيترا وار قئنچي سان ڪترائڻ کپن (ان بابت تفصيل سان حج واري ڪتاب ۾ پڙهي سگهي ٿو يا ڪنهن ديني عالم کان پڇي سگهو ٿا).

حلق يا قصر بعد عمرو مڪمل ٿيو وڃي ۽ احرام جون پابنديون ختم ٿيو وڃن. احرام (چادرون) لاهي عام ڪپڙا پائڻا آهن.

## نفلي طواف

مٿيون طريقو سڄي عمري جو آهي. ان بعد فقط طواف ڪرڻ ۾ احرام ضروري ناهي ۽ توهان خوشبو لڳائي سگهو ٿا ۽ حجر اسود، ملتزم، رڪن يماني وغيره کي هٿ سان ڇهي سگهو ٿا. جن تي (خوشبو لڳل ٿئي ٿي) ۽ ان طواف (جنهن کي نفلي طواف سڏجي ٿو) ۾ رمل ۽ اضطباع نٿو ٿئي ۽ ان طواف کانپوءِ سعي به نه آهي.

# حج جو طريقو

(قدم بقدم)

عمرو تہ ڪنهن بہ وقت ڪري سگهجي ٿو پر حج سال ۾ فقط هڪ دفعو 8 ذوالحج ڪان 12 ذوالحج تائين ٿئي ٿو.

## 8 ذوالحج ـ پهريون ڏينهن

### حج جي تياري

انين 8 ذوالحج تي منيٰ وڃڻ جي تياري مڪمل ڪريو. يعني بہ ٽي ڏينهن اتي رهڻ لاءِ چادر، وهاڻو، ڪجهہ ڪاڏي جو سامان، جاءِ نماز، دوائون وغيره ٿيلهي ۾ ٺاهي رکو. ڏوپ ڇتي ۽ پاڻي لاءِ پلاسٽڪ جو ٿرماس پڻ ڪڻو.

### احرام جي تياري

حجامت، غير ضروري وارن جي صفائي ۽ ننهن وغيره ڪترڻ بعد احرام جي نيت سان غسل ڪريو يا رڳو وضو ڪريو.

### احرام جون چادرون

مرد ماڻهو هڪ سفيد چادر گوڏ طور ٻڌن ۽ ٻي مٿان اوڙهين. بوٽ لاهي چپل پائين، عورتون پنهنجي ڊريس ۾ رهن، مٿي کي چڱي طرح ڍڪين، جيئن هڪ وار بہ نظر نہ اچي.

### نفل نماز

مڪروه وقت نہ هجي تہ مرد حرم شريف ۾ اچي احرام جي نيت سان بہ رڪعتون نفل مٿو ڍڪي ادا ڪن ۽ عورتون هي نفل گهر ۾ ئي پڙهن.

### نيت ۽ تلبيہ

نفل بعد مٿو اگهاڙو ڪري هن طرح نيت ڪن:

”اي الله آئون حج جي نيت ڪريان ٿو / ٿي، ان کي منهنجي لاءِ آسان ڪر ۽ قبول فرماءِ آمين“ ۽ پوءِ يڪدم ٽي دفعا لبيڪ (تلبيہ پڙهجي)

### احرام جي پابندي

تلبيہ پڙهڻ سان احرام جون پابنديون شروع ٿيو وڃن ٿيون. انهن پابندين جو تفصيل حج جي ڪتابن ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

## منيٰ ڏي روانگي

انين 8 ذوالحج جي سج ايرڻ کانپوءِ کنهن وقت به منيٰ روانو ٿي سگهجي ٿو، جيئن ظهر نماز تائين پهچي وڃجي. رستي تي گهڻي کان گهڻي تلبيه ۽ بيون تسبيحون پڙهجن.

## منيٰ ۾

منيٰ ۾ اهو ڏينهن ۽ رات رهڻي پوندي آهي ۽ انهي عرصي دوران ظهر، عصر، مغرب، عشاءِ ۽ نائين ذوالحج جي فجر (پنج نمازون) اتي پڙهجن.

# 9 ذوالحج . حج جو بيو ڏينهن

## عرفات روانگي

نماز فجر منيٰ ۾ ادا ڪري تڪبير تشريق چئجي، لبيڪ پڙهجي ۽ تياري ڪري سج جي زوال تي عرفات پهچي وڃجي.

## غسل

غسل ڪريو، نه ته رڳو وضو ڪريو ۽ ماني کائڻ کان واندو ٿي ڪجهه دير آرام ڪريو.

## وقوف عرفات

سج جي زوال ٿيڻ تي وقوف شروع ڪريو ۽ شام تائين لبيڪ پڙهي دعائون پڙهو، توبه استغفار ڪريو ۽ چوٿون ڪلمو پڙهو. وقوف بيهي ڪرڻ افضل آهي پر ويهي ڪرڻ به جائز آهي.

## ظهر ۽ عصر جي نماز

ظهر جي نماز ظهر جي وقت ۽ عصر جي نماز عصر جي وقت اذان ۽ تڪبير سان باجماعت ادا ڪريو.

## مزدلفه روانگي

جڏهن عرفات تي سج لهي وڃي ته مغرب جي نماز پڙهڻ بنا، ذڪر و تلبيه ڪندو، مزدلفه روانو ٿجي.

## مغرب ۽ عشاءِ جي نماز

مزدلفہ ۾ مغرب ۽ عشاءِ جي نماز ملائي عشاءِ جي وقت ۾ ادا ڪريو، ٻنهي نمازن لاءِ فقط هڪ بانگ ۽ هڪ اقامت چئي وڃي. پهرين مغرب جي فرض نماز باجماعت ادا ڪريو، پوءِ تڪبير، تشريق ۽ لبيڪ چئو ۽ ان ڪانپوءِ يڪدم عشاءِ جو فرض باجماعت ادا ڪريو، ان ڪانپوءِ مغرب جون ٻہ سنتون ۽ پوءِ عشاءِ جون ٻہ سنتون ۽ وتر پڙهو.

## ذڪر ۽ دعا

هي تمام گهڻي پاڪائي واري رات آهي. جنهن ۾ ذڪر، تلاوت، درود شريف پڙهو، لبيڪ پڙهو ۽ گهڻي کان گهڻيون دعائون گهرو ۽ ڪجھ دير لاءِ آرام بہ ڪريو.

## پٿريون

پنجاھ کان ڇٽن جيڏيون پٿريون چونڊي پاڻ وٽ رکو، جو ايندڙ ٽن ڏينهن ۾ اهي شيطانن (جمرائن) کي هڻڻيون آهن.

## نماز فجر ۽ وقوف

صبح ٿيڻ تي اذان ڏئي فجر نماز پڙهي وقوف ڪريو، يعني ڪجھ دير لاءِ بيهي دعائون ۽ توبہ استغفار ڪريو.

## منيٰ ڏي موٽڻ

سج نڪرڻ تي منيٰ ڏي روانو ٿجي.

# 10 ذوالحج . حج جو ٽيون ڏينهن

## جمرة عقبيٰ جي رمي

منيٰ پهچي جمرة العقبہ (وڏي شيطان) تي ست پٿريون هڪ هڪ ڪري هڻجن (گهڻي رش ڪري جان جو خطرو هجي تہ پٿريون شام جو يا رات جو هڻڻ مناسب آهي).

## تلبيہ بند

جمرة العقبہ کي پٿريون هڻڻ سان ئي لبيڪ چوڻ بند ڪريو ۽ رمي (پٿريون هڻڻ) بعد دعا لاءِ نہ ترسو ۽ پنهنجي جاءِ تي هليا اچو. ان ڪانپوءِ قرباني ڪريو.

## قرباني

قرباني لاءِ ٽي ڏينهن مقرر آهن. 10، 11 ۽ 12 ذوالحج. ڏينهن جو رات جو جڏهن چاهيو قرباني ڪري سگهو ٿا. 11 ذوالحج تي قرباني ڪرڻ اڪثر سولي رهندي آهي جو رش گهٽجيو وڃي. قرباني پاڻ ڪجي يا ڪنهن اعتبار جوڳي ماڻهو کان ڪرائجي.

## حلق يا قصر

قرباني مان فارغ ٿي مرد مٿي جا سڀ وار ڪترائي ۽ عورتون آڱر جي پوري ڪان ڪجهه وڌيڪ سڄي چوٽي جا ايترا وار ڪترين جو گهٽ ۾ گهٽ مٿي جي چوٿين حصي جيترن وارن جي ڪترڻ جي پڪ ٿي وڃي.

## طواف زيارت

هاڻ مڪي اچي طواف زيارت ڪريو. ان جو وقت ڏهين ذوالحج کان ٻارهين ذوالحج سج لهڻ تائين آهي. ڏينهن جو يا رات جو جڏهن چاهيو طواف ڪري سگهو ٿا. طواف زيارت جو اهو ئي طريقو آهي، جيڪو عمري جي طواف جو آهي، طواف ۾ باوضو هجڻ ضروري آهي.

## حج جي سعي

ان ڪانپوءِ سعي (يعني صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ست ڦيرا) ڪيو.

## منيٰ واپسي

سعي مان واندا ٿي مڪي کان منيٰ پنهنجي تنبوءَ ڏي موٽي اچو ۽ رات منيٰ ۾ ئي گذاريو.

## 11 ذوالحج ـ حج جو چوٿون ڏينهن

## جمراة (شيطان) جي رمي (پٿريون هڻڻ)

ٻارهين تاريخ سج جي زوال ڪانپوءِ ٽنهي جمراة (شيطانن) تي ست ست پٿريون هڻڻيون آهن. عمومًا سج لهڻ کان ٿورو اڳ ۽ رات جو رمي ڪرڻ آسان ٿئي ٿو.

## دعا گهرو

جمرة اوليٰ (ننڍي شيطان) تي ست پٿريون هڻي ٿورو اڳيان وڌي قبلي ڏي رخ ڪري هٿ کڻي الله جي حمد و ثنا ڪري، جيڪو دل ۾ اچي دعا گهري سگهو ٿا.

## دعا گهرو

ان کان پوءِ جمرة وسطیٰ (وچئين شيطان) کي ست پٿريون هڻي قبلي طرف منهن ڪري رب پاڪ جي حمد و ثنا ڪرڻ بعد ڪا بہ دعا گهري سگهو ٿا.

### دعا نہ گهرو

ان ڪانپوءِ جمرة عقبیٰ (وڏي شيطان) کي ست پٿريون هڻو ۽ رمي ڪانپوءِ بنا دعا گهرڻ جي پنهنجي جاءِ ـ يعني تنبو ۾ پهچي وڃو.

## 12 ذوالحج ـ حج جو پنجون ڏينهن

### جمراة جي رمي

حج جي پنجين ڏينهن (يعني 12 ذوالحج) تي ٽنهي شيطانن جي رمي (پٿريون) ائين هنيون وينديون آهن، جيئن چوٿين ڏينهن (يعني 11 ذوالحج) تي. آخر ۾ جمرة عقبہ (وڏي شيطان) کي پٿريون هڻڻ بعد دعا نہ گهرجي ۽ ان بعد حاجين جي مرضي تي آهي تہ منیٰ ۾ وڌيڪ رهن يا موٽي مڪي اچن.

### طواف وداع

حج بعد جڏهن مڪي شريف کان واپس وطن موٽڻ جو ارادو ٿئي تہ طواف وداع واجب آهي. (هن طواف جو طريقو نفل طواف وانگر آهي).

# مڪي ۾ رڌ پچاءَ ۽ ٻيون ڳالهيون

ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ اسان جي گروپ ۾شامل هڪ همراهه جيڪو هن کان اڳ به عالمگير مسجد وارن جي هڪ گروپ سان گڏ حج ڪري چڪو هو، تنهن ٻڌايو ته حج تي عالمگير گروپ وارا ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڪن، هتان ٿانوَ ٿپا ڪٽي هلن ۽ مسواڙ تي جايون به اهڙيون ڪن، جن ۾ رڌ پچاءَ جو بندوبست هجي . پوءِ پلي ان جي مسواڙ ڪجهه وڌيڪ هجي.

مون کي ان ڳالهه تي يقين نه ٿي آيو ۽ نه اها Idea مون کي پسند هئي. ڳوٺ جي حاجين کان ٻڌو هوم ته مڪي ۾ هزارين هوٽلون آهن. هر گهٽي ۾ انيڪ هوٽلون آهن. هر ملڪ جي ٽيسٽ جي کاڌن جون ۽ پاڪستاني قسم جي ننڍين وڏين هوٽلن جو ته ڪو ڪاٿو ئي ناهي. پوءِ پلا پاڻ پچائڻ جي چو تڪليف ڪجي ۽ وقت برباد ڪجي. خاص ڪري مون لاءِ ته اها ڳالهه بنهه فائدي ۾ نه هئي ته ٻوڙن جا هنڌا پيا چڙهن ۽ ان لاءِ روز مارڪيٽ ۾ گوشت مڇي، بصر، پٽاٽا ۽ مصالحا پيا خريد ڪجن ۽ رڌ پچاءَ تي وقت وڃائجي. ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن، جن کي جيسين روز رس وارو پاڪستاني اسٽائيل ٻوڙ نه ملي، تيسين هنن جو گذر نه ٿو ٿئي ۽ پوءِ ان ڪري پرديس ۾ مليل نوڪريون به ڇڏيو اچن. ڪيترا اسان جا جهاز هلائڻ وارا فارين جهازن تي نوڪري ان ڪري نه ٿا ڪن جو اتي کين کائڻ لاءِ ٻوڙ ماني نه ٿو ملي پر مون لاءِ ته ٻوڙ ماني کان وڌيڪ ڊبل روٽيون، سئنڊوچ، کير جو گلاس، بيضو آمليٽ جهڙيون شيون صحيح آهن ۽ مڪي جي هوٽلن ۾ ته ٻوڙ ماني به ملي ٿي.

ڪجهه سال اڳ جڏهن آئون هڪ عرب دوست جي گهر مديني رهيل هوس ته گهر ۾ ماني کائڻ بدران مسجد نبوي هليو ويندو هوس ،جنهن جي ٻاهران پاڪستاني هوٽلن وارا اڦراٽا ۽ پوريون ناهي وڪڻي رهيا هئا. ملئي ۽ انڊونيشي ماڻهو مي گورينگ (ٻوڙ جي رس ۾ فراءِ ٿيل سيويون) ۽ مرتباڪ (قيمي وارو افراٽو) ناهي وڪڻي رهيا هئا. بنگالي هوٽلن وارا پنهنجي نموني جو کاڌو ته ڏکڻ هندستان جا تامل پنهنجي سواد جو کاڌو وڪڻندي نظر آيا. آئون پنهنجي مرضي سان نه فقط کاڌو کائي پر انهن ملڪن جون يادون جن ۾ مون زندگي جا ڪيترا ڏينهن گذاريا، ڏيان ۾ آڻي خوش ٿيندو هوس، دڪاندارن سان بنگالي يا ملئي زبان ۾ڳالهائي پنهنجائپ محسوس ڪندو هوس ۽ هينئر به مون ان قسم جي آزادي چاهي ٿي ٿا. پنهنجي مرضي جو کاڌو ،پنهنجي وقت تي بنا ٽائيم ضايع ڪرڻ جي. پر ائين ٿي نه سگهيو. پنهنجي گروپ جي سامان ۾ ٿانوَ ٿپا ۽ ديڳڙا هنديون ڏسي سمجهي ويس ته اها شيءِ مرضي جي خلاف رهندي. اها ٻي ڳالهه آهي ته گروپ جي حيثيت ۾ ميجارٽيءَ جو خيال رکڻو پوندو ۽گروپ ليڊر جو حڪم مڃڻو پوندو پر ان هوندي به مون کي اميد هئي ته ٿي سگهي ٿو مڪي پهچي Choice پڇي وڃي ته کير هٿي کائڻ پسند ڪندو، کير ٻاهر پنهنجو کائيندو. مون کي پنهنجي گروپ ۾ هڪ هم خيال ڊاڪٽر شفيق ملي ويو، جيڪو آمريڪا ۾ 6 سال رهي اعليٰ تعليم حاصل ڪري، حج جي فارم ڀرڻ وارن ڏينهن ۾ ڪراچي پهتو هو. هن جو به اهو ئي ٿي چاهيو ٿي ته کاڌو ٻاهر کائجي پر مڪي پهچي گروپ ليڊر گهر ۾ پچائڻ لاءِ چيو، جنهن کي تقريبن سڀني خوشي سان قبول ڪيو ۽ اسان ٻئي چٽا چپ ٿي وياسين. مون ڪجهه مريل مريل آواز ۾ پٽڪيو ته ان سان ته وقت برباد ٿيندو.

“نه، ان سان پاڻ وقت بچندو. اسان مان هرهڪ تي ٻارهن ڏينهن ۾ فقط هڪ دفعو رڌ پچاءَ جو وارو ايندو”. منهنجي پرسان وينل چوڌري مهتاب نالي هڪ بزنس مئن چيو، جيڪو ههڙن گروپن سان ڪيترائي حج ڪري چڪو هو ۽ آئون چپ ٿي ويس. پوءِ ڏينهن ٻن ۾ ئي احساس ٿي ويوته هي واقعي بهترين طريقو آهي. مديني ۾ هوٽل ۾ کائڻ جي ڳالهه جيڪا مون مٿي لکي آهي، اها انهن پنجن ڏينهن جي آهي، جن ۾ مديني ۾ هڪ به حاجي نه هو ۽ هو حج لاءِ منيٰ، مزدلفه، عرفات ۽ مڪي ۾ هئا. هوٽل وارا واندا ويٺا هئا. تڏهن ويني ڪچهريون ڪيائون ۽ هاڻ اها حالت هئي جو پئسا به اڳواٽ ڏيڻا پيا ٿي. اڌ ڪلاڪ ڪن قطار ۾ به بيهڻو پيو ٿي، پوءِ به شيءِ صحيح نه ٿي ملي، جنهن وقت وچ هوٽلن اڳيان رش. هوٽلون ڪٽي سوين هيون پر حاجي به ته لکين هئا. عرب دنيا جا مشهور “شوارما” جيڪي مديني ۾ (حج وارن ڏينهن ۾ جڏهن اتي حاجي موجود نه هئا) ۽ ينبع ۽ جدي ۾ کاڌا هئم.

انهن جو نالو نشان ئي نہ هو، شوارما ناهڻ وارو ڊگهي بن کي ڪٽي تئي تي چڱي طرح سيڪي پوءِ وچ ۾ پڪل گوشت جا ڪيترا پترا رکي  ڪيچ اپ ۽ ساس وجهي ڏيندو هو ۽ هاڻ پئسا ڏيڻ، قطار ۾ بيهڻ بعد جيڪو شوارما مليو ٿي، ان جي ڊبل روٽي مان ڪچي اٽي جي بوءِ ٿي آئي ۽ گوشت جا سنها چلر رکي بنا ڪيچ اپ جي ائين ڏنو ويو ٿي، ڄڻ دڪاندارن احسان ٿي ڪيو. وٺو نہ وٺو نہ تہ ٻيا خريدار ڪوڙ.

اهو ئي حال چانهن جي دڪان تي ٿيو، توهان پلي رڙيون ڪندا رهو تہ کنڊ گهٽ يا گهڻي، کير گهٽ يا گهڻو پر مجال آهي جو دڪاندار ٻڌي. جنهن نموني سان وٽيس هو توهان کي چانهن ڏئي. بلڪ گهڻي رش ڪري پاڻي جي گلاسن ۾ کير کنڊ ۽ چانهن جي پڙي اڳهين وڌي ويئي ٿي. پوءِ گلاس ۾ گرم پاڻي وجهي ڏنو ويو ٿي. چانهہ ناهيندڙ بنگالي نوڪر کي چيم تہ کنڊ تہ ڪجهہ ڪڍ، آئون ايتري مٺي چانهن نہ پيئندو آهيان.

“مون کي ڪو وقت آهي” بنگالي نوڪر بيرخيءَ ۽ ابهرائي مان ڳالهايو، “جو توهان لاءِ اسپيشل چانهن ناهيان. مٺي گهٽ پيئندا آهيو تہ کنڊ کي ڪٽي گهٽ گهمايو.

آئون سندس منهن ڏسندو رهيس. يارو بنگالي بيحد غريب ۽ هيسيل رهن ٿا پر هتي جي دڪانن ۾ هنن کي توهان نرالو پائيندائو. ان ۾ هنن جو بہ ڏوهہ ناهي. دڪان جا عرب مالڪ يا ڪفيل هنن کي گهڻي کان گهڻو پئسو ڪمائي ڏيڻ لاءِ چون ٿا ۽ فجر نماز کان وٺي آڌي رات تائين هنن کي بيٺي پير شين جو وکرو ڪرڻو پوي ٿو ۽ گراهڪن کي سڌڻ ۽ ڏيان ڇڪائڻ لاءِ رڙيون ڪرڻيون پيون ٿي. اڻ پوري ننڊ، خوراڪ ۽ پگهار ڪري هنن جا هوش خطا رهن ٿا ۽ نفسياتي مريض ٿيو پون.

بهرحال جلد ئي مون محسوس ڪيو تہ اسان جو رڌ پچاءَ وارو سسٽم سنو آهي، جنهن هر وقت چانهن ۽ ڪافي پيئندا رهون ٿا، سا بہ پنهنجي ٽيسٽ ۽ نموني جي هڪ اليڪٽرڪ ڪيٽل بہ رکي وئي هئي، جنهن  ۾پاڻي يڪدم بوائل ٿي ويو ٿي ۽ ڪوپ ۾ ڪافي يا چانهن جي ٿيلهي وجهي چانهن ناهي ورتي ٿي يا پتيليءَ  ۾کير، کنڊ ۽ چانهن جي پتي وجهي پناڻن واري دود پتي چانهن ناهي وئي ٿي. اسان جي ڏنل بہ بہ سئو ريالن جي ڦوڙيءَ مان گروپ جي ليڊر هر شيءِ وٺي ڪچن جا ڪبٽ ۽ فرجون ڀري رکيون هيون. ڪوڪا ڪولا، سيون اپ ۽ ڪيترن ئي Juicesجا ڪريٽ، کير جا ڊٻا، جئم، مکڻ، ماکي، پنير وغيره. صبح جو روزانو ڊبل روٽي ۽ خبز (نان) گهرايا ويندا هئا، جنهن کي جنهن وقت نيرن وٽي ڪري ۽ جيڪا شيءِ پسند اچيس اها کائيندو رهي. ڪنهن تي جهل پل نہ هئي. ڪيلو، اورينج ۽ صوفن جا بہ ڪوڪا گهرائي رکيا ويا هئا. منجهند جي ماني ۽ رات جي ماني گڏ ويهي کائيندا هئاسين. روزانو هر ويلي تي ٻارهن کن ڪڪڙين جو ٻوڙ رڌبو هو ۽ نان، ڊبل روٽي يا چپاتيون ڊيوٽي وارو همراهہ ٻاهران وٺي ايندو هو، جنهن جا پئسا مقررڪيل خزاني کان وٺبا هئا. ڪنهن ڏينهن چانور بہ رڌيا ويندا هئا. ڪڪڙين (Frozen Chickens) جا بہ يڪا ڪوڪا وٺي ڊيپ فريزر ڀريا ويا هئا. مرچ مصالحو بہ اڳواٽ هول سيل ۾ ورتو ويو هو. تنهن هوندي بہ روزانو ڊيوٽي وارا ٻہ مرد عورتن کان پڇا ڪندا هئا تہ ڪهڙي شيءِ جي ضرورت پوندي، جيڪا ٻاهران وٺي صبح سوير پهچائبي هئي ۽ اهي ڏهين يارهين تائين ٻوڙ رڌي وٺنديون هيون. ظهر نماز ڪانپوءِ ڊيوٽي وارا مرد ماني وٺي ايندا هئا ۽ ڏيڍ بجي ڌاري مرد پنهنجي فليٽ جي ڊرائنگ روم ۾ ۽ عورتون پنهنجي فليٽ جي ڊرائنگ روم ۾ پٽ تي غاليچي مٿان پلاسٽڪ وڇائي ماني کائيندا هئاسين. ماني بعد گروپ جو ليڊر ايندڙ ڏينهن جي پروگرام بابت ٻڌائيندو هو تہ سياڻي مڪي جي اوس پاس جون زيارتون ڏسڻ لاءِ بس جو بندوبست ڪيو ويو آهي. فلاڻي ٽائيم تي سڀ تيار هجن يا ڪا ٻي ڳالهہ هوندي هئي تہ ان جو اعلان ان وقت ٿيندو هو. ان بعد “تعليم” ٿيندي هئي، جنهن ۾ گروپ جو ليڊر احسان الاهي شيخ يا حافظ قرآن سعيد احمد حج بابت ڪنهن عنوان تي ليڪچر ڏيندو هو يا قرآن مجيد جي ڪنهن سورت جو تفسير يا حديث ٻڌائيندو هو . ان بعد ڪلاڪ کن آرام ڪري پوءِ عصر جي نماز تي ويندا هئاسين.

رات جي ماني سومهڻي (عشاءِ جي نماز بعد نائين بجي ڌاري ٿيندي هئي. رات جي ماني بعد جن جي ڪاڏي جي ٻئي ڏينهن ڊيوٽي هوندي هئي. اهي زناني فليٽ تان معلوم ڪندا هئا تہ سڀاڻي جي ماني لاءِ ڪنهن شيءِ جي ضرورت تہ نہ آهي، جيئن هو رات جو ئي وٺي اچن يا ٻئي ڏينهن صبح جو فجر نماز ڪانپوءِ اڪثر ڪجهہ شين جي

ڪوٽ ٽيندي رهندي هئي. جيئن تہ ڏورو ڪپي، سلاد، اچار، بصر، ٽماٽا، ڏاٽا، ڦودنو، پڪوڙن لاءِ بيسڻ ڪپي وغيره وغيره. روزاني ڪڪڙ جو ٻوڙ نهندو هو . هڪ يا ٻہ دفعا ٻاڪرو رڌيو ويو پر شايد گهٽن کي پسند نہ آيو. آخري ڏينهن ڏاري ڪيترن دانهون ڪيون تہ روز روز ڪڪڙ ڪائي ٽڪجي پيا آهيون. ٻاجي بہ رڌجڻ ڪپي پوءِ خبر پئي تہ ٻاجي رڌڻ لاءِ ٻاجي جي چلڻ کان هر عورت پڄي ٿي. ڪڪڙيون تہ اڳهين چليل آهن، رڳو ڪاٽ سان ننڍا ٽڪر ڪيا وڃن ٿا، جيڪو ڪم ڊيوٽي وارا مرد ڪن ٿا، پنهنجن منهن اسان ٻن ٽن ڄڻ شروع وارن ڏينهن ۾ شڪايت ڪئي تہ ائين ڪرڻ سان ڪاڏي پيتي تي تمام گهڻو خرچ ايندو پر پوءِ خبرپئي تہ جنهن مارڪيٽ مان ۽ جنهن هول سيل اگهہ تي هي اسان جا گروپ وارا خريداري ڪن ٿا، تمام سستو پوي ٿو، اسان واري سڄاڻي اسرار الحق مون کي جيتوٽيڪ ان بابت پهريون ڏينهن تي ٻڌايو هو تہ پاڻ سان گڏ ستر سيڪڙو اهڙا آهن، جن جو واسطو تجارت سان آهي. هو ڪيترا عمرا ۽ حج ڪري چڪا آهن. انهن کي ائين گڏ ۾ ڪاڏو ڪرڻ ۾ ضرور فائدو نظر آيو هوندو، نہ تہ هو ٻاهر هوٽلن تي ئي ڪائين ها.

۽ پوءِ منهنجي واري اچڻ تي جنرل راشن جون ڪيتريون ئي شيون ختم ٿي چڪيو ن هيون ۽ اسان کي گروپ جي ليڊر ٻہ اڍائي هزار ڪن ريال ڏنا تہ مڪي کان ٻاهران گوشت ۽ فروٽ مارڪيٽ مان سامان وٺي اچو. مون سان گڏ ڊيوٽي گلزار جي هئي پر اسرار کي بہ پاڻ سان ڪنيوسين. سعودي ٽي وي تي هڪ پاڪستاني همراهہ عبدالشڪور ڪم ڪري ٿو، جيڪو گذريل ويهارو سالن کان هتي آهي ۽ اسان جي گروپ ليڊر جو واقف آهي. اهو پڻ اسان سان هليو. بلڪ هن کي اسان ساڻ ڪنيو جو هتي جو واقف آهي ۽ عربي بہ سني اچيس ٿي. هو اسان کي هتان هتان ڦيرائي هڪ روڊ تي اچي پهتو، جتان ٽئڪسيون ۽ پرائيويٽ ڪارون مسافر ڪڻن ٿيون. ان مارڪيٽ ۾ وٺي هلڻ لاءِ هڪ ڪار وارو ٻارهن ريالن ۾راضي ٿي ويو. مڪي شهر جي رستن تان حج لاءِ آيل ماڻهن جي درياهہ مان ڪار ڪڍي شهر جي ٻاهر پهتو ۽ پوءِ جلد ئي شهر جون عمارتون ختم ٿي ويون ۽ نانگ وانگر پڪا ڏامر جا ڪارا رستا هئا يا ڪارن لسن پٿرن وارا پهاڙ ۽ پوءِ وڏيون گدامن جهڙيون عمارتون نظر آيون، اهي ڪاٻي پاسي هيون. ان ڪري ڪار وارو هڪ هنڌان مڙي وري شهر ڏي ايندڙ رستي تي آيو ۽ اسان کي انهن عمارتن وٽ ڇڏيو. سعودي عرب ۾ آمريڪا وانگر رائيٽ هئنڊ ڊرائيور آهي، يعني رستي جو ساڄو پاسو وٺي هلڻ ۽ ڪارين بسن ۾ ڊرائيونگ ويل ڪاٻي پاسي ٿئي. اسان وٽ پاڪستان انڊيا، ملائيشيا وغيره ۾ ان جي ابتڙ آهي جو اسان برٽش سسٽم فالو ڪريون ٿا.

اهي عمارتون جتي اسان خريداري لاءِ لٿاسين، هتي جي هول سيل مارڪيٽ (سبزي منڊي نموني) جي هئي، جتي هر قسم جي شيءِ لاءِ الڳ الڳ حصو هو. ميوي لاءِ الڳ جتي دنيا مان ايندڙ هر قسم جي ميوي جا ڪوڪا رکيا هئا. ويندي آسٽريليا، نيوزيلينڊ جو Kiwi فروٽ، وچ آمريڪا ۽ فلپين کو ڪيلو، مصر ۽ موراڪو جا سنگتڙا، فلوريڊا آمريڪا جا صوف وغيره. پاڪستان جا ڪينو بہ هئا پر افسوس جو هڪ تہ پئڪنگ جا ڪوڪا سادا هئا. ان ڪري خريدارن جو ان طرف ڌيان گهٽ هو ۽ ان کان وڌيڪ افسوس جي ڳالهہ اها تہ منجهس فروٽ بہ صحيح قسم جو نہ هو يا شايد پئڪ ڪرڻ وقت باغائين سني جنس جو ڪينو وڌو هجي پر باغن تان پر وارن شهرن ۾ انهن شهرن کان ڪراچي يا لاهور جي هوائي اڏي تي ۽ هوائي اڏي تان هوائي جهاز ۾چڙهڻ لاءِ ايڏي تہ انگهہ ڪئي وئي هجي، جو هتي جي مارڪيٽ ۾ پهچندي پهچندي اڌ کان وڌيڪ ميوو پاروتو ٿي چڪو هو. دڪاندارن انهن مان جان ڇڏائڻ لاءِ خريدارن کي Discount اگهہ تي ٿي ڏنو تہ بہ وٺڻ لاءِ ڪو راضي نہ هو. اسان پنهنجي ملڪ جي شيءِ سمجهي هڪ ڪوڪو ڪٽي ورتو پر اسان جي گروپ مان ڪنهن بہ پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي سمجهي ڪٽي نہ ڪاڏو.

ڪُنل ۽ ٽڏيون ٽيل ڪڪڙين جي مارڪيٽ مان سٺ ڪن ڪڪڙيون ورتيوسين. هڪ ڳالهہ نوٽ ڪيم تہ ان قسم جو فروزن مال ۽ ڪير وغيره ڊئنمارڪ جهڙن ملڪن کان سعودي عرب ايندو هو پر هاڻ سعودي عرب ۾ ڪير جا بہ ڪارخانا کلي پيا آهن، جتي بين الاقوامي معيار جو تازو ڪير پئڪ ٿئي ٿو تہ ڪڪڙين جا فارم بہ. ڪڪڙين جي خوراڪ لاءِ ٻاهران Feed گهرائي اهي هتي پاليون تاتيون وڃن ٿيون ۽ هاڻ گهٽي کان گهٽيون شيون Product of

Saudi Arabia آهن. هڪ ٻي ڳالهه نوٽ ڪيم ته سڄي دنيا ۾ هيڏي مهانگائي ٿيڻ جي باوجود هتي ڪيترين شيون سالن کان ساڳي اگهه تي وڪامن ٿيون.

اڄ کان پنج ڇهه سال اڳ ينبو سعودي عرب آيو هوس. تڏهن به شهر جي دڪانن تي سڄي فروزن ڪڪڙ جي قيمت ڇهه ريال هئي. اڄ کان ويهه سال اڳ جهاز کي سعودي عرب جي اتراهين بندرگاهه دمام وني آيا هئاسين ته ان وقت به اها قيمت هئي ۽ اڄ به شهر ۾ سڄي ڪڪڙ جي قيمت ڇهه ريال آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اسان کي مهنگي به لڳي ٿي جو اسان جي ملڪ جي خراب حالتن ڪري اسان جي سڪي جي قيمت ڪري پئي آهي ۽ ويهه سال اڳ جيئن ته هڪ ريال ٽن رپين برابر هو ته اسان کي 18 رپئي ڪڪڙ لڳندي هئي ۽ هاڻ 51 رپئي ريال ٿيڻ ڪري 90 رپئي جي لڳي ٿي پر تنهن هوندي به هي ڪڪڙ وڌيڪ سستي ۽ صحتمند آهي ۽ اسان کي ته هن مارڪيٽ مان هول سيل جي اگهه ۾ ساڍن ڇئن ريالن جي پئي ٿي. اهڙي طرح ڪوڪا ڪولا يا سيون اپ جو دٻو جيڪو شهر جي هوٽلن يا دڪانن ۾ هڪ ريال جو ملي ٿو. هن مارڪيٽ مان اڌ ريال کن جو مس ٿي پيو، اهڙي طرح فروٽ، داليون، مصالحا وغيره هر شيءِ سستي پئي ٿي ۽ آخري ڏينهن تي جڏهن حساب ڪيو ويو ته في ماڻهو جو سڄي ڏينهن جو خرچ ڏهه ريالن کان به ٿورو گهٽ آيو، جنهن ۾ ٽي ويلا ماني ڪاڌيسين ٿي ۽ فروٽ، کير ۽ چانهيون الڳ، سو ان خيال ۾ اسان جي گروپ ليڊر يا انصار الحجاج (عالمگير مسجد) جي انتظاميا وارن جي عقلمندي چئجي جو هو ان قسم جي جاين تي گهٽي مسواڙ ضرور ڏين ٿا پر رهائش جي آرام سان گڏ کاڌي پيتي تي گهٽ خرچ ٿئي ٿو ۽ هرهڪ پرديس ۾ پيٽ پري ڪائي ٿو ۽ وقت به ايترو ضايع نه ٿو ٿئي. جيترو پهرين سوچيوسين. هر ويلي تي هوٽل ۾ قطار ناهي بيهڻ ۾ وڌيڪ وقت ضايع ٿئي ٿو.

مٿي ذڪر ڪيل مارڪيٽ مان سامان وٺڻ مهل آئون دڪان جي ٻاهران رکيل ڪرسي تي وينو رهيس، مون سان گڏ آيل همراهن دڪان اندر گهڙي ضرورت جو سامان ڏسي دخل تي وينل سيٺ کي لکائي پئسا ڏنا ۽ بعد ۾ دڪان جي مزورن اسان جو ۽ ٻين گراهڪن جو سامان دڪان اڳيان بيٺل مزدا گاڏين ۾ چاڙهيو ٿي. جيڪي سوزوڪي پڪ اپ ۽ ٽرڪ جي وچ جي سائيز جون ٿيون ٿيون. هرهڪ دڪان چڱو خاصو سپر اسٽور هو ۽ اهي دڪان قطار ۾ پري پري تائين هليا ويا ٿي. دڪانن جي وچ وچ ۾ ڪجهه ڪولڊ اسٽوريج به هئا جو رکي رکي جدي کان وڏا ٽڏا Refrigerated ڪنٽينر اچي رهيا هئا. جن مان فروزن ڪڪڙين جا ڪوڪا، سڄيون سڄيون ڪنل ۽ ٽڏيون (Frozen) ٻڪريون، آئيس ڪريم ۽ مکڻ جا دٻا ۽ ٻيو سامان لهي رهيو هو، جيڪو سعودي عرب جي مختلف فئڪٽرين جو مال هو يا وري جدي جي بندرگاهه تان ـ جيئن ته ڪنل ٻڪريون، رڍون ۽ ڍڳيون پڪ آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ کان Refrigerated جهازن ۾ آيون هونديون. دڪانن جا مزور انهن ڪنٽينرن مان سامان لاهي ڪولڊ اسٽوريج ۾ رکي رهيا هئا ۽ وري ضرورت پوڻ تي، جيئن اسان کي اٺ ڪڪڙيون جا دٻا کتا ٿي (هر دٻي ۾ ڏهاڪو کن ڪنل ۽ ٽڏيون ٿيل ڪڪڙيون هيون) ته هنن ڪولڊ اسٽوريج مان ڪڍي اسان جي پڪ اپ ۾ چاڙهيا ٿي. خريدارن ۾ گهڻو ڪري مڪي جي هوٽلن جا مالڪ هئا، جن ۾ ڏکڻ هندستان جا تامل ۽ پنجاب پاسي گهڻا هئا. انهن کي فئملي هوٽلون هيون. يعني هوٽل جو مالڪ يا ڪفيل ڪٽي عرب هو پر هلائي هنن ٿي، جنهن ۾ سڄي فئملي ڪم ڪيو ٿي. يعني ياٺرن، پاٺتين، پيءُ چاچي، وغيره، بنگالين جون به مڪي ۾ ڪافي هوٽلون لڳن ٿيون، جن بابت انهن هوٽل وارن خريدارن کان پڇندو رهيس، مون کان به پڇڻ لڳا ته منهنجي به ڪا هوٽل آهي. وراڻيومان ته بس سمجهو ته اسان جي به هڪ هوٽل آهي، جنهن جا پنجاهه کن پرمننٽ گراهڪ آهن ۽ اهڙا چار پنج ٻيا مهمان به روز اچيو وڃن ٿا.

سامان ڪٽڻ وارا تقريبن سنڌي ۽ بلوچ هئا، جيڪي سامان ڍوئڻ دوران سنڌي ۾ ڳالهائي رهيا هئا ته چرچا پوڳ به ڪري رهيا هئا. اتڻ مهل هڪ ٻن کان پڇيم ته هو ڪٿي جا آهن ته ٻڌايائون ته اتر سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ جا آهن، هونئن به عربستان جي واپاسين پٽن، گرمين ۽ لوهن لکن ۾ جيڪب آباد ۽ سکر جا ئي ماڻهو پورهيو ڪري سگهن ٿا پر افسوس جي ڳالهه فقط اها آهي ته هتي ڏارين کان جيتري پورهيو ۽ ڪم ورتو وڃي ٿو، اوترو اجورو نه ٿو ڏنو وڃي. ان جي جاڻ ۽ فڪر نه عرب مالڪ کي آهي ۽ نه حڪومت کي.

حڪومت ڪا نئين مارڪيٽ ناهي ٿي تہ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ عرب پنهنجن پئسن سان دڪان خريد ڪري ٿو نہ تہ اسان جي ملڪ جو پئسي وارو واپاري، پنجابي، پناڻ، بنگالي، تامل (ڏکڻ هندستان جا بہ ڪافي آهن)، ڪنهن عرب جي نالي تي پنهنجن پئسن سان دڪان کولي ٿو، ڇو جو عرب ملڪ ۾ ڪنهن بہ ڌارئين کي پراپرٽي خريد ڪرڻ جي اجازت ناهي. پوءِ بہ ڪنهن عرب سان دوست ڪري، دڪان، هوٽل يا فئڪٽري خريد ڪري ٿو، بلڪ ڪيترن عربن ان کي ڌنڌو ڪري سمجهيو آهي ۽ هو ڌارين ملڪن جا اهڙا امير ڳوليندا وتن ٿا، جيڪي هنن جي نالي ۾ ڌنڌو هلائين ۽ گهر وينا بنا سيڙپ جي ڪين پئسو پهچائين. ڪيترا تہ اهڙا بہ واقعا ٿيا آهن، جن ۾ مڪاني عرب لالچ ۾ اچي يا ڪاوڙ ۾ اچي گهٽي پئسي جي گهر ڪن ٿا. ايترو گهٽو جو وڪڻڻ وارو اصل مالڪ بيزار ٿيو پوي ۽ پوءِ نڳي تي لهيو اچي. مال ڪسو ٿو ڏئي، شيءِ مهنگي ٿو ڪري، جيئن پنهنجي ڪفيل کي خوش ڪري سگهي. جنهن طرفان پريشر لڳو رهي ٿو تہ گهٽي کان گهٽو پئسو ڏي نہ تہ دڪان ٻئي جي حوالي ڪري، توکي تنهنجي ملڪ ٿو موڪليان. ڪن حالتن ۾ تہ انهن تي ڪوڙا ڪيس ڪري ملڪيت قبايو وٺن. جيڪا هونئن ئي سندن نالي ٿيل هوندي آهي. ڌاريون غريب پنهنجي ڪل بچائي نڪرندو آهي.

اهڙي صورت ۾ دڪان، هوٽل، اسٽور هلائڻ وارو اها ئي ڪوشش ڪري ٿو تہ اهڙو مزور گهرايان، جيڪو غريب ملڪ جو مجبور ۽ بيروزگار هجي ۽ پنهنجي ملڪ پاڪستان، انڊيا، بنگلاديش وغيره کان نڪتل مزور اهو سوچي سعوي عرب پهچي ٿو تہ اجهو ٿو عربن وٽ پهچي مال ڪمايان جو عرب پئسي وارا آهن ۽ مون کي بہ عيش ڪرائيندا، پر هتي پهچي هن کي پنهنجي ئي ملڪ جي ماڻهو وٽ ڪم ڪرڻو پوي ٿو ۽ موسم ۽ رهڻ جون Conditionsسندن ملڪ کان بہ خراب ملن ٿيون. پاسپورٽ بہ اهو پنهنجو ملڪ جو شوخ طبيعت وارو سيٺ يا عرب ڪفيل سوگهو ڪريو ڇڏي. ان ڪري مقرر پورهئي جي مدي کان اڳ پڄي پنهنجي ملڪ بہ نہ ٿو اچي سگهي ۽ نہ وري هن کي ٽڪيٽ جا پئسا آهن، جيڪي هيس سو الهہ تلهہ وڪڻي ويزا ۽ ڀاڙو ڏئي ويتر قرض ٿي تہ هتي پهتو، مڪي ۽ مديني جهڙن شهرن ۾ رهي بہ هنن کي موڪل نہ ٿي ملي تہ وڃي پاڪ جاين جو ديدار ڪن يا مٽن مائٽن سان ملن، هتي جا ست ئي ڏينهن پورهيو ڪرڻو پوين ٿو. گهڻ پگهار تي.

هڪڙا سنڌي همراهہ چار ڪن پٽڪن ۽ سنڌي ٽوپين ۾ چڱو خاصو راشن وٺڻ لڳا، پڇڻ تي ٻڌايائون تہ هو حج لاءِ آيل آهن ۽ هنن مڪي شهر کان پري ٻهراڙي ۾ مسواڙ تي جاءِ ورتي آهي، جتي گهر ڪشادا آهن ۽ مسواڙ گهٽ آهي. رڌ پچاءَ هنن بہ اسان وانگر گهر ۾ ڪيو ٿي پر اسان جي جاءِ حرم پاڪ جي ويجهو هجڻ ڪري ڳري مسواڙ واري هئي. ”پوءِ پلا نمازن لاءِ حرم پاڪ ۾ تہ ايندي تڪليف ٿيندي هوندائوَ“. مون پڇيومان.

”اسين فجر پڙهي بس ۾ موٽي ايندا آهيون ۽ پوءِ ظهر نماز تي بس يا ٽئڪسي ۾ ويندا آهيون تہ چارئي نمازون پڙهي عشاءِ بعد موٽون، يڪو وقت حرم پاڪ ۾ وينا هوندا آهيون. شهر کان پري گهر وٺڻ ۾ اسان جي وڏي بچت ٿئي ٿي“. هنن ٻڌايو.

ساڳي ڳالهہ اسان جي پيٽارو ڪاليج جي دوست عبدالقادر قريشي ڪئي، جيڪو پڻ حج تي آيل هو ۽ اوچتو مديني ۾ ملاقات ٿي. ساڻس گڏ سندس ڀائٽيا (مرحوم احمد علي قريشي جج جا ٻار) مقصود، مسعود ۽ محمود هئا ۽ اي اين جي عباسي جو ڀائٽيو (اعجاز جو پٽ) عبداللطيف هو. مقصود ڪراچي ۾ SDM آهي. هن چيو تہ شهر جي وچ ۾ (يعني مڪي ۾) سوڙهين جاين ۽ هوٽلن ۾ رهڻ کان بهتر آهي تہ شهر کان ٿورو پري مسواڙ تي جاءِ وٺي رهجي. پوءِ نمازن لاءِ پلي ٽئڪسي ڪري اچجي اهو ڪم سستو آهي. گهٽ ۾ گهٽ رهڻ لاءِ ڪمرا تہ وڏا ملي ويندا ۽ تمام سستا پڻ.

در اصل ڪيترا بہ ڪٺي حاجي اچن پر ان جو اثر مديني شهر تي نہ ٿو پوي، جو اُتي انهن جو فقط هڪ حصو هر وقت موجود رهي ٿو. يعني ٽي چار لک حاجي هفتو ڏهہ ڏينهن رهي موٽن ٿا ۽ پوءِ ٻيا وڃن ٿا. ان ڪري مديني ۾ رهائش ڪشادي، سستي ۽ آساني سان مليو وڃي ۽ مڪي وانگر پٽ تي سوڙها گاڏيلا وڃائي سمهڻ بدران مديني ۾ نوي سيڪڙو رهائشگاهن ۾ پلنگ آهن. مڪي ۾ رهڻ جو وڏيڪ مسئلو ان ڪري آهي جو هڪ اهڙو وقت اچي ٿو. حج کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ۽ پوءِ، جو سڀ حاجي اچيو اتي گڏ ٿين. ڇو جو حج لاءِ سيني کي مڪي ۾ گڏ ٿيڻو

آهي. جتان پوءِ پنج ڏينهن حج وارا منىٰ، عرفات ۽ مزدلفہ ۾ گذارڻا آهن ۽ هي پنج ڏينهن سيني حاجين کي ساڳيا ڪم ساڳي ساڳي ڏينهن تي ڪرڻا پون ٿا.

مڪي ۾ رهڻ دوران هر حاجي حرم پاڪ ۾ نماز پڙهڻ چاهي ٿو ۽ طواف ۽ عمرا ڪرڻ چاهي ٿو. ظاهر آهي. هتي اچڻ جو مقصد ئي عبادت آهي. نمازن جي وچ ۾هرڪو گهر ۾ اچيو آرام ڪري يا کاڌي خوراڪ لاءِ هوٽلن ڏي پڇي ٿو يا پنهنجي مڪي ۽ مديني ۾ رهڻ دوران پونڌڙ ضرورتن جي شين جي خريداري ڪري ٿو يا پنهنجن ٻارن، ٻچن، دوستن يارن لاءِ سوکڙيون خريد ڪري ٿو. مڪي توڙي مديني جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ دڪان آهن ۽ دڪان شين سان اٽلندي نظر اچن ٿا. اوچيون شيون ۽ اوچا دڪان بہ آهن پر تمام گهٽ. سستي قسم ۽ چمڪ دمڪ وارين شين جا دڪان گهڻا آهن جو ميجارٽي غريب ماڻهن جي آهي. گهڻن ٽڻن اميرن وٽ بہ جاين جون ڳريون مسواڙون ڏيڻ ۽ کاڌي خوراڪ جا بل ڀرڻ بعد ايترا پئسا نہ ٿا بچن جو اوچي قسم جي دڪان يا شين ڏي وڃن. ان ڪري سستي قسم جي دڪانن تي گراهڪن جي وڏي رش نظر اچي ٿي . خاص ڪري اهي دڪان جن تي هر شيءِ هڪ ريال، ٻہ ريال يا ٽن ريالن جي رکيل آهي. واچن جي ڪن دڪانن ۾ هر قسم جي واچ 15 ريال بہ هئي. گهڻو مال چين جو نظر آيو ٿي. عام طرح شيون ايڏيون سستيون نہ آهن، پر ڪي ڪي شيون ننڍن اگهن وارن دڪانن ۾ ايڏو سستيون جو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ دڪاندار ۽ فئڪٽري واري کي ان تي ڇا فائدو ٿيندو هوندو، جيئن هڪڙو الارم گهڙيال ٽن ريالن ۾ ورتم، جنهن لاءِ هن پهرين پنج ريال چيو پر پوءِ ٽن تي راضي ٿي ويو. هاڻ انهن ٽن ريالن واري شيءِ تي هانگ ڪانگ، تائيوان کان اڌ ريال تہ ڀاڙو ۽ ٻيو خرچ لڳو هوندو. هڪ ريال دڪاندار ڪمايو، هڪ ريال فئڪٽري واري بہ نفعو رکيو هوندو تہ ڇا گهڙي جي باڊي ۽ ان ۾ اندر پيل انيڪ پرزن جي قيمت اڌ ريال ٿي؟

مڪي ۾ ڪهڙين شين جو گهڻو وڪرو هو: واچون، چٽيون، چپل، عطرن جون ننڍيون ننڍيون شيشيون، رولڊ گولڊ جون چوڙيون ۽ ڪنگڻ مختلف ٻُڙن واريون منڊيون (Rings)، ٿرماس، ڪي چين، صابڻ شئمپون، بنگلاديش جون مختلف نمونن ۽ پرت جون ٽوپيون، سرمو(Antinomy) ، چانهن جون مختلف ماپن ۽ قسمن جو ڪٽليون، ٻارن جا ڪپڙا، غنجن نالي اگربتيون، ميندي (راني ڪون). اها شايد پاڪستاني شيءِ هئي ۽ ٻي هاشمي سرمو گهڻو ٿي هليو. سنگاپور، ملائيشيا پاسي جو ٽائيگر بام ۽ ابوفاس ڏاڍو تي وڪاميو ۽ مختلف "تيل" مالش جا، جن مان هڪ "منياڪ داب" بہ هو. منياڪ معنىٰ تيل ۽ داب معنىٰ سانڊو. اهو ملئي نالو آهي، اهو تيل ٿي سگهي ٿو سعودي عرب جو هجي يا ملائيشيا ۽ انڊونيشيا کان وڪري لاءِ هتي آيو هجي يا ٿي سگهي ٿو ڪنهن ٻئي ملڪ کان آيو هجي پر ان جا وڏا خريدار ملئي ۽ انڊونيشي آهن. هنن جي نظرن ۾ سعودي عرب جي رڻ پٽ جو سانڊو (داب) اوچي شيءِ آهي .جنهن مان نڪتل تيل مرد جو Sexual Power وڌائي ٿو. ملائيشيا جا سعودي عرب ۾ تعليم وٺندڙ شاگرد بہ واپسي تي سانڊا وٺي ملائيشيا جي ايئر پورٽ تي لهندا آهن، جن کان مڪاني حڪيم ڳرين قيمتن تي خريد ڪري انهن مان تيل ڪڍندا آهن.

ٻين شين ۾ وئپورب بام، آمريڪن ويسلين جي ڪاپي ڪيل پاڪستاني ويسيلن، نيويا ڪريم، بمبئي جي توراب النيل ۽ پاڪستان جي مشق جامد ڪريم ۽ ميندين پڻ عام شيون آهن، جن کي مختلف ملڪن جا ماڻهو خريد ڪن ٿا.

دڪانن کان علاوه فوٽ پاٿن تي، مختلف ماڻهو خاص ڪري اٿوپيا جون شيدياڻيون ۽ ڏکڻ ٿائيلنڊ جون مسلمان شاگرد ڇوڪريون ڪاري ميندي، چونئرا، منڊين جا ٻڙا (Stones) ، لونگ ۽ ان قسم جون شيون وڪڻنديون نظر اچن ٿيون. هي عورتون غير قانوني طرح شيون وڪڻن ٿيون، ان ڪري پوليس جي گاڏي جو هارن ٻڌي سامان بہ چڏي ڀڄي وڃن ٿيون. شيدياڻيون (حبش ملڪ جون هي آفريڪن ڪاريون عورتون) سڀ هڪ جهڙا ڪارا برقعا پائي وهن، جنهن ۾ سندن منهن ڍڪيل ٿئي ٿو، فقط بہ اکيون نظر اينديون آهن ۽ سڀ هڪ جهڙيون لڳن. اسان واري عمارت واري روڊ تي رهندڙ لونگن واريءَ وٽ نائيجيريا، گهانا ۽ مالي ملڪن جي شيدي مردن جي وڏي رش لڳندي هئي. هڪ دفعي نيٺ ڪانئن پڇيم تہ هو لونگ ڪهڙي ڪم لاءِ وٺن ٿا.

“اسان وٽ چانهن ۾ وجهندا آهن”. آفريڪن شيديءَ ٻڌايو.

“توهان جي ملڪن ۾ نہ وڪامن چا؟” مون پڇيومانس.

“وڪامن پر تمام مهنگا آهن ۽ سني جنس جا نہ آهن. ان ڪري هرهڪ جو مٽ مائٽ حج تان لونگ آڻڻ جي فرمائش ڪندو آهي”. هن وراڻيو.

ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ۾ گھڻو ڪري ماڻهو ناريل جي کير ۾ رڌل چانور نيرن تي کائيندا آهن. وٽ مان پٽيل تازي ناريل جي چوري ۾ پاڻي وجهي کير ڪاهين. نيرن تي پٽ کائڻ هڪ عجيب ڳالهہ آهي پر هتي ناريل جي کير ۾رڌل چانور جيڪي ملئي زبان ۾ ناسي ليما (Nasi Lemak) سڏجن ٿا، ڪجهہ ڏينهن کائڻ بعد ماڻهو اهڙو عادي ٿيو پوي جو حلوا پوريون هڪ طرف ۽ هي ناسي ليما ٻئي طرف. مون کي بہ خبر پيئي تہ هڪ گهٽي ۾ ملئي عورتون صبح سان ناسي ليما وڪڻن ٿيون. پهرين دفعي منهنجي پهچڻ کان اڳ کپي ويو. ٻئي دفعي فجر نماز پڙهي اچي بيٺس، چار پنج عورتون گهران ڪاهي فوٽ پاٿ تي ديڳڙا رکي وڪڻي رهيون هيون. ناسي ليما ملائيشيا ۾ بہ اخبار جي پنن ۾ پڙيون ڪاهي وڪيو ويندو آهي. 25 سينٽن - يعني پنجين رپئي کن جي هڪ پڙي وڪامي، هتي ان کان بہ ننڍيون پڙيون نهيل هيون، جهن مان ڇهہ ست گراهہ ٿين ۽ ٻن ريالن ۾ وڪامي رهيو هو. يعني 30 رپيا في پڙي. منجهس اهڙو سواد نہ هو، جهڙو ملائيشيا جي ناسي ليما ۾ ٿئي ٿو. ظاهر آهي سعودي عرب ۾ ڪٿان آيو تہ ايترو تازو ناريل؟ ملائيشيا تہ ملڪ ئي ناريلن جو آهي پر ناسي ليما جي نالي ۾ خوب وڪرو هليو ٿي ۽ وڪڻڻ وارن جي خوب ڪمائي ٿئي ٿي. اهي وڪڻڻ واريون عورتون گهڻو ڪري حج تي آيل حاجياڻيون هيون، جن جي حج سان گڏ ڪجهہ ڪمائي بہ ٿيو وڃي ۽ حج جو ڪجهہ خرچ پڪو نڪريو وڃين.

سعودي حڪومت جيتوڻيڪ اهڙن غير قانوني دڪاندارن کي شيون وڪڻڻ لاءِ منع ڪري ٿي پر تنهن هوندي بہ ڪم هلندو رهي ٿو ۽ هتي جي پوليس بہ اک ٻوٽ ڪندي رهي ٿي، روس جي علائقي داغستان جا هر نماز بعد حرم پاڪ جي ويجهو فوٽ پاٿ تي سندن ملڪ جون ڪاتيون، ڇريون، قئنچيون ۽ هٿ ۾ ڪٽي هلڻ جا لڪڻ وڪڻندي نظر ايندا هئا. بوزنيا جا حاجي حرم پاڪ ۽ مسجد نبويءَ جون وڏيون تصويرون ۽ پرت جون قرآني آيتون وڪڻندا هئا. جن مان هو غريب حج جي سفر جو ڪجهہ خرچ ڪڍندا هئا. ڪپڙي گندي ۾ بہ هو بيحد غريب لڳندا هئا. ٻہ سنڌي همراهہ گهوٽڪي جو غلام اصغر چنہ ۽ محب الله چنہ تسبيحون وڪڻندي نظر آيا. مڪي ۽ مديني ۾ تسبيحن ۽ مصلن جو بہ وڏو وڪرو ٿئي ٿو. هنن ٻڌايو تہ بهاولپور مان يا شايد پنجاب جي ڪنهن ٻئي شهر مان ڪاٺ جي داڻن جون تسبيحون گهرائي پوءِ هتي هول سيل ۾ دڪاندارن کي وڪڻن.

ڪنهن زماني ۾ اسان جي ڳوٺ هالا جا بہ ڪجهہ ماڻهو هر سال حج تي ويندا هئا، ڇو جو حج جا ٽي ڏينهن ڪاسائي ڳولهيو نہ ٿو ملي. هڪ ٻڪري تي سير وجهڻ جا ڏهہ ريال يعني ڏيڍ سئو رپيا .ڪي تہ ان کان بہ وڌيڪ ڏين، گهٽ نہ. هونئن بہ حج واري عيد تي سعودي عرب جي سڀني شهرن ۾ ڌارين ملڪن جا ماڻهو، خاص ڪري مصري ۽ پاڪستاني پورهيت هٿ ۾ بہ ڪاتيون کڻي گهٽين ۾ چڪر پيا ڏيندا آهن تہ من ڪو قرباني لاءِ ڪين سڏ ڪري، پر هاڻ سرڪار طرفان وڏا وڏا مذبح گاهہ (Slaughter House) کلڻ بعد اهو ڪم سرڪار پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو آهي ۽ ڪاسائي بہ حڪومت طرفان مقرر ٿيل آهن. ان هوندي بہ غير قانوني طرح حج تي آيل حاجي ۽ سعودي عرب ۾ نوڪري ڪندڙ ڌاريان، ڪاسائي جو ڪم ڪندا رهن ٿا پر هاڻ سندن اها ڪمائي نہ آهي، جيڪا ڪجهہ زمانو اڳ ۾ هئي.

اهو ئي حال ڌارين ملڪن کان آيل حجامن جو آهي. ڏهين ذوالحج تي وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ بعد قرباني ڪئي وڃي ٿي. ان بعد هر حاجي کي مٿو ڪوڙائڻو پوي ٿو، جيڪي ڏهين تاريخ تي قرباني نہ ٿا ڪن. اهي ٻئي ڏينهن يارهين تاريخ قرباني ڪن ٿا ۽ يارهين تاريخ نوڙهہ ڪرائين ٿا. يعني انهن هڪ ٻن ڏينهن ۾ حاجين کي وار ڪوڙائڻا پون ٿا. هن سال (2000ع) چيو ويو تہ اٽڪل ٽيهہ لک حاجي هئا، جن مان اڌ عورتون ٻڌجن تہ بہ 15 لک مرد ٿيا، جن مان پنج لک کٽي پاڻ هڪٻئي جي نوڙهہ ڪن (ڇو تہ ڪيترا حاجي ائين بہ ڪن ٿا) تہ بہ ڏهہ لک حاجي حجامن وٽ وڃن ٿا. هن سال کان حجامن جو بندوبست بہ سعودي سرڪار پاڻ ڪيو آهي، ڇو جو غير

قانوني حجام غلط بليڊ ۽ پاڪيون استعمال ڪرڻ سان حاجين کي زخمي ڪريو وجهن، ان بندوبست لاءِ منیٰ ۾ شيطانن وٽ سرڪار طرفان ست سئو حجام ورهايل هئا ۽ هر حجام اڳيان ماڻهن جي رش هئي. اسان جو گروپ شيطان کي پٿريون هڻي ۽ قرباني جو ڪم لاهي مڪي پهچي ويو هو. اتي به حجام جام آهن پر ان ڏينهن تي اتي به حجامن جي دڪانن اڳيان ايڏي ڊگهي قطار هئي، جڻ فلم جي ٽڪيٽ لاءِ قطار لڳل هجي، جنهن بلڊنگ ۾ رهيل هئاسين. ان ۾ ڪم ڪندڙ بنگالي چوڪرن کان پڇيم ته هنن ٻڌايو ته هو اهو به ڪم ڪن ٿا ۽ پوءِ اسان جي سڄي گروپ انهن کان نوڙهه ڪرائي. بهرحال هنن حج وارن ڏينهن ۾ بلڪ حج جي موسم حجامن جي خوب ڪمائي ٿئي ٿي جو هر عمري بعد به وار ڪوڙائڻا پون ٿا ۽ پوءِ حج تي آيل ڪيترا حاجي پڻ حج جو خرچ پڪو ڪيڻ لاءِ اهو سائيڊ بزنيس ڪن ٿا.

هڪ نئي جو سنڌي حجام مليو. پڇيومانس ڳوٺ اهو به ڏنئو ڪرين.

"نه سائين هتي مڙيئي چار ڏوڪڙ ڪمائڻ لاءِ حجامڪو ڪم ڪريان ٿو". هن ٻڌايو.

"پلا هتي اچي حجامڪو ڪم سکئين يا ڳوٺان سکي ائين؟" مون پڇيومانس.

کلي وراڻيائين "سائين هتي ڪهڙا هيئر ڪٽ جا ڏهه اسٽائيل ناهڻا پون ٿا. هرهڪ کي نوڙهه ڪرائڻي آهي. صابڻ هڻي بليڊ سان مٿي جا کنهن به هنڌ کان شروع ٿي ويندا آهيون".

بهرحال وقت جي ضرورتن موجب مختلف ملڪن جا ماڻهو روزگار ايجاد ڪندا رهن ٿا، جيئن هنن جي سفر جو خرچ نڪري پوي. سڀ کان سٺي ڪمائي جدي ايئر پورٽ جي حاجي ڪئمپ ۾ هڪ افغاني جي هلي رهي هئي، جنهن اسان جي پاڪستاني ڪئمپ ۾ چانهه پئي وڪي.

حج ڪرڻ بعد جڏهن آخري ڏينهن مديني کان جدي واپسي ٿي رهي هئي ته مديني کان بس، رات جي ٻارهين بجي هلڻ شروع ڪيو. ڪلاڪ به رستي تي سعودي حڪومت جي حج آفيس ۾ اسان حاجين جي جاچ پڙتال ٿي ته سيني وٽ ڪاغذ پٽ صحيح آهن يا نه. اهو ڪم ته ڪو پندرهن منٽن جو به نه آهي پر ان ڪم تي مقرر ڪيل نوجوان عرب آفيسر حاجين جو تيل ڪڍيو ڇڏين. ڪا دير ته بس انتظار ڪندي رهي ۽ اسان کي لهي ٽنگ ڊگهي ڪرڻ جي به موڪل نه هئي. مس مس عرب انچارج بس ۾ چڙهيو ۽ مسافرن جو تعداد ڳڻيو ۽ پوءِ ڊرائيور کان پاسپورٽ وٺي اهي ڳڻيا ۽ پوءِ هڪ هڪ پاسپورٽ کولي ماڻهو جو نالو ڪڍيو ويو ۽ ان جي تصوير ڏسي ان کي هٿ ۾ ڏيندو ويو. بس ۾ ويٺل حاجين اعتراض ڪيو ته هرهڪ کي هٿ ۾ ڏيڻ ضروري آهي ڇا. خاص ڪري عورتن کي ۽ هڪ هڪ پاسپورٽ لاءِ اڳيان پنيان وڃي وقت ٿو ضايع ڪرين. عرب آفيسر پهرين نه مڃيو ۽ چيو ته اهو هن ملڪ جو قاعدو آهي پر پوءِ اسان جي گروپ جي ڪجهه ماڻهن جن کي عربي آئي ٿي، تن عربي ۾ سوال جواب ڪري ڪيس Convence ڪيو ته اسين سڀ پورا آهيون، ڪو به توهان جي ملڪ ۾ نه رهجي ويو آهي.

بهرحال هن اسان کان مطمئن ٿي اڌ ڳابري چڪاس نه ڪئي پر هونءَ ئي ڇڏي ڏنو، نه ته هن کي خبر آهي ته اسان پاسي جي ملڪن جو هرهڪ ائين چوي ٿو، تنهن هوندي به غير قانوني ڪم ڪندا رهون ٿا ۽ سعودي عرب ۾ ترسيو پئون.

سڄي رات گاڏي هلندي رهي، رستي تي به دفعا ترسي چانهن پيتي سين. هڪ هوٽل جو ته نالو "پهلوان" هو ۽ سڄو عملو پاڪستاني هو. چانهن جي ڪوپ جا ٽي ريال يعني 45 رپيا ڪن وٺي رهيا هئا پر گهٽي ٺهڪندڙ پاڻي جي نه هجڻ ڪري منجهس ڪو خاص مزو نه هو. مديني کان مڪي يا جدي واري هاءِ وي تي هوٽلون ائين آهن ۽ اهڙي نموني جون جهڙيون ڪراچي حيدرآباد سپر هاءِ وي تي. فجر نماز جو وقت به رستي تي ٿيو. جدي تائين سادي نائين ڌاري پهتاسين ۽ بس تان سامان لاهي جدي ايئر پورٽ جي سامهون نهيل حاجي ڪئمپ ۾ اچي رکيوسين. هر ملڪ جا الڳ حصا هئا. جتي حاجي صاحب پنهنجي ملڪ ويندڙ اڏامن جو انتظار ڪري رهيا هئا. اسان جي فلائيٽ ٻئي ڏينهن صبح جو چئين بجي ڌاري ڪراچي لاءِ اڏامڻي هئي. هرهڪ پنهنجي فراسي، تڏو، تونئري يا اسپنج جو بسترو پٽ تي وڇائي ان تي ويهي يا ليٽي رهيو. ويهڻ لاءِ رکيل سڀ صوفا ۽ بئنچون اسان

کان اڳ آيل پاڪستاني حاجين سان والاريل هئا. ٽڪ ڪري دل چانهن پيئڻ تي چئي رهي هئي. اسان جي گروپ جي هڪ حاجي ڊاڪٽر شفيق جائزو وٺي اچي ٻڌايو ته ٻه بلاڪ ڪن اڳيان جتي بنگلاديشي ۽ ملائيشيا جي حاجين جو حصو آهي. اتي ڪيترائي دڪان ۽ هوٽلون آهن. جتان کائڻ پيئڻ جي شيءِ يا چانهن يا ٿڌو وٺي سگهجي ٿو. آئون ته ڏکو ٿي ليٽي پيو هوس. دل چانهن پيئڻ تي ٻه چيو پئي پر اهو ٻه سوچيم پئي ته هيڏو پنڌ ٻه ڪري وڃجي پر چانهن پسند وٽان ٻه هجي يا نه. اجا اهو سوچي رهيو هوس ته هڪ قداور افغاني همراهه پنجاهه ورهين جو ڏکو ڏاڙهي سان "علاءُالدين جي جن" وانگر مٿين اچي بيهي رهيو. سندس ساڄي هٿ ۾ گرم چانهن جي وڏي ڪيٽلي هئي، جنهن جي منهن مان ٻاڦ نڪري رهي هئي ۽ کاٻي هٿ ۾ پلاسٽڪ جا Disposable گلاس.

"چائي گرم" هن اسان جو ڌيان ڇڪايو.

"واهه سائين واهه" مون دل ئي دل ۾ سوچيو، "انڌو گهري هڪ اک، هتي ته ٻه پئي مليون".

"خانصاحب هڪ گلاس مون لاءِ" آئون ٽپ ڏيئي اٿيس. چانهن فرسٽ ڪلاس دود پتي واري هئي ۽ قيمت ٻه فقط هڪ ريال هيس. چانهن جو ڍڪ پي چيومانس ته واهه جي چانهن آهي، پر ٻيو دفعو آٽي ته ڪنڌ ٿوري گهٽ وجهجانءِ. مون سان گڏ ٻين ٻه ورتي، ان بعد خانصاحب ٻين تنبن ڏي هليو ويو، پندرهن ويهه منٽن بعد خانصاحب موٽيو ته ڪيٽلي خالي هيس. ڪيس مون گهٽ مني چانهن آڻڻ لاءِ ياد ڏياريو. "ابهي لاتا هون". هو اهو چئي اسان جي سامهون غسلخانن واري پٽ وٽ رکيل پنهنجي سامان وٽ پنيرو ٿي وينو رهيو. ٻه ڪن وڏيون لوهي ٽرنڪون هيس. هڪ ٻه ٿيلها هيس. هو هڪ پيتي جو ڍڪ کولي ڪجهه ڪيندو رهيو. شايد سامان ٺاهيندو رهيو. "خبر ناهي هاڻ هي افغاني وري ڪيڏي مهل هوٽل تان چانهن آڻي". مون دل ئي دل ۾ سوچي اکيون بند ڪري ٿوري دير سمهڻ جي تياري ڪئي پر اجا ٻه ٽي منٽ ٻه اکيون مس بند ڪيون هوندم ته "چائي گرم" جي هوڪي تي اک کلي ولي. هي همراهه منهنجي مٿان بيٺو. "صاحب چيني ڪم ڊالي هي".

اتي چانهن جو گلاس وٺي ريال ڏيومانس، واهه جي چانهن ٿو آڻي. خبر ناهي ڪٿان ٿو آڻي. ٻيو ڪوپ چانهن جو پي ڪجهه دير سمهي رهيس. اک کلي ته وري اهو افغاني چانهن وڪڻندي نظر آيو. ههڙي سستي ۽ سٺي چانهن ههڙي هنڌ تي ويٺي ويٺي ملي وڃي ته ٻيو ڇا کپي. خانصاحب جنهن طرف ٿي ويو خريدار ڪوڙ ۽ ڏسندي ڏسندي ڪيٽلي خالي ٿي ٿي ويس ۽ پوءِ وري اچي پنهنجين لوهي پيتين وٽ وينو ٿي. پوءِ سمجهيس ويس ته چانهن اتي ئي ڪاڙهي رهيو آهي. جيئن هو چانهن جي ڪيٽلي کڻي روانو ٿيو ته جائزو وٺڻ لاءِ اتي ڪڙو ٿيس ته هي حاجي صاحب ڪٿي ٻاهه ٻاري چانهن ناهي رهيو آهي پر سندس سامان جي ويجهو اچي ڏٺم ته نه ڪير، نه پتي، نه ٻاهه نه ديڳڙا، لوهي ٽرنڪن پويان ڏٺم، پر ۾ پٽ جي پويان هڪ ڪانچو نهيل هو، جتي غسلطانا صاف ڪرڻ وارن بنگالي مزورن جا ٻهارا ۽ ٻيو صفائي جو سامان رکيل هو. اتي ليئو پائي ڏٺم ڪو ديڪڙو نظر نه آيو، ڪا ٻرندي ڪاني يا ڪوئلو نظر نه آيو. ڪو اليڪٽرڪ هيٽر يا سئچ ڏسڻ ۾ نه آيو. ڏاڍو تعجب لڳم ته هي خانصاحب ماڻهو آهي يا جن. ڪٿان ٿو چانهن آڻي. مرداڻن غسلخانن جي چوڏاري چڪر هڻي وري اچي خانصاحب جي سامان وٽ بيٺس. اتي مينهن واءُ ڪندو خانصاحب ٻه پهچي ويو.

"ڪيا چاهئي" خانصاحب کي منهنجو اتي بيهي نوس نوس ڪرڻ پسند نه آيو. پر ساڳي وقت هو مون کي اتي بيهڻ کان منع ٻه نه ٿي ڪري سگهيو، جو ايئر پورٽ ۽ حاجي ڪئمپ سعودي حڪومت جي هئي.

"خانصاحب چانهن کپي پر هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ چانهن ناهين ڪٿي ٿو؟" مون پڇيومانس.

هو ٿورو مرڪيو پو ٽٽل ڦٽل اردو ۾ ٻڌايو ته هو اسان وانگر حج تي آيو هو ۽ هر سال حج تي ايندو آهي، پوءِ واپسي تي هتي مهينو کن ترسي چانهن وڪڻي پوءِ آخري فلائيٽ ۾ ڪابل ويندو آهي.

"ٻڌايان ٿو، دراصل هي غير قانوني ڪم آهي، سعودي پوليس ڏسندي ته مون کي ان ئي وقت ٽپڙ ٻڌائيندي. ائين چئي هن پنهنجي لوهي ٽرنڪن جا تالا کولي هڪ هڪ جو ڍڪ مٿي کنيو ته هڪ ۾ چلهه ٻري رهي هئي. جنهن مٿان ڪيٽلي ۾ چانهن ابري رهي هئي ۽ ٻي ۾ گئس جو سلينڊر هو. جنهن جو رٻڙ پائيپ پيتي ۾ ٽيل ٽنگ مان

نڪري ٻي پيتي ۾ چلهه سان ڳنڍيل هو. مون کي ڪل ٻہ آئي ۽ تعجب بہ لڳو تہ هڪ تہ هي وڏي دل وارو آهي جو حاجين جي سامان "پيتين" جي پر ۾ باهہ جي پيتي رکي چانهن ناهي رهيو آهي.

"خانصاحب! تو تہ ڪمال ڪري ڇڏيو. ڀلا هي هيترا سارا صفائي وارا بنگالي پيا هلن، اهي نہ توتي چغلي هڻن؟"

"نہ اهي نہ هڻندا، جو انهن کي روز خرچي ڏيان ٿو. بلڪهہ هن پاسي ڪو پوليس وارو رخ ڪري ٿو تہ مون کي يڪدم اطلاع ڪن ٿا ۽ آئون باهيون وسايو چپ ڪريو ٻين وانگر مٽي تي هٿ رکي پنهنجي اڏام جو انتظار ڪريان ٿو".

"ڀلا اهو تہ ٻڌائي روز ڪيترا ڪوپ وڪڻين؟" مون پڇيومانس.

"بس الله جو شڪر آهي. صبح جو 3 بجي کان رات جو عشاءِ نماز تائين اٽڪل پنج ڇهہ سئو ڪن ڪپ وڪڻان ٿو، جن تي اڏواڏ فائدو ٿئيم ٿو".

يعني روزانو 300 ريال فائدو ٿئي تہ مهيني ۾ 9 هزار ريال يعني ڏيڍ لک رپيا ڪن مهيني سوا ۾ ڪمايو وٺي. حق تہ پنهنجي پهرين فلائيٽ مس ڪريو ڇڏي. اٺ ڏهہ هزار رپيا ٽڪيٽ جا ويا تہ مڙيئي خير آهي، ان کان ڏهوڻو ڪمايو وٺي.

"خانصاحب تنهنجي ڪهاڻي پنهنجي ملڪ جي اخبار ۾ ڏيان". مون پڇيومانس.

"ٻلي".

"ڀلا فوٽو ڪيانءِ".

هونءَ افغاني فوٽو ڪيرائيندي آر محسوس ڪندا آهن پر هن ان لاءِ بہ ها ڪئي.

سومهڻي نماز بعد ماني ڪائي آياسين تہ ان وقت خانصاحب وهنجي سهنجي اسان وانگر پٽ تي هنڌ وڇائي سمهڻ جي تياري ڪري رهيو هو. اسان جي گروپ ليڊر ڪيس چيو: "خانصاحب چا چانهن نہ پيارينديں؟"

"نہ، هي وقت منهنجي سمهڻ جو آهي. رات جو 3 بجي کان وٺي هل هلان ٿو ڪريان. ڏاڍو ٿڪجيو پوان".

ڊاڪٽر فضل ربي اسان جي گروپ جي "دل جو سرجن" چيو تہ سچو ڏينهن هلي ٿو، فزيڪلي ٿڪجي پوندو هوندو.

"ان کان وڌيڪ مينٽلي ٿڪبو هوندو". مون کيس ٻڌايو. "جنهن ذهني خوف ۽ چڪتاڻ (Tention) ۾ هي ڪم ڪري ٿو. ان جو ڪو سوچي نہ ٿو سگهي. جڻ بارود مٿان چڙهي سگريٽ ٿو پيئي".

# دعائون

حج تي رواني ٿيڻ وقت ڪيترن دوستن، عزيزن ۽ مخير حضرات وٽان حج جا ڪتاب يا دعائن جا پنا ملن ٿا، جيئن طواف ۾ ڪهڙي ڪهڙي دعا گهرجي يا عرفات جي ميدان تي ڪهڙيون دعائون گهرجن وغيره. هونئن ته دعائن جي ڪا به پابندي نه آهي. اسلام اهو مذهب آهي، جنهن ۾ رب ۽ بندي جو Direct تعلق رهي ٿو، وچ ۾ ڪنهن به ٻائي ٻانيڻ، پادري، پنڊت جي ضرورت ناهي ۽ مسلمان جو اهو ئي يقين آهي ته رب پاڪ هر هنڌ ۽ هر وقت موجود آهي ۽ هونئن به دعا لاءِ چيو وڃي ٿو ته دعا پڙهي نه پر پني وڃي ٿي. دعا اها آهي جيڪا دل سان گهري وڃي پر تنهن هوندي به Guide Line طور مختلف جاين تي مختلف دعائون پڙهڻ لاءِ ڪاغذ ملن ٿا، جيئن اسين انهن کي ياد ڪري سگهون. عربي جا لفظ صحيح طرح اچاري سگهون. هڪ دفعي حج جي ليڪچرن دوران ڪراچي جي عالمگير مسجد ۾ هڪ مولويءَ جڏهن چيو ته اسان مان ڪيترا آهن، جيڪي ڪلمو به صحيح طرح نه ٿا پڙهن. اهو ٻڌي مون کي تعجب لڳو هو. پر پوءِ هنڌن تي اسان کان زير، زبر پيش وغيره جي غلطي ٿيو وڃي ۽ عرب اها زبان آهي، جنهن ۾ ان قسم جي معمولي چُڪ سان مطلب بدليو وڃي. هونءَ ته دعا اهڙي شيءِ آهي، جيڪا اسان پنهنجي مادري زبان ۾ به گهري سگهون ٿا پر ڪي ڪي اهڙيون شيون آهن. تلبيه، ڪلما قرآن جون آيتون وغيره، جيڪي عربي ۾ ئي پڙهجن ٿيون ۽ ان لاءِ انهن جو هڪ هڪ لفظ صحيح اچارڻ ضروري آهي. ان لاءِ وڏي عمر وارن کي هيڪاندي گهڻي محنت ڪرڻي پوي ٿي. سچي ڳالهه اها آهي جو وڏي عمر ڪري فقط تلبيه (لبيڪ اللهم لبيڪ...) ياد ڪرڻ ۾ ئي مون کي ڪيترا ڏينهن لڳي ويا. اهڙي طرح ٽيون ۽ چوٿون ڪلمو ياد ڪرڻ ۾ چڱو وقت لڳو، جيڪو افسوس جو ننڍي هوندي ياد نه ڪيا هيم، جيڪي اڄڪلهه هڪ ننڍو ٻار به اسڪول ۾ ياد ڪريو وٺي. بهرحال انسان جي مرڻ تائين عمر سکڻ جي آهي. جيتري قدر ٿي سگهي هڪ مسلمان کي گهٽي کان گهٽيون سورتون، آيتون، ڪلما، درود ۽ دعائون عربي ۾ ئي ياد ڪرڻ کپن. اها ٻي ڳالهه آهي ته حج، عمري، نماز يا ٻين شين جي نيت ۽ دعا پنهنجي مادري زبان ۾ به گهري سگهجي ٿي. حج لاءِ روانو ٿيندڙ جي حيثيت ۾ مون کي به ڪيتريون ئي دعائون پڙهڻ لاءِ دوستن، سڄڻ کان مليون، جيڪي هتي ڏئي نه ٿو سگهان جو هڪ ته اهو ڊپ اٿم ته ڇپائي ۾ عربي جون چڪون نه رهجي وڃن ۽ ٻيو ته اهي دعائون حج جي هر ڪتاب ۾ موجود آهن ۽ اڄڪلهه ڪراچي توڙي جدي ايئر پورٽ تي حاجين کي ڏنيون وڃن ٿيون يا اڳواٽ حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر اهو ئي آهي ته ڪنهن حج تان آيل حاجي کان وٺي ان جون فوٽو ڪاپيون ڪرائي ڇڏجن. هتي فقط ٻه چار سنڌي ۾ لکيل دعائون ڏئي رهيو آهيان، جيڪي ڪنهن سڄڻ حج تي ويندي وقت موڪلائڻ مهل ڏنيون هيون.

## مڪي شهر تي نظر پوڻ تي دعا

اي الله مون کي هن شهر ۾ قرار ۽ حلال روزي عطا فرمائج. اي الله هي شهر تنهنجو شهر آهي ۽ هي گهر تنهنجو گهر آهي. آئون تنهنجي رحمت جي طلب لاءِ آيو آهيان ۽ تنهنجي حڪمن جي پيروي ڪندي تنهنجي رحمت جو طلبگار آهيان ۽ تنهنجي اطاعت جو قصد ڪريان ٿو ۽ تنهنجي تقدير تي راضي رهندي ۽ تنهنجا حڪم مڃيندي سوال ٿو ڪريان، هڪ پريشان حال سواليءَ وانگر، جيڪو تنهنجي عذاب کان ڊڄندو هجي. حسرت اٿم ته منهنجي معافيءَ سان گڏ منهنجي معذرت قبول ڪر ۽ پنهنجي رحمتن جي ڪري اسان کي درگذر ڪر ۽ اسان کي پنهنجي جنت ۾ داخل ڪر.

## مڪي شهر ۾ داخل ٿيڻ وقت دعا

اي الله! هي تنهنجو ۽ تنهنجي رسول ﷺ جو حرم آهي، بس منهنجي گوشت، خون، هڏين ۽ کل کي باهه لاءِ حرام ڪري ڇڏي. اي الله مون کي پنهنجي عذاب کان محفوظ رک، جنهن ڏينهن تون پنهنجن بندن کي وري

اٿاريندين، مون کي پنهنجي ولين ۽ اطاعت گذارن مان ڪج ۽ مهنجي طرف توجهه فرمائج. بيشڪ تون توبہ قبول ڪرڻ وارو وڏو مهربان آهين.

## زمين حرم ۾ داخل ٿيڻ جي دعا

اي الله! بيشڪ تنهنجي ۽ تنهنجي رسول ﷺ جي (زمين) حرم آهي. اي الله! عطا فرماءِ اسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي ۽ بچاءِ اسان کي باهه جي عذاب کان. اي الله! آئون توکان اها ڀلائي گهران ٿو جيڪا توکان تنهنجي نبي ڪريم ﷺ جن گهري ۽ آئون ان برائي کان تنهنجي پناهه گهران ٿو، جنهن کان تنهنجي نبي حضرت محمد ﷺ جن پناهه گهري.

## خانہ ڪعبہ تي نظر پوڻ سان هي پڙ گهرجي

الله اڪبر، الله اڪبر، الله اڪبر، لااله اِلاالله والله اڪبر.

# عرب ۽ شاعري

شروع ۾ هڪ هنڌ لکي چڪو آهيان تہ مڪي ۾ شعر و شاعري جا فنڪشن ٿيندا هئا.

اڄ جي دور ۾ خاص ڪري ٻي جنگ عظيم کانپوءِ سعودي عرب ۾ تيل نڪرڻ ڪري اڄ جو عرب هڪ مختلف خوشحالي جي زندگي گذاري ٿو. هن ڪي سفر لاءِ وڏيون ڪارون آهن. هوائي جهاز آهن، کائڻ پيئڻ لاءِ دنيا جو هر ميوو، ڀاڄي ۽ کاڌو خوراڪ موجود آهي. رهائش لاءِ ايئر ڪنڊيشنڊ گهر ۽ بنگلا آهن. وندر لاءِ ريڊيو، ٽي وي، ٽيليفون ۽ ڪمپيوٽر جهڙيون شيون آهن. پر اهو سوچجي تہ هزارين سالن تائين ريتي جي هن عربستان واري بيٺ تي رهندڙ عرب مختلف زندگي گذري ٿي. هنن گرم ۽ واريासن بيانن ۾ رهندڙ هڪ عرب جي بنيادي ملڪيت جن چند شين تي مشتمل هئي. انهن ۾ بقول رومانيا جي هڪ مشهور دانشور ۽ عربي جي ڄاڻو مسٽر ڪونسٽن ويرزڊ جي هڪ تنبو هو، جيڪو هن ڪي سج جي تپش کان بچائي، هڪ اٺ هو، جنهن ڪي هو ضرورت وقت سواري لاءِ استعمال ڪري سگهي يا جنهن جو کير هن لاءِ اهم غذا هئي. هڪ تلوار هئي، جنهن ڪي هو پنهنجي بچاءَ لاءِ استعمال ڪري سگهي، پر انهن ۾ ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ هئي، جيڪا هن جي ذوق جو خزانو ثابت ٿئي. ڪو بہ اهڙو شوق نہ هو، جيڪو هن جي روح ڪي تسڪين رسائي. نقاشي هو نہ ٿي ڪري سگهيو، جو رنگن کان محروم هو. هن ڪي چوڌاري ريتي ئي ريتي نظر آئي ٿي. جنهن جو هڪڙو ئي غير رومانوي رنگ ۽ ڍنگ هو. بهرحال عربن جي مختلف قبيلن جو ذوق يا هنر فقط هڪ طرف مائل رهيو ۽ اها شيءِ هئي سخنوري يا ڪهاڻي ٻڌائڻ جو طريقو، جيڪو هن شاعري جي روپ ۾ ڪيو ٿي.

فرانس جي هڪ مشهور فلاسفر ۽ دانشور مسٽر ايرنسٽ رونان جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ٻين قومن جي علم و ثقافت ڪي (خاص ڪري ايراني قوم جي علم و ثقافت ڪي، جيڪي اسلام کانپوءِ "عرب دنيا" ۾ داخل ٿيا) عرب قوم کان جدا ڪيو وڃي تہ پوءِ فقط عرب رهجيو وڃي ۽ ٻيو هن جو اٺ.

پر رومانيا جي مٿين دانشور (جيڪو پنهنجي ملڪ جو وزير خارجہ پڻ رهيو ۽ عربستان ۾ ويهہ سال رهي تحقيق ڪيو ۽ جنهن حضور ﷺ جي زندگي ۽ انهن ڏينهن جي ماحول تي فرينچ زبان ۾ ڪتاب لکيو، جنهن جو ترجمو ڪيترين ئي زبانن ۾ ٿي چڪو آهي). ايرنسٽ سان اختلاف ڪندي لکي ٿو تہ هن اها ڳالهہ بنا سوچي سمجهي چئي آهي، جو جو جيڪڏهن ٻين قومن جو علم ۽ ثقافت عربن کان واپس ورتو وڃي تہ بہ هن وٽ جيڪا شيءِ باقي رهجي وڃي ٿي، اها آهي سخنوري يا علم بيان!

عرب جيتوڻيڪ معماري، مجسمي سازي ۽ نقاشي نہ ڪري سگهيا پر انهن شين ڪي انداز بيان ذريعي تخليق ڪندا رهيا. شاعري جي روپ ۾ ڳالهہ بيان ڪرڻ ان دور جي عربن جو اڪيلو ثقافتي ۽ قومي خزانو تصور ٿئي ٿو. عربن جي تاريخ، ادب ۽ ثقافت سڀ ڪجهہ شاعري تي ئي ختم ٿئي ٿو.

جيڪڏهن ڪو عربن جي تاريخ ۽ تمدن بابت ڄاڻڻ چاهيندو هو تہ هن ڪي ان کان علاوه ٻي ڪا واهہ نہ هئي تہ عرب شاعرن جي ڪلام جو مطالعو ڪري، ٻين هنڌن تي شاعر فقط هڪ اديب هوندو آهي پر عرب دنيا ۾ هڪ شاعر نہ فقط شاعر هوندو، هو هڪ حڪيم، هڪ مذهبي رهنما، هڪ محتسب ۽ هڪ دانشور تصور ڪيو ويو ٿي. ايتري قدر جو شاعر ڪي هڪ اهڙو شخص سمجهيو ويو ٿي، جو پنهنجي زهر ڀريل ڪلام سان دشمن ڪي نيست و نابود ڪري سگهيو ٿي، يا پنهنجي آرام بخش ڪلام ذريعي ڪنهن بيمار لاءِ شفايابي جو سبب ٿي سگهي ٿو. حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جن پيغمبر ٿيڻ کانپوءِ هڪ جنگ دوران (حضرت) حسان بن ثابت رضہ نالي شاعر ڪي، جو ان جنگ ۾ شريڪ هو، خطاب ڪندي چيو:

"هنن (يعني دشمنن ڪي) پنهنجي شعرن جي عتاب جو نشانو بڻاءِ. چو جو تنهنجا شعر ان تير کان بہ وڌيڪ موثر آهن، جيڪو اونداهي ۾ دشمن تي اڇلايو وڃي ۽ يقين ڪر تہ جبرئيل بہ تنهنجو ساٿ ڏيندو".

عرب قبيلن ۾ "شعر" سج ۽ هوا وانگر ضروريات زندگي ۾ شمار ٿيندو هو ۽ عرب قوم وٽ زندگي جي مختلف حالات، خوشي يا غم، خوش قسمتي يا بدقسمتي، شادي يا موت ۽ صلح يا جنگ لاءِ خاص قسمن جي شعرن جو وڏو ذخيرو موجود هوندو هو. هڪ عرب جڏهن غمگين هوندو هو ته "زهير" جا شعر جهونگاريندو هو، خوف جي عالم ۾ هو "نابغہ" جا شعر پڙهندو هو، جيڪڏهن چڙ ۾ هوندو هو ته "اعشي" جي شعرن کي زبان تي آڻيندو هو ۽ جڏهن کنهن سان مقابلي جو ارادو کندو هو ته "عنتره" جا شعر پڙهندي هن تي حملو کندو هو.

اسلام کان اڳ مکي جي عکاظ بازار ۾ هر سال عرب شاعرن جو اجتماع ٿيندو هو ۽ انهي بازار ۾ محفل سخن بہ منعقد ٿيندي هئي، پهريون نمبر کٽندڙ شاعر کي انعام اکرام ڏنا ويند اهئا ۽ هن جا شعر سونهري لفظن ۾ ريشمي کپڙي تي لکي کعبي جي ديوار تي لڙکايا ويندا هئا. جيئن بيون عرب قومون جڏهن مکي اچن ته انهن شعرن کي پڙهي لطف اندوز ٿي سگهن ۽ اهي شعر کعبي جي پٽ تي سڄو سال لڳل هوندا هئا ۽ انهن کي "معلقات" سڏيو ويو ٿي.

عرب جي مشهور شاعرن ۾ هڪ "امري القيس" نالي آهي، جنهن کي سڀ عرب سڃاڻن ٿا، هو انهن ستن نالين شاعرن مان هو، جنهن جا قصيدا کعبي جي پٽين تي لڳايا ويا ٿي ۽ هو سيني ۾ وڏيڪ مشهور سمجهيو ويو ٿي.

کونسٽن ويرزل، رومانيا جو دانشور، ٻڌائي ٿو ته: اهي ست قصيدا يا غزل ايترا ته فصيح ۽ بليغ ۽ دل کي لوڏڻ وارا آهن، جو هن (رومانيا جي دانشور) عربي زبان ۾ ان کان وڌيک بهتر ۽ خوبصورت کلام نہ پڙهيو هوندو. سواءِ قرآن مجيد جي.

ابن هشام، ابو دائود، امام حنبل رح، حميد الله ۽ ابن سعد جو ڳاڻيتو، اسلامي تاريخدانن ۾ ٿئي ٿو. اهي ان ڳالهہ جي تصديق کن ٿا ته حضور جن کي شعر پسند هوندا هئا ۽ پاڻ کڏهن کڏهن عرب شاعرن جو کلام زبان تي آڻيندا هئا.

اهي حضرات جن کي عربي زبان تي عبور حاصل آهي، ڄاڻن ٿا ته قرآن شاعري نہ آهي پر ان جون کجهہ آيتون موزون ضرور آهن. خاص کري قرآن جون اهي مختصر آيتون جيکي مکي ۾ نازل ٿيون. مثال طور سورة اخلاص، احد، العقل، تبت، کافرون، کوثر، قريش، الفيل، العصر، تکاثر، القارعة، زلزلة، التين، المنشرح، والضحیٰ، والليل، والشمس، والبلد، الفجر، غاشية، الطارق وغيره. اهي سڀ سورتون مکي ۾ نازل ٿيون ۽ موزون آيتن تي مشتمل آهن ۽ کجهہ سورتن ۾ وزن کان علاوه قافيو پڻ موجود آهي.

جيئن ته مکي ۾ نازل ٿيڻ واريون آيون مقفي قافيہ دار (Rhymed) هيون. ان کري مسلمان انهن کي دلنشين انداز ۾ پڙهندا هئا. حضرت ابوبکر صديق رضہ لاءِ ته مشهور آهي ته هو جڏهن گهر ۾ ويهي پڙهندو هو ته ٻاهران لنگهندڙ چاهي اهي اسلام جا دشمن ڇو نہ هجن، بيهي رهندا هئا ۽ کن ڏيئي قرآني آيتن کي ٻڌندا هئا.

باديہ نشين عرب جي هڪ اها بہ خصوصيت هئي ته هو خوبصورت ۽ دلنشين انداز ۾ ادا کيل کلام کان چشم پوشي نہ کري سگهندو هو. هڪ يورپي دانشور کلان هو آرٽ (Colmon hort) جو پڻ اهو ئي چوڻ آهي ته فطرت عربن کي ڇئن شين سان نوازيو آهي، پهرين اٺ، ٻيو تنبو، ٽين تلوار ۽ چوٿون شعر .

# ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي...

سفر ڪٺي کهڙو به هجي اهو "في نفسه مشقت" جو سبب آهي. انهي ڪري شريعت سفر ۾ خصوصي رعايت ان حد تائين فرمائي آهي جو فرض نمازون چئن رڪعتن بدران ٻه ڪيون آهن. خود نبي ڪريم ﷺ جن جو ارشاد آهي ته "السفر قطعتہ من النار" . سفر باهه جو ٽڪرو آهي. ان ڪري سفر ۾ مشقت (محنت ۽ تڪليف) ته ٿئي ئي ٿي.

۽ مولانا محمد زڪريا (جنهن جو ڪتاب "فضائل حج" ڪتب خانہ فيضي لاهور وارن ڇپرايو آهي.) جي چواڻي حج جو سفر ته خاص عاشقاڻو سفر آهي. سچن عاشقن وانگر ئي ان کي طئہ ڪرڻ گهرجي، پوءِ هن مسافرن کي چاهي کو خواب چوي، گاريون ڏئي، پٿر هڻي . جيڪي جنهن کان وٺي اهو ڪري هن کي پنهنجن خيالن ۾ مست ۽ پنهنجي ذوق شوق ۾ مگن رهڻ گهرجي.

---

امام غزالي رح هڪ هنڌ لکيو آهي ته حج جي سفر ۾ انسان جيڪي ڪجهه خرچ ڪري اهو خوش ٿي وڏي دل سان خرچ ڪري ۽ جيڪي نقصان جاني يا مالي رسيس ان تي ملول نہ ٿئي جو اهو هن جي حج جي قبول ٿيڻ جي نشاني آهي حج جي رستي ۾ مصيبت يا تڪليف وڃڻ جهاد ۾ تڪليف ڪٽڻ برابر آهي، جنهن جو تمام وڏو اجر آهي. ان ڪري جيڪو به مشقت يا نقصان برداشت ڪندو، الله ان کي تمام وڏو فائدو ڏيندو. هن جون تڪليفون ڪڏهن به ضايع نہ ٿيون وڃن.

---

نبي ڪريم ﷺ جن هڪ حديث پاڪ ۾ ارشاد فرمايو ته حج جي خوبي نرميءَ سان ڳالهائڻ ۽ ماڻهن کي کاڌو کارائڻ آهي. ان ڪري ڪنهن سان تکو ٿي نہ ڳالهائجي، ڪنهن تي چڙ نہ ڪجي. هر هڪ سان خوش اخلاقيءَ سان پيش اچجي. علمائن اڳيان خوش خلقي اها ناهي ته ٻئي کي تڪليف نہ پهچائجي پر ٻئي جي تڪليف کي برداشت ڪجي. سفر جي معنىٰ عربي ڊڪشنريءَ ۾ "ظاهر ڪرڻ" جي آهي، عالمن جو چوڻ آهي ته سفر کي سفر ان ڪري چيو وڃي ٿو جو هن ۾ ماڻهوءَ جو اخلاق ظاهر ٿئي ٿو.

---

حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنہ هڪ شخص کان معلوم ڪيو ته هو فلاڻي همراهه کي سڃاڻي ٿو ته هو ڪيئن آهي؟

هن عرض ڪيو ته ها سائين سڃاڻانس ٿو.

حضرت عمر پڇيس ته ڇا تو ڪڏهن کو سفر هن سان گڏ ڪيو آهي؟

هن عرض ڪيو ته نہ، سفر ته مون ڪڏهن به هن سان گڏ نہ ڪيو آهي.

حضرت عمر فرمايو ته، پوءِ تون هن کي نٿو سڃاڻين.

---

ان ۾ کو شڪ ناهي ته حج هڪ گهڻن مقصدن ۽ فائدن واري عبادت آهي، جنهن جا بيشمار ديني ۽ دنياوي فائدا آهن. الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ ان حقيقت جو اظهار هنن لفظن ۾ فرمايو آهي:

"ترجمو: يعني ماڻهو هتي اچن ۽ اچي ڏسن ته حج ۾ هنن لاءِ ڪهڙا ڪهڙا ديني ۽ دنياوي فائدا آهن."

حاجي گهر، ٻار، مٽ مائٽ ۽ پنهنجا سڀ ڏنڌا ڏاڙيون ڇڏي الله جي گهر جي زيارت لاءِ هڪ ڏکيو ۽ ڏکئي سفر لاءِ نڪرن ٿا. سفر جي دوران هو خالص الله جي رضا لاءِ تڪليفون ۽ پريشانيون برداشت ڪن ٿا ۽ اها ڳالهه هنن جي نفس کي پاڪ ۽ بهتر بنائي ٿي.

دنيا جي مختلف حصن ۾ رهڻ وارن، مختلف زبانون ڳالهائڻ وارن، مختلف لباس پائڻ وارن، مختلف رنگن ۽ مختلف نسلن سان تعلق رکڻ وارن ماڻهن جو هڪ ئي سادو فقيراڻو ڪفن جهڙو لباس (احرام) پائي هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيڻ ـ برابري (مساوات) جو هڪ اهڙو سبق ڏئي ٿو، جنهن جو مثال دنيا جي ڪنهن ٻئي مذهب ۾ نٿو ملي، امير، غريب، شاهه، گدا، عربي، عجمي ـ سڀني ماڻهن جو هڪ ئي لباس ۾، هڪ ئي توحيد جو ترانو بلند ڪندي پنهنجي خلقڻهار ۽ پروردگار جي حضور ۾ مٿو ٽيڪڻ (سجده ريز ٿيڻ) بس هڪ ئي امت، هڪ ئي قوم، قوم رسول هاشمي بڻجڻ جي تعليم ڏئي ٿو. حرم ۾ داخل ٿيڻ جون پابنديون. احرام جون پابنديون، پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان امن ۾ سلامتي ۽ عزت و احترام سان زندگي گذارڻ جو طريقو سيکارين ٿيون. سڀ کان وڏي ڳالهه دوران حج هر حاجيءَ کي توحيد ۽ سنت جي تعليم ملي ٿي، جيڪا هر مسلمان لاءِ ضروري آهي.

---

توحيد جو عقيدو ۽ سنت جي پيروي اسلام جون ٻه بنيادي ۽ اهم ترين تعليمات آهن. دين اسلام ۾ توحيد جو عقيدو سڀ ۾ اهم ۽ لازمي شيءَ آهي عقيدو توحيد جيڪڏهن صحيح نه آهي ته ڪيڏو به وڏي ۾ وڏو نيڪ عمل به رب پاڪ وٽ قبول نٿو ٿئي. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي:

ترجمو: "جيڪڏهن تو شرڪ ڪيو ته تنهنجي ڪئي ڪرائي محنت (عمل) ضايع ٿي ويندو ۽ تون نقصان (خسارو) حاصل ڪرڻ وارن مان ٿي ويندين." (سورة زمر، آيت 65)

سورة مائده ۾ الله تعاليٰ واضح طور فرمايو آهي ته مشرڪ (شرڪ ڪرڻ واري) لاءِ جنت حرام آهي ۽ هو هميشه جهنم ۾ رهندو.

حج هر حاجي جي "عقيده توحيد" کي پختو بنائڻ جو ذريعو بڻجي ٿو. احرام ٻڌڻ سان هو الله جي وحدانيت، تعريف، وڏائي ۽ عظمت تي ٻڌل تلبيه پڙهڻ شروع ڪري ٿو. مڪي پهچي طواف جي شروعات الله جي هيڪڙائي ۽ وڏائيءَ جا ڪلمات ادا ڪرڻ سان شروع ڪري ٿو ۽ هر چڪر ۾ حجر اسود وٽ اچي اهي ساڳيا ڪلمات ورجائي ٿو. طواف دوران به الله جي توحيد، وڏائي پاڪائي ۽ تقدس جا گڻ ڳائي ٿو. سعي جي شروعات ڪرڻ کان اڳ هو صفا پهاڙي وٽ ۽ دوران سعي ڳائي ٿو. منيٰ کان عرفات، عرفات کان مزدلفه ۽ مزدلفه کان منيٰ ويندي وقت لڳاتار تلبيه، تحميد ۽ تقديس جا ڪلما پڙهڻ کي ئي ته حج مبرور چيو ويو آهي. قرباني ڪرڻ وقت هو الله جو نالو ۽ وڏائي جو اظهار ڪري ٿو. رمي جمار (شيطان کي پٿريون هڻڻ) وقت هر پٿري اڇلڻ سان گڏ الله تعاليٰ جي وڏائيءَ جو نعرو بلند ڪري ٿو. مطلب ته حج جي دوران قدم قدم تي حاجي جي زبان تي رب پاڪ جي توحيد، تڪبير، تحميد ۽ تقديس جو ڪلمو هجڻ ڪري هر حاجيءَ جي دل ۽ دماغ تي عقيده توحيد پختي طرح وهيو وڃي.

---

عقيده توحيد بعد دين اسلام ۾ ٻئي نمبر تي سنت جي پيروري اهم بنياد آهي. رسول جيئن ته الله تعاليٰ جو پيغامبر ۽ نمائندو ٿئي ٿو ان ڪري رسول جي پيروري درحقيقت الله تعاليٰ جي پيروي آهي. قرآن مجيد جي سورته نساءَ جي 80 نمبر آيت آهي ته، "جنهن رسول جي اطاعت ڪئي تنهن دراصل الله جي اعات ڪئي". ۽ خود رسول اڪرم ﷺ وسلم جن هڪ حديث ۾ اها ئي ڳالهه ارشاد فرمائي آهي ته، "جنهن منهنجي اطاعت ڪئي ان جڻ ته الله جي اطاعت ڪئي ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي جڻ ته الله جي نافرماني ڪئي." (بخاري و مسلم)

هڪ ٻي حديث ۾ حضور ﷺ جن فرمايو آهي ته: "جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اهو مون مان نه آهي." (بخاري و مسلم). هڪ ٻي حديث ۾ حضور ﷺ جن واضح طور اهو ٻڌايو آهي ته جنهن ثواب خاطر اهڙو ڪم

ڪيو جيڪو منهنجي شريعت ۾ موجود نه آهي اهو عمل الله وٽ مردود ۽ غير مقبول ٿيندو. (بخاري و مسلم) ۽ هر خطبي ۾ حضور ﷺ جن هي لفظ ارشاد فرمائيندا هئا:

"دين ۾ نئين ڳالهه ايجاد ڪرڻ بدترين ڪم آهي ۽ دين ۾ هر نئين ڳالهه بدعت آهي ۽ هر بدعت گمراهي آهي ۽ هر گمراهيءَ جو نتيجو باهه آهي".

حج جي طريقن ڪي شروع ڪان آخر تائين ڏسبو ته ڪيئن اهي هڪ حاجيءَ ڪي سنت جي پيروي ڪرڻ جي تعليم ڏين ٿا. 8 ذوالحج تي حاجي مسجد الحرام (مڪو شريف) ڇڏي هڪ غيرآباد پهاڙي علائقي (منىٰ) ۾ پنهنجو پاڻ کي تنبن حوالي اچيو ڪري. ڏنو وڃي ته منىٰ جي مقابلي ۾ حرم پاڪ ۾ پڙهيل نمازن جو ثواب لکين درجا زياده ٿئي ٿو پر پوءِ به حاجي حرم پاڪ ڇڏيو ڏئي. منىٰ ۾ هڪ مختصر رهائش بعد بئي ڏينهن 9 ذوالحج تي سج اڀرڻ بعد حاجي سفر لاءِ نڪري ٿو ۽ پنڌ يا بس ذريعي هڙ هٽ ۾ ڪٽي عرفات جي ميدان تان وڃيو نڪري. اهي ئي تنبو، اها ئي ريتي ۽ واراياسو پٽ، اهي ڪارا جبل ۽ اها ئي آبهوا، عرفات ۾ آخر ڪهڙي اهڙي خوبي آهي جيڪو منىٰ ۾ نه آهي، مڪي ۾ نه آهي، پر لکها ماڻهن جو (هن سال2000ع ۾ اٽڪل ٽيهه لک ڪن حاجي هئا.) منىٰ جي حدن مان نڪري هڪڙي وقت عرفات جي ميدان ۾ گڏ ٿيڻ پنهنجي اندر ڪهڙي حڪمت رکي ٿو؟ اها ئي ته اسان جي رسول اڪرم ﷺ جي ائين ڪيو.

عرفات ۾ چند ڪلاڪ ترسي مغرب ڪانپوءِ مغرب جي نماز پڙهڻ بنا حاجي مزدلفه جي سفر تي نڪري ٿو. رات مزدلفه ۾ اچيو گذاري. هو رات مزدلفه ۾ چو ٿو گذاري ۽ عرفات تي چو نه؟ ۽ سانجهي (مغرب) جي نماز عرفات جي ميدان تي پڙهي نڪرڻ بدران مزدلفه پهچي اتي مغرب ۽ عشاءَ جون نمازون گڏ چو ٿو پڙهي؟ جيتوڻيڪ نماز وقت تي ادا ڪرڻ ڪپي ۽ اول وقت ۾ نماز پڙهڻ افضل ترين عمل آهي پر هن موقعي تي حاجي جاڻي واڻي مغرب جي نماز ۾ دير ڪريو ڇڏين. آخر چو؟ ان ڪري جو هو سنت رسول ﷺ جي پيروي ڪرڻ چاهين ٿا.

مزدلفه ۾ حاجي سڄي رات سمهيو گذارين ٿا ۽ ڄاڻي واڻي تهجد نماز ترڪ ڪريو ڇڏين. آخر ڀلا چو؟ فقط ان ڪري جو رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ان تهجد جي نماز ادا نه ڪئي هئي.

فجر نماز پڙهڻ بعد حاجي مزدلفه ڪان وري منىٰ ۾ اچن ٿا، ان ڪري جو حضور اڪرم ﷺ جن ائين ڪيو ۽ اسان کي به ائين ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

ڏهين ذوالحج تي منىٰ پهچي حاجي صرف جمرة عقبه (وڏي شيطان) کي پٿريون هڻن ٿا، جيتوڻيڪ باقي ٻه يا ٽي ڏينهن هو جمرة عقبه سان گڏ جمرة وسطي (وچين شيطان) ۽ جمرة اولىٰ (ننڍي شيطان) کي به پٿريون هڻن ٿا. ان جو سبب فقط اهو آهي ته حضور ﷺ جن ائين ڪيو.

ڏهين ذوالحج تي حاجي قرباني ڪري مٿي جا وار ڪوڙائين ٿا، ان بعد وهنجي سهنجي مڪي شريف طواف زيارت لاءِ وڃن ٿا. طواف بعد رات مڪي ۾ گذارڻ بعد موٽيو منىٰ اچن ٿا، فقط ان ڪري جو رسول اڪرم ﷺ جن ائين ڪيو هو.

حضرت عمر فاروق رضه طواف دوران حجر اسود کي مخاطب ٿي چيو: "الله جو قسم! آئون چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو ته تون هڪ پٿر آهين. نه نقصان پهچائي سگهين ٿو نه فائدو ڏئي سگهين ٿو. جيڪڏهن رسول اڪرم ﷺ کي توکي چمندو نه ڏسان ها ته توکي ڪڏهن نه چمان هان." اهو چئي حجر اسود جو استلام ڪيو، پوءِ چيو: "هاڻ اسان کي طواف (عمري) جي پهرين ٽن چڪرن ۾ رمل ڪرڻ (تکو تکو هلڻ) جي ڪهڙي ضرورت آهي. رمل ته مشرڪن جي لاءِ هو ۽ هاڻ الله تعالىٰ انهن کي تباهه ڪري ڇڏيو." (1) پوءِ پاڻ فرمايو، "رمل اها شيءِ آهي جنهن کي نبي اڪرم ﷺ جن ڪيو ۽ نبي اڪرم ﷺ جي سنت ڇڏڻ اسان کي پسند ناهي." (صحيح بخاري)

ڪيترين ڳالهيون آهن جن جو مطلب يا مقصد اسان جي محدود عقل ۾ نٿو اچي پر جيئن ته انهن لاءِ الله تعالىٰ حڪم ڪيو آهي يا رسول الله ﷺ جي سنت آهي ان ڪري انهن تي اسان کي عمل ڪرڻو پوي ٿو. سو ظاهري طرح ڪٽي چا به هجي پر اسان کي اهو سوچڻ کپي ته ان ۾ آهي ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي.

سو حج اها عبادت آهي جنهن ۾ هر حاجيءَ کي توحيد ۽ سنت جي پيروي ڪرڻ جي تعليم ملي ٿي.

(هن جاءِ تي حاشيو لکڻو آهي جيڪو سيٽنگ وقت لکيو ويندو ۽ اهو حاشيو ڪتاب جي صفحي نمبر 183 تي موجود آهي)

# مڪي ۾ رهائش دوران

حج تي رهائش دوران هرهڪ حاجي ڏهاڪو کن ڏينهن مديني ۾ پڻ گذاري ٿو. باقي ڏينهن (ويهارو کن) مڪي ۾ رهي ٿو ۽ پنج ڏينهن منىٰ، عرفات، مزدلفہ، منىٰ (مزدلفہ ۾ رات رهڻ بعد وري منىٰ اچي ٿو ۽ ان ڏينهن وڏي شيطان کي پٿريون هڻيون پون ٿيون ۽ قرباني ڪرڻي پوي ٿي)، مڪي (طواف زيارت ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڪلاڪ وري مڪي اچڻو پوي ٿو) ۽ وري منىٰ ۾ اچي رهڻو پوي ٿو. اهڙي طرح حج لاءِ مليل 35 ڏينهن ڪن جي ويزا ختم ٿيو وڃي.

حج تي اچڻ مهل سيني کي جدي ايئر پورٽ تي پهچي پهرين مڪي اچڻو پوي ٿو. جيئن يڪدم عمري جا ارڪان (طواف ۽ سعي) وغيره پورا ڪري احرام جي حالت مان نڪري سگهجي. ان بعد ڏينهن بہ ترسي حاجي مديني وڃن ٿا پر جيڪي حاجي آخري ڏينهن ۾ حج لاءِ اچن ٿا، جيئن اسان 2 مارچ تي ڪراچي کان نڪتاسين (۽ 15 تاريخ ذاري حج هو) انهن کي مديني حج بعد وڃڻ ڏين ٿا ۽ پوءِ اتان ئي (مديني کان) کين جدي موڪليو وڃي ٿو، جيئن پنهنجي وطن هليا وڃن. جيڪي پهرين ڏينهن ۾ حج لاءِ اچن ٿا. اهي جيئن مٿي لکيو اٿم تہ ڏينهن بہ مڪي ۾ رهي، پوءِ مديني روانا ٿيو وڃن. مديني ۾ ڏهاڪو کن ڏينهن رهي، پوءِ مڪي موٽن ۽ حج جي ڏينهن جو انتظار ڪن ٿا. حج وارا پنج ڏينهن منىٰ، عرفات ۽ مزدلفہ ۽ وري منىٰ ۾ رهي مڪي موٽن ٿا. جتان پوءِ هو واپس وطن ورن. منىٰ، عرفات ۽ مزدلفہ مڪي شهر کان ائين آهي، جيئن حيدرآباد شهر، کان سٽيزن سوسائٽي ڄامشورو واري پل ۽ گلستان سجاد.

سٽيزن سوسائٽي جيتوڻيڪ حيدرآباد جي ايڏو ويجهو ناهي تيئن منىٰ مڪي کان ايڏو ويجهو ناهي پر حج جي ڏينهن ۾ جڏهن هڪ ئي وقت ٽيهہ لک حاجي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃن ٿا تہ ٽرئفڪ ايڏي جئم ٿيو وڃي جو پنڌ هلندڙ بسين وارن کان اڳ پهچيو وڃن. مزدلفہ منىٰ ۽ عرفات جي وچ ۾ آهي ۽ مزدلفہ ۽ منىٰ هڪٻئي جي ائين ويجهو آهي، جيئن گلستان سجاد ۽ سٽيزن سوسائٽي(يا ڪٽي قاسم آباد سمجهو).

يا ڪراچي ۾ ٽاور مڪو سمجهو تہ منىٰ سٽي ڪورٽ جيترو پري آهي. جتان عرفات صدر جيترو پري آهي ۽ مزدلفہ اڙدو بازار ۽ ريڊيو پاڪستان وارو علائقو چئي سگهجي ٿو. ڪراچي تہ شهر ئي شهر آهي. پر هيڏانهن رڻ پٽ، واري ۽ جبل آهن. هفتو اڳ تنبو لڳڻ شروع ٿين ٿا، ان ڪري يورپ وارا منىٰ شهر کي Tent City (تنبن وارو شهر) سڏين ٿا ۽ پوءِ انين تاريخ حج لاءِ آيل سڀ حاجي منىٰ جو رخ اختيار ڪن ٿا ۽ 13 تاريخ شام کان اتي وري خاموشي ۽ ماٺ ڇانئجيو وڃي. ان ڪري عام معلومات جي سوالن (Quiz) ۾ اهو سوال اڪثر پڇيو ويندو آهي تہ اهو ڪهڙو شهر آهي، جيڪو هڪدم Populated ٿيو وڃي ۽ پوءِ خالي بہ هڪدم ٿيو وڃي.

منىٰ ۾ تہ وري بہ پنج ڏينهن کان رهائش ٿئي ٿي. عرفات جي ميدان تي تہ اڌ ڏينهن مس ٿو رهڻو پوي. منجهند کان وني سج لٿي تائين، جيئن ئي شام ٿيندي آهي تہ تنبو هٽڻ وارا سعودي حڪومت جا مزور، تنبن جون پاسن واريون قناتون (پڙدا) کولڻ شروع ڪندا آهن ۽ رات تائين سڀ تنبو کولي ڇڏيندا آهن. ڏينهن ٻن بعد عرفات جي ميدان تان لنگهڻ مهل يقين نہ ايندو آهي تہ هي اهو ميدان هو، جتي تنبو ئي تنبو هئا ۽ ٽيهہ لک عرب، حبشي، انڊين، پاڪستاني، ملئي، انڊونيشي، چيني، ايراني، ترڪ، افغان، يورپي، آمريڪي ڀانت ڀانت جون زبانون ڳالهائڻ وارا اڇي ڪفن جهڙي چادر ۾ ماڪوڙين وانگر ائين پڪڙيا پيا هئا، جيئن ڪو ٽيبل مٿان سنهو لوڻ يا کنڊ هاريل هجي. اهڙن موقعن جون هيليڪاپٽر مان نڪتل تصويرون ڏسي رب پاڪ جي وڏائي ۽ عظمت جو هڪ دهرئي کي بہ احساس ٿئي ٿو.

حج وارا هي پنج ڏينهن پورا ٿيڻ بعد ٻئي ڏينهن کان مقامي ماڻهو ۽ اوسي پاسي جي ملڪن، يمن، عراق، شام، مصر وغيره جا ماڻهو ڪارن ۽ بسين ۾ پنهنجي ملڪ روانا ٿيڻ شروع ٿين ٿا، ڏورانهن ملڪن جا اهي ماڻهو جيڪي پهرين اڏام ۾ آيا هئا، اهي بہ هلڻ شروع ڪن ٿا، جيڪي پوءِ آيا هئا ۽ مديني نہ ويا هئا، اهي مديني روانا

ٿين ٿا ۽ جيڪي حج کان اڳ مديني مان ٿي آيا هئا ۽ مڪي ۾ گهٽ ڏينهن رهيا هئا، اهي مڪي ۾ رهائش جا ويهہ ڏينهن ڪن پورا ڪن ٿا.

مڪي ۾ رهائش دوران هر حاجي جي اها خواهش رهي ٿي تہ حرم پاڪ ۾ جماعت سان پنج ئي وقت نماز پڙهجي. ان کان علاوه هرهڪ پنهنجي وت آهر طواف ۽ عمرا ڪري ٿو. ٻيو نہ تہ حرم پا ڪ ۾ ويهي ڪعبي شريف ڪي ڏسي ٿو ۽ تسبيحون پڙهي ٿو، جيئن گهڻي کان گهڻو ثواب حاصل ڪري سگهي. حضرت عبدالله بن عمر رضہ جن جو چوڻ آهي تہ مون حضور ﷺ جن کي اهو فرمائيندي ٻڌو تہ جنهن بيت الله شريف جو طواف ڪيو ۽ ٻہ رڪعتون ادا ڪيون، ان جڻ هڪ غلام آزاد ڪيو. (ابن ماجہ روايت ڪيو).

حضور ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ "رب پاڪ طرفان روزانو هڪ سئو ويهہ رحمتو ن هن گهر (ڪعبي) تي نازل ٿين ٿيون، جن مان سٺ طواف ڪرڻ وارن تي، چاليهہ نماز پڙهڻ وارن تي ۽ ويهہ بيت الله کي ڏسڻ وارن تي نازل ٿين ٿيون.

سو ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ بيت الله شريف کي فقط ڏسڻ بہ عبادت آهي. هي اهو گهر آهي، جتي هرڪو پنهنجو گناهہ بخشائڻ ۽ دعا گهرڻ لاءِ اچي ٿو. هونئن تہ مڪو معظم سڄو شهر اهڙو آهي، جتي هر هنڌ دعا قبول ٿئي ٿي پر ڪجهہ اهڙا خاص هنڌ بہ آهن، جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اتي دل مان نڪتل ڪا بہ دعا قبوليت بنا نہ ٿي موٽي.

حضور اڪرم ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ توهان جو رب وڏو رحيم ۽ ڪريم آهي .جڏهن بندو هن جي سامهون پنهنجي ٻڪ جهلي ٿو تہ هو هن کي خالي نہ ٿو موٽائي. عالمگير مسجد ۾ ليڪچر ۽ حج جي ڪتابن ۾ پڻ، هر حاجيءَ کي اها نصيحت ڪئي وڃي ٿي تہ دعا دل سان گهري ۽ هر دعا کان اڳ الله تعاليٰ جي واکاڻ ۽ وڏائي بيان ڪجي. پنهنجن گناهن جي معافي گهرجي ۽ درود شريف پڙهڻ کپي.

ڪجهہ اهڙين جاين جو ذڪر ڪيو وڃي، جتي دعا جي قبوليت يقيني سمجهي وڃي ٿي.

1. ڪعبي تي پهرين نظر پوڻ تي دعا گهرجي.

2. حطيم اندر، حطيم لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو ڪعبي شريف جو ئي حصو آهي. حضرت عائشہ رضہ جن فرمائين ٿيون تہ منهنجي دل چوندي هئي تہ آئون ڪعبي شريف جي اندر وڃي نماز پڙهان. حضور ﷺ جن منهنجو هٿ جهلي حطيم ۾ داخل ڪيو ويو ۽ فرمايو: "جڏهن تنهنجي ڪعبي ۾ داخل ٿيڻ تي دل چوي تہ هتي اچي نماز پڙهندي ڪر، هي ڪعبي جو ئي حصو آهي. تنهنجي قوم جڏهن ڪعبي جي تعمير ڪئي تہ هن حصي کي (خرچ جي کوٽ ڪري) ڪعبي کان ٻاهر ڪري ڇڏيو".

3. ميزاب رحمت جي هيٺان بيهي دعا گهرجي.

4. طواف ڪري مقام ابراهيم جي ويجهو يا پرتي بہ رڪعتون پڙهڻ بعد دعا گهرجي.

5. خانہ ڪعبي جي دروازي جي هيٺان ملتزم تي.

حضرت ابن عباس رضہ حضور اڪرم ﷺ جن طرفان نقل ڪري ٿو تہ "ملتزم اهڙي جاءِ آهي، جتي دعا قبول ٿئي ٿي ۽ ڪنهن بہ اتي اهڙي دعا نہ ڪئي هوندي جا قبول نہ ٿي هوندي".

ملتزم، حجر اسود کان وٺي ڪعبي شريف جي دروازي تائين جو حصو سڏجي ٿو. شايد ان ڪري جو ان جو نالو ملتزم رکيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي چهٽڻ جي جاءِ.

ابو دائود ۾ حضرت ابن عباس رضہ کان نقل ڪيو ويو آهي تہ هنن ان جاءِ (ملتزم) وٽ بيهي پنهنجي ڇاتي ۽ منهن ان پٽ سان ملائي ڇڏيو ۽ ٻنهي هٿن کي پٽ تي وڇائي چيو، مون ان ريت حضور اڪرم ﷺ جن کي هتي دعا گهرندي ڏٺو.

6. حجر اسود وٽ

7. رڪن يماني ۽ حجر اسود جي وچ ۾.

حضرت عبدالله بن عمر رضہ جو چوڻ آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کي اهو فرمائيندي ٻڌو تہ حجر اسود ۽ رڪن يماني کي ڇهڻ سان گناهہ ختم ٿيو وڃن (ان کي ابن خزيمه روايت ڪيو).

حضور اڪرم ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ رڪن يماني تي ستر ملائڪ مقرر آهن، جيڪو شخص ان تي وڃي هي دعا پڙهي ٿو: اَللهُمَ اِنِي اَسئلُکَ العَفوَ وَالعَافِيت، فِي الدُنيا والاخرت رَبَنا آتنا فِي الدنيا حَسنَت، وَ فِي الاخِرتِ حَسنَت، وَ قِنا عَذابُ النارِ.

تہ اُهي ملائڪ هن جي دعا تي آمين چون ٿا.

8. چاهہ زم زم وٽ.

9. سعي دوران ۽ صفا مروه وٽ بيهي ڪعبي ڏي منهن ڪري.

10. مولد النبي صہ تي وڃي.

11. جبل ابو قبيس تي.

12. جبل رحمت وٽ.

13. غار حرا ۾.

14. مزدلفہ ۾.

15. غار ثور ۾.

16. طواف ڪندي.

17. عرفات جي ميدان تي.

18. منیٰ ۾ ۽ شيطانن کي پٿريون هڻڻ وقت. وغيره وغيره.

حضور اڪر مﷺ جن جو ارشاد آهي تہ ماڻهو جيڪڏهن گهر ۾ نماز پڙهي ٿو تہ فقط هن نماز جو ثواب هڪ کي ملي ٿو ۽ محلي جي مسجد ۾ ستاويهہ دفعا گهڻو ثواب ملي ٿو ۽ جامع مسجد ۾ پنج سئو دفعا ثواب وڌيڪ ملي ٿو ۽ بيت المقدس جي مسجد ۾ هڪ نماز جو ثواب پنجاهہ هزار نمازن جيترو ملي ٿو ۽ منهنجي مسجد ۾ يعني مديني پاڪ جي مسجد ۾ پڻ پنجاهہ هزار نمازن جيترو ثواب آهي ۽ مڪي شريف جي مسجد ۾ هڪ لک نمازن جو ثواب آهي.

پاڪستان مان نڪرڻ وقت اسان عمري جو احرام ٻڌي نڪرون ٿا ۽ مڪي شريف پهچي عمري جا ارڪان: طواف، سعي، حلق يا قصر سرانجام ڏيون ٿا ۽ اهڙي طرح عمرو ٿئي ٿو ۽ احرام جي پابندين ۽ ڪپڙن کان آزادي ملي ٿي. مڪي بعد مديني وڃڻ ٿئي ٿو ۽ مديني مان وري مڪي اچڻ مهل اسان رستي تي (مديني جي پرسان) هڪ ڳوٺ ذوالحليفہ (جنهنجو اڄڪلهہ نئون نالو بئر علي آهي) تان عمري لاءِ احرام ٻڌون ٿا. ذوالحليفہ مديني کان ايندڙن لاءِ ميقات آهي.

انهن عمرن کان علاوه مڪي ۾ رهڻ دوران وڌيڪ عمرا ڪرڻ لاءِ ميقات واري جاءِ تي عمري لاءِ احرام ٻڌڻ خاطر تنعيم يا جعفرانہ وڃڻو پوي ٿو. هي ٻہ جايون مڪي جي ويجهو آهن ۽ بس يا ٽئڪسي ۾ وڃي سگهجي ٿو. ياد رهي تہ تنعيم ۽ جعفرانہ ميقات نہ آهن پر حدود حرم کان ٻاهر آهي. اتي مسجدون نهيل آهن، جتي ٻہ رڪعتون ادا ڪري عمري جي نيت ڪئي وڃي ٿي. مسجد تنعيم مسجد عائشہ ۽ مسجد عمرا بہ سڏي وڃي ٿي، چو تہ حضرت عائشہ رضہ حضور اڪرم ﷺ جن جي حڪم مطابق عمري لاءِ احرام هتان ٻڌو هو. هي مسجد مڪي مڪرمہ کان ٽي ميل اتر ۾ جدي ڏي آهي.

جعفرانہ طائف شهر ڏي آهي. هي اها تاريخي جاءِ آهي، جتي صحابہ ڪرام رضہ سان گڏ حضور ﷺ جن تشريف فرما ٿيا هئا. هن جاءِ تان بہ احرام ٻڌي عمرو ڪيو وڃي ٿو ۽ ماڻهو ان عمري کي وڏو عمرو سڏين. شايد ان ڪري جو هي هنڌ جعفرانہ تنعيم کان پري آهي. جعفرانہ مڪي شريف کان اٽڪل 25 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي.

مڪي ۾رهڻ دوران عبادتن بعد دنيا جي ڪمن ۾ حاجين لاءِ اهم ڪم کاڌي پيتي جو بندوبست ٿئي ٿو. پوءِ ڪن اسان وانگر گهر ۾ رڌ پچاءُ جو بندوبست ڪيو هو تہ ڪي هوٽلن ۾ کائيندا هئا. هينئر تہ مڪي (۽ مديني ۾ پڻ) دنيا جي هر شيءِ ملي ٿي. قدم قدم تي هوٽلون ۽ کاڌي پيتي جا دڪان آهن، نہ تہ اڄ کان پنجاهہ سٺ سال ڪن اڳ جن حج ڪيو، اهي ٻڌائين ٿا تہ هو کاڌي پيتي جي هر شيءِ پنهنجي ملڪ مان کڻي ويندا هئا. مون کي پڻ ننڍپڻ جا ڏينهن ياد آهن تہ پاڙي جا ماڻهو حج تي ويندا هئا تہ ڪي مهينا هو حج جي تياري ڪندا هئا. پاڻ سان چانور ۽ اٽي جهڙيون شيون تہ ڏبا پري کڻي ويندا هئا پر گوشت ۽ مڇي بہ سڪائي پاڻ سان کڻندا هئا ۽ چڱو جو انهن ڏينهن ۾ هوائي جهاز بدران پاڻي جي جهاز ۾ سفر ٿيندو هو، نہ تہ رڳو هرهڪ حاجي سان گڏ سامان جا ايترا سارا ڏبا ڪهڙي هوائي ڪمپني پنهنجي هوائي جهاز تي ڍوئڻ پسند ڪري ها.

حج بابت هڪ سفرنامو پڙهي رهيو هوس، جنهن جي لکڻ واري 1925ع ڌاري حج ڪيو هو. پاڻ دهلي (يا شايد لکنئو) کان پاڻي واري جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ بمبئي پهتو ۽ بمبئي ۾ ٻارنهن ڏينهن حج جي سفر لاءِ سامان پئي ورتائين ۽ ان سامان ۾ کاڌي پيتي جي سامان کان علاوه ٿانوَ ٿپا، ديڳڙا، چالهيون، لالٽين، هنڌ بسترا، بالٽيون وغيره وغيره پڻ وٺڻا پيا، جو انهن ڏينهن ۾ مڪي ۽ مديني ۾ هر شيءِ حاجي کي ڪرڻي پئي ٿي. عربستان ۾ اڃا تيل جي پئسن جو استعمال شروع نہ ٿيو هو. هندستان جا شهر ۽ رستا ۽ ٻيون سهولتون (پاڻي ۽ بجلي وغيره) وڏيڪ بهتر هيون ۽ ٻين حاجين وانگر هن حاجي کي بہ رڪي رڪي ننڍي ڪنڌ جون هوادار ۽ سهڻيون جايون، رستا ۽ لاريون، گاڏيون ۽ بگيون ياد ٿي آيون. انهن ڏينهن ۾ وري اهو بہ شڪر آهي جو ننڍيون لاريون نڪتيون هيون، جيڪي عربي سڏبيون هيون ۽ مديني کان مڪي ڏينهن ٻن ۾ اچي پڄائينديون هيون. منجهس چوڏهن ڪن ماڻهو سوڙها سگهورا ٿي ويندا هئا. سامان هفتو ڪن اڳ انن تي موڪلبو هو. جو اهي پهچڻ ۾ هفتو ڪن وٺندا هئا.

بهرحال ان هوندي بہ حاجي سڳورا خوش هئا، جنهن جو اظهار مٿين همراهہ بہ ڪيو آهي تہ اهو بہ شڪر آهي جو هاڻ پاڻي واري جهاز تي ماني جو بندوبست مسافرن کي نہ ٿو ڪرڻو پوي ۽ جهاز جي بورچيخانن ۾ ماني ناهي وڃي ٿي، نہ تہ 1925ع کان اڳ حاجين کي ساموندي سفر جا اٺ ڏهہ ڏينهن ڊيڪ تي رڌ پچاءُ جو بندوبست ڪرڻو پوندو هو. خراب موسم ۽ گرمي ۾ جڏهن ٺهيل نڪيل کاڌو ملي ٿو تہ اهو ئي اهڙي حالت ۾ سمنڊ کي کاڌو نہ ٿو ٿئي. اتي مسافرن کي پاڻ رڌ پچاءُ ڪرڻ ۽ جهاز جي لوڏن کان پاڻ کي ۽ پنهنجي سامان کي بچائڻ لاءِ ڪيتريون تڪليفون ۽ اوجاڳا ڪرڻا پوندا هئا. هڪ جهاز هلائڻ وارو يا ساموندي زندگي کان واقفڪار ئي سمجهي سگهي ٿو. ان حساب سان اڄڪلهہ حج جو سفر ڪو ڏکيو نہ رهيو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ حج تي ماڻهن جو تعداد وڌڻ ڪري دوران حج (خاص ڪري حج وارن ڏينهن ۾) طواف يا سعي ۾ گهڻي رش رهي ٿي.

حاجين جو کاڌي پيتي جي هوٽلن ۽ دڪانن کان علاوه ٻين دڪانن تي پڻ چڱو وڃڻ ٿئي ٿو. خاص ڪري آخري ڏينهن ۾، حج جو فرض پورو ٿيڻ بعد پبلڪ ٽيليفونن تي بہ چڱي رش رهي ٿي. هرهڪ پنهنجن مٽن مائٽن ۽ ٻارن جي خبر چار لهڻ لاءِ يا پنهنجي ايندڙ ڏينهن جو پروگرام مائٽن کي ٻڌائڻ لاءِ ٽيليفون ڪري ٿو. اڄڪلهہ ٽيليفون ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي. پئسا خرچيو تہ سيڪنڊن جا فيصلا آهن. مڪي توڙي مديني ۾ جڳهہ جڳهہ، گهٽي گهٽي ۾ ٽيليفون بوٿ لڳل آهن، جن ۾ ڪارڊ وجهي فون ڪري سگهجن ٿا. هڪ سئو يونٽن جو ڪارڊ پنجاهہ ريالن ۾ ملي ٿو ۽ ڪٿي تہ 55 ريالن جو بہ مليو ٿي، جنهن ذريعي مڪي يا مديني کان پنهنجي ڳوٺ ڏهہ ٻارهن منٽ ڳالهائي سگهجي ٿو. ڪيترائي ٽيليفون جا دڪان پڻ آهن، جتي ڏهہ ٻارنهن ننڍا ڪمرا (Cubicles) ٺهيا پيا آهن. ڳالهائڻ بعد دڪان جو مالڪ منٽن مطابق توهان کي بل ڏيئي سگهي ٿو. پنهنجي ملڪ، شهر ۽ گهر فون ڪرڻ لاءِ پهرين بہ دفعا زيرو ملائڻو پوي ٿو، ان بعد ملڪ جو ڪوڊ يعني پاڪستان جو 92 ٿيو. ان بعد شهر جو مثال طور دادو جو نمبر 229 ٿيو ۽ پوءِ گهر جو 610614 يعني ٽيليفون ڪٽي ان ۾ ڪارڊ وجهي يڪو نمبر ملائڻو پوندو0092229610614..

پنجاهہ جي سجي گروپ مان روز ڪجھہ ماڻهو پنهنجي وطن فون ڪندا هئا ۽ پوءِ شام جو ٻين جي دلچسپي لائق خبرون ٻڌائيندا هئا تہ ڪراچي ۾ ڦڙ ڦڙ وسي. اسلام آباد ۾ ڪلنٽن اچي رهيو آهي. پاڪستان ۾ ذوالحج جو چنڊ نہ ڏٺو آهي. هن سال حاجين جي ڪراچي ايئرپورٽ موٽڻ تي ڪسٽم چيڪنگ نہ ٿيندي.

منجهند جو اڳين (ظهر) نماز کان ڪلاڪ ٻہ اڳ ۾ ۽ عشاءِ نماز بعد گروپ جا سڀ ڪان گهڻا حاجي ڪمري ۾ موجود هوندا هئا ۽ پوءِ ڪڏهن ديني ڳالهين جو دور هلندو هو تہ ڪڏهن دنيا جي خبرن جو. اسان جي گروپ ۾ جيئن تہ واپاري ڪميونٽي جا ماڻهو گهڻا هئا. ان ڪري واپاري جون ڳالهيون گهڻيون هلنديون هيون. اهي ٻڌي مون کي تعجب لڳندو هو تہ ان سبجيڪٽ تي هنن جي ڄاڻ ۽ ذهانت ڪيڏي وسيع آهي. جيتوڻيڪ اڌ کان وڌيڪ مئٽرڪ تائين مس پڙهيل هئا پر تعليم جي پنهنجي اهميت آهي تہ تجربي جي پنهنجي هنن کي ابن ڏاڏن کان ڏنڌي جو مليل هنر ۽ تجربو ايڏو آهي جو پرئڪٽيڪل زندگي ۾ هڪ ڪامرس ۽ فائننس جو Ph-D بہ هنن جو مقابلو نہ ڪري سگهي.

نور احمد چاندنا جنهن جو رنگ (Paints) جو واپار آهي. تنهن ٻڌايو تہ اسان جي ملڪ (پاڪستان) ۾ اوڌر جو ڏاڍو مرض آهي، هر ڪو شيءِ وٺي وڃي ٿو پر اوڌر تي. پوءِ رلائي رلائي قسطن ۾ پئسا ڏئي ٿو. ڪيترا تہ قسطن ذريعي بہ ڪجھہ پئسا ڏئي ڪائي ويندا ۽ پوءِ ماڳهين نظر نہ ايندا، پوءِ ڪين اسان ڳوليندا وتنداسين.

“ڪانئن رهيل پئسا وصول ڪرڻ لاءِ؟” مون پڇيومانس.

“نہ، ڪين چوندا آهيون تہ باقي رهيل پئسا ڪٽي نہ ڏيو پر وڌيڪ مال   وٺڻ لاءِ تہ اچو، چو تہ اسان اهو ئي چاهيون ٿا تہ پئسا ڪٽي ڪجھہ گهٽ ملن پر مال تہ نڪرندو رهي ۽ جي سختي ٿي ڪجي تہ ڪو بہ نہ ٿو اچي. هو ٻين کان وڃيو وٺن. جيڪي اوڌر ڏين ٿا”. هن ٻڌايو.

اڪثر بنگلاديش ۽ انڊونيشيا جو گهڻو ذڪر نڪرندو هو، جن جون ٽوپيون مردن جون قميصون ۽ ٻارن جا ڪپڙا مڪي جي سڄي مارڪيٽ ۾ ڇانيل هئا.

“سان ايڪسپورٽ ۾ پنتي ٿي ويا آهيون. حڪومت هڪ طرف مدد يا همت افزائي نہ ٿي ڪري. مزورن جو مسئلو بئي پاسي آهي. رشوت ۽ ڀتا خوري ٽئين طرف آهي. نتيجي ۾ اسان جي ملڪ ۾ ٺهيل هر شيءِ جي قيمت ايڏي گهٽي ٿيو وڃي جو بين الاقوامي مارڪيٽن ۾ اسان مقابلو نہ ٿا ڪري سگهون. ڪيتريون شيون تہ پنهنجي ملڪ ۾ بہ مهانگيون پون ٿيون. ان ڪري ڪيتريون شيون جيڪي ٻاهرن ملڪن ۾ ٺهي اسان جي ملڪ ۾ اچن ٿيون. انهن جي قيمت اسان جي ملڪ ۾ ٺهيل شين کان گهٽ آهي”. هڪ بزنيس مئن ٻڌايو.

ڊاڪٽر فضل ربي جيڪو دل جو سرجن آهي ۽ دل جون آپريشنون ڪري ٿو. ان سان اڪثر انگلينڊ جي ڏينهن جي ڳالھہ ٻولھہ ٿيندي هئي، جتي هو اٺ سال ڪن رهي آيو هو. هڪ ڏينهن ڳالهين ڪندي هن ٻڌايو تہ پاڪستان ۽ انگلينڊ ۾ اهو فرق آهي جو انگلينڊ ۾ سينئر پروفيسر (سرجن) ڏکيون آپريشنون پنهنجي هٿ ۾ ٿو ڪٽي. هتي جيڪا ڏکي آپريشن هوندي، جنهن ۾ مريض جي بچڻ جي گهٽ اميد هوندي اها جونيئر حوالي ڪري ڇڏيندو، جيئن مريض مري پوي تہ خواري جونيئر جي ٿئي. سولي آپريشن بس سمجهو تہ پليٽ ۾ حلوو کائڻ آهي تہ اهو ڪم پاڻ ڪٽندا، جيئن سندن ناموس ٿئي تہ “هو وڏا قابل ڊاڪٽر آهن، سندن هر آپريشن ڪامياب ٿي وڃي ۽ جونيئر ڊاڪٽر ماڻهو ٿا مارين”. ساڳي وقت هينين پوسٽن وارن جي پروموشن بہ ڏکي ۽ دير سان ڪئي وڃي ٿي.

ڪڏهن تہ چرچا پوڳ بہ هلندا هئا. اسان جي گروپ  ۾ محسن نالي بزنيس مئن آهي، جيڪو نہ فقط ننڍي عمرجو آهي (اٽڪل 28 سال ڪن جو ٿيندو) پر قد ۾ بہ ننڍو آهي. مصري عرب جيڪا جبا (توب) پائين ٿا، اهي بيحد ويڪرا ۽ هيٺ وڏي گهير وارا ٿين ٿا. نماز تي ماڻهن جو گهڻو تعداد ۽ جاءِ جي سوڙهہ هجڻ ڪري هڪٻئي جي پويان ايترو ويجهو ويهڻو پوي ٿو جو سجدي لاءِ مس جاءِ ملي ٿي. اهڙي صورت ۾ انهن مصري عربن جي وڏي گهيري وارا توب (پهراڻ) سجدي ۾ پويان ويٺل همراھ جي مٿان وڇائجيو وڃن ۽ ڪيترا دفعا سجدي مان اٿي ويهي سڌو

ٽيڻ مهل پنئين همراهه جو ڪنڌ هنن جي توب ۾ ڦاسيو پوي. مٿين همراهه محسن چيو ته هو ته هڪ دفعي ذري گهٽ اڳيان بيٺل عرب جي توب (جبي، پهراڻ) ۾ اندر هليو ويو هو.

هڪ دفعي منجهند جي ماني تي اچي ڳالهه نڪتي ته نارمل انسان لاءِ ڪيتري خواري ضروري آهي.

"ڇا ڪئلورين جي حساب سان؟" ڊاڪٽر شفيق پڇيو.

"نه وزن جي حساب سان" اسان جي ٽولي جي ليڊر احسان شيخ صاحب چيو.

"هڪڙي ڪڪڙ". ڪنهن جواب ڏنو.

"اڌ ڪڪڙ. پر ڪڪڙ ڪيتري وزن جي ٿئي ٿي؟" ڪنهن ٻئي چيو. "ڪڪڙ ته هڪ ڪلو، ڏيڍ ڪلو ۽ ٻن جي به ٿي سگهي ٿي پر صاف ٿيڻ ۽ پچڻ بعد سڪي اڌ ڪلو به ٿي سگهي ٿي". احسان صاحب چيو "بهرحال انسان جي هر ويلي تي وڌ ۾ وڌ خوراڪ ڇهه سئو، ساڍا ڇهه سئو گرام آهي. آئون پهلوانن، جوڌن، جپاني سومون ٽلهن جي ڳالهه نه ٿو ڪريان. هڪ نارمل ماڻهو جي ڳالهه ٿو ڪريان".

"ڪي ڪي نارمل ماڻهو به گهڻو ڪائين ٿا. ڪٿي ڪٿي بوفي ٽائيپ لنچ يا ڊنر هوندي آهي ته پيڪنگ ڪري ڇڏيندا آهن". شميم احمد ٻڌايو جنهن ڪي ڪراچي ۾ شادي هال آهي.

"ها صحيح ٿا چئو". فيروز سندس ڳالهه جي تائيد ڪندي ٻڌايو، پر ڪراچي جا ماڻهو ڪمزور، پريشان ۽ هر وقت پيچ ڊڪ ۾ اهڙو رهن ٿا جو سندن معدو صحيح نه ٿو رهي".

"آئون پنجاب پاسي جي ماڻهن جي ڳالهه ٿو ڪريان." شميم چيو. "ها پنجاب پاسي جا ماڻهو صحتمند آهن ۽ گهڻو ڪائين ٿا پر لاهور پاسي جا ايترو نه ٿا ڪائين جيترو گجرانوالا جا". هڪٻئي ٻڌايو.

شميم صاحب ٻڌايو ته واقعي گجرانوالا جي ماڻهن سان ڪائڻ ۾ ڪير نه پڄي سگهندو. اسان وٽ جڏهن ڪو شادي جو هال بُڪ ڪرائڻ ايندو آهي ته ماني جو في ماڻهو جي حساب سان اگهه پڇندو آهي ته اسان اگهه ٻڌائڻ کان اڳ ڪائنس اهو معلوم ڪندا آهيون ته شادي ۾ دعوتي ڪير هوندا؟ ڪراچي جا پڙهيل ڳڙهيل يا اوسي پاسي جي ٻهراڙي جا؟ سنڌ جي ڳوٺن جا يا پنجاب جا؟ ۽ پنجاب جا به ڪٿي گجرانوالا جا ته نه هوندا؟ ڇو جو جتي اسان ٻين لاءِ اڌ ڪڪڙ جي حساب سان پئسا چارج ڪندا آهيون، اتي گجرانوالا کان آيل لاءِ ڄڃ لاءِ في ماڻهو ڏيڍ ڪڪڙ جي حساب سان چارج ڪندا آهيون. بلڪه ڪيترين ڪيٽرنگ ڪمپنيون گجرانوالا کان آيل مهمانن جو ٻڌي جواب ڏئي ڇڏينديون آهن.

"يارو آئون توهان کي ڇا ٻڌايان". هڪ ٻئي بزنيس مئن ٻڌايو، جنهن کي ڌنڌي جي لحاظ کان پنجاب وڃڻو پوندو آهي. "هڪ دفعي پنهنجي پنجابي بزنيس مئن دوست وٽ گجرانوالا ويس. منجهند جي ماني هن جي گهر ڪاڌيم. اسان ٻه ڄڻا هئاسين. ٽيون سندس پٽ، سندس بورچي وڏو ڊش ٻوڙ جو اچي رکيو، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ يا ٻن ڪڪڙين جيترو گوشت هوندو. ڪائڻ جو آئون به مڙس ماڻهو آهيان. ٻه چار ٻوٽيون پليٽ ۾ رکي ماني سان ٿي ڪاڌيم ته ميزبان دوست رڙ ڪري چيو ته هي ڇا؟

"ڇو؟" مون وائڙو ٿي پڇيو.

"ماني سان گوشت ٿو ڪائين؟ گوشت ته رکو ڪائڻ کپي". هن چيو.

"ته پوءِ هي ماني ڇا جي لاءِ آهي؟" مون تعجب مان پڇيو.

"اها ته آخر ۾ منهن اگهڻ لاءِ آهي". ميزبان جواب ڏنو.

ڪڏهن ڪڏهن ديني مسئلن تي به اچي بحث ٿيندو هو. جنهن لاءِ جيتوڻيڪ اسان کي شروع کان بلڪ ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ اسان جي گروپ ليڊر احسان الاهي سيني کي سختي سان چيو هو ته هرهڪ پنهنجو عقيدو پاڻ تائين رکي. ٻئي سان بحث نه ڪري پر پوءِ ڪنهن وقت گروپ ليڊر نه هوندو هو ته شروع ٿي ويندا هئاسين. بس اسين

ماڻهو عادت کان مجبور جيسين بحث مباحثا نہ ڪريون، تيسين ماني هضم نہ ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ اڌ ڳابرو رسي بہ اٿندا هئاسين. جيتوڻيڪ اصل ڳالھ ۾ ڪجھ بہ نہ هوندو هو. جيئن مثال طور: هڪ اهڙو بحث هن وقت ياد پيو اچي تہ ڪنهن ڪٽي چيو تہ "مولانا مودودي کي عربي نہ ايندي هئي"، پوءِ تہ سڀ شروع ٿي ويا. ڪي ان جي Favour ۾ تہ ڪي ان جي مخالفت ۾. اهڙي طرح ٻين عنوانن تي بحث هلندو هو. جن مان هن وقت ڪو ياد نہ آهي.

ڪڏهن ڪڏهن بحث دوران هڪ ٻئي کي سنيون ڳالهيون بہ ٻڌايون وينديون هيون. نواب عبدالستار، حافظ سعيد ۽ چوڌري مهتاب جهڙا ڪيترين ئي سنيون سنيون اسلامي ڳالهيون ۽ حديثون ٻڌائيندا هئا. بلڪھ گهڻو وقت سنين ڳالهين ۾ گذرندو هو. عالمگير مسجد جي ٻين گروپن جا ليڊر ايندا هئا تہ اهي بہ هميشھ مذهبي ڳالهيون ڪندا هئا. هرهڪ جا ڪيترائي حج ۽ عمرا ٿيل هئا. هو عربي زبان کان بہ واقف لڳي ٿا. ان ڪري اسان جهڙن جاهلن ۽ نون حاجين هنن مان پرايو ٿي. ان ڪري ڪراچي ۽ اوسي پاسي جا ماڻهو جيڪي اڪيلا آهن ۽ گروپ ناهي نہ ٿا سگهن يا ڪين حج جي گهڻي واقفيت ناهي، انهن کي آئون اها ئي صلاح ڏيندس تہ هو عالمگير مسجد ۾ هليا وڃن، جيڪا بهادر آباد ۾ آهي، جن جو شعبو انصار الحجاج هنن جي مدد ۽ رهنمائي ڪري سگهي ٿو ۽ اسان وانگر توهان کي ڪنهن گروپ سان شامل ڪري حج تي روانو ڪري سگهي ٿو يا ٻين اهڙن ادارين سان گڏجي وڃجي.

مڪي پهچي (توڙي مديني پڻ)، سعودي حڪومت جي ويجهي اسپتال ضرور ڏسي ڇڏجي، جيئن ٿڌ بخار يا ٻي بيماري ۾ دوا درمل وٺي سگهجي. اهڙين اسپتالن ۾ دوا توڙي ايڪسري ۽ ٻيا ٽيسٽ مفت ٿين ٿا. ڪي بيماريون ڪنگهہ، تپ جهڙيون عام ٿين ٿيون، جنهن لاءِ دوائن جو دڪاندار (فارميسي وارو) بہ ڪا دوا Suggest ڪري سگهي ٿو ۽ گروپ ۾ جيڪڏهن ڪو ڊاڪٽر آهي ۽ توهان پنهنجي وطن کان گهربل دوائون کڻي آيا آهيو تہ اهو تہ اجا بہ سٺو جو دڪانن تي دوائون ڪافي مهانگيون آهن.

اسان جي رهائش واري جاءِ جي سامهون يعني رستي جي ٻئي پاسي اجياد اسپتال هئي، جنهن ۾ ڪم ڪندڙ هڪ پاڪستاني ڊاڪٽر عبدالغني اسان جي گروپ جي هڪ حاجي جو پاڻيهو هو ۽ ٻئي ٽئي ڏينهن منجهند جي ماني تي اسان وٽ ايندو هو تہ اسان جي گروپ جا ڪيترائي حاجي هن سان دوا درمل جي ڳالھ ڪندا هئا. مون کي بہ ٻہ ٽي دفعا بخار ٿيو ۽ آخري ڏينهن ۾ ڪنگهہ ٿي تہ واپس ڪراچي تائين رهي. منهنجي خيال ۾ ڏينهن ٻن جي بخار لاءِ ڪا پونسٽان، ڊسپرين، پئناڊال جهڙي گوري پاڻ ئي کائي ڇڏجي ۽ سعودي اسپتال جي ڊاڪٽر وٽ نہ وڃجي تہ بهتر، جو هرهڪ کي ڪا نہ ڪا اينٽي بائيٽڪ ڏيو ڇڏين ۽ ائين معمولي معمولي ٿڌ تپ لاءِ ڳريون دوائون کائڻ بہ تہ صحيح ناهي.

مڪي ۾ واندڪائي ۾ حاجي پنهنجي مٽن مائٽن، ڄاڻن سڃاڻن سان بہ ملندا رهن ٿا. پوءِ ڪنهن جي ڪنهن سان حرم پاڪ ۾ ملاقات ٿيو وڃي تہ ڪنهن جي شهر جي بازارين ۾. اسان جي ڳوٺ جا بہ سئو کن حاجي مختلف اڏامن ۾ آيا هئا. تفصيل سان خبر نہ هيم تہ ڪير ڪير آيا آهن پر اها خبر هيم تہ انهن ۾ هڪ اسان جو مائٽ محمد عيسيٰ ميمڻ ۽ ان جي پوڙهي والده بہ هئي. هو اسان کان هفتو کن اڳ واري فلائيٽ ۾ آيا هئا پر اسان کي هڪ ٻئي جي رهائش جي خبر نہ هئي. اسان پهرين ڏينهن کان وٺي ڪين حرم پاڪ اندر توڙي ٻاهر ماڻهن جي انبوهہ ۾ ڳوليندا رهياسين ٿي پر ٽيھ لک ماڻهن ۾ ڪنهن کي ڳولڻ ائين آهي، جڻ ٻهہ ۾ سئي ڳولڻ. اجا بہ ڪنهن جو لنگهہ حرم پاڪ جي ساڳي دروازي مان آهي تہ پوءِ هڪ ٻئي سان ملاقات آسان آهي. پنج وقت نمازن مان ڪنهن ڏينهن ڪنهن نماز لاءِ ويندي يا موٽندي ان در وٽ ملاقات ٿيو وڃي. باقي مختلف در آهن تہ پوءِ ڏکيو ڪم ٿيو پوي. مون کي جڏهن بہ وقت ملندو هو تہ پنهنجي گهٽي ۾ ٿي بيهندو هوس تہ من ڪو اسان وارو مائٽ يا هالا جو ڪو ماڻهو ملي، پر هزارين ماڻهن ۾ ڪي ٿورا پاڪستاني مهاندا نظر ايندا هئا. سي بہ پٺاڻ، افغاني يا پنجابي هوندا هئا، نہ تہ ڳاهٽن جا ڳاهٽ ترڪ، عرب، آفريڪن، ملئي، انڊونيشي وغيره هوندا هئا.

هڪ ڏينهن سنڌي ۾ ڳالهائيندي ٻہ ٽي ڄڻا اچي لنگھيا. پاڻ سانگھڙ پاسي جا ميان ۽ لغاري هئا. "ڀائو ڪھڙي پاسي ٿا رهو؟". مون پڇيومان.

"او ايڏانهن پل جي هن پاسي ڪاٻي گھٽي ۾". هنن ٻڌايو.

"ايڏانهن ڪي هالن جا آهن؟" مون پڇيومان.

"نہ. هالن جا تہ نہ آهن پر اسان جي بلڊنگ ۾ خيرپور ۽ سکر پاسي جا آهن، پر واري بلڊنگ ۾ لاڙ جا رهن ٿا پر هالا جا نہ آهن".

اهڙي طرح ڪنهن بہ سنڌي ڳالهائيندي يا سنڌي ٽوپي ۾ ڏسندو هوس تہ پڇندو هوس تہ پاڻ ڪير آهي ۽ مڪي شريف ۾ ڪٿي رهي ٿو. آخري ڏينهن ۾ حج بعد جڏهن هاڻ اسين مديني وڃي رهيا هئاسين تہ آخر ڳوٺ وارن سان ملاقات ٿي وئي.

مڪي ۾ رهائش دوران حاجي مڪي کان ٻاهر، ويجهڙائي وارين ڪجهہ اهم جاين جو پڻ ديدار ڪن ٿا. جهڙوڪ غار حرام، ثور جبل، جبل رحمت، مولود النبي وغيره. ڪجهہ اهڙين زيارتن جو مختصر احوال ٻئي چئپٽر ۾ ڏيان ٿو.

# چنڊ جو ٻہ اڌ ٽيڻ

حج يا عمري جو اهڙو سفر آهي جنهن ۾ ماڻهو ٻين سفرن يا سيرن وانگر پنهنجي يا Guide جي مرضي موجب گهمي ڦري نہ ٿو. هرهڪ عبادت ۾ مشغول رهي ٿو ۽ حقيقت بہ اها آهي تہ هرهڪ هيڏو خرچ ڪري، مٽ، مائٽ، دوست احباب ڇڏي هيڏو سفر ڪري هتي جو پهتو آهي، فقط ان ڳالھ لاءِ.

هڪ ڏينهن صبح جي پهر ستين ساڍي ستين بجي ڌاري باب اجياد واري در وٽ لڳل هلندڙ ڏاڪڻين (Escalators) ذريعي حرم پاڪ جي مٿين ماڙ (ڇت) تي هليو ويس. تهجد ۽ فجر تي آيل ماڻهن مان ڪيترائي اشراق پڙهي گهرن ڏي روانا ٿي چڪا هئا ۽ ان ڏينهن باقي ڏينهن کان هوندئن بہ رش گهٽ هئي. آئون ڇت جي چوڌاري چڪر ڏئي هيٺ بيت الله ۽ حرم پاڪ جي ٻاهران نهيل ڊگهين عمارتن ۽ انهن جي پويان جبلن جو نظارو ڪري رهيو هوس. دل ۾ آيو تہ ڪو اهڙو هتي جو واقفڪار ملي وڃي تہ ان کان تاريخي نقطي نگاھ ان ڪجھ شيون پڇجن. خاص ڪري ڇت تان جيڪي ٿي گنبذ نظر اچي رهيا هئا يا حرم پاڪ جي ڪجھ حصن کي ايئر ڪنڊيشنڊ رکڻ جي سسٽم بابت پر ڇت تي جيڪي موجود هئا. انهن قرآن شريف جي تلاوت پئي ڪئي يا تسبيح پئي پڙهي. رکي رکي اڪيلي سر يا ننڍن ٽولن ۾ ترڪ، ايراني يا مصري لنگهيا ٿي پر پڪ هيم تہ اهي منهنجي انگريزي نہ سمجهندا جو هو اڪثر پنهنجي مادي زبان ترڪي، ايراني يا عربي ڳالهائين ٿا. اتي هڪ سنهڙو جوان سنڌي ٽوپي ۾ اچي لنگهي، ڪجھ ڏينهن ملتاني لڳي رهيو هو. ان کان اڳ جو مون کي ڪراس ڪري، گهٽو پري نڪري وڃي، مون ڪيس ٻانهن ۾ هٿ وجهي پڇيو: "ڀائو سنڌي آهين؟" اهو پڇڻ سان مون کي پاڻ بہ شرمندگي ٿي، جو اهو جملو سنڌ ۾ (۽ توبہ نعوذ بالله هتي پلارن پٽن تي پڻ) ڪو ان قسم جو سوال ڪري ٿو تہ: "آپ ڪا تعلق پاڪستان سي هي؟ يا اردو سمجهتي هين؟" معنیٰ ان ڪانپوءِ اڳلو پنهنجي ڪيسي ڪترڻ ۽ مدد ڪرڻ جي ڳالھ ڪندو.

هن سنڌي ٽوپي واري همراھ بہ شايد اها ڳالھ ڌيان ۾ رکي پهرين مون کي گهوري ڇڙ مان ڏٺو، (جيئن آئون ڪيسي ڪترڻ واري ڳالھ ڪرڻ جي موڊ ۾ هجان تہ سنڌس منهن جو غير-همدرانہ پنو ڏسي دل-شڪستو (Discouraged) ٿي وڃان) پر پوءِ الائي چو، شايد هو منهنجي شڪل مان سمجهي ويو يا ائين ئي دل ۾ آيس جو منهن تي مرڪ آڻي هائوڪار ڪيائين. سنڌس منهن ۾ نور ۽ ڏاڙهي تہ اڇين هئي ۽ هاڻ مرڪ سان سنڌس منهن هيڪاندو ملوڪ ٿي پيو، ڪجھ ڳالهائڻ خاطر پڻ. جو منهنجي ٽولي جي 25 مردن ۾ مون کان سواءِ ڪو بہ سنڌي ڳالهائڻ وارو نہ هو. سنڌي ڳالهائڻ تي دل ڇئي رهي هئي، جيئن ڪڏهن ملائيشيا جي ماڻهن کي ڏسي ساڻن ملئي ڳالهائي دل خوش ڪيم ٿي، ڪانئس خبر چار وٺڻ لڳس. معلوم ٿيو تہ پاڻ ڪنڊياري جو آهي (افسوس جو هن وقت سندس نالو ياد نہ پيو اچي) ۽ نوابشاھ ۾ سنڌ حڪومت جي زڪوات کاتي يا شايد اوقاف کاتي ۾ نوڪري ڪري ٿو.

"توهان جو پهريون حج آهي؟" مون پڇيومانس.

"نہ هي منهنجو ٽيون حج آهي". هن وراڻيون ۽ مون کي خوشي ٿي تہ ٿي سگهي ٿو تہ هن کي هتي جي جاين جي ڪجھ ڄاڻ هجي ۽ واقعي اها ڳالھ صحيح نڪتي. پاڻ مون کي حرم پاڪ جون ڪيتريون ئي شيون تاريخي ۽ مذهبي نقطي نگاھ کان ٻڌائيندو رهيو.

"سامهون جتي Neon Sign جو بورڊ لڳل آهي. اتي اها عمارت آهي، جتي حضور ﷺ جن جي ولادت ٿي . اجڪلھ اهو مڪتب (لائبريري) آهي. توهان هي رستو وٺي اوڏانهن وڃي سگهو ٿا". هن مون کي حرم پاڪ جي ڇت تان رستو سمجهايو.

“۽ هي جيڪو باب عبدالعزيز جي ٻاهران پهاڙي تي اڄڪلهه عرب بادشاهن جو محل آهي، اتي حضور اڪرم ﷺ جن چنڊ کي ٻه اڌ ڪرڻ جو معزو ڏيکاريو هو”. هن ٻڌايو.

ان محل (جيڪو ڪنهن زماني ۾ ٽڪر هو) جي پويان اجياد اسپتال آهي ۽ رستي جي ٻي ڪپر تي “عمارت اشرف” آهي، جنهن جي ٻي ماڙ وارن فليٽن تي اسين رهيل هئاسين. ڪنڌياري جي متئين همراهه سان ملاقات بعد جڏهن ٻه آئون پنهنجي فليٽ جي بالڪني ۾ ويهندو هوس ته منهنجي دماغ ۾ جڏهن چوڏهن سئو سال وارو نقشو ڦرندو هو. جڏهن مڪي شهر جا جملي گهر بيت الله جي آسپاس هئا. باقي چوڌاري رڳو جبل ئي جبل هئا. انهن مان هڪ هي جبل پڻ (جنهن تي اڄڪلهه شاهي محل آهي، جنهن هيٺ چوڪيدار ۽ سنتري پهري تي بيٺا آهن ۽ انهن کان نظر بچائي آيو ويو، ڪبوترن لاءِ چوڳو پيو اڇلي ۽ ڪبوتر ماڻهن جي پيرن کان پاڻ بچائي داڻو چڳڻ ۾ مشغول آهن). رب پاڪ جي قدرت سان چنڊ نه فقط ٻه اڌ ٿي پيو هو پر هرهڪ اڌ ٻئي کان ايترو پري ٿي ويو جو هڪ اڌ جبل جي هڪ پاسي کان نظر اچڻ لڳو ته ٻيو اڌ ٻئي پاسي کان ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ٻئي اڌ هڪٻئي سان وري ملي پورو چنڊ ٿي بيٺو.

ٿي سگهي ٿو ته اهو جبل ڪٽي هي نه هجي، جنهن لاءِ ڪنڌياري جي هن همراهه ٻڌايو پر چنڊ جو ٻڌ اڌ ٿيڻ هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن جو ذڪر قرآن شريف جي 54 نمبر سورة القمر جي پهرين ئي سٽن ۾ آهي ته: “اَقتربت الساعت. وانشَقَ القَمَرُ...” قيامت جي ساعت ويجهي اچي وئي ۽ چنڊ ڦاٽي ويو. پرهنن ماڻهن جو اهو حال آهي ته ڪٽي ڪهڙي به نشاني ڏسن منهن موڙيو ڇڏين ٿا ۽ چون ٿا ته هي ته هڪ هلندڙ جادو آهي”...

شق القمر يعني چنڊ جي ٽٽڻ جو حيرت انگيز واقعو ان ڳالهه جي پڪي نشاني هو ته اها قيامت جنهن جي اچڻ جي خبر رسول الله ﷺ جن ڏئي رهيا هئا. بلڪل برپا ٿي سگهي ٿي ۽ جنهن جي آمد جو وقت تمام ويجهو اچي لڳو آهي. چنڊ جهڙو عظيم سيارو هنن جي اکيان ڦاٽو هو، اهو ان ڳالهه جو ڪليل ثبوت هو ته هي “نظام عالم” غيري فاني نه آهي. اهو وکرجي سگهي ٿو. وڏا وڏا تارا ۽ سيارا ڦاٽي سگهن ٿا ۽ اهو سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو، جنهن جو نقشو قيامت جا تفصيل بيان ڪندي قرآن ۾ چٽيو ويو آهي. حضور اڪرم ﷺ جن ماڻهن کي هن واقعي ڏي ڌيان ڇڪرايو ۽ چيو ڏسو ۽ شاهد ٿجو پر ڪافرن ان کي جادو جو ڪرشمو قرار ڏنو ۽ پنهنجي انڪار تي رهيا.

هن واقعي جو ثبوت قرآن شريف جي مٿين سورة (القمر) مان ملي ٿو ۽ روايتن مان تفصيل معلوم ٿئي ٿو ته هي ڪڏهن ۽ ڪيئن پيش آيو. هنن روايتن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي بزرگ اصحابي حضرت عبدالله بن مسعود، حضرت حذيفه ۽ حضرت جبئر بن معطم عيني شاهد آهن. يعني هنن پنهنجين اکين سان اهو واقعو (چنڊ جو ڦاٽڻ ۽ وري گڏجي وڃڻ) ڏٺو.

سيني روايتن کي گڏ ڪرڻ سان تفصيل معلوم ٿئي ٿو ته هجرت کان پنج سال اڳ هي واقعو ٿيو. چنڊ واري مهيني جي چوڏهين هئي. چنڊ اجا هاڻ هاڻ اڀريو هو ته اهو هڪدم ڦاٽي ٻه ٽڪرا ٿي پيو، ان جو هڪ ٽڪرو سامهون واري پهاڙي جي هڪ طرف ته ٻيو ٽڪرو ٻئي طرف نظر آيو. هي ڪيفيت فقط هڪ لحظي لاءِ رهي ۽ پوءِ ٻئي ٽڪرا هڪٻئي سان ڳنڍجي ويا. نبي ڪريم ﷺ ان وقت منیٰ ۾ هئا. پاڻ ماڻهن کي چيائون ته ڏسو ۽ شاهد ٿجو. ڪافرن چيو ته محمد ﷺ جن اسان تي جادو ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري اسان جون اکيون دوکو کائي ويون. ٻاهر جي ماڻهن کي اچڻ ڏيو ته انهن کان ٻه پڇون ته هي واقعو هنن ٻه ڏٺو آهي يا نه. پوءِ ٻاهران جڏهن ڪجهه ماڻهو آيا ته انهن ٻه شهادت ڏني ته هو ٻه اهو منظر ڏسي چڪا آهن.

هن واقعي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اهو سوال اٿاريو وڃي ٿو ته هن واقعي جي حقيقت نوعيت ڇا هئي، ڇا هي هڪ معجزو هو، جيڪو مڪي جي ڪافرن جي مطالعي تي رسول پاڪ ﷺ جن پنهنجي رسالت جي ثبوت ۾ ڏيکاريو هو يا هي هڪ حادثو هو، جيڪو الله تعاليٰ جي قدرت سان چنڊ ۾ پيش آيو ۽ حضور ﷺ جن جي معجزن ۾ شمار ڪري ٿو ۽ انهن جو خيال آهي ته ڪافرن جي مطالبي تي اهو معجزو ڏيکاريو ويو هو، حضرت مولانا مفتي محمد شفيع صاحب رح قرآن جي تفصيل “معارف القرآن” ۾ ان جي تائيد ڪئي آهي. يعني ڪافرن جي مطالبي تي حضور ﷺ جن اهو معجزو ڪري ڏيکاريو.

بهرحال اعتراض ڪندڙ هن واقعي بابت به اعتراض ڪن ٿا. هڪ ته هنن جي اڳيان اها هڪ ناممڪن ڳالهه آهي ته چنڊ جهڙو هيڏو وڏو Planet به ٽڪر ٿي ڌار ٿي وڃي ۽ سوين ميل هڪ ٻئي کان پري وڃي وري ڳنڍجي وڃي. هنن جو ٻيو اعتراض اهو آهي ته جيڪڏهن ائين ٿيو هجي ها ته هي واقعو سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي وڃي ها. ان جو ذڪر نه تاريخن ۾ آهي ۽ نه ئي علم نجوم جي ڪتابن ۾.

ٽيون اعتراض انهن ڏينهن ۾ شايد وزني لڳو هجي پر اڄ جي دور ۾ انسان کي سيارن جي مواد متعلق جا معلومات حاصل ٿي آهي، ان جي آڌار تي اها ڳالهه بلڪل مڪمل آهي ته ڪو به سيارو پنهنجي اندر بي پناهه گرمائش ڪري ڦاٽي به سگهي ٿو ۽ پري وڃي پنهنجي مرڪز جي ڇقمقي قوت ڪري هو هڪٻئي سان واپس ملي به سگهي ٿو.

ٻيو اعتراض به بي وزن چيو وڃي ٿو، جو اهو واقعو هڪ ته اوچتو ٿيو ۽ ٻيو ته فقط ڪن ساعت لاءِ پيش آيو، ضروري ناهي ته ان لحظي لاءِ سڄي دنيا جو نگاهون چنڊ ڏي ڪتل هجن ۽ نه وري ڦاٽڻ سان ڳڙ ڌماڪو ٿيو، جو ماڻهن اوڏانهن هليو وڃي . پهرين ڪان ان جو ڪو اطلاع نه هو، جو ماڻهو ان جي انتظار ۾ آسمان ڏي گهوريندا رهن ها ۽ هونئن به چنڊ کي سڄي دنيا هڪ ئي وقت ڏسي به نه ٿي سگهي. انهن ڏينهن ۾ تاريخ نگاري جو ذوق ۽ فن به ايڏي اوج تي نه هو ته مشرقي ملڪن ۾ جيڪي ڪجهه ماڻهن ڏٺو، ان کي قلمبند ڪيو وڃي ها. بهرحال هندستان جي مشهور ۽ مستند "تاريخ فرشته" ۾ ان جو ذڪر ضرور موجود آهي ته هندستان جي مهاراجه مالابار اهو واقعو پنهنجي اکين سان پاڻ ڏٺو ۽ پنهنجي روزنامچي ۾ لکرايو ۽ اهو ئي واقعو هن جي مسلمان ٿيڻ جو سبب بڻيو.

# مڪي جي زيارتن جو احوال

مڪي ۾ رهائش دوران ماڻهو شهر کان ٻاهر نڪري اوس پاس جون اهم مذهبي، تاريخي ۽ يادگار جاين جي زيارت ڪن ٿا. هڪ ڏينهن آئون به فجر نماز بعد نيرن ڪري اهي جايون ڏسڻ لاءِ رستي تي اچي بيٺس، جتان ٽئڪسيون، ويگنون ۽ پرائيوٽ ڪارون هر ماڻهو کان ڏهه ٻارهن ڪن ريال وٺي وڃي رهيون هيون. ڪيترا مسافر ته ٽئڪسي وارن سان اڳهين طئي ڪري پوءِ ٽي چڙهيا ته هي هي جايون ڏيکاريٽيون اٿانوَ. آئون اهڙي ٽئڪسي ڊرائيور جي ڳولا ۾ هوس ، جيڪو اڙدو ڳالهائي سگهي، جيئن هو مون کي هر شيءِ چڱي طرح سمجهائي سگهي. مديني ۾ ته ڪوڙ آهن پر مڪي ۾ به سنڌي ۽ پنجابي ڊرائيور ڳولڻ سان مليو وڃن. مون اڌ منو ڪلاڪ ڪن ان ڳولا ۾ وڃايو. پوءِ نيٺ هڪ ٽئڪسي ۾ ويهي رهيس، جيڪا هڪ پرائيويٽ ڪار هئي ۽ حج جي موسم ۾ چار پئسا ڪمائڻ لاءِ هو ياڙي تي هلائي رهيو هو. ڊرائيور عربي ڊريس يعني توب (جبي) ۾ هو پر اڙدو به آيس ٿي، ويهڻ سان سندس حال احوال ورتم ته هن ٻڌايو ته سندس نالو حسن عبدالحڪيم آهي. اصل بنگالي آهي، پر هو چاليهن سالن کان مڪي ۾ رهي ٿو ۽ مڪي جي پوليس ۾ ترجمو ڪرڻ جا فرض ادا ڪري ٿو. سعودي عرب اچڻ کان اڳ جڏهن هو ننڍو ڇوڪرو هو ته ڪراچي ۾ پڻ ٽي سال پورهيو ڪيائين. ان ڪري ڪيس اڙدو به آئي ٿي. بنگالي ته سندس مادري زبان ئي ۽ عربي هتي رهي سکيو. سندس زال به عرب آهي.

”پر افسوس جو مون کي سعودي عرب جو پاسپورٽ ناهي“. هن ٻڌايو ”جڏهن ڪاغذ پٽ نهي رهيا هئا ته مون ڪڏهن انهن ڳالهين ڏي ڌيان به نه ڏنو. انهن ڏينهن ۾ ڪنهن کي خبر هئي ته شناختي ڪارڊ يا پاسپورٽ ايڏي اهم شيءِ آهي. منهنجي ته زال به هتي جي هئي، سو مون کي ته سعودي عرب کان ٻاهر ڳوٺ وڃڻ جو ارادو نه هو، سو پاسپورٽ ۽ ٻيا ڪاغذ پٽ نه نهرائي سگهيس. سچي ڳالهه اها آهي ته مون سچي جواني دوستن سان ڪچهريون ڪرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ برباد ڪري ڇڏي ۽ اهڙين اهم ڳالهين ڏي ڌيان وجي نه سگهيو“.

”پوليس ڪاتي ۾ ڪهڙي نوعيت جي ڊيوٽي ڪريو؟“ مون پڇيومانس: ٽرئفڪ جئم هجڻ ڪري اسان اجا مڪي شهر جي گهٽين ۾ ئي ڦاٿا پيا هئاسي ۽ مون اهو ئي بهتر سمجهيو ته جيسين اتي ئي آهيون، تيسين آئون بين ڳالهين بابت ڪچهري ڪندو هلانس. ٻاهر نڪري پوءِ پاڻ مختلف جاين بابت Explain ڪري.

”آئون هتي ڏوهارين کان پڇيل سوال جواب عربي ۾ ترجمو ڪندو آهيان“. حسن عبدالڪريم ٻڌايو. ”اهي ننڍي کنڊ (بنگلاديش)، انڊيا، پاڪستان، افغانستان جا ڏوهاري جن جو سر قلم ڪيو ويندو آهي ۽ انهن کان سندن زبان اردو يا بنگالي ۾ پڇي عربي ۾ ترجمو ڪري هتي جي پوليس کي ٻڌائيندو آهيان. خاص ڪري وصيعت بابت، ڏوهارين کان سر ڪپڻ کان به ڪلاڪ اڳ وصيعت پڇي ويندي آهي ته هنن تي قرض آهي يا نه، جي آهي ته اهو ڪير لاهيندو، جيئن ان کي اطلاع ڪيو وڃي ۽ پنيان هو ڪهڙي ملڪيت ڇڏي پيو وڃي، جيڪا سندس ڪهڙن متن مائٽن کي ڏيڻي آهي، وغيره“.

”ڪهڙن ڏوهن تي سِر ڪپيو وڃي ٿو؟“ مون پڇيومانس.

”وڏن ڏوهن تي، جهڙوڪ خون، زنا، چرس جي اسمگلنگ وغيره. باقي ننڍن تي چهن سان ماريو وڃي ٿو يعني Caning ڪئي وڃي ٿي“.

”هر مهيني ڪيترن جا ڪنڌ ڪپيا وڃن ٿا؟“ مون پڇيومانس.

”مهيني جي حساب سان نه پر سال جي حساب سان لڳايو وڃي ٿو، جو هي به مهينا ڪن حج وارا محرم تائين سزا نه ڏني ويندي آهي. هونئن سال ۾ فقط مڪي جي علائقي ۾ سئو سوا سئو ڪن ڏوهارين جا سر ڪپيا وڃن ٿا، پر اهو آفيشل تعداد آهي. جيڪو ٽي وي، ريڊيو تي ٻڌايو وڃي ٿو ۽ سر ڪپڻ کان اڳ انهن جي ڏوهن جو اعلان ڪيو وڃي ٿو. هونئن تعداد ان کان تمام گهڻو رهي ٿو“.

جنهن عمارت (عمارت الاشرف) ۾ اسان رهيل آهيون، ان جي سامهون واري الجياد اسپتال جي هڪ پاڪستاني ڊاڪٽر ٻڌايو تہ گذريل مهيني (ذوالقعد) کان ان ڏينهن (2 ذوالحج) تائين جيڪو مهينو کن ٿيو، سر ڪپڻ وارن ڏوهارين جو تعداد 400 ٿي چڪو آهي، پر انهن سڀني کي محرم کانپوءِ سزا ملندي، ڇو جو ذوالحج ۽ محرم جي مهينن ۾ ڪنهن کي بہ سزا نہ ڏيندا آهن، محرم بعد انهن ڏوهارين کي گهٽو ڪري ملڪ عبدالعزيز دروازي جي ٻاهران بيهاري هنن جو ترار سان ڌر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويندو آهي".

هن ڳالھ واري ڪان منهنجي پڇڻ تي تہ سڀ کان گهٽي سزا ڪهڙي ملڪ جي ماڻهن کي ملي ٿي. ٻڌايو تہ افغاني ۽ پاڪستان جي پٺاڻن کي گهٽي سزا ملي ٿي، جيڪي چرس، هيروئن وغيره جو هتي ڪاروبار ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا يا خونريزي ۾ بہ سندن هٿ آهي پر بهرحال انهن جو اعلان نہ ٿو ٿئي.

"ڇو ڀلا؟" مون هن کان پڇيو.

"ان ڪري جو اعلان ڪرڻ سان سعودي حڪومت جا انهن ملڪن سان ڊپلوميٽڪ تعلقات خراب ٿي سگهن ٿا ۽ بين الاقوامي طور بہ رڙ پئجي ويندي تہ هي ماڻهن جو نہ پر ٻڪرين جو ڪوس پيو هلي". ڪار جي مالڪ ٻڌايو.

"ايتري ۾ اسان شهر کان ٻاهر نڪري آياسين ۽ جبل نور وٽ اچي پهتاسين، جتي غار حرا آهي. ڪار جي ڊرائيور حسن عبدالحڪيم مون کي هڪ هڪ شيءِ سمجهائڻ لڳو. هو چاليھ سالن کان هن علائقي جو واقف هو، ڪيس سڻي اڙدو آئي ٿي ۽ منهنجي دوستاڻي رويي ڪري ۽ اهو معلوم ڪري تہ آئون اخبارن، رسالن ۾ لکندو رهان ٿو، هو پنهنجي ٽائيم جي پرواھ نہ ڪندي، مون کي هڪ هڪ شيءِ چڱي طرح لهي يا گاڏي بيهاري ڏيکارڻ لڳو. جيتوڻيڪ هفتي کن کانپوءِ حج لاءِ اسان کي منىٰ ۽ عرفات وغيره اچڻو هو پر منهنجي شوق تي هن انهن ئي پئسن ۾ مون کي منىٰ ۽ عرفات جو بہ چپو چپو ڏيکاريو، جتي انهن ڏينهن ۾ بنگلاديش ۽سريلنڪا جي مزورن تنبو پئي هنيا ۽ رستا پئي صاف ڪيا، آخر ۾ واپسي تي حضور ﷺ جن جي رهائش مولود نبي ڏيکاري گهر وٽ لاهي ويو. هتي مڪي جي ڪجھ اهم جاين ۽ هنڌن جو احوال لکان ٿو:

## جبل نور

هن ٻهاڙي تي اها مشهور ۽ مبارڪ "غار حرا" آهي، جنهن ۾ حضور ﷺ جن نبوت کان اڳ ڪيترائي سال عبادت ۾ گذاريا، جبل نور مڪي شهر جي اتر اوڀر ۾ آهي ۽ حرم پاڪ کان جتان مون کي ڪار ڪنيو، ويھ ڪلوميٽر (يعني ٻارهن ميل) پري آهي. هي جبل (جبل نور) اسان جي روحاني تاريخ جو اهم نشان آهي. جبل جي چوٽي تي غار حرا آهي، جتي الله تعالىٰ پنهنجي ملائڪ جبريل عليہ السلام جي معرفت قرآن جون پهريون آيتون حضور ﷺ جن تي نازل ڪيون. ان ڪري هر مسلمان جون هن جبل سان خاص Feelings وابستہ آهن.

حضور اڪرم ﷺ جن جنهن دور ۾ ولادت ورتي، ان دور ۾ عيسائي هئا. يهودي هئا ۽ ٻيا سندن قبيلي، شهر ۽ علائقي جا عرب هئا، جن ڪعبي ۾ رکيل بتن جي پوڄا ڪئي ٿي. پاڻ ڪريم ﷺ جن انهن ڳالهين کان پري رهي هن جبل جي چوٽيءَ تي نهيل غار ۾ اڪيلو اچي ان پروردگار جو سوچيو ٿي، جنهن هن سڄي جهان کي خلقيو آهي. پاڻ کاڌي پيتي جو سامان گهران کڻي هن غار ۾ ڪجھ ڏينهن اچي رهندا هئا. ان بعد وري بيبي خديجہ رضہ وٽ واپس ايندا هئا، جيڪا کين وڌيڪ ڪجھ ڏينهن جو سامان مهيا ڪندي هئي. هڪ ڏينهن جڏهن پاڻ غار حرا ۾ هئا تہ اوچتو مٿن وحي نازل ٿيو ۽ ملائڪ کين پڙهڻ لاءِ چيو. حضور ﷺ جن فرمايو تہ آئون تہ پڙهيل نہ آهيان. پوءِ ملائڪ کين سورة العلق جون پهريون پنج آيتون جيڪي "اِقرا بِاسِمِ رَبِڪ" کان شروع ٿين ٿيون پڙهي ٻڌايون.

ترجمو: پڙھ (اي نبي) پنهنجي رب جي نالي سان، جنهن پيدا ڪيو، جميل رت مان انسان جي تخليق ڪئي، پڙھ ۽ تنهنجو رب وڏو ڪريم آهي. جنهن قلم جي ذريعي علم سيکاريو، انسان کي اهو علم ڏنو، جنهن کان هو اڻ ڄاڻ هو.

هن جبل کي ڏسڻ لاءِ نہ فقط حج ۽ عمري تي آيل ڌارين ملڪن جا ماڻهو پر مڪاني عرب باشندا بہ ٻارهوئي ايندا رهن ٿا، جبل جي چڙهائي ڪا ايڏي سولي نہ آهي جو بيحد ڪڙڪٻائتا ۽ ايڪڙا پٿر آهن. تنهن هوندي بہ جبل جي قدمن ڪان ونئي چوٽي تائين هزارين ماڻهو نظر آيا تي ۽ اهڙا ٻيٺا ٽيٺا هيٺ بيهي دعا گهري رهيا هئا. انهن ۾ جوان توڙي پوڙها ۽ مختلف ملڪن جا هئا. ان ڏينهن گهڻائي ترڪن، ملئي ۽ پاڪستانين جي هئي. آئون مٿي چوٽي تائين نہ ويس پر منهنجي ڊرائيور ٻڌايو ۽ آئون پاڻ بہ محسوس ڪري رهيو هوس تہ جوان ماڻهو کي چوٽيءَ تائين پهچڻ ۾ ڪلاڪ ڪن لڳيو وڃي ۽ بهترين وقت فجر نماز بعد آهي، جيئن وڌ ۾ وڌ نائين بجي ڌاري ماڻهو واپس هيٺ پهچي وڃي. ڇو جو نائين بجي ڌاري سج جي سخت تپش ٿيو وڃي ۽ مٿي چڙهڻ ۾ تمام گهڻي ٿڪاوٽ ٿئي ٿي.

حسن عبدالحڪيم ٻڌايو تہ جبل جي چوٽي تائين پهچڻ ۾ ٽي منزلون آهن. پهرين منزل ڏکي آهي ۽ اتان شروع ٿئي ٿي، جتي انگريزي، اڙدو ۽ عربي زبانن ۾ زيارت لاءِ آيل مهمانن لاءِ نوٽيس لڳل آهي تہ هو جبل تان ڪنهن بہ قسم جي خاڪ، پٿريون، ٻوٽا وغيره نہ ڪٽن. چوٽي تائين پهچڻ جو ٻيو مرحلو ڪجهہ گهٽ ڏکيو آهي جو پير رکڻ لاءِ اڇي رنگ سان پٿرن تي نشان ٿيا پيا آهن. يعني مٿي چڙهڻ لاءِ ڪٿي ڪٿي قدم رکندو وڃجي. هن اسٽيج تي پير رکڻ لاءِ ويجها ويجها پٿر آهن ۽ ڪٿي ڪٿي تہ انهن کي ڏاڪن جي صورت ڏني وئي آهي. آخري ۽ ٽيون مرحلو تمام سولو آهي، رضاڪارن طرفان پٿرن جا ڏاڪا ناهيا ويا آهن، جن تي پير رکي مٿي وڃي سگهجي ٿو. هن حصي ۾ ريسٽ هائوس نهيل آهي، جتي زيارتي پاڻي، شربت، چانهن وغيره ونئي پي سگهن ٿا. ان ڪان علاوه ننڍڙيون ننڍڙيون سوغاتون، تسبيحون، منڊيون، مصلا وغيره وڪامن ٿا.

ڊرائيور ڪان ٻڌي تعجب لڳو ۽ پوءِ ساڳي ڳالهہ 9 مارچ 2000ع جي سعودي عرب مان نڪرندڙ عربي اخبار ۾ بہ پڙهيم تہ "ڪجهہ پاڪستاني هڪ اٺ کي جبل جي چوٽي تائين وٺي ويا آهن ۽ پولرائيڊ ڪئميرا سان ماڻهن جا اٺ سان گڏ في فوٽو ڏهين ريالين ڪڍي رهيا آهن ۽ جيڪو پنهنجي ڪئميرا سان فوٽو ڪڍڻ چاهي ٿو تہ ان ڪان پنج ريال وٺن ٿا". ان قسم جون ڳالهيون اسان پاڪستانين لاءِ ڪهڙي قسم جو Image ڏين ٿيون، ان جو اندازو توهان پاڻ ڪري سگهو ٿا. اخبار ۾ ان بابت مضمون ڏيندڙ عرب ليکڪ عمر الضمواحيءَ اهو لکيو آهي تہ:

The camel, wearing a decorated saddle, belongs to some Pakistanis who have made a business using the unfortunate animal.

"جبل نور جي چوٽيءَ تان جيڪا سطح سمنڊ کان پنج سئو کن ميٽر مٿانهين آهي، سڄي مڪي شهر جو خوبصورت نظارو ٿئي ٿو". ضرور ٿيندو هوندو جو هڪ تہ مڪو شهر بلڪل سامهون آهي ۽ ٻيو تہ هتي نہ يورپ جهڙو ڌنڌ آهي ۽ نہ اسان جهڙن ملڪن جي شهرن جهڙو دونهاٽيل ماحول. ڪراچي ۽ ڪلڪتي جهڙن شهرن ۾ ايترو دونهون رهي ٿو جو هوائي جهاز ٽي چار ميل ويجهو پهچي ٿو تہ بہ عمارتون چٽيون نظر نہ ٿيون اچن.

ڊرائيور ٻڌايو تہ ان جبل (جبل نور) تي ڪيترائي گهر آهن، جيڪي سعودي عرب جي هڪ اصل ۽ جهوني قبيلي هذيل جي ماڻهن جا آهن، جبل جي چوٽي ڇهنبائتي هجڻ بدران سڌي (Flat) آهي ۽ پوءِ اتي غار جو منهن آهي.

اسان جي هڪ پاڪستاني جيالاجسٽ مسٽر نصرت ڪمال صديقي جو بہ سال کن اڳ Dawn اخبار ۾ غار حرا بابت مضمون پڙهيو هوم. هو غار حرا تاريخ، آرڪلاجي ۽ جيالاجي جي خيال ڪان گهمڻ ويو. هو نہ فقط جبل نور جي چوٽي تي ويو پر اندر غار حرا پڻ ويو. هن جي مضمون موجب: "هي غار اهڙي تہ لڪل ۽ خاموشي واري هنڌ تي آهي، جو پلي ڪٽي ڪو جبل جي چوڌاري ڦيرو ڪري پر هن کي هينئان خبر نہ پئجي سگهندي تہ هن جبل جي چوٽيءَ تي ڪا غار آهي . مٿي پهچڻ بعد بہ اها يڪدم نظر نہ ٿي اچي. غار جو منهن ٽڪنڊو آهي .جنهن جو Base120 سينٽي ميٽر آهي ۽ Base ڪان مٿين ڪنڊ 175 سينٽي ميٽر آهي. بهرحال ماڻهو سوڙهو سنگهوڙو ٿي اندر وڃي سگهي ٿو. ڊگهي قد جو بيهي نہ ٿو سگهي پر وڏا پٿر اهڙي طرح آهن، جو انهن تي آرام سان ڪرسيءَ وانگر ٽيڪ ڏيئي ويهي ۽ ليٽي سگهجي ٿو. هتي ويهي حضور اڪرم ﷺ جن سوچيو هوندو. پنهنجي خلقڻهار بابت، ان وقت معاشري ۾ موجود خرابين، بابت ڪعبي ۾ موجود بتن کي ختم ڪرڻ بابت. هن مڪمل ماٺ ۽

اڪيلائي ۾ هڪ اهڙي هنڌ ويهي قدرت جو سوچيو، جتان ڪين سامهون مڪو شهر نظر آيو ٿي پر ساڳي وقت هي جبل ڪو مڪي جي ويجهو به نه آهي. پڪي وانگر سڌو اڏامي وڃجي ته به 5 ڪلوميٽر پري آهي".

هن غار جون ڪيتريون ئي خوبيون چيون وڃن ٿيون. غار ۾ ويهي سامهون ڪعبي تي نظر پوي ٿي. بيحد سانتيڪي غار آهي، جنهن کي ڪنهن جو ڳولڻ ۽ ان تائين پهچڻ سولو ڪم ناهي. جبل جي چوٽيءَ تي پهچڻ بعد به غار ۾ اندر گهڙڻ سولو ڪم ناهي. هي غار بيحد هوادار آهي، جنهن مان هوا جو لنگهه آرپار ٿئي ٿو .سج جا ڪرڻا اندر تائين پهچن ٿا. هي جبل ۽ غار جن پٿرن (Granitic Rocks) جو ٺهيل آهي. ان تي عربستان جهڙي سخت موسم ۾ به اثر نه ٿي ڪري سگهي ۽ جيئن هيرن لاءِ چيو ويندو آهي ته:

Dimond are for ever

تيئن هن قسم جي پٿرن لاءِ پڻ چيو وڃي ٿو ته:

Granitic rocks are for ever

۽ هي پٿر اڄ به ان اصلي حالت ۾ موجود آهن، جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن هن غار ۾ ويهي عبادت ڪندا هئا ۽ انشاءَ الله دنيا جي خاتمي تائين اهي ان ئي صورت ۾ رهندا. هنن پٿرن وٽان لنگهندي احساس ٿئي ٿو ته اڄ کان چوڏهن ڪن صديون اڳ حضور ﷺ جن هتان لنگهيا هئا، هنن پٿرن کي ڇهندي زيارت لاءِ آيل ماڻهن کي اهو سوچڻ کپي ته انهن ئي پٿرن کي اسان جي نبي ڪريم ﷺ جن ڇهيو هوندو.

غار حرا يا جبل نور وٽ پهچي هڪ مسلمان کي اها به سوچ دماغ ۾ اچي ٿي ته هي سڀ ڪجهه هتان شروع ٿيو. حضور اڪرم ﷺ جن تي پهريون وحي 610ع ۾ هتي لٿو. ان بعد هنن اسلام جي تبليغ شروع ڪئي. پهرين پنهنجن ويجهن عزيزن، مائٽن ۽ دوستن وٽ ۽ پوءِ 613ع ۾ ٻيو دفعو وحي لهڻ تي پاڻ ڪريم ﷺ جن کليو کلايو عام پبلڪ ۾ اسلام جي پرچار شروع ڪئي.

انسان جي تاريخ ۾ هڪ صدي ڪا وڏي ڳالهه ناهي. اسان رڳو پنهنجو جائزو وٺون ته اڌ صدي ۾ ڇا ڪري سگهيا آهيون. جڏهن ته اڄ جي دور ۾ سائنس جي ترقي ڪري هر سهولت موجود آهي پر اڄ کان چوڏهن صديون اڳ اسلام جو سوچجي ٿو ته هڪ صدي اندر ڪٿان ڪان ڪٿان پهچي ويو. بقول پروفيسر ڪمال جي:

The spread of Islam was so phenomenal that in less than a centurythe Arab Bedouins, inspired by the Holy Quran and the examples of the Holy Prophet (PHUB), had carved out than empire streatching from sindh to Southern fance the largest empire the world had seen till then.

## جبل ثور

هي جبل مڪي شريف کان اٽڪل چار پنج ميل ڪن پري آهي. چڙهائي تمام ايڪڙي (Steep) اٿس ۽ جبل جي بلندي اٽڪل ڏيڍ ميل آهي، هن جبل جي چوٽي وٽ اها مشهور غار آهي، جنهن ۾ حضور اڪرم ﷺ جن هجرت جي موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن سان گڏ ٽن راتين تائين قيام فرمايو هو ۽ ڪافرن ڪين گرفتار ڪرڻ لاءِ چئني طرف سواريون موڪليون هيون. ان کان علاوه هڪ سئو اٺن جو انعام به مقرر ڪيو هو. انهن مان ڪجهه سوار قدمن جي نشانن کي ڏسي غار جي منهن تائين اچي پهتا به هئا، انهن مان شايد هڪ ڄڻي اهو به چيو ته شايد هن غار ۾ محمد ﷺ جن لڪل هجن. ان تي ٻئي جواب ڏنس ته هن ۾ ڪنهن جو به اندر وڃڻ نه ٿيو آهي، ڇو جو غار جي منهن وٽ ڪوريئڙي جي ٺهيل ڄار قائم آهي ۽ ڪبوترن جا آکيرا پڻ آهن. هي اهي ٻئي ڳالهيون ڏسي ٻئي پاسي ڳولا لاءِ هليا ويا.

جبل ثور جي هي غار هڪ وڏي متبرڪ جاءِ آهي. چون ٿا ته دل سان گهربل دعا هتي قبول ٿئي ٿي.

## منيٰ

مڪي معظم کان 5 ڪلوميٽر کن اوپر ڏي جبلن جي وچ ۾ هي هڪ وادي ماٿري آهي، جتي حاجي حج وارا پنج ڏينهن گذارين ٿا. هتي شيطانن (جمارن) کي پٿريون هنيون وڃن ٿيون، جنهن کي رمي سڏجي ٿو. قرباني پڻ هتي (منيٰ ۾) ڪئي وڃي ٿي.

انين 8 ذوالحج تي ظهر نماز کان اڳ حاجي منيٰ ۾ پهچي ويندا آهن ۽ ظهر (اڳهين) نماز کان وٺي ٻئي ڏينهن يعني 9 ذوالحج تائين هتي پنج نمازون پڙهيون وڃن ٿيون. 9 ذوالحج تي حاجين کي منيٰ کان عرفات وڃڻو پوندو آهي ۽ رات جو واپس اچي مزدلفہ ۾ ترسڻو پوندو آهي ۽ پوءِ 10 ذوالحج تي فجر نماز کانپوءِ مزدلفہ کان وري منيٰ لاءِ نڪرڻو پوندو آهي، جتي رمي جمار (شيطان کي پٿريون) ۽ قرباني ڪرڻي پوندي آهي. ان بعد مٿو ڪوڙائي احرام لاهڻو پوندو آهي ۽ مڪي وڃي طواف زيارت ڪبو آهي. طواف ۽ سعي ڪري وري رات اندر واپس منيٰ موٽي اچڻو پوندو آهي ۽ باقي 2 ڏينهن 11 ۽ 12 ذوالحج جا بہ منيٰ ۾ گذاربا آهن، هي ٻئي ڏينهن ٽنهي شيطانن کي ست ست پٿريون هڻڻيون پونديون آهن.

منيٰ ۾ ٽن هنڌن تي پٿرن جا چورس ٿنڀا ٺهيل آهن، جيڪي ٽن شيطانن کي Represent ڪن ٿا ۽ جمرات سڏبا آهن. پهرين کي جمرة الاوليٰ (وڏو شيطان) ٻئي کي جمرة الوسطيٰ (وچولو شيطان) ۽ ٽيون جمرة الصغريٰ (ننڍو شيطان) سڏجي ٿو. انهن شيطانن وٽ تختين تي عربي، اڙدو، انگريزي ۽ فارسي ۾ لکيل آهي تہ ڪهڙو جمرو (شيطان) آهي. هن وقت فقط وڏي شيطان جو فارسي نالو ”شيطان بزرگ“ ياد آهي.

منيٰ ۾ تنبن کي باهہ لڳڻ ڪري سعودي عرب جي حڪومت هاڻ Fire Proof ڪپڙي جا تنبو لڳرايا آهن. هي تنبو 3 ملين چورس ميٽر ايراضي تي پکڙيل آهن، جن جي لڳائڻ تي جملي خرچ 2600 ملين سعودي ريال آيو آهي، پر اهو آهي تہ هاڻ منيٰ وارا ڏينهن حاجي سڳورا سک ۾ گذارين ٿا. اٽڪل 44000 کن تنبو آهن، هر تنبو کي ٿڌو رکڻ لاءِ ان ۾ Desert Cooler لڳل آهي. جيڪو ٿڌي هوا مهيا ڪري ٿو. ڪولرن کي پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ 30 ڪلوميٽر ڊگهي پائيپ لائين آهي. سڄي ايراضيءَ ۾ بہ لک کن بلب ٻرن ٿا ۽ اليڪٽرسٽي جي ورهاڱي لاءِ ٽي هزار کن سئچ بورڊ آهن.

منيٰ ۾ لڳل تنبن جي مختلف سائيز آهي. ڪي 8 باءِ 8 ميٽر چورس تنبو آهن. ڪي 8 باءِ 6 ميٽر آهن. ڪي 4 باءِ 4 ميٽر تہ ڪي وري 12 باءِ 8 ميٽر آهن. انهن تنبن جي وچ ۾ ٽلها پردا آهن، جيئن زالن لاءِ الڳ ۽ مردن لاءِ الڳ حصا ڪري سگهجن يا مختلف فئملين لاءِ هڪ ئي تنبوءَ ۾ ڌار ڌار حصا ڪري سگهجن. تنبن جي ڇت اهڙي لاهہ سان ناهي وئي آهي جو مينهن جو پاڻي تنبوءَ ۾ اچڻ بدران پاسي تي ٺهيل Catch Box ۾ گڏ ٿي پائيپ رستي Drain ٿيو وڃي. هنن تنبن جي بناوت جو گهڻي ڀاڱي ڪم جپانين ڪيو آهي.

تنبن ۾ لڳاتار بجلي سپلاءِ ڪرڻ خاطر بہ وڏا ايمرجنسي جنريٽر آهن. جيئن جيڪڏهن لائيٽ هلي وڃي تہ هي جنريٽر آٽوميٽيڪلي هلڻ شروع ڪري ڏين. منيٰ ۾ پنج ڏينهن رهڻ دوران ماڻهن جي کاڌي جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ فقط انهن ڏينهن لاءِ 800 کن عارضي دڪان کوليا وڃن ٿا.

منيٰ ۾ حاجين جي سهولت لاءِ 16000 غسلخانا ٺهيل آهن ۽ جملي 24000 صفائي ڪرڻ وارا ٽن شفٽن ۾ ڪم ڪن ٿا. پيئڻ جي پاڻي لاءِ مختلف هنڌن تي 40 فوٽن جا 450 ڪولر لڳل آهن.

منيٰ ۾ دنيا جو سڀ کان وڏو سلاٽر هائوس هن سال 2000ع کان شروع ٿيو آهي. جنهن ۾ ڏهہ لک کن رڍون يا ٻڪريون ۽ 15 هزار اٺ ۽ ڳئون نہ فقط ذبح ڪري سگهجن ٿا پر صاف ڪري ورهائڻ لاءِ پڻ تيار ڪري سگهجن ٿا. هر جانور ذبح ڪرڻ لاءِ فقط ڏهہ ريال ورتا وڃن ٿا ۽ گوشت ناهڻ لاءِ 15 ريال في آهي.

قرباني ڪانپوءِ حاجين کي نوڙهه ڪرائڻي پوندي آهي. جنهن لاءِ ست سئو حجامن جي ويهڻ جو بندوبست جمرات واري پل هينيان سعودي عرب جي حڪومت طرفان رکيل آهي. ٽيليفون جي سهولت لاءِ منىٰ واري علائقي ۾ اٽڪل 16000 ٽيليفون لڳل آهن.

منىٰ کي دنيا جو ٽنبن وارو شهر سڏجي ٿو ۽ منىٰ اهو شهر آهي، جنهن ۾ سال جا فقط پنج ڏينهن لکها ماڻهو رهن ٿا. (هن سال انهن جو تعداد 30 لک هو) پنجن ڏينهن بعد يعني 13 ذوالحج جي شام ڌاري اهو هڪدم خالي نظر اچي ٿو. منىٰ لاءِ مغربي دنيا ۾ اڪثر چيو ويندو آهي تہ:

Mina is world's fastest populated city and fastest deserted city.

منىٰ ۾ بہ مسجدون آهن. هڪ الخفيف مسجد جيڪا ڏاڪڻي پاسي آهي. جنهن ۾ اڌ لک کن نمازي نماز پڙهي سگهن ٿا ۽ ٻي مسجد اتراهين پاسي ملڪ عبدالعزيز پل تي آهي، جنهن ۾ پندرهن هزار کن نمازين جي جاءِ آهي.

مسجد الخفيف منىٰ جي سڀ کان وڏي مسجد آهي. هي اها مبارڪ مسجد آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هتي ستر پيغمبرن نماز ادا ڪئي آهي. حضور اڪرم ﷺ جن هن مسجد ۾ جتي وقوف فرمايو، اها جاءِ محفوظ ڪئي وئي آهي. ان جاءِ تي نفل پڙهڻ سنت ۾ شمار آهي ۽ هي جاءِ دعا جي قبول ٿيڻ جي آهي.

## عرفات

مڪي معظم کان ايرندي ڏي جبل رحمت وٽ اهو ميدان، جتي هر سال 9 ذوالحج تي حج ٿئي ٿو. عرفات جي ميدان منىٰ کان ست ميل (يارهن ڪلوميٽر کن) پري آهي.

نائين 9 ذوالحج تي سج چڙهڻ بعد منىٰ کان عرفات وڃڻ کپي ۽ بعد زوال کان 10 ذوالحج جي صبح تائين ڪجهہ وقت اتي ترسڻ کپي. جنهن بابت تفصيل حج جي ڪتابن مان يا ديني معلومات رکندڙ عالمن کان معلوم ڪري سگهجي ٿو.

عرفات جي ميدان ۾ ترسڻ کي وقوف عرفات يا وقوف عرفہ چئجي ٿو. عرفات جي ميدان ۾ ترسڻ حج جو رڪن اعظم آهي. ان بغير حج ٿي نہ ٿو سگهي.

## جبل رحمت

هي جبل ميدان عرفات تي آهي، جنهن جي قدمن ۾ بيهي امام خطبو پڙهندو آهي ۽ جتي حضور اڪرم ﷺ جن حجت الوداع جو خطبو پڙهيو هو. انهي جبل کي جبل عرفات بہ چون ٿا جو هتي حضرت آدم عليہ السلام ۽ بي بي حوا ٻنهي جي جنت مان نڪرڻ بعد ملاقات ٿي هئي ۽ توبہ قبول ٿي هئي.

## ضب

مسجد خفيف سان مليل هڪ ٽڪري جتان عرفات ڏي ويندڙ حاجين جو گذر ٿيندو آهي.

## مزدلفہ

هي عرفات ۽ منىٰ جي وچ ۾ ميدان آهي. مزدلفہ، منىٰ کان اوڀر ڏي اٽڪل 2 ميل پري آهي.

حاجي نائين ذوالحج تي شام جو سج لهڻ بعد عرفات جي ميدان تان مزدلفہ پهچندا آهن ۽ مزدلفہ ۾ سانجهي ۽ سومهڻي نماز گڏي پڙهندا آهن. پهرين سانجهي جو فرض ۽ پوءِ سومهڻي جو فرض. ان بعد هرهڪ جون سنتون ۽ آخر ۾ سومهڻي (عشاءِ) جو وتر پڙهبو آهي. رات مزدلفہ ۾ گذارڻ بعد حاجي 10 ذوالحج تي سج ايرڻ کان اڳ منىٰ ڏي روانا ٿي ويندا آهن.

## جنت المعلىٰ

هي مڪي شريف جو مشهور ۽ تاريخي قبرستان آهي. هتي ڪيترن ئي صحابين، اوليائن ۽ بزرگن جون قبرون آهن. هتي حضور اڪرم ﷺ جن جي پهرين گهر واري ام المومنين حضرت خديجة الڪبرىٰ رضہ جن بہ آرام فرما آهن.

هي قبرستان مديني واري قبرستان جنت البقي کان پوءِ دنيا ۾ نهايت پلارو قبرستان آهي. وچ مان رستو وهڻ ڪري هي قبرستان ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. اتراهين حصي ۾ جيڪو منىٰ طرف آهي. هڪ ڪمپائونڊ نهيل آهي. جنهن اندر حضرت خديجہ رضہ ۽ حضور جن جي وڏن جون قبرون آهن. عرب ۽ انڊو پاڪ جي مشهور عالم حاجي امداد الله مهاجر مڪي جي قبر پڻ هتي آهي.

هن قبرستان جي زيارت بہ مسنون آهي. اتي وڃي ماڻهو درود شريف، سورة فاتحہ، سورة اخلاص ۽ ياسين شريف وغيره پڙهي ارواح مقدس کي ثواب پهچائين ٿا ۽ پنهنجي مغفرت لاءِ دعا گهرن ٿا.

هي قبرستان مسجد الجن جي پرسان غازا روڊ تي آهي ۽ اهو رستو منىٰ ڏي وڃي.

## مسجد الجن

هن تاريخي جاءِ تي حضور اڪرم ﷺ جن کان جنن ڪلام پاڪ ٻڌو هو. ان ڪري هن جاءِ جو نالو مسجد جن پئجي ويو. هي مسجد مڪي شريف جي قبرستان جنت المعلىٰ جي پرسان آهي، جنهن جو ذڪر مٿي اچي ويو آهي. هن مسجد کي بيعت مسجد پڻ سڏجي ٿو. هن مسجد جي سامهون هڪ ٻي تاريخي مسجد اشجره پڻ آهي.

جنن جو حضور پاڪ ﷺ جن کان قرآن شريف ٻڌي پنهنجي قوم ۾ اسلام جي تبليغ ڪرڻ جو واقعو تفصيل سان قرآن شريف جي سورة نمبر 72 الجن ۾ آهي.

بخاري ۽ مسلم ۾ حضرت عبدالله بن عباس رضہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجن ڪجهہ اصحاب سڳورن سان گڏ بازار عڪاظ ڏي وڃي رهيا هئا. واٽ تي نخلہ نالي هنڌ تي پاڻ ڪريم ﷺ جن صبح جي نماز پڙهائي. ان وقت جنن جو هڪ ٽولو اتان اچي لنگهيو. تلاوت جو آواز ٻڌي ترسي پيا ۽ غور سان قرآن پاڪ ٻڌندا رهيا. ان واقعي جو ذڪر سورة الجن ۾ آهي. هي واقعو نبوت جي شروعات واري دور جو آهي.

## جبل ابو قيس

هي جبل صفا جي ويجهو بيت الله شريف جي بلڪل سامهون آهي ۽ مڪي جي پهاڙين ۾ سڀ کان گهڻو افضل آهي. حضرت ابن عباس رضہ کان روايت آهي تہ جبل ابو قيس سڀ کان پهريون جبل آهي، جيڪو دنيا جي سطح تي نظر آيو ۽ ٻي روايت موجب طوفان نوح عليہ السلام کانپوءِ حجر اسود هن ئي جبل تي امانت طور محفوظ رهيو. حضور ﷺ جن جي معجزي شق القمر ـ آڱر جي اشاري سان چنڊ جا ٻہ ٽڪرا ڪرڻ جو جنهن مشهور واقعي جو بيان قرآن ڪريم ۾ پڻ آيو آهي. هن ئي جبل تي دنيا وارن کي ڏيکاريو ويو هو.

هن جبل تي هڪ ننڍي مسجد آهي، جيڪا مسجد بلال رضہ جي نالي سان مشهور آهي. هن مسجد ۾ نفل پڙهڻ ۽ دعا گهرائڻ ثواب جو ڪم آهي.

## مسجد الڪبش

هي اها جاءِ آهي، جتي حضرت ابراهيم عليہ السلام، حضرت اسماعيل عليہ السلام کي ذبح ڪرڻ لاءِ وٺي آيو هو. ان وقت هتي ڪا مسجد نہ هئي هڪ وڏو ڪاري رنگ جو پٿر رکيل هو.

هن مسجد جي زيارت ڪرائيندي بنگالي ٽئڪسي ڊرائيور چيو تہ هن هنڌ تي ان دعا کان علاوه ٻي ڪهڙي دعا گهرجي تہ الله تعالىٰ اسان کي بہ پنهنجي سچي محبت ۽ فرمانبرداري عطا فرمائي. جنهن جو ثبوت حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام هن مبارڪ هنڌ تي صديون اڳ ڏنو هو.

## دار خديجة الڪبرىٰ

هن مبارڪ مقام تي حضرت فاطمہ رضہ ۽ حضور اڪرم ﷺ جن جو ٻيو اولاد حضرت قاسم رضہ، حضرت عبدالله رضہ، حضرت زينب رضہ، حضرت رقيہ، حضرت ام ڪلثوم رضہ پيدا ٿيون هيون.

هي تاريخي جاءِ شارع فيصل تي هڪ گهٽي ۾ موجود آهي. هتي هڪ دارالحفاظ قائم ڪيو ويو آهي، جتي ٻار قرآن پاڪ حفظ ڪن ٿا.

## مولود النبي

يعني حضور اڪرم ﷺ جي جنم وٺڻ جي جاءِ. هي گهر قشاشيہ محلي ۾ شوق اليل نالي گهٽي ۾آهي. هن جاءِ ۾ پهرين ڊاهہ ڊوهہ اچي وئي هئي پر هاڻ الله جي فضل سان هتي هڪ شاندار عمارت ٺاهي وئي آهي، جنهن ۾ هڪ ڪتبخانو ۽ هڪ مدرسو قائم ڪيو ويو آهي ۽ هي عمارت مڪتبہ مڪةالمڪرمہ پڻ سڏجي ٿي. جاءِ کي وڏو ڪرڻ ڪري هاڻ اهو گهر رستي جي بلڪل ڪناري تي ٿي پيو آهي ۽ هن رستي جو نالو شارع ملڪ سعود رکيو ويو آهي.

# حج جا پنج ڏينهن

۽ پوءِ جيئن ئي حج جا ڏينهن ويجها ٿيا تہ حج لاءِ آيل حاجين جو تعداد مڪي شهر ۾ ايڏو وڏي ويو جو گهٽين، بازارن مان لنگهڻ مشڪل ٿي پيو. حرم پاڪ جي اندر نماز پڙهڻ لاءِ ان ڪي جاءِ ملي سگهي ٿي. جيڪو بانگ کان گهٽو اڳ پهچي ويو ٿي. بانگ بعد ايندڙن کي مسجد کان ٻاهر گهٽين ۾ جاءِ ملي ٿي. حرم پاڪ جي ٻاهرن دروازن کان چوڌاري ميل اڌ تائين رستا، فوٽ پاٿ، گهٽيون، نمازين سان ڀرجي ويون ٿي. طواف لاءِ بہ هيٺ ڪعبي جي چوڌاري سولائي سان جاءِ نہ ٿي ملي. ملي بہ ٿي تہ ايڏي پيهہ پيهان ٿي وئي جو پنهنجي مرضي سان گڏ هلڻ گهٽ، هڪ ٻئي جي ڌڪن تي آهستي آهستي چرٿو ٿي پيو. بلڪ ڀهرين ماڙ ۽ ڇت تان طواف ڪرڻ ۾ بہ ڪافي رش هئي. ظاهر آهي، ڏورانهن ملڪن جا حاجي تہ اچي ويا هئا پر سعودي عرب ۽ ويجهن عرب ملڪن جا بہ هنن ڏينهن ۾ پهچي ويا. حج وارا بہ ٽي مهينا، شوال، ذوالعقد، ذوالحج وغيره ۾ هر وقت چار پنج لک ماڻهن جا مديني ۾ بہ رهيل ٽين تا پر حج جا ڏينهن (جيڪي 8 ذوالحج کان 12 ذوالحج ٽين) ويجهو اچڻ تي مديني ۾ زيارت لاءِ ترسيل حاجي بہ مڪي پهچيو وڃن جو 8 ذوالحج تي صبح جو هرهڪ کي احرام  جي حالت ۾ مڪي کان منيٰ روانو ٿيڻو پوندو آهي.

انين 8 ذوالحج ۾ باقي بہ ٽي ڏينهن بچيا تہ اسان جي گروپ ليڊر اسان کي صلاح ڏني تہ جيتري قدر ٿي سگهي هي بہ ٽي ڏينهن آرام ڪريون، جو حج وارا پنج ڏينهن وڏي جفاڪشي ۽ محنت ڪرٽي پوي ٿي ۽ ننڊ بہ پوري نہ ٿي ٿئي. هن عورتن کي طواف ڪرڻ کان بلڪل منع ڪري ڇڏيو جو متان ڪا تڪجي ساٿي ٿي پوي يا بيمار ٿي پوي ۽ ايندڙ حج جي پنج ڏينهن ۾ هن کي هلڻ ۾ دقت ٿئي.

آخر اهو ڏينهن يعني 8 ذوالحج جو بہ نمودار ٿيو  ۽ اسان پنهنجي مڪي واري رهائش کي پنجن ڏينهن لاءِ الوداع ڪري هيٺ فوٽ پاٿ تي منيٰ ڏي روانو ٿيڻ لاءِ سامان جو ٿيلهو يا هڙ، ٿرماس ۽ ڊوپ چٽي ڪٽي اچي بس جو انتظار ڪيوسين. سامان هڪ ڏينهن اڳ پيڪ ڪيو هئوسين. سامان ۾ ڇا ڇا ڪڻجي، ان لاءِ توهان کي اها ڳالهہ ۾ ذهن ۾ هجڻ ڪپي تہ هن سفر ۾ توها نکي پنج ڏينهن چار راتيون مڪي شهر کان ٻاهر گذارڻيون پون ٿيون، جن مان ٽي راتيون منيٰ ۾ تنبوءَ ۾ جنهن ۾ هرهڪ ماڻهو جي حصي ۾ مڪي واري رهائش کان بہ گهٽ جاءِ ملي ٿي ۽ هڪ رات مزدلفہ ۾ تہ کلي آسمان هينان پٽ تي گذارڻي پوي ٿي. سمهڻ لاءِ توهان چاهيو تہ ملٽي فوم جا گاديلا، پتراٽيون، بلاڪيٽ، چادريون ۽ بہ بہ وهاڻي کڻي سگهو ٿا پر ياد رکو تہ اهي سڀ شيون مڪي کان منيٰ، منيٰ کان عرفات، عرفات کان مزدلفہ، مزدلفہ کان منيٰ ۽ پوءِ آخر ۾ منيٰ کان مڪي تائين پنهنجي مٿي تي ڍوئڻيون پون ٿيون. بس ۾ جاءِ ملڻ جو ايڏو مسئلو تہ ٿئي جو اها جاءِ ماڻهن لاءِ پوري مس ٿئي ٿي، اتي گهڻو بار ڪٿي رکجي ۽ ڪيترن مرحلن تي سخت گرمي ۾ لوهہ جي بس ۾ قيد ٿي (جنهن جو تنهڻ اس ۾ ايئر کان بہ ڪم ڪرڻ ڇڏيو ڏئي. هلڻ کان هرڪو پيرين پنڌ هلڻ بهتر سمجهي ٿو). خاص ڪري مزدلفہ کان منيٰ ۽ منيٰ کان واپس مڪي، سو جيترو سامان گهٽ هجي اوترو سنو.

منهنجي تجربي ۽ سوچ مطابق هنن پنجن ڏينهن لاءِ مڪي ڇڏڻ وقت هي سامان پڻ ساڻ ڪڻجي. سامان لاءِ پاڻي جي سخت بئگ بدران ڪپڙي جو ڪو ٿيلهو ڪڻجي. سپ ۾ بيسٽ بن ٽن ريالن وارو ريگزين جو يا ٿلهي پلاسٽڪ جو اهو ٿيلهو آهي، جنهن ۾ Zip بہ لڳل ٿئي ٿي ۽ 8 ذوالحج کان اڳ، توهان کي ڪيترائي حاجي ان قسم جو ٿيلهو خريد ڪندي نظر ايندا ۽ پنجن ريالن وارو پلاسٽڪ جو تڏو بہ Ideal شيءِ آهي. پلاسٽڪ جي هن ٿيلهي کي توهان وهاڻي طور استعمال ڪري سگهو ٿا ۽ هينان وڇائڻ لاءِ پلاسٽڪ جو هي تڏو هلڪو پڻ ٿئي ٿو ۽ سمهڻ لاءِ نيڪ ناڪ رهي ٿو. هونئن بہ 1998ع ۾ منيٰ ۾ باهہ لڳڻ بعد اتي نہ فقط بهترين قسم جا تنبو ناهيا ويا آهن پر هر تنبو ۾ ايئر ڪنڊيشنر لڳايو ويو آهي. پٽ تي چڱا ٿلها غاليچا وڇايا ويا آهن، جن متان سنهي چادر بہ ڪافي آهي پر ان کان بهتر ۽ هلڪو هي پلاسٽڪ جو تڏو آهي. جنهن سان گڏ ڦوڪڻي جهڙو وهاڻو بہ ڇنبڙيل ٿئي ٿو، جنهن ۾ هوا ڀري سگهجي ٿي پر ان هوا ڀريل وهاڻي کان ٿيلهو يا احرام ڪنڌ هينان رکي سمهڻ بهتر آهي. اهو ئي تڏو مزدلفہ

لاءِ بہ صحيح آهي. جتي پهرين جو وڇيل ڪو گلم غاليچو ناهي. پٿريلو پٽ آهي. ڪي ڪي ماڻهو اسپنج جا نرم گاديلا ۽ هنڌ کڻي هلن ٿا پر پوءِ هو انهن کي ڍوئڻ ۾ پورا هوندا آهن. مزدلفہ ۾ پهچندي پهچندي ۽ نمازون پڙهندي ٻارهن هڪ ٿيو وڃي ۽ فجر پڙهي وري منیٰ لاءِ نڪريو پوي ٿو. سو رات جو پهر بہ پٿريلي پٽ تي سمهڻ ڪو مشڪل ڪم نہ آهي. البتہ هڪ ٿلهي ڪپڙي جي چادر مٿان وجهڻ لاءِ ضرور کڻو جو مزدلفہ ۾ بہ رات ٺري ٿي ۽ منیٰ جي تنبن ۾ بہ ايئر ڪولر هلڻ ڪري رات جو سيءُ پوي ٿو.

سامان ۾ پاڻ سان هڪ احرام ضرور کڻجي، جسم تي پهريل خراب ٿي پوي تہ ٻيو اوڍي سگهجي. هڪ ڪاٽن جو وڳو (شلوار قميص) جو آخري بہ ڏينهن پائي سگهجي. 10 ذوالحج تي شيطان کي پٿريون هڻڻ، قرباني ڪرڻ ۽ وار ڪوڙائڻ بعد احرام کان آجو ٿيو وڃجي ۽ باقي بہ ڏينهن سٽڻ قميص ۾ رهڻو پوي ٿو. پاڻ سان ٿلهي ڪپڙي جي ڏوپ ڇٽي بہ ضرور کڻجي جو عرفات جي ميدان تي توڙي منیٰ ۾ پاڻ کي اس کان بچائجي. هن سال (2000ع) ۾ حج مارچ جي وچ ۾ ٿيو تہ بہ ڏينهن جو سخت گرمي هئي. هڪ فالتو چمپل کڻجي، جو منیٰ ۾ شيطان کي پٿريون هڻڻ وقت رش ۾ پوئين ماڻهو جو پير توهان جي چمپل تي اچڻ تي اهو توهان کان جدا ٿيو وڃي ۽ اهڙي صورت ۾ ڪڍهن بہ، جهڪي نہ کڻجي جو اهڙين حالتن ۾ ايندڙ ماڻهن جو ريلو چيپيو رکي. ساڳي وقت اس ۾ پير ساڙڻ بدران ڪٿي ڪلئي پٽ تي ڪنهن جو اڇلايل چپل نظر اچي تہ في الحال پائي ڇڏجي، چاهي کهڙي بہ رنگ يا ڊزائين جو هجي، پوءِ تنبوءَ ۾ پهچي پنهنجو فالتو آندل چپل پائجي يا ڪنهن دڪان تان خريد ڪجي. پاڻ سان پاڻي جو ٿرماس ضرور کڻجي. مڪي مان نڪرڻ وقت يا شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ منیٰ جي تنبو مان نڪرڻ وقت ڪيترن کي ائين ٿو لڳي تہ ڪين اڃ نہ لڳندي پر سخت گرمي ۽ ماڻهن جي رش ۽ اٻس ڪري ڪيترائي سخت پريشان ۽ بيمار ٿيو پون يا رستي تي ٿڌي پاڻي جي ڪولرن مان يڪساهي ٿڌو پاڻي پيئڻ ڪري گلي جي تڪليف ٿيو پوين. ان ڪري پاڻ سان ٿرماس کڻڻ ضروري آهي ۽ جيتري قدر ٿي سگهي پاڻي جون ٿڌيون بوتلون ۽ ڪٿا مٺا جيوس Avoid ڪجن. پاڻ سان ننڍو ٽوال کڻجي ۽ منیٰ عرفات ۽ مزدلفہ ۾ کائڻ لاءِ خشڪ قسم جون ڪجھ شيون بسڪٽ، صوف، ڪيڪ وغيره کڻجن، جيئن جيسين ڪا شيءِ ڪنهن دڪان يا هوٽل تان ملي، تيسين کائي سگهجي. روزمره جي استعمال جون دوائون ۽ هلڪي ۽ پوري پني سائيز جي جاءِ نماز بہ کڻجي.

انين ذوالحج تي مڪي کان منیٰ وڃڻ لاءِ اسان جي گروپ ليڊر بس جي بندوبست لاءِ ڏينهن بہ اڳ معلم سان ڳالھ ٻولھ ڪئي، جنهن ٻڌايو تہ اسان لاءِ هن جيڪا بس مقرر ڪئي آهي. اها اسان کي صبح جو ساڍي انين بجي اسان وري بلڊنگ وٽان اچي کڻندي. رات جي ماني تي اسان جي گروپ ليڊر هڪ دفعو اسان کي وقت جي پابنديءَ جي تاڪيد ڪئي. ”بس لاءِ اسان کي انتظار ڪرڻو پوندو“ اسان جي گروپ ليڊر احسان الاهي شيخ چيو ”بس وارا اسان جو انتظار نہ ڪندا. ان ڪري صبح جو انين کان اڳ هرهڪ تيار ٿي پوري انين بجي سامان سان رستي تي هلي انتظار ڪرڻو آهي“. گروپ ليڊر ٻہ ٽي نوجوان مقرر ڪيا، جن جو ڪم پنهنجو سامان کڻڻ کان علاوه کاڌي پيتي جو سامان کڻڻ پڻ هو. کاڌي پيتي جي سامان جا ٻہ اٺ ڏھ کن دٻا ٿيا، جن ۾ ڊبل روٽي، جئم، بسڪيٽ، ڪيڪ، صوف، پڳڙا، چونئرا، کجور، کير جا دٻا، کنڊ، چانهن جي پتي، ويندي چانهن ناهڻ لاءِ اليڪٽرڪ ڪيٽل ڪنيائون جو منیٰ جي تنبوءَ ۾ اليڪٽرسٽي جا سئچ لڳل آهن، جنهن سان Extension wire ڳنڍي ڪٽلي ۾ گرم پاڻي ڪري چانهن ناهي سگهجي ٿي. ڪنهن زماني ۾ حاجي منیٰ جي تنبن ۾ گئس جا چلها کڻي هلندا هئا، جن تي رڌپچاءُ ڪندا هئا پر هاڻ انهن چلهن ۽ رڌ پچاءَ تي بندش وڌي وئي آهي، جو گئس جي سلينڊرن جي ڦاٽڻ ڪري باھ لڳڻ جا واقعا ٿيا ٿي. سڀ کان وڏو واقعو 1998ع ۾ ٿيو، جنهن ۾ هزارين جانين کي نقصان رسيو ۽ تنبو سڙي خاڪ ٿي ويا. ان واقعي کانپوءِ هاڻ تنبو بہ Fire Proof ڪپڙي جا استعمال ٿي رهيا آهن ۽ رڌ پچاءُ بدران هرهڪ خشڪ سامان کائڻ لاءِ کڻيو هلي ٿو. منیٰ ۾ چوڌاري ڪيترائي دڪان بہ کلن ٿا، جن جو تعداد پڻ سون ۾ آهي پر حاجين جو ايڏو وڏو تعداد آهي جو هر دڪان تي وڏي رش رهي ٿي ۽ هر ويلي تي ڊگهي قطار ۾ بيهڻ وقت جي بربادي آهي. ان ڪري بهتر اهو آهي تہ هرهڪ پاڻ سان کائڻ جي خشڪ شيءِ کڻي هلي، جنهن مان ڪجھ عرفات جي ميدان ۽ مزدلفہ ۾بہ کائي سگهي ٿو. عرفات جي ميدان تي ڪيترائي نيڪ ۽ سخي مڙس ويندي سعودي جي حڪومت حاجين لاءِ کاڌي پيتي جو بندوبست مفت ڪري ٿي پر حاجين جو ايڏو وڏو تعداد آهي. جو صحيح طرح

ورهاست ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ڪن هنڌن تي ڪاڌي جون شيون بچيون پيون هونديون آهن ته ڪن هنڌن تي ڪٽل هونديون آهن. ان ڪري هر صورت ۾ پاڻ سان ڪاڌي جون ڪجهه شيون ۽ پاڻي جو ٿرماس رکجي.

اسان مڪي جي الجياد اسپتال واري روڊ تي پوٽي انين وڳي ڪان بس جو انتظار ڪيو. ڪيترئون بسون ايندون رهيون ۽ مقرر ملڪ ۽ گروپ جا ماڻهو ڪٽنديون رهيون. هڪ ٻئي پويان ايتريون بسيون آيون ٿي، جو پارڪنگ جي جاءِ نه ٿي ملي ۽ پارڪن ٿيڻ سان پوليس وارن سيٽيون وڄائي حاجين ۽ بس جي ڊرائيور کي خبردار ٿي ڪيو ته پئسينجر چاڙهي اڳتي روانو ٿيو. ماڻهو بلڊنگون ڇڏي مختصر ٿيلهن ۽ هڙن سان رستي تي ائين اچي بيٺا هئا، ڄڻ گهرن کي باهه لڳي هجي ۽ هرهڪ پنهنجي جان بچائي ٻاهر نڪري آيو هجي. اڄ جو ڏينهن يعني 8 ذوالحج اهو ڏينهن آهي، جنهن جو هرهڪ حاجي انتظار ڪري ٿو ۽ اڄ جي ڏينهن تي هرهڪ کي مڪي کان منیٰ ڏي سفر ڪرڻو آهي. اڄ جي ڏينهن تي اٽڪل ٽيهه لک انسانن کي اڇي رنگ جي ڪفن جهڙي ڪپڙي جي احرام ۾ ڍڪجي ڪنهن به صورت ۾ منیٰ پهچڻو آهي. هڪ طرف بسين ڏي نظر ٿي ڪئيسين ته تعجب ٿي لڳو ته هيتريون بسيون پر وري ماڻهن ڏي نگاهه ٿي ڪئي سين ته اهي بسيون ٿوريون ٿي لڳيون. ٺو ساڍا ٺو ٿي ويا پر اسان واري مڪتب جي بس نظر نه آئي. رکي رکي هرهڪ باٿ روم لاءِ پنهنجي پنهنجي فليٽ ڏي ويو ٿي يا ٿورو اڳيان دڪانن تان چانهن يا ڪوڪا ڪولا وٺڻ لاءِ ويو ٿي پر هرڪو يڪدم موٽي آيو ٿي، جو هرهڪ کي خبر هئي ته ڪنهن وقت به بس اچي ويندي ۽ بس ايندي ته پوءِ ترسندي ڪا نه ۽ ڪنهن به پنهنجي گروپ کان ڇڄڻ نه ٿي چاهيو، ڇو جو پوءِ اڪيلو ٻي بس ۾ پهچي منیٰ پهچي پنهنجي گروپ جو تنبو ڳولڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. جيتوڻيڪ هاڻ هر تنبو جو نمبر آهي، جنهن کان هرهڪ واقف ڪيو وڃي ٿو، بلڪه ان تنبو جي نمبر جو ڪارڊ ڳچي ۾ وجهي هلڻو پوي ٿو پر ٽيهه لک ماڻهن جا تنبو به سٺ هزار کن ٿين ٿا، جيڪي ميلن تائين پکڙيل آهن.

آخر ڏهين بجي اسان جو گروپ ليڊر ۽ هڪ ٻه ٻيا ڇڱا مڙس جن کي عربي زبان آئي ٿي. اهي معلم جي آفيس ۾ ويا، جنهن ٻڌايو ته ٽرئفڪ ايتري جئم آهي جو اها بس اڃا پهريون ڦيرو ڪري نه آئي آهي. بهرحال هن ٻي بس جيڪا ان وقت پهتي هئي، اسان لاءِ ڏني ۽ اسان ٽپڙ رکي چڙهي پياسين. بس صحيح قسم جي ايئرڪنڊيشنڊ هئي ۽ ويهڻ لاءِ 53 سيٽون هيون ۽ اسان پنجاهه ڄڻا هئاسين. سامان ڇت تي رکيو هئوسين. ان ڪري وڏي آرام ۾ هئاسين. فقط تلبيهه پڙهندا هلياسين ۽ دري مان مڪي جون بازاريون (جيڪي هاڻ سنسان ٿي رهيون هيون جو سڀ حاجي مڪو ڇڏي منیٰ روانا ٿي رهيا هئا) ويڪرا رستا، ويڪرن رستن تي نئين ماڊل جون اوچيون بسيون، بسين ۾ وينل مختلف ملڪن جا ماڻهو، جبل، جبلن ۾ کوٽيل ٽنل ۽ ٽنلن (سرنگهن) ۾ بجلي ۽ گئس ڇڪڻ جا Exhasust پنکا ڏسندا هلياسين. اڳتي هلي ٽرئفڪ جئم به ٿي پر اهڙي نه ٿي، جهڙي ماضي ۾ ٿيڻ جو ٻڌو اٿئون. چپي چپي تي بيٺل شرطا (پوليس وارا) زوردار سيٽين ۽ ڇڙٻن سان ٽرئفڪ کي جئم ٿيڻ کان بچائيندا رهيا، مڪي کان منیٰ هوئنئن ته رستو 15 منٽن جو به نه آهي پر ان ڏينهن مڙيئي ڪلاڪ ڏيڍ لڳي ويو، خاص ڪري تنبن جي شهر منیٰ جي گهٽين ۾ پنهنجي مڪتب ۽ ان ۾ پنهنجي تنبو نمبر 18 ڳولڻ ۾.

منیٰ لاءِ جهونن حاجين کان ڏاڍيون پوائتيون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون ته اڄ کان چوٿون صدي کن اڳ تائين منیٰ ۾ رهائش ڏاڍي تڪليف واري هوندي هئي ۽ واقعي هئي. جتي پيئڻ لاءِ پاڻي نه ملي، اتي وضو ۽ غسلخاني لاءِڪٿان پاڻي اچي. عورتون توڙي مرد پاڻ سان پاڻي سان پريل دٻا ڪلهن تي رکي پيرين پنڌ منیٰ پهچندا هئا، هڪ هڪ گلاس پاڻي جو قيمتي هوندو هو. رڌ پچاءَ لاءِ چلها، ديڳڙا ۽ گئس جا سلينڊر پڻ ڍوئيندا هئا. غسل خانا ٺهيل نه هئا. پوءِ گروپن ۾ ماڻهو ڪڏا کوٽي ان ۾ دٻو رکي سنداس نموني جو ڪاڪوس ٺاهيندا هئا. جنهن کي پاسن کان انبن جي ڪوکن جهڙا تختا هڻي پتيون ٺاهيندا هئا ۽ در جو ڪم چادر کان ورتو ويندو هو. باٿ روم ڏي وڃڻ وارو هڪ ٻئي حاجي کي به پاڻ سان وٺي ويندو هو، جيڪو پڙدو جهلي بيهندو هو ۽ ماڻهن کي اندر وڃڻ کان جهليندو هو. لالٽين ڏيا ۽ پوءِ گولا (گئس بتيون) ٻاريون ويندريون هيون. تنبن ۾ گرمي ۽ گهٽ اهڙي ٿيندي هئي جو هر وقت وڄٽي هٽ ۾ هوندي هئي.

ان مقابلي ۾ منیٰ جي اڄ جي رهائش ڳالهه ٻي ٿي پئي آهي. فرسٽ ڪلاس ڇڪيل تنبو، جنهنجي ڍري ٿيڻ يا ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. چاهي اونهاري جون لڪون لڳن يا سياري جا واچوڙا، هر تنبو ۾ ٿڌي پاڻي جو

ڪولر ايئر ڪنڊيشنر(Desert Cooler) ، ٿڌي روشني وارا ۽ اڌ ۾ لڪيل بلب جيئن سندن روشني سامهون اکين ۾ بہ نہ لڳي، پٽ تي چگو ٿلهو غاليچو، جنهن تي بنا چادر جي بہ سمجهي سگهجي. تنبن جي پيتين جا مٿيان حصا رسين کي ڇڪڻ سان کلي بہ سگهن ٿا، جيئن ڪو ايئر ڪولر هلائڻ نہ چاهي تہ پيتن کي کولي قدري ٽيمپريچر واري هوا کائي، تنبو ۾ گهڙڻ سان ٿڪل ماڻهو فرحت ۾ اچيو وڃي.

اٺ ڏهہ تنبن لاءِ اٺ ڏهہ غسلخانن جي قطار، جن ۾ انڊين توڙي يورپي ڪموڊ لڳل، وهنجڻ لاءِ شاور ۽ وضوءَ لاءِ نلڪا ۽ نہ فقط نلڪا لڳل آهن پر منجهن پنج ئي ڏينهن پريشر سان پاڻي ڪي ايندي ڏٺوسين.

تنبن ۾ ٿڌي پاڻي جا ڪولر ڏيڻ ڪان علاوه هر تنبوءَ لاءِ پنج ڪن ڪلو ( Ice Cubes برف جا ٽڪرا) ۽ هر روز مهيا ڪيا ويا ٿي. هر تنبو جي ٻاهران گند ڪچرو ڦٽو ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي باردي رکيل ۽اهي بارديون نہ رڳو رکيل هيون پر ڏينهن ۾ بہ ٽي دفعا خالي ڪري صاف ڪيون ويون ٿي. اسان تنبو ۾ گهڙي ان جو وچيون پردو ڇڪي تنبو کي ٻن حصن ۾ ورهايو. جيئن هڪ ۾ عورتون ۽ ٻئي ۾ مرد گڏجي رهون. ان بعد هرهڪ پنهنجا پنهنجا بسترا ٻن قطارن ۾ وڇايا. يعني ٻارهن کن مرد هڪ قطار ۾ 12 يا 13 ٻي قطار ۾ ماچيس جي تيلين وانگر سڌا ٿي ليٽي پياسين. اسان جي گروپ جي چوڌري مهتاب ۽ سندس فرزند فهيم بجلي جي سئچ بورڊ ۾ پنهنجي فون جي بيٽري چارج ٿيڻ لاءِ ۽ پاڻي جي ڪٽلي چانهن ٺاهڻ لاءِ رکي خير جو ڪم ڪيو. يعني اسان ٿڪلن کي چانهن پياري ۽ ان سان گڏ بسڪٽ ۽ ڪيلا کارايا.

ڪلاڪ ڏيڍ ٽڪ پيچي وضو لاءِ اٿياسين ۽ ظهر نماز جماعت سان تنبو ۾ پڙهي سين. عورتن پنهنجي تنبو ۾ جماعت ڪئي. ان بعد فيروز، ڊاڪٽر شفيق ۽ اسرار گڏجي پئسن مان ڪجهہ پئسا گروپ ليڊر ڪان وٺي ٻاهران هڪ بنگالي جي هوٽل تان پيٽ ۽ دال وٺي آيا. چانور ۽ دال بهترين جنس جا هئا ۽ بنگالي رڌيو بہ بهترين نموني سان هو. وڏي ڳالهہ تہ بک بہ بهترين لڳي هئيسين. ڏاڍو مزو آيو، رکن چانورن مان بہ خوشبو پئي آئي ۽ سالن تائين منيٰ جو اهو دال پيٽ نہ وسرندو. رات جي ماني تي نمڪو ڪاڌوسين. جيڪو نوراحمد ۽ پائي متين ڪراچي ڪان آندو هو. رات جي سمهڻ مهل ايڏو سيءَ لڳو جو ايئر ڪولر بند ڪرڻو پيو.

ٻيو ڏينهن نائين ذوالحج جو هو. يعني عرفات جي ميدان تي وڃڻ جو منيٰ ڪان عرفات ڪو پري ناهي. عام حالت ۾ هتي جا رستا اهڙا تہ سنا ۽ ويڪرا آهن جو ڏهن منٽن ۾ پهچي سگهجي ٿو پر جيئن تہ هي Movement بہ هڪ ئي وقت تي سيني حاجين کي ڪرڻي آهي.ان ڪري رستي تي رڳو بسيون ۽ ماڻهو نظر اچن ٿا ۽ تر ڇنڻ جي جاءِ نظر رڳو هلي وارو حساب آهي. اسان جو جنهن بس سان حساب ڪتاب رکيل هو. ان کي يارهين ٻارهين بجي ڏاري اچڻو هو. ڪنهن زماني ۾ يعني اڄ کان بہ ٽي سال اڳ تائين حاجين جي مرضي تي ڇڏيل هو تہ وٽين تہ سواري جو بندوبست پاڻ ڪن يا معلم جي بس ۾ چڙهن پر هاڻ هن سال کان هر حاجي لاءِ ضروري ڪري ڇڏيو اٿن تہ معلم جي بس ۾ چڙهي ۽ جي هو پنهنجو بندوبست ڪندا تہ بہ معلم هنن جو ڀاڙو ڪٽي ڇڏيندو. يعني ڪو بہ جدي پهچي معلم کان Claim نہ ٿو ڪري سگهي يا مون تنهنجي بس Avail نہ ڪئي. ان ڪري ان جي ڀاڙي جا پئسا واپس ڪر، جيڪي تو اڳواٽ اسان کان ورتا هئا.

معلم وٽ ڪجهہ پنهنجون بسيون آهن، ڪجهہ ٻين بسن جي مالڪن کي ٺيڪا ڏئي ٿو تہ منهنجي فلاڻي مڪتب جا ماڻهو منيٰ کان عرفات پهچائجو. انهن کي زور زور سان ڏک هڻي ماڻهن کي عرفات تي هلڻ لاءِ اٿارين ٿا. جيتوڻيڪ منيٰ ۾ پنجين نماز پڙهي پوءِ صبح جو نڪرڻ کپي پر جاهل ڊرائيورن کي پنهنجي ٺيڪي پوري ڪرڻ سان مطلب ٿئي ٿو تہ جهٽ ماڻهن کي منيٰ مان ڪڍي عرفات رسايون، پر اسان جي گروپ جي ليڊر اسان کي اڄا منيٰ ۾ ئي ترسڻ لاءِ چيو ۽ جلدي ڪرڻ کان منع ڪئي. يارهين بجي ڌاري اسان سامان جو ٿيلهو، چٽي ۽ پاڻي جو ٿرماس ڪڍي اچي رستي تي بس جي انتظار ۾ بيناسين.

منيٰ ۾ 8 ذوالحج جي نماز ظهر، عصر، مغرب، عشاءِ 9 ذوالحج جي نماز فجر، پنج نمازون مڪمل ڪرڻ مسنون آهن. يعني حضور اڪرم ﷺ جن پڻ ائين ڪيو هو. حضرت جابر رضہ کان حجة الوداع جي حديث ۾ روايت آهي تہ جڏهن يوم ترويهہ (يعني 8 ذوالحج) جو ڏينهن آيو تہ اصحاب سڀورن (مڪي مڪرمہ مان ئي) احرام ٻڌو ۽ منيٰ

لاءِ روانا ٿيا. رسول اڪرم ﷺ جن سواري تي نڪتا ۽ منىٰ ۾ ظهر، عصر، مغرب ۽ عشاءَ ۽ 9 ذوالحج جي فجر نماز ادا ڪئي ۽ پوءِ جڏهن سج اڀري مٿي آيو، ان بعد عرفات روانا ٿيا (اها مسلم کان روايت ٿيل آهي).

دوران حج منىٰ، عرفات، مزدلفہ هر جاءِ تي مڪاني توڙي ڌارين ماڻهن کي سڀ نمازون قصر ادا ڪرڻ کپن . يعني سفر جي حالتن ۾ پڙهڻ کپن. مثال طور: ظهر نماز ۾ چئن بدران فقط ٻه فرض پڙهجن وغيره. حضرت حارث بن وهب رضہ جن فرمائين ٿا تہ هن حجة الوداع جي موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن جي پنيان نماز پڙهي، ان موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن سان ڪيترائي مڪاني ۽ ڌاريا ماڻهو هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن حج جو سڄو عرصو سيني کي ٻہ رڪعتون (يعني قصر) نماز پڙهائي. (ان کي پڻ مسلم روايت ڪيو آهي).

نائين 9 ذوالحج (يوم عرفہ) تي سج اڀرڻ بعد منىٰ کان عرفات روانو ٿيڻ کپي ۽ رستي تي تڪبير (الله اڪبر) تهليل (لا اله الا الله) ۽ تلبيه (لبيڪ اللهم لبيڪ...) چوڻ کپي. اڄ جو ڏينهن حاجين جي عبادت ۽ حج جو اهم ڏينهن ٿئي ٿو. وقوف عرفات ـ يعني عرفات جي ميدان تي ترسڻ حج جي ارڪانن ۾ سڀ کان اهم ۽ ضروري رڪن آهي. ان بنا حج ٿي نہ ٿو سگهي. ٻين ارڪانن جي مجبوريءَ ۾ پورائي نہ ڪرڻ تي دم يا صدقو ڏئي پورائو ڪري سگهجي ٿو پر عرفات جي ميدان تي پوڙهي توڙي بيمار کي پهچڻو ئي پهچڻو آهي. ڪو هلي چلي نہ ٿو سگهي تہ هن کي پاڻ کڻائي بہ عرفات جي ميدان ۾ پهچڻ کپي.

حضرت عبدالرحمان بن يعمر رضہ جو چوڻ آهي تہ آئون حضور اڪرم ﷺ جن جي ويجهو بيٺو هوس تہ ڪجهہ ماڻهو آيا ۽ حج جي باري ۾ پڇيو تہ حضور اڪر م ﷺ جن فرمايو: "حج عرفات ۾ ترسڻ جو نالو آهي، جيڪو ماڻهو مزدلفہ جي رات (يعني 9 ۽ 10) ذوالحج جي وچ واري رات) طلوع فجر کان اڳ عرفات ۾ پهچي وڃي تہ ان جو حج ادا ٿي ويو". (اهو نسائي کان روايت ٿيل آهي).

ان بابت وضاحت آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڀُل ۾ وادي عرفات جي بدران وادي نمره ۾ وقوف ڪيو تہ هن جو حج ادا نہ ٿيندو ۽ جو ماڻهو 10 ذوالحج جي سج اڀرڻ کان اڳ گهڙي ڪن لاءِ بہ ميدان عرفات ۾ پهچي وڃي تہ هن جو حج ٿي ويو. (حج ۽ عمري جا مسئلا ـ موقف محمد اقبال ڪياني صفحو 140).

حضرت عبدالله بن عباس رضہ جو چوڻ آهي تہ رسول اڪر م ﷺ جن فرمايو: "ميدان عرفات سڄي جو سڄو موقف آهي پر وادي عرنہ (يعني نمهر) کان بچاءُ ڪيو (يعني ان ۾ وقوف نہ ڪريو) ۽ مزدلفہ سڄي جو سڄو موقف آهي پر وادي محسر کان بچاءَ ڪريو ۽ منىٰ سڄي جو سڄو قربان گاهہ آهي." (ان کي طحاويءَ روايت ڪيو). واديءَ عرفان ۽ وادي نمره ٻئي هڪٻئي سان مليل آهن ۽ ان بابت شروع ۾ پڻ لکي چڪو آهيان تہ مسجد نمره جو هڪ حصو وادي عرفات ۾ آهي ۽ ٻيو حصو وادي نمره ۾. مسجد جي اندر بورڊ هڻي ان ڏي ڌيان بہ ڇڪايو ويو آهي. بهرحال مسجد نمره ۾ ترسڻ کان اڳ عرفات جي حدن جي خاطري اڳواٽ ڪري ڇڏڻ کپي، جيئن حج باطل نہ ٿئي

بهرحال اڄ جي ڏينهن (9 ذوالحج) جو وقوف عرفات وارو رڪن حج جو اهم رڪن آهي ۽ هر هڪ ماڻهو جيڪو حج ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو، ان کي هر صورت ۾ عرفات جي ميدان تي پهچڻو پوي ٿو. اسان کي عرفات جي ميدان تي وڃي هلڻ لاءِ جيڪا بس ملي اها ايئرڪنڊيشنڊ نہ هئي ۽ سج جي تپش بہ اوج تي هئي. اڄا تہ مارچ جو مهينو هو، جيڪو چڱو ٿڌو ٿئي ٿو. انهن حاجين جو سوچي انهن کي داد ڏيڻ تي دل چوي ٿي جيڪي جون جولاءِ آگسٽ سيپٽمبر جهڙن مهينن ۾ حج ڪري چڪا آهن يا هن وقت هزارن جي تعداد ۾ الله جا نيڪ ٻانها اس ئي اس ۾ پيرين پنڌ ڪري رهيا هئا يا بسين جي لوهي ڇتين تي بنا ڏوپ ڇٽي جي سفر ڪري رهيا هئا. اڄ ۾ اسان جي ٿرماسن جو پاڻي ختم ٿي چڪو هو پر الله ڇڏي نٿو. رستي تي ڪيترن ئي سخي مردن رستي تان لنگهندڙ حاجين کي پاڻيءَ جون بوتلون ۽ جوس جا ڊبا اڇلائي اڇلائي پيئي ڏنا. ڪن بوتلن تي انگريزيءَ ۾ لکيل هو تہ هي ملڪ جي بادشاهہ طرفان الله جي مهمانن لاءِ گفٽ آهي. ٻئي ڏينهن اخبار ۾ پڙهيم تہ سعودي حڪومت جو شاهي خاندان هر سال ڏيڍ لک پاڻي جون بوتلون حاجين ۾ ورهائي ٿو. اهڙيءَ طرح سان پاڻي ۽ جيوس ڪجهہ بين الاقوامي شهرت جون ڪمپنيون پڻ ورهائي رهيون هيون. هڪ هنڌ تہ هڪ بوهري (شايد ڪراچي يا بمبئي جو

رهاڪو هجي يا يورپ يا آمريڪا جو، جو ڪيترا بوهري اتان به اچن ٿا) پاڻيءَ جون بوتلون ۽ فروٽ ورهائي رهيو هو.

هزارين بسين ۾ لکين پيدل هلندڙن جو قافلو عرفات جي ميدان ڏي چرندو رهيو. هر هڪ ماڻهو اڇي انگ جي احرام ۾ هو. تيهه لک ماڻهو ڪو گهٽ عوام ناهي. هوائي جهاز مان نڪتل فوٽن مان هي عوام ماڪوڙين وانگر لڳي ٿو جن مٿان چِٽ ته ڪنهن لوڻ يا پائوڊر جهڙي اڇي رنگ واري شيءِ ٻرڪي ڇڏي هجي.

عرفات جي ميدان ۾ جنهن تنبوءَ ۾ اسان کي به ترسڻو هو ان ۾ اڳ جي آيل ماڻهن اسان جي اچڻ تي پهرين ٿورو گهٽو Resist ڪيو جو هو اڳوات آيل هئا ۽ چادرون وڇائي ڪي مانيون کائي رهيا هئا ته ڪي ٽڪ پچڻ لاءِ ليٽيا پيا هئا. اسان جي ٽولي (پنجاهه ڪن ماڻهن) جي اچڻ ڪري هنن کي ڪجهه ڪجهه جاءِ ڏيڻي پيئي. ڪن خوشيءَ سان اسان کي پير ۾ ويهاريو، ڪن کي ٿورو سمجهائڻ سان ته اسان سيني کي هتي فقط چند ڪلاڪ ترسڻو آهي ۽ هي تنبو اسان سيني لاءِ معلم طرفان مقرر ٿيل آهي ۽ هتي نه ترسنداسين ته ڪيڏانهن ويندا‌سين ۽ پوءِ اسان اجان سولا ٿي ويناسين ته اسان واري تنبوءَ ۾ ترسڻ وارن جي ٻي بس، پوءِ ٽي ۽ چوٿين بس به اچي پهتي. تيسين ڪجهه شام به ٿي وئي ۽ پاڇا لڙڻ ڪري تنبوءَ ڪان ٻاهر نڪري پٽ تي ويناسين. گرميءَ ڪري هر حاجيءَ جي هٿ ۾ وجڻي يا دفتري هئي. هتي جا تنبو ڪپڙي جا ۽ ننڍا هئا. هڪ حاجي ٻڌايو ته اڳ ۾ منیٰ ۾ ههڙا تنبو ۽ گرمي هوندي هئي.

اسان جي تنبوءَ ۾ گهڻي ڀاڱي سنڌ ۽ پنجاب جي ٻهراڙيءَ جا ماڻهو هئا. منهنجي ساڄي پاسي ٿر پاسي جا ٽي سنڌي وينل هئا، جن مان هڪ عمرڪوٽ جو پلي هو. هو به ٻين وانگر تسبيحون پڙهي رهيا هئا. دعائون گهري رهيا هئا. معلم يا حڪومت طرفان سيني کي ورهائي مليل ماني کائي رهيا هئا. هڪ لنگهندڙ گاڏيءَ مان سيني اتي ڌوري جا پيالا ۽ ڊبل روٽي ۽ بن ورتا، جيڪي هو حاجين جي مهماني خاطر ورهائي رهيا هئا. اسان جي گروپ جي هڪ ساٿي فيروز جنهن کي هنن پنهنجي چادر تي ويهڻ جي جاءِ ڏني هئي، تنهن ڪانئن پڇيو ته ڪير آهيو ۽ آيا حج تي پهريون دفعو آيا آهيو يا هن کان اڳ به حج ڪري چڪا آهيو.

”سائين اسان ڪي امير ماڻهو نه آهيون.“ انهن مان هڪ سنڌي گاڏڙ اڙدوءَ ۾ فيروز کي ٻڌايو. آئون به ماٺ ڪري پنهنجي جاءِ تي ويٺي ٻڌندو رهيس. ”هڪڙو ننڍڙو هٽڙو اٿم. پائي پائي ڪري ڏهه سال بچائي پوءِ حج تي آيس. سائين يقين ڪريو حج بعد مون کي دڪان جي ڪمائيءَ ۾ ايڏي برڪت ٿي جو ٽن سالن ۾ مون وٽ ايترا پئسا گڏ ٿي ويا جو آئون ٻيو دفعو حج تي آيو آهيان. سائين هي سڀ قدرت طرفان آهي پروردگار جو ٿورائتو آهيان جنهن مون کي هي خوشيون ڏنيون آهن.“

هن ٿر جي ڳوناٽن جي ڳالهين ۾ ڪيڏو توڪل هو. هو ڪيڏو خوش هو. هن پنهنجي پوٽڙي کولي ان مان ٿوري دير اڳ ورهايل صوف ۽ جوس جا ڊبا ۽ ڪيڪ جو سلائيس ڪڍي اسان کي کائڻ لاءِ آفر ڪيو. ”ڏسو سائين ههڙي رڻ پٽ بيابان ۾ به رب پاڪ ههڙا مال وينو کارائي. اهڙا مال ته ڳوٺ گهر ۾ به نه ڏناسين“.

اڳئين ۽ وچين نماز سيني گڏجي تنبوءَ ۾ جماعت سان پڙهي. وچين نماز بعد آئون تنبوءَ جي آخري حصي ۾ وڃي وينس. اتي به ڪجهه سنڌي ڳوناٽا وينا هئا. منهنجي دل ڳالهائڻ لاءِ چاهيو ٿي پر سمجهيم پئي ته سخت ٿڪ ڪري ساڻن گهڻي دير ڳالهائي نه سگهندس ان ڪري اڙدو ۾ پڇيو مان ته ڪير آهيو ۽ هتي ڪهڙي وقت پهتائو. هو دادو پاسي جا هئا، بلڪ خيرپورناٿن شاهه جا. ”سائين اسان ٻارهين بجي ڌاري هتي عرفات جي ميدان تي پهچي ويا هئاسين.“ هنن به گاڏڙ ساڏڙ اڙدوءَ ۾ جواب ڏنو.

”ڪهڙي بس ۾ آيائو؟“ مون پڇيو مان.

”سائين اسان منیٰ کان پنڌ آياسين.“ هنن مان هڪ وراڻيو.

”پنڌ آيائو؟“ مون تعجب مان پڪ ڪئي.

”ها سائين بس هلندا آياسين فرحت وننداآياسين، تان جو اچي هتي نڪتاسين. هن واٽ جو ڪو پنڌ ماريندو ڇا“.

مون دل ئي دل ۾ هنن جي همت ۽ عشق کي داد ڏنو.

عرفات تي هرکو ڪجهه گهڙيون هيڏانهن هوڏانهن جي ڪنهن سان ڳالهه ڪري وري عبادت ۾ لڳي ويو ٿي. هر هڪ ڪجهه نه ڪجهه پڙهي رهيو هو. ڪو قرآن مجيد جي تلاوت ڪري رهيو هو ته ڪو تسبيح پڙهي رهيو هو. هر هڪ پنهنجو پاڻ کي رب پاڪ جي ويجهو محسوس ڪري رهيو هو. دلين تي هڪ عجيب خوف طاري هو. هي پلاريون گهڙيون، هر هڪ پنهنجي مالڪ کان دعا پنڻ، توبه زاري ڪرڻ ۽ گناهه بخشائڻ ۾ خرچ ڪرڻ چاهيون ٿي. هر هڪ پنهنجي زندگيءَ جي سنن برن ڪمن جي بئلنس شيٽ جو سوچي رهيو هو. هن گهڙي ۽ هن ڏينهن تي به ڪو نه سوچيندو ته ٻيو ڪڏهن سوچيندو. ۽ جتي نيڪ ماڻهو ئي اهو چئي هن دنيا ۾ قدم کڻن ٿا ته ڪتڻ ۽ ان سان گڏ ڪنبڻ جو مقام آهي. اتي اسان جهڙا گنهگار جن جو بقول شاهه لطيف جي "پڄرو پاپن جو چوٽيءَ تائين چور". رب پاڪ اڳيان اهو ئي عرض ڪري سگهن ٿا ته هو شل اسان تي رحم ڪري، ٻاجهه ڪري چو ته "عدل ڇٽان آئون، نه ڦيرو ڪج فضل جو" واري حساب ۾ ئي اسان جهڙن جي ڀلائي ٿي سگهي ٿي ۽ انهيءَ اميد تي ته الله وڏو ٻاجهارو آهي، هن جي رحمتن مان اميد نه لاهجي، هتي اچي گڏ ٿيا آهيون منهنجي سامهون ويٺل پنجاب جي هڪ ڳوناٽي مون کي عرفات تي سو سو دفعا پڙهڻ لاءِ ڪجهه دعائون ڏنيون، پني جي مٿان انگريزيءَ ۾ Arfat Prayer (Wazifa)لکيل هو ۽ هينان هي دعائون، سورون، ڪلما ۽ درود ۽ آيتون لکيل هيون:

- لبيڪ اللهم لبيڪ...
- چوٿون ڪلمون
- قل هُوَ الله...
- درود شريف ابراهيمي
- استغفر الله الذي لااِلهَ اِلا هُوالحَي القَيُوم وَاتُوابُ اَلِيهِ
- پهريون ڪلمون
- لااله الا انت.....
- حسبنا الله ونعم الوڪيل
- فاالله خير حافظا...
- حسبي الله...

هر هڪ وٽ دعائن جا پنا هئا يا زباني پڙهي رهيا هئا. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي ته ڪوبه ڏينهن اهڙو ناهي جنهن تي الله تعاليٰ عرفه جي ڏينهن کان گهڻن ٻانهن کي جهنم جي باهه کان نجات ڏيندو هجي. يعني جيتري گهڻي تعداد ۾ عرفه (عرفات) جي ڏينهن تي گنهگارن کي نجات بخشي وجي ٿي ايتري وڏي تعداد ۾ ڪنهن به ٻئي ڏينهن تي نٿي ٿئي.

اسلام جو پنجون رڪن حج آهي، جيڪو 9 هجري ۾ فرض ٿيو. ان ئي سال نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن حضرت ابوبڪر صديق رضه کي امير الحج مقرر ڪيو ۽ ٽي سو صحابي سڳورن کي ساڻن گڏ موڪليو، جيئن انهن کي حج ڪرائين. ان بعد بيت الله ۾ مشرڪين جي وڃڻ تي بندش وڌي وئي ۽ اگهاڙو ٿي طواف ڪرڻ تي پڻ سختيءَ سان منع ڪئي وئي.

ڏهين10 هجريءَ ۾ رسول اڪرم ﷺ جن چوڏهن هزار (يا شايد وڌيڪ) صحابي سڳورا پاڻ سان وٺي حج جي سفر تي روانا ٿيا. حضور اڪرم ﷺ جن جو هي پهريون ۽ آخري حج هو. هن حج کي ان ڪري حجة الوداع سڏين ٿا. حج سڄي زندگي ۾ فقط هڪ دفعو فرض آهي.

حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اسان کي خطبو ڏنو ۽ فرمايو: ”اي انسانو! توهان تي حج فرض ڪيو ويو آهي ان ڪري حج ڪريو“.

هڪ ماڻهوءَ پڇيو: ”يا رسول اللهﷺ! ڇا هر سال حج ڪريون؟“ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن خاموش رهيا. ايتريقدر جو ان صحابي ٽي دفعا اهو ئي سوال ڪيو. ان تي پاڻ ﷺ فرمايو: ”جيڪڏهن آئون ها چئي ڏيان ها تہ توهان تي هر سال حج ڪرڻ فرض ٿي وڃي ها ۽ توهان نہ ڪري سگهو ها. وري فرمايو، جيڪا شيءِ توهان کي ٻڌائڻ ڇڏي ڏيان ٿو ان بابت توهان مون کان سوال نہ ڪندا ڪريو. توهان کان اڳ جا ماڻهو پنهنجن نبين کان گهڻا سوال ڪرڻ ۽ انهن سان اختلاف ڪرڻ ڪري ختم ٿي ويا. بهرحال آئون جنهن شيءِ کي توهان کي حڪم ڏيان تہ ان تي پنهنجي استطاعت موجب عمل ڪريو ۽ جڏهن ڪنهن کي منع ڪريان تہ ڇڏي ڏيو (يعني سوال جواب نہ ڪندا ڪريو). (ان کي مسلم روايت ڪيو.)

بهرحال هجرت جي نائين سال يعني 613ع ۾ حج جي موقعي تي بت پرستن بہ مسلمانن سان گڏوگڏ ڪعبي جي زيارت ڪئي پر اهو سال بت پرستن لاءِ خانہ ڪعبي جي طواف جو آخري سال ثابت ٿيو جو ان ڪانپوءِ الله تعاليٰ جي طرفان مشرڪين لاءِ خانہ ڪعبي جي حدن ۾ داخل ٿيڻ تي پابندي ٿي وئي. خدا جو هي حڪم قرآن مجيد جي نائين سورت جي 28 آيت ۾ هنن لفظن ۾ موجود آهي:

ترجمو: ”اي ايمان وارو! سمجهي وجو تہ مشرڪ نجس (ناپاڪ) آهن ۽ اڄ کان انهن کي مسجد الحرام ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ناهي“.

هجرت جي ڏهين سال يعني جنهن سال کان مشرڪين لاءِ خانہ ڪعبہ جي زيارت ممنوع قرار ڏني وئي، پيغمبر اسلام صلي الله عليہ وسلم حج جي موقعي تي مديني کان مڪي روانا ٿيا. پاڻ حج جا سمورا ارڪان سرانجام ڏنا. احرام ٻڌو، ست دفعا خانہ ڪعبہ جو طواف ڪيو ۽ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي جو عمل بہ انجام ڏنو. بهرحال پيغمبر اسلام ذوالحج جي نائين تاريخ تي حج جي غرض سان آيل سيني مسلمانن سان هن عرفات جي ميدان تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي (خطبو ڏنو) هي اهو خطبو آهي جنهن کي اسين خطبة الوداع چئون ٿا. اهو خطبو هجري سال ڏهين ۾ ۽ عيسوي سال 632ع ۾ هن ميدان تي ڏنو ويو هو. اڄ ان کي 1410 هجري سال (۽ 1368 عيسوي سال) گذري چڪا آهن.

ماڻهن جي هجوم اڳيان حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو: ”اي انسانو! منهنجي ڳالهہ ٻڌو. بيشڪ آئون نٿو ڄاڻان. تي سگهي ٿو هن سال ڪانپوءِ هن هنڌ تي منهنجي توهان سان وري ملاقات نہ ٿئي.“

پاڻ ماڻهن کي پڇيائون: ”توهان کي خبر آهي تہ هي مهينو ڪهڙو مهينو آهي؟“

سيني ماڻهن ملي هڪ جواب ڏنو: ”هي ذوالحج جو مهينو آهي جيڪو حرمت وارن مهينن مان هڪ آهي“.

پيغمبر اسلام جن معلوم ڪرڻ چاهيو: ”ڇا توهان ڄاڻو ٿا تہ هيءَ سرزمين ڪهڙي سرزمين آهي؟“

حاضرين هڪ ئي آواز ۾ چيو: ”هيءَ عرفات جي مقدس سرزمين آهي يا رسول اللهﷺ.“

ان بعد حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو، ”اي انسانو! توهان جو رت، توهان جو مال، توهان جي عزت هڪ ٻئي لاءِ حرام آهن. جلد ئي توهان پنهنجي رب سان ملندائو. پوءِ هو توهان کان توهان جي اعمالن متعلق پڇندو“.

”اي انسانو! آئون جيڪي ڪجهہ چئي رهيو آهيان ان تي عمل ڪريو ۽ منهنجي توهان کي نصيحت آهي تہ جنهن وٽ بہ ڪا امانت آهي تہ هو ان کي اصلي حالت ۾ موٽائي ڇڏي ۽ ڪڏهن بہ امانت ۾ خيانت نہ ڪري. وياج کان پرهيز ڪريو، ٻئي جو خون نہ ڪريو.... پنهنجين زالن متعلق الله کان ڊڄو. خدا جي نالي جي ذميواريءَ سان توهان انهن کي زال ناهيو آهي ۽ خدا جي ڪلام سان توهان هنن جو جسم پاڻ لاءِ حلال ڪيو آهي...

“مسلمانو! نہ تہ مون کان پوءِ پيغمبر آهي ۽ نہ ڪا جديد امت پيدا ٿيڻ واري آهي. چڱي طرح ٻڌي ڇڏيو تہ پنهنجي پروردگار جي عبادت ڪريو ۽ پنج وقت نماز ادا ڪريو. سڄي سال ۾ هڪ مهينو روزا رکو. پنهنجي مال جي زڪوات نهايت خوش دليءَ سان ڏيندا ڪريو. خانہ خدا جو حج ڪريو....

“مسلمانو! قيامت جي ڏينهن توهان کان مون بابت پڇيو ويندو تہ آيا آئون پيغمبر جي حيثيت ۾پنهنجو فرض ادا ڪري سگهيس يا نہ؟”

سڀني چيو تہ اسين ان جي شاهدي ٿا ڏيون تہ توهان الله جا حڪم اسان تائين پهچايا. توهان رسالت ۽ نبوت جو حق ادا ڪيو. توهان اسان کي سُني ۽ خراب جي چڱي طرح ڄاڻ ڪرائي.

ان وقت نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي ڏسڻي (شاهد) آڱر کي آسمان ڏي کڻي ۽ پوءِ ماڻهن ڏي جهڪائيندي چيو: “اي خدا! تون ئي ٻڌ. تنهنجا ٻانها ڇا پيا چون. اي خدا! شاهد ٿجانءِ تہ هي ماڻهو ڪهڙي شاهدي پيا ڏين. اي خداوند! شاهد ٿجانءِ”.

پوءِ پاڻ ﷺ فرمايائون تہ، “توهان هي سڀ ڳالهيون انهن ماڻهن تائين پهچائي ڇڏجو جيڪي هن وقت هتي موجود نہ آهن”.

نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن خطبي مان واندا ٿيا تہ ان جاءِ تي هيءَ آيت لٿي:

ترجمو: “اڄ مون تنهنجي دين کي تنهنجي لاءِ ڪامل ڪري ڇڏيو ۽ توتي پنهنجي نعمت پوري ڪئي ۽ مون تولاءِ اسلام جو دين پسند فرمايو:”

ان ڪانپوءِ حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي اٺڻي تان لٿا ۽ حضرت بلال رضہ جن کي ٻانگ ڏيڻ لاءِ چيائون. اذان ڏني وئي ۽ پاڻ ﷺ نماز ظهر ۽ ٻہ رڪعتون فرض پڙهائي. نماز کان فارغ ٿي قصواءِ (حضور صہ جن جي اٺڻي) تي سوار ٿيا ۽ ميدان عرفات ۾ آيا جتي جبل جي قدمن وٽ پٿرن تي ڪعبي طرف منهن مبارڪ ڪري دعا و زاري شروع ڪئي ايستائين جو سج غروب ٿي ويو.

سج لهڻ ڪانپوءِ پاڻ مزدلفہ ڏي روانا ٿيا. ساڻن گڏ قصوا تي پنيان اسامہ بن زيد رضہ سوار هو. پاڻ اٺڻي جي مهار ڇڪي رکي هئي، جيئن هوءَ آهستي آهستي هلي. رستي تي پاڻ فرمايائون:

“اي مسلمانو! آهستي هلو. ڊوڙڻ صحيح ناهي ۽ پيچ ڊڪ پرهيزگاري جي خلاف آهي، “رستي تي ڪٿي ميدان آيو ٿي تہ اٺڻي جي واڳ ڍري ڪئي ٿي جيئن هوءَ ٿورو تکو هلي سگهي ۽ پاڻ تلبيه پڙهي ٿي: لبيڪ اللهم لبيڪ...

حاضر آهيان، اي الله حاضر آهيان،

حاضر آهيان تنهنجو ڪو شريڪ ناهي، حاضر آهيان

هر قسم جي تعريف ۽ نعمت تنهنجي لاءِ آهي

۽ ملڪ بہ تنهنجو ئي آهي، تنهنجو ڪو شريڪ ناهي.

۽ اڄ اسان حج تي وينداڙ، ان کي Follow ڪريون ٿا، جيڪو الله جي رسول ﷺ پنهنجي حج (حجة الوداع) دوران ڪيو ۽ پنهنجي امت کي سمجهايو. منىٰ ۾ رهڻ، عرفات جي ميدان ۾ پهچڻ، ان بعد رات کليئي آسمان هيٺ مزدلفہ ۾ گذارڻ، مزدلفہ مان فجر بعد وري منىٰ ڏي روانو ٿيڻ، وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ، قرباني ڪرڻ... حضور اڪرم ﷺ جن هڪ هڪ ڳالهہ ڪري ڏيکاري تہ حج ڪيئن ڪرڻ کپي. ساڻن گڏ جيڪي صحابي (ڪي چوڏهن هزار چون ٿا ڪي چوويهہ ۽ ڪي انهن جو تعداد لک کان وڌيڪ لکن ٿا.) حج ڪري رهيا هئا، کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي آئي تہ حضور ﷺ جن کان پڇي ٿي ۽ ظاهر آهي حضور ﷺ جن اهو ڪجهہ ڪندا رهيا جيڪو الله تعالىٰ پنهنجن ٻندن کان چاهيو ٿي اڄ چوڏهن سو کن سال گذرڻ بعد بہ حج جو اهو ئي طريقو هلندو اچي. پلي ڪٿي اڳ ۾ ٿورا ماڻهو حج تي هوندا هئا، مشينون ايجاد نہ ٿيون هيون. ماڻهو انن تي سفر ڪندا هئا. اڄ

ٽيهارو لک ماڻهن جو حج تي پهچي ٿو ۽ بسين ڪارين ۾ سفر ڪن ٿا پر حج جو اهو ئي طريقو آهي تہ منیٰ بعد نائين ذوالحج تي عرفات تي اچڻو آهي. ظهر ۽ عصر جي نماز عرفات ۾ پڙهڻي آهي. جتان پوءِ سج لٿي ڪانپوءِ مزدلفہ لاءِ نڪرڻو آهي پر مغرب جي نماز پڙهي نڪرڻ بدران مغرب ۽ عشاءَ جي نماز گڏي مزدلفہ ۾ پڙهڻي آهي. جتان پوءِ ڏهين ذوالحج جي منیٰ موٽڻو آهي ۽ وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ بعد قرباني ڪرڻي آهي. جنهن بعد مٿي جا وار ڪوڙائي احرام لاهي عام ڪپڙن ۾ طواف ڪرڻو آهي... وغيره وغيره.

۽ هاڻ اسان کي بہ عرفات جي ميدان ۾ شام ٿي وئي هئي. سج لهڻ کان ٿورو اڳ ۾ سڀ اٿي بيناسين ۽ قبلي طرف منهن ڪري دعا گهريسين. اسان جي گروپ جي حافظ سعيد ٻڪ ڪٽي دعا گهري. ان پويان اسان بہ ٻڪ ڪنيا. سج لهڻ بعد ٻاهر نڪري بسين ۾ جاءِ هٿ ڪئيسين اسان جي سڄي گروپ کي هڪ يڪي بس ملي وئي. ڪجهہ حاجين اسان جي گروپ جي حاجين کي چڙهڻ کان منع ڪري پاڻ چڙهڻ چاهيو ٿي. ان تي ٻنهي پاسن کان هڪ ٻہ ٽکا ٿي ويا ۽ هڪ ٻئي تي چڙ ڪرڻ لڳا. اسان جي گروپ ليڊر جهيڙو ٽاريندي چيو تہ ڪجهہ خيال ڪريو، شيطان جي ڳالهہ نہ مڃيو. اتي جو اتي گناهہ بخشائي وري شيطاني ڪم ٿا ڪريو. شيطان توهان کي نيڪ سمجهي ضرور ڏاڍو هٽندو ۽ توهان جون نيڪيون برباد ڪندو، ان ڪري ڏاها ٿيو ۽ ڪنهن سان بہ تکو ٿي نہ ڳالهايو.

بس ۾ ويني ويني وري دعائون پڙهيون ويون، هڪ ٻئي کي حج جي مبارڪ ڏني وئي. هڪ ٻئي کان گناهہ بخشرائڻ جو سلسلو هلندو رهيو. ڪلاڪ ڪن بعد بسون چرڻ لڳيون ۽ اڇي رنگ جي چادر (احرام) ۾ ملبوس ٽيهہ لک حاجي عرفات جي ميدان کان هڪ ئي وقت شفٽ ٿي مزدلفہ ڏي وڌڻ لڳا. مزدلفہ منیٰ ۽ عرفات جي وچ ۾ آهي پر هميشهہ وانگر هن ڀيري بہ ٽرئفڪ ايتري هئي جو اسان کي پندرهن منٽن جي فاصلي طئہ ڪرڻ ۾ پورا چار ڪلاڪ لڳا ۽ رات جو ٻارهين بجي مزدلفہ ۾ پهتاسين ۽ اهو بہ ان ڪري جو اسان شروع جي بسين ۾ هئاسين. ڪيتريون ئي بسيون ٻي بجي تائين اينديون رهيون.

مزدلفہ ۾ اسان جي بس جلدي جلدي پهتي هئي تہ بہ اسان کان اڳ هزارين بسيون پهچي چڪيون هيون ۽ پري پري تائين ڪو زمين پور نہ پئي مليو، جنهن تي سمهڻ لاءِ ڪٽي چادر وڇائجي. جيتوڻيڪ سيني کي هڪ ئي ڊريس سفيد احرام ٻڌل هو پر شڪل شبيهہ جسم جي رنگ ۽ قدبت ۾ ڪيترا سڃاڻپ ۾ آيا پئي تہ هي آفريڪا جي ملڪن جا شيدي آهن، هي انڊونيشي، ملائيشي، ٿائي ۽ فلپين جا آهن. هي ايراني آهن هي ترڪ آهن. هڪ هنڌ برما جا حاجي وينل هئا، اتي ٿوري جاءِ ملي پر اها ايتري نہ هئي جو اسان جو سڄو گروپ (جنهن ۾ 25 کن مرد ۽ 24 عورتون هيون) اتي ترسي سگهون. بهرحال چادرون وڇائي عورتن کي اتي جاءِ ٺاهي ڏنيسين ۽ اسان مرد ڪجهہ قدم اڳتي جتي مالي ۽ موريطانيا ملڪن جا شيدي مرد ۽ عورتون ڇڙوڇڙ هيڏانهن هوڏانهن ليٽيا پيا هئا، تن کي منٿ ميڙ ڪري هڪ قطار ۾ سمهڻ جو چئي اسان پنهنجي تڏا توئريون وڇائڻ جي جاءِ ٺاهي. باٿ روم ويجهي هئي، جنهن جي هر هڪ نلڪي ۽ غلسخاني اڳيان ڊگهي قطار هئي پر آخر هر هڪ جو وار اچي ويو ٿي. وضو ڪري مغرب ۽ عشاءَ نمازن لاءِ جماعت ڪئيسين، ان بعد بک کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻچيل سچيل بسڪٽ ۽ پاپا ڪيي کاڌاسين. اچڻ وقت ڪجهہ حبشي عورتون ٽانڊن تي ڪڪڙيون پچائي پيٽ سان گڏ وڪڻي رهيون هيون. پر نماز بعد نظر ڪئيسين تہ هنن جي هر شيءَ وڪامي چڪي هئي ۽ هاڻ ٻاهيون وسائي ديڳڙا ٻڌي رهيون هيون.ٿي سگهي ٿو هي عورتون سعودي عرب جون رهاڪو هجن يا حج لاءِ آيل هجن ۽ چار پئسا ڪمائڻ لاءِ هي پورهيو ڪري رهيون هجن. جيئن صبح جو هڪ عورت پنهنجن ٻن جوان پٽن سان گڏ چانهن ٺاهي وڪڻي رهي هئي. هن ٻڌايو تہ هو انن سالن کان سعودي عرب ۾ رهن ٿا. اصل برما جا آهن جتي مسلمانن سان ظلم ٿيڻ تي هو سعودي عرب هليا آيا. پاڻ ۽ سندس مڙس هڪ عرب جي گهر ۾ پورهيو ڪن ٿا ۽ ٻار جدي جي مڪاني اسڪول ۾ پڙهن. پاڻ بہ جدي ۾ رهن ٿا پر هي حج وارا چار پنج ڏينهن هتي مزدلفہ، منیٰ ۽ عرفات ۾ چانهن بسڪٽ وڪڻي چار پئسا ڪمائين ٿا.

بهرحال هن قسم جا ننڍا ننڍا دڪان ۽ هوٽلون حاجين لاءِ وڏي غنيمت آهي ۽ صبح ساڻ گرم گرم چانهن پيئڻ کي اسان وڏي نعمت ۽ عياشي سمجهي، پر رات جو کائڻ لاءِ ڪا خاص شيءَ نہ بچي هئي. الله ڀلو ڪري شميم صاحب جو جيڪو پاڻ سان ڪوفتن جي ٻوڙ جا ٽي چار پيڪ ٽيل دٻا ڪراچيءَ کان کڻي آيو هو. مڪي ۾ تہ روز

رڌ پچاءُ تي هليو سو ڪنهن نٿي ڪاڏا پر هتي هن جيئن ئي ٿيلهي مان ٻاهر ڪڍيا ته سڀ لڙي ويا. ڊٻا ڪولڻ لاءِ ڪو اوپنر نه هو پر مڙيئي چريءَ سان ڊٻن جي مٿين حصي جي اڌ کي چيري منجهائنس ڪوفتا ڪڍياسين ۽ عرفات مان مليل ڊبل روٽيءَ سان پنجاهه جڻن چار ڊٻن جو ٻوڙ کاڌو. مڙيئي گرانهن اڌ هر هڪ کي نصيب ٿيو، باقي آڱريون چٽي خوش ٿياسين. ڪوفتن جو نريل ٻوڙ هو جنهن جو گيهه ٻه ڄميو پيو هو پر ٻک ۾ ان گرانهن ٻن جو مزو اڄ به نٿو وسري.

مزدلفه ۾ ڪو تنبو ناهي. کليو ميدان آهي سو به لسو پٽ نه آهي پر ڪڙ ڪبڙ وارو آهي ـ جيڪو چوڏاري پٿرن سان پريو پيو آهي. پوءِ جنهن کي جتي جاءِ ملي ٿي اتي هو رات جو باقي پهر گذاري ٿو. ايندڙ ڏينهن تي منيٰ ۾ شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ اسان هتان ستر اسي کن چڻن جيڏيون پٿريون چونڊي ٿيلهي ۾ رکي پوءِ سمهي رهياسين. پيٽارو ۽ جامشوري جهڙي ٿڌي هير پئي لڳي. هونءَ به وارياسن رڻ پٽن تي ڏينهن جيترو گرم ٿئي ٿو. رات اوترو ئي ٿڌي ٿئي ٿي. ليٽڻ سان اک لڳي وئي. صبح جو پير ۾ ستل حافظ عدنان نماز تي اٿڻ لاءِ دانهون ڪيون ته اٿڻ ته دل نٿي چيو. دل چاهيو ٿي ته اهڙي گهاٽي ننڊ مان اٿجي ئي نه. ذري برابر به احساس نه ٿي رهيو هو ته رڻ پٽ ۾ چادر وڇائي ستا پيا آهيون ۽ هينان ايترا ڇهنبائتا پٿر آهن جو پاسو ورائيندي به چڀهن ٿا. بهرحال غسلخاني لاءِ ڊگهي قطار کان بچڻ لاءِ ٽپ ڏئي اتي ڪڙا ٿياسين. وضو ڪري گروپ جي ٻين حاجين جو انتظار ڪرڻ لڳاسين ته جماعت سان فجر نماز پڙهي وجي. جيسين ٻيا اچن تيسين گرم گرم چانهن پيئڻ لڳاسين. جنهن جو ذڪر مٿي ڪري چڪو آهيان.

مزدلفه ۾ فجر نماز پڙهڻ بعد سڀ اتي بيناسين ۽ دعا لاءِ ٻڪ ڪنياسين. حافظ سعيد دعا پڙهي ۽ اسان ان پويان آمين ثم آمين چوندا رهياسين. ان بعد سامان پئڪ ڪري منيٰ ڏي روانا ٿياسين. هي ڏهين ذوالحج جو ڏينهن هو، جنهن ڏينهن تي وڏي شيطان کي پٿريون هنيون وڃن ٿيون، ان بعد قرباني ڪئي وڃي ٿي. قربانيءَ بعد وار ڪوڙائي احرام لاهي عام ڪپڙا پائي پوءِ طواف ۽ سعي ڪيو وڃي ٿو.

هڪ دفعو وري سڀ حاجي هڪ ئي وقت هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ، يعني مزدلفه کان منيٰ ڏي روانا ٿيڻ لڳا. ٿيهه لک کن حاجي فجر نماز بعد منيٰ ڏي پيرين پنڌ ۽ بسين ۾ وڃڻ لڳا. ماڻهن جو درياهه هو جو وهي رهيو هو. رستي جي وچ تان هڪ ٻئي پويان بسيون وڏي رهيون هيون ۽ بسين جي ٻنهي پاسي، اڳيان پويان ماڻهن جون قطارون هيون جي پئي اڳيان وڌيون. بسين کان تکا پيادا وڌي رهيا هئا. چڱو جو اسان بس نه ڪئي. منيٰ جي اڌ ڏاري جيئن ئي اسان ٽي چار ماڻهو پلجي ويا پر اهي سڀ اهي هئا جيڪي ٻه چار حج ڪري چڪا هئا ۽ هن سڄي علائقي کان واقف هئا. شايد ان ڪري بي خيالي ۽ آرام سان هلڻ ڪري هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويا پر پوءِ هنن کي پنهنجو تنبو نظر اچي ويو ۽ آخرڪار پهچي ويا. باقي اسان جهڙن نون جون اکيون گروپ جي ماڻهن ۾ هيون يا هٿ سندن احرامن، ڪپڙن ۾ ڪتل رهيا ٿي. گروپ جو اهو فائدو رهيو ٿي ته رش يا اوچتي ريلي اچڻ ۾ هڪڙا ماڻهو اڳيان پويان ٿي ويا ٿي ته پنجاهه جڻن مان ڪي ٻيا اکين اڳيان اچي ويا ٿي، جن ۾ نظرون ڪپائي اڳتي وڌي رهيا هئاسين.

ڪيترا ويچارا خاص ڪري پوڙها مرد، پوڙهيون عورتون ۽ ڳوناٽا پنهنجن مائٽن کان وڇڙي ويا ٿي ۽ پوءِ هنن جڏهن پنهنجن ساٿين کي دانهون ڪري سڏيو ٿي ته اسان سيني کي ڌک ٿيو ٿي ۽ دعا ڪئي سين ته شل رب پاڪ کين جلد ملائي، ڇو جو منيٰ توڙي عرفات تي سڀ تنبو هڪ جهڙا هجڻ ڪري هوشيار ۽ سياڻا به ڪڏهن ڪڏهن توائي ٿيو وڃن. عرفات ۾ اسان جي گروپ جو هڪ ساٿي عبدالمتين صاحب جيڪو سڀ ۾ پوڙهو ۽ ڪمزور هو، سو بس مان لهڻ وقت رش ۾ اڳيان پويان ٿي ويو، ان وقت ته ڪنهن کي خبر نه پيئي، اسان جو تنبو، ڪجهه پريرو هو، جيڪو پچائي پچائي جڏهن پهتاسين ۽ پگهر سڪائي ساهه پٽيوسين ته خبر پيئي ته عبدالمتين صاحب ته آهي ڪو نه. هڪ رش، ڏينهن تتل، هرهڪ ٿڪل ۽ عبدالمتين ته ويتر بيمار ۽ ڪمزور، هرهڪ کي اهو فڪر ته ويچارو الائي ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ هوندو. رکي رکي ٻه ٻه ڄڻا ڳولا ۾ نڪتا ٿي پر اهڙي رش ۾ الله ٻاجهه ڪري بندي جي جاءِ نه آهي. ٻن ڪلاڪن بعد اوچتو پاڻ اچي حاضر ٿيو، اسان جا جوان ساٿي کيس ڳولهي نه سگهيا، هن پاڻ اسانکي ڳولي لڌو.

عرفات ۾ ئي عرب پوليس وارو هڪ ٻار کي گڏ وني سندس مائٽن جي ڳولا ڪري رهيو هو. مزدلفه ۾ رات جو هڪ ڏيڍ بجي ڌاري ستاسين ٿي ته پري کان ڪنهن پوڙهي ترڪ عورت جون غمگين آهون، رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون. هوءَ ويجهو ايندي رهي ۽ اسان وٽان ٿيندي، ٻئي پاسي ڏي ويندي رهي. ساڻس گڏ عرب پوليس وارو ڪيس دلداري ۽ آٿت ڏيندو رهيو پر هو هينئين ڦاڙ رڙيون ڪري پنهنجي مڙس کي ترڪي زبان ۾ سڏيندي رهي. هوءَ ڪافي پري کان وجي نڪتي پر سندس سڏ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. منيٰ ۾ ئي هڪ پوڙهو ۽ ڪمزور ايراني پنهنجن ساٿين کان جدا ٿي ويو ۽ اڪيلي هجڻ ڪري ۽ ان احساس ڪري ته هاڻ ڇا ٿيندو، هن ويچاري کان ڳالهايو نه پئي ٿيو ۽ اهڙي حالت ۾ هرهڪ ٻئي جي ڏک کي پنهنجو سمجهي ٿو پر ساڳي وقت هرهڪ مجبور به آهي ته هڪ اهڙي ماڻهو کي جنهن کي اسان ڏنو به نه آهي، ان کي ڪيئن ڳولجي. بهرحال سعودي حڪومت ۽ پاڪستان، هندستان، بنگلاديش ۽ ايران جهڙن ملڪن طرفان ڪيترن هنڌن تي اهڙا گهر ناهيا ويا آهن، جتي اهڙا گم ٿي ويل حاجي پهچي پنهنجن ساٿين جو انتظار ڪن. اها ٻي ڳالهه آهي ته اهڙين حالتن ۾ اهڙن پوڙهن ۽ ڪمزور ماڻهن کي پريشاني جي حالت ۾ سخت گرمي ۽ تنهن اس ۾ اهي گهر ۽ آفيسون ڳولڻ ۾ به ڪافي تڪليف ٿئي ٿي ۽ ساڳي وقت ڪيترا اهڙا نيڪ ماڻهو به آهن، جيڪي پنهنجا ڪم به ڇڏي اهڙن ضرورتمندن جي مدد ڪن ٿا ۽ ڪين دڳ پهچائين ٿا.

اسان پنهنجي تنبوءَ ۾ اچي آرام ڪيو ۽ چانهن ناهي پيتي سين. فيروز ۽ سندس پٽ بلال ويا، جيڪي رش مان ٿيندا، البيڪ فاسٽ فوڊ اسٽور تان هرهڪ لاءِ فراءِ ٿيل چڪن جا دٻا وني آيا. ظهر نماز هڪ بجي ڌاري پڙهي ماني کائي پوءِ ٻي بجي ڌاري وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ نڪتاسين. عورتن کي وچ ۾ هلڻ ڏنو ويو. اڳيان پويان مرد ٿياسين. ڪتي گهٽي رش يا ٿيلها (ماڻهن جا ريلا) اچڻ جو خوف ٿيو ٿي ته پاسي تي ٿي بيهي رهياسين ٿي ۽ پوءِ شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ به به ڄڻا ٿي شيطان واري ٿنڀي (جمري) جي ويجهو اچي پٿريون هنيوسين ٿي.

منيٰ ۾ شيطان کي پٿريون هڻڻ بعد پروگرام مطابق ڇهه ڄڻا قرباني لاءِ ٽئڪسي ۾ روانا ٿيا ۽ باقي اسين بس ذريعي رهائش تي مڪي پهتاسين.

قرباني لاءِ هتي جون بئنڪون 340 ريال وني توهان کي رسيد ۽ ٽائيم ڏين ٿيون ته ان ٽائيم تي توهان جي قرباني ڪنداسين. جنهن مقرر ڪيل وقت ڪانپوءِ توهان مٿو ڪوڙائي احرام لاهي سگهو ٿا. ان طريقي جي هتي جا مولوي به فتويٰ ڏين ٿا، جيڪا هتي جي اخبار عرب نيوز ۾ به آئي هئي ته توهان جي قرباني ٿيو وجي ۽ جوابداري ان بئنڪ وارن جي رهي ٿي، پر اسان جي گروپ جي ليڊر ۽ ٻين پراڻن حاجين قرباني پاڻ ڪرڻ چاهي ٿي، جيڪو طريقو هو گذريل سالن ۾ به ڪندا آيا هئا. هنن هڪ عرب سڃاتو ٿي، جيڪو حج کان هفتو ڪن اڳ ٻڪريون ذبح ڪرڻ وارن (اسان جي حاجين) اسان کان پئسا اڳواٽ وني ڇڏيا هئا، جيڪي پٿريون هڻڻ بعد پاڻ سان ڪٺي ان عرب جي پهچي جاءِ تي پهچي ويا ۽ پنهنجون ۽ اسان ٻاران ٻڪريون ذبح ڪري موبائيل فون ذريعي اسان کي مڪي اطلاع ڪيو ٿي ته هاڻ فلاڻي فلاڻي جي قرباني ٿي وئي. ان بعد مٿي جا وار ڪوڙائي احرام کان آجا ٿياسين ۽ وهنجي شلوار قميص پائي طواف لاءِ حرم پاڪ ڏي روانا ٿياسين. هي طواف زيارت سڏجي ٿو. طواف بعد سعي ڪري پنهنجي جاءِ تي (مڪي آياسين)، ان وچ ۾ مغرب ۽ عشاءِ جون نمازون پڻ پڙهيون سين. گهر (مڪي واري ۾) پهچي ماني کاڌي سين، جيڪا ان رات پاڻ رڌڻ بدران هوٽل تان گهرائي هئي سين. قرباني ڪرڻ وارو ٽولو به شام جو ئي اچي شامل ٿيو هو. رات جو يارهين بجي ڌاري بس گهرائي سين ۽ مڪي واري مسواڙي جاءِ کي تالا هڻي منيٰ ۾ پنهنجي تنبوءَ ۾ اچي نڪتاسين، جتي اجا به ڏينهن (يارهين ۽ ٻارهين ذوالحج) گذارڻا هئا ۽ روزانو ٽنهي شيطانن کي پٿريون هڻڻيون هيون. پهرين ۽ هاڻ مڪي بعد، منيٰ اچڻ ۾ اهو فرق هو جو پهرين احرام ۾ هئاسين ۽ هاڻ سٽڻ قميص ۾.

منيٰ ۾ اسان واري مڪتب نمبر 9 جي تنبن ۾ گهڻي ڀاڱي پنجاب پاسي جا حاجي هئا، ڪجهه ڪراچي جا به نظر آيا ٿي. هڪ کي ٻئي سان سنڌي ۾ ڳالهائيندو، ٻڌي پڇيومانس ته ٻڌائين ته هو ڏيپلي جو قاضي آهي. منهنجي عمر جو ٿيندو، سنڌ حڪومت جي ڪنهن کاتي ۾ ڊائريڪٽر يا ڊائريڪٽر جنرل آهي، مون پنهنجي ڏيپلي جي ڪلاس

ميٺ بشير دين ميمڻ، محمد موسيٰ ميمڻ، نواز ميمڻ ۽ عبدالرحمان جو پڇيومانس، جن کي چڱي طرح سڃاتائين ٿي. هن ٻڌايو تہ اندروني سنڌ جا حاجي 18 نمبر مڪتب ۾ آهن، جيڪو ہ ٿي هزار تنبو لتاڙي ميل، ڏيڍ بعد مزدلفہ وٽ آهي. مون پنهنجي ڳوٺ جي حاجين سان ملڻ چاهيو ٿي، جن سان پوءِ مڪي ۾ آخري ٻن ڏينهن ۾ ملاقات ٿي هئي، جنهن جو احوال شروع ۾ لکي چڪو آهيان ۽ ڪئپٽن رشيد ابڙو پڻ ان مڪتب ۾هو پر ان سان پوءِ مديني ۾ ملاقات ٿي. اسان ہ آخري ڏينهن تي، جيتوڻيڪ هڪ گهٽي ۾ سندس هوٽل هئي تہ ٻي گهٽي ۾ اسان جي منيٰ کان مڪي موٽڻ وقت رستي تي هلندي ماڻهن جي انبوهہ ۾ ڪنهن کي سنڌي ڳالهائيندو ٻڌي لوٽو ڦيريم تہ هڪ ٽيهارو ورهين جو همراهہ زال سان گڏ پئي ويو، منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين تہ هن جو نالو الطاف شاهہ آهي ۽ حيدرآباد ۾ ٽيليفون کاتي ۾ آهي. کانئس ہ مون پنهنجي لاپتا ٽيل ڪلاس ميٽ ۽ دوست شبير لغاري جو پڇيو، جيڪو پڻ ٽيليفون کاتي ۾ ڪنهن مٿانهين پوسٽ تي آهي.

منيٰ جا هي ہ ڏينهن (يارهين ۽ ٻارهين ذوالحج وارا) ڪافي آرام ۾ گذريا. ايئر ڪنڊيشنڊ تنبو ۾ غاليچن تي ڪنڌ هيٺان ٽيلهو رکي ليٽيا پيا هوندا هئاسين. نمازون پڙهڻ ۽ شيطان کي پٿريون هڻڻ ئي اهم ڪم هوندو هو. يارهين تاريخ شام جو چئين پنجين بجي ڌاري سڀ گڏجي شيطان کي پٿريون هڻڻ وياسين. رش ڪري پنڌ ۾ ڪلاڪ کن لڳي ويو ۽ اهڙو هڪ ٻيو ڪلاڪ پٿريون هڻڻ ۾، جو هڪ هڪ شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ پهرين ان جي ويجهو پهچي، پوءِ ٻن ٻن جي ٽولن ۾ اڳيان پرسان وجي پٿريون هڻي وري پنهنجي ٽولي سان اچي بيناسين ٿي ۽ جڏهن سڀ آجا ٿيا ٿي تہ پوءِ ٻئي شيطان ڏي وڌياسين ٿي ۽ پوءِ ٽئي کي پٿريون هڻڻ بعد وري واپس پنهنجي تنبو ۾ آياسين.

ٻئي ڏينهن يعني ٻارهين ذوالحج تي ساڳي وقت شام جوجڏهن پٿريون هڻڻ لاءِ نڪتاسين تہ پنهنجو سامان ہ پاڻ سان کڻي هلياسين، جيڪو شيطان (جمرن) وٽ رکي پٿريون هڻڻ جو ڪم لاهي، پوءِ اتان ئي مڪي ڏي روانا ٿياسين. اسان مان ڪجهہ مڪي ڏي پنڌ هليا ٿي ۽ ڪجهہ بس ۾ پر پنڌ ويندڙن جو ہ ان وقت ايڏو تعداد هو جو هلڻ ڪو سولو نہ پئي لڳو. ان ڪري هرهڪ بس ۾ چڙهي پيو، جيڪا ست سئو ريال ڏئي ڀاڙي تي ڪئي سين. بس ۾ ہ اهو ئي حال ٿيو. رستن تي ايڏي پيهہ پيهان هئي جو هر ۾ بس ٻلي پير هلڻ لڳي ۽ اسان واري جاءِ حرم پاڪ جي ويجهو هجڻ ڪري اهي رستا نمازين سان پريل هئا ۽ ٽريفڪ پوليس اسان جي بس کي انهن رستن تي لڙڻ جي اجازت ڏيڻ بدران ٻين رستن تي هڪلي ڇڏيو ٿي. بهرحال چئن ڪلاڪن بعد بس اسان کي جتي ڇڏيو اهو هنڌ ہ چڱو پري هو ۽ سامان ڍوئي اڌ ڪلاڪ جي پنڌ بعد رات جو ڏهين يارهين بجي گهر اچي پهتاسين. مڪي ۾ حاجين جي رش ايترو ئي اوج تي هئي، جيترو پنج ڏينهن اڳ منيٰ ڏي روانو ٿيڻ وقت، ڇو جو حج بعد پنهنجي وطن موٽڻ کان اڳ هرهڪ کي رخصتي طواف ڪرڻو هو، جنهن کي طواف وداع سڏجي ٿو.

اسان جي گروپ جي پراڻن حاجين چيو تہ هاڻ ڏينهون ڏينهن رش گهٽبي ويندي، سعودي عرب جا مڪاني حاجي ۽ اوسي پاسي جي عرب ملڪن جا ٻن ڏينهن اندر هليا ويندا، چار پنج لک مديني هليا ويندا، جيڪي حج کان اڳ مديني نہ ويا هئا.

اسان حج بعد اٺ ڏينهن کن مڪي ۾ هئاسين، حاجين جي رش ڪجهہ گهٽ شروع ٿيڻ شروع ٿي هئي تہ ہ اسان جي مڪي جي آخري ڏينهن تائين هجڻ دوران ايتري رش هئي جو طواف وداع ہ مٿي ڪرڻو پيو ۽ سڄو حرم پاڪ (اندر توڙي ٻاهر) تہ حاجين سان پريل هوندو هو پر نماز جي جماعت حرم پا ڪ جي چوڌاري گهٽين ۾ پري پري تائين ٿيندي هئي. اسان جي گروپ جي ڪجهہ حاجين ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ مديني بعد سڌو وطن وڃڻ بدران هڪ يا اڌ ڏينهن مڪي موٽي اچي عمرو ڪجي ۽ حرم پاڪ جي حاضري ڀرجي پر اسان جي معلم اها ڳالهہ نہ مڃي ۽ اسان کي سڀ سامان کڻي مديني ڏي روانو ٿيڻو پيو. آخري ڏينهن ہ اسان جي گروپ جي حاجين مڪي مان مٽن مائٽن ۽ دوستن يارن لاءِ تحفا سوغاتون ورتيون. بلڪ حج کان واندا ٿي هاڻ سيني حاجي جو زور مڪي جي بازارين ۽ بقالائن ۾ هو. دڪانن اڳيان بيٺل بنگالي توڙي يمني نوڪرن جي مختلف زبانن ۾ گراهڪن کي سڏڻ جي رڙ پئي هئي. "آئو آئو، بهت سستا هي". يا ملئي زبان ۾: "ماري سني لبيح مُورا". خريدارن ۾ وڏو تعداد پاڪستان، هندستان، بنگلاديش، ملائيشيا، انڊونيشيا، ايران ۽ ترڪي وارن جو نظر آيو ٿي. دڪان ۾ اندر گهڙ تہ

حاجي صاحب، حاجي صاحب چئي مخاطب ٿي ٿيا. حج کان اڳ حاجي نہ ٿي چيائون، جيئن ئي عرفات بعد مڪي آياسين تہ هر دڪاندار ٽوڙي ٽئڪسي وارو حاجي چوڻ لڳو، ان اوچتي تبديلي تي تعجب بہ لڳم پر پوءِ سمجهي ويس تہ عرفات جي ميدان بعد هرهڪ حاجي ٿي ويو، جڻ ايم بي بي ايس جي ڊگري ملي وئي ۽ ڪالهہ جو شاگرد اڄ ڊاڪٽر ٿي ويو ۽هاڻ عرفات جي Attendence بعد هرهڪ حاجي ٿي ويو جو وقوف عرفات حج جو رڪن اعظم آهي. ان رڪن بنا حج نہ ٿو ٿئي. بهرحال رب پاڪ حاجين جا حج قبوليندو، جنهن لاءِ هر حاجي هر وقت اها ئي دعا گهرندو رهي ٿو تہ حج قبول ٿئي ۽حج آسان ٿئي، پر مڪي ۽ مديني جي دڪاندارن لاءِ اسان حاجين ۾ بہ ڪي اهم حاجي آهن، تہ ڪي گهٽ درجي جا، ملائيشيا ۽ برونائي جهڙ ن امير حاجين جي دڪان ۾ آمد تي دڪانن جا اڇن جبن ۾ مالڪ ٽريا ٿي ٽريا ۽ ساڳي وقت پاڪستان، هندستان، بنگلاديش جهڙي غريب ملڪ جي حاجي کي ڏسي مزو ڪرڪرو ٿي ٿين، جو هو هر شيءِ وٺڻ تي پڪائي ڪن ٿا، سوچي سمجهي وٺن ٿا ۽ دڪاندارن کي کين ڦرڻ جو موقعو گهٽ ملي ٿو.

دڪانن جا مالڪ عرب آهن يا انهن جي نالن تي ڌارين ملڪن جا ڌنڌو واپار ڪن ٿا. مڪي ۽ مديني جهڙن شهرن ۾ خاص ڪري حج جي موسم جا چار مهينا ۽ رمضان جهڙا مهينا (جن ۾ پڻ ايترائي ماڻهو اچن ٿا، جيترا حج تي اچن ٿا) دڪان هلائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، جنهن لاءِ ماڻهو جو سخت جان هجڻ ضروري آهي جو صبح جو فجر کان وٺي رات جو ٻارهين هڪ تائين، اٽڪل ارڙهن ڪلاڪ ڪن گراهڪن سان مغز ماري ڪرڻي پوي ٿي. وڏن دڪانن ۾ تہ ايئرڪنڊيشنڊ آهن، باقي ننڍن دڪانن ۾ سخت گرمي ۽ هٻس رهي ٿو. دڪاندار گهڻو ڪري پاڪستاني، هندستاني، بنگالي، يمني، مصري وغيره آهن. گهڻو وقت هتي رهڻ ڪري هرڪو عربي ڳالهائي ٿو، ويتر عربن وارو لباس (ثوب) پائي ويهن ٿا ۽ هرهڪو کين نہ فقط عرب سمجهي ٿو پر گامون سچار پڻ! هي واحد ملڪ آهي، جنهن ۾ ڪيترائي سنڌي مسلمان دڪاندار بہ ڏٺم. نہ تہ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ رڳو هندو سنڌي نظر ايندا آهن. هڪ دڪان تي ٻن ڄڻن کي عربي لباس ۾ سنڌي ڳالهائيندو ٻڌي خبر چار ڪئي مان ۽ فوٽو ڪڍيومان، ٻئي نوابشاهہ پاسي جا پائر هئا. هڪ جو نالو منظور لغاري هو ۽ ٻئي جو اقبال، سندس دڪان جو نالو النور هو، جنهن نالي جا الجياد واري علائقي ۾ بہ دڪان آهن. مالڪ عرب آهي ۽ هي هتي ويهن سالن کان ڪپڙي جو بزنيس ڪن ٿا. سندس دڪان ۾گهڻي کان گهڻو ڪپڙو انڊيا جو هو. ٻئي نمبر تي جپان ۽ ڪوريا جو. پاڻ ٻڌايائون تہ انڊيا واپار ۾ زور آهي. پاڪستان جا رڳو چانور هلن ٿا، اقبال ٽي سال کن عراق ۾ بہ دڪان هلايو آهي. ڪانئس پڇيم تہ سندن سنڌي ۾ سنا گراهڪ ڪير آهن.

"برونائي، ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ مصر جا حاجي سنا گراهڪ آهن پر سڀ کان ٽاپ جا مراڪش جا آهن". هن ٻڌايو.

"مراڪش - يعني موراڪو (المغرب) جا؟" مون تعجب مان پڪ ڪرڻ چاهي.

"ها موراڪو جا" اقبال ٻڌايو، اهي جي ڪنهن سال حج تي نہ اچن تہ اسان جهڙا وڏا دڪان Loss ۾ هليا وڃن".

رکي رکي مختلف گراهڪ اچي رهيا هئا، پاڻ ٻڌايائون تہ کين اردو، انگريزي، سنڌي عربي سان گڏ فارسي، ترڪي ۽ ملئي زبانون بہ ايتريون اچن ٿيون، جو هڪ گراهڪ کي منهن ڏيو وڃن.

"هتي ٻيا ڪهڙا سنڌ جا دڪاندار آهن؟" مون پڇيو.

"سنڌي تہ ڪيترا آهن جو سنڌ جي عربستان ڏي لڏپلاڻ صدين کان رهي آهي. ٻين ملڪن جا تہ هاڻ گذريل ٽيهارو سالن ۾ آيا آهن. جڏهن هوائي جهاز ۽ پاڻي جا جهاز عام ٿيا".

"هتي رهندڙ ڪي اهم سنڌي؟" مون پڇيومانس.

"اهي بہ ڪيترائي آهن، جن مان ڪجهہ جو اولاد تہ هاڻ فقط عربي ڳالهائي ٿو، جو هتي هنن جا ڏاڏا، پڙ ڏاڏا آيا ۽ اچي رهائش اختيار ڪيائون. ڪيترا تہ سنڌ کان پيرين پنڌ يا اٺن تي آيا. ڪيترا ديبلءِ لاري بندر کان محمد بن قاسم کان بہ گهڻو اڳ ٻيڙين ذريعي ايندا رهيا. ڪي سئو سوا اڳ هتي آيا، اسان جهڙا هاڻ آيا آهن. ڪويت ۽ عراق جي جنگ بعد اتان لڏي هتي اچي رهياسين. اڄڪلهہ مڪتب نمبر يارهين جو معلم احمد محمد سباغ بہ

سنڌي عرب آهي پر ڪيس سنڌي ڳالهائڻ نہ ٿي اچي. سندس والد سنڌي ڳالهائيندو هو، نوشهري ۾ جڏهن وڏي ٻوڏ آئي، تڏهن هن جا وڏا سنڌ کان لڏي هتي آيا هئا.

هتي جي مشهور فئملي عبدالله ورڙ ماتلي جا عرب آهن، هنن جو ڪجهہ اولاد اڃا تائين سنڌي بہ ڳالهائي ٿو. هنن جو هڪ ڀاءُ وزارت خارجہ ۾ آهي. هڪ ٻيو سنڌي وڏو واپاري غلام رسول ڪلهوڙو آهي، جيڪو عزيزه (مڪي) ۾ رهي ٿو. ڏيپلي جو ابوبڪر ميمڻ پڻ مشهور بزنس مئن آهي ۽ "بزنس ڪميونٽي سعودي عرب" جو چيئرمين آهي. سندس ڪاروبار اليڪٽرڪ جو آهي".

"ڳوٺ ڪڏهن اچو؟" مون منظور کان پڇيو.

"اسين هر سال حج جي سيزن بعد محرم جو مهينو پنهنجي ڳوٺ سڪرنڊ ۾ گذاريندا آهيون". هن ٻڌايو. پاڻ مڪي جو فون نمبر 5738039 ۽ سڪرنڊ جو نمبر 22967 ـ 0241 پڻ ڏنائون.

# زم زم جو پاڻي

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ: "هن ڌرتيءَ تي سڀ کان بهتر پاڻي زم زم آهي. (خير ماءُ علي وجه الارض ماءُ زم زم) جيڪو بکايل لاءِ کاڌو ۽ بيمار لاءِ شفا آهي.

حضرت جابر بن عبدالله رضہ چوي ٿو تہ، مون رسول الله ﷺ جن کي اهو فرمائيندي ٻڌو آهي تہ زم زم جو پاڻي جنهن ارادي سان پيتو وڃي اهو پورو ٿئي ٿو.

حضرت جابر بن عبدالله رضہ کان روايت آهي تہ، رسول الله فرمايو: "زمزم جنهن نيت سان پيئجي ٿو، اها ئي مراد پوري ٿئي ٿي. بهرحال آئون ان نيت سان پيئان ٿو تہ قيامت جي ڏينهن (ميدان حشر ۾) اڃ کان محفوظ رهان" ۽ پوءِ زمزم پيتائون.

---

زمزم جي پاڻي نڪرڻ واري ڪرشمي کان اسين سڀ مسلمان واقف آهيون تہ ڪيئن هڪ رڻ پٽ، بيابان ۽ جابلو علائقي ۾ جنهن وقت بي بي هاجران پاڻي جي ڳولا ۾ صفا ۽ مروه ٽڪرين جي وچ ۾ ڊوڙي رهي هئي ۽ سندس معصوم ٻار اڃ کان روئي رهيو هو تہ سندس کڙين هڻڻ واري جاءِ تان پاڻي جو چشمو ڦٽي آيو.

اهو هنڌ جتي پاڻي جو نالو نشان نہ هجي، جتي سخت گرمي ڪري سڀ کان قيمتي شيءِ پاڻي هجي، اتي ائين اڻ ڪٽنڌڙ مقدار ۾ پاڻي جو نڪرڻ وڏو ڪرشمو، ڪرامت ۽ نعمت ئي سمجهڻ کپي ۽ پوءِ جرهوم قبيلي جي ماڻهن اتي رهڻ لاءِ بي بي هاجران کان اجازت ورتي ۽ ڪعبي جي تعمير بعد هو ان جي سار سنڀال لهڻ لڳا. پر پوءِ اڳتي هلي هنن الله جي گهر جي عزت ڪرڻ ڇڏي ڏني. نتيجي ۾ آهستي آهستي ئي زم زم جو پاڻي سڪندو ويو ۽ پوءِ اڳتي هلي ان هنڌ جا نشان بہ ڊهي ويا، جتان پاڻي آيو ٿي.

۽ پوءِ اڳتي هلي رب پاڪ حضور اڪرم ﷺ جن جي ڏاڏي عبدالمطلب کي اها قوت عطا فرمائي، جنهن ذريعي هن کي ان هنڌ جي ڄاڻ ٿي وئي. جتان زم زم جو پاڻي نڪتو ٿي. ان ڏينهن ۾ ڪعبي جي نگهباني عبدالمطلب جي هٿ ۾ هئي.

زمزم جي کوهہ جي ڳولا ۽ کوٽائي کان پنجاهہ سٺ سال اڳ جي ڳالهہ آهي. جڏهن عبدالمطلب کي فقط هڪ پٽ حارث هو.

ان بعد مختلف دورن ۾ زم زم جي کوهہ ۾ تبديليون ۽ سهولتون آنديون ويون آهن، جيئن تہ ان کوهہ کي وڌيڪ اونهو ڪيو ويو هو. اهو ڪم المهدي خليفي جي ڏينهن ۾ بہ ٿيو هو. الامين جي دور حڪومت ۾ پاڻي ۾ گهٽتائي ٿي وئي ۽ هڪ دفعو وري کوهہ کي اونهو ڪيوويو ۽ ان بعد تہ نوي فوٽن تائين بہ کوٽائي ڪئي وئي، خليفي متصعم جي حڪومت تائين زم زم جو کوهہ عوام لاءِ کليل رهيو. ان بعد ان کوهہ ۾ ڪيترئيون ئي سنائيون آنديون پئي ويون.

سال1951ع ڌاري، سعودي حڪومت طواف واري جاءِ (مطاف) وڌائڻ چاهي ٿي ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ زمزم جي کوهہ کي طواف ڪندڙ حاجين کان ٿورو پاسيرو رکيو وڃي، جيئن هو سولائي سان طواف ڪندا رهن. ان ڪري ان کي هيٺ انڊر گرائونڊ رکيو ويو، جيئن اڄڪلهہ نظر اچي ٿو. شاهہ فهد حاجين جي سُک لاءِ جتي بيا ڪم ڪيا آهن، اتي زم زم جو پاڻي پڻ انهن لاءِ عام جام ڪيو آهي. حرم پاڪ جي هر حصي ۾ زم زم جي ٿڌي پاڻي جا وڏا ڪولر نظر اچن ٿا. ڪولرن ۾ پاڻي پريندڙ هڪ پاڪستاني ٻڌايو تہ سڄي حرم پاڪ ۾ (هيٺ مٿي، اندر ٻاهر، دروازن وٽ) اٽڪل اٺ هزار ڪولر آهن ۽ انهن ڪولرن کي پرڻ ۽ حرم پاڪ جي صفائي لاءِ اٽڪل چار پنج هزار ڪم وارا آهن، جيڪي ٽن شفٽن ۾ ڪم ڪن ٿا. انهن ڪولرن کان علاوه 750 نلڪا لڳل آهن، جن مان سنئون سڌو کوهہ جو پاڻي (زمزم) اچي ٿو. حج دوران حاجين کي روزانو سندن رهائشگاهہ تي في حاجي في لٽر زمزم

پهچايو وڃي ٿو .ان لاءِ شام ڌاري اسان جي بلڊنگ ٻاهران پڻ پاڻي جي لاري ايندي هئي ۽ اسان جي گروپ جا ٻه چار ڄڻا پنجويهه لٽر جا ٻه پلاسٽڪ ڪنٽينر ڀرائي ايندا هئا.

کوهه مان زم زم جو پاڻي ڪڍڻ جا ٻه ڪيترائي طريقا بدلبا رهيا. عباسي گهراڻي جي ڏينهن ۾ ڏول ذريعي کوهه مان پاڻي ڪڍي پوءِ هڪ وڏي نادي (ٽب) ۾ وڌو ويندو هو. جتان ضرورتمند ڪڻندا رهيا ٿي. ان بعد وڏيون ٽئنڪون (Strorage tanks) ٺاهيون ويون، جن ۾ نلڪا ٻه لڳايا ويا، جنهن مان ماڻهن پاڻي ڀريو ٿي. ان ڪان علاوه پخالي جيڪي زمازيما سڏبا هئا، اهي پخالن ۾ پاڻي ڪٽي گهمندا هئا ۽ وٽي يا گلاس ۾ پاڻي ڀري پياريندا هئا.

سال 1383ع هجري ۾ (اٽڪل پنجٽيهه سال کن اڳ) کوهه مٿان پمپ لڳايو ويو ۽ پائيپن ذريعي حرم پاڪ جي مختلف هنڌن تائين پاڻي پهچايو ويو ٿي.

ايچ اين اي HNA نيوز ايجنسي طرفان ان ڳالهه جو اعتراف سعودي عرب جي هڪ انگريزي اخبار ۾ آيو هو ته زم زم جي پاڻي جي سترائي (Purity) جي ساک صدين کان قائم آهي ۽ مڪي شهر جا رهاڪو، حاجي ۽ ٻيا گهمڻ وارا هي پاڻي پيئندا رهن ٿا. تڏهن به نه ٿو ڪٽي. زمزم ۾ ڪيترين بيمارين جي شفا پڻ آهي ۽ ان جو مدار پيئڻ واري جي نيت تي آهي ته هو اهو پاڻي ڪهڙي غرض سان پيئي ٿو، جيئن حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي.

---

زم زم جي پاڻي بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪندڙن لاءِ مسٽر معين الدين احمد جو انگريزي ۾ لکيل مضمون دلچسپ ثابت ٿيندو. مسٽر معين جدي جي Desalting Plant (سمنڊ جي کاري پاڻي مان منو ناهڻ جي پلانٽ) ۾ بطور ڪيميڪل انجنيئر ڪم ڪيو ٿي. سندس مضمون هن ريت آهي:

سال 1971ع ۾ هڪ مصري ڊاڪٽر "يورپين پريس" ۾ هڪ خط لکيو ته آب زمزم پيئڻ جي قابل نه آهي. منهنجي ذهن ۾ يڪدم اهو خيال آيو ته هي ڳالهه تعصب جي بنياد تي آهي ۽ ان جي سوچ تي مبني آهي ته جيئن ته خانه ڪعبه هيناهين تي (سطح سمنڊ کان هيٺ) ۽ مڪي شهر جي وچ ۾ موجود آهي. ان ڪري شهر جو سمورو گندو پاڻي گٽرن ذريعي هن کوهه ۾ اچيو سمي، جنهن ۾ زمزم آهي.

خوش قسمتي سان هيءَ ڳالهه انهن ڏينهن جي سعودي بادشاهه شاهه فيصل (مرحوم) جي ڪنن تائين به پهچي وئي، جيڪو ان تي ڏاڍو غمگين ٿيو ۽ هن مصري ڊاڪٽر جي ان اشتعال انگيز بيان کي غلط ثابت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن هڪدم منسٽري آف ايگريڪلچر کي حڪم ڏنو ته ان ڳالهه جي تحقيق ڪئي وڃي ۽ آب زمزم جا نمونا (Samples) حاصل ڪري، انهن کي يورپ جي مختلف ليبارٽرين کي ٽيسٽنگ لاءِ موڪليا وڃن ته آيا هي پاڻي پيئڻ جي لائق آهي يا نه. ايگريڪلچر منسٽريءَ ان منصوبي تي ڪم ڪرڻ لاءِ جده پاور ۽ ڊي سيلينيشن پلانٽس وارن کي هدايت جاري ڪئي. آئون انهن ڏينهن ۾ ان پلانٽ تي سمنڊ جي پاڻي کي پيئڻ لائق بنائڻ لاءِ ڪيميڪل انجنيئر هوس. ان منصوبي تي ڪم ڪرڻ لاءِ مون کي چونڊيو ويو. مون کي ياد آهي ته ان وقت مون کي ان ڳالهه جو ڪو علم نه هو ته اهو (زمزم جو کوهه) ڪهڙي قسم جو آهي. آئون مڪي شريف پهتس ۽ خانه ڪعبه جي منتظمين کي پنهنجي آمد ۽ مقصد کان ڄاڻايو. هنن مون کي هڪ معاون ڏنو، جيئن هو هر قسم جي امداد جنهن جي مون کي ضرورت هجي .صحيح طرح پهچائي. جڏهن اسين زمزم جي کوهه وٽ پهتاسين ته مون لاءِ اهو يقين ڪرڻ مشڪل هو ته هيڏي اٿاهه پاڻي جو سرچشمو وڌ ۾ وڌ هڪ ننڍڙو تالاب هو. جنهن جي سائيز ڪا ارڙهن ٻاءِ 41 فوٽ مس هئي .اهو کوهه هزارن سالن کان، حضرت ابراهيم علي. السلام جي ڏينهن کان وٺي اڄ تائين حاجين لاءِ هر سال لکين گئلين پاڻي مهيا ڪري ٿو.

مون پنهنجي ڪم جي شروعات کوهه جي ماپ سان ڪئي ۽ پنهنجي معاون کي چيم ته هو مون کي کوهه جي اونهائي ٻڌائي. هن پهرين غسل ڪيو ۽ پوءِ کوهه ۾ هيٺ لٿو ۽ کوهه ۾ بلڪل سڌو ٿي بيٺو. مون ڏٺو ته پاڻي جو سطح هن جي ڪلهن کان ٿورو مٿي هو. هن ماڻهو جي قد پنج فوٽ اٺ انچ هو. پوءِ هو کوهه جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ويو ۽ انهي دوران هن جو سر پاڻي کان ٻاهر ئي رهيو. هن کي چيو ويو ته هو کوهه اندر پاسن کان

يا تري ۾ پاڻي جي اچڻ جي ڪا جاءِ يا پائيپ لائين ڳولهي، جتان پاڻي اچي رهيو هجي. بهرحال هن ڪافي جدوجهد ڪرڻ بعد ٻڌايو تہ هن کي ڪا بہ پاڻي جي آمد جي جاءِ يا پائيپ لائين نہ ٿي ملي.

منهنجي ذهن ۾ هاڻ هڪ ٻي آئيڊيا آئي. زمزم جي کوهہ مٿان جيڪو ٽرانسفر پمپ آب زمزم کي چڪي مختلف اسٽوريج ٽئنڪن ڏي ٿو موڪلي، ان ذريعي کوهہ جو پاڻي تڪو تڪو ٻاهر ڪيو وڃي. اهڙي طرح پاڻي جي ليول هيٺ ٿي ويندي ۽ کوهہ ۾ پاڻي جي آمد جي جاءِ معلوم ٿي ويندي پر اها نهايت حيراني جي ڳالهہ آهي تہ کوهہ جو پاڻي خارج ڪرڻ سان ڪا بہ ڳالهہ معلوم نہ ٿي سگهي. مون ڄاتو ٿي تہ فقط اهو ئي هڪ طريقو آهي، جنهن ذريعي کوهہ ۾ پاڻي جي آمد جي جاءِ معلوم ٿي سگهي ٿي.ان ڪري مون پاڻي ڪڍڻ واري تجربي کي وري ڪرڻ چاهيو. هن ڀيري مون ان ماڻهو (معاون) کي هدايت ڏني تہ هو کوهہ اندر هڪ هنڌ تي ٿي بيهي ۽ ان دوران کوهہ اندر ڪا اهڙي ڳالهہ محسوس ڪري تہ يڪدم ٻڌائي ٿوري دير ڪانپوءِ هن هٿ مٿي ڪٽي رڙ ڪئي: "الحمد الله مون کي پاڻي جي اچڻ جي جاءِ جي خبر پئجي وئي. منهنجي پيرن جي هيٺان ريتي چرپر ڪري رهي آهي ۽ صاف لڳي رهيو آهي تہ پاڻي کوهہ جي تري مان نڪري رهيو آهي". ان ڪانپوءِ هن همراهہ کوهہ اندر چئني پاسي گهمي ڏٺو ۽ جتي ڪٿي هن اها ئي ڳالهہ نوٽ ڪئي. دراصل کوهہ جي تري هيٺان هرهنڌ هڪ جيتري مقدار ۾ پاڻي اچي رهيو هو. ان ڪري پاڻي جو سطح چوڏاري هڪ جيترو رهيو ٿي.

پنهنجي تحقيقاتي ڪم ختم ڪرڻ بعد مون يورپين ليبارٽرين ڏي موڪلڻ لاءِ زمزم جا نمونا (Samples) حاصل ڪيا. مڪي شريف مان موٽڻ وقت خانہ ڪعبہ جي منتظمين کان مڪي جي پسگردائيءَ وارن کوهن جو معلوم ڪيو. هنن ٻڌايو تہ انهن کوهن مان گهڻا سڪي چڪا آهن. مون جدي پهچي پنهنجي باس کي سڄي رپورٽ پيش ڪئي. هن وڏي دلچسپي سان هي سڀ ڪجهہ ٻڌو پر ان تي نهايت احمقاڻو تبصرو ڪيو تہ زمزم جي کوهہ زمين جي هيٺاهين ۾ بحر احمر (Red Sea) سان ڳنڍيل آهي. جتان پاڻي سميو ٿي. مون چيومانس تہ ڀلا اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو جو مڪو شريف سمنڊ کان 75 ڪلوميٽر پري آهي ۽ جڏهن تہ مڪي جي آسپاس ٻيا ڪيترا ئي کوهہ سڪا نوٽ ٿيا پيا آهن.

يورپين ليبارٽرين ۾ زم زم جو پاڻي ٽيسٽ ٿي اچڻ بعد اتي جون رپورٽون ۽ اسان جي ليبارٽرين ۾ ڪيل چڪاس جو نتيجو هڪجهڙو ئي رهيو. آب زمزم ۽ شهر جي ٻين هنڌن جي پاڻي ۾ فرق فقط ڪئلشيم ۽ مئگنيشيم سالٽ جي مقدار جو هو. انهن جو مقدار آب زمزم ۾ ٿورو گهڻو ئي آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو آب زم زم جو استعمال ٿڪل حاجين کي تازو توانو ڪريو ڇڏي پر ان کان وڌيڪ اهميت واري اها ڳالهہ آهي تہ آب زمزم ۾ فلورائيڊ موجود آهي، جيڪا هڪ طاقتور جراثيم ڪش شيءِ آهي، ان کان علاوه يورپين ليبارٽرين جي رمارڪن ۾ اهو بہ هو تہ آب زمزم پيئڻ لائق آهي. سو اهڙي طرح مصري ڊاڪٽر جو بيان ڪوڙ ثابت ٿيو. جڏهن ان جو اطلاع فيصل مرحوم کي ڏنو ويو تہ هو بيحد خوش ٿيو ۽ حڪم ڏنو تہ ان جي (مصري ڊاڪٽر جي بيان جي) ترديد يورپين پريس ذريعي ڪئي وڃي.

هي الله تعاليٰ جووڏو ڪرم آهي تہ هن تحقيق سان آب زمزم جي (Chemical Composition) واضح ٿي وئي. حقيقت اها آهي تہ آب زم زم جي توهان جيتري کوجنا ڪندائو. اوترائي حيرت انگيز عجائبات ظاهر ٿيندا ۽ آب زم زم جي جادوئي اثر هجڻ جي خاصيتن تي توهان جو يقين ٿيندو ويندو. آب زم زم رب پاڪ جي طرفان انهن ايمان وارن لاءِ تحفو آهي، جيڪي ڏورانهن هنڌن تان هن ريگستاني زمين تي حج لاءِ اچن ٿا. آب زم زم جون ڪجهہ سڃاڻپون مختصر طور هن ريت آهن:

الف: آب زمزم جو کوهہ حضور ﷺ جن جي ڏينهن کان وٺي اڄ تائين ڪڏهن بہ خشڪ نہ ٿيو آهي. هر حاجي ۽ هر شهري جي هي کوهہ ضرورت پوري ڪندو رهيو آهي.

ب: هن جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين هن پاڻي جو سواد ساڳيو رهيو آهي ۽ هن جي سالٽ ڪمپوزيشن جي مقدار ۾ ڪا بہ تبديلي نہ آئي آهي. دنيا جي هر حصي کان حجاج حج ۽ عمري لاءِ هر سال خانہ ڪعبہ اچي ٿو، انهن مان ڪنهن بہ اڄ تائين آب زم زم جي باري ۾ ڪا شڪايت نہ ڪئي آهي. بلڪ آب زمزم

استعمال ڪري هو خوش ٿين ٿا ۽ پاڻ کي صحتمند ۽ نوبنو محسوس ڪن ٿا. جيتوڻيڪ مختلف علائقي جي پاڻي جو ذائقو مختلف ٿئي ٿو. پر آب زمزم جي چاهت ۽ طلب هميشه وانگر عالمگير رهي آهي ۽ ان کي عالمي سطح تي پيئڻ لائق سمجهيو ويو آهي.

ج: آب زم زم ۾ ڪڏهن به ڪو ڪيميڪل نه وڌو ويو ۽ نه ئي ڪڏهن ڪلورين ان ۾ وڌي وئي. جيئن شهرن ۾ بين پاڻي ۾ وڌو ويندو آهي (جيڪي پمپ ذريعي سپلاءِ ڪيا ويندا آهن.

د: اڪثر کوهن ۾ بايولاجيڪل گروٿ ۽ گاهه ۽ سينيور وغيره پيدا ٿي ويندو آهي، جيڪا پاڻي کي بي مزو ڪري ڇڏي ۽ پاڻي ۾ ڌپ به ٿيو پوي پر زمزم جي کوهه ۾ اڄ تائين Biological Growth نه ٿيو آهي.

# مديني روانو ٿيڻ

جيتوڻيڪ حج ۾ اهو شامل نہ آهي تہ حاجي مديني پڻ وڃي. مديني نہ وڃڻ سان حج ٿيو تو وڃي پر جڏهن هڪ حاجي الله جو مقدس گهر خانہ ڪعبہ جي ديدار جو شرف حاصل ڪري ٿو. هو حج جو فرض بہ پورو ڪري ٿو، تہ پوءِ مديني منوره پهچي مسجد نبوي ڪي ڏسڻ ۽ سرور ڪائنات ﷺ جن جي روضہ اقدس ﷺ جي زيارت ڪرڻ سڀ کان وڏي ۽ سڀ کان عظيم سعادت آهي. هن شهر جي گهٽين ۾ اولياءَ ڪرام پيرين اگهاڙا هلندا رهيا آهن. هن زمين جو چپو چپو بابرڪت آهي.

بيت المقدس جي فتح بعد حضرت بلال حبشي رضہ، حضرت عمر رضہ (ٻئي خليفي) جي اجازت سان بيت المقدس ۾ ترسي پيو. ڪافي عرصي ڪانپوءِ ڪين خواب ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جي زيارت ٿي. پاڻ فرمايائون: "اي بلال تون اسان جي ملاقات لاءِ بہ نہ آئين." اهو ڏسندي حضرت بلال رضہ جي اک کلي پئي ۽ ڏاڍو غمگين ٿيا. پاڻ هڪدم مدينة النبي ڏي روانا ٿي ويا ۽ روضي اقدس تي حاضر ٿيا. حضرت حسن رضہ ۽ حضرت حسين رضہ جن ڪين بانگ ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو. هنن جي فرمائش ڪي حضرت بلال رضہ ٽاري نہ سگهيو ۽ يڪدم اذان ڏني. (ياد رهي تہ حضور ﷺ جن جي ڏينهن ۾ حضرت بلال رضهہ بانگ ڏيندو هو. بلڪ اسلام جي پهرين بانگ حضرت بلال رضہ ڏني. سندس بانگ مٺي آواز جي ڪري مشهور هئي.

حضرت عمر فاروق رضہ (ٻيو خليفو) جڏهن بيت المقدس روانا ٿيا تہ ڪعب احبار جيڪو يهودين جو وڏو عالم هو مسلمان ٿيو. حضرت عمر ڪي هن جي اسلام قبول ڪرڻ جي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ انهن کي فرمائش ڪئي تہ هو مديني منوره هلن، جيئن حضور اڪرم ﷺ جن جي روضي پاڪ تي حاضري ڀري سگهن.

هر حاجيءَ ڪي حج جي ويزا جي 35 ڪن ڏينهن مان نو يا ڏهہ ڏينهن ڪن مديني منوره ۾ رهڻ جو پڻ موقعو ڏنو وڃي ٿو. پوءِ ڪن کي حج کي پهرين تہ ڪن کي حج بعد. بهرحال ٻنهي صورتن ۾ بقول مفتي محمد جميل خان جي (جنهن جا حج بابت ڪيترائي مضمون اخبارن ۾ ايندا رهن ٿا) جڏهن مديني رواني ٿيڻ جو وقت ٿئي تہ وڏو اهتمام ۽ تياري ضروري آهي. هر مسافر اهو سوچي تہ ڪهڙي عظيم هستيءَ جي دربار ۾ وڃي رهيو آهيان. ان دربار ۾ جيڪا رب پاڪ کي پسند آهي. جتي حضرت جبريل عليہ السلام ادب ۽ احترام سان حاضر ٿيندو هو. جتي حضرت ابوبڪر صديق رضہ، حضرت عمر رضہ حضرت عثمان غني رضہ، حضرت علي مرتضيٰ ڪرم الله وجهہ ۽ هڪ لک ڪان مٿي صحابہ ڪرام ادب کان نگاهون مٿي نہ ڪندا هئا ۽ ڏاڍيان نہ ڳالهائيندا هئا. جنهن دربار لاءِ رب ڪائنات فرمايو: "هن هنڌ تي پنهنجي آواز ڪي بلند نہ ڪريو." سفر شروع ٿئي تہ شوق ۽ محبت مان درود شريف گهڻي کان گهڻو پڙهجي. رستي تي جيڪڏهن اهڙيون جايون اچن جن بابت توهان کي ڄاڻ هجي. يعني ٻڌو هجي تہ حضور اڪرم ﷺ جن اتي تشريف فرما ٿيا هئا تہ انهن جاين جي زيارت ڪجي ۽ نفل پڙهجن. اڄڪلهہ جيڪو رستو مديني ڏي وڃي ٿو اهو "طريق هجرت" سڏجي ٿو. نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن سان گڏ مڪي کان مديني هجرت ڪرڻ وقت هي رستو اختيار ڪيو هو. ان خيال ڪان هي سجو رستو مبارڪ آهي. شهر ۾ پهچي درود ۽ سلام پڙهجن. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

يَا ايُهاالذين آمَنُو صَلو عليه وَسَلِمو تَسليما

"اي ايمان وارو! حضور جن تي درود موڪليو ۽ سلام".

حضور اڪرم ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ جو شخص مون تي هڪ دفعو درود موڪلي ٿو الله تعاليٰ هن تي ڏهہ دفعا رحمت نازل فرمائي ٿو، هن جا ڏهہ گناهہ معاف ڪري ٿو ۽ هن جا ڏهہ درجا بلند ڪري ٿو.

حضرت عبدالله بن مسعود رضہ کان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ، قيامت جي ڏينهن سيني کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو جنهن مون تي گهڻا درود پڙهيا هوندا. (ترمذي)

سعودي عرب حڪومت جي وزارت اسلامي امور طرفان مليل هڪ ڪتاب "حج ۽ عمرو ۽ زيارت جا مسئلا - ڪتاب وسنت جي روشنيءَ ۾" مان ڪجھ ڳالهيون هيٺ درج ڪريان ٿو، جيڪي سعودي عرب جي هڪ عالم ۽ مولويءَ علامہ شيخ عبدالعزيز بن عبدالله حج تي ايندڙ زيارتين جي رهنمائي لاءِ لکيون آهن.

زيارت ڪرڻ وارو جڏهن مسجد نبوي ۾ پهچي تہ هن کي کپي تہ پنهنجو ساڄو پير پهرين اندر ڪري ۽ هيءَ دعا پڙهي:

"الله جي نالي سان ۽ درود سلام هجن الله جي رسول تي، الله عظمت واري جي پناھ گهران ٿو ۽ هن جي بزرگ ذات ۽ قديم سلطنت جي پناھ گهران ٿو، شيطان مردود کان، اي الله مون لاءِ پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏ".

اها دعا ائين گهري جيئن بين مسجدن ۾ گهڙڻ وقت گهرجي ٿي، مسجد ۾ وڃي ٻہ رڪعتون نماز پڙهجي، جنهن ۾ الله کان دنيا ۽ آخرت جون محبوب شيون گهرجن. جيڪڏهن هي ٻئي رڪعتون روضہ شريف (رياض الجنت) ۾ پڙهڻ جو موقعو ملي وڃي تہ اجا بہ افضل آهي، جنهن لاءِ حضور اڪرم ﷺ وسلم جن جو ارشاد آهي:

"منهنجي گهر ۽ منبر جي وچ ۾ جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي."

نماز کانپوءِ نبي ﷺ ۽ حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت عمر رضہ جي قبرن جي زيارت ڪجي ۽ نبي ﷺ جن تي هن ريت سلام ڪجي: "اسلام عليڪ يا رسول الله و رحمت الله وبرڪاته" جيئن سنن ابي دائود ۾ ابوهريره رضہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ وسلم جن فرمايو:

"جيڪو شخص مون تي سلام موڪلي ٿو تہ الله تعاليٰ منهنجو روح مون کي موٽائي ڏئي ٿو، ايتريقدر جو آئون هن جي سلام جو جواب ڏئي ڇڏيان ٿو".

پوءِ حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت عمر رضہ تي سلام موڪليو ۽ هنن لاءِ دعائون ڪريو.

عبدالله ابن عمر رضہ جڏهن رسول الله ﷺ ۽ انهن جي ساٿين تي سلام موڪليندو هو تہ ان کان وڌيڪ نہ چوندو هو: "اسلام عليڪ يا رسول الله، اسلام عليڪ يا ابابڪر، اسلام عليہ يا ابتاه" ۽ ائين چئي روانا ٿيندا هئا.

ان مٿين ڪتاب ۾ (جيڪو اسان کي سعودي حڪومت طرفان مليو) ان بعد لکيل آهي تہ هيءَ زيارت فقط مردن لاءِ مشروع آهي. عورتن لاءِ قبرن جي زيارت جائز ناهي ۽ ڪنهن لاءِ بہ جائز ناهي تہ هو حجري جي ڀارين کي ڇهي يا ان کي چمي يا ان جو طواف ڪري. ڪنهن لاءِ بہ جائز ناهي تہ هو رسول الله ﷺ کان ڪنهن حاجت پوري ٿيڻ، يا ڪنهن مصيبت کي دور ڪرڻ، يا مريض کي شفا وغيره ڏيڻ لاءِ سوال ڪري. ڇو جو اهي سڀ ڳالهيون فقط الله کان ئي گهرڻ کپن. البت توهان چئي سگهو ٿا تہ اي الله پنهنجي نبيءَ کي منهنجو شفيع بناءِ، اي الله پنهنجن ملائڪن ۽ مومن بندن کي منهنجو سفارشي بڻاءِ ۽ اي الله منهنجي وفات ڪيل ٻارن کي منهنجو سفارشي بڻاءِ.

# مديني ۾ رهائش

رات جو پوري نائين بجي اسان کي مکي کان مديني منوره وني هلڻ لاءِ بس اچي وئي ۽ هر هڪ پنهنجو پنهنجو سامان لفٽ ذريعي هيٺ آندو. جن گهٽي شاپنگ ڪئي هئي انهن جا گهٽا ننگ هئا، جن کي هو ڍوئڻ ۾ پريشان هئا. جن گهٽ يا نه ڪئي هئي، اهي آجا آجا ۽ خوش هئا. مکي کان مديني وڃڻ لاءِ ڪيترائي رستا آهن. هاڻي هڪ وڏيڪ رستو نهي مڪمل ٺيڻ تي آهي، هي رستو ان رستي کي فالو ٿو ڪري جنهن ذريعي حضور اڪرم ﷺ جن مکي کان مديني هجرت ڪئي هئي ۽ اهو هجره روڊ سڏجي ٿو. هونءَ باءِ روڊ مکي کان مدينو اٽڪل پوڻا ٽي سو ميل آهي. رستا ويڪرا ۽ سنا نهيل آهن ۽ ڪو 60 جي سراسري رفتار سان وڃي ته به پنجن ڪلاڪن ۾ پهچي سگهي ٿو پر ڪجھ اسان حاجين جي بدنصيبي (خاص ڪري پاڪستانين، هندستانين ۽ بنگلاديشين جي) ۽ ڪجھ سعودي حڪومت جي مجبوري جو اسان جي قدم قدم تي ايڏي ته چيڪنگ ڪئي وڃي ٿي جو انگليند يا آمريڪا جهڙن ملڪن جو پاسپورٽ حاصل ڪرڻ لاءِ دل چوي ٿي. جو انهن ملڪن کان آيل حاجين جي ايڏي سخت چڪاس نٿي ٿئي. بهرحال ان ۾ سعودي حڪومت جو به ڏوهه ناهي. هيڏي سختيءَ جي باوجود اسان جا هزارين پاڪستاني غيرقانوني طرح سعودي عرب ۾ موجود آهن، جن مان وڏو تعداد جيلن ۾ آهي ۽ سندن پوئواري ڪرڻ وارو ڪو وڪيل ڪو سفارتي ڪارندو ناهي، اڄ به ڪيترا عمري ۽ حج جي بهاني سعودي عرب ۾ اچي نوڪرين لاءِ ٽڪيو پون. اها ٻي ڳالھ آهي ته هھڙن ملڪن ۾ به بيروزگاري جي اڄڪلھ حالت اها آهي جو جيڪي قانوني طرح نوڪريءَ جي ويزا وني پهچن ٿا انهن کي ئي نوڪري نه پئي ملي.

مکي مان اسان جي بس ڏهين بجي ڏاري رات جو اسان کي ڪٽي رڙهي ته مديني پئي ڏينهن ٻارهين بجي ڏاري منجهند جو (يعني چوڏهن ڪلاڪن بعد) اچي اسان جي رهائش واري هوٽل اڳيان ڇڏيو. مکي مان نڪرڻ سان اڌ ڪلاڪ بعد ڊرائيور اسان جي مڪتب جي آفيس وٽ ترسيو. جتي معلم جي ماڻهو هر هڪ جا پاسپورٽ چيڪ ڪري ڊرائيور کي ڏنا ۽ اسان کي هڪ هڪ Slip يا ڪارڊ ڏنو، جيڪو مديني ۾ رهائش دوران قانوني ڪاغذ هو. ان عمل ۾ پورا به ڪلاڪ ضايع ٿي ويا. وري شهر کان ٻاهر هڪ هنڌ ترسڻو پيو. جتي ٻين ملڪن جي حاجين جون بسون پڻ ترسيون پئي پر اسان پاڪستانين لاءِ مڙيئي قاعدو قانون جتي ڪٽي سخت ٿئي ٿو. مديني پهچڻ کان اڳ به هڪ آفيس ٻاهران به ڪلاڪ ڪن ترسڻو پيو، جيڪا آفيس شايد وزارت حج جي لڳي ٿي ۽ مدينو ڇڏڻ وقت به اتي ايترو ئي وقت ترسايو ويو هو.

منهنجو هڪ دوست جيڪو هن سال حج ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. هو مون کان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين جا مفاصلا پڇڻ لڳو، جيئن مسافريءَ جي Idea لڳائي سگهي. مون ڪيس اهو ئي چيو ته حاجين کي دراصل سفر کان وڌيڪ مختلف هنڌن تي ڪاغذن جي Clearance لاءِ انتظار ٿو ٿڪائي. ڪراچيءَ کان جدي ايئرپورٽ تائين پهچڻ ۾ ڪٽي ٽي ڪلاڪ ٿا لڳن پر جدي ايئرپورٽ تان جان ڇڏائي ٻاهر نڪرڻ ۾ اٺ ڏھ ڪلاڪ لڳيو وڃن. بهرحال جتي سعودي حڪومت حاجين لاءِ ٻين سکن جو بندوبست ڪيو آهي، اتي ٿي سگهي ٿو ته ايندڙ وقت ۾ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي مان فائدو وني ڪي اهڙا طريقا اختيار ڪري جن ۾ حاجيءَ کي انتظار جي گهٽي تڪليف نه رسي.

مکي کان مديني رات جي سفر کي ڪيترن پسند نٿي ڪيو، خاص ڪري اهي جيڪي سعودي عرب جي ڌرتي تي پهريون دفعو Travel ڪري رهيا هئا. مون کي به پهرين اهو خيال ٿيو پر پوءِ يڪدم ڌيان ۾ آيو ته سعودي عرب اهو ملڪ آهي، جنهن ۾ ڏينهن جو يا رات جو سفر ڪرڻ ۾ ڪو خاص فرق ناهي ٻين ملڪن ۾ سنگاپور، ملائيشيا جهڙن توڙي يورپ ۽ آمريڪا جي ملڪن ۾، پاڪستان، انڊيا توڙي آفريڪا جي ملڪن، خاص ڪري هھڙي آرام واري ۽ ايئرڪنڊيشنڊ بس هجي ته ڏينهن جو سفر ڪجي چو ته قدرتي نظارا ڏسڻ جو ڏينهن جو ئي موقعو ملي ٿو. باغ بستان، نديون نالا، آبشار ۽ وڻن ۽ گلن سان جهنجهيل جبل ۽ گهاٽا ٻيلا پکي پکڻ ۽ جانور وغيره. پر سعودي عرب ۾ ڪا اهڙي ڪهاڻي ناهي. شهر جا گهرڙا ڇڏ ته ريتي ۽ ريتي آهي. واري ۽ واري آهي. جبل ۽ جبل آهن. اس ئي اس آهي. بنا ڪکر آسمان بنا وڻن جي ڌرتي آهي. چوڌاري خاڪي ناسي قسم جا رنگ

پکڙيل آهن ان ڪري هن ڌرتي تي نقاش ۽ چٽڪار پيدا ٿي نہ سگهيا. شاعر ۽ سنا Navigtor ضرور پيدا ٿيا. ٻارهوئي آسمان صاف هجڻ ڪري دنيا ۾ سڀ کان اڳ ۽ سڀ کان گهڻو، تارن جو علم عرب ڄاڻي سگهيا. اڄ بہ ماڊرن نيويگيشن ۾ اسان ڪيترين ڳالهيون اهي پڙهون ٿا جيڪي عربن ايجاد ڪيون ۽ جن جا نالا عربي زبان سان واسطو رکن ٿا.

مينهن ۽ پاڻيءَ جي کوٽ ڪري ڪا ساوڪ نہ آهي. ساوڪ نہ هجڻ ڪري ڪو پکي پکڻ يا جانور ائين نظر نٿو اچي. جيئن انڊونيشيا، فلپين، ڪينيا يا يوگنڊا جي هاءِ وي تان لنگهندي نظر اچي ٿو. سعودي عرب جي هنن هاءِ ويز تان آئون ڏينهن جي وقت هلي چڪو آهيان، جڏهن ڪجهہ سال اڳ مديني جي پرواري شهر ينبو (ينبع) ۾ پنهنجي عرب دوست جي گهر ڪجهہ مهينا اچي رهيو هوس. پوءِ هن سان گڏ ينبو کان مديني يا مديني کان جدي مختلف رستن تان ايندو ويندو رهيس ٿي. ڦهليل ڌرتي ۽ جبلن جي پيش منظر ۾ جيڪڏهن رکي رکي ڪو جانور نظر اچي ٿو تہ اهو بہ ريتي جي غير رومانوي رنگ جهڙو اٺ آهي. هڪ عرب جو نندي هوندي کان ئي ريتي (ڌرتي) جبلن، آسمان (تارن) ۽ اٺن سان واسطو رهي ٿو. اٺ هتي جي اهم ضرورت آهي. گهوڙو بيشڪ بهترين جانور آهي ۽ انسان جو دوست آهي پر هنن رڻ پٽڻ ۾ انسان لاءِ اٺ وڏي نعمت آهي. شايد ان ڪري اٺ کي عطا الله جو لقب ڏنو ويو.

هڪ ڳالهہ آهي تہ اڄ جي ماڊرن ۽ پئسي واري دور ۾ وري بہ رکي رکي رستي تي هوٽلون، مختلف رنگن جون ڪارون لاريون ۽ اشتهارن جا بورڊ نظر اچن ٿا. نہ تہ اڄ کان 1400 سال اڳ اٿاهہ واريا سن پٽن تي جڏهن عرب پيرين پيادي يا اٺن تي سمنڊ وانگر پنهنجو خيالي رستو ناهي هلندا هئا، تڏهن سامهون ۽ پاسن کان سواءِ جبلن ۽ آسمان جي ٻيو ڪجهہ نہ هو. شايد ان ڪري الله تعاليٰ جل شانہ قرآن مجيد ۾ ڪيترن هنڌن تي اهڙا مثال ڏنا آهن. جن مان ان دور جو عرب مانوس هو. سورتہ الغاشية جي آيت 17 کان 20 آيت ۾ رب پاڪ انهن ئي شين جا مثال ڏنا آهن.

ترجمو: "(هي ماڻهو نٿا مڃين) تہ ڇا هو اٺن کي نٿا ڏسن تہ ڪيئن ناهيا ويا آهن؟ آسمان کي نٿا ڏسن تہ ڪيئن ڪنيو ويو آهي؟ جبلن کي نٿا ڏسن تہ ڪيئن ڄمايا ويا آهن؟ ۽ زمين کي نٿا ڏسن تہ ڪيئن وڇائي وئي آهي؟"

يعني جيڪڏهن هي ماڻهو آخرت جون اهي ڳالهيون ٻڌي چون ٿا تہ آخر اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ ڇا پاڻ پنهنجي آسپاس جي دنيا تي نظر وجهي هنن ڪڏهن نہ سوچيو تہ هي اٺ ڪيئن نهي ويا؟ هي آسمان ڪيئن بلند ٿي ويو؟ هي جبل ڪيئن قائم ٿي ويا؟ هيءَ زمين ڪيئن ڇائنجي وئي. اهي سڀ شيون جيڪڏهن نهي سگهيون ٿي ۽ نهيل نڪيل هنن اڳيان موجود آهن تہ قيامت ڇو نٿي اچي سگهي؟ ۽ جيڪڏهن هو اهو مڃين ٿا تہ اهو خدا ئي سڀ ڪجهہ پيدا ڪري سگهي ٿو تہ پوءِ اهو قيامت بہ آڻي سگهي ٿو. انسانن کي ٻيو دفعو بہ پيدا ڪري سگهي ٿو. جنت ۽ دوزخ بہ ناهي سگهي ٿو.

مڪي کان مديني روڊ تي رات جي وقت اسان جي بس بہ دفعا اسان جي مرضيءَ تي ترسي. هڪ رات جو ٿي بجي ڌاري هڪ هوٽل تي چانهن پيئڻ ۽ ٽنگ ڊگهي ڪرڻ لاءِ ۽ ٻيو دفعو فجر نماز پڙهڻ ۽ چانهن پيئڻ لاءِ ٻئي دفعا ڏاڍو مزو آيو. هڪ تہ بس جي قيد مان آزادي ماڻڻ ڪري ۽ ٻيو دنيا جي هيترن ملڪن جي ماڻهن کي پنهنجي چوگرد ڏسي. ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي مالمو (سئيڊن) ۾ M.Sc ڪرڻ دوران مون سان گڏ جيتوڻيڪ هڪ سو کان مٿي ملڪن جا شاگرد هئا پر اهي مختلف مذهبن جا هئا. هتي هن رستي جي هوٽلن ۾، حرم پاڪ ۾، منيٰ ۽ مزدلفہ ۾ جيڪي مختلف ملڪن جا، مختلف رنگن جا، زبانن ۽ شڪلين جا مليا ٿي، انهن جو هڪ ئي مذهب هو. هنن جو هڪ ئي امت سان واسطو هو. نائجيريا ۽ موريطانيا جا شيدي، ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جا بندري قد وارا، افغانستان ۽ پاڪستان جا شلوار قميصن وارا، چين ۽ روس جي ڪميونسٽ نظام حڪومت وارا، عراق، ايران، شام، ڪويت، يمن ۽ مصر جهڙن عرب ملڪن وارا جيڪي هونءَ ڪٽي سياسي طرح هڪ ٻئي سان ناهيل نہ هجن پر انوقت سڀ ان مسجد جي سيمينٽ جي ڏڪين تي ويهي فجر نماز پڙهڻ لاءِ وضو ڪري رهيا هئا. هنن کي ان ڳالهہ جو ڪو فڪر نہ هو تہ نماز مهل سندن ليڊر (امام ڪهڙي ملڪ جو يا ڪهڙي زبان ڳالهائيندڙ ٿيندو. هن

وقت اسان سڀ مسلمان آهيون. آخري نبي ڪريم ﷺ جن امت آهيون ۽ ان جو هڪ حصو محسوس ڪري مون کي خوشي ٿي رهي هئي. نماز پڙهي اٿڻ مهل پر ۾ بيٺل ڪان سندس ملڪ پڇان ٿو. هو چين جي اتر اوڀر واري علائقي دئرين کان آيو آهي. ڪيڏو ڏور کان آيو آهي، هانگ ڪانگ فلپين کان به پري، جپان ۽ ڪوريا جي پر کان. چانهن پيئڻ وقت هڪ نوجوان زال مڙس ۽ سندس ڏهن ٻارهن سالن جي ڌيءَ سنڌي ڳالهائي رهيا هئا. تعجب نٿو لڳيم پر سندن ٻانهن ۾ جيڪو معلمن طرفان نشاني جو پٽو پيل هو، اهو ايشيائي رنگ هئڊي (Yellow) بدران ٻئي رنگ جو هو.

"توهان ڪٿان جا آهيو؟" آئون ڪانئن پڇان ٿو.

هو سمجهي وڃن ٿا ته ٻانهن ۾ مختلف رنگ جو پٽو (Strap) ڏسي آئون پليو آهان. "اسين آمريڪا جا Citizens آهيون، ان ڪري اسان جو پٽو هن رنگ جو آهي."

"هونءَ اصل ڪهڙي شهر جا آهيو؟" آئون پڇان ٿو.

"اسين حيدرآباد جا آخوند آهيون. انن سالن کان USA جي رياست ورجينا ۾ Settle آهيون ۽ هينئر حج لاءِ اتان پيا اچون." هنن ٻڌايو.

ائين به نه آهي ته آمريڪا يا يورپ پاسي کان فقط اسان جا ايشيائي مسلمان ۽ عرب Settlers اچن ٿا. ڪيترا اهڙا به آهن جيڪي اتي جا مڪاني باشندا آهن، جيڪي عيسائي هئا ۽ هاڻ مسلمان ٿيا آهن. هڪ اهڙو مسلمان فلاڊلفيا USA جو مليو. پاڻ ٽيهن سالن جو خوبصورت نوجوان هو. مون پڇيو مانس ته هو اصل ڪٿان جو آهي. "آئون اصل کان آمريڪن آهيان، منهنجا ماءُ پيءُ اڄ به عيسائي آهن پر آئون مسلمان آهيان".

"ڇا ڪرين؟" مون پڇيومانس.

"پنهنجو پارڪنگ لاٽ اٿم. ان مان ڪمائيندو آهيان." هن ٻڌايو. پاڻ مون کي حرم پاڪ جي ٻاهران ظهر نماز تي مليو هو. اسان هڪ ئي مصلو اڳيان رکي Share ڪيو هو. ٽنڊ اس ۾ نماز پڙهي رهيا هئاسين. سجدي لاءِ اڳيان مصلو هو پر پير سڙي رهيا هئا. پر هي همراهه صبر سان برداشت ڪندو رهيو.

"Being a muslim how do you feel?"

مون هن آمريڪن نئين مسلمان کان پڇيو.

"الحمد الله." هن رب پاڪ جي واکاڻ ڪندي چيو: "I am very happy"

(آئون بيحد خوش آهيان).

پنج وقت نماز، روزو، زڪوات، حج، شراب کان پاسو..... وغيره وغيره. اهي کي سولا ڪم نه آهن، خاص ڪري ان لاءِ جنهن مغربي عيش جي زندگي گذاري هجي! پر ڪجهه ته آهي، ڪا ته شيءَ هن ڏني آهي جو هن کي هي مذهب (اسلام) عزيز آهي. پاڻ کي مسلمان سڏائيندي فخر ٿو محسوس ڪري ۽ ڪجهه ته هن مشاهدو محبوب جو پسيو هوندو جنهن يورپ جي مشهور ڳائڻي چيٽ (Cat) اسٽيون کي يوسف اسلام بڻائي ڇڏيو ۽ "هاڻ توٽي تڙئين تون، يا الا! تو در توءِ نه ڇڏيان" وارو حساب هو. هاڻ هن لاءِ گرمي، سردي، اس، ٿڪ ڪا حيثيت نٿو رکي. مون ڪانئس گهٽو کي پڇڻ چاهيو ٿي ته هو ڪيئن مسلمان ٿيو. اسلام جي ڪهڙين ڳالهين هن کي گهڻو Impress ڪيو پر آئون پڇي نه سگهيس جو نماز بعد مون وانگر اٿڻ بدران هو پٽل ماري، ڪيسي مان تسبيح ڪڍي پڙهڻ ۾ جنبي ويو. هن کي اس ۽ گرمي جي به پرواهه نه هئي.

"If you like I can leave my praying mat?"

مون پنهنجو مصلو(جانماز) کيس آفر ڪئي. "مهرباني. آءِ ائم اوڪي." هن منهنجي جانماز نه رکي پر منهنجي آفر لاءِ ٿورو مڃيو.

مديني شهر ۾ گهڙڻ وقت ڪلاڪ ٻه هڪ آفيس ۾ لڳا، اتان اجازت ملڻ بعد بس شهر ڏي رواني ٿي. هوٽلون ڀريل هجڻ ڪري ۽ اسان جو تعداد وڏو هجڻ ڪري هڪ هوٽل بدران ٻن هوٽلن ۾ رهائش جو بندوبست ٿيل هو، جيڪو اسان جي ليڊر قبول نه ڪيو. آخر هوٽل جي عرب مالڪ (جنهن جي پوءِ خبر پيئي ته هن کي ڪيترين ئي هوٽلون آهن) الغابيه علائقي ۾ عبدالعزيز روڊ جي ڀرسان فندق العطاس جي پويان دار زهدي (2) ۾ سڀني لاءِ رهائش ڏني، جنهن ۾ اسان کان علاوه ٻيا ملئي ماڻهو رهيل هئا. هوٽل ڇهه يا ست ماڙ هئي، جنهن جي هر منزل تي اسين ورهائجي وياسين. ڪمري جي سائيز مطابق ڪنهن ڪمري ۾ چئن جي جاءِ هئي ته ڪنهن ۾ ٻن يا ٽن جي. هڪ چئن واري ڪمري ۾ حافظ سعيد، اسرار الحق ۽ ڊاڪٽر شفيق سان گڏ مون کي به رکيو ويو. ڪمري جو در کولي ڏٺوسين ته چار پلنگ وهاڻن چادرن، بلاڪيٽن سميت هئا. باٿ روم اٽيچڊ هو. ڪمري جي ٻاهران پئنٽري (ننڍو ڪچن) هو. ايئرڪان، ٽي وي ۽ ٽيليفون پڻ هو. ٻيو ڇا کپي! اسان سمجهيو اها عياشي فقط اسان کي نصيب ٿي آهي پر پوءِ خبر پئي ته ٻين ڪمرن جو به ساڳيو حال هو، بلڪ مديني شريف ۾، هڪ ئي وقت حاجين جو تعداد گهٽ هجڻ ڪري رهائش جو انتظام بهتر آهي. مسجد نبوي به ويجهي هئي. ٻن ڏينهن اندر ئي خبر پئجي وئي ته اسان جي اڳيان واري هوٽل العطاس ۾ اسان جو ڳوناٽي ڪئپٽن رشيد ابڙو رهيل آهي ۽ پوئين گهٽيءَ جي هڪ هوٽل ۾ اسان جو پيٽارو جو ڪليگ عبدالقادر قريشي پنهنجن پائٽين سميت رهيل آهي. اسان سڀني جو مسجد نبوي ۾ وڃڻ ساڳي در کان ٿيندو هو. ان ڪري هڪ ٻئي سان عليڪ سليڪ ٿي ويندي هئي.

مڪي ۾ رهائشگاهه ۾ هر هڪ کي اسپنج جو گاديلو ملي ٿو ۽ هڪ عدد وهاڻو. اسان جي گروپ جا ماڻهو پاڻ سان ٻه ٻه چادرون کڻي آيا هئا. هڪ ان گاديلي مٿان وڇايائون ۽ هڪ ٿلهي مٿان اوڍڻ لاءِ مون ڪراچي ۾ گروپ جون پاڻ ۾ ٿيندڙ ٽن چئن ميٽنگن مان هڪ ٻه کن اٽينڊ نه ڪيون هيون ان ڪري مون کي اها ڄاڻ نه رهي ته پاڻ سان چادرون به آڻيون آهن پهرين رات احرام واري چادر مٿان وڌم پر آڌي رات ڪانپوءِ سيءُ ٿي پيو ۽ ماڻهن ايئرڪان به بند نٿي ڪيو. مارچ مهيني جا شروع جا ڏينهن هئا. ٻڌوسين ته مديني ۾ چڱو خاصو سيءُ آهي. جو مدينو شريف اتاهين Altitude تي آهي. مڪي معظم ۾ به ڪافي ٿڌڪار هو. صبح جي وقت فجر نماز تي ته سئيٽر ۾ به سيءُ ٿي پيو. مڪي ۾ منهنجي ياءُ اشفاق جو دوست ۽ ڊي آءِ جي راهو خان بروهيءَ جو هڪ مائٽ علي گوهر بروهي رهيو ٿي. ان کي مڪي ۾ هوٽل آهي. جنهن ۾ گهڻو ڪري ڪويت پاسي جا حاجي رهن ٿا. فون ڪيومانس. خوش خير عافيت بعد ڪم ڪار پڇيائين: ”يار چادرون نه آنديون اٿم. في الحال انهن جي سخت ضرورت اٿم“.

”پرواهه نه ڪر هينئر ئي پهچائي ٿو وڃان ۽ آئون سمجهي ويس ته توهان کٽي رهيل آهيون“. علي گوهر جواب ڏنو.

رات جو عشاءَ نماز بعد علي گوهر چادرون ڏئي ويو. توب (عربي جبي) ۾ عرب لڳي رهيو هو. سڄي عمر مڪي شريف ۾ گذاري اٿس. عربي به سني ڳالهائي ٿو. علي گوهر جي چادرن نه فقط مڪي ۾ پر منىٰ ۽ مزدلفه ۾ پڻ سيءُ جو بچاءُ ڪيو. مڪو شريف ڇڏڻ وقت جيتوڻيڪ علي گوهر پنهنجيون چادرون واپس ونڻ نٿي چاهيون پر مون موٽائڻ چاهيون ٿي جو اهي اوچي قسم جون هيون. آخري ڏينهن تي منهنجو علي گوهر سان رابطو ٿي نه سگهيو ۽ مديني کان اڄي نڪتس، جتان چادرون واپس موڪلڻ ڏکيو ڪم نٿي سمجهيم. ڪيترائي سنڌي ٽئڪسي ڊرائيور ۽ دڪاندار آهن جيڪي مڪي ويندا رهن ٿا ۽ علي گوهر کي پڪ سڃاڻندا هوندا، جن هٿان موڪلڻ چاهيم ٿي.

مديني پهچي پهرين يا ٻئي ڏينهن پنهنجي هوٽل تي ڪم ڪندڙ هڪ پاڪستانيءَ کان پڇيم ته هتي ڪنهن سنڌيءَ جو دڪان آهي. هن سامهون واچن واري جو ڏس ڏنو. پوڙهو دڪاندار ڪانياواڙي ميمڻ هو پر سنڌي به ڳالهائين ٿي. ڇڙ جو سو تکو هو پر لڳو ٿي ته سني شيءَ سستي اگهه تي وڪيائين ٿي جو خريدارن جا انبوهه هئس ـ خاص ڪري پناڻ ۽ افغاني ـ جن هر قسم جي واچ يا گهڙيال ڊزن جي حساب سان پئي ورتس. ڪانياواڙي ميمڻ وڏي عمر ڪري جسم جو بيحد ڪمزور هو پر ڳالهائڻ جو ڏاڍو ڦڙتيلو هو، حساب ڪتاب جو ته اڃان به ڦڙتيلو. بنا ڪئلڪيوليٽر جي حساب ٿي ڪيائين. وات ۾ شايد پان هئس. پر ٿي سگهي ٿو پان نه هجيس (جو سعودي عرب

ڀِران ڪاٺڻ توڙي وڪڻڻ تي بندش لڳل آهي.) شايد ڏند ڀڳل هئس ان ڪري سندس ڳالهائڻ ان اسٽائيل جو هو. هڪ افغانيءَ ٻه ڊزن واچون وٺي چيس:

”ڪجهه پئسا گهٽ ته ڪر.“

”هڪ پئسو به نه ڪندس.“ ٻئي کي واچ ڏيکاريندي هن کي ٺهه پهه جواب ڏنائين.

”يلا هڪ واچ تي هڪ رپيو (ريال) ته گهٽ ڪر.“ گراهڪ چيس.

”هڪ پئسو به نه“.

”هر سال توکان هيڏي خريداري ڪريون ٿا ڪجهه ته قيمت گهٽ ڪر“.

”دڪان منهنجي ماءُ جو آهي، اها ناراض ٿيندي.“ ڪانياواڙي چيس.

”تڏهن به ڪجهه ته فائدو ڏي.“ خريدار افغانيءَ ضد ڪيس.

”آئون فقط دعا ڏئي سگهان ٿو ته الله توکي ٻئي سال به حج تي گهرائي ۽ مون وٽان اچي خريداري ڪر“.

دل ۾ چيم ته هتي سنگاپوري واٽين جي به جاءِ ناهي. خريدار، اهڙي حالت ۾ به، شايد اهو سوچي ته اهو هوندي به اگهه سستو آهي، نه فقط اهي واچون پر ڪجهه ٻيون به ورتيون. دل ۾ آيم ته ڪانياواڙي ڏاڙهيءَ سان ميمڻ کي پارٽ ڪريان ته هنن حاجين جو ته ڪجهه خيال ڪر. پر پوءِ اهو سمجهي ته هو جواب ڇا ڏيندو (ته هي حاجي آهن؟ سمگلر آهن يا حاجي؟) چپ ٿي ويس.

هن دڪان تي ڪم ڪندڙ ٻن نوجوان ڇوڪرن ۾ واقعي هڪ سنڌي هو، اسان جي هوٽل واري جي ڳالهه صحيح نڪتي، سنڌي نينگر جيڪو ويهه، پنجويهه ورهين جو ٿيندو ۽ ٽن ڪن سالن کان هن دڪان تي ڪم ڪري پيو، ٺٽي جو ميمڻ هو. نالو شايد نياز حسين هوس. پاڻ ويچاري نه فقط يڪدم جوس جو دٻو ڪڍي پياريو پر ڪم جو به پڇيو. خبر ناهي ڇو، مون کي ائين لڳو ته جيڪڏهن هن کي چادرون آٽي ڏيندس ته سندس مالڪ، يعني دڪان جو مالڪ، بلڪ دڪان جي مالڪڻ جو هي ڪانياواڙي پٽ هن کي دڙڪا ڏيندو، بلڪ آئون گهڻي دير دڪان تي به نه بيٺس جو ڪانياواڙي دڪاندار رکي رکي مون کي ڪرڙين اکين سان ڏسي رهيو هو ۽ آئون پنهنجو پاڻ صاف صاف (Unwanted) مهمان محسوس ڪري رهيو هوس. ها سچي سندس دڪان جو نالو عبدالغني قاسم الميمني هو ۽ اسان واري علائقي العنابيه ۾ دارالمسره هيٺ هوس. مون چادرون موڪلڻ جو پروگرام ٻن ٽن ڏينهن لاءِ Postpone ڪري ڇڏيو، پر پوءِ ٻئي ڏينهن رستي تي لڳل فون تان فون ڪري رهيو هوس ته به همراهه زور زور سان سنڌي ۾ ڀاڙون هڻندا اچي منهنجي پرسان لنگهيا، مون يڪدم فون بند ڪري ڪٺي هڪ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو.

”اي پائو اتي ترسجو. متان ويا آهيو“. مون چيومانس. پهرين ته هو پريشان ٿي ويا، پوءِ پوءِ مرڪندو ڏسي سمجهي ويا ته آئون هجت واري انداز ۾ ڳالهائي رهيو آهين.

مون دراصل هنن کي اهو سوچي روڪيو ته ٿي سگهي ٿو ته هي اهي حاجي هجن، جيڪي اسان وانگر مديني کان واپس ڪراچي وڃڻ بدران مڪي مان ٿيندا وڃن. ان صورت ۾ آئون ڪين چادرون ڏئي ڇڏيان ته مڪي ڪٺي وڃن ۽ علي گوهر کي فون ڪري ڇڏيان ته هنن کان Collect ڪري، پر منهنجي پڇڻ تي هنن ٻڌايو ته هو مڪي جا رهاڪو آهن. هتي ائين چڪر تي آيا آهن، شام ڌاري واپس هليا ويندا.

”سبحان الله“ مون دل ئي دل ۾ رب پاڪ جي واکاڻ ڪئي. آئون به سڄي عمر دنيا جي ملڪ ملڪ، ٻيٽ ٻيٽ تي سنڌين کي ڳوليندو رهيس. هندو سنڌي سو جتي ڪٿي مليا ٿي پر ڪڏهن ائين مسلمان سنڌي نه مليو، جيئن هتي مڪي ۽ مديني ۾ پينو فقير کان ٽئڪسي ڊرائيور، سيلز مئن کان مالڪ مڪان (يا هوٽل) نظر اچي رهيو هو.

”هتي يلا ڪيئن آيا آهيو؟“ مون پڇيومان.

“گھمڻ خاطر بہ تہ ڏنڌي ڏاڙي لاءِ بہ”. هنن ٻڌايو.

“ڪهڙو ڌنڌو ڪيو؟” مون پڇيومان.

“تسبيحون وڪڻندا آهيون”. هنن مان هڪ ٻڌايو. ٻئي ٿيهارو کن ورهين جا، قدآور پوري پني جسم جا هئا. مون سمجهيو مڪي شريف کان تسبيحن جو ٿيلهو پري هتي مسجد نبوي جي ٻاهران فوٽ پاٿ تي وڪڻندا هوندا. جتي روزانو ڪيترائي مصري ۽ يمني عرب، سوڊاني ۽ اٿوپيا جا حبشي، داغستان ۽ شمشان (چيچنيا) جا روسي تائي ۽ انڊونيشي عورتون، رومال، قميصون، پينون، چشما، عطر ۽ ٻيون اهڙيون شيون وڪڻنديون رهن ٿيون، پر هنن ٻڌايو تہ هو پاڪستان جي پنجاب پاسي جي ڪنهن شهر مان ڪاٺ جي موتين جون تسبيحون گهرائي هتي وڪڻندا آهن. ان وڻ جو نالو هن وقت ياد نہ اٿم پر ڪنهن عا م وڻ جي ڪاٺين جي داڻن جون تسبيحون هتي آڻيندا آهن. “پوءِ ڪنهن کي چوندا آهيون، زيتون (عربي زيتون (Olive جون آهن تہ ڪنهن کي چوندا آهن تہ ٽيڪ وڊ جون آهن تہ ڪنهن کي Oak wood ٻڌائيندا آهيون”. هنن ٻڌايو.

“پر وڪڻو ڪٿي؟ هتي فوٽ پاٿ تي؟” آئون پنهنجي ڪم کي ڇڏي هنن جي ڏنڌي ڏاڙي ۾ اجائي سجائي دلچسپي وٺڻ لڳس.

“اسان ريزڪي نہ وڪڻندا آهيون. اسين مڪي، مديني، جدي، وينڊي رياض ۽ تبوڪ جي دڪاندارن کي مال سپلاءِ ڪندا آهيون. سيالڪوٽ (يا شايد رحيم يار خان) وجي مال خريد ڪري، ڪنٽينر پرائي ان کي هيڏانهن ٻلٽي ڪندا آهيون.”

مون هنن ڏي وري غور سان ڏٺو. هر ڪنڊ کان سادا سودا ڳوناٽا لڳي رهيا هئا. ڪير چوندو تہ هي سنڌ جي هڪ ڳوٺ جا چار درجا (مئٽرڪ، انٽر تائين) پڙهيل اڪيلي سر وتن لکن رپين جون تسبيحون خريد ڪندا ۽ خود ئي مال ٽرانسپورٽ ڪندا. ڪنٽينر Container ۽ ٻلٽي (Bill of lading) جهڙين شين جي ڳالهہ تہ ڪندا وتن پر يقين ئي نہ ٿي آيو تہ واقعي يقين نہ اچي ها پر پوءِ هڪ ٻئي جو تعارف ڪرائي چانهن لاءِ هوٽل ڏي وڌياسين تہ رستي تي جيڪي بہ تسبيحون وڪڻ وارا دڪاندار هئا، اهي هنن کي ڪلي ڪيڪارڻ لڳا ۽ نئين مال اچڻ جو پڇڻ لڳا. انهن ٻن سنڌين مان هڪ تہ منهنجا سفرناما بہ پڙهيا هئا، جو جڏهن نالو ٻڌايومانس تہ يڪدم سفرنامن جي ڳالهہ ڪيائين ۽ ان ناتي مون کي چانهن لاءِ زور پرڻ لڳو.

“سائين گذريل سال بہ اسان کي ائين اوچتو ٽي وي جو پروڊيوسر اعجاز عليم عقيلي ملي ويو هو ۽ هن سان گڏ اسان چانهن پيتي هئي، هينئر توهان اسان سان گڏ ڪجهہ کائو”.

انهي دوران مون ساٽن چادرن جي ڳالهہ ڪري ڇڏي هئي ۽ اتفاق سان پنهنجي هوٽل جي ڪمري تي وڃي آيس، جتي ڪيس چادرون بہ ڏنم. هڪ جو نالو غلام اصغر چنا هو ۽ ٻئي جو محب الله چنا، ٻئي گهوٽڪي جا مائٽ ٿين. سندن ذڪر هن سفرنامي ۾ شايد نہ اچي ها پر ڪالهہ ٿيون ڏينهن سندن فون آيو. اجڪلهہ هتي ڪراچي آيل آهن. ڪين ايڪسپورٽ پرمٽ حاصل ڪرڻ لاءِ رهنمائي جي ضرورت هئي. پاڻ ٻڌايائون تہ هو ٻي ٽي مهيني مال جي خريداري ۽ اڪلاءَ لاءِ ايندا رهن ٿا. هنن جي هڪ عرب ڪفيل سان پائيواري آهي. پئسوعرب جو آهي، ان ڪري فائدي جو وڏو حصو بہ هو رکي ٿو پر ڪين بہ مڙيئي ايترو ڏئي ٿو جو سندن بہ ٻچا ٻار پلجن پيا.

هڪ ٻئي ڪجي جي سنڌي دڪاندار سان پڻ حال احوال ٿيو. مسجد نبوي جي باب عبدالعزيز مان نڪرڻ وقت ساڄي پاسي جنت البقيع جي پٽ سان گڏوگڏ ڪيترائي ننڍا ننڍا دڪان آهن. هڪ ڏينهن لنگهان تہ هڪ دڪان جي ٻاهران هڪ همراهہ سنڌي ٽوپي ۾ اسٽول تي چڙهيو وينو آهي.

“پائو ڪير آهين؟ سنڌي آهين يا بلوچ؟” مون پڇيومانس.

“سنڌي آهيان، سکر پاسي جو پٽو آهيان، ڪتل وٺو، ڪيتري توريان؟”

دل ۾ چيم تہ ڏاڍي ٻڌائي، پوءِ Realize ڪيم تہ منهنجي گروپ ۾ سنڌي ڳالهائڻ وارو اڪيلو آئون آهيان ۽ پوءِ ڪو ٻاهر شهر ۾ ڪو سنڌي ڳالهائيندڙ ملي ٿو تہ پنهنجي زبان جي چشڪي لاءِ هن سان مادري زبان ۾ ڳالهائي خوش ٿيندو وتان پر هنن دڪاندارن کي خبر ناهي روزانو ڪيترا سنڌي حاجي ملن ٿا ۽ ان کان علاوه هتي مديني ۾ رهندڙ سنڌين سان سندن ملاقات ٿيندي رهي، سو هن قسم جي ملاقات مون لاءِ تعجب خيز ثابت ٿئي ٿي پر هنن لاءِ هڪ عام ڳالھہ ٿي.

هن وٽ (پٺي صاحب وٽ) ڪيترن ئي قسمن جي کتل هئي. اٽڪل ڏهين ريالين کان 25 ريالين ڪلو واريون ڏهاڪو کن مختلف جنسون دٻن ۾ رکيل هيون. "هن کان مهنگيون واريون هيڏانهن پنيان ڪري رکيون اٿم". پٺي صاحب ٻڌايو.

"عجوه جنس جي کجور اٿئي؟" مون پڇيومانس.

"ها، هن جو داڻو ننڍو ٿئي ٿو ۽ سڀ ۾ مهنگي ۾ مهنگي آهي. اڄڪلھہ في ڪلو 75 ريالن جو آهي. وچ ۾ تہ هڪ سئو ريالن تائين بہ ٿي ويو هو". پٺي صاحب ٻڌايو.

عجوه کجور لاءِ چيو وڃي ٿو تہ خاص مديني جي آهي ۽ حضور اڪرم ﷺ جن جي هٿن جي پوکيل آهي. ماڻهو شفا خاطر خريد ڪن ٿا. هونءَ بہ کجي هڪ آفاقي Universal اهميت جو ميوو آهي ۽ ان کي مڪمل فوڊ (خوراڪ) مڃيو وڃي ٿو. هر ميوو اُس ۾ ۽ روشني جو ميوو آهي. اڄڪلھہ سنڌ جي شهرن، خيرپورميرس، نيڙهي، ٻبرلوءِ، ڳاڙهي موري، پير جو ڳوٺ، احمدپور، روهڙي ۽ پنوعاقل پاسي پڻ سني کجي پوکي وڃي ٿي، جيڪا بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ وڃي ٿي. مون کي هر سال خيرپور جو شوڪت جماڻي ۽ عاشق حسين شاھہ جو پاءُ جاويد شاھہ سکر کان کجي موڪليندو آهي. دوستن کي ڪارائڻ وقت چوندو آهي تہ ڪيليفورنيا جي آهي ۽ هرڪو چکي چوندو آهي تہ آمريڪا جي واھہ جي کتل آهي. هاڻ سائين ڏيو منهن.

کتل (کجي) جي ڪاربوهائيڊريٽ، وٽامن اي ۽ بي، ڪيلشيم، پوٽيشيم، آئرن، زنڪ ۽ ٻيا غذائي جزا مليل آهن. هن ۾ ڪوليسٽرول بلڪل نہ آهي ۽ چڪنائي گهٽ هجڻ ڪري هي ميوو دل جي مريضن لاءِ بهترين شيءِ آهي. هن ميوي جي اهميت جو اندازو ان ڳالھہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ قرآن مجيد ۾ کجي (کتل) جو ذڪر اٽڪل ويھہ دفعا آيو آهي.

مديني ۾ پڻ اسان هوٽل ۾ ماني کائڻ بدران پنهنجو رڌ پچاءُ قائم رکيو. هوٽل جي هر فلور تي ڪچن هو ۽ رڌ پچاءُ جو ڪم چوٿين فلو تي عورتن ڪيو ٿي. ٻاهر جي خريداري اسان مردن ڪئي ٿي. ٽئي يا چوٿين ڏينهن سيڊو آٽڻ جي ڊيوٽي اسرار، ڊاڪٽر شفيق ۽ مون تي لڳي. اسان کي سامان جي لسٽ ۽ پئسا مليا هئا، جن جو خزانچي نديم نالي هڪ نوجوان هو، جو ڪراچي ۾ وڏو بزنس آهي. ڏھہ کن ڪڪڙيون آچار، سيويون، سلاد، ٽماٽا، ونگيون آڻيون هيون. فجر نماز پڙهي نيرن ڪري، خريداري لاءِ نڪتاسين. پنهنجي هوٽل کان ٻاهر نڪري پر واري دروازي "باب ملڪ عبدالعزيز" کان مسجد نبوي ۾ گهڙياسين ۽ مسجد جي اڳيان اڳيان باب سلام، باب بقيع، باب جبرائيل، وٽان ٿيندا، مسجد غماما ڏي هليا وياسين. اتي ئي ويجهڙائي ۾ هڪ وڏي مارڪيٽ هئي، جنهن ۾ ڀاڄين، ڪڪڙين ۽ سيڌي جا ڪيترائي دڪان هئا، ڪيترائي دڪان پنجابين ۽ بنگالين جا هئا، جتي سيڌي جي هر شيءِ ملي ٿي. جيڪا پاڪستان ۾ ملي ٿي، ويندي پاڪستاني آچار ۽ منايون پڻ.

مارڪيٽ جي پويان ڪڪڙين جي دڪانن جي قطار هئي، آئون پهريون ئي دڪان تي چڙهي ويس، جيڪو هڪ مصري عرب جو هو. ڇھہ ريال في ڪڪڙ جي حساب سان 160 ريال هڪڙا ۽ چلاڻي هڪ ريال في ڪڪڙ جي حساب سان پئسا اڳواٽ ونيءِ، پوءِ هو هڪ هڪ ڪڪڙ آرام سان ڪهڻ لڳو. وچ وچ ۾ ڪو هڪ يا بہ ڪڪڙيون ونڻ آيس تي تہ پهرين ان کي آجو ڪيائين ٿي. آئون چوانس ٿو تہ مون کي پهرين چلي ڏي. يعني ڪجھہ انگريزي ۾ ڪجھہ اشارن سان چوانس تہ ماڳهين مون تي رعب رکي چوي تہ "صبر"، "صبر". دل ۾ سوچيم تہ ويتر پئسا ڏئي پنهنجا هٿ ڪپي وينس، هاڻ هي جيسين منهنجي لاءِ ڪڪڙيون ناهي، ويتر جو پوءِ پر وارن باقي پنجن ڇهن ڪڪڙين جا دڪاندار بنگالي ۽ مدراسي ڏنم تہ ڏاڍو افسوس ٿيو. ڏنم تہ هي مصري عرب چلاڻي ونڻ جي باوجود

چلي بہ چڱي طرح نہ پيو. ايتري ۾ اسرار ۽ ڊاڪٽر شفيق باقي سڀ سيڌو وڃي هلڻ لاءِ مون وٽ اچي نڪتا. ڪين ٻڌايم تہ ڪري تہ وڏي غلطي وينو آهيان پر هاڻي ڦاٽي تہ ڦٽڪڻ کھڙا.

ٻئي ڏينهن اسان جي گروپ جا ڪڪڙيون وٺڻ وارا مون ڪان هن مارڪيٽ جو ڏس پتو پڇڻ آيا تہ چيومان تہ مون واري غلطي نہ ورجائجو. نمبر ون تہ ان مصري عرب ڪان ڪڪڙيون هرگز نہ وٺجو پر بنگالي دڪاندارن ڪان وٺجو. نمبر ٽو سڀ ڪڪڙيون هڪ ڪان نہ وٺجو. ٻہ ٻہ ٽي ٽي هرهڪ ڪان وٺجو. ائين ڪرڻ سان توهان جو وقت بچي پوندو ۽ نمبر ٽري: پئسا اڳواٽ نہ ڏجو. جيئن دڪاندار جو ساهہ توهان جي مٺ ۾ هجي ۽ نہ توهان جو ساهہ هن جي طوطي ۾.

سيڌي وارن وٽ گھڻا مرچ مسالا ۽ پنسارڪيون شيون انڊيا جون هيون، هڪ پاڪستان دڪاندار ڪان پڇيم تہ اهي ساڳيون شيون پاڪستان مان ڇو نہ ٿو گھرائي. هن جا ٻڌايل سبب.

1. انڊيا جي شين جي پئڪنگ سٺي، سهڻي ۽ مضبوط آهي.

2. جيڪا شيءِ سيمپل ۾ ڏيکارين ٿا، اها ئي موڪلين ٿا.

3. قيمت مناسب اٿن.

4. ڏيتي ليتي ۾ ٺڳي نہ ٿا ڪن.

5. هرهڪ شيءِ جي ٽريڊنگ اٿن. مثال طور، جيڪڏهن بيضا آهن تہ سڀ وڏي سائيز جا الڳ آهن، انهن ۾ ننڍي سائيز جا ۽ خراب ۽ پراڻي مڪس نہ ٿا ڪن.

6. ڳوڻ يا ڊٻي ۾ جيڪا شيءِ مٿان نظر اچي اها ئي شيءِ تر ۾ بہ ملي ٿي. ائين نہ تہ مٿين شيءِ سٺي هيٺ ڪيءُ.

منهنجي خيال ۾ اهي سڀ ڳالهيون اسان کي اسلام بہ سيکاري ٿو پر ان تي عمل ٻيا پيا ڪن. انهن ڳالهين تي غور ڪرڻ کپي، اسان جا ڪيترا ماڻهو يعني اسان جي ملڪ جا واپاري عربن سان هميشہ اها ئي شڪايت ڪندا رهن ٿا تہ عرب هندن ڪان (انڊيا ڪان) سامان گهرائين ٿا. اسان مسلمانن ڪان نہ، اسان مسلمان ضرور سڏايون ٿا پر اسلامي طور طريقي موجب شايد هو هلن ٿا جو هتي جي سڄي مارڪيٽ Capture ڪري ويا آهن. اسان جي ملڪ جا پاروتا ڪينو ۽ سينياريل آچار اسان پاڪستاني بہ خريد ڪرڻ نہ ٿا پسند ڪريون.

جنهن ڏينهن مڪو شريف ڇڏي رهياهئاسين تہ مسجد الحرام جي امام شيخ محمد بن عبدالله السيبائيل يا شايد شيخ عبدالرحمان السديس بارش پوڻ لاءِ "نماز استسقا" پڙهائي هئي. ٻئي ڏينهن مديني ۾ شام جو ڪڪر نظر آيا ۽ ٽئي ڏينهن شام جو نہ فقط گهاٽا ڪڪر آسمان تي هئا پر رڪي رڪي ڦڙ ڦڙ بہ وسي رهي هئي. عربستان جتي هر وقت هيٺ ريتي ۽ جبل نظر اچن ٿا ۽ مٿي بنا ڪڪرن جي آسمان ۽ سج جي تپش، اتي هي نظارو ڏسي ڏاڍو لطف آيو. مسجد نبوي جي اتاهن منارن جي بئڪ گرائونڊ ۾ چانديءَ جي داوَن (Border) وارا ڪارا ڪارا ڪڪر هئا. اهڙو خوبصورت نظارو مون ڪڏهن مديني منوره جي تصويرن ۾ بہ نہ ڏٺو. مينهن پوڻ ڪري اوٺي جي اها خوشبودار هوا لڳي رهي هئي، جيڪا سنڌ جي خشڪ ڌرتي تي مينهن ڪٽيون وسڻ تي لڳندي آهي.

هي چئپٽر ختم ڪرڻ ڪان اڳ بہ اڪر عربستان جي اهم ڪمائتي ۽ مددگار جانور اٺ تي لکڻ ضروري سمجهان ٿو، جنهن جو هن چئپٽر ۾ توڙي ٻين هنڌن تي ذڪر آيو آهي. جيڪو اڄ هن جي هن دور ۾ بہ جڏهن عربستان جي آسمان تي اڄ جي تيز رفتار سواري هوائي جهاز جي گڙٻڙ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. زمين تي تيل جي پائيپن جي ڄار وڇايل آهي ۽ پڪن ويڪرن ۽ مضبوط رستن تي اڄ جو عرب باشندو آمريڪا جي نهيل وڏين ۽ آرامده ڪارن ۾ سفر ڪري ٿو، ان هوندي بہ رات جي اونداهين ۽ خاموشين ۾ هتي جي ماڻهن کي انن تي منزلون طئي ڪندو ڏسي سگهجي ٿو. اڄ بہ چوڏهن سئو سال اڳ وانگر جڏهن انن جو قافلو جزيرة العرب جي صحرا مان گذري ٿو تہ حدي جو ترانو ٻڌڻ لاءِ ملي ٿو.

"حدي" اهو پهريون ترانو آهي، جيڪو صحراءِ عرب باشندن ايجاد ڪيو. حدي کي انن تي سفر ڪرڻ وارن ايجاد ڪيو ۽ انهن هن تراني تخليق ڪرڻ ۾ انن جي قدمن جي آهٽ موجب ڪمپوزنگ ڪئي.

اٺ جي هلڻ سان پيدا ٿيندڙ لوڏا سوار کي ڏاڍو ٿڪائين ٿا. ان ڪري اهي ماڻهو جن کي اٺ جي سواري جي عادت نہ هوندي آهي، انهن کيجهٽ اپڙاڪ ۽ الٽيون اچن ٿيون. بلڪل اهڙي طرح جيئن ڪجھ ماڻهن کي ساموندي سفر ۾ ٻيڙي يا جهاز جي هيٺ مٿي ٿيڻ تي ساموندي بيماري (سي سڪنيس) ٿئي ٿي ۽ دل ڪچي ۽ الٽين جي عارضي ۾ مبتلا ٿيو پون.

اٺ جي سفر ۽ انهن لوڏن ۽ ٿڪَ کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ عرب حدي ڳائين ٿا. تجربي مان ثابت ٿيو آهي تہ ان راڳ (حدي) کي جڏهن ترنم سان ڳايو وڃي ٿو تہ نہ فقط سوار پر اٺ بہ خوشي مان ڳاٽ ڪڍي هلي ٿو، ڇو جو اهو ڳانو اٺ تي بہ اثر انداز ٿئي ٿو.

اٺ هڪ عجيب جانور آهي، جيڪو ريگستان ۾ رهندڙ عرب لاءِ بيحد ڪمائتو ثابت ٿيو آهي. اٺ نہ فقط سواري لاءِ ڪم اچي ٿو پر مال ڍوئڻ جي بہ مال گاڏي آهي. عربستان جي اها تپندڙ واري ۽ گرمي جتي هر جانور توڙي مشين بيوس ٿي پوي. اتي هڪ عرب جو بهترين ساٿي اٺ آهي. اٺ بنا ساهي پٽڻ جي ارڙهن ڪلاڪ روزانو هلي سگهي ٿو ۽ پنجاھ ميل (80 ڪلوميٽر) جهاڳي سگهي ٿو ۽ اها مسافري هڪ عام رستي تي نہ پر ريتي تي ڪري سگهي ٿو ۽ 130 کن ڪلو وزن جا رکي هو پنج ڇھ ڏينهن بنا ڪاڏي پيتي جي رهي سگهي ٿو ۽ پوءِ وري پاڻي مليس ٿو تہ 35 گيلن کن پاڻي (جيڪي چار مڻ ٿا ٿين) هڪ ئي وقت ڏهن منٽن ۾ پيو وڃي. ائين ڪو ٻيو جانور يا ماڻهو گهڻو پاڻي پيئي تہ اڦٽ مري وڃي پر قدرت اٺ جو جسم اهڙي نموني جو ناهيو آهي جو هو ان پاڻي کي يڪدم Absorb ڪريو وٺي. جو هن جي رت جا ڳاڙها جزا (Corpuscles) يڪدم ڦونڊجيو (Exand) ٿيو وڃن ۽ پاڻي جو فالتو مقدار جذب ڪريو وٺن. ڪڏهن ڪڏهن رڻ پٽ ۾ پاڻي جي کوٽ ۽ ايمرجنسي ۾اٺ کي کهي ان ۾ اسٽور ٿيل پاڻي حاصل ڪري انسانن جي جان بچائي ويندي آهي. اٺ جو کير ٿورو کارو ٿئي ٿو پر عرب ان کي کتل سان گڏ پيئڻ پسند ڪن ٿا ۽ پيئڻ واري ۾ Resistance power پيدا ٿئي ٿو. اٺ جو گوشت ڪاڏو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن رڻ پٽ ۾تنبن جي کوٽ هجڻ جي صورت ۾ عرب بيٺل اٺن جي ڇانوَ ۾ سمهيو رهن پيو تہ نهيو ڪيترا عرب پنهنجي ڇڙ اٺ کي ڏندا هٽي ڪڍن. اڄڪلھ تہ دبئي ڪويت پاسي اٺن جي ڊوڙ تي Bets (شرطون) لڳن ٿيون.

رڻ پٽ بيانن ۾ ريتي جي طوفانن کان بچاءَ لاءِ اٺ پنهنجي نڪ کي مڪمل طور بند رکي سگهي ٿو ۽ اکين تي عورتن جي چادرين (برقعن) وانگر ٻن نقابن مان هڪ ڏئي اکين جو بچاءُ بہ ڪري سگهي ٿو تہ اڳتي جو سفر مڪمل ڪرڻ لاءِ ڏسي بہ سگهي ٿو. هونءَ تہ هن جانور لاءِ جيڪو غريب طبيعت جو بہ آهي تہ ڏنگو مڙس بہ، جنگلي آهي تہ پالتو بہ، خوفناڪ آهي تہ چئيوان بہ، سڀ کان بهترين ڪاڏو سائو گاھ ۽ پن آهن پر اهو ڪيس ڪو ورلي نصيب ٿئي ٿو. ڪنڊن ڪرڙن ۽ سڪل ڌارين سان ئي پيٽ پري ٿو ۽ پوءِ فرصت ۾ ان پيٽ مان ٿورو ٿورو ڪاڏو ڪڍي اوڳاريندو رهي ٿو ۽ ان ۾ ئي خوش رهي ٿو ۽ شڪر و صبر سان ڪم ڪري ٿو. هو هر وقت ٻين کي ئي ڪم اچي ٿو. شايد اٺ جون اهي خاصيتون سوچي هڪ يورپي سعودي عرب ۾ رهي اسلام جو مطالعو ڪري اٺ بابت هي ريمارڪ ڏنو:

"The camles fate, it seems, recapitualtes Islam to give, to yield, to submit".

اٺ بابت هڪ مضمون ريڊرس ڊائجسٽ ۾ بہ پڙهيو هوم، جنهن جي مصنف اليگزينڊر ٽيروڪس انن بابت هڪ جملو واھ جو لکيو آهي تہ:

"The Arabs eat them, beat them, ride them, race them, bet on them and sleep in their shadows. They do everyting bud marry them".

# مسجد قبا ۽ مسجد نبوي

پيغمبر اسلام کي جڏهن رب پاڪ طرفان هجرت جو حڪم ٿيو تہ نبوت جو تيرهون سال هو. 12 سيپٽمبر 622ع تي رات جي وقت حضور اڪرم ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن کي پاڻ سان گڏ وٺي مڪي معظم کان غار ثور ڏي روانا ٿيا. ڪافرن جي حملي کان بچڻ لاءِ پاڻ ٽي راتيون ان غار ۾ لڪل رهيا. ٽن راتين کانپوءِ پاڻ مديني شريف روانا ٿيا ۽ 23 سيپٽمبر 622ع تي قبا پهتا. جتان مدينو منوره فقط ٽي ميل پنڌ تي هو. قبا ۾ حضرت عمرو بن عوف کي حضور ﷺ جن جي مهمان نوازيءَ جو شرف حاصل ٿيو. پا ڻ ڪجهہ ڏينهن هتي رهي پيا ۽ مسجد نهرايائون، جيڪا مسجد قبا جي نالي سان سڏجي ٿي. مديني شريف ۾ اسلام جي هيءَ پهرين مسجد هئي. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ سورہ التوبة جي 108 آيت ۾ هن مسجد جو بيان هن طرح فرمايو آهي:

ترجمو: "اها مسجد جنهن جو بنياد روز اول کان ئي تقويٰ تي رکيو ويو، ان ڳالهہ جي زياده حقدار آهي تہ تون ان ۾ اٿي بيهہ".

اسلام ۾ هن مسجد جي وڏي فضيلت آئي آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ: "هن مسجد ۾ ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪرڻ جو ثواب هڪ عمري جي ثواب برابر آهي". ان ڪري مديني جي زيارت ڪرڻ وارا مسجد قبا ۾ بہ وڃن ٿا. جتي نفل ادا ڪري دعائون گهرن ٿا.

قبا ۾ ڪجهہ ڏينهن رهڻ بعد رسول الله ﷺ جن جمعي جي ڏينهن مديني منوره روانا ٿيا. رستي تي جمعي نماز جو وقت اچڻ تي پاڻ جمعي نماز پڙهي ۽ خطبو پڻ ڏنو. مديني منوره ۾ سندن شاندار استقبال ٿيو. هرهڪ اهوچاهيو ٿي تہ حضور اڪرم ﷺ جن هن جا مهمان ٿين. پاڻ فرمايائون تہ: اٺڻي، جنهن تي پاڻ ﷺ سوار هئا. ان جي مهار ڇڏي ڏيو. هوءَ جيڏانهن وڃي ٿي، اوڏانهن وڃڻ ڏيو. رب پاڪ کي جتي مون کي لاهڻ مقصود هوندو. ان جاءِ تي اٺڻي پنهنجو پاڻ ويهي رهندي.

سڀ کان پهرين اٺڻي ان جاءِ تي ويني، جتي اڄ مسجد نبوي آهي پر حضور اڪرم ﷺ جن اجا لهڻ وارا مس ٿيا تہ اٺڻي وري هلڻ لڳي ۽ بنو نجار جي محلي ۾ ايوب انصاري رضہ جي گهر جي سامهون اچي ويهي رهي. ان ئي محلي ۾ حضور ﷺجن قيام فرمايو. هتي بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن سڀ کان اڳ مسجد جي تعمير ڏي ڌيان ڏنو، جيئن قبا ۾ رهڻ دوران قبا مسجد نهرائي، مسجد جي لاءِ حضور اڪرم ﷺ جن اها جاءِ پسند ڪئي جتي اٺڻي پهرين ويني هئي. ان ڪري اها زمين خريد ڪئي وئي، جيڪا ٻن يتيم ٻائرن جي هئي. هنن ٻائرن اها زمين بنا قيمت جي ڏيڻ چاهي ٿي پر پاڻ ﷺ جن ائين وٺڻ منظور نہ ڪيو ۽ پئسا ڏيڻ بعد مسجد جا بنياد رکيا، جيڪا مسجد نبوي سڏجي ٿي. هي اها مسجد آهي، جيڪا صحابہ ڪرام سان گڏ حضور اڪرم ﷺ جن گڏجي ناهي. پاڻ ئي سرون ۽ گارو ڪٽي پتين ۽ چتين جي اڏاوت ڪيائون. ان مسجد جي پر ۾ پاڻ ﷺ جن پنهنجو رهائش گهر ناهيو.

شروع جي نهيل هن مسجد جون ٿنيون ڪچين سرن سان ناهيون ويون، ڇت کجي جي پنن جي ۽ ٿنيا کجي جي ٿڙن مان ناهيا ويا. ان وقت مسجد جي ڊيگهہ 105 فوٽ ۽ ويڪر 90 فوٽ ۽ اوچائي 10 فوٽ هئي. مسجد جي اوير واري ڪنڊ کان هڪ ڇت سان ڍڪيل صفو ناهيو ويو، جتي سٺ، ستر اهي صحابي رهيا ٿي، جن جوڪو گهر ٻار نہ هو ۽ نہ ڪو روزگار، فقط علم دين ۽ فيض نبوي حاصل ڪرڻ لاءِ هو اتي ٽڪيل هئا. ان ڪري مسجد جو اهو حصو اڄ بہ اصحاب صفہ جي نالي سان مشهور آهي.

مسجد نبوي جي قبلي جو رخ بہ مسجد قبا جي قبلي وانگر ان وقت تائين بيت المقدس ڏي يعني اتر ڏي هو، جو جو اجا تائين رب پاڪ طرفان اهو حڪم نہ آيو هو تہ قبلي جو رخ ڪعبي ڏي موڙيو وڃي. بهرحال ان اتراهين پت کي ڇڏي باقي مسجد جي ٽن پتين ۾ دروازا ڪيا ويا. سترهن مهينن تائين بيت المقدس ڏي منهن ڪري نمازون پڙهڻ بعد هجرت جي ٻئي سال ۾ بيت الله شريف کي قبلو ناهڻ جو حڪم الاهي نازل ٿيو. ان بعد ڏاکڻي پت کي

بند ڪري اتراهين پٽ ۾ دروازو کوليو ويو، جيڪو اڄڪلهه باب مجيدي نالي سان سڏجي ٿو. فتح خيبر ڪانپوءِ حضور اڪرم ﷺ هن مسجد جي ڊيگهه ۾ 45 فوٽ ۽ ويڪر ۾ 60 فوٽ جو واڌارو ڪيو ته مسجد 150 فوٽن جي چورس ٿي پيئي.

سن 17 هجري ۾ حضرت عمر فاروق رضہ هن مسجدجي ڊيگهه 150 فوٽن جي ساڄي طرف ٻه کاٻي طرف ۽ ٻه پنيان، موجوده باب السلام ۽ باب النساءِ ان دور فاروق جا يادگار آهن. البت مسجد کي اهڙو ئي سادو رکيو ويو.

سن 23 هجري ۾ حضرت عثمان رضہ جن خليفا ٿيا ته هنن پٿين ۽ ٿنين کي پٿرن سان نهرايو ۽ انهن جي نقش نگار ڪرايا. قبلي ڏي مسجد کي ان حد تائين وڌايو، جنهن تائين اڄ آهي ۽ ان پٽ ۾ هڪ محراب به تعمير ڪرايو، جيڪو اڄ به محراب عثمان رضہ جي نالي سان مشهور آهي. اها تعمير 29 هجري ۾ شروع ٿي ۽ 30 هجري ۾ ختم ٿي.

ان ڪانپوءِ بنو اميہ جي دور خلافت ۾ وليد بن عبدالملڪ جي عهد ۾ 88 هجري ۾ مسجد کي چڱو وڏو ڪرايو ويو. سندس ڊيگهه 300 فوٽ ۽ ويڪر 250 فوٽ ڪرائي ٿنيا سنگ مرمر جا نهرايا ويا. ڇت تي سون جو پاڻي لڳايو ويو ۽ خوبصورت نقاشي ڪرائي وئي، هي ڪم 91 هجري تائين هليو.

ان ڪانپوءِ عباسي خليفن جي ڏينهن ۾ هن مسجد کي وڌايو ويو، خليفي المهدي العبس 161 کان 165 هجري تائين هن مسجد جو اڱڻ وڏو ڪرايو. ان ڪانپوءِ اٽڪل ست سئو کن سال هي مسجد ان ئي حالت ۾ رهي. 888 هجري ۾ سلطان اشرف قائتبائي سلطان سليمان رومي روضي مبارڪ ۾ سنگ مرمر جو فرش لڳرايو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.

حجري شريف ۾ سرنگهه کوٽڻ جو واقعو 55 هجري ۾ ٿيو، هي ماڻهو عيسائي هئا، جن سرنگهه ذريعي کوٽائي ڪري جسم مبارڪ کي ڪٽي وڃڻ چاهيو ٿي. ان ڪانپوءِ مصر جي بادشاهہ نورالدين انگي حجري جي چوڌاري اونهي کاهي کوٽائي ان ۾ شيهو رجائي پري ڇڏيو. جيئن آئنده ڪو شيطان قبر تائين پهچي نه سگهي.

ترڪن جي عهد ۾ به مسجد مبارڪ ۾ ڪافي واڌارو ٿيو، ترڪ جيڪي پنهنجو پاڻ کي خدام ڪعبہ سڏيندا هئا. مسجد نبوي جي اندرئين حصي جو شان اڄ ڏينهن تائين انهن جي ياد ڏياري ٿو. ڳاڙهي رنگ جا ٿنيا ۽ انهن تي سونهري گل پن انهن جي ئي زماني جي ياد آهن.

پوءِ هاڻوڪي سعودي خاندان جي سلطان عبدالعزيز ابن سعود مرحوم 1368 هجري ۾ مسجد نبوي کي ٻيڻ جيترو وڌائڻ جو حڪم ڏنو. مسجد جي آسپاس نهيل گهرن کي خريد ڪري ڊاهڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. 1372 هجري ۾ سلطان سعود بن عبدالعزيز مديني ۾ اچي ان ڪم جي بسم الله ڪرائي.

مسجد جي ان واڌاري واري اسڪيم ۾ هڪ خاص ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ واري اها آهي ته اصل مسجد ۽ ان جا مقدس هنڌ يعني روضہ اقدس گنبذ خضرا، حجره مبارڪ مقصوره شريف، اصحابہ صفہ وارو چبوترو وغيره تاريخي شين کي اصل حالت ۾ رهڻ ڏنو ويو آهي. ان ۾ ٿوري به ڦير ڦار نه آندي وئي آهي.

مسجد نبوي تي سڀ کان گهڻو واڌاري ۽ سونهن جو ڪم ملڪ فهد بن عبدالعزيز 1405 کان 1412 هجري تائين ڪرايو آهي. هن تمام وڏي پئماني تي خرچ ڪري دنيا جا بهترين ڪاريگر گهرايا ۽ ان ۾ استعمال ٿيندڙ بهترين مٽيريل لڳايو آهي، جنهن جي تيار ڪيل فلم دنيا جا ماڻهو تعجب مان ڏسن ٿا. دنيا جي انيڪ ملڪن مان ڪاٺ، سرون، پٿر، واڀا، رازا آندا ويا، اڄ مسجد نبوي ۾ ساڍا ڇهه لک ماڻهو هڪ ئي وقت نماز پڙهي سگهن ٿا ۽ مسجد جي ٽوٽل ايراضي ٻاهريون اڱڻ ملائي تي لک چورس ميٽر آهي. هيٺ تهہ خاني جي پکيڙ 73000 چورس ميٽر آهي، جنهن ۾ مسجد جي انتظام هلائڻ لاءِ آفيسون آهن، ڪار پارڪنگ لاءِ ٻه ليولون آهن، جتي 4500 ڪارون پارڪ ٿي سگهن ٿيون.

مسجد جي ڪجهه حصن مٿان چرندڙ گنبذ (Moving Domes) آهن، جي شام جو رڙهڻ سان آسمان نظر اچي ٿو ۽ ڏينهن جو اس کان بچاءَ لاءِ ڇت کي ڍڪيو ڇڏين. هنن گنبذن جو Diameter 14.7 ميٽر آهي ۽ تور 80 ٽن آهي. اهي

گنبذ مشينن رستي هڪ منٽن ۾ رڙهن ٿا. هٽ سان ريڙهڻ ۾ اڌ ڪلاڪ لڳي ٿو. سڄي مسجد کي ڏهہ منارا آهن، تن مان چار پهرين جا هئا ۽ ڇهہ ملڪ فهد جي ڏينهن ۾ ٺهيا آهن. منارن جي اوچائي 104 ميٽر آهي. پٿر جي ٿنين جو تعداد 2725 آهن، جن مان 550 مٿين ماڙ تي آهن، ٿنين جو Diameter 64 سينٽي ميٽر آهي.

مسجد ۾ داخل ٿيڻ لاءِ جملي 85 دروازا آهن. هر دروازو 3 ميٽر باءِ 6 ميٽر آهي. مسجد ۾ جملي بتيون 67000 آهن ۽ شئنڊليئر 68 آهن. مسجد کي ٿڌو رکڻ لاءِ ڇهہ چلر (Chillers) آهن. هرهڪ 3400 Ton Capacity جو آهي. ان کان علاوہ بہ ايمرجنسي چلر آهن. انهن کي جيڪي ست پمپ پاڻي سپلاءِ ڪن ٿا. انهن پمپن مان هرهڪ جي Capacity ٽي هزار چار سئو گئلن في منٽ آهن. انهن مشينن لاءِ 31 مڪينيڪل ڪمرا آهن ۽ تہ خاني ۾ ڪم ڪندڙن لاءِ 150 ايئر ڪنڊيشنر يونٽ آهن.

اليڪٽرسٽي پيدا ڪرڻ لاءِ مسجد کي پنهنجو پاور جنريشن پلانٽ آهي، جنهن کي اٺ 2.5 ميگا واٽ پيدا ڪندڙ ڊيزل جنريٽر آهن۽ چار سب اسٽيشنون آهن. هي جنريٽر وغيره مسجد کان ست ڪلوميٽر پري لڳايا ويا آهن.

سي سي ٽي وي CCTV مانيٽرنگ ۽ ڪنٽرول سسٽم لاءِ مسجد ۾ 543 ڪيمرائون لڳل آهن، جن ذريعي نماز لاءِ ايندڙن جي چرپر تي نظر رکي وائرليس ذريعي ڊيوٽي تي بيٺل پوليس کي آگاهہ ڪيو وڃي ٿو. ٿوري بہ رش يا گڙٻڙ ٿيڻ يا چوڌاري هر وقت ايمبولينس گاڏيون تيار رهن ٿيون.

سائونڊ سسٽم لاءِ 206 ايمپليفائر آهن، هرهڪ 600 واٽ جو آهي ۽ 3500 اسپيڪر آهن. باهہ جي معلومات ۽ ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ Water Sprinkler Network آهي، جيڪي اڄڪلهہ دنيا جي فائيو اسٽار هوٽلن ۾ لڳل رهي ٿو.

ڇت تي چڙهڻ لاءِ 18 عام ڏاڪڻيون آهن ۽ 6 ايسڪاليٽر آهن، هر يونٽ ۾چار چار چرندڙ ڏاڪڻيون آهن.

## مسجد نبوي جا فضائل

فضائل مسجد نبوي جي حديث آهي، جيڪا صحيح بخاري ۾ آهي. رسول الله ﷺ فرمايو منهنجي هن مسجد ۾ هڪ نماز ٻين مسجدن جي هزار نمازن برابر آهي. سواءِ مسجد الحرام يعني خانہ ڪعبي جي.

هڪ ٻي حديث ۾آ هي تہ: مديني منوره جي مسجد کي دنيا جي سيني مسجدن تي هڪ هزار درجا فضيلت حاصل آهي پر منهنجي مسجد کي سيني مسجدن تي هڪ لک درجا فضيلت حاصل آهي.

حضرت ابو هريره رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ: بيشڪ منهنجي هن مسجد ۾ هڪ وقت جي نماز پڙهڻ مسجد الحرام کانسواءِ دنيا جي ٻين سيني مسجدن ۾ هڪ هزار رڪعتون نماز پڙهڻ کان افضل آهي.

## رياض الجنت

مسجد نبوي ۾ رياض الجنت تمام وڏي عظمت وارو حصو آهي. نبي اڪرم ﷺ هن کي جنت جي باغ سان تعبير فرمايو. مسجد نبوي ۾ جڏهن توهان باب جبريل کان داخل ٿيندائو تہ توهان جي کابي هٿ تي هڪ حجرو نظر ايندو. هي حضرت بيبي فاطمة رضہ جو گهر هو. جڏهن توهان هن جي سامهون کان گذري ويندائو تہ پوءِ يڪدم کابي هٿ تي مسجد نبوي جو اهو حصو آهي، جيڪو رياض الجنت سڏجي ٿو. ان هنڌ لاءِ حديث ۾ آهي، "جيڪا جاءِ منهنجي گهر ۽ منبر جي وچ ۾ آهي، اها جنت جي باغن مان هڪ آهي". (گهر مان مراد حضرت عائشہ رضہ جو حجرو آهي، جنهن ۾ حضور پاڪ ﷺجي قبر شريف آهي ۽ جو حضرت بيبي فاطمہ رضہ جي حجري جي پنيان آهي).

يعني هيءَ جاءِ حقيقت ۾ جنت جو هڪ ٽڪرو آهي، جيڪو هن دنيا ۾ منتقل ڪيو ويو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن هي ٽڪرو جنت ۾ هليو ويندو. هن رياض الجنت ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جو مصلو پڻ آهي، جتي پاڻ ويهي امامت فرمائيندا هئا. هن هنڌ تي اڄڪلهه هڪ خوبصورت محراب نهيل آهي. جيڪو محراب نبوي سڏجي ٿو. وليد بن عبدالملڪ جي دور ۾ وليد جي حڪم سان عمر بن عبدالعزيز جڏهن مسجد نبوي کي وڏو ڪرايو هو ته هن جاءِ تي محراب به ٺهرايو هو.

اڄڪلهه 9 فوٽ سنگ مرمر جي هڪ ئي ٽڪري مان محراب ٺهيل آهي، جن تي سون جي پاڻي سان خوبصورت ميناڪاري ڪئي وئي آهي. محراب جي پنيان اها آيت لکيل آهي، جنهن ۾ درود شريف پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، يعني سورة الاحزاب جي 56 آيت:

ترجمو: "الله تعاليٰ ۽ فرشتا نبي تي درود ۽ سلام موڪلين ٿا، ان ڪري ايمان وارئو، توهان به هن تي درود و سلام موڪليو".

رياض الجنت جي نشاني لاءِ ان حصي کي سفيد ٿنڀن ذريعي الڳ ڪيو ويو آهي ۽ هن حصي تي اڇيري رنگ جا غاليچا وڇايل رهن ٿا. هن هنڌ تي هر وقت زيارت لاءِ آيل ماڻهو نظر ايندا ۽ حج وارن ڏينهن ۾ ته تمام گهڻي رش رهي ٿي. هن هنڌ تي جڏهن به جاءِ ملي وڃي ته گهڻي کان گهڻا نفل ادا ڪجن. تلاوت ڪلام پاڪ ڪري دعائون گهرجن، ڇو ته هن جاءِ تي ويهڻ جنت ۾ ويهڻ برابر آهي.

## ست ٿنيا (سُتون)

هونءَ ته مسجد نبوي جو ٽڪرو ٽڪرو نورفشان آهي پر رياض الجنت جا اهي ست ٿنيا جن کي سنگ مرمر جي ڪم ۽ سونهري ميناڪاري سان نمايان ڪيو ويو آهي. اهي هن ريت آهن.

## ستون حنانہ:

هيءُ ٿنيو نبي ﷺ جن جي ويجهو آهي. حضور اڪرم ﷺ جن هن ستون وٽ ويهي خطبو ڏيندا هئا. جتي اهو ڪجور جو وڻ دفن آهي، جيڪو ڪاٺ جو منبر ٺي وڃڻ ڪانپوءِ حضور اڪرم ﷺ جي فراق ۾ ٻارن وانگر رنو هو.

## ستون عائشہ رضہ:

هڪ دفعي حضور اڪرم ﷺ ارشاد فرمايو: "منهنجي مسجد ۾ هڪ اهڙي جاءِ آهي، جتي ماڻهو کي نماز پڙهڻ جي فضيلت جي خبر پئجي وڃي ته هو ان ڳالهه تي پُڪا وجهن (قرعہ اندازي ڪن)". طبراني. هن جاءِ جي نشاندهي حضرت عائشہ رضہ فرمائي هئي. هاڻ اتي ستون عائشہ ناهيو ويو آهي.

## سُتون ابولباب.

هن ستون کي ستون توبہ به چون ٿا. حضرت ابو لبابه رضہ صحابيءَ کان هڪ غلطي ٿي وئي. ان جي توبہ لاءِ هن پنهنجو پاڻ کي هن ٿنيي سان ٻڌي ڇڏيو. آخرڪار، الله تعاليٰ هن جي توبہ قبول ڪئي ۽ حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجن مبارڪ هٿن سان هن کي کوليو.

**ستونِ وفود:**

هن جاءِ تي نبي اڪرم ﷺ ٻاهران ايندڙ وفدن سان ملاقات ڪندا هئا.

**ستونِ سرير:**

هن جاءِ تي نبي اڪرم ﷺ جن اعتڪاف ڪندا هئا ۽ رات جو هتي سندن لاءِ بستر وڇايو ويندو هو.

**ستونِ حرس:**

هن هنڌ تي حضرت علي رضہ اڪثر نماز پڙهندا هئا ۽ هن جاءِ تي ويهي حضور اڪرم ﷺ جي پاسباني ڪندا هئا. هن کي ستونِ علي رضہ بہ چون ٿا.

**ستونِ تهجد**

نبي ڪريم ﷺ جن هن جاءِ تي تهجد نماز ادا ڪندا هئا.

هي سڀ ستون (ٿنڀا) مسجد جي ان حصي ۾ آهن، جيڪا حضور اڪرم ﷺ جن جي زماني ۾ هئي. هنن وٽ وڃي هر انسان کي دعا استغفار ڪرڻ گهرجي ۽ جڏهن بہ موقعو ملي تہ انهن وٽ ستون ۽ نفل پڙهڻ گهرجن. هي اهي متبرڪ جايون آهن، جتي نبي ڪريم ﷺ جن جي ڪرم جون نگاهون پئجي چڪيون آهن.

مسجد نبوي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪيترائي دروازا آهن. عربي ۾ دروازي کي باب سڏجي ٿو. حضور اڪرم ﷺ جن جي روضي مبارڪ مٿان سائي رنگ جو گنبذ آهي. عربي ۾ سائي رنگ کي خضر چئجي ٿو ۽ سائي رنگ جي ڪري هن قبي (Tomb) کي گنبذ خضرا سڏجي ٿو ۽ گنبذ خضرا واري پاسي يعني قبلي پاسي (ڏکڻ پاسي) واري ديوار کان داخل ٿيڻ لاءِ ڪجهہ هي دروازا آهن. باب اسلام، باب رحمت، باب جبرئيل، باب ابوبڪر صديق، باب نساءِ، باب عمر بن عبدالعزيز، باب البقيع (مديني کان مڪو شريف يعني ڪعبو ڏکڻ طرف آهي. ان ڪري مديني ۾ ڏکڻ طرف منهن ڪري نماز پڙهجي ٿي . اسان وٽ پاڪستان ۾ قبلي جو رخ الهندي ڏي آهي، جو اسان وٽان مڪو شريف الهندي ڏي آهي.

مسجد نبوي جي اتر واري پٽ ۾ جتان Main Entrance آهي. هي دروازا آهن: بابت زينب، باب حمزه بن عبدالمطلب، باب عمر بن خطاب، باب سعد بن ابي وقاص، باب ملڪ عبدالعزيز، باب سعد بن زيد، باب عثمان بن عفان، باب الزبير، باب ڪلثوم. ان بعد مسجد ڏي منهن ڪري ويهڻ سان ساڄي پاسي واري پٽ ۾ جيڪا مغربي (الهندي پاسي واري) پٽ آهي. هي دروازا آهن. باب الحسن بن علي، باب علي بن ابي طالب، باب الحسين بن علي ، باب مصعب بن عمر، باب ام سلمہ، باب عائشہ، باب حفصہ ۽ کابي پاسي واري مشرقي پٽ جا هي دروازا آهن. باب سعود، باب ملڪ عبدالعزيز (هي دروازو شارع عبدالعزيز وٽ آهي)، باب ملڪ فيصل، باب سعد بن معاذ، باب فاطمہ، باب خديجہ، باب رقيہ.

حاجين جي سهولت لاءِ هڪ دفعو وري لکڻ ضروري سمجهان ٿو تہ هو مڪي وانگي هتي مديني ۾ بہ پنهنجي رهائشگاهہ (هوٽل وغيره) ۽ رستي جو نالو ياد رکن. مديني جي رهائش پڻ مڪي وانگر مسجد نبوي جي چوڌاري آهي ۽ مسجد نبوي ۾ ان دورازي کان داخل ٿيو ،جيڪو توهان جي رهائشگاهہ کي ويجهو هجي ۽ وري موٽڻ وقت بہ ان دروازي کان گهر اچو ۽ جي رستو وسري وڃي يا رش جي ڪري پنهجن ساٿين کان ڌار ٿي وڃو تہ هڪ ٻئي جو انتظار ڪرڻ لاءِ ان دروازي وٽ اچي ترسجي. مڪي شريف جي مسجد الحرام وانگر مديني منوره جي هن مسجد نبوي جي بہ دروازن جا نہ فقط نالا لکيل آهن پر هر در جو نمبر پڻ آهي، جيئن پوڙها ماڻهو جيڪي

دروازي جو نالو ياد ڪري نہ سگهن تہ فقط نمبر ياد رکن. ڪيترائي ماڻهو خاص ڪري پهرين ڏينهن تي، دروازي جو نالو يا نمبر ياد نہ رکڻ ڪري رستو وڃايو ڇڏين ۽ هڪ دروازي مان اچي ٻئي مان نڪرڻ ڪري هنن جي گهر جي پنڌ ۾ ميل ڏيڍ جو فرق اچيو وڃي، جيڪي مديني مان ٿي آيا آهن ۽ مسجد نبويءَ جي سڀني درن کان واقف آهن. اهي اندازو لڳائي سگهن ٿا تہ اهو ماڻهو جنهن جي رهائشگاهہ باب الملڪ سعود وٽ آهي ۽ هو اهو دروازو ياد نہ ٿو رکي ۽ موٽڻ مهل مغربي پٽ جي باب عائشہ يا باب علي مان ٻاهر نڪري اچي ٿو تہ هن کي تہ سڄي دنيا نرالي نظر ايندي ۽ مسجد جي ٻاهران ڦري گهر تائين پهچڻ ۾ هن کي ميل کن پنڌ جو وڌيڪ ڪرڻو پوندو.

هونءَ مڪو مڪرمہ ۽ مدينو منوره دنيا جا اهي شهر آهن، جن ۾ ڪو بہ گم ٿي نہ ٿو سگهي. بشرطيڪہ هن کي مسجد الحرام يا مسجد نبوي جي ان دروازي جو نالو ياد رهجي، جيڪو سندس گهر جي ويجهو آهي. توهان جون اکيون پوري توهان کي مديني شهر جي ڪنهن بہ هنڌ تي ڇڏي اچجي. توهان اتان مسجد نبوي ۾ اندر هليا اچو. اندر اچي ان در ڏي وڃو، جيڪو توهان جي گهر وٽ آهي. زيارت لاءِ ايندڙ گهڻو ڪري پهرين ڏينهن گم ٿين ٿا، بلڪہ پنهنجو رستو ڀلجيو وڃن جو هو تڙ تڪڙ ۾ مسجد نبوي کي سامهون ڏسي اندر گهڙيو اچن پر ان گهڙڻ واري دروازي جو نالو يا نمبر ياد نہ رکڻ ڪري سمجهہ ۾ نہ ٿو اچين تہ ڪهڙي دروازي کان نڪرجي. ڇو جو مسجد ۾ اندر گهڙڻ مهل ضروري ناهي تہ ان دروازي وٽ نماز جي جاءِ ملي، صفون پرڻ ۽ صفون سڌيون ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سعودي مذهبي پوليس وارا ۽ اسڪائوٽ درن وٽ بيٺل رهن ٿا ۽ اهي توهان کي ان طرف وڃڻ لاءِ زور پرين ٿا، جنهن طرف جاءِ خالي آهي.

زيارت لاءِ ايندڙن لاءِ رستو ڀلجڻ جو هڪ ٻيو بہ سبب ٿئي ٿو، جنهن ڪري (خاص ڪري) عورتون رستو ڀلجيو وڃن. اسلام ۾ عورت ۽ مرد کي هڪ ٻئي جي پر ۾ بيهي نماز پڙهڻ يا مسجد ۾ گڏ ويهڻ کي پسند نہ ڪيوويو آهي. مسجد الحرام (مڪي) ۾ بہ ڪيترائي مرد توڙي پوليس ڪاتي جون عورتون ان ڪم لاءِ مقرر ٿيل آهن تہ هو مردن ۽ عورتن کي ڌار ڌار حصن ۾ ويهارين پر اتي زائرين جو ايڏو وڏو تعداد آهيءِ نماز سان گڏ طواف جي ڪري بہ چوويهہ ئي ڪلاڪ ماڻهو ايندا رهن ٿا ۽ نماز جي وقت تي تہ مسجد کان بہ ٻاهر رستا گهٽيون نمازين سان ڀرجيو وڃن ۽ اوستائين ۽  هروقت ماڻهو کي تنبيهہ ڪري ڪين ڌار ڌار نماز پڙهڻ ۾ اجا سئو سيڪڙو ڪاميابي نہ ٿي آهي ۽ حرم پاڪ ۾ اندر توڙي ٻاهر ڪيترن هنڌن تي زالون مرد گڏ ويٺل نظر اچن ٿا. طواف بہ گڏ ڪن ٿا. خاص ڪري هڪ ئي خاندان يا هڪ ئي گروپ جا. پر مديني ۾ بہ ائين نہ آهي، اتي سختي سان مردن توڙي عورتن لاءِ الڳ دروازا ۽ حصا ڪيا ويا آهن، هاڻ ڇا ٿو ٿئي جو گهران نڪتل زال مڙس گڏجي مسجد ڏي روانا ٿين ٿا. عورت اهو ئي سوچي ٿي تہ آئون پنهنجي مرد (محرم) سان گڏ آهيان ۽ ان سان ئي موٽنديس. رستو يا مسجد ۾ گهڙڻ وارو دروازو ياد ڇو ڪريان ۽ پوءِ مسجد ۾ گهڙڻ وقت پوليس واراعورتن کي ان دروازي مان داخل ٿيڻ بدران عورتن وارن دروازن ڏي وڃڻ جو اشارو ڪن ٿا. ڪي ڪي عورتون ضد ڪن ٿيون تہ انهن کي سعودي پوليس دڙڪا بہ ڏئي الڳ ڪريو ڇڏي ۽ پوءِ تڪڙ ۾ هڪ تہ عورت ان دروازي جو نالو ياد نہ ٿي رکي ۽ ٻيو تہ جي ياد رکي بہ ٿي تہ هن کي اهو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ٻاهر نڪري مڙس کي ڪٿي ڳوليان يا ڪنهن هنڌ هن جو انتظار ڪريان. ڇو جو هن اهو پنهنجي مرد سان طئہ نہ ڪيو هو. ان ڪري مديني ۾ گهران نڪرڻ وقت مرد توڙي عورت کي گهر ۽ گهٽي جو نالو ۽ رستو ياد رکڻ کپي، جيئن نڪرڻ مهل ان ئي دروازي مان نڪري ۽ جي عورت مسجد مان نڪري پنهنجي مرد سان گڏ وڃڻ چاهي ٿي تہ هن کي کپي تہ مسجد ۾ اندر گهڙڻ کان اڳ ٻاهر ڪا جاءِ مقرر ڪري ڇڏين تہ جيڪو اڳ نماز پڙهي نڪري ،اهو اتي ٻئي جو انتظار ڪري.

بهرحال رستو ڀلجڻ جي حالت ۾ پريشان نہ ٿجي جو هتي ڪا بہ خطري جي ڳالهہ ناهي. اڄ لڳي هجي تہ زم زم جو پاڻي پي ونجي ۽ پوءِ آرام سان پنهنجي زبان ڳالهائيندڙ کي مدد لاءِ چئجي. توهان کي فقط هوٽل جو نالو ياد آهي تہ بہ توهان کي ڪو نہ ڪو پهچائي سگهندو. جو هي اهو مقام آهي، جتي هرهڪ ٻئي جي مدد ڪري ثواب ڪٽڻ چاهي ٿو. اهڙين حالتن ۾ منهنجي اهائي صلاح آهي تہ تڪڙ ڪري گهر جو رخ رکڻ بدران مسجد ۾ اندر ڪلاڪ اڌ ڪلاڪ ڪن انتظار ڪجي جو توهان جا ساٿي توهان کي اتي ئي ڳوليندا رهندا ۽ هو ضرور اتان بہ اچي نڪرندا، جتي توهان هونداءُ ۽ جيڪڏهن توهان وٽ توهان جي رهائش جي ائڊريس ۽ فون نمبر کيسي ۾ آهي تہ

پوءِ ڪو بہ الڪو نہ ڪرڻ ڪپي. هونئن هن رهائشگاهہ جو مالڪ (خاص ڪري مديني ۾ جتي گھٽي ياڳي رهائش هوٽلن ۾ ٽئي ٽي). پهرين ڏينهن ئي مسواڙي کي هوٽل جو ائڊريس ڪارڊ ڏئي ٿو، جيڪو ڪيسي ۾ وجهي پوءِ ٻاهر نڪرجي.

# مديني منوره جون ڪجهه زيارتون

## مسجد ذوالقبلتين

هيءَ مسجد ٻن قبلن واري پڻ سڏجي ٿي. هن مسجد جو هڪ محراب خانہ ڪعبي ڏي آهي ۽ ٻيو مسجد اقصيٰ (بيت المقدس) ڏي. هي مسجد "مسجد نبوي" کان ٽي ميل پري شارع خالد بن وليد جي ڪناري ۽ وادي عقيق جي ويجهو آهي.

هي مسجد تاريخ اسلام جي هڪ اهم واقعي جي علامت آهي. شروع ۾ مسلمان بيت المقدس ڏي منهن ڪري نماز پڙهندا هئا. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جيستائين مڪي معظم ۾ هئا. اهو ئي دستور رهيو پر پاڻ حرم پاڪ ۾ ائين بيهي نماز پڙهندا هئا جو بيت الله بہ سامهون رهيو ٿي پر مديني اچڻ بعد مڪمل طور بيت المقدس ئي قبلو هو ۽ اٽڪل سورهن سترهن مهينا ڪن بيت المقدس ڏي منهن ڪري نمازون پڙهندا رهيا. بيت المقدس مسلمانن لاءِ ان ڪري بہ مقدس هو جو اتان حضور اڪرم ﷺ جن معراج لاءِ روانا ٿيا هئا پر ان سڄي عرصي ۾ حضور ﷺ جن جي اها دلي تمنا رهي تہ مسلمان حضرت ابراهيم عليہ السلام جي تعمير ڪيل خانہ ڪعبہ ڏي منهن ڪري نماز ادا ڪن. حضور ﷺ جن هر وقت اها تمنا دل ۾ رکي آسمان ڏي ڏسندا هئا. آخر هڪ ڏينهن نماز پڙهڻ دوران هي آيت نازل ٿي:

ترجمو: "هي تنهنجو ذري ذري آسمان ڏي منهن ڪڻڻ اسين ڏسي رهيا آهيون، انڪري اسين توکي ان قبلي ڏي ڦيرڻ چاهينداسين، جنهن کي تون پسند ڪرين ٿو. مسجد الحرام (خانہ ڪعبہ) ڏي رخ بدلائي ڇڏ. هاڻي جتي بہ تون هجين تہ ان ڏي منهن ڪري نماز پڙهندو ڪر". (البقرة ـ144)

هي حڪم رجب يا شعبان ٻي هجري ۾ نازل ٿيو هو. حضور ﷺ جن بني مسلمہ جي ام بشر علائقي ڏي ويجي رهيا هئا تہ اتي ظهر نماز جو وقت ٿي ويو. پاڻ ڪريم ﷺ جن بنو سلمہ جي مسجد ۾ نماز جي امامت ڪرڻ لاءِ اٿيا. ٻہ رڪعتون پڙهائي چڪا هئا تہ ٽي رڪعت ۾ اوچتو وحي ذريعي قبلو بدلائڻ جي مٿين آيت نازل ٿي. پاڻ ان ئي وقت جماعت سميت پنهنجو رخ بيت المقدس کان بدلائي ڪعبي ڏي ڪيو.

## مسجد جمعة

هي تاريخي مسجد قبا کان اٽڪل هڪ ڪلوميٽر مديني ڏي آهي. هتي قبيلو بنو آسم آباد هو. حضور اڪرم ﷺ جن جڏهن هجرت جي موقعي تي قبا جي علائقي کان مديني ڏي روانا ٿيا هئا تہ جمعي جو ڏينهن هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن قبيلي بنو سالم بن عوف ۾ پهتا تہ جمعي جي نماز جو وقت ٿي ويو. ان ڪري اتي ان جاءِ تي پاڻ ﷺ جمعي نماز پڙهايائون. مديني منوره ۾ هي حضور اڪرم ﷺ جن جو پهريون جمعو هو. بعد ۾ هن هنڌ تي بنو سالم مسجد نهرائي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين مسجد جمعة ۽ مسجد بني سالم جي نالن سان سڏجي ٿي. هاڻوڪي سعود بادشاهہ ملڪ فهد هن مسجد جي مرمت سان گڏ هن کي وڏو پڻ ڪرايو آهي ۽ هاڻ 700 کن ماڻهو هڪ ئي وقت نماز پڙهي سگهن ٿا. مسجد جي گنبذ جو قطر 12 ميٽر آهي ۽ مناري جي اوچائي 25 ميٽر آهي.

مديني ۾ رهائش دوران توهان جو مسجد قبا تہ ضرور وڃڻ ٿئي ٿو، اتان واپسي تي هن مسجد جي زيارت ڪري سگهو ٿا ۽ ٻہ رڪعتون نفل بہ ادا ڪري سگهو ٿا.

## مسجد غمامہ

مسجد نبوي جي باب اسلام کان ٻاهر اڇڻ تي ڏکڻ اولهہ طرف (اٽڪل اڌ ڪلوميٽر پنڌ تي) هي مسجد نمايان طور نظر ايندي. دراصل تصور ڪيو وڃي تہ اڄ کان چوڏهن سئو سال کن اڳ مديني منوره ۽ مڪي مڪرمہ جهڙن وڏن شهرن جي بہ آدمشماري تمام گهٽ هئي ۽ مديني جي مسلمانن جا سڀ گهر اڄ جي مسجد نبوي جي حدن اندر اچي ويا ٿي ۽ هي مسجد غمامہ جهڙيون مسجدون شهر کان پري سمجهيون ويون ٿي ۽ شهر جي آسپاس جا رهاڪو عيد نماز لاءِ هتي اچي گڏ ٿيندا هئا. حضور اقدس ﷺ جن هن مسجد ۾ 2 هجري ۾ پهريون دفعو عيد جي نماز ادا ڪئي ۽ نائين صدي هجري تائين (يعني اٽڪل نَوَ سئو کن سال) عيد جون نمازون هن مسجد ۾ پڙهيون ويون.

هن مسجد کي مسجد مصليٰ بہ سڏين ٿا. پاڻ ﷺ جن هن هنڌ تي نماز استسقاءُ پڻ پڙهائي هئي. ان ئي وقت ڪڪر مڙي آيا ۽ بارش ٿي هئي. ان ڪري هن کي مسجد غمامہ (ڪڪر) بہ چون ٿا. هن مسجد جي موجوده عمارت سلطان عبدالمجيد ترڪي جي زماني ۾ ٺهي.

## مسجد ابي بڪر الصديق، مسجد عمر بن الخطاب ۽ مسجد علي

هي سڀ مسجدون مسجد نبوي شريف جي ڏکڻ ۽ اولهہ ۾ آهن ۽ مٿي ذڪر ڪيل مسجد غمامہ جي پر ۾ آهن، مسجد ابي بڪر صديق تہ فقط 40 کن ميٽر مسجد غمامہ کان پري آهي. يعني پنجاهہ کن قدم. رستي جي هڪ پاسي مسجد غمامہ آهي تہ ٻئي پاسي مسجد ابي بڪر. حضور اڪرم ﷺ جن ڪڏهن ڪڏهن هن مسجد ۾ بہ عيد نماز پڙهائي ۽ خليفہ اول حضرت ابوبڪر رضہ عيد جون نمازون هن مسجد ۾ پڙهايون. ان ڪري هي مسجد سندن نالي سان مشهور ٿي وئي. ان مسجد جي ساڄي پاسي طريق السلام (سلام روڊ) جي ڪناري تي مسجد علي بن ابي طالب آهي. مسجد غمامہ کان سڌو مسجد علي ڏي اچبو تہ مسجد علي 120 ميٽر پري ٿيندي. هي تمام ننڍيون مسجدون آهن ۽ مسجد عليءَ جي ماپ 33 باءِ 22 ميٽر آهي ۽ مناري جي بلندي 26 ميٽر آهي.

مسجد غمامہ جي هڪ پاسي مسجد ابي بڪر ۽ مسجد علي آهي تہ ٻئي پاسي 130 ميٽرن جي فاصلي تي مسجد عمر بن خطاب آهي. هن مسجد کي سڃاڻپ ۾ ڏکيائي نہ ٿيڻ کپي جو مسجد جي ٻاهرين گيٽ مٿان هن مسجد جو نالو "مسجد عمر بن خطاب" لکيل آهي، هن مسجد جي ابتدائي تعمير نائين صدي ۾ ٿي.

هونءَ مسجد نبويءَ جي ويجهڙائي ۾ هڪ ٻي بہ ننڍڙي مسجد عثمان بن عفان (ذوالنورين) پڻ آهي، جيڪا مسجد غمامہ کان چوٿو ڪلوميٽر فاصلي تي ٿيندي.

## جنت البقيع

هي مديني منور جو قديم قبرستان آهي. هن ۾ ڪيترائي هزار صحابہ ڪرام رضہ ازواج مطهرات رضہ ۽ شهيد دفن ٿيل آهن، جن مان ڪجهہ هي آهن.

- حضرت عثمان غني رضي الله عنہ.
- حضرت سيد ابو سعيد خدري رضي الله عنہ.
- حضرت فاطمة بنت اسد رضي الله عنہ. (حضرت علي رضہ جي والده)
- حضرت حليمہ سعديہ رضي الله عنها.
- حضرت سيدنا ابراهيم رضي الله عنہ. ابن رسول الله صلي الله عليہ وسلم
- حضرت امام نافع مدني

- حضرت امام ملڪ رضي الله عنه.
- ازواج مطهرات (حضرت خديجة رضي الله عنها ۽ حضرت ميمونه رضي الله عنها کي ڇڏي ـ جيڪي مڪي معظم ۾ دفن ٿيل آهن).
- بنات رسول الله صلي الله عليه وسلم.
- حضرت عباس رضي الله عنه. عم رسول الله ﷺ
- حضرت امام حسن رضي الله عنه.
- حضرت امام محمد باقر رضي الله عنه. ۽ امام جعفر صادق رضي الله عنه.
- حضرت بيبي فاطمة الزهرا رضي الله عنها
- حضور اڪرم ﷺ جن جون ڦڦيون
- حضرت امام اسماعيل رضي الله عنه.

رسول الله ﷺ جن فرمايو "مون هڪ دفعو توهان کي قبرن تي وڃڻ کان جهليو هو. هاڻ توهان اتي وڃي سگهو ٿا ڇو جو اتي وڃڻ تي عبرت حاصل ٿئي ٿي ۽ روز آخرت جي ياد تازي ٿئي ٿي". (مديني جي تاريخ نويس علي حافظ جو لکيل ڪتاب "ابواب تاريخ المدينة المنوره(( ـ ص. 115)

صحيح مسلم ۾ حضرت عائشه رضه جي حوالي سان روايت آهي، پيغمبر اسلام ﷺ آخر شب جنت البقيع ۾ ويندا هئا ۽ اتي دفن ٿيلن لاءِ الله کان مغفرت جي دعا گهرندا هئا.

ترمذي شريف ۾ حضرت ابن عباس رضه کان روايت آهي ته جڏهن به رسول الله ﷺ مديني منوره ۾ دفن ٿيل ماڻهن جي قبرن وٽان گذرندا هئا ته فرمائيندا هئا: "اي اهل قبور. الله توهان تي پنهنجي رحمت نازل ڪري ۽ توهان جا ۽ اسان جا گناهه بخش ڪري".

جنت البقيع (قبرستان) شهر جي ايرندي حصي ۾ مسجد نبوي جي ڏکڻ اوڀر ۾ آهي. قاضي اياض مالڪ جي حوالي سان نقل ڪيو آهي ته اٽڪل ڏهه هزار اصحابي سڳورن مديني ۾ وفات ڪئي، جيڪي جنت البقيع ۾ دفن ٿيل آهن. رسول الله ﷺ تي ايمان آڻڻ وارن انصارن ۾ اسعد بن زرار رضه ۽ مهاجرن ۾ عثمان بن مظعون رضه پهريان ماڻهو آهن، جيڪي جنت البقيع ۾ دفن ڪيا ويا.

جنت البقيع ۾ قبرن تي اهڙا ڪتبا يا نشان نه آهن، جن مان خبر پوي ته ڪهڙي قبر ڪنهن جي آهي، پر مورخين جي تحقيق جي روشني ۾ عوام جي علم ۾ آهي ته ممتاز هستيون ڪهڙيون قبرن ۾ دفن ٿيل آهن.

## جبل أحد

مديني منوره جي اتر ۾ اٽڪل ڇئن ميلن جي فاصلي تي احد نالي جبل آهي، جنهن جي قدمن وٽ 3 هجري ۾ مسلمانن جي ڪافرن سان وڏي خوفناڪ لڙائي لڳي، جنهن کي أحد جي لڙائي سڏجي ٿو.

هن جنگ ۾ مسلمان جي ذري گهٽ شڪست ٿي وئي، جنهن جو سبب سپهه سالار جي غلط حڪمت عملي نه هئي پر تير اندازن جو حضور اڪرم ﷺ جن جي حڪم جي پڇڪڙي ڪري جنگي اعتبار کان پهاڙي کي ڇڏي ڏنو هو. رسول الله ﷺ جن هن لڙائي ۾ زخمي ٿي پيا پر پوءِ الله جي مهرباني ۽ حضور اڪرم ﷺ جن جي بهادري ڪري هي هار فتح ۾ بدلجي وئي.

هن لڙائي ۾ مسلمانن جا ستر ماڻهو (امير حمزه رضه سميت) شهيد ٿي ويا، جيڪي جنت البقيع ۾ دفن ٿيل آهن.

# هڪ گائيڊ سان مديني جي زيارت

مديني شريف ۾ رهڻ دوران ماڻهن جو نمازن دوران مسجد نبوي ۾ وڃڻ ٿئي ٿو. ان کانپوءِ ماڻهن جو رخ زيارتن ڏي رهي ٿو يا گهر لاءِ کجور ۽ ٻيون سوکڙيون وٺڻ لاءِ مارڪيٽ ڏي پڇن ٿا. مسجد نبوي مان نڪرڻ وقت شارع عبدالعزيز تي ڪيتريون ئي ٽئڪسيون ۽ ويگنيون حاجين کي مختلف هنڌن تي وٺي وڃڻ لاءِ تيار رهن ٿيون، خاص ڪري مسجد قبا ڏي ڊرائيور جي رڙ پئي پوندي آهي: "زياره زياره".

مڪي وانگر مديني ۾ به ڪيتريون ئي تاريخي ۽ مذهبي يادگار ۽ پلاريون شيون آهن، جن کي هرهڪ ماڻهو جيڪو مديني تائين پهچي ٿو. ڏسڻ چاهي ٿو. جو ته اهي چند ميلن تي آهن ۽ ڪيترا ويگنن وارا ته پنج ريال في ماڻهو پاڙي تي به خوش ٿي وٺي هليا هليا ٿي. منهنجو عرب دوست هر وقت فون تي اها تاڪيد ڪندو هو ته مديني ۾ رهڻ دوران مختلف زيارتون ضرور ڏسان "حضور ﷺ جن پنهنجي زندگي جا آخري ڏينهن مديني ۾ گذاريا، ان ڪري مسجد سان سندس ڪيترين ئي يادون وابسته آهن. جنگي جايون، مسجدون، ڪوهه‌جبل وغيره وغيره". هن ٻڌايو.

مون پنهنجي گروپ جي ليڊر سان ڳالهه ڪئي ته جيڪڏهن هو سڄي گروپ کي وٺي هلڻ جو بندوبست ڪري ته سنو، نه ته آئون پنهنجي منهن هليو وڃان.

"منهنجو هڪ سڃاڻو، قاري محمد اشرف هتي رهي ٿو، اهو هر سال اسان جي گروپ کي مختلف زيارتون ڪرائيندو آهي. هن مون سان ڳالهايو آهي ۽ سڀاڻي صبح جو نيرن بعد پاڻ کي مختلف جاين تي وٺي هلندو". گروپ ليڊر ٻڌايو.

ٻئي ڏينهن انين بجي ڌاري صبح جو سواءِ چند ماڻهن جي جيڪي مديني شريف ۾ ڪيترا دفعا اچي چڪا هئا، اسان جي گروپ جا باقي تيهارو کن ماڻهو مقرر ڪيل رستي ۽ هنڌ تي اچي بيناسين. هو صحيح وقت تي هڪ وڏي بس ۾ اچي اتي پهتو، جنهن ۾ مائيڪ سسٽم به هو، بلڪ بهترين سسٽم هو، جو سڄي بس ۾ هرهنڌ پورو پنو ۽ صاف آواز آيو ٿي ۽ ماشاءَ الله مون به دنيا جي ملڪن ۾ ڪيترين ئي Guided Tours ڪيون آهن ۽ گائيڊ ڏٺا آهن پر هي اسان جو گائيڊ قاري محمد اشرف صاحب انهن سڀني ۾ Best نه ته چند بهترين Guides مان هڪ چئي سگهجي ٿو. هن کي ايڏي پرئڪٽس هئي، جو صحيح هنڌ تي صحيح ڳالهه ٻڌائيندو هليو. ڪيس هر ڳالهه جي بهترين ڄاڻ هئي ۽ هرهڪ هن جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌي ٿي، جيڪا شيءِ ڏيکاريائين ٿي، انجو تفصيل اڳوات ٻڌائين ٿي ۽ پوءِ ان هنڌ پهچڻ تي هيٺ لاهي چڱي طرح گهمايو ٿي. سندن فون نمبر 8383464 مون نوٽ ڪري ڇڏيو ۽ مدينو شريف ڇڏڻ کان اڳ مون هن قاري صاحب سان ملڻ چاهيو ٿي پر افسوس جو وقت جي کوٽ ڪري نه ملي سگهيس. مديني جون مختلف زيارتون ڪرڻ لاءِ پڙهندڙ کي هن قاري محمد اشرف جو نالو ضرور Suggest ڪندس ته هو گروپ جي شڪل ۾ هن سان گڏ گهمڻ وڃن.

اسان کي مسجد نبوي وٽان ڦيرائي وٺي هليو، جتي مسجد غمامہ، مسجد ابي بڪر صديق، مسجد عمر بن خطاب ۽ مسجد علي هڪ جهڳٽي جي صورت ۾ هڪ ئي هنڌ آهن. مسجد غمامہ تي اهو نالو ڇو پيو ۽ اها ۽ ٻيون مسجدون ڪڏهن نهيون وغيره. اهو سڀ ڪجهه هو ٻڌائيندو هليو، جن مان ڪجهه ڳالهيون الڳ چيپٽر ۾ انهن شين جي عنوانن هيٺ لکيون اٿم.

اهي مسجدون ڏيکارڻ بعد مسجد قبا (اسلام جي پهرين مسجد) ڏيکارڻ لاءِ هليو. رستي تي هڪ هنڌ ترڪن جي حڪومت جي يادگار ريل گاڏي ڏيکاريائين، جيڪا ان وقت شام ۽ اردن تائين ويندي هئي، جتان پوءِ اڳتي ترڪي ويندي هئي، سعودي حڪومت پڻ اڄڪلھ ريل گاڏي هلائڻ تي غور ڪري رهي آهي.

مسجد قبا بعد مسجد قبلتين ۽ مسجد جمعة وٺي آيو. هر هنڌ نفل نماز ادا ڪندا رهياسين. مسجد قبا ۾ ته تمام گهڻي رش هئي. خاص ڪري انڊونيشي، ملئي ۽ اسان جا پاڪستاني ڏاڍا هئا. پيا به هئا جو هن مسجد ۾ زائرين

جي روزانو وڏي رش رهي ٿي. ڪيترا ماڻهو ته هر روز بس ذريعي ايندا رهن ٿا. سڄو هتي پهچن ٿا ۽ نماز پڙهي موٽن ٿا.

مسجد قبا جي ٻاهران ڪيترائي يمني، سوڊاني، عرب ۽ پاڪستاني مختلف قسمن جي ڪجي، ڪتل، تسبيحون، منڊين جا ڍڳا ۽ سرمو وڪڻي رهيا هئا. اسان جي گروپ جي هڪ ٻن ڄڻن تازي ڪجي ورتي ۽ گهر اچي ريفريجريٽر ۾ فريز ڪري رکي. مون سمجهيو ته هو ڪي بيوقوف آهن پرهي سٽون لکڻ وقت اسان جي ننڍپڻ جي ڪلاس ميٽ، خيرپور جي شوڪت جماڻي ٻڌايو ته واقعي تازي پڪل ڪجور فريز ڪرڻ سان سواد يا Shape نٿي بدلائي پر انب، گدرو، چانهين يا ٽماٽووغيره Freeze ٿيڻ ڪانپوءِ نارمل ٽيمپريچر تي اصل حالت ۾ نه ٿو اچي.

مٿين مسجدن بعد قاري صاحب اسان کي جبل اُحد ڏي وٺي آيو. مديني ۾ به مڪي شريف وانگر رستا ڪجهه اهڙا ٺهيل آهن (Construction جي خيال کان به ته Network جي خيال کان به) جو نه گاڏي هلائڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي ۽ نه وري ڊگها رستا اختيار ڪرڻا پون ٿا. ماڊرن شهرن وانگر، جيئن سنگاپور، ڪوالالمپور جهڙن شهرن ۾ Ring Roads ناهي ڇڏيا اٿن، تيئن هتي پڻ آهن ۽ هتي ته اجا به وڌيڪ ڪامياب ثابت ٿيا آهن، جو مڪي توڙي مديني ۾ شهر جو وچ حرم شريف آهي. بلڪ اڄ کان 14 سئو سال اڳ کان وٺي شهر حرم شريف جي چوڌاري وڌي پيو.

هتي مديني منوره جو، جي مثال وٺجي ته مسجد نبوي کي Centre وچ وٺي هڪ ميل جي Radius جو گول چڪر ناهجي ته اهو فيصل بن عبدالعزيز روڊ ملن ۽ پوءِ ان Inner ring ۾ پهچي ٻاهر جو ڪو به رستو اختيار ڪري سگهجي ٿو، جيڪو ٻئي روڊ Ring road امير عبدالله روڊ سان وڃي ٿو ملي. ڊرائيورن جي سهولت لاءِ انهن ٻن گول ڦرندڙ رستن جي وچ ۾ هڪ ٽيون رستو Middle Ring Road به آهي، جنهن جو نالو الامير عبدالمجيد روڊ آهي. اندرين چليدار روڊ (Ring Road) جي وچ تي مسجد نبوي آهي پر چوڌاري البقيع جو سڄو علائقو بني خدره، النقا، المناختة، بضاعتة ۽ الحرم وارو علائقو اچي وڃي ٿو ۽ ان جي اندرين چلي کان ٻاهر جبل سلع آهي، جنهن جي پرسان شارع السيح وٽ خندق جي لڙائي لڳي ۽ اتي ست مسجدون آهن. ان جي مٿان ٻاهرين Ring ۾ المستراحم الاول ۽ حرات واقم جو علائقو آهي ۽ انهن جي ٻاهران، شارع عبدالله بن جبير وٽ اهو هنڌ آهي، جتي احد جي جنگ ۾ مسلمان شهيد ٿيا هئا. هتي بس ۾ لهي احد جبل ڏٺوسين، ڪجهه نوجوان جبل تي مٿي به چڙهي ويا، ٻيا هيٺان بيهي اڄ کان ڏيڍ هزار کن سال اڳ جي هي جنگ تصور ڪندا رهيا، جنهن ۾ تعداد ۾ گهٽ پر وڏو جذبو ۽ جوش رکندڙ مسلمانن اسلام خاطر دشمنن جو مقابلو ڪيو. اها جاءِ جتان تير اندازن دشمنن تي تيرن جي بارش ڪئي. هي اهي هنڌ آهن، جتي اسان جي نبي ڪريم ﷺ اصحاب سڳورن جا قدم پيا. اڄ اهي شيون اسان جي اکين اڳيان آهن، جيڪي اسان ننڍي هوندي ڪتابن ۾ پڙهيون. هي جبل، هي غارون ۽ هي مسجدون، جبلن سان ته هي دنيا جو گولو ڀريو پيو آهي پر اسان مسلمانن لاءِ هي ”جبل احد“ وڏي اهميت رکي ٿو. آئون هن کي غور سان ڏسان ٿو ۽ ڏسندو ئي رهان ٿو. سامهون هڪ شيدي (آفريڪن) مٿي تي وڏو ڪارو ڪتل جي دٻين جو ڀري اسان جي گروپ ڏي وڌي ٿو. ڏاڍي بک لڳي هئي. دل چيو ته هڪ دٻي وٺي ڪائجي پر ٻيا وٺن ته آئون به وٺان. هو سڄو منهنجي اڳيان اچي بيٺو ۽ مون کي مٿي تان ڪارو لاهڻ لاءِ هٿ وجهڻ جو اشارو ڪيو. دل ۾ چيو ته هي سمجهي ويو آهي ته سڀ کان گهڻي بک مون کي لڳي آهي. هن مون ڏي هڪ پاڪيٽ وڌايو. ان ئي وقت خيال آيم ته گهٽ ۾ گهٽ پير ۾ بيٺل حافظ سعيد لاءِ ته وٺان، سو آڱرين جي اشاري سان چيومانس ته مو ن کي به ڪپن. هن مون کي ٻيو پاڪيٽ به ڏنو. پئسن لاءِ کيسي ۾ هٿ وڌم ته اشارو ڪري پري بيٺل هڪ همراهه لاءِ ٻڌايو ته هي ان طرفان گفٽ آهي. هن ٻنهي هٿن ۾ ڍاڪو کن پاڪيٽ کڻي تورو اڳيان بيٺل گروپ جي ٻين ماڻهن کي آفر ڪيو پر ڪنهن نه ورتو. خبر ناهي ڇو. مون سمجهيو شايد ڪين ڪتل پسند نه آهي. بهرحال بس هلڻ واري هئي. سڀ بس ۾ اچي چڙهياسين. اسان پاڪيٽ کولي ڪتل کائڻ لڳاسين ته هرهڪ گهرڻ لڳو. حافظ سعيد کي چيم ته يار هي پنهنجي گروپ جا به عجيب آهن. هو منٿون پيو ڪري ته هن کان مفت ۾ به نه ٿا وٺن ۽ اسان بکايلن جي هڪ هڪ پاڪيٽ ۾ به اچي حصا پٽيون ڪيون اٿن.

”ڇا مفت ۾ پيو ڏئي؟“

"تڏهن ڀيو وري ڇا". مون وراڻيومانس.

"يار پوءِ ته وارو ڪريو. اجا اتي ئي بيٺو آهي. ڊرائيور! ٿورو ٻه منٽ اجا ترسجانءِ".

۽ پوءِ هڪ پويان ٻه چار ٻيا به لهي پيا ۽ هرهڪ ٻه ٻه ٽي ٽي پاڪيٽ وٺي آيو. ايتري ۾ جوس جي ڊٻن وارو چڙهيو ۽ هرهڪ کي ڊٻو ڊٻو جوس جو ڏئي ويو. بس اڳتي هلي ته رستي تي بيٺلن کي ڏنم ته هرهڪ ماڻهو جي هٿ ۾ ڪِتل جو ڊٻو هو ۽ اهي ماڻهو هزارين نه ته سوين ضرور هوندا. خبر ناهي ته هو ڪير سخي مرد هو، جنهن اسان کي کارايو. الله شل خوش رکيس. وڏي پئسي ۽ وڏي دل وارو هوندو. رڳو وڏي پئسي وارو يا رڳو وڏي دل وارو، ڪير پنجين ريال وارو ڪِتل جو ڊٻو ۽ هڪ هڪ ريال وارو جوس جو ڊٻو پرديس ۾ ڏيندو.

جبل احد کانپوءِ يا شايد اڳ حضرت سلمان فارسيءَ رضہ جو باغ به ڏٺوسين. هي اهو کجين جو باغ آهي، جيڪو حضور اڪرم ﷺ جن ۽ اصحاب سڳورن پوکي، حضرت سلمان فارسي رضہ جهڙي نيڪ غلام کي آزاد ڪيو. سندس ذڪر ڏار چيپٽر ۾ ڪريان ٿو. هي سلمان فارسي ئي هو، جنهن خندق جي لڙائي ۾ دشمنن جا ڏند کٽا ڪرڻ لاءِ خندق کوٽڻ جي آئيڊيا ڏنا هئي.

ٻه چار ٻيون پراڻيون مسجدون جن جي ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ هرهڪ حاجي مديني ۾ رهائش دوران انهن جي زيارت ڪري سگهي ٿو. هن ريت آهن.

## مسجد ابي ذر

هي مسجد "مسجد نبوي" جي اتراهين پاسي اٽڪل هڪ ڪلوميٽر پنڌ تي آهي. هن جي موجوده عمارت سعودي دور ۾ تعمير ٿي. هن مسجد جو تاريخي نالو مسجد سجده آهي، جنهن جي بنياد تي حضرت عبدالرحمان بن عوف رضہ کان روايت آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن هن جاءِ تي تمام ڊگهو سجدو ادا ڪيو هو ۽ پوءِ سجدي مان سر مٿي کنيو ته خوشخبري ٻڌائي ته جبرائيل عليہ السلام، الله تعاليٰ جو پيغام آندو آهي ته "جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن تي درود و سلام موڪليندو، الله تعاليٰ ان تي رحمت ۽ سلامتي نازل فرمائيندو. ان عنايت تي مون شڪراني جو سجدو ادا ڪيو".

## مسجد اجابه

صحيح مسلم ۾ آهي ته نبي اڪرم ﷺ جن هن مسجد ۾ دعا گهري ۽ فرمايو: "مون پنهنجي رب کان ٽي دعائون گهريون، جن مان فقط ٻه قبول ٿيون آهن. مون دعا گهري ته منهنجي امت ڏڪار کان تباهه نه ٿئي ۽ ٻيو ته منهنجي امت غرق ٿي تباهه نه ٿئي. هي ٻئي دعائون قبول ٿي ويون. ٽي دعا هي هئي ته منهنجي امت پنهنجين لڙاين جهڳڙن کان محفوظ رهي. اها قبول نه ٿي.

هي مسجد (اجابه) مسجد بقيع کان اڌ ڪن ڪلوميٽر پري شارع ستين جي ڪناري تي آهي.

## مسجد سقيا

ريلوي اسٽيشن جي چوديواري اندر آهي. هن جا ٽي گنبذ ترڪن جي دور حڪومت جا آهن. جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن جنگ بدر لاءِ روانا ٿيا ته هن ميدان تي ترسيا هئا ۽ سقيا نالي کوهه تان وضو ڪري نماز اداڪئي هئائون. اهل مدينہ جي لاءِ برڪت جي دعا گهريائون ۽ لشڪر جي جوڙجڪ ڪيائون. حضرت عمر رضہ جي ڏينهن ۾ هتي حضرت عباس بن عبدالمطلب رضہ جي طفيل دعا استسقاءَ ڪئي وئي.

## مسجد ميقات

مديڻ منوره کان 10 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي. هي مديني منوره کان مڪي معظمہ ويندڙن لاءِ ميقات آهي. حضور اڪرم ﷺ جن مڪي شريف کان ويندي يا اتان موٽندي وقت هتي ترسندا هئا. سعودي حڪومت هن مسجد کي وڏي ڪري نهرائي آهي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت پنج هزار ماڻهو نماز پڙهي سگهن ٿا. هن مسجد جو گنبذ 28 ميٽر اتاهون آهي ۽ منارو 64 ميٽر بلند آهي.

## ڪجھ اهم کوھ

سعودي عرب جيڪو رڻ پٽ ۽ بيابان آهي، جتي تمام گهڻي گرمي ٿئي ٿي. جتي هماليہ ڪراڪرم جهڙو ڪو برفاني جبل ناهي، جنهن جي اونهاري ۾ برف ڳري ڪا سنڌو ڪا گنگا ڪا جمنا ندي ٿي وهي. جتي نہ مينهن پوي ٿو، جنهن ڪري ملائيشيا، انڊونيشيا وانگر نديون وهي نڪرن نہ يورپ جهڙو Soft Soil آهي، جتان پاڻي چڪي ڪيجي. چوڌاري ٿامي جهڙا لسا ۽ نوڙها جبل آهن ۽ اڏامندڙ واري آهي. اهڙي هنڌ تي کوھ کوٽڻ ۽ ان بعد پاڻي جو هجڻ وڏي ڳالھ آهي. پاڻي جو قدر ڪو عربن کان پڇي. يعني اڄ جي ان عرب کان نہ جنهن جي محل نما گهر ۾ سئمنگ پول آهي ۽ هو هر وقت سئٽزرلينڊ ۽ ترڪي کان امپورٽيڊ باٽلڊ واٽر پيئي ٿو پر گذريل زماني جي عرب کي پاڻي جو قدر هو. هن لاءِ پاڻي جو چشمو يا کوھ لائيٽ هائوس مثال هو. جنهن لاءِ هر جهاز آتو هوندو آهي. زندگي اتي هوندي هئي، جتي ڪو کوھ يا چشمو هوندو هو. رونق اتي هوندي هئي، جتي پاڻي هوندو هو، پري پري جي کوهن ۽ چشمن کان عربن جو ٻچو ٻچو واقف هوندو هو. اسان جي گائيڊ قاري محمد اشرف صاحب مسجد قبا ۽ مسجد قبلتين وٽ هڪ ٻہ اهم تاريخي کوھ پڻ ڏيکاريا. کوھ کي عربي ۾ بئر يا بير سڏجي ٿو.

## بئر اريس يا بئر الخاتم

هي کوھ مسجد قبا جي مغرب ۾ مسجد جي صدر دروازي کان پنجاھ کن وکن تي آهي.

صحيح مسلم ۾ بيان آهي تہ هڪ ڏينهن حضور اڪرم ﷺ حضرت عمر بن خطاب رضہ اتان اچي نڪتا ۽ حضور اڪرم ﷺ جن جي پير ۾ ٿي وينا، پوءِ جڏهن حضرت عثمان ابن عفان رضہ اتي پهتو تہ هنن ٽنهي جي پير ۾ جاءِ نہ ڏسي هنن جي سامهون ٿي وينو. تڏهن ان جاءِ تي حضور اڪرم ﷺ جن هنن ٽنهي حضرات کي جنت الفردوس ۾ جاءِ حاصل ڪرڻ جي ضمانت ڏني هئي.

ان کان علاوه قاري صاحب ٻڌايو حضور ﷺ جن وٽ هڪ منڊي هئي، جيڪا بعد ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي ملي. ان کانپوءِ حضرت عثمان رضہ هن کوھ تي وينو هو تہ اها منڊي سندس آڱر مان نڪري وڃي. هن کوھ ۾ پيئي. هنن ٽي ڏينهن لڳاتار هن کوھ اندر منڊي جي ڳولا ڪرائي پر نہ ملي سگهي. ان ڏينهن کانپوءِ هن کوھ جو نالو بئرالخاتم (يعني منڊيءَ وارو کوھ) پئجي ويو. نہ تہ هن کوھ کي اصل نالي بئر اريس سان سڏبو هو. اريس يهودي نالو آهي. ڪلاسيڪي عربي ۾ بقول علي حافظ جي اريس جي معنيٰ "هاري" آهي. هن کوھ کي بئرالنبي بہ سڏين ٿا.

## بئر حاءَ

هي کوھ مسجد نبوي جي پير ۾ آهي. هي کوھ هن وقت بہ موجود آهي. ان ۾ هڪ پمپ بہ لڳل آهي پر هاڻ اهو ڪارآمد نہ آهي.

ابو طلحہ ابن سھل رضہ مديني منوره جي انصارين ۾ سڀ کان گھڻو مالدار شخص ھو. ھي کوھ ان جي ملڪيت ھوندو ھو. حضور اڪرم ﷺ جن ھن کوھ جو پاڻي پيئندا ھئا.

جڏھن قرآن ڪريم ۾ آيت نازل ٿي، جنھن ۾ مالدار ماڻھن کي غريبن، مسڪينن جي مدد ڪرڻ لاءِ ھدايت ھئي تہ ابو طلحہ اھو کوھ پنھنجن سئوٽن ابي ابن ڪعب رضہ ۽ حسان بن ثابت رضہ کي عنايت ڪري ڇڏيو.

## بئر الغرس

ھي کوھ مسجد قبا ۾ اوڀر ۾ اڌ ميل جي فاصلي تي آھي ۽ ڪجين جي وڻن سان وڪوڙيل آھي. ابن ماجہ حضرت علي رضہ ابن ابي طالب جي حوالي سان بيان ڪيو آھي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: "منھنجي انتقال ڪانپوءِ مون کي بئر الغرس جي پاڻي سان ڀريل ستن پخالن سان غسل ڏنو وڃي".

## بئر الرومہ (عثمان رضہ)

ھي کوھ ھڪ يھودي جي ملڪيت ھو، جيڪو مسلمانن کي پئسن تي پاڻي وڪڻندو ھو. حضرت عثمان بن عفان رضہ ھن کان اھو کوھ ويھہ ھزار درھم ۾ خريد ڪري سيني جي پيئڻ لاءِ مفت ڪري ڇڏيو.

ھي کوھ مسجد ذوالقبلتين جي اتر ۾ ھڪ ڪلوميٽر پنڌ تي وادي العقيق جي وچ ۾ آھي.

## مساجد سبعه

اسان کي انھن مختلف شين جون زيارت ڪرائڻ وارو گائيڊ قاري محمد اشرف آخر ۾ ان جاءِ تي وٺي آيو، جتي خندق جي لڙائي لاءِ مسلمانن جي لشڪر مديني شھر جي بچاءَ لاءِ اونھي کاھي کوٽي ھئي ۽ جتي ھڪ ئي ھنڌ تي ست مسجدون آھن. جيڪي مساجد سبعه سڏجن ٿيون. ھي مسجدون سلع جبل جي قدمن ۾ ھڪ ٻئي جي ويجھو ويجھو آھن. ھنن جا نالا ھن ريت آھن. مسجد فتح، مسجد سلمان فارسي، مسجد علي، مسجد عمر، مسجد سعد بن معاذ ۽ مسجد ابوبڪر.

ھجرت جي پنجين سال 627ع ۾ شوال جي مھيني ۾ مسلمانن ۽ مڪي جي مشرڪن ۾ جنگ لڳي، جنھن کي جنگ خندق يا "جنگ احزاب" بہ سڏين ٿا. مسلمانن کي خبر پئجي وئي تہ مڪي جا قريش جن جي فوج ڏھہ ھزار ماڻھن تي مشتمل آھي. اھي مديني اچي مسلمانن تي حملو ڪرڻ وارا آھن ۽ ھن جنگ ۾ ھنن سان مديني جا يھودي ۽ مڪي جا ڪيترائي قبيلا مليل آھن. حضور اڪرم ﷺ جن کي جيئن ئي دشمن جي چال جي خبر پيئي تہ دفاع جو سوچڻ لڳا. مسلمانن جي ھڪ معزز صحابي جنھن جو نالو "روزبہ مھيار" ھو، جنھن کي عام مسلمان "سلمان فارسي رضہ" جي نالي سان سڃاڻن ٿا، تنھن حضور اڪرم ﷺ جن کي ٻڌايو تہ عجم ۾ ڪنھن قلعي يا شھر جو دفاع ڪرڻ لاءِ ھن جي چوڌاري کاھي (خندق) کوٽي وئي ھئي، پر ھي کاھي اونھي ۽ ويڪري ھجڻ ڪپي، جيئن دشمن جو پيادو يا گھوڙو ان کي ٽپي نہ سگھي.

سلمان فارسي رضہ خلوص نيت سان حضور اڪرم ﷺ جن جو پرستار ھو. ھو ھڪ نيڪ انسان ۽ سچو مومن ھو، جيئن ئي ھن خندق کوٽڻ جي تجويز پيش ڪئي تہ پيغمبر اسلام ﷺ ان جي منظوري ڏئي ڇڏي.

سوچڻ ۾ تہ اھا ڳالھہ آسان لڳي ٿي پر دشمن جي حملي کان محفوظ رھڻ لاءِ ايڏي وڏي خندق کوٽڻ اھڙو سولو ڪم بہ نہ ھو پر اسلام جا سچا شيدائي ڏينھن رات ان ۾ لڳي و يا ۽ اھو، دنيا جو ھڪ وڏو ڪارنامو آھي، جنھن کي اڄ جي ماڊرن دور ۾ بہ مڃيو وڃي ٿو ۽ مسلمانن جي ھمت جي تعريف ڪئي وڃي ٿي. اھا خندق شيخين نالي جاءِ کان وٺي قبا جي ويجھو تائين اٽڪل ڇھہ ڪلوميٽر کوٽي وئي. ان جي اونھائي ٽي ميٽر، يعني ڏيڍ ماڻھو

جيتري اونهي رکي وئي، جيئن جيڪو ان ۾ ڪري ته پنهنجي زور تي ٻاهر نه نڪري سگهي ۽ خندق جون پٽيون سڌيون ناهيون ويون. پاسيرين پٽين تي ڪاهي ۾ ڪريل ٻاهر نڪري سگهي ٿو يا ڪاهي پار ڪري سگهي ٿو، ڪاهيءَ جي ويڪر به اٽڪل ايتري (3 ميٽر ڪن) رکي وئي، جيئن ڪو گهوڙي سوار ان کي ٽپي نه سگهي.

هن ڪاهي (خندق) جي کوٽائي لاءِ ڏهه ماڻهن جا دستا ناهيا ويا هئا، جن کي روزانو هڪ مقرر ديگهه کوٽڻي پئي ٿي. حضور ﷺ جن به ٻين سان گڏ ڪم ۾ مشغول رهيا. ڪڏهن ڪوڏر هلائڻي پئي ٿي ته ڪڏهن مٽي ڍوئياٺون ٿي. هڪ ڏينهن ته حضرت ابوبڪر صديق رضه ۽ عمر بن خطاب رضه جن کي مٽي ڍوئڻ لاءِ ڪا ڇٻي يا ٽوڪري نه ملي ته قميص جي جهول ۾ مٽي ڍوئڻ لڳا ۽ جنهن ٻي مثال تعاون، يڪجهتي ۽ امداد ٻاهمي سان مسلمان ڪم ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجي ليڊر پيغمبر اسلام ﷺ جو حڪم خوشي سان مڃي رهيا هئا. ان جو مثال قديم دنيا جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. دور حاضر ۾ به اهڙو مثال "لينن گراڊ" جي ماڻهن جو ڏئي سگهجي ٿو، جيڪي ٻي عالمگير لڙائي دوران پنهنجي شهر مان نڪري آيا ۽ عورتون توڙي مرد خندق کوٽڻ ۾ جنبي ويا ۽ پنهنجي شهر کي بچائي ورتو.

بهرحال مڪي جي فوج اهڙي موقعي تي مديني پهتي، جڏهن ڪاهي (خندق) کوٽجي چڪي هئي ۽ سڀ مسلمان هٿيارن سان شهر جي حفاظت لاءِ بيقرار بيٺا هئا. مشرڪن ـ جن ان ڏينهن تائين خندق نه ڏٺي هئي، سي پنهنجي اڳيان ايڏي اونهي ۽ ويڪري ڪاهي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. ابوسفيان سندن ليڊر هو. اهو به ڇا ٿي ڪري سگهيو. نيٺ تنبو هڻي ويهي رهيا. هڪ ٻن پاڻ کي پهلوان سمجهي ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر موت نصيب ٿين. تنبن ۾ رهي رهي سندن راشن ختم ٿي ويا ۽ موسم به ٿڌي ٿيڻ لڳي ۽ رات جي ٿڌ برداشت ڪرڻ هنن لاءِ مشڪل ٿي پيو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اهڙي اچي ٿڌ ٿي ۽ طوفان لڳو جو سندن تنبو اڏامي ويا ۽ هرهڪ مڪي ڏي وٺي ڀڳو ۽ مسلمانن جي سوڀ ٿي.

خندق جي کوٽائي دوران ۽ دشمنن جي گهيري وقت مسلمان مختلف ٽولن ۾ پنهنجي پنهنجي حد ۾ نماز پڙهندا رهيا ۽ هي اهي مسجدون انهن ڏينهن جي ياد آهن. مسجد الفتح، جيڪا ٿورو مٿانهين تي آهي، اتي اسان کي اسان جو گائيڊ قاري صاحب وٺي هليو. "هي اها جاءِ آهي، جتي دل سان گهريل دعا قبول ٿئي ٿي". قاري محمد اشرف ٻڌايو.

حضرت امام احمد بن حنبل رضه جابر بن عبدالله رضه کان هڪ حديث روايت ڪئي آهي ته رسول الله ﷺ جن هن مسجد ۾ ٽي ڏينهن دشمن جي فوجن جي شڪست لاءِ دعا فرمائي. ٽئي ڏينهن الله تعاليٰ سندن دعا قبول ڪئي. جابر رضه جو چوڻ آهي ته ان ڏينهن کانپوءِ هن کي ڪا به يا مهم پيش آئي ٿي ته هن مسجد الفتح ۾ حاضر ٿي ان ڪم لاءِ دعا گهري ٿي. مسجد الفتح جا ٻيا به نالا آهن: مسجد الاحزاب ۽ مسجد الاعلي.

جنگ خندق جي ڏينهن ۾ حضور اڪرم ﷺ جن الفتح مسجد جي پر وارين ڇئن مسجدن، مسجد سلمان فارسي، مسجد علي ابن ابي طالب، مسجد ابوبڪر صديق ۽ مسجد غير مسميٰ ۾ پڻ نمازون ادا ڪيون آهن. هنن ننڍڙين مسجدن جو ذڪر مسلمان تاريخ نويس ابن نجار پڻ 1245ع ۾ ڪيو آهي پر انهن جا نالا نه لکيا اٿس.

ابن بطوطه مسلمان سياح، پڻ هن مسجدن جو ذڪر پنهنجي سفرنامي ۾ ڪيو آهي، جڏهن هو 1324ع ۾ مديني آيو هو، پر هن به هنن مسجدن جو تفصيل نه لکيو آهي.

جنگ خندق جي ڏينهن ۾ هتي ڪي مسجدون اڏيون نه ويون هيون، رڳو نماز پڙهڻ لاءِ ميدان جا ٽڪرا هئا، خندق جي جنگ کانپوءِ به ڪيترا سال ائين ئي پٽ هو. جنهن جي چوڌاري پٿرن جا نشان هئا. پوءِ مسجد الفتح حضور اڪرم ﷺ جن جي ڏينهن ۾ ئي ناهي وئي، جيڪا سڀ ۾ اهم ۽ مٿانهين ليول تي سلع جبل جي چوٽي تي آهي. هڪ عرب ليکڪ محمد ڪريم بيبانيءَ جو سعودي عرب جي هڪ انگريزي اخبار (شايد عرب نيوز "Site of Battle of Trench" عنوان هيٺ هڪ مضمون پڙهيو هوم، جنهن ۾ هن لکيو آهي ته هن مسجد جو نالو "مسجد الفتح" قرآن مجيد جي "سورة الفتح" تان پيو، جيڪا حضور اڪرم ﷺ جن تي هن هنڌ تي لٿي ۽ اهو نالو ان ڪري به پيو، جو حضور اڪرم ﷺ جن هن جنگ جي فتح لاءِ دعا هن مسجد ۾ گهري هئي.

حضور اڪرم ﷺ جن جي ڏينهن ۾ هي مسجد ڪاٺ جي ٿنين ۽ پامن جي شاخن ذريعي ناهي وئي ۽ پوءِ 707ع ۾ عمر بن عبدالعزيز هن کي وري 1179ع ۾ سيف دين حسين ابن ابوهائتا ٺهرايو ۽ پوءِ مسجد جا ٿنيا ڪرڻ تي سلطان عبدالمجيد اول اهي ٿنيا ٺهرايا ۽ هاڻ بادشاهه فهد ان مسجد جي مرمت ڪرائي آهي.

"سلمان فارسي مسجد" فارسي نالي آهي ۽ مسجد الفتح جي قدمن وٽ آهي. سلمان فارسي مسجد کي اڄ جي صورت ۾ عمر بن عبدالعزيز ڏني. ان بعد مسجد الفتح سان گڏ 1181ع ۾ سيف الدين بن ابوهائتا هن مسجدجي مرمت ڪرائي.

ابوبڪر مسجد به گهٽو پوءِ ٺهرائي وئي ۽ ان بعد عمر بن خطاب مسجد ٺهي. ننڍڙي فاطمه زهرا مسجد هاڻ ويجهڙائي ۾ ٺهرايل لڳي ٿي، جنهن جو ڪنهن به پراڻي مسلمان سياح ذڪر نه ڪيو آهي.

# حضرت سلمان فارسي رضہ الله عنہ

حضرت سلمان فارسي رضہ جنهن جي نالي مديني ۾ کجور جو باغ مشهور آهي ۽ مديني جون زيارتون ڪرڻ دوران هرهڪ جو اتان لنگهہ ٿئي ٿو ۽ هن نيڪ انسان جو نالو هرهڪ جي زبان تي اچي ٿو. حضرت سلمان فارسي رضہ حضور اڪرم ﷺ جن جي سچن عاشقن مان هو، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن مڪي کان هجرت ڪري مديني (يثرب) پهتا تہ سلمان فارسي جن يثرب جي هڪ يهودي وٽ غلام هئا ۽ هن جي ڪجي جي باغ ۾ ڪم ڪيو ٿي.

حضرت سلمان فارسي رضہ اصفهان شهر جي پر واري هڪ ڳوٺ آب الملڪ جو رهاڪو هو. اصفهان ايران ۾ آهي، جيڪو انهن ڏينهن ۾ فارس سڏبو هو. ان ڪري هو سلمان فارسي سڏجڻ لڳو. دراصل سلمان فارسي جو اصل نالو "مابا" هو ۽ هو هڪ آتش پرست جي گهر ۾ جائو، جيڪي باهہ جا پوڄاري هئا. تن ڏينهن ۾ سڄو ايران باهہ جي پوڄارين کان مشهور هو. ڪجهہ گهر عيسائين ۽ يهودين جا پڻ هئا. ايران ۾ اسلام بعد ۾ (650 ڌاري) آيو ۽ باهہ جي پوڄارين جو آتشڪدو وسايو ويو، سڄي ايران جي ماڻهن اسلام قبول ڪيو. ڪيترا آتش پرست (خاص ڪري پارس شهر جا) هندستان هليا آيا ۽ اڄ بہ ڪراچي ۽ بمبئي جهڙن شهرن ۾ رهن ٿا ۽ پارسي سڏجن ٿا. هو باهہ جي پوڄا ڪن ٿا.

سلمان فارسي رضہ (مابا) کي ننڍي هوندي کان ئي دين حق تي هلڻ جي جستجو هئي. هو پنهنجو ڌرم ڇڏي عيسائي پادرين ۽ راهبن جي پويان لڳو، هڪ راهب جيڪو نهايت پاڪباز ۽ پرهيزگار هو ۽ عموريہ شهر ۾ رهيو ٿي، تنهن مرڻ وقت مابا (سلمان فارسي) کي چيو: "اي حق جي ڳولا ڪندڙ نوجوان هن  وقت ڇئني پاسي ڪفر ۽ شرڪ جون وڄون چمڪي رهيون آهن، پر هاڻ ان نبي آخر الزمان جي پيدا ٿيڻ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي، جيڪو عربستان جي ريگستان مان اٿي دين حنيف کي زندهہ ڪندو ۽ هو ان ڌرتي ڏي هجرت ڪندو، جتي ڪيترا ئي کجين جا وڻ هوندا".

مابا (سلمان فارسي) کي هاڻ نبي آخر الزمان جي ديدار جي جستجو هئي، هو هر وقت ان ڳولا ۾ رهيو ٿي تہ ڪو اهڙو قافلو ملي وڃي، جيڪو هن کي عربستان جي ان ڌرتي تي وٺي هلي. آخر ۾ هن جي اميد پوري ٿي ۽ بنو ڪلب قبيلي جو هڪ قافلو هن شهر (عموريہ) مان اچي لنگهيو. جڏهن قافلو واديءِ القريٰ پهتو تہ قافلي جي ماڻهن جي نيت خراب ٿي پيئي ۽ هن سباجهي دل واري نوجوان کي غلام بنائي هڪ يهودي کي وڪڻي ڏنو.

مابا (سلمان فارسي) ڪجهہ ڏينهن يهودي وٽ رهيو هوندو تہ هڪ ڏينهن ان يهودي جو هڪ مائٽ جيڪو يثرب جو رهاڪو هو، هن سان ملڻ آيو. هن کي هڪ غلام جي ضرورت هئي، جنهن لاءِ هن پنهنجي ميزبان سان ڳالهہ ڪئي تہ ميزبان هن کي هڪدم مابا وڪڻي ڏنو. هي همراهہ مابا کي يثرب (جنهن جو نالو حضور اڪرم ﷺ جن جي هجرت بعد مدينو ٿيو) وٺي آيو. مابا چوڌاري ڪجين جا وڻ ڏٺا تہ هن کي پڪ ٿي وئي تہ جنهن نبي آخر الزمان جو ذڪر عموريہ جو عيسائي راهب ڪندو هو، اهو نبي پنهنجا قدم پاڪ هن شهر يثرب ۾ ضرور گهمائيندو.

آخر هڪ ڏينهن اها ساعت بہ اچي وئي، جنهن جو مابا کي انتظار هو. هو پنهنجي يهودي آقا جي باغ ۾ ڪجين جي هڪ وڻ تي چڙهي ڪارڪون پٽي رهيو هو. سندس مالڪ هيٺ ويهي رهيو. ايتري ۾ هڪ يهودي شهر کان ڊوڙندو آيو ۽ چوڻ لڳو: "مڪي کان هڪ شخص قبا ۾ آيو آهي، جنهن سان يثرب جا ڪيترائي ماڻهو، ننڍا وڏا ملڻ لاءِ وڃي رهيا آهن، هو پنهنجو پاڻ کي نبي ٿو سڏرائي ۽ هن جي دعوىٰ تي ماڻهو يقين بہ ڪن ٿا".

مابا اهو ٻڌي اهڙو خوش ٿيو جو بدحواسي جي عالم ۾ وڻ تان هيٺ لهي هن آيل يهودي همراهہ کان پڇڻ لڳو: "تو ڇا پئي چيو. هڪ دفعو وري ٻڌاءِ".

مابا جو آقا پنهنجي غلام جي تجسس ۽ بدحواسي تي باهہ ٿي ويو ۽ زور سان ٺڪڙون وهائي ڪڍيائينس. "وڃ نياڳا، وڃي پنهنجو ڪم ڪر. تنهنجو ڇا وڃي انهن ڳالهين ۾".

مابا (سلمان فارسي) دل تي پٿر رکي في الحال ماٺ ٿي ويو. پر پوءِ جيئن جيئن هن کي موقعو ملندو هو ته حضور اکرم ﷺ جن جي خدمت ۾ وڃي حاضر ٿيندو هو. قبا اها جاءِ آهي، جتي حضور اکرم ﷺ جن مديني (يثرب) ۾ اندر اچڻ کان اڳ ڪجهه وقت لاءِ شهر کان ٻاهر اچي منزل انداز ٿيا هئا ۽ ان هنڌ تي مسجد ٺاهي نماز پڙهيائون. اها مسجد، مسجد قبا جي نالي سان مشهور آهي ۽ اسلام جي پهرين مسجد آهي هن مسجد ۾ ٻه رڪعتون نفل پڙهڻ جو ثواب عمري جيترو چون ٿا، ان ڪري مديني آيل حاجي روزانو هزارن جي تعداد ۾ هن مسجد ۾ اچن ٿا ۽ ڪجين جو باغ جنهن جي يهودي مالڪ وٽ مابا غلام ٿي آيو. ويجهو ئي آهي.

مابا حضور اڪرم ﷺ جن کي پنهنجي زندگيءَ جو سربستو احوال ٻڌايو ۽ اسلام قبول ڪيو. حضور اکرم ﷺ جن مابا جو اسلامي نالو سلمان رکيو ۽ ان ڏينهن کانپوءِ مابا بن بوذخشان سلمان فارسي ٿي ويو.

بدر ۽ احد جون لڙايون لڳيون پر سلمان فارسي غلاميءَ جي ڳٽ ڪري انهن ۾ شامل ٿي نه سگهيو. حضور اکرم ﷺ جن کي سلمان فارسي جي مجبوريءَ جي ڄاڻ هئي. هڪ ڏينهن پاڻ ڪريم ﷺ جن هن کي فرمايو ته سلمان تون پنهنجي آقا کان پنهنجي قيمت چڪائي پاڻ کي آزاد ڪراءِ. سلمان فارسي پنهنجي آقا سان ڳالهه ڪئي، جنهن ڪجهه سون ۽ ٽي سو ڪجين جي وڻن جو مطالبو ڪيو. حضور اکرم ﷺ جن صحابين سان گڏجي سلمان فارسي جي آزادي جي ڊماند لاءِ سون جو شرط ته پورو ڪرايو پر ٽي سو ڪجين جا وڻ به لڳرايا. اڄ اهو باغ جنهن ۾ ڪجين جا وڻ آهن جيڪو دراصل يهودي آقا جي ملڪيت ٿي پر سلمان فارسي جي باغ جي نالي سان سڏجي ٿو ۽ مديني جي عجوه نالي ڪجيءَ لاءِ مشهور آهي ته اها حضور اکرم ﷺ جن پاڻ پوکي هئي ۽ آيل حاجي تبرڪ طور يا نظر ۽ جادو ٽوٽڪي ڦيٽي کان بچڻ لاءِ ڪجيءَ جي اها جنس خريد ڪن ٿا.

پنجين هجريءَ ۾ خندق جي لڙائي لڳي. ڪتابن ۾ آهي ۽ اسان جي گائيڊ (جنهن اسان کي مديني جون مختلف تاريخي جايون ڏيکاريون) پڻ ٻڌايو ته خندق جي لڙائي ۾ شهر جي چوڌاري خندق کوٽڻ جي سٽي راءِ حضرت سلمان فارسي رضہ ڏني، جنهن بعد حضور اکرم ﷺ جن ٽن هزار اصحابين سان گڏجي کاهي (خندق) کوٽي ۽ اهو کوٽائي جو ڪم اٽڪل پندرهن ڏينهن ۾ پورو ٿيو. ان وقت مديني جي مهاجرين ۽ انصار ۾ اچي بحث ٿيو ته، "سلمان فارسي رضہ ڪنهن سان گڏ آهي"، حضور اکرم ﷺ جن اهو بحث ٻڌو ته فرمايو:

"سلمان من اهل البيت" (سلمان رضہ منهنجي اهل بيت مان آهي".

سبحان الله سلمان رضہ جو ڇا ته مقدر ٿيو. فارس جي هڪ غريب ۽ مسڪين انسان لاءِ ٻنهي جهانن جي سرڪار ﷺ پنهنجي زبان مبارڪ سان پنهنجي اهل بيت ۾ شامل فرمايو:

اين سعادت بزور بازو نيست

تانہ بخشند خدائي بخشنده

خندق (کاهي) جي ڪري مشرڪ شهر تائين نه پهچي سگهيا. ان کان علاوه الله تعاليٰ به مسلمانن کي غيب مان مدد ڪئي ۽ اهڙا اسباب پيدا ڪيا جو دشمن ستاويهه ڏينهن کانپوءِ ناڪام ٿي موٽي ويا.

هن لڙائي کانپوءِ حضرت سلمان فارسي رضہ هر لڙائي ۾ شامل ٿيو. هن جو عشق رسول ۽ شوق جهاد ڏسي هڪ دفعي حضور اکرم ﷺ جن فرمايو:

"جنت ٽن ماڻهن جو اشتياق رکي ٿي. علي رضہ، عمار رضہ ۽ سلمان رضهه جو."

هڪ ٻئي موقعي تي حضور اکرم ﷺ جن کين "سلمان الخير" جو لقب عطا فرمايو.

حضور اکرم ﷺ جن جي رحلت کانپوءِ سلمان فارسي رضہ وڏي عرصي تائين مديني ۾ رهيو. فاروق اعظم رضہ جي عهد خلافت ۾ هن عراق ۾ ئي رهڻ پسند ڪيو. ايران تي حملي وقت هو به مجاهدين اسلام ۾ شريڪ ٿي ويو ۽ ڪيترين جنگين ۾ داد شجاعت حاصل ڪيو. فاروق اعظم رضہ سلمان فارسي رضہ کي مدائن جي

گورنري پڻ ڏني. هن مرد درويش گورنري وارن ڏينهن ۾ به سادگي کان ڪم ورتو. سجو پگهار غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. پيٽ قوت لاءِ تونئريون ۽ تڏا ناهي وڪڻندو هو. ڪنهن سان به تڪو تي نه ڳالهائيندو هو.

هڪ ڏينهن ڪنهن شخص سلمان فارسي رضہ کي گاريون ڏنيون. پاڻ فرمايائون: "ياءُ منهنجا جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن منهنجي گناهن جو پڙ ڳرو هوندو ته تو جيڪي ڪجهه چيو آهي منهنجي حالت ان کان به خراب هوندي ۽ جي منهنجي گناهن جو پڙ هلڪو هوندو ته تنهنجي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان آئون چو گهبرايان".

حضرت سلمان فارسي رضه 35 هجري ۾ وفات ڪئي انهن ڏينهن ۾ حضرت عثمان رضہ جو دور خلافت هو. سندن عمر لاءِ مختلف روايتون آهن. ڪي چون ٿا ته پاڻ سو کن سالن جو ٿيو ڪي ٻن سون جي آسپاس جي عمر ٻڌائين ٿا. سندن ڪنيت ابو عبدالله سڏي وئي ٿي.

# ڪجهہ سعود خاندان بابت

سعودي عرب تي جنهن گهراڻي جي حڪومت آهي، اهو سعود گهراڻو سڏجي ٿو ۽ هن گهراڻي تان هن ملڪ جو نالو سعودي عرب يا سعودي عريبيا پيو. ويهين صدي جي شروع وارن سالن تائين نقشي ۾ ڪٿي بہ "سعودي عرب" نالي ڪو ملڪ نہ هو. ڳاڙهي سمنڊ، عربي سمنڊ ۽ ايران وارن سمنڊن ۾ وڪوڙيل هي ريتي ۽ رڻ پٽ جو اپيٽ عربستان سڏيو ويو ٿي. بيابانن ۽ واريءَ جي ڍبن ۽ نوڙهن ڪارن جبلن جي هن ڌرتي تي اسلام ڪانپوءِ يا اڳ جيڪا ڪجهہ زندگي، هلچل، رونق ۽ چهچٽو هو، سو ٻن ٽن شهرن ۾ هو. جهڙوڪ مڪو (ڪعبي جي ڪري) يثرب (ڪجين جي باغن ۽ پاڻي جي ڪري) جيڪو شهر حضور اڪرم ﷺ جن جي هجرت بعد مدينو سڏجڻ لڳو ۽ حضور اڪرم ﷺ جن جي ڪري هي شهر دنيا ۾ مشهور ۽ خوشحال ٿيو، طائف (سني موسم، پاڻي ۽ پوک ڪري) ۽ ٿورو گهڻو عدن، جدو ۽ ينبع (ينبو) بندرگاهن ڪري ۽ صنعا (اتاهين Altitude تي هجڻ ڪري ٿڌي موسم ۽ عيسائي مندرن ڪري). عدن، صنعا ۽ حاضر الموت وارو مشهور علائقو شروع ڪان يمن ملڪ ۾ آهي. سڄي عربستان جي 3 ملين چورس ڪلوميٽر پکيڙ آهي. جنهن ۾ فقط اُهي چند ٽڪرا (شهر ناليرا هئا)، ٻيو سڄو ملڪ ريتي ۽ جبل هئا ۽ جتي پاڻي بہ نہ هجي ۽ تيز هوائون انسانن جا پيرا بہ لٽي ڇڏين. اتي هڪ هنڌ ڪان ٻئي هنڌ تائين رستا ڳولڻ ساموندي سفر ڪان بہ ڏکيو ڪم آهي. اڄ بہ فقط سعدي عرب 2140000 چورس ڪلوميٽر آهي. پاڪستان ڪان ذري گهٽ ٽيڻو آهي، جنهن جي پکيڙ 746000 ڪلوميٽر آهي، جپان ڪان ڇهوڻو ۽ برطانيا ڪان ڏهوڻو آهي.

هن ريت هاڻي اُپ ٻيٽ عربستان جو هڪ حصو يمن هو، جيڪو اڄ بہ ساڳي نالي وارو ملڪ آهي ۽ باقي حصو حجاز ۽ نجد سڏيو ويو ٿي، جيڪو هاڻ هڪ ملڪ سعودي عرب سڏجي ٿو. اڄ جي سعود خاندان جو هنن پٽن تي اثر رسوخ ڪافي پراڻي زماني ڪان هلندو پئي آيو پر تاريخن ۽ لکت ۾ احوال شهزاد سعود ابن محمد ابن مغرين ابن مرخان ڪان آهي. جنهن 1725ع ۾وفات ڪئي. اڄ جو سعود خاندان ۽ هن ملڪ جو نالو ان سعود حاڪم تان آهي. هن جي حڪومت هيٺ عربستان جوعلائقو ڪڏهن گهٽيو ٿي تہ ڪڏهن وڌيو ٿي. گادي وارو هنڌ ديريا هو، جيڪو اڄ جي گادي واري شهر الرياض جي پر ۾ آهي.
مغرين جي پوٽي ۽ محمد جي هن پٽ سعود جي حڪومت وارا ڏينهن سنڌ ۾ يار محمد ڪلهوڙي جي حڪومت وارن ڏينهن سان ملن ٿا ۽ ساڳي وقت تي ٻنهي جي وفات هڪ ئي دور ۾ ٿي ٿي. 1719ع ۾ يار محمد ڪلهوڙو گذاري ويو (۽ نور محمد ڪلهوڙو "خدا يار خان" ٿيو) ۽ ڇهن سالن بعد 1725ع ۾ هن سعود خاندان جو پايو وجهندڙ هي سعود ابن محمد گذاري ويو.

سعود ابن محمد جي حڪومت جو اهو زمانو هو، جنهن ۾ سنڌ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (1689ع ۾) ڄائو ۽ اتر سنڌ ۾ هلندڙ لڙائي ۾ دائود پوٽن جي (1707ع ۾) هار ٿي ۽ هن سعود جي ڏينهن ۾ هندستان ۾ (1707ع) ۾ اورنگزيب وفات ڪئي ۽ ان ڪانپوءِ اڳتي هلي بهادر شاهہ کي مغل حڪومت جون واڳون مليون. سعود جي وفات ڪان تيرهن چوڏهن سال ڪن 1739ع ۾ نادر شاهہ دهلي تي حملو ڪري هندستان ۾ تباهي مچائي. انهن ڏينهن ۾ سعود جو پٽ جنهن تي سندس ڏاڏي جو نالو محمد رکيل هو. عربستان جي هنن وارياسن علائقن جو حاڪم هو. ننڍي کنڊ يا دنيا جي ٻين ملڪن جي تہ هن ڪان بہ پراڻي تاريخ ملي ٿي پر عربستان جي رڪارڊ ۾ آيل تاريخ هن حاڪم محمد ۽ سندس والد سعود جي ڏينهن ڪان ملي ٿي.

هن سعود کي چار پٽ هئا. هڪ وڏو پٽ، جيڪو سعود جي مرڻ بعد پڳدار ٿيو، جنهنجو نالو محمد هو ۽ ٻيا هئا ٿنييان، مشاري ۽ فرحان.

سعود خاندان جي سيني شهزادن ۾ محمد ابن سعود وڌيڪ ناليرو ٿيو، جو هن جي ئي دور ۾ هڪ مذهبي رهنما شيخ محمد ابن الوهاب دنيا جي سامهون آيو. ابن عبدالوهاب ماڻهن کي سنئين واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪئي ۽ شر ۽ بدعتن ڪان پاسو ڪرڻ لاءِ سختي سان سمجهايو. هن جو ڳوٺ يوئينا هو. جتان هو لڏي گادي واري شهر

ديريا ۾ اچي رهيو. ملڪ جي حاڪم (امير) محمد ابن سعود شيخ ابن عبدالوهاب سان بانهن ٻيلي ٿي بيٺو. سڄي عرب دنيا ۽ اوسي پاسي جي ملڪن عراق، ايران وغيره ۾ اسلام ۾ Deviation اچي چڪي هئي. ماڻهو ويا پئي شرڪن ۾ ڦاسندا. ڪيترا ماڻهو پنهنجي اپائٽهار سان گڏ قبرن، وڻن، جهنڊن، گنبذن کان پنهنجون گهرجون گهرڻ لڳا. بادشاهه محمد ابن سعود شرڪ ڪندڙن سان جنگ جوٽي رکي ۽ هو مرڻ گهڙي تائين اها جهاد جي پاليسي اختيار ڪندو آيو. پاڻ 1765ع ۾ وفات ڪيائين. ان بعد هن جو وڏو پٽ شهزادو عبدالعزيز ابن محمد ملڪ جو حاڪم (امير) ٿيو ۽ 39 سال حڪومت ڪيائين. هن جو اثر رسوخ عربستان کان ٻه پري، شام، عراق، يمن ۽ عمان تائين هو. هن (عبدالعزيز ابن محمد) جي حڪومت واري دور ۾ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت هئي. جنهن جي باني غلام شاهه ڪلهوڙي 1774ع ۾ وفات ڪئي ۽ 1778ع ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي سول جنگ شروع ٿي ۽ آخرڪار 1803ع ۾ ٽالپرن جو سنڌ تي قبضو ٿيو ۽ هوڏانهن هندستان ۾ وارن هيسٽنگس (1771ع ۾) بنگال جو گورنر ٿيو ۽ 1799ع ۾ ٽيپو سلطان مارجي ويو؛ يورپ ۾ فرانس انگلينڊ جي خلاف 1778ع ۾ جنگ جو اعلان ڪيو.

وچ وچ ۾ ڪٿي ڪٿي عربستان سان گڏ هند، سنڌ يا ٻين هنڌن جا تاريخي واقعا ان ڪري ڏيڻ بهتر سمجهان ٿو ته جيئن پڙهندڙن کي Idea ٿئي ته ڪهڙي عرب حاڪم جي ڳالهه هلي رهي آهي. يعني سعود بادشاهه يا عبدالعزيز بادشاهه جي ته هلي رهي آهي، پر ڪهڙي دور وارو سعود يا عبدالعزيز. ڇو جو اڄ ڏينهن تائين سعودي عرب جي بادشاهن جا ساڳيا نالا هلندا اچن ۽ هڪڙو سعود عبدالعزيز، فيصل يا عبدالله گذاري وڃي ته ان جو نالو يڪدم پٽ، پائيٽي يا پوٽي تي رکيو وڃي. انگلينڊ جي شهنشاهيت ۾ به ساڳين نالن جو ورجاءُ آهي، جيئن ته جارج، چارلس، ايلزبيٿ وغيره پر انهن سان گڏ نمبر به آهن، يعني جارج پنجون، جارج ڇهون، ايلزبيٿ پهرين، ايلزبيٿ ٻي وغيره وغيره، ان ڪري ايڏو مونجهارو نه ٿو ٿئي.

بهرحال ڪلهوڙن جي دور وارو هي عربستان جو بادشاهه عبدالعزيز ابن محمد همٿ، عقل ۽ انصاف کان بيحد مشهور هو، 1803ع ۾ هو ديريا جي مسجد الطيرائف ۾ نماز پڙهي رهيو هو ته ڪو هن کي شهيد ڪري ويو.

عبدالعزيز ابن محمد ڪانپوءِ هن جو پٽ (جنهن جو نالو سندس ڏاڏي تان سعود رکيو ويو) تخت تي ويٺو. سعود ابن عبدالعزيز کي پنهنجي پيءُ واريون سٺيون ڳالهيون هيون ۽ هن جي سڄي عربستان ۾ واڪاڻ ۽ دٻدٻو هو. مصر جو هڪ جهونو تواريخ نويس الجبارتي 1805ع جي زماني جون جيڪي ڳالهيون رڪارڊ ڪيون آهن، انهن ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

”مصر ۾ خبرون پهتيون آهن ته وهابي مڪي طائف ۽ حجاز جي ٻين شهرن ۾ گهڙي چڪا آهن. (جتي انهن ڏينهن ۾ ترڪن جو راڄ هو). هنن پنهنجو لشڪر ٺاهي جدي ۽ ينبو جهڙا بندرگاهه پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتا آهن. هنن جي حجاز ۾ هاڪ ۽ ناموس آهي. هنن لاءِ اهو ٻڌجي ٿو ته اهوڪجهه ڪن ٿا، جيڪي حلالي آهن. منع ڪيل ۽ غلط شين کان پاسو ڪن ٿا“.

مٿي وهابي لفظ عربستان جي حاڪم (امير) لاءِ استعمال ڪيوويو آهي. جيڪو انهن ڏينهن ۾ (1805ع ۾) سعود ابن عبدالعزيز هو. ڪيترن تاريخدانن (مسلمانن توڙي غير مسلمان) سعود خاندان جي حاڪمن کي ”وهابي“ سڏيو آهي. اهو لفظ ڪو عام طرح استعمال ۾ نه ايندو هو پر ڏاريان ايئن سمجهندا هئا ته شيخ محمد ابن عبدالوهاب ڪو نئون مذهب يا فرقو ڪڍيو آهي، جنهن جا عرب حاڪم پوئلڳ آهن پر حقيقت ۾ شيخ محمد ابن عبدالوهاب ۽ سعود خاندان جا حاڪم گڏجي اسلام کي شرڪن ۽ بدعتن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا هئا. هنن نه ٿي چاهيو ته مسلمان شرڪ جهڙا ڪم ڪن ۽ هو الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي هن سان شامل شريڪ ڪن. ماڻهن ۾ سڄاڳي اچڻ ڪري هنن مقبرن مزارن تي وڃڻ ڇڏي ڏنو ۽ انهن تي ويٺل مجاورن، ڪوڙن مولوين ۽ پيرن فقيرن جي اهميت گهٽ ٿيڻ لڳي، جن شيخ محمد ابن عبدالوهاب جي نصيحتن ۽ ليڪچرن جي اهميت گهٽائڻ لاءِ ابن عبدالوهاب خلاف پروپيگنڊا شروع ڪري ڏني آهي.

مون کي ياد آهي تہ اسان جي ڳوٺ ۾ بہ اڄ کان اڌ صدي کن اڳ جڏهن اسان ننڍا هئاسين تہ ڪنهن کي پيرن فقيرن جي قبرن يا امام حسين جي نالي تيل گهوڙي يا جهنڊي کان دعا نہ گهرڻ تي وهابي سڏيو ويندو هو. هاڻ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ مدرسا نهي ويا آهن ۽ ڪيترائي پڙهيل ڳڙهيل عالم مولوي ۽ مفتي ماڻهن کي گمراهہ ٿيڻ کان بچائي رهيا آهن، جيئن هو شرڪ کان پاسو ڪن ۽ هر ڳالهہ لاءِ پنهنجي پروردگار سان رجوع ٿين. جيئن شاهہ لطيف بہ چيو آهي تہ الله ئي حبيب آهي، ۽ شفا ڏيڻ وارو آهي. ڦڪيون بہ تڏهن اثر ڪن ٿيون، جڏهن هنن کي رب پاڪ جو امر ٿئي ٿو.

هڪ ٻي ڳالهہ جيڪا پڙهندڙن لاءِ دلچسپ ۽ معلوماتي ثابت ٿيندي تہ شيخ محمد ابن عبدالوهاب وارن ڏينهن ۾ سنڌ وڏي اوج تي هئي، جنهن جو هڪ شهر ٺٽو دنيا جي مشهور شهرن مان هو، جنهن جا عالم اديب، دنيا ۾ مڃيا ويا ٿي ۽ هندستاني حڪمن جي راڄڌاڻين ۾ توڙي عربستان ۽ بلخ بخارا ۾ هتي جا سنڌي عالم علم سيکارڻ ۽ مذهبي مسئلن تي معلومات ڏيڻ لاءِ سڏايا ويا ٿي ۽ پوءِ ڪيترا تہ اتي ئي ٽڪي پيا ٿي.

اليگزينڊر هئملٽن جهڙي انگريز (اسڪاٽلئنڊ جي رهاڪو) سياح پنهنجي ڪتاب "New Account of East Indies" ۾ سترهين صدي جي آخر وارن سالن جو احوال لکيو آهي تہ:

"Thatta city (of Sindh) has four hundred colleges and schools, The city of famous for learning in theology, philology and politics"

ٺٽي ۽ سنڌ جو هي احوال مون ان ڪري لکيو آهي تہ جيئن پڙهندڙن کي اڄا ڄاڻ هجي تہ انهن ڏينهن ۾ سنڌ نہ فقط واپار وڙي، جهاز راني ۽ ٻين ڪمن ۾ اڳيان هئي پر علم ۽ ڄاڻ ۾ پڻ سنڌي عالم دنيا ۾ مشهور هئا. ويندي شيخ محمد ابن عبدالوهاب جي چئن استادن مان بہ سنڌي هئا. مون کي ان بابت هن سال حج دوران خبر پيئي. مديني ۾ هڪ عرب دوست ابن عبدالوهاب تي هڪ 250 کن صفحن جو ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنو. جيڪو سعود اسلامڪ يونيورسٽي جي پروفيسر سليمان عبدالرحمان جو لکيل آهي، جنهن ۾ هن انهن سنڌي عالمن جو احوال لکيو آهي، جيڪي مديني ۾ رهيا ٿي ۽ جن وٽ ابن عبدالوهاب علم حاصل ڪيو. انهن مان هڪ محمد ابن حيات السنڌي جي نالي سان مشهور آهي، جيڪو پڻ سنڌ کان لڏي مديني ۾ اچي رهيو هو. شيخ السنڌي بابت هن ڪتاب جي ليکڪ پروفيسر سليمان ابن عبدالرحمان لکيو آهي تہ شيخ السنڌي پڻ شرڪ ۽ اسلام ۾ بدعتن جي سخت خلاف هو. هڪ دفعي ابن عبدالوهاب ڏٺو تہ ڪجهہ ماڻهو قبرن ۾ دفن ٿيلن کان پنهنجي ضرورتن لاءِ گُهر ڪري رهيا هئا، جنهن لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن پڻ سختي سان منع ڪئي آهي. ايتري ۾ شيخ السنڌي اچي اتان لنگهيو. ابن عبدالوهاب شيخ السنڌي کان پڇيو.

"هنن ماڻهن بابت توهان جو ڇا خيال آهي؟"

شيخ السنڌي جواب ۾ قرآن شريف جي ستين سورة جي 139 نمبر آيت پڙهي.

ترجمو: "هي ماڻهو جنهن طريقي جي پيروي (بت پرستي) ڪري رهيا آهن، اهوتہ برباد ٿيڻ وارو آهي ۽ جيڪو عمل هو ڪري رهيا آهن، اهو نسورو ئي باطل آهي".

بهرحال سعود ابن عبدالعزيز جي سلطنت شام ۽ يمن تائين پهتي ٿي، جي مڪي ۽ مديني جي ماڻهن جي حالت سڌارڻ لاءِ ترڪيءَ جي سلطنت عثمانيا (Ottomon Empire) جي سلطان سليم کي هروقت لکندو رهيو ٿي. انهن ڏينهن ۾ مڪو ۽ مدينو ترڪن حوالي هو.

سال 1811ع ۾مصرف جي بادشاهہ محمد علي پنهنجي پٽ توسون کي سعودي ابن عبدالعزيز تي حملو ڪرڻ لاءِ موڪليو، خوب گولاباري هلي. سعودين گهٽو ئي مقابلو ڪيو پر مصر جي محمد علي جو مڪي، مديني ظائف ۽ جدي تي قبضو ٿي ويو. ان ويڙهہ ۾ سعود ابن عبدالعزيز 1813ع ۾ ديريا ۾ مارجي ويو.
ان بعد سندس پٽ عبدالله ابن سعود تخت تي وينو ۽ چار سال حڪومت ڪيائين. مصري حاڪم محمد علي فوج ديريا (گادي واري شهر) تائين پهچي وئي ۽ 1817ع ۾ سڄي شهر تي قبضو ڪري ورتائون. عبدالله ابن سعود ۽

شيخ محمد ابن عبدالوهاب ۽ انهن جي گهر جي ڀاتين کي مصر موڪليو ويو. جتان پوءِ کين سلطنت عثمانيا جي گادي واري شهر استنبول ۾ موڪليو يو، جتي شهزادي عبدالله ابن سعود کي 1818ع ۾ قتل ڪيو ويو.

ان بعد وڏي سعودي جي ٻيو نمبر پٽ مشاري ابن سعود عرب حڪومت جون واڳون سنڀاليون پر اهو انهي سال لڙائي ۾ مارجي ويو. ان بعد عبدالله ابن سعود جو پٽ ترڪي ابن عبدالله 1820ع ۾ تخت تي ويٺو پر هن کي الرياض شهر جي مسجد ۾ نماز پڙهندي قتل ڪيو ويو. ان بعد شهزادو فيصل ابن ترڪي ابن عبدالله 1830ع ۾ حڪومت سنڀالي ۽ 1865ع تائين حڪومت ڪئي. هن سلطنت عثمانيا جي فوجين سان ڪيترين ئي جنگيون وڙهيون. هن جي ڏينهن ۾ سڄو عربستان ننين ننين قبيلن ۾ ورهايل هو. جن کي ٻاهرين طاقتون ڀڙڪائيندڙيون رهيون ٿي. هي جلدي انهن ۾ هڪ طاقتور حاڪم ٿي ويو. 1865ع ۾ سندس وفات بعد شهزادو عبدالله ابن ثنييان تخت تي ويٺو (ثنييان وڏي سعود جو پٽ هو ۽ محمد مشاري ۽ فرحان جو ڀاءُ) شهزادي عبدالله ابن ثنييان 1871ع کان وٺي 1895ع تائين حڪومت ڪئي ۽ مصر ۽ ترڪي وارن سان جنگيون جوٽي رکيون.

شهزادي عبدالله بعد ٽي سعود شهزادا تخت تي وينا.

- عبدالله ابن فيصل (جنهن 1888ع ۾ وفات ڪئي.
- سعود ابن فيصل ۽
- محمد ابن سعود ابن فيصل

ان بعد شهزادي عبدالرحمان ابن فيصل حڪومت سنڀالي. عربن نه ٿي چاهيو ته ترڪي جي سلطنت عثمانيا جي عربستان تي حڪومت هجي پر مقابلو ڪري نه سگهيا ۽ آخر ۾ ڪمزور ٿيڻ ڪري سعود خاندان جا حاڪم ملڪ بدر ٿي بحرين ۽ ڪويت هليا ويا.

ڪويت ۾ رهي عبدالرحمان ابن فيصل جو هڪ نوجوان پٽ شهزادو عبدالعزيز ابن عبدالرحمان واپس حڪومت حاصل ڪرڻ جو سوچڻ لڳو ۽ آخرڪار هو ان ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ تاريخ ۾ بادشاهه (ملڪ) عبدالعزيز ابن عبدالرحمان جو وڏو نالو ٿيو. بيت الحرم جو اجياد اسپتال پاسي وارو دروازو باب ملڪ عبدالعزيز به هن بادشاهه جي نالي تي آهي.

سعودي عرب جي شهرن جا ڪيترائي اهم رستا، پليون، اسڪول، اسپتالون هن بادشاهه عبدالعزيز نالي آهن. هن بادشاهه تي دنيا جي ڪيترن ئي تاريخدانن، ڪيترن ئي زبانن ۾ ڪتاب لکيا آهن. هن شخص عربستان کي سلطنت عثمانيا کان آزاد ڪرايو ۽ حجاز ۽ نجد کي ملائي سڄي ملڪ جو نالو پنهنجي "سعود" خاندان پنيان "سعودي عرب" رکيو. پاڻ 1958ع ۾ گذاري ويو.

عبدالعزيز ابن عبدالرحمان جي وفات بعد سندس پٽ شهزادو سعود ابن عبدالعزيز تخت تي ويٺو. هن بادشاهه سعودي عرب ۾ تعليم ۾ واڌارو آندو. سعودي عرب جي پهرين يونيورسٽي جيڪا سندس نالي تي رياض شهر ۾ آهي. هن بادشاهه سعود عبدالعزيز ڪولي، هن ٻيا به ڪيترائي اسڪول ۽ ڪاليج کولرايا، مڪي جي "مسلم ورلڊ ليگ" جو باني پڻ سعودي ابن عبدالعزيز آهي.

سعود ابن عبدالعزيز کانپوءِ سندس ڀاءُ شهزاد فيصل ابن عبدالعزيز 1964ع ۾ سعودي عرب جو بادشاهه ٿيو .ان بعد ٽيون ڀاءُ خالد ابن عبدالعزيز 1975ع ۾ بادشاهه ٿيو. ٻنهي ڀائرن جي ڏينهن ۾ سعودي عرب وڏي ترقي ڪئي، اسڪول، ڪاليج، اسپتالون، آفيسون، رستا، پليون، هرهڪ شيءِ ۾ تبديلي اچي وئي. اڄ جو سعودي عرب دنيا جي ماڊرن ملڪن مان هڪ ٿي پيو آهي. اڄڪلهه سعودي جو بادشاهه سعود، فيصل ۽ خالد جو ڀاءُ فهد ابن عبدالعزيز آهي. فهد 1924ع ۾ ڄائو ۽ 1982ع کان حڪومت جون واڳون هن جي حوالي آهن.

ملڪ جو نائب پريميئر ۽ پڳدار شهزادو سندن هڪ ٻيو ڀاءُ عبدالله ابن عبدالعزيز آهي، جنهن جو سن ولادت پڻ 1924ع آهي، جنهن مان لڳي ٿو ته هو ٻي ماءُ مان آهي.

ان بعد شهزادو سلطان ابن عبدالعزيز آهي. پاڻ 1928ع ۾ ڄائو، سندس والد ڪيس ويهه ورهين جي ڄمار ۾ (1947ع ۾) رياض جو گورنر مقرر ڪيو. 1953ع ۾ ايگريڪلچر جو وزير ٿيو ۽ 1955ع ۾ ڪميونيڪيشن جو وزير ٿيو. بهرحال اڄڪلهه هو سيڪنڊ نائب پريميئر آهي.

# قرآن مجيد ۽ حديث شريف جون دعائون

"اي اسان جا رب! اسان پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو آهي، جيڪڏهن تو اسان کي نہ بخشيو ۽ اسان تي رحم نہ ڪيو تہ اسان يقينن خسارو ڪٽڻ وارن مان ٿي پونداسين". (سورة الاعراف ـ آيت 23)

"اي اسان جا رب! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ آخرت ۾ بہ ڀلائي سان نواز ۽ اسان کي باهہ جي عذاب کان بچائج". (سورة البقرة، آيت 201)

ـ"اي اسان جا پروردگار! اسان کان جهنم جو عذاب پري رکجانءِ، جو تہ ان جو عذاب چهٽي وڃڻ وارو آهي. بيشڪ جهنم تمام خراب ٺڪاڻو ۽ خراب جاءِ آهي". (سورة فرقان آيت ـ 66 ـ 65)

ـ"اي اسان جا رب! هدايت عطا فرمائڻ بعد اسان جي دلين کي گمراهہ نہ ڪر ۽ اسان تي پنهنجي طرف کان رحمت عطا فرماءِ. بيشڪ تون ئي حقيقي داتا آهين". (سورة آل عمران ـ آيت 8)

ـ"اي اسان جا رب! اسان کي ۽ اسان جي انهن ڀائرن کي بہ بخش ڪر، جيڪي اسان کان اڳ ايمان آڻي چڪا آهن ۽ اهل ايمان جي باري ۾ اسان جي دلين ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪينو نہ آڻڻ ڏي، اي اسان جا رب! تون وڏو ئي شفيق ۽ مهربان آهين". (سورة الحشر ـ آيت 10)

ـ"اي اسان جا رب! اسان تي پنهنجي طرف کان رحمت عطا فرماءِ ۽ اسان جي معاملن ۾ اصلاح جي صورت پيدا فرماءِ". (سورة الڪهف ـ آيت 10)

ـ"اي اسان جا رب! اسان جو نور آخر تائين سلامت رکجانءِ ۽ اسان کي بخشجان، تون يقينن هر شيءِ تي قادر آهين". (سورة التحريم ـ آيت 8).

ـ"اي اسان جا رب! مون کي ۽ منهنجي اولاد کي نماز قائم ڪرڻ وارو بڻائج".

ـ"اي اسان جا رب! منهنجي دعا قبول فرماءِ. اي اسان جا رب! مون کي منهنجي والدين ۽ اهل ايمان وارن کي حساب ڪتاب واري ڏينهن بخشي ڇڏجانءِ". (سورة ابراهيم ـ آيت 41 ـ 40).

ـ"يا الله! منهنجي گناهن جي مقابلي ۾ تنهنجي مغفرت تمام وسيع آهي ۽ مون کي منهنجي عمل جي مقابلي ۾ تنهنجي رحمت جي وڌيڪ اميد آهي".

ـ"اي الله آئون تنهنجي رحمت جو اميدوار آهيان. مونکي لمحي ڪن لاءِ بہ منهنجي نفس جي حوالي نہ ڪر. منهنجون سڀ حالتون صحيح ڪجان. توکان سواءِ ڪو بہ الله نہ آهي".

ـ"اي الله! مون پنهنجي جان تي تمام گهڻا ظلم ڪيا ۽ تنهنجي سواءِ ڪير آهي جو گناهہ بخشي. مون کي پنهنجي طرف جي خاص بخشش سان نواز ۽ مون تي رحم فرماءِ".

ـ"الاهي! اي جبرائيل، ميڪائيل، اسرافيل ۽ حضرت محمد ﷺ جا رب! آئون توکان باهہ جي عذاب کان پناهہ گهران ٿو".

ـ"اي الله! جنهن ڏينهن تون پنهنجن ٻانهن کي اٿاريندين، ان ڏينهن مون کي پنهنجي عذاب کان بچائي رکجان".

ـ"اي الله! مون کي بخش ڪر. مون تي رحم فرماءِ. مون کي صحت، هدايت ۽ رزق عطا فرماءِ".

ـ"يا الله! رزق حلال سان منهنجون سموريون ضرورتون پوريون فرماءِ ۽ حرام کان بچاءِ. پنهنجي فضل و ڪرم سان مون کي پنهنجي ذات کان علاوہ هرڪ کان بي نياز ڪري ڇڏ".

ـ"الاهي! آئون سوال ٿو ڪريان توڪان درگذر ۽ سلامتي ۽ هر تڪليف ڪان بچاءِ جو دنيا ۾ آخرت ۾."

ـ"يا الله! آئون توڪان هدايت، تقويٰ، پاڪدامني ۽ بي نيازي جو سوال ڪريان ٿو".

ـ"اي الله! مون کي هدايت ڏي ۽ منهنجي اصلاح فرماءِ. اي الله! آئون توڪان هدايت ۽ اصلاح جو سوال ڪريان ٿو".

ـ"اي منهنجا رب! مون کي بخش ڪجانءِ. منهنجي توبہ قبول فرماءِ. تون يقينن توبهہ قبول ڪرڻ وارو ۽ بخشڻهار آهين".

ـ"يا الله! منهنجي دل کي نفاق ڪان، عمل ڪان، ريا ڪان، زبان کي ڪوڙ ڪان ۽اک کي خيانت ڪان پاڪ ڪري ڇڏ، ڇو جو تون اکين جي خيانت ۽ سينن جي اندر لڪل ڳالهين کي ڄاڻين ٿو".

ـ"يا الله! آئون تنهنجي نعمت جي زوال، تنهنجي عافيت ڪان، محرومي، تنهنجي اوچتي عذاب ۽ تنهنجي هر طرح جي ڪاوڙ ڪان پناهہ گهران ٿو".

ـ"يا الله! آئون چئن شين ڪان تنهنجي پناهہ گهران ٿو (1) اهڙو علم جيڪو فائدو نہ رسائي (2) اهڙي دل جيڪا خوف نہ کائي (3) اهڙو نفس جيڪو آسودو نہ هجي (4) اهڙي دعا جيڪا قبول نہ ٿئي".

ـ"الله ڪانسواءِ ڪو بہ الٰه ناهي. هو اڪيلو آهي. هن جوڪو بہ شريڪ ناهي. بادشاهي ان جي لاءِ آهي، واکاڻ جي لائق اهو ئي آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي".

ڪتاب (حج و عمره) تان ـ حديث پبليڪيشنز، لاهور.

## حج : حديثن جي روشني ۾

جنهن گروپ سان مون کي حج ڪرڻ جو موقعو مليو. ان ۾ ڪيترائي عالم، فاضل ۽ قرآن جا ياد حافظ هئا. هو اڪثر اسلامي ڳالهيون خاص ڪري حج بابت حديثون ٻڌائيندا رهندا هئا. روزانو منجهند جي ماني بعد ته باقاعدي تعليم ٿيندي هئي، جنهن ۾ اسان جو گروپ ليڊر مولوي احسان الاهي شيخ يا حافظ سعيد احمد ڪنهن ديني ڪتاب جا چند ورق پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ انهن جون سمجهاڻيون ڏيندو هو.

حرم پاڪ ۾ پڻ مختلف زبانن جا مولوي مختلف هنڌن تي پنهنجي هم زبان حاجين کي دين جي تعليم ڏيندا رهيا ٿي. گهڻو ڪري ترڪي، ملئي، ايراني، عربي زبان ۾ ليڪچر ٿيندو هو. اڙدو ۾ پڻ الشيخ محمد مڪي نالي مولوي مختلف عنوانن تي واعظ ڪندوهو، جيئن ته توحيد ۽ بدعت، سيرت النبي، حاضر ناظر، پڙدي جا احڪام وغيره وغيره. بهرحال هتي ڪجهه حديثون لکڻ بي مهل نه ٿينديون، جيڪي حج بابت آهن. مختلف هنڌن تان نوٽ ڪيون اٿم. حرم مڪي جي حدن جي مقرري حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حرم مديني جي حدن جو تعين رسول اڪرم ﷺ جن ڪيو.

حضرت رافع بن خديجہ رضہ جو چوڻ آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "حضرت ابراهيم عليہ السلام مڪي کي حرم قرار ڏنو ۽ آئون ٻنهي ڪارن پٿرن وارن ٽنين جي وچ واري جاءِ ـ يعني مديني کي حرم قرار ڏيان ٿو. (ان کي مسلم روايت ڪيو)

وضاحت

الله تعاليٰ جي حڪم سان حضرت ابراهيم عليہ السلام حرم مڪي جون جيڪو حدون مقرر ڪيون آهي، هن ريت آهن: اتر ۾ مڪي مڪرمہ کان چار ميل (تنعيم تائين)، اتر اوڀر ڏي مڪي شريف کان اٽڪل نوَ ميل (وادي نخل تائين) اولهہ ڏي مڪي شريف کان اٺ ميل حديبيہ تائين، سعودي حڪوت علامت طور انهن هنڌن تي اڇي رنگ جا ٿنيا نهرائي ڇڏيا آهن.

- مڪو شريف الله تعاليٰ ۽ هن جي رسول صلعم جو محبوب ترين شهر آهي

حضرت عبدالله بن عدي حمراءَ رضہ چوي ٿو تہ مون رسول الله ﷺ جن کي حزوره جي مٿان بيهي هي فرمائيندي ڏٺو: "الله جو قسم! (اي مڪا) تون الله جي سڄي زمين کان بهتر آهين ۽ الله کي سڀ کان گهڻو محبوب آهين. جيڪڏهن مون کي هتان نہ ڪين ها تہ آئون هتان ڪڏهن بہ نہ نڪران ها". (اهو ترمذي روايت ڪيو آهي).

- دجال مڪي ۽ مديني ۾ داخل ٿي نہ ٿو سگهي

حضرت انس بن مالڪ رضہ ٻڌائي ٿو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "ڪو بہ شهر اهڙو ناهي، جنهن ۾ دجال جو گذر نہ ٿئي، سواءِ مڪي ۽ مديني جي. انهن شهرن جي سيني رستن تي ملائڪ صف در صف پهرو ڏئي رهيا آهن". (ان کي مسلم روايت ڪيو).

- مڪهہ مڪرمهہ جي مسجد ـ مسجد الحرام ۾ هڪ نماز اداڪرڻ جو ثواب هڪ لک نمازن جي برابر آهي.

حضرت جابر رضہ کان روايت آهي تہ رسول اکرمﷺ جن فرمايو. "منهنجي مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ جو اجر (ٻين مسجدن جي ڀيٽ ۾) هزار درجا گهڻو آهي. سواءِ مسجد الحرام جي ۽ مسجد الحرام ۾ هڪ نمازجو ثواب (ٻين مسجدن جي ڀيٽ ۾) هڪ لک درجا گهڻو آهي. (اهو احمد طرفان روايت ٿيل آهي).

- مديني منوره جو ٻيو نالو "طابا" آهي، جيڪو الله تعاليٰ رکيو آهي.

حضرت جابر بن سمره جو چوڻ آهي تہ مون رسول اللهﷺ جن کي اهو فرمائيندو ٻڌو تہ الله تعاليٰ مديني جو نالو "طابا" رکيو آهي.

- مديني منوره ۾ طاعون جي بيماري ڪڏهن بہ نہ پکڙبي ۽ ان ۾ دجال داخل ٿي نہ سگهندو.

حضرت ابو هريره رضہ جن جو چوڻ آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: "مديني جي رستن تي ملائڪ مقرر آهن. ان ۾ نہ ڪڏهن طائون پکڙجي سگهي ٿي ۽ نہ دجال داخل ٿي سگهي ٿو". (ان کي بخاريءَ روايت ڪيو).

- مديني منوره جي "جبل احد" سان بہ رسول الله صلعم جن کي محبت هئي.

حضرت انس بن مالڪ رضہ چوي ٿو تہ آئون خيبر وڃڻ لاءِ نبي اکرمﷺ جن سان (گهر ڪان) نڪتس. اتي (خيبر ۾) آئون پاڻ ڪريمﷺ جن جي خدمت ڪندو رهيس. نبي اکرمﷺ جن خيبر کان مديني ڏي موٽيا. جبل احد ڏيکائي ڏني تہ پاڻ فرمايائون: "هي جبل اهو آهي، جيڪو اسان سان محبت ڪري ٿو ۽ اسين هن سان محبت ڪريون ٿا". (ان حديث کي بخاري ۾ روايت ڪيو).

- مديني منوره جي کجي "عجوه" جنت جو ميوو آهي، جنهن ۾ زهر ۽ جادو لاءِ شفا رکي وئي آهي.

حضرت ابو هريره رضہ چوي ٿو تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو: "عجوه کجور جنت جو ميوو آهي ۽ ان ۾ زهر لاءِ شفا آهي". (هي ترمذي کان روايت ٿيو).

حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ جو چوڻ آهي تہ رسول الله جن فرمايو: "جيڪو ماڻهو جنهن ڏينهن صبح کان عجوه ڪتل جون ست ڳڙيون کائيندو، ان ڏينهن زهر ۽ جادو نقصان نہ رسائيندس". (ان کي بخاري روايت ڪيو آهي).

- مسجد نبوي ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پهرين تحيہ المسجد ادا ڪرڻ کپي، پوءِ قبر مبارڪ تي حاضر ٿي درود و سلام پڙهڻ کپي.

حضرت ابو قتاده رضہ جو چوڻ آهي تہ آئون مسجد نبوي ۾ حاضر ٿيس ۽ رسول اللهﷺ صحابہ ڪرام رضہ جي وچ ۾ ويٺل هئا. آئون بہ هنن وٽ اچي ويٺس. رسول اللهﷺ جن فرمايو: "ويهڻ کان اڳ بہ رڪعتون (تحيہ المسجد) پڙهڻ کان توکي ڪهڙي شيءِ جهليو؟" حضرت ابو قتاده رضہ عرض ڪيو "يا رسول الله صلعم! مون توهان کي ۽ ٻين کي ويٺل ڏٺو (تہ آئون ويهي رهيس). پاڻ ارشاد فرمايو: "جڏهن ڪو شخص مسجد ۾ اچي تہ هن کي ان وقت تائين نہ ويهڻ کپي، جيسين هو بہ رڪعتون (تحيہ المسجد) ادا نہ ڪري". (ان کي مسلم روايت ڪيو).

- مسجد نبويءَ ۾ جڏهن روضة الجنت ۾ عبادت ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي ته اهو وڏيڪ اجر ۽ ثواب جو باعث آهي.

حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: "منهنجي حجر ۽ منبر جي وچ واري جاءِ جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي ۽ منهنجو منبر منهنجي حوض تي واقع آهي". (ان کي بخاري روايت ڪيو.)

وضاحت

روضة الجنت کي سفيد رنگن جي ٿنين ۽ سفيد غاليچن سان نمايان ڪيو ويو آهي. هن جاءِ جو ٻيو نالو "روضو شريف" آهي ۽ هتي حضور اڪرم ﷺ جن جي قبر مبارڪ آهي .ان کي "حجرو شريف" سڏجي ٿو.

- رسول اڪرم صلعم جن جي قبر مبارڪ تي نماز وانگر هٿ ٻڌي بيهڻ، رڪوع وانگر جهڪڻ، سجدو ڪرڻ يا تلاوت ۽ ذڪر لاءِ ويهڻ، ان جو طواف ڪرڻ، ان ڏي منهن ڪري دعا گهرڻ يا نماز پڙهڻ منع آهي.

حضرت ابو هريره رضہ جو چوڻ آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: "يا الله! منهنجي قبر کي بت نه بڻائجانءِ. الله تعاليٰ انهن ماڻهن تي لعنت فرمائي، جن نبين جي قبرن کي عبادتگاهه بنايو". (ان کي احمد روايت ڪيو).

- عورتن جو زيارت لا ءِ هر هر نبي اڪرم صلعم جن جي قبر مبارڪ تي اچڻ سٺي ڳالهه نه آهي.

حضرت ابو هريره رضہ جن فرمائين ٿا ته رسول الله ﷺ جن قبرن تي گهڻو اچڻ وارين عورتن تي لعنت فرمائي آهي (اهو ترمذي کان روايت آهي).

- مسجد قبا ۾ تحيه المسجد ادا ڪرڻ جو ثواب عمري جي برابر آهي.

حضرت سهل بن حنيف رضہ جو چوڻ آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: "جيڪو ماڻهو (پنهنجي گهر کان) نڪري ۽ هن مسجد يعني مسجد قبا ۾ اچي (ٻه رڪعتون) نماز پڙهي ته ان کي عمري جيترو ثواب ملي ٿو". (اهو نسائي کان روايت ٿيو).

- حج ۽ عمري جو ثواب خرچ ۽ تڪليف مطابق ملي ٿو.

حضرت عائشہ رضہ کان روايت آهي ته هڪ موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن ساٿس (حضرت عائشہ رضہ) سان عمري جي ثواب جي باري ۾ فرمايو ته ان جو ثواب خرچ يا مشقت مطابق ملي ٿو. (اهو بخاري طرفان روايت ٿيل آهي).

- حجر اسود ۽ مقام ابراهيم ٻئي جنت جا پٿر آهن.

حضرت عبدالله بن عمر رضہ جو چوڻ آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو "حجر اسود ۽ مقام ابراهيم جنت جي قيمتي پٿرن مان ٻه پٿر آهن. الله تعاليٰ ٻنهي پٿرن جي روشني ختم ڪري ڇڏي آهي، جيڪڏهن الله تعاليٰ ائين نه ڪري ها ته هي ٻئي پٿر مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ هر شيءِ روشن ڪري ڇڏين ها". (ان کي ابن خزيمہ روايت ڪيو).

- حجر اسود جنت مان لٿل پٿر آهي، جيڪو کير وانگر سفيد هو پر ماڻهن جي گناهن جي ڪري هو ڪارو ٿي پيو آهي.

حضرت عبدالله بن عباس رضہ جو چوڻ آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "حجر اسود جنت مان لٿل پٿر آهي، جيڪو کير کان وڌيڪ سفيد هو پر ماڻهن جي گناهن هن کي ڪارو ڪري وڌو آهي (اهو ترمذي روايت ڪيو).

- حج ادا ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي گهر ٻار ڏي جلدي موٽڻ وڏي اجر جي ڳالهہ آهي.

حضرت عائشہ رضہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "جڏهن ڪو شخص پنهنجو حج مڪمل ڪري وٺي تہ هن کي پنهنجي اهل و عيال وٽ (موٽڻ) وڃڻ لاءِ جلدي ڪرڻ کپي. اهو هن لاءِ اجر عظيم جو باعث آهي". (ان کي دارقطني ۽ حاڪم روايت ڪيو).

# نيوز پيپر ڪٽنگز

حج جي دوران سعودي عرب مان نڪرندڙ انگريزي اخبارن ۾ ايندڙ ڪجھ خبرون پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ هتي ڏيان ٿو. پڪ اٿم تہ هنن خبرن مان ڪيترن ئي ڳالهين جي آئيڊيا ۽ ڄاڻ ٿي سگھندي. ڪي خبرون دلچسپ پڻ آهن.

## انگلينڊ کان آيل حاجي

سعودي عرب جي هڪ انگريزي اخبار سعودي گزيٽ مطابق هن سال (سن 2000ع) ۾ يورپ کان آيل حاجين ۾ ٽيهہ هزار حاجي انگلينڊ جا هئا. گذريل سال انگلينڊ کان ويهہ هزار حاجي آيا هئا. برٽش هائوس آف لارڊس جو مسلمان ميمبر لارڊ نظير احمد پڻ حج تي آيل هو. سندس هي ٻيو حج هو. ان کان علاوه هن ست عمره ڪيا آهن. هن سعودي حڪومت جي تعريف ڪئي، جيڪا هر سال حاجين لاءِ بهتر کان بهتر سهوليتون مهيا ڪري رهي آهي ۽ حاجين کي عرفات ۽ منيٰ ۾ پاڻي جون لکين بوتلون ۽ ڪاڌي جون شيون مفت ڏئي ٿي.

هن سال برطانيا کان ڪيترن ئي ڊاڪٽرن رضاڪارانہ طور پنهنجي خرچ تي حج تي اچي دنيا جي حاجين جي خدمت ڪئي. سعودي عرب حڪومت جي ٻئي نمبر پريميئر ۽ ڊفينس جي انسپيڪٽر جنرل ۽ بادشاھ فهد جي ڀاءُ شهزادي سلطان ابن عبدالعزيز خميس ڏهين ذوالحج تي جن خاص مهمانن سان ملاقات ڪئي، انهن مان انگلينڊ جو لارڊ نظير هڪ هو.

اٽڪل 42 ورهين جو نظير احمد، جيڪو لنڊن کان 180 ميل پري راٿرهام علائقي ۾ رهي ٿو، برطانيا جي پارليامينٽ جو پهريون مسلمان لارڊ آهي. پاڻ پاڪستاني آهي ۽ سندس فئملي جو اصل ڳوٺ ميرپور (آزاد ڪشمير) هو. اڄ کان اڌ صدي کن اڳ هن جي پيءُ پنهنجو وطن ڇڏي لنڊن ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي هئي.

## قربانيءَ جو گوشت ٻين ملڪن ڏي

جده 18 مارچ 2000ع حاجين جي منيٰ ۾ ڪيل قربانين جي گوشت جي پهرين کيپ ڪالھ جمعي ڏينهن هوائي جهاز ڪٽي جده کان پاڪستان ڏي روانو ٿي ويو، جتي اهو گوشت افغان مهاجرين ۾ ورهايو ويندو. حاجين طرفان ذبح ڪيل جانورن جو گوشت 27 مسلمان ملڪن جي غريبن ۾ ورهايو ويندو. ان ڪم جو بندوبست سعودي حڪومت ۽ اسلامڪ ڊيولپمينٽ بئنڪ گڏجي ڪنديون.

اٽڪل اڍائي هزار يخ ٿيل (Frozen) قرباني جون ٻڪريون ۽ رڍون پهرين جهاز ۾ پشاور موڪليون ويون آهن ۽ اڄ هڪ ٻي ان جيڏي کيپ هوائي جهاز ڪٽي ڪوئيٽا روانو ٿيندو. ايندڙ ڏينهن ۾ اٽڪل ڏھ هزار جانور پاڪستان روانا ڪرڻا آهن. اسلامڪ ڊولپمينٽ بئنڪ (IDP) جي نمائندي ٻڌايو.

آءِ ڊي پي وارن کي حاجين طرفان حج جي هنن ٽن ڏينهن (خميس، جمع ۽ ڇنڇر) ۾ اٽڪل پنج لک رڍون، ٻڪريون ۽ ڏھ هزار ڏڳيون ۽ اٺ ذبح ڪرڻ جو ارادو آهي. جمعي جي صبح تائين ٻہ لک ڪن رڍون، ڏڳيون ۽ اٺ ذبح ٿي چڪا آهن ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ گوشت کي ٿڌو (Frozen) ڪري هوائي جهازن، پاڻي جي جهازن ۽ خشڪي رستي ٽرڪن، ڪنٽينرن ذريعي مختلف ملڪن ۾ موڪليو ويندو ۽ ان سڄي ڪم جي نگهباني آءِ ڊي پي بئنڪ جو صدر ڊاڪٽر احمد محمد علي پاڻ ڪري رهيو آهي.

بئنڪ طرفان هي قرباني جو پروجيڪٽ اڄ کان سترهن سال اڳ شروع ڪيو ويو هو. هن پروجيڪٽ ۾ ويهہ هزار ماڻهو ڪم ڪن ٿا، جن ۾ ڪاسائي جانورن جا ڊاڪٽر، ٽيڪنيشن ۽ مزور اچي وڃن ٿا ۽ اهو سمورو ڪم

شريعت مطابق ڪن ٿا. نئين مذبحہ خاني (Slaughter House) جي نهڻ سان هاڻ منىٰ ۾ ڪل پنج قربان گاهہ ٿيا. هن نئين ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي قربان گاهہ ۾ هڪ ڏينهن ۾ ٻہ لک جانور قرٻان ڪري سگهجن ٿا. بئنڪ جي صدر ٻڌايو تہ انهن قربانيءَ جي جانورن مان ڏهہ هزار جانورن جو گوشت مڪي جي حرم واري ايراضي ۾ ورهايو ويندو.

## غير شريفاڻي نموني سان پئسو ناهڻ

مڪي مڪرمہ ۽ مديني منوره ڪان علاوه منىٰ، قبا ۽ ٻين پاڪ جاين تي فقيرن جا ڳاهٽ نظر اچن ٿا. خاص ڪري رمضان جي مهيني ۾ عيدن تي ۽ حج دوران، اهي فقير مختلف قوميتن جا آهن ۽ هو مختلف جاين تي اهڙو قبضو ڪن ٿا، جو مجال آهي جو سندن پائي بند ڪان علاوه ڪو ٻئي ملڪ جو ان جاءِ تي ويهي پني ڏيڪاري. ڪنهن ڪنهن هنڌ تي تہ سڄا خاندان نظر اچن ٿا. ماءُ، پيءُ ۽ ٻارن ٻچن سميت رستي تي، ڪناري تي يا وچ تي ويهي ايندڙ ويندڙ واٽهڙو کي پنهنجي جسم جا عذر وارا عضوا ڏيکاري همدردي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا . اهڙي طرح هو حاجين کي ڦرين ٿا.

اخباري نمائندن ۽ فوٽو گرافرن ڪان هي پينو فقير ڏاڍو ڪن هٽن ٿا. ڪئميرا تي نظر پوڻ سان پريشان ٿيو وڃن. ڪوڙن عذرن ۽ بهانن وارن جي حالت ان وقت ڏسڻ وٽان ٿئي ٿي. جڏهن هو ڪنهن سخي مرد کي پئسا يا ڪاڏي جا پئڪٽ ورهائيندي ڏسن ٿا تہ هنن ڪان پنهنجون لوليون لنگڙيون ٻانهون ۽ ٽنگون وسريو وڃن ۽ ڊوڙ پائي خيرات لاءِ پهچيو وڃن ۽ پوءِ وري ساڳي لولي لنگڙي يا منڊي ٽنڊي جي ائڪٽنگ شروع ڪريو ڏين. اهو ڏسي واٽ ويندڙ حاجي وائڙا ٿي ويندا آهن پر هي پينو فقير بيشرم ٿي اهو ڪم ڪندا رهن ٿا.

"اسين الله جي نالي تي خيرات ڏيون ٿا، جيڪڏهن هو اسان کي دوکو ڏين ٿا تہ اهو هنن جو مسئلو آهي". ڪيترن حاجين اهو ٻڌايو. ڪجهہ حاجين سيني فقيرن کي هڪ مقرر ٿيوري ناهي چڏي آهي تہ انهن کي خيرات نہ ڏيڻي آهي.

"اسان کي هنن فقيرن ۾ ڪو اعتبار نہ آهي". ڪجهہ حاجين کي شڪ هو تہ فقيرن جو عذر قدرتي نہ پر هٿرادو آهي.

"هنن جاڻي واڻي پاڻ کي معذور بڻايو آهي يا عذر واري جو مڪر ڪن ٿا، جيئن حاجي هنن سان همدردي ڪن ۽ پئسا ڏين".

فقير گروپن جي شڪل ۾ پنڻ لاءِ سعودي عرب اچن ٿا ۽ هنن غلط ڪم ۾ ڪين ٻيا ڦاسائين ٿا ۽ سندن ڪمائي جو وڏو حصو اهي ڪٽن ٿا هو. پوليس جي آمد يا موبائيل گاڏي جي اچڻ جو اطلاع ڪين اڳواٽ ڏئي ڪين پچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪجهہ فقير جيڪي پوليس جي ور چڙهي ويا آهن، انهن جي کيسن مان ڏهہ ڏهہ هزار ريالن ڪان ٻہ مٿي پئسا مليا. پنڻ هڪ شرمناڪ ڳالهہ هجڻ جي باوجود، ڪيترن ماڻهن، پنڻ کي ڌنڌو بڻائي رکيو آهي ۽ هو خاص خاص ڏينهن تي تمام گهڻو پئسو حاصل ڪريو وٺن. (سعودي گزيٽ اخبار)

## جمراه (شيطانن) کي پٿريون هڻڻ

جمره عربي لفظ آهي. جنهن معنىٰ آهي ٻرندڙ (ٽانڊو) (جمراه جمره جو جمع آهي) شيطانن کي پٿريون هڻڻ جي رسم پوري ڪرڻ لاءِ حاجي ڳاهٽن جي صورت ۾ پيدل ۽ بس ۾ پهچن ٿا. حاجين جي سهولت لاءِ سعودي حڪومت هن جاءِ کي پل ذريعي ٻہ ماڙ ناهيو آهي. جيئن حاجي سڳورا هڪ هنڌ ميڙ ٿيڻ بدران مٿي پڻ هليا وڃن. حڪومت طرفان ڪيترائي پوليس وارا حاجين جي رهنمائي ڪن ٿا. جيئن ڪجهہ هيٺ وڃن تہ ڪجهہ مٿي ۽ساڳي

وقت هڪ طرف کان وجن ۽ ساڳي طرف کان موٽڻ بدران ٻئي طرف کان موٽن. جيئن هنن جو ٽڪراءُ نہ ٿئي، ڪو حادثو نہ ٿئي.

ان سڄي علائقي کي صاف سٿرو رکڻ لاءِ منیٰ ميونسپلٽي هزارين صفائي وارا لڳائيا آهن، جيڪي ٻهارن ذريعي، ٽريڪٽرن ذريعي ۽ ڪچري جي ٽرڪن ذريعي چوويھہ ئي ڪلاڪ گند ڪچرو ڪٽندا رهن ٿا. هر ٻن ٻن ڪلاڪن بعد ٽرڪون DDT پائوڊر جو ڦوهارو هڻن ٿيون، جيئن جراثيم يا ڪا بيماري نہ پکڙجي، پر انسان جي فطرت ۾ تڪڙ آهي. تڙ تڪڙ ۾ ۽ هڪٻئي کي ٺيلها ڏيڻ ۾ هنن جا چمپل لهيو وڃن، ڇٽيون ڪريو پون يا ٻيو هٿ ۾ ڪنيل سامان گم ٿيو وڃي. ويندي پنهنجي ساٿين ۽ مائٽن کان جدا ٿيو وڃن.

مختلف ملڪن جا ماڻهو مختلف ڊريسن ۾ ٽولن جي صورت ۾ نظر اچن ٿا تہ اڪيلا بہ. هرهڪ جي شڪل صورت جدا جدا آهي، پر هڪ ڳالهہ سڀني ۾ ساڳي آهي، هرهڪ جي هٿ ۾ پٿريون آهن ۽ سندن زبان تي ساڳيو نعرو آهي: الله اڪبر ـ الله وڏو آهي.

## سمارٽ ينگ حاجيز

ڪن ڳالهين ۾ ٻارن وڏن کان وڌيڪ تيز ٿين ٿا. ڪيترا ٻار منیٰ وارا ٽي چار ڏينهن ايترو ڪمائين ٿا جو وڏو بہ نہ ڪمائي سگهي. سندن ڪمائي جا عجيب طريقا آهن. منیٰ ۾ ٻارن جو هڪ ٽولو مفت ۾ ورهايل پاڻي جون بوتلون وٺي دڪانن اڳيان هڪ هڪ ريال ۾ وڪڻي رهيا آهن ۽ خريدار دڪانن تان ٻن ريالن في بوتل وٺڻ بدران هنن کان اڌ قيمت يعني في بوتل هڪ ريال خريد ڪري رهيا هئا. جنهن ريت ٻارن جو ۽ خريدارن جو فائدو ٿي رهيو هو. ڪيترا ٻار تہ دڪانن اڳيان وڪڻڻ بدران رستي جي ڪناري تي ويهي وڪڻي رهيا هئا.

منیٰ ۽ عرفات ۾ جيتوڻيڪ پاڻي مفت ۾ ورهايو وڃي ٿو پر ڪيترا ماڻهو اُس ۾ پنڌ ڪري پاڻي جي لاري تائين وڃڻ بدران هنن ٻارن کان هڪ ريال ۾ پاڻي جي بوتل خريد ڪرڻ ۾ عافيت محسوس ڪن ٿا. ٻارن ۾ همٿ ۽ قوت ٿئي ٿي ۽ هو پئسي ڪمائڻ جي شوق ۾ سڄو ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا رهن ٿا ۽ هو هڪ قسم جي ڊليوري سروس ڪن ٿا، يعني هڪ ريال گهر ويٺي بوتل پهچائڻ جو اجورو وٺن ٿا. ٻارن جي ان بزنيس ڪري دڪاندارن جو وڪرو ضرور خراب ٿئي ٿو، ڇو جو ٻار پاڻي جي دڪانن ٻاهران ويهي اڌ قيمت تي پاڻي جون بوتلون وڪڻن ٿا. هڪ دڪاندار کان پڇڻ تي هن ٻڌايو “ننڍي هوندي اسان بہ ائين ڪندا هئاسين ۽ سڄي سال لاءِ چڱي خرچي گڏ ڪري وٺندا هئاسين. حج جي موسم سڀني لاءِ آهي. جيڪو حج وارن ڏينهن ۾ نہ ٿو ڪمائي سگهي، اهو باقي ڏينهن ۾ ڇا ڪمائيندو. بهرحال مون کي ٻارن جي پرواهہ ناهي. هو فقط پاڻي ئي وڪڻن ٿا. مون کي پنهنجي ڏنڌي جو فڪر تڏهن ٿيندو، جڏهن هو پاڻي کان علاوه ٻيون شيون بہ وڪڻڻ شروع ڪندا”.

ڪجهہ وکون اڳتي “جمراه پل” وٽ ڪجهہ ٻارن اخبارن جي نمائندي کي تعجب وجهي ڇڏيو. هو ٻن ريالن، چمپل وڪڻي رهيا هئا، جيڪي دڪانن تي پنجن کان ڏهن ريالن تائين ملن ٿا. ڪجهہ حاجي جذبات ۾ اچي پٿرين بعد پنهنجي چمپل شيطان کي اهو سوچي هڻندا آهن، ڄڻ هو واقعي شيطان کي موچڙا هڻي رهيا هجن، انهن کي اها خبر ناهي تہ هي فقط علامت (Symbol) طور آهي. هزارن جي تعداد ۾ان قسم جا جوتا گڏ ٿين ٿيا، جيڪي صفائي وقت ٻار کڻن ٿا ۽ جوڙا جوڙا ناهي سستي اگهہ تي Resell ڪن ۽ ضرورتمند حاجي ڏهہ ريال ڏئي نئون وٺڻ بدران هنن ٻارن کان ٻن ريالن ۾ خريد ڪن.

## ڏهن ڏينهن ۾ اٺ ڪروڙ ٽيليفون ڪالز

مني 17 مارچ 2000ع سعودي ڪميونيڪيشن ڪمپني (STC) جي چيئرمين عبدالرحمان اليامي "عرب نيوز" اخبار جي نمائندي کي ٻڌايو تہ مڪي ۾ پرپاسي جي پاڪ جاين تان گذريل ڏهن ڏينهن ۾ موبائيل ۾ عام فون تان اٺ ڪروڙ کان مٿي فون ڪيا ويا. فقط عرفات واري ڏينهن تي هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ فون ڪيا ويا.

## اسلامي اهم شخصيتن لاءِ فنڪشن

منیٰ 17 مارچ 2000ع سعودي عرب جي اسلامي ڳالهين جي وزارت (Ministry of Islamic Affairs, Endowment) حج تي آيل اسلامي ملڪن جي اهم شخصيتن جي مان ۾ هڪ ڪاڄ ڪري رهي آهي. صالح الشيخ، اسلامي ڳالهين جي وزير ان فنڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڪيترن ئي عالمن، وزيرن ۽ حج مشن جي ليڊرن کي دعوت ناما موڪليا آهن.

## وڇڙيل حاجين کي ملائڻ

ٿورو تصور ڪريو تہ توهان پنهنجي ڪٽنب يا دوستن جي ٽولي سان گڏ حج لاءِ پهتا آهيو ۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو توهان گم ٿي ٿا وڃو. توهان پنهنجي مائٽن عزيزن کان جدا ٿي ٿا وڃو. هنن سان ڪوبہ رابطو قائم نٿا ڪري سگهو، اهو ڪي ڪجھ هڪ 70 سال جي پوڙهي حاجياڻيءَ ناوغ خاتون سان ٿي گذريو، جيڪا پنهنجي مڙس ۽ پنهنجي ٽولي کان جيڪو انڊيا کان آيل هو. چئن ڏينهن لاءِ وڇڙيل رهي. "لاسٽ اينڊ فائونڊ سائوٿ ايشين پلگمس" جي ڊائريڪٽر اسماعيل خليل اخباري نمائندن کي ٻُڌايو.

هن ٻُڌايو تہ هيءَ پوڙهي عورت منیٰ پهچڻ واري پهرين ڏينهن ئي پنهنجي ٽولي کان جدا ٿي وئي. هن ويچاريءَ سان وڏو مسئلو اهو هو تہ هو جو ڏکڻ هندستان جي جيڪا زبان ڳالهائي ٿي، اها سمجهڻ وارو ڪير بہ نہ هو. پنهنجي ٽولي کان جدا ٿيڻ بعد هن ويچاريءَ پنهنجي مڙس ۽ ٻين کي ڏاڍو ڳوليو ۽ سڏ ڪيا پر هو هڪ ٻئي سان ملي نہ سگهيا. آخر ٿڪجي ۽ اڃ ۽ بُک ۾ پاهِ ٿي هوءَ هڪ سپرمارڪيٽ ۾ پهتي ۽ دڪاندار کان کائڻ لاءِ مانيءَ پور گهريو. دڪاندار سمجهي ويو تہ هيءَ ويچاري گم ٿي وئي آهي ۽ هن جي مدد ڪجي سو هن يڪدم " South Asian lost and found centre" تي فون ڪيو. جيڪي پوڙهيءَ کي مرڪز تي وٺي آيا، جتي هن کي رهايو ويو ۽ کاڌو پيتو ڏنو ويو.

چوٿين ڏينهن هڪ پير مرد پنهنجي زال جي ڳولا ۾ مرڪز کان اچي نڪتو، "اسان ان وقت موجود عورتون هن کي ڏيکاريون ۽ هي پنهنجي زال کي سڃاڻي ڏاڍو خوش ٿيو." مرڪز جي انچارج ٻُڌايو. ٻنهي کي ملندو ڏسي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي. هو ڪلي خوش بہ ٿي رهيا هئا تہ اکين مان ڳوڙها بہ ڳاڙي رهيا هئا. هنن کي چئن ڏينهن جي وڇوڙي بعد ملندو ڏسي اسان کي بہ روئڻ اچي ويو. بهرحال اها هڪ Happy Ending چئي سگهجي ٿي.

## ڪعبي شريف جو ڪسوه (غلاف) اڄ بدلبو

مڪو ـ جنرل پريزيڊنسي حرمين شريفين طرفان ڪعبي شريف جو غلاف (ڪسوه) اڄ (اربع نائين ذوالحج) هرسال جي رسم موجب بدلايو ويندو.

نئون غلاف (ڪسوه) نج سلڪ جي ڪپڙي جو ٺهيل آهي، جنهن جي ڊيگھ 47 ميٽر ۽ ويڪر 14 ميٽر آهي.

غلاف جي مٿئين حصي تي 47 ميٽر ڊگهو ۽ هڪ ميٽر ويڪرو پٽو آهي جنهن تي قرآن مجيد جون آيتون پريل آهن. غلاف سان گڏ ڪعبي شريف جي دروازي جو پڙدو پڻ آهي جيڪو البرغ سڏجي ٿو.

دروازي جو پڙدو پڻ نج سلڪ مان ٺهيل آهي، جنهن جي ڊيگھ 6.5 ميٽر ۽ ويڪر 3.5 ميٽر آهي، جنهن تي پڻ قرآن شريف جون آيتون پريل آهن.

سجو غلاف پنجن حصن ۾ نهيل آهي. جنهن جا چار حصا ڪعبي شريف جي چئن پتين کي ڍڪڻ لاءِ آهن ۽ پنجون حصو هن جي دروازي جو پڙدو آهي.

هن سجي غلاف تي 450 ڪلوگرام سلڪ استعمال ٿي آهي ۽ 17 مليل سعودي ريال خرچ آيو آهي. هي غلاف سعودي عرب جي خاص ڪاريگرن تيار ڪيو آهي.

## فهد حاجين لاءِ ڏھ لک قرآن جون ڪاپيون ڇپرايون

منیٰ ۾ 15 مارچ 2000ع ـ شاھ فهد حڪم جاري ڪيو اهي تہ حاجين جي سندن وطن روانگي وقت ڏھ لک قرآن شريف جون ڪاپيون هنن ۾ ورهايون وڃن. هن ڳالھ جو اعلان وزير اسلامڪ افيئر شيخ صالح بن عبدالعزيز بن محمد ڪيو، جيڪو مديني ۾ قرآن شريف جي ڇپائيءَ جي ڪامپليڪس (ڪنگ فهد ڪامپليڪس فار پرنٽنگ هولي قرآن) جو سپروائيزر جنرل پڻ آهي.

سعودي بادشاھ اهو پڻ حڪم جاري ڪيو آهي تہ مڪي جي علائقي ۾ جيڪي بہ مسجدون آهن انهن لاءِ بہ لک ڪاپيون قرآن شريف جون تفسير سميت ورهايون وڃن.

وزير صاحب اهو پڻ ٻڌايو تہ ڪيترين ئي زبانن ۾ قرآن جا تفسير ۽ ڪئسٽ پڻ ورهايا ويندا.

## جدي ۾ ويھ هزار حج پرمٽون جاري ڪيون ويون

جده 13 مارچ 2000ع ـ برگيڊيئر حسن بن عباس ريشوان بيان جاري ڪيو آهي تہ هن سال جدي ۾ رهندڙ مڪاني عربن ۽ ڌارين ملڪن ۾ ڪم ڪندڙن مان ويھ هزار ماڻهن کي حج ڪرڻ جون پرمٽون ڏنيون ويون آهن. هن ٻڌايو تہ ان ڳالھ جو فيصلو اسلامڪ ڪانفرنس ڪري ٿي.

"اسان پنهنجي ملڪ جي ماڻهن (عربن) توڙي سعودي عرب ۾ نوڪري ڪندڙ ڌارين کي حج جي ڪُلي آزادي نٿا ڏئي سگهون." برگيڊيئر حسن ٻڌايو. "ايئن ڪرڻ سان مونجهارو پيدا ٿي پوندو. اسان کي هروقت اهو خيال رهي ٿو تہ ڌارين ملڪن کان خاص حج لاءِ هلي آيل حاجين جو حج سهوليت ۽ آسانيءَ سان ٿي سگهي."

برگيڊيئر حسن ٻڌايو تہ اسان جي ملڪ جي فقط انهن رهاڪن کي حج جي پرمٽ ڏني ويئي آهي، جن کي حج ڪئي پنج سال ٿي ويا آهن ۽ ان قانون جي جيڪو پيڄڪڙي ڪندو ۽ لڪي ڇپي حج تي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو ان کي قانون مطابق سزا ڏني ويندي. مثال طور: سعودي عرب ۾ نوڪري ڪندڙ (Expatriate) کي هن ڏوھ جي سزا جيل، ڏنڊ ۽ وطن واپسي ٿي سگهي ٿي ۽ جيل يا ڏنڊ انهن کي بہ ملي سگهي ٿو جيڪي حج جي مقرر ڏينهن کان وڌيڪ رهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

## منیٰ لاءِ 30 ايمبولينسون

سعودي عرب جي صحت کاتي جي وزير ڊاڪٽر اوساما بن عبدالمجيد شوبوڪشيءَ اعلان ڪيو آهي تہ حاجين جي خدمت لاءِ منیٰ ۾ 30 ايمبولينسون تيار رهنديون. هن اهو اعلان منیٰ جي اسپتالن ۽ ڪلينڪن جي انسپيڪشن ٿوئر بعد ڪيو. هن صاحب منیٰ جون هي اسپتالون چيڪ ڪيون: ڊسپينسري نمبر 22 ۽ نمبر 23، منیٰ پبلڪ اسپتال الوادي اسپتال، نيوروڊ اسپتال، الجسر اسپتال (پل واري اسپتال). هن چيو تہ ان کان علاوه ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ 60 وڌيڪ ايمبولينسون تيار رکيون وينديون، جيئن ضرورتمند کي وقت تي ميڊيڪل سهوليت پهچائي سگهجي.

## ٿائي مسلمان ليڊر جو اظهار

مسٽر برهان دين يوسينت سعودي حڪومت جي واکاڻ ڪئي ته هن حرمين شريفين (ٻنهي پاڪ مسجدن) کي وڏو سهڻو بڻائي خير جو ڪم ڪيو آهي ۽ منيٰ توڙي عرفات جي ميدان تي حاجين جو وڏو خيال رکي ٿي.

برهان دين يوسينگ اٺ عمرا ڪيا آهن ۽ هن پيري پنجون حج ڪرڻ آيو آهي. پاڻ ٿائيلنڊ جي نيشنل اسيمبليءَ جو ميمبر آهي ۽ اسيمبليءَ جي صدر جو سيڪريٽري پڻ آهي.

ٿائيلنڊ جي 61 ملين آدمشماري آهي جنهن ۾ ڏهه سيڪڙو مسلمان آهن، جن جو مُنو حصو ٿائلنڊ جي ڏاکڻن صوبن: يالا، پٽاني، سونگڪلا، ساتون ۾ رهي ٿو.

مسٽر يوسينگ ٻڌايو ته ملڪ جا ڪيترائي مسلمان ليڊر ٿائيلنڊ جي سوشيوپوليٽيڪل ميدان ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. "وان محمد نور ماٿا، صدر نيشنل اسيمبلي ۽ سورن پتسو وارن فارين افيئر منسٽر انهن مان به ڄڻا آهن." هن ٻُڌايو ته هن سال ٿائيلنڊ مان فقط ست هزار ڄڻا حج لاءِ آيا آهن. حاجين جي گهٽ اچڻ جو سبب وڌندڙ مهنگائي ۽ خراب ايڪانامي آهي.

## خوشنصيب حاجياڻي

جڪارتا (انڊونيشيا) جي بن سعود اسلامڪ يونيورسٽيءَ جي شاگردياڻي فاطمه انهن خوشنصيب ماڻهن مان آهي جن کي ملڪ جي بادشاهه شاهه فهد دعوت ڏئي حج لاءِ گهرايو آهي. هوءَ پهريون دفعو حج تي آئي آهي ۽ شاهه فهد جي مهمان ٿي رهندي.

"آئون ۽ منهنجو پاءُ شاهه فهد جا شڪرگذار آهيون، جنهن اسان کي هي موقعو ڏنو آهي." فاطمه سعودي گزيٽ جي اخباري نمائندي کي ٻُڌايو.

فاطمه پنهنجي شريعت ڪاليج ۾ ٽاپ جي شاگردياڻي آهي ۽ قرآن پڙهڻ ۾ هن جو آواز بيحد سنو آهي. ان ڪري انڊونيشيا ۾ سعودي سفير جي زال هن جو نالو هن دعوت لاءِ موڪليو. فاطمه ملئي زبان کان علاوه انگريزي ۽ عربي به سٺي ڳالهائي ٿي.

## اسلامڪ لٽريچر جي ڊمانڊ

مائڪروسافٽ پلي ڪٽي دنيا ۾ سڀ کان گهڻو وڪرو ڪندڙ سافٽويئر ڪمپني هجي، پر هتي مڪي ۾ قرآن مجيد، حديث ۽ پيغمبر جي ڪهاڻين جو سافٽويئر نوان رڪارڊ قائم ڪري رهيو آهي..

هن پيري انهن شين جي کپت 300 سيڪڙو وڌي وئي آهي ۽ مسجدالحرام جي ٻاهران ڪمپيوٽر سافٽويئر جا دڪاندار وڌندڙ ڊمانڊ ڏي ڌيان ڏئي رهيا آهن.

اڄ ڪلهه هي دڪان حاجين سان ٽُٻ رهن ٿا جن جي سوالن جا جواب قابل سيلزمين ڏيندا رهن ٿا. هي دڪان جيڪي اسلامي شيون وڪرو ڪن ٿا، اهي ڇهه اهم زبانن ۾ آهي: عربي، انگريزي، فرينچ، ملئي، ترڪي ۽ جرمن.

"حاجي حرم پاڪ مان نماز پڙهڻ بعد ان ساڳي امام جي رڪارڊنگ جي سافٽويئر ٻُڌي يڪدم خريد ڪن ٿا." هڪ دڪاندار ٻُڌايو. هڪ سيلز مين چيو ته:

"Islamic software are user friendly, self explanatory and in many languages."

انهن جي قيمت 30 ريالن کان 400 ريالن تائين آهي. ڊئنمارڪ کان آيل هڪ حاجي چيو: ”هن قسم جا پروگرام عربي سکڻ لاءِ سٺا آهن ۽ ساڳئي وقت اسان جي ٻارن کي مذهب بابت ڄاڻ مهيا ڪن ٿا.“

## حاجين جي خدمت لاءِ اسپتالون

مڪ ـ سعودي حڪومت ست اسپتالون ۽ ڪيترين ئي ڪلينڪون حاجين ۽ مڪي جي شهرين لاءِ مقرر ڪيون آهن. اسپتالون هن ريت آهن: ڪنگ عبدالعزيز اسپتال (272 بسترا)، ڪنگ فيصل اسپتال (207 بسترا)، الجيا جنرل اسپتال (131 بسترا)، حرا جنرل اسپتال (161 بسترا)، ابن سينا اسپتال (200 بسترا)، مئٽرنٽي ۽ ٻارن جي اسپتال (300 بسترا) ۽ نور اسپيشلسٽ اسپتال (526 بسترا).

ان کان علاوه پنج خاص مرڪز کوليا ويا آهن، جتي عذر وارن، ڪڊني ڪيس، ڊينٽل سرجري ۽ ڪيميڪل Poisoning جا ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا.

ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر غزاز ٻڌايو ته حاجين جي صحت برقرار رکڻ ۽ وچڙندڙ بيمارين جي بچاءَ لاءِ حڪومت منیٰ ۽ عرفات ۾ به ست ڪن اسپتالون کوليون آهن. اهي هي آهن: منیٰ جنرل اسپتال، منیٰ برج اسپتال، منیٰ وئلي اسپتال، منیٰ نيواسٽريٽ اسپتال ۽ عرفات ۾ عرفات جنرل اسپتال، جبل رحمت اسپتال ۽ نمره اسپتال. اهي اسپتالون حج وارا پنج ڏينهن ڪم ڪن ٿيون. انهن اسپتالن کان علاوه منیٰ ۾ 23 ڪلينڪون ۽ عرفات ۾ 42 ڪلينڪون کوليون ويون آهن.

ڊاڪٽر غزاز ٻڌايو ته مڪي جي گرم هوا مسئلا پيدا ڪري ٿي. عام طرح ماڻهن کي ڏينهن لڳيو وڃي، اهي هاجي جيڪي انگلينڊ، يورپ ۽ آمريڪا جهڙن ٿڌن ملڪن مان اچن ٿا، جيڪي ڪوسي هوا (لُڪ) جا عادي نه آهن، اهي Sun Stroke جو وڌيڪ شڪار ٿين ٿا. سعودي حڪومت اهڙين بيمارين جي علاج کي به ڌيان ۾ رکيو آهي ۽ انهن جي علاج لاءِ خاص قسم جا ٿڌا بسترا ايجاد ڪيا ويا آهن، جيڪي مڪي، منیٰ ۽ عرفات جي سڀني اسپتالن ۾ رکيا ويا آهن.

ڊاڪٽر غزاز ٻڌايو، ”جيتوڻيڪ مزدلفه ۾ حاجي رات جا فقط ٻه يا ٽي پهر گذارين ٿا پر ان هوندي به سعودي حڪومت اتي پڻ 6 ڪلينڪون کوليون آهن.“

## حاجين ۾ پاڻي مفت ورهايو ويو

منیٰ ـ خيميس 16 مارچ 2000ع ـ عرفات جي ٻئي ڏينهن به شاهه فهد طرفان حاجين ۾ چار لک پاڻيءَ جون بوتلون مفت ورهايون ويون. ان لاءِ ڪيترين ئي ٽرڪون ۽ ڪولڊ اسٽوريج يونٽ استعمال ڪيا ويا. ان ڳالهه جو اطلاع مڪ واٽر اينڊ سيوريج جي ڊائريڪٽر جنرل محمد القوواحس اخباري نمائندن کي ڏنو.

## هزارين حاجي روزانو گم ٿين ٿا

منیٰ (اخباري نمائندي هسن حتراش طرفان)

”آئون پنهنجي زال کي حرم پاڪ ۾ ڇڏي ٻاهر هڪ دوست سان ملڻ ويس جنهن کي بن دائود ڊپارٽمينٽ اڳيان ويهڻ جو وقت ڏنو هوم. واپس موٽڻ تي آئون پنهنجي زال ڳولي نه سگهيس.“ 67 ورهين جي محمد موسیٰ نالي هڪ ڪمبوڊيا جي حاجيءَ هرم پاڪ ۾ نهيل Found and Lost سينٽر ۾ ٻڌايو.

محمد موسىٰ جو ڪيس انهن هزارين گم ٿيلن مان هڪ آهي. جيڪي روزانو گم ٿيلن جي سينٽر تي رپورٽ ڪن ٿا، جنهن جهڙا وزارت حج طرفان حرم پاڪ جي چوڌاري اٺ سينٽر آهن.

هن اخباري نمائندي جي انسپيڪشن تي انهن مان هڪ سينٽر تي هڪ الجيريا جو حاجي پنهنجي سَسُ جي وڃائجي وڃڻ جي رپورٽ ڪرڻ آيو هو. سينٽر جي انچارج ساٽس چرچو ڪندي چيو: "ميان ان ۾ گهبرائڻ جي ڪا ڳالهه ناهي اهڙا سهٽا موقعا رب پاڪ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي خاص ٻانهن لاءِ مهيا ڪري ٿو." حاجي (جنهن جي سَسُ گم ٿي وئي هئي ۽ ڦلهڙو منهن ڪري آيو هو) ڪان بہ ٺهڪ نڪري ويو.

ان سينٽر جي انچارج محمد يونس ٻڌايو تہ هيستائين 3380 گم ٿيڻ جا ڪيس هنن جي سينٽرن تي درج ٿي چُڪا آهن. اهڙيءَ طرح ٻين سينٽرن ۾ بہ رپورٽ ٿيندا رهن ٿا. هن ٻڌايو تہ هن سال حاجين جي وڏي تعداد ڪري گم ٿيندڙن جو تعداد گذريل سال ڪان تمام گهٽو آهي.

سينٽر جي انچارج ٻڌايو تہ گم ٿيلن جي رپورٽ گهٽو ڪري نماز بعد ملي ٿي، ڇ جو نماز ختم ٿيڻ بعد رش ۾ حاجي هڪ ٻئي ڪان ڌار ٿيو وڃن. گم ٿيڻ تي هو پوليس وارن سان ڳالهہ ڪن ٿا ۽ هو اسان جي مرڪز Lost and Fount ۾ موڪلين ٿا. جيڪي گم ٿين ٿا انهن ۾ وڏو تعداد انهن جو آهي جيڪي 50 سالن ڪان وڏي عمر جا آهن ۽ سڀ ڪان گهٽا هندستان، پاڪستان، بنگلاديش، شام، مصر ۽ ترڪيءَ جا گم ٿين ٿا.

## جدي جو ايئرپورٽ روسي حاجين جي مارڪيٽ

جده ـ نمائندو "عرب نيوز اخبار"

ڇا توهان پنهنجي چاهڻ وارن لاءِ ڪو تحفو يا سوکڙي خريد ڪرڻ چاهيو ٿا؟ هٽ جي ڪم جو ڪو چيني گلدستو، ايراني غاليچو، انڊين ڳهہ ڳنو، روسي همام دستو؟

انهن شين لاءِ توهان ڪي پاڙا پري چين، روس، ايران، افغانستان يا ٿائلنڊ داغستان وڃڻ جي ڪا ضرورت ناهي. توهان ڪي رڳو ٿوري ڊرائيو ڪري ڪنگ عبدالعزيز انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پهچڻو آهي، جتي توهان کي هر اها شيءِ ملي سگهي ٿي جنهن جي توهان ڪي ڳولا آهي.

مختلف ملڪن ڪان ايندڙ حاجي پاڻ سان گڏ ملڪن جون شيون آڻين ٿا جيڪي هنن جي ملڪ ۾ سستيون آهن ۽ جدي جي ايئرپورٽ تي هنن ڪي انهن شين تي چار پيسا فائدو مليو وڃي. ساڳي وقت جدي ۾ رهندڙ عربن ڪي نيون شيون خريداريءَ لاءِ مليو وڃن. ۽ پوءِ هڪڙي جون شيون ڪپن ٿيون تہ ٻيا پهچيو وڃن ۽ اهڙي طرح هي حج جا بہ مهينا ڪن وڏو ڪاروبار هلي ٿو.

"هي فوٽ پاٿ واريون مارڪيٽون بين الاقوامي بازاريون آهن، جن ۾ خريداري ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو اچي ٿو." ڪنگ عبدالعزيز يونيورسٽيءَ جي شاگرد فهد محمد چيو جيڪو حج وارا بہ مهينا جدي ايئرپورٽ تي پارٽ ٽائيم جاب ڪندو آهي. "توهان ڪي هتي هر شيءِ ملي سگهي ٿي. رات جو ڏسڻ لاءِ بائناڪيولر ڪان وٺي وڏي سائيز جا انب ملي سگهن ٿا." هن شاگرد ٻُڌايو.

ڪيترائي حاجي پنهنجون سيون پاڻ ويهي وڪڻن ٿا ۽ ٻيا حاجي هول سيل ۾ مڪاني عربن يا ايئرپورٽ تي ڪم ڪندڙن ڪي وڪڻيو ڏين ٿا، جيڪي پوءِ وڪڻندا رهن ٿا. چمڙي جي سامان، واچن، ڪئميرائن، چرين خنجرن ڪان بوٽ، قميصون، ٽوپلا، جڙيون ٻوٽيون ۽ ڳهہ ڳٽا ملي سگهن ٿا، جن جي قيمت هڪ ريال ڪان 600 ريالن تائين ٿي سگهي ٿي. اڄُڪلهہ سڀ ڪان گهٽو سامان ۽ وڪڻڻ وارا روس جا آهن.

## حج لاءِ ايندڙ ڪئناڊئن جو وڏو تعداد

جده ـ نمائندو عرب نيوز

ڪئناڊا جي مسلمانن لاءِ هاڻ هرسال حج ڪرڻ آسان ٿيندو وڃي، جو ڪئناڊا جون ڪيترييون مڪاني ڪمپنيون ۽ سوسائٽيون ڪئناڊا جي ماڻهن کي حج تي موڪلڻ جو تجربو حاصل ڪنديون وڃن.

“ڪئناڊا کان حج لاءِ ايندڙ مسافرن ۾ ڪيترا اهي آهن جيڪي پهريون دفعو حج ڪري رهيا آهن. هن سال 4000 ڪئناڊا جا مسلمان حج لاءِ آيا آهن ۽ اميد ته ٻئي سال کان اجا به گهڻا ايندا”. اونٽاريو (ڪئناڊا) جي خالد بن وليد مسجد جي بورڊ ميمبر احمد نورمحمد ٻڌايو.

اونٽاريو جي خالد بن وليد مسجد وارن هن سال پهريون دفعو 63 حاجين جو گروپ حج لاءِ موڪليو آهي. ڪئناڊا ۾ 30 لک مسلمان رهن ٿا، جن مان ٽي لک ڪن Toronto ۾ رهن ٿا انهن ۾ 80 هزار سوماليا جا مسلمان آهن، جيڪي سالن کان اتي Settle آهن. اڌ لک ڪن عرب رهن ٿا. سڄي شهر 15 مسجدون آهن ۽ چار اسلامڪ اسڪول آهن. جن ۾ هڪ ڇوڪرين جو ڌار آهي.

ڪئناڊا کان ايندڙ هر حاجيءَ کي 1300 ڪئناڊين ڊالر ڏيڻا پون ٿا، جيڪي هنن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي لاءِ آهن. باقي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ لاءِ الڳ پئسا ڏيڻا پون ٿا. حج تي اچڻ کان اڳ هنن کي حج بابت تعليم ڏني وڃي ٿي ۽ هتي به ڪين روزانو ليڪچر ڏنو وڃي ٿو.

ڪئناڊا جي مقابلي ۾ هن سال نارٿ آمريڪا يعني USA کان 6000 حاجي آيا آهن. ان ڳالهه جي تصديق آمريڪا ۾ قائم سعودي عرب جي سفارتخاني ڪئي، جن انهن کي ويزائون جاري ڪيون آهن.

ڪئناڊا جي احمد نور ٻڌايو ته هنن جي “خالد بن وليد مسجد” تي 13 لک ڊالر خرچ آيو هو، جيڪو ڪئناڊا جي سومالي اسلامڪ سوسائٽي ۽ سعودي عرب جي امير ماڻهن پريو هو.

## دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڪوس گهر

رياض ـ 12 مارچ 2000ع ـ ڪالهه ڇنڇر ڏينهن ڪرائون پرنس شهزادي عبدالله (جيڪو ڊپٽي پريميئر ۽ نيشنل گارڊ جو ڪمانڊر پڻ آهي) منىٰ جي نئين ڪوس گهر (Slaughter House) جو افتتاح ڪيو. هي ڪوس گهر دنيا جو سڀ کان وڏو سلاٽر هائوس آهي، جتي ٽن ڏينهن اندر ڇهه لک جانور ذبح ٿي سگهن ٿا جن کي بعد ۾ چلي صاف ڪري اتي جو اتي Freeze (ٿڌو) ڪري سگهجي ٿو.

هي سلاٽر هائوس پنج لک چورس ميٽرن تي پکڙيل آهي، جنهن کي ٺاهڻ ۾ ننڍن وڏن ـ ڪل 112 نيڪيدارن حصو ورتو. گوشت کي يخ بنائڻ لاءِ ريفريجريشن سسٽم جو ڪم اوميگا انجنيئرنگ ڪمپنيءَ وارن ڪيو. جنهن ڪم لاءِ 1200 مزور، ٽيڪنيشن ۽ انجنيئر لڳاتارڪم ڪيو ۽ 470 ملين سعودي ريال فقط ريفريجريشن سسٽم تي لڳا. (عرب نيوز)

## حاجين لاءِ 12000 بسون

حاجين جي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ (مڪي کان منىٰ، عرفات، مزدلفه وغيره) کڻي وڃڻ لاءِ ٻارهن هزار بسون مقرر ڪيون ويون آهن. اها ڳالهه مواصلات جي ڊپٽي وزير ڊاڪٽر عبدالعزيز الاوهاليءَ “عرب نيوز” اخبار جي نمائندي کي ٻڌايو.

ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو ته انهن مان 7000 بسون سعودي ٽرانسپورٽ يونين وارا هلائيندا آهن ۽ اهڙو هزار کن سعودي پبلڪ ٽرانسپورٽ ڪمپنيءَ جي ذمي هونديون ۽ باقي بسون مڪاني ۽ بين الاقوامي بسين جون ڪمپنيون هلائينديون.

ياد رهي تہ ڪويت، ايران، عراق جهڙن ڪيترن ملڪن کان حاجي بسين ذريعي مڪي پهچن ٿا ۽ هو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پنهنجين ئي بسين ۾ سفر ڪن ٿا. سڀ کان گهٽيون بسيون ترڪي ۽ گلف جي ملڪن: دبئي، دوحا، مسقط ۽ مصر کان اچن ٿيون.

## 76 سالن جي سعوديءَ کي چار زالون 45 ٻار

العلا (نيوز ڊيسڪ) 31 مارچ 2000ع - ناحي المفراع نالي هڪ رٽائرڊ سعودي فوجيءَ کي چار زالون ۽ 45 ٻٽ ۽ ڌيئون آهن. سٺ سال اڳ پهرين ذوالقعد 1360هہ ۾ هو سعودي فوج ۾ سپاهي طور ڀرتي ٿيو هو. پرائمري پاس آهي. 15 سال فوج ۾ ۽ 22 سال نيشنل گارڊ ۾ مختلف عهدن تي خدمت ڪري برگيڊيئر جي حيثيت سان رٽائرڊ ٿيو. العلا شهر کان 45 ڪلوميٽر پري ڏور ڏکڻ ۾ مغيراءِ ڳوٺ جو باشندو آهي.

پهرين شادي ٽيهن سالن جي عمر ۾ ڪئي ۽ چوٿين پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ ڪئي. چار زالون سڀئين پيٽن وانگر پيار محبت سان هڪ ئي گهر ۾ رهن ٿيون. ناحيءَ مڪاني اخبار کي ٻڌايو تہ هن جي عمر 76 سال آهي. هن ان ڳالهہ تي تعجب جو اظهار ڪيو تہ خبر ناهي ڇو اڄڪلهہ جا نوجوان هڪ کان وڌيڪ شادين کان پرهيز ڪن ٿا ۽ ان ڳالهہ کي پسند نٿا ڪن.

ناحيءَ ٻڌايو تہ مسئلا فقط انهن گهرن ۾ پيدا ٿين ٿا، جن جا مڙس انصاف پسند ۽ ڪڙڪ نہ آهن. هن ٻڌايو تہ هن کي 23 پٽ ۽ 22 ڌيئون آهن. اٺ پٽن ۽ هڪ ڌيءَ جي شادي ڪري ڇڏي آهي. 36 پٽ ڌيئون ۽ زالون هڪ ئي گهر ۾ گڏ رهن ٿيون. عيد جا ڪپڙا خريد ڪرڻ لاءِ ارڙهين هزار ريال ۽ اسڪول ۾ داخلا جو خرچ اٺ هزار ريال ٿئي ٿو.

هن ٻڌايو تہ هن جي ٻارن جا نالا شاهي خاندان جي حاڪمن ۽ شهزادن جي نالن پٺيان آهن. فقط ٽن ٻارن جا نالا ڏاڏن پڙڏاڏن جي نالن تي رکيا ويا اهن. جمعي جي ڏينهن سيني ٻارن کي گڏ ڪري تربيتي اجتماع جو بندوبست ڪندو آهيان. 15 هزار ريال پينشن گهر جي خرچ لاءِ پوري نٿي پوي. رمضان مبارڪ جو بل 40 هزار ريال ٿيو وڃي. سڀ کان وڏو مسئلو قرضن جو انبار آهي. جيڪو ڏينهون ڏينهن وڌندو ئي رهي ٿو.

ناحيءَ هن اخباري نمائندي کي ٻڌايو تہ هن اڃڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي. ناحيءَ جو چوڻ آهي تہ هن کي هڪ ترڪ دوکو ڏنو، جنهن کي هو ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهي. هن وڏي مشڪل سان ڏيڍ لک ريال گڏ ڪيا ۽ هن کي ٽرڪ خريد ڪرڻ جو ارادو هو. ترڪ هن کي آفر ڏني تہ هو ان رقم مان ان کي بهتر ڏنڌو هلائي سگهي ٿو، جنهن جي ڪفيل بہ تصديق ڪئي پر پوءِ هو اها رقم کڻي غائب ٿي ويو.

ناحيءَ تي پنج لک ريال قرض آهي. ناحيءَ جو چوڻ آهي تہ بريده شهر ۾ پهرين گرلزاسڪول کلڻ تي شهرين جي هنگامي کي روڪڻ جو ڪم ڪيس سونپيو ويو هو، جيڪو هن خيرخوبيءَ سان سرانجام ڏنو هو. بريده جا شهري ڇوڪرين جي اسڪول کلڻ جي خلاف هئا. وليعهد شهزادي عبدالله مهم جي ڪاميابيءَ تي هن جو ٿورو مڃيو هو ۽ شاباس ڏني هئي. وزيرداخلہ شهزادي نايف بن عبدالعزيز بہ هن ڏي مهربانيءَ جو خط لکيو هو. (سعودي عرب مان نڪرندڙ 'اردو نيوز' اخبار تان ورتل.)

## 14 لک کان وڌيڪ پاڪيٽ ورهايا ويا

مديني جي سخي ماڻهن طرفان هن سال حاجين ۾ 14 لک کاڌي جا ٿيلها ورهايا ويا.

مديني منوره جي Philanthropic store جي ڊاڪٽر يحيىٰ ابراهيم مڪاني اخبار جي نمائندي کي ٻڌايو تہ هي پروجيڪٽ پنج سال اڳ شروع ڪيو ويو هو. پهرين سال هنن تي لک ٿيلها حاجين ۾ ورهايا، جيڪي حاجين کي گهرن ۾ پهچايا ويا. هاڻ مديني جي هوائي اڏي، بس اسٽاپن ۽ بسين ۾ بہ ڏنا وڃن ٿا.

هرهڪ پلاسٽڪ جو ٿيلهو جيڪو حاجيءَ کي مفت ڏنو وڃي ٿو، ان ۾ هڪ جوس جو دٻو، ڪٽيل ڪيڪ ۽ کير جو دٻو ٿئي ٿو.

# رهجي ويل ڪجهه ڳالهيون ـ

سعودي عرب ۾ توهان ورلي ڪنهن کي وڙهندي ڏسندائو. ڪو هٿن جي ويڙهه شروع ڪندو  ته بيو غم ڪائي پاسو وٺي ويندو يا ڪاوڙ ۾ ڪٽي هڪ به ڏڪ وهائي ڪيندو. پر جهيڙي کي انڱهائيندو هرگز نه چو جو هتي جي قانون موجب ٻن ڄڻن کي وڙهندو ڏسي پوليس ٻنهي کي جيل ۾ وٺي وڃي ٿي. هوءَ اهو ڏسي ئي نه ٿي ته ڪنهن جو ڏوهه آهي ۽ ڪنهن جو ناهي. في الحال ٻنهي کي وڃيو جيل ۾ اچلائين ـ چا جي آيف.آئي.آر چا جا وڪيل ۽ ضمانت ـ پيا جيل ۾ سڙن. جيسين ان ساڳي پوليس واري (شرطي) کي دل ۾ اچي ۽ اچي جيل مان ڪڍين. ڪيترين حالتن ۾ ته مٿن مائٽن کي به خبر نه ٿي پوي ته کهڙي شهر جي جيل ۾ همراهه آهي. سعودي عرب ڪٽي سئيڊن ۽ سئزرلنڊ جهڙو ماڊرن ۽ سهٽو ٿي ويو آهي پر سندس جيل اڄُ به سڀي ۽ جيڪب آباد کان خراب آهن.

هڪ دفعي هڪ آمريڪن شيدي جهيڙي ۾ ٻئي سان نونشي بازي ڪري رهيو هو، اتي سامهون پوليس واري کي ايندو ڏسي سندس ڪنهن ساٿيءَ خبردار ڪيس ۽ ٻئي کي مارڻ يڪدم ڇڏي مٿان لوئي وجهي تسبي هٿ ۾ جهلي ذڪر ۾ شروع ٿي ويو. مٿان اچي پوليس بينس. مزي جي ڳالهه اها جو جنهن مار پئي کاڌي ان به پوليس کي دانهن نه ڏني.

دانهن به ڪيئن ڏئي. جهيڙي جي معاملي ۾ پوليس ٻنهي کي ڪنيي ڪٽي وڃي ها. پوليس جي تيز نگاهن جي جواب ۾ هو فقط مرڪندو رهيو، جڻ چئي رهيو هجي ته ڪجهه به نه ٿيو، مون کي نونشا به نه پئي لڳا پر پيار جا هٿڙا پئي گهمايائين.

---

۽ حج تي آيل احمد يوسف نالي هڪ سوڊاني سول انجنيئر ۽ سندس روسي زال لوبا موسائي پڻ هئي. احمد يوسف جڏهن انجنيئرنگ پڙهڻ لاءِ خارتوم کان ماسڪو روانو ٿيو ته هن کي خواب خيال به نه هو ته هو ڪو وطن کان ڏور رهندڙ هڪ ٻئي ملڪ ۽ زبان ڳالهائيندڙ سان شادي ڪندو. هن جي ملڪ (سوڊان) جي رسم و رواج ۽ تهذيب و تمدن روس کان بلڪل مختلف هئي. پر پوءِ هن کي سگهوئي اهو محسوس ٿيو ته اهو غلط آهي. هو پنهنجو ملڪ ۽ فيملي 1990ع ۾ سول انجنيئرنگ پڙهڻ لاءِ ڇڏي روس روانو ٿيو هو. اتي هڪ سوڊاني فيمليءَ معرفت هن جي ملاقات هڪ مسلمان روسي ڇوڪريءَ سان ٿي.

هو مليا، هڪ ٻئي سان ڳالهايائون ۽ 1999ع ۾ روس جي هڪ شهر گورڪيءَ ۾ شادي رچائي.

”روسي مسلمانن جون رسمون رواج اسان مشرقي ماڻهن جي رسم و رواج جهڙيون آهن. مون سمجهيو اهي مختلف هونديون پر مسلمان سڀ هڪ جهڙا آهن.“ يوسف چيو: ”هن مون کي روسي سکڻ ۾ مدد ڪئي ۽ مون هن کي عربي سيکاري.“ احمد يوسف انگريزي ۽ هسپانوي (Spanish) پڻ ڳالهائي ٿو ۽ سندس روسي زال لوبا جرمن ڳالهائي ٿي، جو هو جرمنيءَ مان پڙهي. هوءَ هاڻي عربي ۽ انگريزي سکي رهي آهي.

”هڪ عربي ڳالهائيندڙ سوڊانيءَ سان شادي ڪري مون کي بيحد خوشي ٿي آهي.“ روسي زال لوبا ٻڌايو. ”هو منهنجي لاءِ وڏي مدد آهي ۽ عربي سيکارڻ ڪري مون کي قرآن شريف پڙهڻ ۾ آساني ٿي آهي.“

---

حج تي ويندڙ پلي ڪٽي ڪو امير هجي ۽ هو مڪي جي ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهي ۽ منىٰ، عرفات ۽ مزدلفہ ۾ ته هن کي به ٻين وانگر تنبوءَ ۾ ڪلئي آسمان هيٺ ڌرتيءَ تي سمهڻو پوي ٿو. حج وارن پنجن ڏينهن ۾ منىٰ، عرفات ۽ مزدلفہ ۾ سڀ مخلوق هڪ ٿيو وڃي.

---

پهرين بہ لکي چُکو آهيان تہ حرم پاڪ جي در وٽ ڏنم تہ هرهڪ ماڻهو پنهنجا چمپل ۽ عهدادر ڪان ٻاهر ڦٽا ڪري ۽ پينو ٿي اندر گهڙيو ٿي. حرم پاڪ ۾ بادشاهہ توڙي فقير، فوجي جنرل توڙي سپاهي، امير توڙي غريب، شهري توڙي ڳوناڻو، هرهڪ اصل بادشاهہ اڳيان ٻڪ ڪٽي پني رهيو هو ۽ پنهنجن گناهن بخشائڻ لاءِ ڳوڙها ڳاڙي رهيو هو.

---

حرم پاڪ جي ٻاهران اجياد اسپتال وٽ ۽ ترڪن جي پراڻي قلعي وٽ روز چادرون ۽ ڪپڙن جا ڪليا تاڪيا سُڪندا ڏسي تعجب لڳندو هو تہ هي ڇا آهي؟ يا ويجهڙائيءَ ۾ ڪو ڌوٻي گهاٽ آهي يا ڪپڙي ناهڻ جي فئڪٽري. جنهن ۾ نهيل ڪپڙي کي ڪلف ڏئي يا ڪنهن ڪئميڪل مان ٻوڙي سُڪايو وڃي ٿو ۽ جي ڌوٻي گهاٽ آهي تہ ڇا فقط احرام، چادرون ئي ڌوئي سڪايون وڃن ٿيون ٻيا ڪپڙا نہ. ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ انهن ڪمن لاءِ هي هنڌ تہ صحيح جاءِ نہ آهي.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن ڄاڻ پيم تہ هي سُڪڻ لاءِ ڪپڙا نہ ڪنهن ڌوٻي گهاٽ طرفان آهن ۽ نہ ڪنهن فئڪٽريءَ طرفان. مختلف ملڪن کان سفر ڪري هن پلي پٽ تي آيل حاجي پنهنجي آخري سفر تي اوڍي وڃڻ جي ڊريس يعني ڪفن تيار ڪري رهيا آهن. ڪيترا ماڻهو ڪفن جو ڪپڙو يا سڄو تاڪيو وٺي زم زم جي پاڻيءَ ۾ پسائي خدا جي گهر جي ٻاهران سُڪائي پنهنجي وطن کڻي وڃن ٿا. مرڻ کان اڳ پنهنجي پونئرن کي اهائي وصيعت ڪن ٿا تہ مرڻ بعد کين هن ڪفن ۾ دفن ڪيو وڃي.

---

ڪراچيءَ جو هڪ همراهہ جيڪڏهن مڪي يا مديني جي مارڪيٽن مان ڪوريا جا بلاڪيٽ ۽ ٽانو ٽپا، ترڪيءَ جا چمپل ۽ چادرون، جپان جو سبيل ۽ اڻ سبيل ڪپڙو ۽ ٽائيوان، چين جا رانديڪا ۽ ٻيون شيون خريد ڪري رهيو آهي تہ معنیٰ هن کي ڪراچيءَ جي مارڪيٽ جي وسعت جي خبر نہ آهي. جتي هر شيءِ ملي ٿي ۽ سستي اگهہ تي پڻ.

سعودي عرب مان ڪو سون جا ڳهہ اهو سوچي وٺي رهيو آهي تہ سعودي عرب ۾ سون سستو آهي تہ اها هن جي سراسر اڻڄاڻائي ۽ ناداني آهي. هن کي اها بہ خبر نہ آهي تہ پاڪستاني زيورن ۾ 22 ڪرئٽ سون ٿئي ٿو (نج سون 24 ڪرئٽ ٿئي) ۽ سعودي عرب جي ڳهن ۾ فقط 18 ڪرئٽ سون ٿئي. ان حساب سان نج سون جو ليکو ناهيو وڃي تہ سعودي عرب مان سونا زيور خريد ڪرڻ واري کي هر تولي پنيان اٽڪل چار، پنج سؤ نقصان ٿئي ٿو. جاءِ نمازون (مصلا)، چادرون ۽ تسبيحون پاڪستان ۾ ڪيترين ئي قسمن جا رکيا آهن. ڪنهن هڪ اڌ ورائٽيءَ کان علاوه هر شيءِ ملي ٿي ۽ ساڳئي مقابلي جي آهي. ڪو معمولي ڪٽي فرق هجي پر قيمت اسان وٽ گهٽ آهي. پوءِ خريداري ڪري سفر ۾ پاڻ سان ايڏو بار ڍوئجي. سڀ ۾ ڳري شيءِ گلم، غاليچو، ڪپڙو ۽ جاءِ نماز ٿئي ٿي. بلاڪيٽ ڪٽي هلڪا ٿين ٿا، پر گهٽي واليوم هجڻ ڪري گهٽي جاءِ والارن ٿا ـــ خاص ڪري حج تي (مڪي شريف ۾) جتي توهان کي سمهڻ، ويهڻ پاسي ورائڻ لاءِ ڪل جاءِ اڍائي فوٽ ٻاءِ ڇهہ فوٽ فقط مليل ٿئي ٿي، بلاڪيٽن جهڙيون ويڪريون شيون پاڻ سان ڪمري ۾ رکي پاڻ جاءِ جي سوڙهہ پيدا ڪرڻ کهڙي ڏاهپ آهي ـ جڏهن تہ اهي شيون پنهنجي ملڪ ۾ بہ عام جام ملي سگهن ٿيون

---

جن ماڻهن کي سڄو ڏينهن آفيسن ۽ دڪانن ۾ ويهڻو پوي ٿو ۽ هن کي هلڻ چلڻ جي عادت بنهہ ناهي، ان لاءِ بهتر آهي تہ حج تي روانو ٿيڻ کان ٽي چار مهينا اڳ پنهنجو پاڻ ۾ گهٽي کان گهٽي هلڻ جي عادت وجهن، جو حج دوران خبر ناهي هنن کي حرم پاڪ کان ڪيترو پري گهر ملي ۽ جي رهائش ويجهي آهي تہ بہ پنج وقت نماز لاءِ اچڻ وڃڻ ۾ ٽوٽل ٽي چار ميل ٿيو وڃن. اهڙيءَ طرح طواف (ڪعبي جي چوڌاري ست چڪر) ۽ سعي (صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ست چڪر) اٽڪل ٽي چار ميل ٿيو وڃن. حج وارن ڏينهن ۾ تہ اجا بہ گهڻو پنڌ ڪرڻو پوي ٿو.

مزدلفہ کان منیٰ تہ هرهڪ کي پنڌ ئي وڃڻو پوي ٿو ۽ پوءِ ان ئي ڏينهن منیٰ ۾ پنهنجي تنبوءَ کان شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ پنڌ وڃڻو پوي ٿو ۽ پوءِ ان ئي وقت طواف ۽ سعي ڪرڻ لاءِ پلي ڪو منیٰ کان مڪي پنڌ اچن ٿا، انهن جا ٽي چار ميل وڏيڪ ٿيا. ان ڪري بهتر آهي تہ حج تي روانو ٿيڻ کان اڳ پاڻ ۾ هلڻ جي عادت وجهجي. عورتون پنهنجن گهرن ۾ هڪ ڪنڌ کان ٻي ڪنڌ تائين واڪ جي پرئڪٽس ڪري سگهن ٿيون.

مون سان گڏ رهندڙ ڊاڪٽر روزانو طواف ڪري اچڻ بعد پنهنجن پيرن کي زيتون جي تيل سان مالش ڪندو هو. زيتون جو تيل پاڪستان ۾ بہ ملي ٿو يا مڪي پهچي پهرين ڏينهن ئي ٻہ چار جهاجي گڏجي تيل جي ننڍي شيشي يا دٻي مالش لاءِ وٺي سگهن ٿا. بهرحال ڪنهن بہ تيل جي مالش سان پيرن تي سوڄ نٿي ٿئي.

---

مديني ۾ رهندڙ هڪ پراڻي باشندي چيو:

"مڪي ۾ جلال آهي ۽ مديني ۾ جمال آهي."

هڪ ٻئي، ٻن شهرن ۾ پيٽ ڪندي چيو:

"مڪي ۾ بندو ۽ رب آهي، مديني ۾ امتي ۽ رسول آهي."

---

رش ۾، خاص ڪري منیٰ (جتي لکها ماڻهو هڪ ئي وقت شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ اڳتي وڌن ٿا) ڪا شيءِ پٽ تي ڪري پوي تہ هيٺ جهُڪي هرگز نہ کڻجي. ايڏي رش ۾ توهان جي پويان ايندر فقط هڪ ماڻهو تہ ڪٿي توهان جو خيال رکي ٿوري دير لاءِ بيهي رهي يا توهان کي هيٺ جهُڪندو ڏسي ڪٿي ترسي پر ان جي پويان هزارين ماڻهو ٺيلها ڪندا (Momemtum ۾) پيا اچن اهي ترسي نہ سگهندا ۽ توهان کي چيپي ويندا. ان ڪري اهڙي گهاگيهہ ۾ توهان جي پيرن مان چمپل نڪري وڃي يا هٿن مان چٽي يا ٽرماس نڪري وڃي تہ ان جو فڪر هرگز نہ ڪيو ۽ پنهنجي جان بچائڻ خاطر انهي ئي رفتار سان اڳتي وڌندا رهو، چو جو توهان جي اوچتي جهڪڻ تي پويان ايندڙ ٽي چار ڄڻا ٿابڙجي توهان مٿان ڪري پوندا ۽ ان مٿان هزارين ماڻهن جو سيلاب توپان کي چيپي ويندو.

---

مڪي شريف يا مديني منوره جهڙي مني ٻانگ مون ڪٿي نہ ٻڌي. ائين لڳندو هو ڄڻ آسمان مان آواز گونجي رهيو هجي.

---

حج جي لغوي معنیٰ ارادو ڪرڻ يا ڪنهن جاءِ تي پهہ ڪري وڃڻ آهي. پر شريعت جي اصطلاح ۾ مڪي شريف ۾ پهچي بيت الله جو طواف، منیٰ ۾ رهڻ، عرفات جي حاضري، مزدلفہ ۾ رات ٽڪڻ ۽ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي (ست ڦيرا) ڪرڻ آهي.

---

مڪي ۽ مديني ۾ پاڻ وکڻ توڙي کائڻ تي سخت بندش آهي. رستي تي سگريٽ ڇڪڻ کان بہ جهل آهي. توهان پان يا سگريٽ جا عادي آهيو تہ ان ڳالهہ جو ڌيان رکجو.

---

هوائي جهاز رستي ۽ وقت کي سسائي ڇڏيو آهي. اسان جڏهن ننڍا هوندا هئاسين تہ ڳوٺ جا ماڻهو پاڻيءَ جي جهاز تي حج لاءِ ويندا هئا. پاڻيءَ جي ڊگهي سفر ۾ حاجين جي ورتل سستي قسم جي ڪتل (ڪجور) سُرجي ويندي هئي. تڏهن بہ مڪي مديني کان آيل هيءَ سوغات اسان لاءِ اهم هوندي هئي. ڪتل کي صاف ڪري، اکين تي رکي، چپن سان چُمي کائي ڇڏيندا هئاسين. ڪڏهن بہ گلا نہ ڪئيسين.

---

اسلام فوٽوءَ جي اجازت ڏني ٿو يا نہ ـ منهنجي خيال ۾ ان جو دارومدار نيت تي آهي. پوڄا خاطر فوٽوءَ کا ٽنگڻ ظاهر آهي شرڪ جو ڪم يعني گناهہ آهي. پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ تي فوٽو يا پنهنجو 'فوٽو يا پار پتا' کِچيءَ ۾ هار وانگر وجهي هلڻ سڃاڻپ خاطر آهي جيئن ڏوهن کي گهٽائڻ وجي ۽ حج دوران گم ٿي ويل يا گذاري ويل جي ان مان سڃاڻپ ڪري سگهجي.

بهرحال سعودي عرب ۾ توهان کِچيءَ ۾ فوٽو سميت سڃاڻپ ڪارڊ لڙڪائي سگهو ٿا پر تعويذ نہ. ڇو جو تعويذ وغيره مان مطلب شرڪ جو نڪري ٿو. توهان الله کان من جي مراد گهرڻ يا الله کان مدد گهرڻ بدران تعويذ، ڌاڳن ۽ ٽوٽڻ ڦيڻن تي ويساهہ ڪريو ٿا. مڪي ۾ هڪ ڏينهن ٽئڪسين جي چڪاس ٿي رهي هئي. پوليس وارا هڪ هڪ ڪار کي روڪي ان جا ڪاغذ پٽ جانچي رهيا هئا. آئون جنهن ٽئڪسيءَ ۾ وينل هوس ان جو ڊرائيور پنجابي ڳالهائڻ وارو پاڪستاني هو. ٽئڪسيءَ جا ڪاغذ چيڪ ڪندي عرب پوليس واري جي نظر ڪار جي آئيني ۾ لڙڪندڙ تعويذ تي پئي: "هي ڇا آهي؟" پوليس واري ٽئڪسي ڊرائيور کان پڇيو.

"گهٽو پاڙو ڪمائڻ لاءِ هي تعويذ لڪرايو اٿم." ٽئڪسي ڊرائيور عربيءَ ۾ وراڻيس.

پوليس واري سٽ ڏئي اهو تعويذ ڇني ورتو ۽ ڪا دير پاڪستان پاڪستان جا لفظ دهرائڻ سان گڏ ڊرائيور کي دپ ڪيندو رهيو. جڏهن اسان کي ڇڏيائين تہ ڊرائيور ٻڌايو تہ هو اهوئي چوندو رهيو تہ توهان پاڪستاني خبر ناهي ڪڏهن سڌرندائو ۽ وارننگ ڏيندي چيائين تہ: "آئيندي اهڙي شرڪ جو ڪم ڪيو اٿئي تہ ڇهہ مهينا جيل اماڻي ڇڏيندوسانءِ."

---

سعودي عرب ۾ چوري چڪاريءَ تان هٿ ڪپيو وڃي ٿو ۽ وڏن ڏوهن تا سرقلم ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن سزائن جو هڪ دفعو فيصلو ٿيڻ تي ڏوهاريءَ سان ڪابہ همدردي نٿي ڪئي وڃي. ويندي جو هن جو هٿ ماڊرن ٽيڪنالاجيءَ ۽ سهوليت موجب ائين نٿو ڪپيو وڃي، جيئن ڪو سرجن ڪنهن مريض جو اسپتال ۾ آپريشن دوران ڪپي ٿو.

هڪ پاڪستاني ڊاڪٽر ٻڌايو تہ هن کي سعودي عرب ۾ سني پگهار واري نوڪري ملي پر "ڏوهارين جا هٿ ڪپڻ" واري ڊيوٽيءَ تان گهبرائجي نوڪري ڇڏي ڏني. هن ٻڌايو تہ ڏوهاريءَ جو بنا نشي Anaesthesia يا Pain Killer دوا ڏيڻ جي هٿ ڪپيو وڃي ٿو ۽ پوءِ ٽمندڙ رت کي بند ڪرڻ لاءِ ڪپيل هٿ کي گرم تيل ۾ وڌو وڃي ٿو ۽ پوءِ ان بعد ئي مجرم کي اسپتال موڪليو وڃي ٿو.

---

مٿئين ڊاڪٽر ٻڌايو تہ عورتن کي حج وارن ڏينهن ۾ ماهاني تڪليف (Monthly Periods) کان بچڻ لاءِ ڪپي تہ Primolut-N گوريون روزانو کائين.

---

ڪن ڪن انگريزي شين جا عربيءَ ۾ نالا عجيب آهن ۽ انهن شين جي Slogans جا ترجما ان کان وڌيڪ حيرت انگيز آهن.

ٽمئٽو ڪئچپ جربيءَ ۾ طماطم ڪتشاب ٿيو وڃي، ڇو جو عربي زبان ۾ نہ "ٽ" آهي، نہ "چ" ۽ نہ "پ". اهڙيءَ طرح چاڪليٽ شڪولاته ٿيو وڃي.

مديني ۾ مسجد نبوي جي ٻاهران هرگهٽيءَ ۾ ڍير پبلڪ ٽيليفون بوٿ نظر اچن ٿا. اها خبر هيم تہ ٽيليفون کي عربيءَ ۾ هاتف سڏجي ٿو پر هتي جتي ڪٿي وڏن اکرن ۾ 'مافي مشڪله' لکيل ڏسي، آخر هڪ ڏينهن انگريزي ڳالهائڻ واري ڪارڊ وڪڻندڙ کان پڇيم تہ هن جو مطلب ڇا آهي.

هن ٻڌايو تہ اهو هن ٽيليفون ڪمپنيءَ جو نئون سلوگن آهي. مافي مشڪله معنیٰ "ڪابہ شيءِ ڏکي ناهي." يعني توهان هنن ٽيليفونن ذريعي دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ڳالهائي سگهو ٿا.

اهڙيءَ طرح اڄُڪلهہ جيڪي پيپسي ڪولا جا نوان ڊبا وڪامي رهيا هئا، انهن تي نعرو لکيل هو: "نفس الطعم الرائع" جنهن جي انگريزي ۾ معنیٰ بہ لکيل هئي. Same Great Taste

ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ پائوڊر صابڻ ونڊ ويس. صابڻ آمريڪن Tide هو پر دبي تي عربيءَ ۾ نالو لکيل هو "تايد" ۽ ان جي هيٺان لکيل هو "نسيم الحدائق" معنیٰ Garden Breeze.

فرزي مئنگوڊرنڪ جي دبي تي ان جو عربي ترجمو هو: فرزي شريف المانجو.

---

ڪراچيءَ جي ايئرپورٽ تي جتان حاجي حج لاءِ روانا ٿيان ٿا اتي وڏن اکرن ۾ لکيل آهي:

"عازمين حج خدا حافظ ـ قائد اعظم انٽرنيشنل ايئرپورٽ" ۽ هيٺان هڪ شعر لکيل آهي:

جسے چاہا در پے بلالیا

جسے چاہا اپنا بنالیا

یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے

یہ بڑے نصیب کی بات ہے

ان کان علاوه ايئرپورٽ تي ڪيترن هنڌن تي وارننگ طور لکيل آهي "جيڪڏهن پنهنجي زندگي ۽ ملڪ سان پيار ڪريو ٿا تہ نشي جون شيون ڪٽي وجهڻ کان گريز ڪريو ۽ ملڪ ۽ قوم کي شرمندگي ۽ بدناميءَ کان بچايو."

سعودي عرب ۾ منهنجي هڪ عرب دوست، جيڪو اتي جي نيويءَ جو ڪمانڊر آهي، تنهن ڏک جو اظهار ڪندي چيو تہ: "ڪيڏي افسوس جي ڳالهہ آهي تہ هن موڙي ڏنڌي ۾ سڀ کان گهڻا پاڪستان ۽ افغانستان جهڙا مسلمان ملڪ حصيدار آهن." اڄُڪلهہ جي سخت مشيني چڪاس ۽ هوشيار ڪتن ڪري شايد ئي ڪو سمگلر بچي سگهي ٿو پر ان هوندي بہ ڪيترا ئي نادان ان ڌنڌي ۾ پاڙ ڪي ڦاسائي رکن ٿا. هتي اچڻ سان ايئرپورٽ تي جهليا وڃن ٿا ۽ سندن انجام سر قلم ئي ٿئي ٿو.